
سپاهيءَ کان
وفاقي سيڪريٽري
تائين
(آتم ڪٿا)
محمد جمن جامڙو

# سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين

(آتم ڪٿا)

محمد جمن چامڙو

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڇاپو پهريون: | 2019ع |
| ڪتاب جو نالو: | سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين |
| ليکڪ: | محمد جمن ڄامڙو |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | عبدالله جروار |
| انڊيڪس: | نديم احمد سولنگي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | سنڌ ويزن، ڪراچي |
| قيمت: | =/600 روپيا |

**ڊجيٽل ايڊيشن:** **سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com


**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

**سنڌ جا سمورا وڏا بوڪ اسٽال**

# ارپنا

پنهنجيءَ هيءَ ڪاوش والدين، محسنن ۽
سنڌ جي نوجوان نسل، خاص ڪري سنڌ ويزن
جي دوستن جي نانءُ ڪريان ٿو.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ليکڪ ۽ وفاقي سيڪريٽري جي عهدي تي رهندڙ ڪاموري **محمد جمن چاملي** جي لکيل آتم ڪٿا جو ڪتاب **”سپاهيءَ کان سيڪريٽري تائين“** اوهان اڳيان پيش آهي. شمس الدين زئور لکي ٿو:

”محمد جمن چاملي جو ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ سندس آتم ڪٿا (Autobiography) يعني خودنوشت سوانح حيات آهي، جيڪا سندس ذات جي تعميرات واري گرائونڊ زيرو کان فلڪ بوس عمارت تائين پهچڻ جي اڻ ڳاڻيتن ڏاڪن جي اڏاوت ۽ ڊيڪوريشن جي تجربن جو نچوڙ آهي. ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي جفا ڪشي جو سربستو سچو داستان آهي، جنهن سنڌ جي ٽپ ڀهراڙي واري ڳوٺ ۾ جنم ورتو، گورنمينٽ جي ڦڪن اسڪولن ۾ پڙهيو، فوج ۾ سپاهه گيري ڪيائين، قائداعظم يونيورسٽي مان اعليٰ تعليم به حاصل ڪيائين ته ننڍڙيون نوڪريون به ڪيائين ۽ انت ۾ پاڪستان جي ڪريم ڪلاس ۾ انٽري هٿڻ لاءِ ’سي ايس ايس‘ ڪيائين، ۽ سترهين گريڊ کان شروع ٿي 22 هين گريڊ يعني مائونٽ ايوريسٽ تي پهچي رٽائر ٿيو. سرڪاري نوڪري جي دنيا ۾ سويلين 22 هون گريڊ، فوج جي ليفٽيننٽ جنرل جي برابر هوندو آهي. يعني جمن سائين سپاهيءَ جي نوڪري کان شروعات ڪري سويلين جرنيلي تائين پهتو، بغير ڪنهن سفارش يا مضبوط فيملي گرائونڊ هوندي به...“

هي ڪتاب 2019ع ۾ سنڌ ويزن، ڪراچيءَ پاران سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ وٽان ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊميءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون محمد جمن چاملي صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


پنهنجي پاران — محمد جمن ڇامڙو .........11
محمد جمن ڇامڙو: سنڌ واسين لاءِ اعزاز — مظهرالحق صديقي.........14
منهنجي طرفان... — شمس الدين زنئور.........16
جنرل ليفٽيننٽ — ڪرنل (ر) پير الطاف هاشمي19
جنرل ليفٹیننٹ — کرنل (ر) پیر الطاف ہاشمی .........27
محمد جمن ڇامڙو: سنڌ جو برجستو سپاهي آغا نور محمد پناڻ.........34
سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين — انجنيئر مومن علي شاهه.....36
هن ڪتاب بابت — انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ...41
اڏول انسان جي جدوجهد ڪهاڻي — وهاب جروار .............44


## ڪتاب جو متن


1. منهنجو خاندان.........................................55
2. فوج ۾ ڀرتي.........................................57
3. فوجي نوڪريءَ مان موڪلاڻي .........................................58
4. اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ داخلا .........................................60
5. سي ايس ايس جي اِمتحان ۾ پهرين پوزيشن .........................................62
6. سول سروس اڪيڊمي ۾ سنڌيءَ جا ڪلاس .........................................65
7. ڪوهه مريءَ ۾ اجرڪ جي پٽڪي سان دورو .........................................68
8. پهاڙ جيڏي محنت جي ضرورت .........................................71
9. ادو عشق ۾ انڌو، ادي کي خبر نہ چار .........................................73
10. يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جون چونڊون .........................................75
11. گرفتاريءَ جا وارنٽ.........................................78
12. مجيد جو ڪوڪو .........................................81
13. سِول سروس اڪيڊمي ۽ لاهور جا شڪاري .........................................84
14. والد جون نصيحتون .........................................87
15. همتِ مردان، مدَدِ خدا .........................................90

16. سنڌ جي وسيلن جو صحيح استعمال، هڪ وڏو چئلينج.........92
17. ضلعي انتظاميہ جا مسئلا.......................................94
18. نواب شاهہ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ..............................96
19. سڪرنڊ جو سانحو................................................99
20. ڳوٺ لاکاٽ جتوئي تي ڇاپو........................................102
21. آصف زرداري جي سياست ۾ آمد.................................105
22. جنرل ضياءَ پاران سنڌ جو دورو...................................108
23. اِيوانِ صدر ۾ افطار لاءِ معاذ تاڏل...............................111
24. جنرل جهانداد خان سنڌ جو گورنر مقرر............................114
25. نواب شاهہ ۾ نوڪري...............................................117
26. ڳوٺ ۾ نئين گهر جي اڏاوت.......................................120
ڪل آفيسر ذائقت البدلي.................................................121
27. پنهونءَ جي پار ۾..................................................123
28. سنڌ جي سياسي بدحالي ۽ عوام جي سجاڳي...........................126
29. شهداد ڪوٽ ۾ حد دخليون..........................................129
30. شهداد ڪوٽ جي صفائي...............................................131
31. شهداد ڪوٽ ۾ لائبرري جو قيام.....................................134
32. جنرل ضياءَ جو ريفرنڊم ۽ ٻاهرين ووٽن جي داخلا.......................135
33. شهدادڪوٽ جي معتبر ۽ معزز شهرين سان گڏجاڻيون.......137
محرم جو مهينو ۽ ملان ۽ مواليءَ جو تڪرار....................................138
34. محرم جي مهيني ۾ انتظامي مسئلا...................................140
35. جمعو فقير..........................................................142
36. ڪراچي ڏانهن بدلي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جا دورا.........................143
37. فوج ۾ نوڪريءَ جا ڏينهن..........................................146
38. ڄامشوري ۾ مقرري...............................................149
39. سنڌ يونيورسٽيءَ جو نظارو.......................................152
40. شاگرد تنظيمن جي ليڊرشپ کي مون ڪيئن ڏٺو.....................155
41. ڊاڪٽر قادر مگسيءَ سان ڪچهري...................................157
42. يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن کي ديوارون ڏيارڻ جو فيصلو.....160
43. قوم پرست تنظيمن جا خيال ۽ ڌاڙيلن جي هاسٽلن ۾ رهائش.163
44. سازدا خيرپور ۾ پوسٽنگ ۽ عمارتن جي نقشن ۾ تبديليون....167

45. سردار غلام محمد مهر جي مهمان نوازي ........................170
46. ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو واري مقرري ................................171
47. بلدياتي چونڊن جو انتظام ..........................................174
48. سائين جي ايم سيد کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ...................178
49. سائين جي ايم سيد سان سفر دوران ڪچهري .......................182
50. لاڙڪاڻي شهر ۾ ناجائز تجاوزات جو خاتمو ........................186
51. ڏاڙيلن جي سرپرستي ..................................................190
52. نصرت لوپ بند .........................................................194
53. شاهه محمد پاشا، ممتاز ڀٽو ۽ قاضي اختر سان ڪچهريون ....198
54. ڳڙهي خدا بخش جون ڳالهيون ......................................202
55. ماستر ڪلهوڙو ۽ غلام حسين اُنڙ ..................................204
56. لاڙڪاڻو ساهه سيباٽو ..................................................207
57. لاڙڪاڻي کي الوداع ....................................................211
58. چيف سيڪريٽري سان ملاقات ۽ ابراهيم حيدري ۾ سمنڊ جي مڇيءَ جو شڪار 213
59. نوابشاهه ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جا پروٽوڪول .............215
60. نوابشاهه ۾ مقرري ۽ زرداري .......................................219
61. ٽپيدار ۽ ايس ايڇ او کي هٽ ناهي لاٿو ...........................222
62. سنڌ ۾ لئنڊ ريفارمس جو قصو .......................................225
63. ريجنل پلاننگ آرگنائيزيشن هڪ ڪاغذي اِدارو .....................228
64. آمريڪا ۾ سنڌي دوستن سان ڪچهريون ..............................231
65. واشنگٽن شهر جي سيڪيورٽي ۽ سنڌ جي بجيٽ .....................234
66. ناگرا فال ۽ ايبٽ آباد فال ۾ هڪ جهڙائي ...........................237
67. پئرس کان لنڊن روانگي ۽ مديني جا نظارا ........................241
68. پلي پار ڏانهن سفر ....................................................246
69. تربت بلوچستان ۾ .....................................................251
70. پنهونءَ جي پار ۾ .......................................................256
71. ڪيچ مڪران ۽ سنڌ ...................................................261
72. خضدار ڏانهن بدلي ....................................................266
73. خضدار ۾ قبائلي نظام .................................................270
74. سنڌ جون چوري ٿيل گاڏيون بلوچستان ۾... .......................274
75. تربت ۽ خضدار جي ماڻهن ۾ فرق ..................................276

76. بلوچستان جي زراعت ........................................ 278
77. بلوچستان ۾ ڪرپشن ۽ اقربا پروري ........................... 282
78. ڪوهاٽ ۾ ڪچهريون ........................................ 287
79. مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت ................................ 292
80. لياقت جتوئي جي وڏ وزارت ۾ ايم ڪيو ايم جي حڪمراني... 295
81. واجد رانا هوم سيڪريٽري جي چارج ورتي ....................... 298
82. صديق الفاروق ڪي سنڌي آفيسر نہ ڪپي .......................... 303
83. ٿرپارڪر: سنڌ جو خزانو ........................................ 308
84. اربابن ۽ ٺاڪرن جي مائٽي ...................................... 312
85. اسلام ڪوٽ ۾ انويسٽمينٽ جي ضرورت .......................... 314
86. جيڪب آباد ۽ شهباز ايئر بيس .................................. 318
87. جيڪب آباد کي ترقي يافتہ بڻائڻ لاءِ ڪجھ اسڪيمون ....... 320
88. جان جيڪب جو گھڙيال ........................................ 323
89. ڊپٽي ڪمشنر جو نظام هندوستان ۾ ڪامياب ................... 325
90. جان جيڪب ۽ هاٽي جي جيڪب آباد ............................ 328
91. اسلام آباد ۾ نوڪري: پنجاب جو پٽ يا نياڻو هجڻ ضروري آهي332
92. سنڌي آفيسر کي ڪامرس منسٽري ۾ ناهي رکڻو ................ 334
93. اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ سنڌ جو حصو ........................ 339
94. وزير اعظم هائوس ۾ ڪجھ ڏينهن ................................ 344
95. هارورڊ يونيورسٽي .............................................. 346
96. واشنگٽن ۽ ماسڪو جا مزا ..................................... 349
97. وهاڙي ۾ منهاس فارم جو دورو ................................. 353
98. زرداريءَ حڪومت ۾ سنڌي آفيسر ننڌ ٽڪا ...................... 358
99. سرائڪي پنجابي ناهن ............................................ 363
100. وزيرِ اعظم هائوس ۾ 6 سال ................................... 367
101. مير هزار خان بجاراڻي هڪ نيڪ دل انسان .................... 371
102. قاضي امتياز صاحب سنڌ جو باصلاحيت سيڪريٽري ........... 376
103. پنجاب جي آفيسرن جا چار درجا ............................... 380
104. يوپي ۽ پنجاب جا مهاجر آفيسر هڪ آهن ........................ 383
105. وچ ڪلي آهر ڪڏندي آهي ........................................ 385
106. اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ۾ بدعنوانيون ..................... 389

107. اوپيڪيو ٽرسٽ جي حوالي سان هڪ پراڻي ڪيس جو قصو...393
108. ڪٽاس راج مندر ماضيءَ جو عظيم شاهڪار..................397
109. سنڌي نوجوانن ۾ شارٽ ڪٽ جي سوچ! ........................401
110. ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ سنڌ جي نمائندگي..........404
111. رٽائرمينٽ کان پوءِ جا مسئلا ..................................408
112. نوجوان کي ترقيءَ جي عمل ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ لاءِ رهنمائي جو فقدان 412
113. قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جو شعور ...........................415
تعليم ۽ تربيت پيغمبراڻو پيشو..........................................417
سنڌ ۾ سيدن جو اتحاد..................................................417
يرغمال والدين...........................................................420
114. سپاهيءَ کان سيڪريٽري تائين.................................423

# پنهنجي پاران
## (محنت کان منزل تائين)

”سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي اوسر ڪتاب“ کان پوءِ هيءُ ٻيو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، پهرين ڪتاب جي مارڪيٽ ۾ اچڻ کان پوءِ پڙهندڙن ۽ سمورن سڄڻن پاران انتهائي شاندار موٽ ملڻ ۽ پڙهندڙن پاران لکڻ جي انهيءَ سلسلي کي اهڙي ئي نموني جاري ساري رکڻ واري اصرار کان پوءِ پهرين ڪتاب جي ڇپجڻ کان ٽن مهينن جي مختصر وقت ۾ هيءُ ٻيو ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچڻ اوهان پڙهندڙن جي مانائتي موٽ ۽ پيار جو ئي نتيجو آهي.

ربِ ڪائنات جا اڻ ڳڻيا احسان آهن جو هن مون ناچيز کي پنهنجي زندگيءَ ۾ سدائين اهي موقعا پئي فراهم ڪيا آهن جو پنهنجي ملڪ، پنهنجي صوبي ۽ پنهنجي ماروئڙن جي خدمت ڪندو رهان. سروس دوران سدائين پنهنجي ايمان جي سچائيءَ سان ڏينهن رات محنت ڪري ديس ڏٽين جي خدمت ڪئي، ڪرسي کي ڪمائي جو ذريعو بنائڻ بدران ان کي عوام جي خدمت جو وسيلو بنايم، ماڻهن کي طاقت جو بي جا استعمال ڪري ڪين تنگ ڪري سندن بددعائون ڪٽڻ بدران انهن جي دل جي سچائي سان خدمت ڪري، عوامي ڀلائي جا ڪم ڪري، مظلوم جو سهارو بڻجي، ظالم سان مهاڏو اٽڪائي پنهنجو ڪم پوري ايمانداري سان ادا ڪيم. جنهن ڪري ئي مظلومن ۽ مسڪينن جون دعائون سدائين هم راهه بڻيون رهيون، جنهن جي نتيجي ۾ ئي سروس تان رٽائرڊ ٿيڻ جي باوجود قدرت وارو مهربان مون کان اهڙا ڪم وٺي رهيو آهي جنهن سان نه رڳو ايندڙ نسل جي رهنمائي ٿيندي، پر بهتر انتظامي وارن انهي تجربي مان اسان جي انتظاميه جا نوان آفيسر فائدو وٺي عوامي خدمت ڪري پنهنجي دنيا توڙي آخرت سنواري ۽ سڌاري سگهن ٿا.

هيءُ ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ منهنجي پڙهائي واري دور کان وٺي فوج ۾ سپاهي ٿيڻ، وري اچي اسلام آباد يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ ۽ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري سموري ملڪ ۾ سروس ڪرڻ وارن تجربن ۽ مشاهدن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل حرف حرف دل جي حضور سان لکيو ويو آهي، ان ۾ ڪا به اجائي پٽاڙ خود ثنائي، پاڻ پڏائڻ ۽ اجايو لفاظي کان ڪم نه ورتو ويو آهي، هر واقعو هر احوال، هر تجربو هر ڳالهه بلڪل سچائي ۽ ايمانداري سان لکي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ مون نه ڪنهن جي پڙ ورتي آهي نه ئي ڪنهن کي انتقام جو نشانو

ٻڌائيندي مٿس اجائي تنقيد ڪئي آهي. ڪتاب ۾ شامل هر وارتا حقيقت تي مبني آهي، هن ڪتاب کي منهنجي آتم ڪٿا به چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ منهنجي زندگي جو لڳ ڀڳ سمورو احوال پيرائتو بيان ٿيل آهي.

مان هن ڪتاب جي معرفت پنهنجي نئين ٽهيءَ کي اهو پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته محنت کان علاوه ٻيو ڪوبه اهڙو گس ناهي جتان اوهان پاڻ کي مضبوط ڪيو ۽ ٻين جي خدمت به ڪري سگهو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسان وٽ هينئر ايترا وسيلا ناهن جو هر مسئلي کي هڪدم حل ڪري سگهجي. وسيلن جي ٿورائي ۽ ٻين ڏکيائين جي ڪري همت هارڻي ناهي. ڪنهن به مهم ۾ ناڪام ٿيڻ دراصل نئين ڪاميابي لاءِ راهه کلندي آهي، شرط اهو آهي ته حوصلو بلند هجي. ناڪاميءَ جي لاءِ ڀڃريون ڏاڪو مايوسي، دل شڪسته ٿيڻ ۽ همت هارڻ آهي.

منهنجي زندگي جو آئيڊيل گانو جيڪو منهنجي لاءِ هميشه همت ۽ حوصلي جو سبب بڻيو آهي، جنهن تي مان اڪيون ٻوٽي عمل ڪيو ۽ اجان به ڪندو پيو هلان، اهو آهي:

اے دل تجھے قسم ہے تو ہمت نہ ہارنا
دن زندگی کے جیسے بھی گزریں گزارنا
الفت کے راستے میں ملیں گے ہزار غم
بن جائے جان پر بھی تو غم سے نہ ہارنا
اے دل تجھے قسم ہے
رونے سے کم نہ ہوں گی کبھی تیری مشکلیں
بگڑے ہوئے نصیب کو ہنس کر سنوارنا
اے دل تجھے قسم ہے
دنیا ستم کرے تو نہ کرنا گلہ کوئی
جو تیرے ہو چکے ہیں تُو اُن کو پکارنا۔

بهرحال اسانجي نوجوانن کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هيءَ دور مقابلي جو آهي، جيترو ڪير محنت ڪري پاڻ کي مضبوط ڪندو. اوترو هو زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيندو. جيترو آسائش واري زندگي کي پنهنجي سر تي سوار ڪندو اوترو وڌيڪ ناڪاميءَ ڏانهن ويجهو ٿيندو ويندو. ڪاميابي جي لاءِ محنت، همت، خودداري ۽ مسلسل جدوجهد تمام ضروري آهي.

مون هن آتم ڪٿا کي پنهنجي ئي انداز ۾ لکيو آهي، هن ڪٿا لکڻ ۾ ڪٿي به ڪنهن جي ڇاپ پاڻ تي نه لڳائي آهي، مون جمال ابڙي صاحب، پير علي محمد راشدي، تازو جسٽس رٽائرڊ ديدار حسين شاهه مرحوم جي آتم ڪٿا پڙهي آهي، انهن مان هر ڪنهن جو پنهنجو انداز آهي، هر وڻ جو پنهنجو واس آهي، منهنجي هن ڪتاب جو گهڻو حصو منهنجي سروس وارن ڏهاڪن جي تجربن ۽ مشاهدن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ آفيسرن جي ارهه زوراين کان وٺي سياستدانن جي سياست جي نرالن اندازن ۽ سندن منفي توڙي مثبت روين تي دل کولي لکيو آهي.

اڪثر مون ڏٺو آهي تہ آفيسر طبقو مفاهمتن ۽ مصلحتن جو شڪار رهندو آهي، پر مون نہ سروس دوران، نہ ئي هي ڪتاب لکڻ دوران مفاهمت ڪئي آهي نہ ئي مصلحت کان ڪم ورتو آهي، جنهن ڪري مان سمجهان ٿو منهنجي لکڻي جو پنهنجو انداز آهي.

منهنجي پهرين ڇپيل ڪتاب ۽ هن ڪتاب جي ڇپائي جي حوالي سان منهنجي سنڌ ويزن ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (SGA) جي دوستن جو رايو آهي تہ ٻنهي ڪتابن جو گڏيل مهورت اسلام آباد ۾ ڪيو ويندو. جيڪو بہ شايد پهريون ئي موقعو هوندو جو اسلام آباد ۾ ڪنهن بہ سنڌي ليکڪ جي ٻن ڪتابن جي گڏيل مهورتي تقريب ڪوٺائي وڃي.

”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ڪتاب جي ڇپائي ۾ منهنجي ڪيترن ئي دوستن جو ساٿ مون سان گڏ رهيو، جنهن تي  آئون سندن ٿورائتو آهيان. انهن دوستن ۽ پڙهندڙن جو ساٿ ئي منهنجو اصل سرمايو آهي، هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي بہ رهنمائي حاصل ٿئي ٿي ۽ هو پنهنجي منزل تي رسي ٿو تہ آئون ايئن سمجهندس تہ جهڙوڪر منهنجا سمورا ٽڪ لهي ويا ۽ منهنجي سموري محنت سجائي وئي. ڪتاب جي حوالي سان اوهان جي قيمتي راين جو انتظار رهندو.

**محمد جمن ڇامڙو**
اسلام آباد
22 سيپٽمبر 2019ع

### مهاڳ

# محمد جمن ڄامڙو: سنڌ واسين لاءِ اعزاز

سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين، ڪتاب جو عنوان بذات خود محنت، ڪشالو، جدوجهد، جاکوڙ ۽ الله تعاليٰ تي ڪامل يقين جي علامت آهي. جيترو مون ڪتاب کي ڏٺو آهي، انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ محمد جمن ڄامڙو سنڌ ڌرتيءَ جي پنهنجي محنت ۽ ايمانداري سان هڪ حلالي پٽ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن تي جيترو ناز ڪجي اهو تمام گهٽ آهي. سنڌ جي سرزمين تمام گهڻي زرخيز آهي، جنهن صدين کان انمول هيرا پيدا ڪيا آهن، جن جي محنت ۽ مشقت سنڌ ڌرتي جو مان مٿانهون ڪيو آهي.

مان محمد جمن ڄامڙو صاحب کي 1985ع کان وٺي سڃاڻان، جنهن وقت سنڌ جي تعليمي ادارن خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو جو تعليمي ماحول شاگرد تنظيمن جي پاڻ ۾ اٽڪٽ ۽ ڏوهاري ماڻهن جو انهن شاگرد تنظيمن سان گهرو رابطو هيو جنهن ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ تعليم واري ماحول کي سخت نقصان رسيل هيو. اهڙي ڏکئي مرحلي تي سنڌ سرڪار مونکي اها اهم ذميواري (وائيس چانسلر يونيورسٽي، سنڌ) سونپي تہ جيئن سنڌ ۾ تعليم جي بگڙيل ماحول کي صحيح راهہ تي گامزن ڪجي. اهو هڪ پيچيده ۽ ڏکيو ڪم مون چئلينج ڪري ورتو الحمدلله! منهنجي رات ڏينهن جي محنت ۽ جمن ڄامڙو هر گهربل گهڙي ۾ علاءُالدين جي چراغ وانگر حاضر ٿي مڪمل جانفشاني سان رت ولوڙيندي پاڻهن پيلي ٿي بيٺو. جمن ڄامڙو انهيءَ وقت ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪوٽڙي جي حيثيت ۾ ذميواريون سنڀاليندو هو. مان سندس سهڪار سان سنڌ يونيورسٽي جي ماحول کي بدانتظامي مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيس، شاگردن کي مقرر ڪيل عرصي دوران امتحان وٺڻ ۽ ڊگريون ملڻ شروع ٿي ويون جن لاءِ اڳ تي کان چار سال وڌيڪ شاگردن جي تعليم لاءِ صرف پئي ٿيا.

مان هڪ سينيئر جي حيثيت ۾ جمن ڄامڙو جي اهليت ۽ ايمانداري کي سڃاڻي ورتو تہ انشاءَ الله جمن هڪ ڏينهن سنڌ جو نالو روشن ڪندو، جيڪو اڳتي هلي وقت ثابت ڪيو ۽ مونکي اها ڳالهہ لکڻ ۾ ڪوبہ وڏاءُ محسوس نٿو ٿئي تہ جمن ڄامڙو جي لکيل ڪتاب سنڌ جي نوجوان توڙي وڏي عمر جي دوستن لاءِ هڪ ڪارائتو ۽ لاپاڻو ڪتاب ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب کي پڙهڻ کان بعد اسان جي نوجوان طبقي کي هڪ اهم سبق ملندو، جنهن مان هر مشڪل وقت ۾ پائيدار فيصلي ڪرڻ جا گُر ملندا تہ ڪيئن اهڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ پاڻ تي ضبط ۽ ماحول جي پسمنظر کي سامهون رکندي حالات تي ڪنٽرول ڪجي ۽ سرخرو ٿجي، جنهن مان علائقي جي عوام کي فائدو پهچندو رهي.

جنهن ايمانداري سان جمن ڄامڙو پنهنجي زندگيءَ جي حال احوال کان سواءِ هر موڙ تي ايندڙ نوجوانن جي گائيڊنس لاءِ سربستو احوال لکيو آهي، تنهن لاءِ منهنجي طرفان جمن ڄامڙو کي شاباسون ۽ لک آفرينون هجن. پنهنجي زندگيءَ جو احوال سچائي سان بيان ڪرڻ ته مان هڪ هاري جي گهر پيدا ٿيس، مال ڍڳن جي لاءِ گاهه ڪيو انهن جا ڇيٽا ڪيڍي انهي مال ۽ رزق جي جاءِ کي خشڪ ڪيو. ٻڪريون چاريون، مِٽَن ۽ مائٽن جا جوتا پنهنجي سر تي رکي موچي کان ڳنڍرائڻ لاءِ ڪٽي وڃڻ وغيره. فوج ۾ سپاهي ٿي رهيو ۽ 1971ع واري جنگ ۾ به حصو ورتو ۽ دوران فوج جي سپاهي جي پنهنجي پڙهائي واري عمل ۾ خلل ڪون وڌو. مئٽرڪ پاس ڪري فوج ۾ ويو. چار سال فوج ۾ رهندي تعليم کي جاري رکندي بي اي پاس ڪري آرميءَ مان ٻاهر نڪتو. ان کان پوءِ پاڪستان اسٽيل مل ۾ ڪلارڪ ٿيو ۽ هڪ سال اُتي نوڪري ڪرڻ کان بعد وڃي ماسٽرس لاءِ قائداعظم يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي، جتي کيس 200 روپيه ماهوار اسڪالرشپ ملندي هيس. 1976ع ۾ ڪل ٻه سنڌي شاگرد يونيورسٽي ۾ هوندي به پنهنجي ثقافت سان محبت جو کلم کلا اظهار ڪندو رهيو جيڪو انهي ڏکي ماحول ۾ برقرار رکڻ آسان ڪونه هيو.

سڀ کان اعليٰ ته سول سروس اڪيڊمي جي 72 سالن جي تاريخ ۾ اهو پهريون ۽ آخري موقعو هيو جو جمن ڄامڙو اڪيڊمي جي آفيشل فوٽو سيشن تي به سنڌ جي ثقافت سان نروار اجرڪ جي پٽڪي سان پهرين صف ۾ بيٺو آهي.

سول سروس ۾ هر آفيسر لاءِ وفاقي سيڪريٽري ٿيڻ معراج هوندو آهي، جتي پهچڻ ايترو ڪو آسان ڪونه هوندو آهي. جمن ڄامڙو لاءِ اهو ڊبل معراج هيو جو اڄ تائين پاڪستان جي تاريخ ۾ سپاهي کان جنرل ته ڪيترائي ٿيا آهن پر سپاهيءَ مان واحد ۽ صرف هڪ ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري“ محمد جمن ڄامڙو ٿيو آهي، جيڪو اسان جي سنڌ ڌرتي جي ڄاون لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي.

آخر ۾ مان سيني علم دوست ۽ نوجوانن کي چوندس ته جمن ڄامڙو جو ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري“ جو مطالعو ضرور ڪن.

مان پنهنجي دل جي گهراين سان محمد جمن ڄامڙو کي اهڙي بيباڪ طريقي سان لکيل ڪتاب لاءِ مبارڪ ۽ دعائون ڏيان ٿو ۽ کيس تلقين ڪيان ٿو ته پنهنجي تجربي جي بنياد تي سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ لکندو رهي ته جيئن اسانجي ايندڙ نسل جي رهنمائي سان گڏ اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿئي. آمين يارب العالمين

**مظهرالحق صدّيقي**
ڪراچي
20 آڪٽوبر 2019ع

# منهنجي طرفان...

پنهنجي دلبر دوست سائين جمن ڄامڙو صاحب جي خود نوشت سوانح حيات ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ جو ڊرافٽ منهنجي هٿن ۾ آهي.

ڪتاب پڙهي مونکي پلي پيت اهو اندازو ٿيو ته جهد مسلسل ۾ جمن ڄامڙو هڪ ئي سڪي جا ٻه رخ آهن. هاڻي جمن سائين عمر ۾ ايڏو به سينيئر ڪونهي, جو آئون اها لباڙ هڻان ته ننڍي لاڪر سندس نالو ٻڌندو پيو اچان, پر جڏهن آئون انهيءَ قابل ٿيس ته سي ايس ايس ڪرڻ جو سانباهو ڪيان, ان وقت جيڪا آئيڊيل شخصيت منهنجي اڳيان هئي ۾ جنهن جا سنڌ جي ڪاموڪي دنيا ۾ ڳڻ ڳائبا هيا ۽ مثال ڏبا هيا, ان ۾ جمن سائين سر فهرست هوندو هيو.

اها به هڪ عجيب ڳالهه آهي ته اڄ کان پنج اٺ سال اڳ مون سندس فوٽو به نه ڏٺو هيو. منهنجي نظر ۾ هو ڪو گستاپو اسٽائيل جٿي ۾ غصي وارو ماڻهو هوندو, پر فوٽو ڏسي چوڏنهن طبق روشن ٿي ويا, هتي ته جمن ’جيم‘ کان خالي من ئي من لڳو پيو هيو.

پوءِ ائين ٿيو ته جمن سائين سان رتيءَ واري رهاڻ به ٿي. سنڌ ويزن جي گوراٽو ڊيم اشو تي ڪوناڀل ڪانفرنس ۾ ساٿس گڏ ويهڻ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو مليو... مونکي ته پهرين نظر ۾ ئي وڻي ويو حالانڪ سائين جي سائيز واري سونهاري رکندڙ ماڻهن سان منهنجي مڙيئي گهٽ لڳي, پر هتي ته اسانجو جمن سائين هو جنهن کي اسان سڀ پيار سان ’J.J Saien‘ به چوندا آهيون.

انڊس هوٽل حيدرآباد جي لابي ۾ منهنجي جيئن ئي متس نظر پئي ته فوراً اهو لاڏو ياد اچي ويو ’مون ته هلڻ سڃاتو منهنجو راڻو آيو‘ مون امالڪ ڏانهس ڊيهڙ ڪئي, ۽ هن به رسندي ئي ائين ڀڪ وڌو جيئن ڪيس ڪنهن جون پاسراٽيون ڀڃڻ جو موقعو الاهي ڏينهن بعد مليو هجي. اهڙو زوردار ڀڪ ته ’چيانگ مائي‘ ٿائليند ۾ ڏٺو پڪشو به نه وڌو هيو, جنهن کان آئون روائتي ٻڌ مت مساج ڪرائڻ ويو هيس.

پوري پني قد, ڳوڙهي ڪسرتي هانني, اندر ۾ گهر ڪرڻ وارين سڀاجهڙين اکين ۾ سلوٽي سنڌي مهانڊي وارو جمن جادوگر آهي, جهٽ ۾ پراين کي پنهنجو ڪندڙ هيءَ ماڻهو جتي اسان دوستن جي گلدستي جو جگر جان آهي, اتي سندس زندگي جي اڻ ٿڪ جدوجهد اسانجي نئين ٽهي لاءِ يقينن اتساهه جو مثال آهي.

حليم بروهيءَ جي ڪردار عثمان حجم جي روزي رکڻ واري غلطي جيئان منهنجو جمن سائين جي جانني اڙيءَ ۾ اچڻ ۾ هيءُ به لفظ لکڻ واري ’ها‘ به حادثاتي ليکجي. ٿيو هيئن جو سائين پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي اوسر“ جي تعارفي پوسٽ فوٽو سميت ڏني ته يار کي همٿائڻ لاءِ ڪتاب پڙهڻ کان سواءِ تعريف شروع ڪري ڏنم, بلڪ هڪڙي واڙي لاپڙي به هٽي ڪيدي مانس ته سائين ڪتابڙي تي ٻه تعريفي لفظ مون کان به لکرايو ها, بس منهنجو ايترو چوڻ هيو ته سائين جي عمودي والي نڪ ٽڪڻ تي لڳي, ۽ حڪم صادر فرمايائين ته منهنجي پروف ريڊنگ ۾ پيل ڪتاب تي ٻه لفظ اوهان جا به

هوندا. منهنجا ته سندس لفظ ٻڌندي ئي تاڪ لڳي ويا. تر جي ڳتي سئو چوٽون ڪائي وارو ڀاڪو به ياد اچي ويو سو فوراً هيٺانهين ۾ نهنائي تي اچي ڪيس عرض ڪيم ته ڪعبه و قبلا آئون مذاق پيو ڪريان، مان ان قسم جو ماڻهو ناهيان، ادب آداب سان پري جو تعلق به ڪونهي، بلڪ بي ادب به آهيان، انڪري مهت مڪتي ملي پر سائين اڳيان به جمن هيو انڪار جا به لفظ ڳالهائي ڪال بند پئي ڪيائين ته رڙ ڪري چيومانس ته درويش ڪتاب پڙهڻ کان سواءِ تبصرو ڪهڙو ڪندس؟ ته فوراً چيائين ته اهي جو مون فيس بڪ تي قسط وار پوسٽون ڏنيون، ڪونه پڙهيون هُيَئي ڇا!! ناهي جوڙي ڪوڙ هڻندي چيومانس نڪو ڪونه پڙهيون آهن... نهه ڦهه چيائين ته نه پڙهيون اٿئي ته پٽ ڪارو آن، بلڪ گهوڙو ڪارو آن، جيستائين ڪيس اهو چوان ته هتي ڪاروڪاري ڪٺان آئي، تيسيائين ڳڙپ ڪري سندس ڪتاب جي PDF اي-ميل آئي ۽ پوءِ ڏيڻ ۾ روشني نه رهي.

سائين جو زير حواله ۽ زير مطالعه ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ سندس آتم ڪٿا (Autobiography) يعني خودنوشت سوانح حيات آهي، جيڪا سندس ذات جي تعميرات واري گرائونڊ زيرو کان فلڪ بوس عمارت تائين پهچڻ جي اڻ ڳاڻيٽن ڏاڪن جي اڏاوت ۽ ڊيڪوريشن جي تجربن جو نچوڙ آهي. مونکي اها خبر بلڪل به ڪونهي ته آتم ڪٿا جي ادب ۾ ڇا حيثيت آهي؟ پر ايترو چئي سگهان ٿو ته بيسٽ سيلرز ڪتابن جي ڪيٽيگريز ۾ اچڻ باوجود ادب ۾ تاريخي، تحقيقي، سائنسي، فڪشن يعني ناول نگاري ۽ ڪهاڻي نويسي توڙي شاعري جي مقابلي ۾ هن صنف جي حيثيت گهٽ ئي هوندي.

ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ هڪ اهڙي ماڻهو جي جفا ڪشي جو سربستو سچو داستان آهي، جنهن سنڌ جي ٺپ ٻهراڙي واري ڳوٺ ۾ جنم ورتو، گورنمينٽ جي ڦڪن اسڪولن ۾ پڙهيو، فوج ۾ سپاهه گيري ڪيائين، قائداعظم يونيورسٽي مان اعليٰ تعليم به حاصل ڪيائين ته ننڍڙيون نوڪريون به ڪيائين ۽ انت ۾ پاڪستان جي ڪريم ڪلاس ۾ انٽري هڻڻ لاءِ ’سي ايس ايس‘ ڪيائين، ۽ سترهين گريڊ کان شروع ٿي 22هين گريڊ يعني مائونٽ ايوريسٽ تي پهچي رٽائر ٿيو. سرڪاري نوڪري جي دنيا ۾ سويلين 22هون گريڊ، فوج جي ليفٽيننٽ جنرل جي برابر هوندو آهي. يعني جمن سائين سپاهيءَ جي نوڪري کان شروعات ڪري سويلين جرنيلي تائين پهتو بغير ڪنهن سفارش يا مضبوط فيملي گرائونڊ هوندي به...

آتم ڪٿا ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ پڙهي اسانجن نوجوانن ۾ اهو اتساهه اوس پيدا ٿيندو ته هو به همت ڪري قدم اڳتي وڌائين. دراصل آتم ڪٿائون لکيون ئي انڪري وينديون آهن ته انهن کي پڙهي اسان ڪجهه پرايون. سنڌ جي مها ڏاهي علامه آءِ آءِ قاضي جن پنهنجي هڪ خطاب ۾ چيو هيو ته: ”اسان ٻيو ڪجهه نه به ڪريون، ڇڙو پنهنجون خودنوشت سوانح عمريون لکي پنهنجي زندگيءَ ۾ پيش آيل ڏکيائين ۽ انهن کي منهن ڏيندڙ داستان بيان ڪيون، تڏهن به اسان نئين نسل لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري ويندا سين ۽ نئون نسل پنهنجن سينيئرز جي تجربن مان سبق حاصل ڪندو ۽ منزلون ماڻيندو.“

اسان وٽ ڪافي آتم ڪٿائون لکيون ويون آهن، مناسب ٿيندو ته انهن جو ڪجهه مختصر ذڪر

ڪجي. دراصل آتم ڪهاڻين لکڻ جو رواج الاهي پراڻو آهي. سنڌي ادب ۾ پين صنفن سان گڏ آتم ڪهاڻين سان به مالامال آهي. ڏٺو وڃي ته سفرناما ۾ مختلف شخصيتن تي لکيل خاڪا به دراصل آتم ڪٿائن جو حصو آهن، جيڪي هڪ مخصوص دور جو داستان بيان ڪندا آهن. آتم ڪٿائن لاءِ اهو ضروري آهي ته اهي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان لکيون وڃن ته جيئن مستقبل جي پڙهندڙ کي مصنف جي زندگي جي احوال سان گڏ انهيءَ دور جي تاريخ ۽ تهذيب کان به آگاهي حاصل ٿئي، ۽ انهيءَ شخصيت کان گهٽ ۾ گهٽ سٺ سالہ تاريخ، رهڻي ڪهڻي ۽ اٿي ويهي جي ڄاڻ به حاصل ٿئي، نہ ته آتم ڪٿا ڏند ڪٿا ٿي وڃي ٿي.

هن آتم ڪٿا ذريعي مصنف وک وک تي نوجوانن کي اها تلقين ڪندي ملي ٿو ته پنهنجين سرگرمين جو محور تعليم کي بڻايو ڇو ته هي دور مقابلي ۽ `Survival of Fittest` جو آهي. انڪري ڪاهل، سست، گيدي ۽ جڏا ٿيئو ته ڪلھ مري ويئو. هو سنڌ جي نوجوانن کي سنڌ جي جهجهن وسيلن ۾ موقعن مان ڀرپور فائدو وٺڻ جو ورجاءُ به ڪري ٿو.

سنڌين کي گهر جي ڪکڙ ٿيڻ کان بچڻ لاءِ سندن اهو مشورو ته وڏن شهرن جي وڏن ادارن ۾ پڙهو ته جيئن مرڪزي ليول تي پنجابي، پٺاڻن کان پنهنجي حصي جون نوڪريون ڇنيو دل سان ٿو لڳي.

ڇو ته ليڪ جي پڙهائي، سينيئر پوزيشن تي پهچي پوسٽنگز ۽ هاڻي گهر به اسلام آباد ۾ آهي، انڪري ڪيس ’اصلي تي وڏن پائرن‘ سان ڊيل ڪرڻ جو فن ۽ ڏانءُ به جام اٿس، جنهن جو برملا اظهار به ڪري ٿو.

مونکي آتم ڪٿا جو موضوع بنھ نہ آئڙيو. هڪ ته موضوع ۾ سيڪريٽري ۽ وفاقي سيڪريٽري واري مونجھ آهي، ٻيو ته ٽائيٽل ۾ ڪا رومانويت ڪونهي. ٽائيٽل مان خودنمائي جو عنصر به نڪري ٿو. منهنجي نظر ۾ ان قسم جا ٽائيٽل سفرنامن ۾ ته صحيح آهن، پر سوانح حياتين ۾ چُڀن ٿا.

ٻي ڳالھ ته هيءُ ڪتاب سائين محمد جمن جامڙو جي فيس بڪ تي لکيل قسط وار پوسٽن تي مشتمل آهي، ان ڪري ان کي ان ئي سيٽنگ ۾ رکيو ويو آهي. ٺيڪ ائين گهرجي ها ته انهن لکڻين کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ کان پوءِ Piece Meal کي ختم ڪري انکي وڏن موضوعن جي شڪل ۾ تسلسل ڏنو وڃي ها.

”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ڪتاب جي لکت جو انداز ڇوته عام فهم ۽ عوامي آهي ۽ ان ۾ مامرا به اهي ڊسڪس ٿيل آهن، جيڪي روزمره جي زندگي ۾ فيس ڪبا آهن، انڪري پڙهندڙن کي هيءُ ڪتاب يقيناً نہ صرف وڻندو، بلڪ هڪ دفعو شروع ڪرڻ کان پوءِ پڄاڻي تائين ضرور پهچائيندو.

خير انديش

**شمس الدين زنئور**

اڳوڻو سول سروسز آفيسر

# جنرل ليفٽيننٽ

فون جي گھنٽي وڳي، ڳالهائيندڙ خالص سنڌي لهجي ۾ اردو ڳالهائيندي پڇيو توهان ڪرنل الطاف صاحب آهيو؟ مون هائوڪار ۾ جواب ڏنو ۽ ڪيس نہ سڃاڻڻ تي معذرت ڪيم تہ چيائين ”آئون منسٽري آف فائنانس کان جوائنٽ سيڪريٽري عرض ڪري رهيو آهيان.“

الله تعاليٰ، ملائڪن، ڪتابن، رسولن، قيامت، سٺي خراب تقدير، مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئڻ، مسلماني لاءِ ضروري ايماني شين ۽ شهادت جي موت کان پوءِ فوجي جو جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ تي پختو يقين آهي تہ اهو شايد چيف آف ڪمانڊ آهي. انهيءَ ڪري آئون حيرت ۾ هوس تہ جنرل هيڊڪوارٽر (GHQ) کي ملوث ڪرڻ کان بغير مالياتي وزارت جو مون ۾ ڪھڙو ڪم پئجي سگھي ٿو ۽ وري اهو بہ ايتري سينيئر ليول تي؟ ٿي سگھي ٿو تہ ڪين معلوم نہ هجي تہ هن ناچيز اڃا تائين ايم بي اي يا ماليات ۾ ڪابہ تعليم حاصل نہ ڪئي آهي. پوءِ وري خيال آيو تہ جنهن ملڪ ۾ ميٽرڪ فيل وزيراعليٰ، ”تصوف کي ”طسوف“ لکندڙ تصوف ڪميٽي جو چيئرمين ۽ فالج زده زبان، ڳالهائڻ کان معذور اٽليءَ جي حسينہ ذريعي حڪومت هلائيندڙ گورنر جنرل ٿي سگھي ٿو تہ اتي پاڪستان کي مالياتي آلودگي کان ڪيڍڻ لاءِ ماليات کان ناواقف انجنيئر پير الطاف هاشمي جي چونڊ ڪا ايتري خراب بہ نہ آهي. مان اڃا خيالن ئي خيالن ۾ پاڪستان جي ماليات کي صحيح رخ ڏيڻ وارين پاليسين تي غور ڪرڻ وارو ئي هوس تہ فون تي ڳالهائيندڙ چيو ”سائين مديني شريف کان صوفي نذير سائين مون وٽ ترسيل آهي، هن توهان کي اهڙو اطلاع ڏيڻ لاءِ چيو آهي.“ اهو ٻڌي منهنجي خوشيءَ جي حد نہ رهي، جلدي ان جي گھر جي ايڊريس نوٽ ڪيم ۽ شام جو مقرر ڪيل وقت تي انهن وٽ پھچي ويس.

2002ع ۾ حيدرآباد کان محترمہ سيده منا هاشمي ڪرنل حبيب ملڪ جي معرفت خوابن جي تعبير معلوم ڪرڻ لاءِ رابطو ڪيو جنهن جي خوابن مان اندازو ٿيو تہ هوءَ توحيد الاهي ۽ عشق رسولﷺ ۾ فنا حاصل ڪري چڪي آهي، منهنجون نياڻيون 2018ع ۾ هن جي زندگيءَ جي آخري گھڙين تائين ڪائنس رهنمائي وٺنديون رهيون، هن ئي مون کي 1948ع ۾ رحيم يار خان کان مديني منوره منتقل ٿي ويل الله تعاليٰ جي مقبول ٻانهي صوفي نذير صاحب سان متعارف ڪرايو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن پاڪستان ايندو آهي، سندس آڏو الله تعاليٰ جي حبيبﷺ جو منڙو نانءُ ڪٺجي تہ جهڙو ڪر اکيون راوي ۽ چناب بڻجي وينديون آهن، منهنجي ساڻن آخري ملاقات ڊسمبر 2018ع ۾ مديني منوره ۾ ٿي هئي. انهيءَ وقت هن ۾ هلڻ ڦرڻ جي طاقت نہ رهي هئي ۽ سندس يادگيرو بہ متاثر ٿي چڪو هو. پر سندس روحاني ڪيفيت ۽ مهمان نوازيءَ ۾ ڪيئي ڀيرا اضافو ٿي ويو آهي.

”سر! آئون جنرل ليفٽيننٽ ٿيندس.“ ڪوهاٽ جي سگنلز تربيتي مرڪز جي ٽيڪنيڪي تربيتي بٽالين جي ڪلاس روم ۾ پڙهائيندڙ ڪپتان صاحب جي سوال جي جواب ۾ سنڌ جي ڏورانهين تعلقي گمبٽ جي ڳوٺ حاجي غلام جعفر ڄامڙو مان فيبروري 1971ع ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿي آيل رنگروٽ جواب ڏيندي چيو ڪپتان صاحب انهيءَ ”نئين رينڪ“ جي ايجاد ٿيڻ تي ٺهڪ ڏيئي کليو ۽ چيائين ”اهو جنرل ليفٽيننٽ نه پر ليفٽيننٽ جنرل ٿيندو آهي.“

1970ع ۾ ميٽرڪ پاس رنگروٽ کي اهوئي معلوم هو ته هو آفيسر ڀرتي ٿيو آهي. بس هاڻي ترقي ڪندي ڪندي ليفٽيننٽ جنرل بڻجي ويندو. معصوم ذهن ۾ جرنيلي جا خواب سجائي آگسٽ 1972ع ۾ تربيت مڪمل ٿيڻ تي ڪوئيٽه جي ري انفورسمينٽ ونگ نمبر 4 (Reinforcement Wing No 4) (RIW) ۾ موڪليو ويو. جيڪا بعد ۾ 48 ڪمپوزٽ سگنلز يونٽ ۾ تبديل ڪئي وئي. انهيءَ عرصي ۾ هو ترقي حاصل ڪري لانس نائيڪ ڪلارڪ ٿي چڪو هو پر اڃا تائين جرنيلي کي نه وساريو هئائين. وقت سان گڏوگڏ جرنيلي لاءِ F.A کان پوءِ ISSB پاس ڪري پاڪستان ملٽري اڪيڊمي (PMA) ۾ ٻن سالن جي تربيت ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نيم ليفٽيننٽي لڳندي آهي. جيڪا جرنيلي جو پهريون ڏاڪو هوندي آهي. اهو سڀ ڪرڻ لاءِ انهيءَ يونٽ کي ڪراچي پهچائي 1974ع ۾ 1971ع جي جنگي قيدين جي واپسي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ آفيسرن کي ايلاز منٿون ڪري هي لانس نائيڪ ڪلارڪ فوج کي خدا حافظ چوڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

انهيءَ جرنيلي جذبي هن نوجوان سنڌيءَ کي 1972ع ۾ پرائيويٽ F.A ڪرڻ بعد ٽيتاليهين (43) لانگ ڪورس لاءِ درخواست ڏياري. پر فوجي ڊاڪٽر اکين جي ڪنهن خرابيءَ جي ڪري ڪيس فوج لاءِ نااهل قرار ڏئي ڇڏيو جڏهن ته هن وقت 67 سالن جي عمر ۾ به هو بغير عينڪ جي پڙهي لکي سگهي ٿو. هتان کان نااميد ٿي هن ”سول جرنيلي“ جو رخ ڪري ورتو ۽ انهيءَ جي حاصلات لاءِ هن 1974ع ۾ پرائيويٽ اميدوار جي حيثيت سان B.A ڪري ورتي. پڙهائي جي خرچي ۽ پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ فيبروري 1975ع ۾ پاڪستان اسٽيل ملز ۾ جونيئر ڪلارڪ طور نوڪري به ڪيائين. پر اها نوڪري سول جرنيلي لاءِ راهه هموار ڪرڻ بدران راهه ۾ رڪاوٽ بڻجڻ لڳي. انهيءَ دوران هڪ سال کان پوءِ انهيءَ نوڪري کي به الوداع ڪري 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان L.L.B ۽ 1978ع ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان ماسٽرز ڪرڻ سان گڏوگڏ CSS جو امتحان پاس ڪري ضلعي انتظامي گروپ (District Management Group) حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ڊسمبر 1977ع ۾ جنرل ضياءُالحق جي مارشل لا جي شروعاتي عرصي ۾ هيءُ نوجوان قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ماسٽرز ڪري رهيو هو ته سندس ڪلاس جي شاگردن، شاگرديائڻين ۽ استادن برفباري مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ مري وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. گاڏين جي هن قافلي جي سڀ کان پهرين شاندار گاڏي سندس ڪلاس فيلو ۽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي ڀيڻ سعديه عباسي جي هئي. جنهن ۾ هن سان گڏ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر پرويز اقبال چيمه مرحوم ۽ هڪ برگيڊيئر صاحب جو پٽ ڊرائيونگ ڪري رهيو هو. جن سيني کي خوبصورت ڪپڙا پهريل هئا. هن سنڌي نوجوان کي مٿي تي سنڌي ٽوپي ۽ ڪلهن تي اجرڪ پهريل هو. جيئن ئي سندن قافلي ۾ شريڪ

ماڻهو مري ۾ مال روڊ تي لٿا تہ اُتي ڊيوٽيءَ تي موجود پوليس آفيسر هن نوجوان کي سنڌي وڏيرو يا گادي نشين ۽ هن سان گڏ ٻين ماڻهن کي سندس ملازم يا مريد سمجهي ڀڄندو هن وٽ پهتو ۽ سلام ڪري وڏي ادب ۽ احترام سان چوڻ لڳو ”سر! ايران کان بچاءَ وارو وزير آيل آهي، جيڪڏهن توهان مهرباني ڪري پنهنجون گاڏيون هيٺ بيهاريو تہ جيئن غيرملڪي مهمانن کي ٽريفڪ جو مسئلو پيدا نہ ٿئي.“ هن نوجوان پوليس آفيسر جي ڪيفيت جو اندازو لڳائي ورتو ۽ کيس وڏي اعتماد سان چئي ڏنو ”چڱو آئون ڏسان ٿو.“ هن جا سمورا ساٿي اهو منظر ڏسي کلي کلي کيرا ٿي پيا. هيءُ اهو وقت هو جڏهن هن سنڌي شاگرد جي بقول وٽس پراڻي سائيڪل بہ نہ هئي.

ڀھرين اولاد ۽ ڀھرين عهدي جو مزو مرڻ گهڙي تائين نہ وسرندو آهي، سگنلز ڪور جي ڳوناٺي سنڌي رنگروٽ لاءِ 1981ع ۾ 17هين گريڊ جي سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر جو عهدو سول جرنيلي لاءِ ڀھريون ڏاکو ثابت ٿيو. پوءِ سندس زندگي جي گاڏي مختلف اسٽيشنن تي بيهندي اڳتي وڌندي رهي، اسسٽنٽ ڪمشنر نواب شاهہ، شهدادڪوٽ، 18هين گريڊ ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ نواب شاهہ، 19هين گريڊ ۾ ڊپٽي ڪمشنر تربت ۽ خضدار، ايڊيشنل سيڪريٽري زراعت بلوچستان، ڊائريڪٽر جنرل ماحوليات، ڊائريڪٽر ماليات بلوچستان ترقياتي اٿارٽي، ايڊيشنل هوم سيڪريٽري سنڌ، 20هين گريڊ ۾ ڊائريڪٽر ماليات ۽ برآمدات پروسيسنگ اٿارٽي، پاڪستان جو واحد بي وردي انسپيڪٽر جنرل اسٽيمپ سنڌ، ڊي سي او ٿرپارڪر، جيڪب آباد جوائنٽ سيڪريٽري وزرات تجارت ۽ وزارت ماليات، جوائنٽ سيڪريٽري وزيراعظم، 21هين گريڊ ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري وزارت تعليم، ايڊيشنل سيڪريٽري وزيراعظم، 22هين گريڊ ۾ سيڪريٽري بين المذاهب ۽ قومي هم آهنگي وڏين اسٽيشنن ۾ شامل آهن، ايتري تائين جو هي بلٽ ٽرين 27 جولاءِ 2012ع تي آخري اسٽيشن (رٽائرمينٽ) تي وڃي لنگرانداز ٿي.

انگريز دور ۾ سي ايس ايس آفيسرن کي تربيت دوران ڇهن مهينن لاءِ فوج سان وابستہ ڪيو ويندو هو جيڪو بعد ۾ گهٽائي 3 مهينا ڪيو ويو، هن وابستگي لاءِ هن جي لاءِ 31 پنجاب ريجمينٽ نڪتي جنهن ۾ ڪرنل (بعد ۾ ليفٽيننٽ جنرل ۽ ڪمانڊر 10 ڪور) سليم حيدر سي او (Commanding Officer) ۽ ميجر فاروق ڪمپني ڪمانڊر هو انهن ٻنهي آفيسرن ڀرپور انداز ۾ ٽن مهينن ۾ لڙاڪا بٽالين ۽ فوج جي طريقيڪار، آفيسرن جي رهڻي ڪهڻي ۽ جوانن سان تعلق بابت تربيت ڪرائي، فوج ۾ تربيت ڪرڻ وقت سخت آفيسر انهيءَ وقت جيترا خراب لڳندا آهن، بعد ۾ سموري زندگي اوترائي سٺا ۽ پيارا لڳندا آهن.

1994ع ۾ ساڳيو ئي سنڌي رنگروٽ 19 هين گريڊ ۾ بلوچستان جي ڊائريڪٽر جنرل تحفظ ماحوليات جي حيثيت ۾ ماحوليات بابت هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ پشاور آيو تہ 31 پنجاب جي ميجر فاروق کي فون تي پشاور پهچڻ جو اطلاع ڏنو جيڪو انهيءَ وقت بحيثيت ميجر جنرل ڪوهاٽ ۾ جي او سي (General Officer Commanding) مقرر هو. هن فوري طور تي کيس ڪوهاٽ اچڻ لاءِ گاڏي موڪلي ڏني. هيءُ پشاور کان ڪوهاٽ لاءِ روانو ٿيو تہ کيس معلوم ٿيو تہ هوٽر وڄائيندڙ هڪ گاڏي سنڌي رنگروٽ جي اڳيان ۽ هڪ گاڏي پٺيان آهي، ڪوهاٽ ۾ جنرل فاروق استقبال ڪندي کيس

ٻڌايو تہ سندس يونٽ بہ ڪوهاٽ ۾ ئي آهي ۽ اتي سمورن آفيسرن سان سندس ملاقات ڪرائٽي آهي، جنهن لاءِ هن سي او کي ٻڌائي ڇڏيو آهي، چوندا آهن تہ انسان چاهي عورت هجي يا مرد، پهرين محبت کي نہ وساري سگهندو آهي، رڳو انسان هئڻ شرط آهي. هن کي بہ پنهنجي پهرين محبت ياد اچي وئي، جنهن ڪري هن مطالبو ڪيو تہ هو يونٽ وڃڻ کان اڳ سگنلز تربيتي مرڪز جو چڪر لڳائڻ چاهي ٿو جتي هو رنگروٽ ”آفيسر“ پرتي ٿي آيو هو. جنرل فاروق ڪمانڊنٽ کي فون ڪيو. جيڪو عهدي جي لحاظ کان برگيڊيئر هوندو آهي، تہ منهنجو هڪ خاص مهمان آيو آهي، جيڪو توهان جي مرڪز جو چڪر لڳائڻ چاهي ٿو.

جڏهن تہ سي او 31 پنجاب سان گڏ اتي پهچڻ تي ڪمانڊنٽ استقبال ڪيو جنهن کي ان وقت تائين انهيءَ سويلين سنڌي آفيسر جي تاريخ جو علم نہ هو. آفيسرن سان ملاقات کان پوءِ هن اتان کان ئي برگيڊيئر صاحب کي آڳر جي اشاري سان ٻڌايو تہ آئون سامهون واري آفيس ۾ سپاهي ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ويهندو هوس ۽ توهان جي آفيس آڏو گذرڻ وقت اسان ايئن ڏڃي پير پير ٿي رکندا هئاسون تہ ڪٿي اسان جي قدمن جو آواز برگيڊيئر صاحب جي ڪنن تائين نہ پهچي، ڪالهہ جو رنگروٽ نوجوان پنهنجي رنگروٽي واري جاءِ تي ڪمانڊنٽ جي سامهون ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت سان قدرت جي ناقابل يقين فيصلن کي تڪيندي پنهنجي اکين مان ڳوڙها ۽ ڪمانڊنٽ پنهنجي پيشانيءَ تان حيرت، ڪوشش ڪرڻ جي باوجود لڪائي نہ سگهيا. اهو هن سنڌي رنگروٽ جي زندگيءَ جو سڀ کان قيمتي ۽ يادگار لمحو هو اتان کان پنهنجي ٻي محبت 31 پنجاب پهتو ڇا تہ منظر هوندو جو فوج جي اڳوڻي سپاهي ۽ اڄ جي ٻي وردي آفيسر کي باوردي آفيسر ۽ سردار صاحب سليوٽ ڪري سندس استقبال ڪري رهيا آهن. هن کي ٻڌايو ويو تہ انهيءَ يونٽ ۾ سنڌي گهڻا آهن، ايتري تائين جو صوبيدار ميجر بہ سنڌي آهي، اهو بہ ڪيس ٻڌايو ويو تہ سنڌي تمام سٺا مجاهد آهن، هر ڪم سينيئر جي تسلي مطابق ڪندا آهن، صرف او ايس ايل (Over Stay Leave) (موڪل تي وڃي واپس دير سان اچڻ) جو مسئلو آهي، اتي هن جي ملاقات سنڌي مجاهدن سان ڪرائي وئي، جن سان هن تمام گهڻي همت افزائي ڪرڻ واري ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

فوجي رنگروٽ کان 22هين گريڊ جي سول جرنيلي حاصل ڪندڙ هيءُ پهريون ۽ اڪيلو پاڪستاني محمد جمن ڇانڊڙو آهي.

1989ع ۾ جمن صاحب جڏهن ڊپٽي ڪمشنر نواب شاهہ هيو تہ سندس اسٽيل مل وڃڻ جو اتفاق ٿيو جتي هي جونيئر ڪلارڪ جي ڊيوٽي ڪندو هو اتي جو جنرل مئنيجر شهزاد سيال ۽ مئنيجر هيومن ريسورسز (H.R) هڪ ڪرنل صاحب سندس تمام گهڻي عزت افزائي ڪئي.

1992ع ۾ جڏهن ڊي سي تربت هو تہ ڪيس بلوچستان جي گورنر گل محمد خان جوگيزئي جي تربت اچڻ جي پروگرام جو اطلاع مليو. هن ڊويزنل انجنيئر فونز کي سرڪٽ هائوس جي وي آءِ پي روم ۾ فوري فون لڳائڻ لاءِ چيو. جنهن تي ڊي اي (Divisional Engineer) انڪار ڪندي ڪيس جواب ڏنو تہ ٽيليفون هاڻي صوبائي کاتو نہ رهيو آهي، انهيءَ ڪري ڊمانڊ نوٽيس ۽ فيس جمع ڪرائڻ کانسواءِ فون نٿو لڳي سگهي، ڊپٽي ڪمشنر ڪيس چيو تہ اڄ موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري اها

ڪارروائي سپاٽي مڪمل ڪئي ويندي، توهان اڄ فون لڳايو D.E جي انڪار تي هن هڪ ڀيرو ٻيهر فون لڳائڻ لاءِ منٿ ڪئي، پر D.E ويتر سخت لفظن ۾ انڪار ڪندي چيو ته ”آئون فون نٿو لڳائي سگهان ۽ توهان مون کي ڪجهه به نٿا ڪري سگهو، ڇاڪاڻ جو آئون وفاقي سرڪار جي ماتحت آهيان.“

خانه نشين فوجي چوندا آهن ته ماڻهو فوج مان نڪري ويندو آهي پر فوج ماڻهوءَ مان نه نڪرندي آهي، اهڙيءَ طرح جمن به هن وقت فوجي بڻجي ويو ۽ کيس چيائين ته ”جناب توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته توهان هن وقت صوبائي حڪومت جي علائقي ۾ آهيو.“ انهيءَ تي ڊويزنل انجنيئر کيس جواب ڏنو ته ”منهنجي آفيس وفاقي سرڪار جي ماتحت آهي، ضلعي انتظاميه مون تي حڪم نٿي هلائي سگهي.“ جمن صاحب کيس فوجي لهجي ۾ چيو ”جي بلڪل توهان جي آفيس وفاقي حڪومت جو حصو آهي، پر آفيس کان ٻاهر نڪرندي ئي توهان تربت حڪومت جي حدن ۾ داخل ٿي ويندئو پوءِ توهان کي اجائي مداخلت (ٽريس پاس) جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويندو.“ هن گڏوگڏ ڻاڻي جي نائب تحصيلدار کي حڪم ڏنو ته ليوي (پوليس) جا اهلڪار وٺي وڃي D.E فونز کي اطلاع ڏيو ته آفيس کان ٻاهر قدم رکندي ئي کيس گرفتار ڪيو ويندو، هڪ طرف فون نه لڳڻ سبب ڊي سي جي ناراضگي ۽ ٻئي طرف يقيني گرفتاري D.E کي فون لڳائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ٿوري دير کان پوءِ سرڪٽ هائوس مان ڪيئرٽيڪر فون تي ڊي سي صاحب کي اطلاع ڏنو ته لاڳاپيل ڪمرن ۾ ٻن جي جاءِ تي 3 فون لڳي ويا آهن ۽ هڪ آپريٽر کي به ڊيوٽي تي مقرر ڪيو ويو آهي، D.E جي ڊپٽي ڪمشنر سان ٻن ڪلاڪن جي ڪوشش کان پوءِ ڳالهه ٻولهه ٿي ته گهبرهاٽ واري لهجي ۾ چوڻ لڳو ”سائين، حڪم جي تعميل ٿي وئي آهي، مهرباني ڪري نائب تحصيلدار کي چئو ته منهنجي جان آجي ڪري.“

انهيءَ واقعي جي ڇئن پنجن مهينن کان پوءِ سيشن جج تربت کيس چيو ته نئين تعمير ٿيل گهر ۾ فون نه هئڻ ڪري آفيس ٽائيم کان پوءِ هاءِ ڪورٽ سان اڪثر رابطو ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي، D.E مطابق هن علائقي ۾ ڊي پي نه آهي، جنهن جي اچڻ ۾ وڏيڪ هڪ مهينو يا انهيءَ کان به وڏيڪ وقت لڳي سگهي ٿو جج صاحب سان اهو شرط طئي ٿيو ته فون لڳڻ جي صورت ۾ توهان D.E جي سفارش نه ڪندئو. ڊي سي صاحب آفيس سپرنٽينڊنٽ ذريعي پيغام موڪليو ته سيشن جج جي گهر ۾ فون لڳائي اطلاع ڏيو ته جيئن تربت سرڪار جهڙو ڪو قانون نه وري حرڪت ۾ اچي وڃي، اڌ ڪلاڪ کان پوءِ فون لڳڻ جو اطلاع مليو D.E سيشن جج جي آفيس ۾ ويهي رهيو ته جيستائين کيس معافي وٺي نه ڏيندئو تيستائين هو آفيس ۾ ئي ويٺو هوندو، جنهن بعد ساڳي ئي سيشن جج وري کيس ڊپٽي ڪمشنر کان معافي وٺي ڏياري.

2005ع ۾ جمعي ڏهاڙي ٻنپهرن جو صوفي نذير جي زيارت لاءِ جمن صاحب جي گهر حاضر ٿيس ته اتي سي ڊي اي(Capital Development Authority) جو ڊائريڪٽر جنرل سليمان سهتو به موجود هو صوفي صاحب انهن ٻنهي کي ڏاڙهي رکڻ جو چيو سليمان صاحب تسبيح وارو هٿ سيني تي رکيو ۽ چيو ته ”سائين! جيڪا شيو ڪئي آهي، اها آخري آهي.“ جمن صاحب هلڪو مٺو ڏوٽيو ته صوفي

صاحب فرمايو ”جمن تون وچ ۾ منهنجي ڏيءَ کي وٺي اچ ته تنهنجي مشڪل آسان ڪري ڇڏيان.“ جمن صاحب ويو ۽ پاڻي کي وٺي آيو. صوفي صاحب ان کي چيو ته ”ڏيءُ! مان جمن کان ڏاڙهي رکرائي رهيو آهيان، تنهنجي اجازت جي ضرورت آهي، تون اجازت ڏئي ڇڏ. توکي به ثواب ملندو.“ هن جنتي عورت هڪ پل به ضايع ڪرڻ کان بغير چيو ته، ”سائين توهان جو حڪم اکين تي.“ جمن صاحب جي اها آخري شيو هئي، صوفي صاحب ٻڌايو ته حديث مبارڪ ۾ آيو آهي ته، ”نبي ڪريم ﷺ جي هڪ سنت زنده ڪرڻ تي سئو شهيدن جو ثواب ملندو آهي.“ اهو چئي فرمايائون، ”ياد رکو! سيدنا حمزه بن عبدالمطلبؓ هڪ شهيد آهي.“ صوفي صاحب جي حڪم تي جمن صاحب مئي 2001ع ۾ منزلن سان قرآن پاڪ جي تلاوت شروع ڪئي، تڏهن کان جمعي جي ڏينهن قرآن مجيد شروع ڪري ستين ڏينهن خميس تي ختم مڪمل ڪندو پيو اچي، جيڪڏهن ڪڏهن وقفو اچي وڃي ته ان کي ٻئي ڏينهن جمعي تي پورو ڪري ڇڏيندو آهي.

سپاهيءَ کان جرنيل بڻجڻ جو اعزاز گهڻن ماڻهن جي مقدر ۾ لکيل هو پر **سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري بڻجڻ جو انعام الله تعاليٰ اچا تائين صرف محمد جمن چانڊيو جي نصيب ۾ ئي لکيو آهي.** هن ترقيءَ کان منزل مقصود جي حصول ۽ نئين منزل جي ڳولا ڪندڙن لاءِ پنهنجي جدوجهد تي مشتمل ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ نالي سان لکيو آهي، جنهن ۾ منهنجو هيءُ مضمون سنڌي ۽ اردو ۾ شامل هوندو. هن ڪتاب جو اردو ترجمو جاري آهي، جيڪو به جلد شايع ٿي ويندو. هِن ڪتاب ۾ هُن جيڪو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ جو خلاصو اهو آهي ته منزل جي حاصلات لاءِ اسباب جي اڻهوند بدران مسبب الاسباب تي ڀروسو همت، محنت ۽ لڳاءُ سان گامزن رهڻ گهرجي.

يقين محکم، عمل پیہم، محبت فاتح عالم،
جہاد زندگانی میں ہیں یہ مردوں کی شمشیریں۔

بلند کان بلند ترين اڏام جي لڳاءُ سان ڀرپور مقصد جي حصول لاءِ اڻٿڪ محنت جي عادي محمد جمن لاءِ خانه نشيني ۾ واندڪائيءَ جي زندگي گذارڻ نه رڳو هن بي چين روح جي مزاج جي خلاف هو پر هن جي اڏام ۾ ڪوتاهيءَ جو سبب ۽ صحت لاءِ راس نه ايندڙ بهانو به هو انهيءَ ڪري مسلسل اٿلندو پٿلندو رهيو ته جيئن گرم خون سرد نه ٿي وڃي، همت ۽ ترقيءَ جي دنيا جو هي شاهين آشياني جو قائل نه ٿي سگهيو انهيءَ ڪري هن ڪجهه مصروفيتون اختيار ڪيون، آزمايائين، ڇڏي ڏنائين ۽ پوءِ وري نئين منزل ڏانهن روان دوان رهيو انهن ئي تجربن مان گذرندو آخرڪار سنڌ جهڙي پٺتي پيل صوبي ۽ پيسيل سنڌي عوام جي ترقيءَ خاطر قائم ڪيل 2 تنظيمن ۾ شامل ٿي رضاڪارانه خدمتن ۾ مصروف عمل آهي.

پهرين رجسٽرڊ تنظيم بصيرت سنڌ (The sindh vision) آهي، جنهن جا لڳ ڀڳ 77 هزار ميمبر آهن. جنهن جو مقصد حڪومت آڏو وڏن مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ انهن تي تحقيقي ڪم ڪري انهن جو عملي حل پيش ڪرڻ آهي، هي تنظيم مخصوص مسئلن تي سيمينار ڪوٺائي انهيءَ ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالا حڪومت آڏو رکي ٿي. مارچ 2018ع ۾ ڪراچيءَ ۾

ٽرڪول تي تحقيق ڪرڻ کان پوءِ اها راءِ قائم ڪئي وئي تہ انهيءَ جا فائدا گهٽ ۽ نقصان تمام گهڻا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ هن منصوبي جي مخالفت ۾ تمام گهڻي گهٽتائي آئي. هڪ سيمينار نومبر 2018ع ۾ پاڻيءَ جي ذريعن جي ڳولا (Tapping of Water Resources) جي عنوان سان منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پڙهيل مقالا:
(Dams and Barrages in Focus: Reservations of Small Federating Units) جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

بصيرت سنڌ جي تقريباً 2 هزار رجسٽرڊ ميمبرن مان ڪجهہ ميمبر رضاڪاراڻا طور هڪ هزار رپيہ ماهوار ڏيندا آهن، جنهن مان تنظيم تي خرچ ڪيو ويندو آهي. جمن صاحب هن تنظيم جي 6 رڪني انتظامي ڪميٽي (Executive Council) جو ميمبر ۽ مالياتي شعبي جو سربراهہ آهي. 5 آڪٽوبر 2019ع تي سنڌ جي مسئلن تي مڪالمو (Dialogue on Sindh Issues) جي عنوان تي سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ اسٽيٽ بئنڪ جو اڳوڻو گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين، بورڊ آف انويسٽمينٽ جو اڳوڻو چيئرمين سيد محب الله شاهہ، وزيراعظم جو اڳوڻو پرنسپل سيڪريٽري رسول بخش بلوچ، اڳوڻو وفاقي سيڪريٽري ۽ اڳوڻو سي اي او اينگرو شمس الدين شيخ جهڙن ماڻهن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. هن سيمينار ۾ پڙهيل مقالا حڪومت ۽ عوام آڏو پيش ڪرڻ لاءِ ترتيب ۽ اشاعت جا مرحلا طئي ڪري رهيا آهن.

ٻي تنظيم 1971ع ۾ سنڌ واسين جي سماجي ڀلائي لاءِ قائم ٿي، جنهن جو نالو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (SGA) آهي، ڪوبہ سنڌي گريجوئيٽ هن تنظيم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو سگا جي اسلام آباد شاخ جو صدر محمد جمن ڄامڙو ئي آهي.

نوڪريءَ لاءِ سنڌ کان اسلام آباد منتقل ٿيندڙ عورتن جو سڀ کان وڏو مسئلو رهائش هوندو آهي، جمن صاحب جي نگرانيءَ ۾ 80 عورتن لاءِ رهائش گهر (Hostel) جي تعمير آخري مرحلي ۾ آهي، هن جي تعمير جو خرچ سنڌ سرڪار ادا ڪيو آهي، ۽ روزمره جو سمورو خرچ سگا جا ميمبر برداشت ڪري رهيا آهن.

ڪجهہ ڏهاڙا پهرين جمن ڄامڙو صاحب منهنجي غريب خاني آيو تہ مون پنهنجي مصروفيتن جو ذڪر ڪندي کيس ٻڌايو تہ مان اڄڪلهہ سورة النساءَ جو ترجمو اهڙي انداز ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ جيڪڏهن انهيءَ کي مئٽرڪ پاس ماڻهو بہ پڙهي تہ ان کي مطلب سمجهڻ لاءِ تفسير يا حاشيو ڏسڻو نہ پوي، اهو مڪمل ڪرڻ کانپوءِ سورة المائده، سورة الاحزاب ۽ سورة النور جو ترجمو ڪرڻ جو پڻ ارادو آهي. هن وڏي دلچسپيءَ سان انهن آيتن جو ترجمو ٻڌائڻ لاءِ چيو اهو ترجمو کيس ٽن ترجمن سان ڀيٽي ٻڌايو مانس تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجو ارادو ظاهر ڪندي چيائين تہ هو انهيءَ ترجمي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪندو. انشاءَ الله آئون مٿي ڄاڻايل سورتن جو ترجمو ڪري ٻن عالمن کي ڏيکاري بعد ۾ جمن صاحب کي سنڌي ترجمي لاءِ پيش ڪندس، ان جي ترجمي ۾ سنڌيءَ ۽ اردو ٻئي ترجما شامل هوندا.

ڇا ڪوئي تصور ڪري سگهي ٿو تہ خالق جي حسين ترين ۽ محبوب ترين مخلوق جي بي لوث

خدمت ڪندڙ شخص کي الله تعاليٰ عظيم انعام کان محروم رکي؟ الله تعاليٰ هن کي ٻنهي جهانن جي سردار، هر مسلمان جي دل ۾ جان، حضرت محمدﷺ جي گارڊ طور ڊيوٽي جي سعادت نصيب فرمائي، پير الطاف هاشمي کي خالق ڪائنات اڻ ڳڻين نعمتن مان هڪ نعمت هن شخصيت سان تعلق جي صورت ۾ عطا فرمائي آهي.

**ڪرنل (ر) پير الطاف هاشمي**
22 آڪٽوبر 2019ع
22 صفر 1441هه

# جنرل لیفٹیننٹ

مخاطب نے اردو کو خالص سندھی میں ادا کرتے ہوئے فون پر پوچھا "آپ کرنل الطاف صاحبؓ ہیں؟" میں نے مثبت میں جواب دیا اور نہ پہچاننے پر معذرت کی تو فرمایا "میں منسٹری آف فائنانس سے جوائنٹ سیکرٹری عرض کر رہا ہوں۔" اللہ تعالیٰ، فرشتوں، کتابوں، رسولوں، قیامت، اچھی بری تقدیر، حیات بعد از ممات، مسلمانی کے لیے ضروری ایمانیات اور شہادت کی زندگی کے بعد فوجی کا اگر کسی بات پر پختہ یقین ہے تو شاید وہ چین آف کمانڈ ہے۔اس لیے میں حیرت زدہ تھا کہ جنرل ہیڈ کوارٹرز (GHQ) کو ملوث کیے بغیر وزارتِ مالیات کو مجھ سے براہِ راست کیا کام پڑ سکتا ہے اور وہ بھی اتنے سینیئر لیول پہ؟ ہو سکتا ہے انہیں معلوم نہ ہو کہ اس بندۂ ناہنجار نے ابھی تک ایم بی اے یا مالیات کی کوئی تعلیم حاصل نہیں کر رکھی۔پھر خیال آیا جس ملک میں میٹرک فیل وزیرِ اعلیٰ، "تَصَوُّف" کو "طَسُوُف" لکھنے والا تصوف کمیٹی کا ناخدا اور فالج زدہ زبان، بولنے سے معذور، اطالوی حسینہ کے ذریعے حکومت چلانے والا گورنر جنرل ہو سکتا ہے۔وہاں پاکستان کو مالیاتی آلودگی سے نکالنے کے لیے مالیات سے نابلد انجنیئر پیر الطاف ہاشمی کا انتخاب کچھ ایسا برا بھی نہ تھا۔میں ابھی خیالوں میں پاکستان کی مالیات کو درست سمت دینے کی پالیسیوں پر غور کرنے ہی والا تھا کہ آواز آئی "سائیں! مدینہ شریف سے صوفی نذیر سائیں میرے ہاں ٹھہرے ہوئے ہیں، انہوں نے آپ کو اطلاع دینے کا کہا ہے۔" میں خوشی سے اچھل پڑااور جلدی سے ان کے گھر کا پتہ نوٹ کیا اور شام کو مقرر کردہ وقت پر ان کے ہاں پہنچ گیا۔

2002ءمیں حیدرآباد سے محترمہ سیدہ منا ہاشمی نے کرنل حسیب ملک کی وساطت سے خوابوں کی تعبیر جاننے کے لیے رابطہ کیا،جن کے خوابوں سے اندازہ ہوُا کہ وہ توحیدِ الٰہی اور عشقِ رسولﷺ میں فنا حاصل کر چکی ہیں۔میری بیٹیاں فروری 2018ء میں اُن کے آخری سانس تک اُن سے رہنمائی لیتی رہیں۔انہوں نے مجھے 1948ء میں رحیم یار خان سے مدینہ منورہ منتقل ہو جانے والے اللہ تعالیٰ کے مقبول بندے صوفی نذیر صاحب سے متعارف کرایا۔وہ کبھی کبھار پاکستان تشریف لاتے۔ان کے سامنے اللہ تعالیٰ کے حبیبﷺ کا نام لیں تو ساتھ ہی آنکھیں راوی اور چناب بن جاتی ہیں۔میری ان سے آخری ملاقات دسمبر 2018ء میں مدینہ منورہ میں ہوئی۔اِس وقت ان میں چلنے پھرنے کی سکت نہیں رہی اور یادداشت بھی متاثر ہو چکی ہے،لیکن روحانی کیفیات اور مہمان نوازی میں کئی گنا اضافہ ہو گیا ہے۔

"سر! میں جنرل لیفٹیننٹ بنوں گا۔" کوہاٹ کے سگنلز تربیتی مرکز کی تیکنیکی تربیتی بٹالین کے کمرۂ جماعت میں پڑھاتے ہوئے کپتان صاحب کے سوال کے جواب میں سندھ کی دور دراز گمبٹ تحصیل کے گاؤں حاجی غلام جعفر جامڑو سے فروری 1971ء میں کلرک بھرتی ہو کر آنے والے رنگروٹ نے جواب دیتے ہوئے کہا۔کپتان

صاحب اس نئے رینک کی ''ایجاد'' پر قہقہہ لگا کر ہنسے ''یہ جنرل لیفٹیننٹ نہیں، لیفٹیننٹ جنرل ہوتا ہے۔'' 1970ء کے میٹرک پاس رنگروٹ کو یہی معلوم تھا کہ وہ افسر بھرتی ہو گیا ہے،بس اب ترقی کرتے کرتے لیفٹیننٹ جنرل بن جائے گا۔معصوم ذہن میں جرنیلی سجائے اگست 1972ء میں تربیت مکمل ہونے پر کوئٹہ کی ری انفورسمنٹ ونگ نمبر4 (Reinforcement Wing No.4) (RIW) میں بھیجا گیا جو بعد میں 48کمپوزٹ سگنلز یونٹ میں تبدیل کر دی گئی۔اس عرصہ میں وہ ترقی پا کر لانس نائک کلرک بن چکا تھا لیکن جرنیلی نہیں بھولا۔ وقت کے ساتھ عقدہ کھلا کہ جرنیلی کے لیے F.A کے بعد ISSB پاس کر کے پاکستان ملٹری اکیڈمی (PMA) میں دو سال کی تربیت کامیابی سے مکمل کر لینے کے بعد نیم لفٹیننی لگتی ہے جو جرنیلی کا پہلا زینہ ہے۔یہ کچھ کرنے کے لیے اس یونٹ کو کراچی پہنچا کر 1974ء میں 1971ء کے جنگی قیدیوں کی واپسی مکمل ہونے پر افسروں کی منت ترلا کر کے یہ لانس نائک کلرک فوج سے خدا حافظ کہلوانے میں کامیاب ہو گیا۔

اسی جرنیلی جذبے نے اس پینڈو سندھی کو 1972ء میں پرائیویٹ F.A کروا کے تنتالیسویں (43) لانگ کورس کے لیے درخواست دلوا دی مگر ڈاکٹر نے آنکھوں کی کسی خرابی کی بنا پر فوج کے لیے نااہل قرار دے دیا،جبکہ اِس وقت 67برس کی عمر میں بھی بغیر شیشوں کے پڑھ لیتا ہے۔یہاں سے ناامید ہو کر ''سول جرنیلی'' کا رخ کر لیا اور اس کے حصول کی خاطر 1974ء میں بحیثیت پرائیویٹ امیدوار B.A کیا۔پڑھائی کی فیسیں اور پیٹ کو ایندھن فراہم کرنے کے لیے فروری 1975ء میں پاکستان اسٹیل ملز میں بطور جونیئر کلرک نوکری کر لی لیکن یہ ملازمت سول جرنیلی کا زینہ ثابت ہونے کی بجائے راستے کا پتھر بننے لگی چنانچہ ایک سال بعد نوکری کو خیرباد کہہ کے 1976ء میں سندھ یونیورسٹی سے L.L.B اور 1978ء میں قائدِ اعظم یونیورسٹی اسلام آباد سے ماسٹرز کرنے کے ساتھ ساتھ C.S.S کا امتحان پاس کر کے ضلعی انتظامی گروپ(District Management Group) حاصل کرنے میں کامیاب ہو گیا۔

دسمبر 1977ء میں جنرل ضیاء الحق کے مارشل لاء کے ابتدائی عرصہ میں یہ قائدِ اعظم یونیورسٹی اسلام آباد میں ماسٹرز کر رہا تھا تو ان کی کلاس کے طلبا و طالبات اور اساتذہ نے برفباری سے لطف اندوز ہونے کے لیے مری جانے کا پروگرام بنایا۔گاڑیوں کے اس قافلے کی سب سے اگلی اور شاندار گاڑی ان کی کلاس فیلو اور سابق وزیرِ اعظم شاہد خاقان عباسی کی ہمشیرہ محترمہ سعدیہ عباسی کی تھی، جس میں ان کے ہمراہ ہیڈ آف ڈیپارٹمنٹ ڈاکٹر پرویز اقبال چیمہ مرحوم اور ایک بریگیڈیئر صاحب کے صاحبزادہ صاحب ڈرائیونگ کر رہے تھے جو سب اچھے کپڑوں میں ملبوس تھے۔اس سندھی نوجوان نے سر پر قیمتی سندھی ٹوپی کے ساتھ خوبصورت اجرک کندھوں پر سجا رکھی تھی۔جیسے ہی یہ لوگ مری میں مال روڈ پر اترے تو ڈیوٹی پر کھڑا پولیس افسر اس نوجوان کو سندھی وڈیرہ یا گدی نشین اور ان کے امیر اور بلند عہدہ دار ہمراہیوں کو ان کے ملازم یا مرید وغیرہ سمجھ کر بھاگ کر اس کے پاس آیا اور سیلوٹ کر کے بڑے احترام سے کہنے لگا ''سر! ایران کے وزیرِ دفاع آئے ہوئے ہیں اگر آپ مہربانی فرما کر گاڑیاں نیچے کھڑی کر دیں تاکہ غیر ملکی مہمانوں کے لیے ٹریفک کا مسئلہ نہ ہو۔'' اس نے پولیس مین کی کیفیت بھانپ لی اور بے نیازی سے کہا ''اچھا میں دیکھتا ہوں۔'' ان کے

تمام ساتھی اس منظر پر کھڑکھڑا کر ہنس پڑے۔یہ وہ وقت تھا جب اس سندھی طالبعلم کے بقول اس کے پاس پرانی سائیکل بھی نہیں تھی۔

پہلی اولاد اور پہلے عہدے کا مزہ مرنے تک نہیں بھولتا۔سگنلز کور کے دیہاتی سندھی رنگروٹ کے لیے 1981ء میں سترہ گریڈ کے سیکرٹری ریجنل ٹرانسپورٹ اتھارٹی سکھر کا عہدہ سول جرنیلی کی پہلی سیڑھی ثابت ہوا۔پھر زندگی کی گاڑی مختلف سٹیشنوں پر رکتی ہوئی آگے بڑھتی رہی۔اسسٹنٹ کمشنر نواب شاہ و شہداد کوٹ، اٹھارویں گریڈ میں ڈپٹی کمشنر لاڑکانہ و نواب شاہ، انیسویں گریڈ میں لمبا قیام ڈپٹی کمشنر تربت و خضدار، ایڈیشنل سیکرٹری زراعت بلوچستان، ڈائریکٹر جنرل ماحولیات، ڈائریکٹر مالیات بلوچستان ترقیاتی اتھارٹی، ایڈیشنل ہوم سیکرٹری سندھ، بیسویں گریڈ میں ڈائریکٹر مالیات و برآمدات پروسیسنگ اتھارٹی، پاکستان کا اکلوتا بے وردی انسپکٹر جنرل برائے اسٹیمپ سندھ، ڈی سی او تھرپارکر و جیکب آباد، جوائنٹ سیکرٹری وزارتِ تجارت و وزارتِ مالیات، جوائنٹ سیکرٹری وزیرِ اعظم، اکیسویں گریڈ میں ایڈیشنل سیکرٹری وزارتِ تعلیم، ایڈیشنل سیکرٹری وزیرِ اعظم، بائیسویں گریڈ میں سیکرٹری بین المذاہب اور قومی ہم آہنگی بڑے سٹیشنوں میں شامل تھے۔یہاں تک کہ یہ بُلٹ ٹرین 27 جولائی 2012ء کو خانہ نشینی (ریٹائرمنٹ) کے آخری سٹیشن پر جا کر لنگر انداز ہو گئی۔

گورے کے دور میں C.S.S افسروں کو دورانِ تربیت چھ ماہ کے لیے فوج کے ساتھ وابستہ (Attach) کیا جاتا تھا،جو بعد میں کم کر کے تین ماہ کر دیا گیا۔اس وابستگی کے لیے ان کے نام 31 پنجاب رجمنٹ نکلی جس میں کرنل (بعد میں لیفٹیننٹ جنرل اور کمانڈر 10 کور) سلیم حیدر سی او (Commanding Officer) اور میجر فاروق کمپنی کمانڈر تھے۔ان دونوں افسروں نے بھرپور انداز میں تین مہینوں میں لڑاکا بٹالین اور فوج کے طریقہ ہائے کار، افسروں کے رہن سہن اور جوانوں کے ساتھ تعلق پر سکھلائی کرائی۔فوج میں تربیت کرنے میں سخت افسر اُس وقت جتنے برے لگتے ہیں بعد میں ساری زندگی کے لیے ان سے اتنا ہی پیار ہو جاتا ہے۔

1994ءمیں یہ سندھی رنگروٹ انیسویں گریڈ میں بلوچستان کے ڈائرکٹر جنرل تحفظ ماحولیات کی حیثیت سے ماحولیات پہ ایک کانفرنس میں شرکت کے لیے پشاور آیا تو 31 پنجاب کے میجر فاروق کو فون پر پشاور آمد کی اطلاع دی،جو اس وقت بحیثیت میجر جنرل کوہاٹ میں جی او سی (General Officer Commanding) تعینات تھے۔انہوں نے فورًا کوہاٹ آنے کے لیے گاڑی بھیج دی۔یہ پشاور سے کوہاٹ کے لیے روانہ ہوئے تو معلوم ہوا کہ ہوٹر بجاتی ایک گاڑی سندھی رنگروٹ کے آگے اور ایک پیچھے ہے۔کوہاٹ میں جنرل فاروق نے استقبال کرتے ہوئے بتایا کہ ان کی یونٹ بھی کوہاٹ ہی میں ہے اور وہاں تمام افسروں کے ساتھ ملاقات کرانی ہے جس کے لیے انہوں نے سی او کو بتا رکھا ہے۔کہتے ہیں کہ انسان، صنفِ نازک ہو یا صنفِ آہن، پہلی محبت نہیں بھولتے بس انسان ہونا شرط ہے۔اس کے سر پر وہی محبت عود کر آئی چنانچہ اس نے مطالبہ کیا کہ وہ یونٹ جانے سے پیشتر سگنلز تربیتی مرکز کا چکر لگانا چاہتا ہے،جہاں وہ رنگروٹ ''افسر'' بھرتی ہو کر آیا تھا۔جنرل فاروق نے کمانڈنٹ کو فون کیا، جو بلحاظ عہدہ بریگیڈیئر ہوتا ہے، کہ میرے ایک بہت خاص مہمان ہیں جنہیں آپ کے مرکز کا چکر لگوانا ہے۔

چنانچہ سی او 31 پنجاب کے ہمراہ وہاں پہنچنے پر کمانڈنٹ نے استقبال کیا جنہیں اس وقت تک اس سویلین سندھی افسر کی تاریخ کا علم نہ تھا۔افسروں سے ملاقات کے بعد انہوں نے وہیں سے بریگیڈیئر صاحب کو انگلی کے اشارے سے بتایا کہ میں سامنے والے دفتر میں بطور سپاہی کلرک بیٹھا کرتا تھا اور آپ کے دفتر کے سامنے سے گزرتے ہوئے ہم پاؤں سر پر رکھ لیا کرتے تھے،مبادا ہمارے پاؤں کی آہٹ بریگیڈیئر صاحب کی طبعِ نازک پہ مزاجِ یار کی طرح گراں گزرے۔کل کا رنگروٹ اپنی رنگروٹی والی جگہ پر کمانڈنٹ کے جَلو میں ڈائریکٹر جنرل بنے قدرت کے ناقابلِ یقین فیصلوں کو تکتے ہوئے اپنی آنکھوں سے آنسو اور کمانڈنٹ اپنی پیشانی سے حیرت، کوشش کے باوجود نہ چھپا پائے۔یہ سندھی رنگروٹ کی زندگی کا سب سے قیمتی اور یادگار لمحہ تھا۔

وہاں سے اپنی دوسری محبت 31 پنجاب پہنچے۔کیا منظر ہو گا کہ فوج کے سابق سپاہی اور آج کے بے وردی افسر کو باوردی افسر اور سردار صاحبان سیلوٹ کر کے اسقبال کر رہے تھے۔ انہیں بتایا گیا کہ یونٹ میں سندھی زیادہ ہیں یہاں تک کہ صوبیدار میجر بھی سندھی ہیں۔یہ بھی بتایا گیا کہ سندھی بہت اچھے مجاہد ہیں۔ہر کام سینیئر کی تشفی کے مطابق کرتے ہیں صرف او ایس ایل (Over Stay Leave) (چھٹی جا کر واپس دیر سے آنے) کا مسئلہ ہے۔چنانچہ ان کی ملاقات سندھی مجاہدوں سے کرائی گئی جن سے انہوں نے تشویقی (Motivational) گفتگو کی۔

فوجی رنگروٹ سے بائیسویں گریڈ کی سول جرنیلی حاصل کرنے والا یہ پہلا، واحد اور اکلوتا پاکستانی محمد جُمن جعفر جامڑو ہے۔

1989ء میں جمن صاحب جب ڈپٹی کمشنر نواب شاہ تھے تو انہیں سٹیل مل جانے کا اتفاق ہوا جہاں یہ جونیئر کلرک کی ڈیوٹی کرتے رہے تھے۔وہاں کے جنرل مینیجر شہداد سیال اور ناظم انسانی وسائل ( Manager Human Resource) ایک کرنل صاحب نے انہیں از حد عزت افزائی کی۔

1992ء میں بحیثیت ڈی سی تربت تعیناتی کے دوران ایک دن گورنر بلوچستان سردار گل محمد خان جوگیزئی کا تربت آنے کا اچانک پروگرام موصول ہوا۔انہوں نے ڈویژنل انجنیئر (D.E) فونز سے سرکٹ ہاؤس کے وی آئی پی روم میں فوری فون نصب کرنے کا کہا جس پر D.E نے انکار کرتے ہوئے جواب دیا کہ ٹیلیفون ابھی سرکاری محکمہ نہیں رہا اس لیے ڈیمانڈ نوٹس اور فیس جمع کرائے بغیر فون نہیں لگ سکتا۔ڈپٹی کمشنر نے کہا کہ آج چھٹی کا دن ہونے کی وجہ سے یہ کاروائی کل مکمل کر دی جائے گی آپ فون نصب کر دیں۔اچھے میل ملاپ رکھنے والے D.E کے نپے تلے انکار پر انہوں نے اس سے ایک بار پھر فون لگانے کے لیے سماجت کی جسے D.E نے کچھ سخت الفاظ میں جھٹک دیا ''میں ٹیلیفون نہیں لگا سکتا اور آپ میرا کچھ کر بھی نہیں سکتے کیونکہ میں فیڈرل گورنمنٹ کے ماتحت ہوں۔ ''

خانہ نشین فوجی کہتے ہیں بندہ فوج سے نکلتا ہے، فوج بندے سے نہیں نکلتی۔چنانچہ جمن بھی اس لمحے فوجی بن گئے ''جناب! آپ کو معلوم ہونا چاہیے کہ آپ اس وقت صوبائی حکومت کے علاقے میں ہیں۔'' اس نے تُرکی بہ تُرکی جواب دیا ''میرا دفتر وفاقی سرکار کے ماتحت ہے۔'' انہوں نے فوجی لہجے میں کہا ''جی بالکل تمہارا دفتر

مرکزی حکومت کا حصہ ہے لیکن دفتر سے باہر نکلتے ہی تم حکومتِ تربت کی حدود میں داخل ہو جاؤ گے تو تمہیں بے جا مداخلت (ٹریس پاس) کے جرم میں گرفتار کر لیا جائے گا۔" ساتھ ہی نائب تحصیلدار کو حکم دیا کہ لیوی (پولیس) کے اہلکار لے جا کر D.E فونز کو اطلاع پہنچا دے کہ دفتر کی حدود سے قدم باہر رکھتے ہی اسے گرفتار کر کے جیل پہنچا دیا جائے گا۔ایک طرف فون نہ لگنے تک D.C کی بالارادہ خاموشی اور دوسری جانب یقینی گرفتاری نے D.E کو فون لگانے پر مجبور کر دیا۔تھوڑی دیر میں سرکٹ ہاؤس سے کیئر ٹیکر نے فون پر اطلاع دی کہ متعلقہ کمروں میں دو کی جگہ تین فون نصب کر کے ایک آپریٹر ڈیوٹی پر مامور کر دیا گیا ہے۔ڈویژنل انجنیئر کی ڈپٹی کمشنر سے دو گھنٹے کی کاوش کے بعد بات ہوئی تو گھبراہٹ میں کہنے لگا "سر! حکم کی تعمیل ہو گئی ہے، مہربانی کر کے نائب تحصیلدار سے کہو کہ میری جان آزاد کرے۔"

اس واقعے کے چار پانچ ماہ بعد سیشن جج تربت نے ان سے کہا کہ ان کے نئے تعمیر شدہ سرکاری گھر میں فون نہ ہونے کی بنا پر آفس ٹائم کے بعد ہائی کورٹ سے اکثر رابطے کی ضرورت پڑنے پر مشکل پیش آتی ہے۔ D.E کے مطابق اس علاقے میں D.P نہیں ہے جس کے آنے میں مزید ایک مہینہ یا اس سے اوپر کا عرصہ لگ سکتا ہے۔جج صاحب سے شرط طے ہوئی کہ فون لگنے کی صورت میں D.E کی سفارش نہیں کریں گے۔D.C نے آفس سپرنٹینڈنٹ کے ذریعے پیغام دلوایا کہ سیشن جج کے گھر فون لگا کر اطلاع دیں تاکہ تربت سرکار جیسا کوئی قانون حرکت میں نہ آ جائے۔آدھ گھنٹے بعد فون لگنے کی اطلاع موصول ہو گئی۔D.E نے سیشن جج کے دفتر میں ڈیرہ ڈال دیا کہ جب تک معافی لے کر نہیں دیتے وہ دفتر میں ہی بیٹھا رہے گا۔چنانچہ انہوں نے ڈپٹی کمشنر سے معافی لے کر دی۔

2005ء میں ایک جمعہ کی دوپہر صوفی نذیر صاحب کی زیارت کے لیے جمن صاحب کے ہاں حاضر ہوا تو وہاں سی ڈی اے (Capital Development Authority) کے ڈائریکٹر جنرل سلیمان سہتو بھی موجود تھے۔صوفی صاحب نے ان دونوں سے داڑھی رکھنے کا کہا۔سلیمان صاحب نے تسبیح تھاما دایاں ہاتھ سینے پر رکھا اور کہا "سائیں! جو شیو کر لی ہے یہ آخری ہے۔" جمن صاحب نے ہلکا سا سر ہلایا تو صوفی صاحب نے فرمایا "جمن! تم جاؤ اور میری بیٹی کو بلا کر لاؤ، تمہاری مشکل آسان کر دوں۔" جمن صاحب گئے اور بھابی صاحبہ کو بلا لائے۔صوفی صاحب نے انہیں کہا "بیٹی! میں جمن کو داڑھی رکھوانے لگا ہوں، تمہاری اجازت کی ضرورت ہے، تم اجازت دے دو تمہیں بھی ثواب ملے گا۔" اس جنتی خاتون نے ایک لمحہ ضائع کیے بغیر کہا "آپ کا حکم سر آنکھوں پر۔" جمن صاحب کی وہ آخری شیو تھی۔صوفی صاحب نے بتایا کہ حدیث مبارک میں وارد ہوا ہے کہ نبی علیہ الصلوٰۃ والسلام کی ایک سنت زندہ کرنے پر سو شہیدوں کا ثواب ملتا ہے۔یہ کہہ کر فرمایا "یاد رکھو! سیدنا حمزہ بن عبدالمطلب (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) ایک شہید ہیں۔" صوفی صاحب کے حکم پر جمن صاحب نے مئی 2001ء میں منزلوں کے ساتھ قرآنِ پاک کی تلاوت کا آغاز کیا۔تب سے جمعہ کے روز قرآنِ مجید شروع کر کے ساتویں دن جمعرات کو مکمل کرتے آ رہے ہیں۔ اگر کبھی ناغہ ہو جائے تو اگلے دن پورا کرتے ہیں۔

سپاہی سے جرنیل بننے کا اعزاز بہت لوگوں کے مقدر میں لکھا تھا،لیکن **سپاہی سے وفاقی سیکرٹری بننے کا انعام**

**اللہ تعالیٰ نے ابھی تک صرف محمد جمن جامڑو کے نصیب میں ہی لکھا ہے۔**انہوں نے ترقی، منزلِ مقصود کے حصول اور نئی منزلوں کے متلاشیوں کے لیے اپنی جدوجہد پر مبنی "سپاہی سے وفاقی سیکرٹری" کے نام سے سندھی میں کتاب لکھی ہے، جس میں میرا یہ مضمون اردو اور سندھی میں شامل ہواہے۔اس کتاب کے مسودے کا اردو ترجمہ جاری ہے جو جلد شائع ہو جائے گا۔اس کتاب میں انہوں نے جو پیغام دینے کی کوشش کی ہے اس کا خلاصہ یہ ہے کہ منزل کے حصول کے لیے اسباب کی کمی کی بجائے مسبب الاسباب پر کامل بھروسہ، ہمت، محنت اور لگن سے گامزن رہنا:

یقین محکم، عمل پیہم، محبت فاتحِ عالم
جہادِ زندگانی میں ہیں یہ مردوں کی شمشیریں

بلند سے بلندتر پرواز کی لگن سے بھرپور، مقصد کے حصول کے لیے انتھک محنت کے عادی جمن کے لیے خانہ نشینی میں فراغت کی زندگی گزارنا نہ صرف بے چین روح کے ہم مزاج نہ تھا بلکہ پرواز میں کوتاہی کا سبب اور صحت کے لیے نہ راس آ سکنے کا بہانہ بھی تھا۔لٰہذا جھپٹتے، پلٹتے، پلٹ کر جھپٹتے رہے تاکہ گرم لہو سرد نہ ہونے پائے۔ہمت و ترقی کی دنیا کا یہ شاہین آشیانے کا قائل نہ ہو سکا،چنانچہ کچھ مصروفیتیں اپنائیں، آزمائیں، چھوڑیں اور پھر نئی منزلوں کی طرف گامزن ہو رہا۔انہی تجربات سے گزرتے ہوئے بالآخر سندھ کے پسماندہ صوبے اور پسے ہوئے سندھی عوام کی ترقی کی خاطر قائم کی جانے والی دو تنظیموں میں شرکت اختیار کر کے رضاکارانہ خدمت میں مصروف عمل ہے:

پہلی رجسٹرڈ تنظیم بصیرتِ سندھ (The Sindh Vision) ہے۔جس کے تقریباً 77ہزاراراکین ہیں، جس کا مقصد حکومت کو بڑے مسائل کی نشان دہی کرنے کے علاوہ ان پر تحقیقی کام کر کے اس کے عملی حل پیش کرنا ہے۔ یہ تنظیم چنے ہوئے مسائل پر سیمینار منعقد کر کے اس میں پڑھے جانے والے تحقیقی مقالے حکومت اور عوام کے سامنے رکھتی ہے۔مارچ 2018ء میں کراچی میں تھر کول پر تحقیق کرنے کے بعد یہ رائے قائم کی کہ اس کے فائدے زیادہ اور محدودات نہایت کم ہیں،جس کے نتیجے میں اس منصوبے کی مخالفت میں واضح کمی آ گئی ہے۔ایک سیمینار نومبر 2018ء میں پانی کے ذرائع کی تلاش (Tapping of Water Resources) کے عنوان سے منعقد کیا گیا، جس میں پڑھے جانے والے مقالے (Dams and Barrages in Focus: Reservations of Small Federating Units) کے عنوان سے کتابی صورت میں شائع ہو چکے ہیں۔

بصیرتِ سندھ کے تقریباً 2 ہزار رجسٹرڈاراکین میں سے کچھ لوگ رضا کارانہ ہزار روپیہ ماہانہ حصہ ڈالتے ہیں، جس سے تنظیم کے اخراجات اٹھائے جاتے ہیں۔جمن صاحب اس کی چھ رکنی مجلسِ انتظامیہ (Executive Council) کے رکن اور شعبہ مالیات کے سربراہ ہیں۔5 اکتوبر 2019ء کو "سندھ کے مسائل پر مکالمہ" (Dialogue on Sindh Issues) کے عنوان سے سیمینار منعقد کیا گیا، جس میں سابق گورنر سٹیٹ بینک ڈاکٹر عشرت

حسین، سابق چیئرمین بورڈ آف انویسٹمینٹ سید محب اللہ شاہ، وزیرِ اعظم کے سابق پرنسپل سیکرٹری اور سابق سی ای او اینگرو شمس الدین شیخ جیسے لوگوں نے خیالات کا اظہار کیا۔اس سیمینار میں پڑھے جانے والے مقالہ جات حکومت اور عوام کے سامنے پیش کیے جانے کے لیے ترتیب اور اشاعت کے مراحل طے کر رہے ہیں۔

دوسری تنظیم 1971ء میں سندھی شہریوں کی سماجی بہبود (Social Welfare) کے لیے قائم ہونے والی سندھ گریجوئیٹس ایسوسی ایشن (Sindh Graduates Association) (SGA) سگاہے۔کوئی بھی سندھی گریجوئیٹ اس کا رکن بن سکتا ہے۔سگا کی اسلام آباد شاخ کے صدر یہی جمن جامڑو ہیں۔نوکری کے لیے سندھ سے اسلام آباد منتقل ہونے والی خواتین کا سب سے بڑا مسلہ رہائش ہوتا ہے۔ چنانچہ جمن صاحب کے زیرِ نگرانی تقریباً اَسی (80) خواتین کے لیے اقامت خانہ (ہوسٹل) کی تعمیر آخری مراحل میں ہے۔اس اقامت خانہ کی تعمیر کے اخراجات کے لیے حکومتِ سندھ کو قائل کیا گیا، جبکہ روز مرہ کے اخراجات سگا کے اراکین برداشت کر رہے ہیں اور کرتے رہیں گے۔

چند دن قبل جمن جامڑو غریب خانے پر تشریف لائے تو میں نے اپنی مصروفیات کا ذکر کرتے ہوئے انہیں بتایا کہ میں آج کل سورۃ النساء کا ترجمہ اس انداز میں کرنے کی کاوش کر رہا ہوں کہ میٹرک پاس آدمی پڑھے تو اسے مطلب سمجھنے کے لیے تفسیر یا حاشیہ نہ دیکھنا پڑے۔اس کی تکمیل کے بعد سورۃ المائدہ، سورۃ الاحزاب اور سورۃ النور کا ترجمہ کا بھی ارادہ ہے۔انہوں نے دلچسپی کے ساتھ کچھ آیات کا ترجمہ سنانے کو کہا۔یہ ترجمہ تین تراجم کے ساتھ موازنہ کر کے سنایا تو بہت خوش ہوئے اور اپنے ارادے کا اظہار کیا کہ وہ اسی ترجمہ کو سندھی زبان میں منتقل کریں گے۔ان شاء اللہ ترجمہ مکمل کر کے دو علماء کو دکھا کر جمن صاحب کو سندھی ترجمہ کے لیے پیش کر دوں گا۔ان کے ترجمہ میں اردو اور سندھی دونوں ترجمے شامل ہوں گے۔

کیا کوئی شخص تصور کر سکتا ہے کہ خالق کی حسین ترین اور محبوب ترین مخلوق کی بے لوث خدمت کرنے والے کو اللہ تعالیٰ انعامِ عظیم سے محروم رکھے؟ اللہ تعالیٰ نے انہیں آقاءِ دو جہان، ہر مسلمان کے دل و جان، حضرت محمد مصطفٰےﷺ کی گارڈ ڈیوٹی کی سعادت نصیب فرمائی۔ پیر الطاف ہاشمی کو خالقِ کائنات نے اَن گنت نعمتوں میں سے ایک نعمت اس شخصیت کے ساتھ تعلق کی صورت میں عطا فرمائی۔

**کرنل (ر) پیر الطاف ہاشمی**

22اکتوبر2019ء

22 صفر1441ھ

# محمد جمن چانڊيو: سنڌ جو برجستو سپاهي

هن ڪتاب جو مصنف سائين محمد جمن چانڊيو همت، حوصلي ۽ توڪل وارو انسان آهي، جنهن جو ڪنهن سردار، جاگيردار يا وڏيرن جي خاندان سان ڪو تعلق ناهي، هن هڪ سنڌ جي پهراڙي جي ان خاندان ۾ اک کولي، جن جو گذارو "جو ڪيڙي سو کائي" ۽ "آٽين ۽ چاڙهين" واري طبقي سان آهي. هن فوج ۾ سپاهي ٿيڻ کان وٺي وفاقي سيڪريٽري جي عهدي تي پهچڻ تائين ڪنهن وڏيري يا سياستدان کان سفارش نہ ڪرائي، فقط خدا تي توڪل ۽ پنهنجي مسلسل محنت ۽ قابليت سان ئي اعليٰ عهدن تي پهتو.

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ بہ واندو نہ ويٺو آهي ۽ روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ عملي ڪم ڪندو رهي ٿو الله پاڪ هن کي سهڻي صورت ۽ سهڻو اخلاق ڏنو آهي، هن پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کي قلم ۽ ڪاغذ جي ذريعي اسان پڙهندڙن تائين هن سوانحي ڪتاب جي شڪل ۾ هڪ تحفو ڏنو آهي، جنهن ۾ وڏا انڪشاف بہ آهن تہ عملي ڪارڪردگي بہ آهي، سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي تاريخ بہ آهي ۽ سياستدان جي حسين ڪارڪردگي بہ شامل آهي تہ هنن سنڌ سان ڪهڙا وکر وهايا آهن، سنڌ مان ستر سيڪڙو پيٽرول ۽ گيس پوري ملڪ لاءِ نڪري ٿو سنڌ ۾ سمنڊ، بندرگاهہ، درياءُ، ڍنڍون ۽ ڍورا، ڪوٽ ۽ قلعہ تہ اڱيئي هيا، پر هاڻوڪي سنڌ جي خوشحالي اسان جي سامهون آهي.

اسان جي سنڌ آغا محمد يعقوب، آغا عبدالنبي عليگ، سائين ڪيپٽن عثمان علي عيساڻي، محمد هاشم ميمڻ، عبدالله جي ميمڻ، اشفاق ميمڻ، هاشم لغاري ۽ بيا ڪيترائي ان جهڙا عظيم آفيسر بہ ڏنا جن سموري زندگي ايمانداري ۽ قابليت سان سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي،

شير محمد خدا بخش عالماڻي (ايس ڪي بلوچ)، سيد مومن علي شاهہ، محمد ابراهيم سمون، اي اين جي عباسي ۽ علي نواز ميمڻ جهڙا انجنيئر بہ ڏنا جن سنڌ جي پاڻي ۽ نهري نظام جي حفاظت ڪئي ۽ حق ۽ سچ لاءِ آواز اٿاريو.

سنڌ ڊاڪٽر اي ڪيو ڪي افغان، سائين وڏل شاهہ، ڊاڪٽر ايم اي قاضي جهڙا بہ انسان پيدا ڪيا، جن سنڌ کي اهي نوجوان انجنيئر ۽ سائنسدان ڏنا، جن جو ڪو اوهي واهي ڪونہ هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ون يونٽ جي زماني تائين سنڌ جي ماڻهن کي اهو اعتراض هوندو هو تہ سنڌ ۾ سنڌي آفيسر ڪونہ آهن، رڳو ڏاريا حڪمران پيا راڄ ڪن، پر 1973ع جي دستور ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي شهري ۽ پهراڙي لاءِ ڪوٽا مقرر ڪئي وئي. وفاقي ۽ صوبائي کاتن ۾ سنڌ جا تعليم يافتہ نوجوان ڀرتي ٿيڻ لڳا ۽ الله جي فضل سان هاڻي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس جي عهدن تي بہ سنڌي

آفيسر موجود آهن، پر پوءِ بہ سنڌ اڄ اُهوئي سوال ڪري ٿي تہ اسان جا اسڪول هزارن جي تعداد ۾ بند ڇو آهن؟ ۽ جيڪڏهن کليل بہ آهن تہ اتي تعليم ڇو نظر نٿي اچي؟ سنڌ جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ اسي سيڪڙو ٻارن کي اسڪولي ڊريسون، پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ پيرن ۾ بوٽ پاتل ڪونهن، سنڌ جي 99 سيڪڙو اسڪولن ۾ لائبريرون ڪونهن، اهوئي حال سرڪاري اسپتالن جو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر تہ آهن پر دوائون ۽ علاج جون ٻيون سهولتون ڪونهن، مريضن کي دوا وٺڻ، ايڪسري ڪرائڻ ۽ ليبارٽري جي ٽيسٽن لاءِ پرائيويٽ اسپتالن يا سينٽرن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو.

هينئر هر ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر، پوليس سربراهہ ۽ سيشن جج، سڀ سنڌي آفيسر موجود آهن، پر اُهي ڪڏهن بہ ڪنهن اسڪول ۽ اسپتال جو دورو نٿا ڪن، نہ وري شهرين جا مسئلا حل ڪرائين ٿا. انهن جو تعلق فقط وقت جي حاڪمن جي پوئواري ۽ تابعداري ڪرڻ آهي. اهو سوال هن ڪتاب ۾ بہ موجود آهي ۽ ان جو جواب بہ موجود آهي. سائين محمد جمن ڄامڙو فوجي سپاهي جي حيثيت سان پنهنجي نوڪري جو آغاز ڪيو، پر پوءِ ڊي سي ۽ صوبائي ۽ وفاقي سيڪريٽري بڻجڻ تائين پنهنجي سپاهي هجڻ واري جذبي کي قائم رکيو. هن سنڌ جون يونيورسٽيون بہ ڏٺيون ۽ اتان جا شاگرد ليڊر بہ ڏٺا، نوڪري جي دوران سنڌ جا سياستدان بہ ڏٺا.

سنڌ جي موجوده تصوير هن ڪتاب ۾ چٽي نظر اچي رهي آهي، جيڪا اوهان بہ ڏسوءِ خاص طور تي اُهي سنڌي آفيسر جيڪي هن وقت سنڌ جي وڏن عهدن تي موجود آهن، اهي سنڌ جي ان سوال جو جواب ڏين.

**آغا نور محمد پٺاڻ**
چيف ڪوآرڊينيٽر
انڊس ڪاٽيج لائبريريز نيٽورڪ
اسلام آباد، پاڪستان
موبائل: 0300-2161624
23-10-2019

# سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين

سائين محمد جمن صاحب جن جي زندگيءَ جي سفر جي ڪهاڻي منهنجي نظر کان گذري، مون ان کي ڏاڍو پسند ڪيو. جو سائين پوري پوري ايمانداريءَ سان ان ۾ هر هڪ شئي بيان ڪئي آهي، ساڳ اهڙي انداز ۾ ته جيئن نه صرف اها پڙهندڙن کي وڻندڙ لڳي پر ان ۾ پيغام به ساڳي وقت هجي. اهڙي قسم جي مواد مان پڙهندڙ ڪڏهن به نه ٿڪبو آهي، ڇوته هو ائين محسوس ڪندو آهي ته ڄڻ هو پاڻ انهن واقعن مان گذري رهيو آهي. ساڳي وقت هو ان پيغام ذريعي پنهنجي اصلاح به ڪندو آهي.

پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ جو خاص مقصد به اهوئي هوندو آهي ته پويان ايندڙ نسل کي انهن حقيقتن کان واقف ڪجي. جيڪي هن کي ڪنهن به درسي يا ٻئي ڪتاب ۾ نه ملنديون. اها اهڙي ڄاڻ آهي جيڪا ڪنهن به انسان کي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي اهڙي جهلڪ مهيا ڪري ٿي، جيڪا ايندڙ نسل لاءِ وڏي اهميت واري هوندي.

هن ڪتاب ۾ به اهڙي قسم جي معلومات ڀن نڪتن تي ٻيڻل نظر ايندي. هڪ ته ان انسان جي همت جي سطح تي هن ڪهڙيءَ ريت سپاهي کان وينٺي وفاقي سيڪريٽريءَ تائين رتبو ماڻيو ۽ سول سروس جي معراج تي وڃي پهتو. اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو نڪتو آهي. جيڪو هر محنت ڪرڻ واري لاءِ وڏي مشعل راهه بڻجي سگهي ٿو. ڪوبه انسان پڙهڻ ڪهڙي به حيثيت وارو هجي، ان کي ڪتاب جو نالو پڙهڻ سان ئي پنهنجي اندر مان ضرور هڪ آواز ايندي محسوس ٿيندو ته واهه جو ماڻهو آهي. جيڪو پنهنجي جستجو ۾ ذرو به پنتي نه هٽيو ۽ هڪ ننڍڙي عهدي يعني سپاهيءَ کان وينٺي وفاقي سيڪريٽري تائين وڃي پهتو. اهو تمام وڏو نڪتو آهي. جيڪو اندرين مواد کان به وڌيڪ اهم آهي.

ٻيو جيڪي به سول سروس وارا آفيسر يا اميدوار هوندا، اهي ضرور به ان ڪتاب کي پڙهندا، ڇوته ان جو عنوان ئي اهڙي قسم جو آهي. انهن ۾ ٻين اهڙي قسم جي اميدوارن لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ اهو هڪ قسم جو وڏو پيغام آهي، يعني جيڪڏهن ڪوبه انسان سپاهيءَ کان وڃي سيڪريٽري تائين پهچي ٿو ته ان جو مطلب آهي ڪوبه ٻيو انسان سخت محنت ڪندي والدين جون دعائون ۽ الله جي رهبريءَ سان ان منزل تي پهچي سگهي ٿو.

ڪتاب جو ٻيو اندريون مواد هڪ عملي زندگيءَ جي جهلڪ آهي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي تمام گهڻي اهميت واري آهي، ڇوته ان ۾ اهڙا ته پهلو بيان ڪيل آهن. جيڪي هڪ ٻئي کان بنهه مختلف آهن ۽ اهي سماجي زندگيءَ ۾ فقط ان کي نظر ايندا آهن جنهن جي اندرين اک بيدار هوندي آهي.

انهن عنوانن جي ان ڪري به اهميت سمجهڻ گهرجي ته اهي معاشري جي گرمي پد ماپڻ جو هڪ

انمول طريقو آهن. ۽ انهن مان معاشري جي نہ رڳو صحت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو پر ان مان ڪافي مطلب ڪڍي سگهجن ٿا.

جيڪڏهن عنوانن کي ڏسجي تہ اهي زندگيءَ جي وهنوار جو هڪ مربوط نمونو پيش ڪن ٿا، هڪ ٻئي کان ان ڪري مختلف آهن جو ان ۾ حقيقت مختلف بيان ٿيل آهي، پر ان جو چيڙو هڪ ئي سوچ سان ملي ٿو جيڪي معاشري کي ان حالت ۾ رکي هلائڻ جا ذميوار آهن. نہ تہ ڪاڏي مير هزار خان بجاراڻيءَ جي طبيعت جو انداز ڪاڏي سرجان جيڪب جو گهڙيال ناهي پاڻ کي جيڪب آباد ۾ دفن ڪرائڻ ۽ ڪاڏي وري سائين جي ايم سيد جو شڪارپور جو دورو ۽ اتي وچي حاجي مولا بخش سومري جي دعوت ۾ حاضري ۽ ڪاڏي وري سنڌ ۾ سيدن جو اتحاد.

وري اچو بلوچستان جي حالتن تي، سائين انهن سان بہ انصاف ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. بلوچستان ۾ اقربا پروري ۽ ڪرپشن جا مثال ۽ ڪيڏانهن وري مڪران ۽ خضدار جي ماڻهن جي طبيعت ۾ فرق سمجهائڻ خاطر جيڪي ڳالهيون ۽ نڪتا بيان ڪيا اٿس، اهي ائين ئي آهن جيئن ڪوبہ سمجهدار انسان محسوس ڪري. اها عميق نظري (Insight Fines) هر هڪ وٽ ڪونهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پيپلز پارٽي جي 2008ع کان 2013ع واري دور ۾ بلوچستان ۾ ڪرپشن تمام گهٽي تي ۽ ان ڪانپوءِ جيڪي ڪرپشن جا قصا ٽيليويزن ذريعي تمام ٿيا، اهي بہ ڪي گهٽ سطح جا نہ هئا. اسانجي همراهن سنڌ ۽ بلوچستان کي چڱيءَ طرح سڃاتو آهي.

سائين جمن صاحب پاڪستان سيڪريٽريٽ جا قصا بہ چڱيءَ طرح وائکا ڪيا آهن. انهن ۾ مختلف صوبن جي ماڻهن جو تناسب ۽ رويا ايمانداريءَ سان کولي واضح ڪيا اٿس ۽ اهو بہ ٻڌايو اٿائين تہ زرداريءَ جي دور ۾ سنڌي ننڌڪا هئا. ان ۾ تہ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اهي اڳ ۾ بہ ننڌڪا رهندا آيا هئا، فرق صرف ايترو هوندو آهي جو زرداريءَ کان سنڌ جي وفاق ۾ وينل آفيسرن جون اميدون پوريون نہ ٿي سگهيون، ڇوتہ هو ائين ڪرڻ جي قابل ئي نہ آهي.

سائين جو وهاڙيءَ ۾ منهاس فارم جو دورو ۽ ان متعلق معلومات بہ ڪا گهٽ اهميت جي حامل نہ آهي، اتي ڪير وارن جي معاملن کان وينڊي ڪميونٽي سسٽم جي ڳالهہ بہ گهٽي ڪم واري آهي. ساڳئي وقت ملتان جي ميئر جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون ڏنل آهن، اهي بہ اڄوڪي دور جون اهم شيون آهن. جمن صاحب جن جو يوسف رضا گيلانيءَ سان ملتان جو دورو ڏاڍو وٽندڙ آهي ۽ جنرل مشرف جو سرٽيفڪيٽ ورهائڻ ۽ طريقہ ڪار استعمال ڪرڻ ٻڌائي ٿو تہ طريقا اهي ئي آهن يعني انگريزن وارا پر شڪليون تبديل ٿي ويون آهن.

سائين ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون لکيون آهن، ۽ پنجاب جي بيورو ڪريسيءَ کي بہ وائکو ڪيو اٿائين تہ اها حقيقت ۾ گهٽائي جي ڪري رعب ۽ دبدبي سان آهي، نہ تہ انهن جو حال بہ اسانجي عام پڙهيل ماڻهوءَ کان ڪو سنو ڪونهي. سائين هڪ پراجيڪٽ جي ان سلسلي ۾ ڳالهہ ڪئي آهي، يعني يوسف رضا گيلاني صاحب اُچ شريف کي ڳنڍڻ لاءِ هڪ پل پئي ٺهرائي پر پنجاب وارن پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ جي آفيسرن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ آيا اِها پل سنڌو درياهہ تي ٺهندي يا ستلج نديءَ تي.

سائين ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ جي نوڪري دوران هڪ ٻيو اهڙوئي مثال پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ سائين ٻڌائي ٿو ته ڪو گجرات جو پٺتي جيڪو پاڻ کي نواز شريف جو پي اي پيو سڏرائي، اهو سائين وٽ آيو ڪلرڪي مان ماسترءَ جو ڪيڊر بدلرائڻ ته سائين هن کي سڌي ڳالهه ٻڌائي ته اها شئي نه ٿي سگهندي، جنهن تي هن وڃي چيو ته جيڪڏهن تنهنجو پنهنجو سنڌي هجي ها ته ضرور هن کي ڪيڊر بدلائي ڏئين ها. جنهن تي سائين هن کي هلڪي دڙ پٽي ۾ ڳالهه ڦيرائي هن کان ڊگري پڇيائين ۽ پڇيائينس ته ليه ضلعو ڪٿي آهي؟ جتي هينئر تازو بس ڪلٽي ٿي آهي. ان تي هن چيو ته اهو سنڌ يا بلوچستان ۾ هوندو ۽ اهو به چيائين ته هو ايم اي (اڪانامڪس) ۾ پاس ٿيل هيو. پوءِ سائين وري هن کي اهڙي ڳالهه تي چنڊ پٽي ۾ چيائينس ته بدنام ته سنڌي آهن، پر توهان جو ڪهڙو حال آهي؟ اهڙيون ننڍڙيون پر وڏنڊڙ ڳالهيون ۽ اهڙي طريقي سان سائين کان سواءِ ٻيو ڪوبه نٿو ڪري سگهي.

وري وٺو سائين جي هڪ ٻي ڳالهه، اها آهي لياقت جتوئيءَ جي چيف منسٽريءَ ۾ ايم ڪيو ايم وارن جا مزا، ان ۾ ته ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کانسواءِ ٻيو جيڪو به چيف منسٽر هوندو آهي اهو ايم ڪيو ايم جو ڏيجو هوندو آهي، ۽ انهن کي ئي اهميت ڏيندو آهي، ڇوته هڪ ته پنهنجن کي ڪجهه به نه سمجهندو آهي، ٻيو اهي ويچارا اوستائين پهچ به گهٽ رکندا آهن، تيون اهڙن چيف منسٽرن وٽ سنڌ جي ترقيءَ لاءِ ڪوبه پروگرام ۽ بصيرت نه هوندي آهي.

ايم ڪيو ايم وارن لياقت جتوئي صاحب کي خوب استعمال ڪيو. هن جي ذريعي ڪافي ڪم ڪرايائون. ان وقت ۾ هنن جي هزارين ڪارڪنن کي اين آر او (NRO) مليو ۽ هو جيلن مان ڪڍيا ويا. اهڙيون پيراڻيون ۽ تفصيلي ڳالهيون فقط سائين جي ڪتاب ۾ ملنديون ۽ ان پوري انفارميشن کي بهتر طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب ته هڪ چڱو خاصو ڄاڻ جو ذخيرو آهي، جنهن ۾ هر عنوان مختلف آهي، وري اڇو ٿرپارڪر تي، جنهن جي لاءِ سائين ان کي سنڌ جو خزانو ڪوٺيو آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو واقعي خزانو آهي، پر ڪنهن جي لاءِ؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي، ڇوته اهڙين شين مان اسين فائدو وٺي نه ڄاڻون، ڇوته هڪ ته اسان وٽ ان جي لاءِ هنرمند ماڻهن جي ڪوٽ، ٻيو حڪومت جي نيت خراب ۽ ٽيون شڪارين جون نظرون.

سائين ٿرپارڪر جي جانورن لاءِ به هڪ عجيب ڳالهه لکي آهي ته جڏهن ڪوبه هتان جو همراهه انهن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته اهي جانور هندوستان جو بارڊر ٽپي (ڇوته اڳ ۾ بارڊر تي تار لڳل نه هوندي هئي) آهستي آهستي هلڻ شروع ڪري ڏيندا هئا، يعني جانورن کي به خبر هئي ته اُتان وارا ماڻهو انهن کي پڪڙڻ لاءِ ڪا چڱي نيت ڪونه ٿا رکن.

سائينءَ جي ڪتاب ۾ به چڱيون ڳالهيون لکيل آهن، هڪ جو واسطو سائين سان آهي، جڏهن هن لاهور ۾ ٽريننگ جي دوران جنرل صاحب کي جواب ڏئي سمجهايو ته سنڌي جاهل ۽ بزدل نه آهن. جنهن تي جنرل کي سنڌين بابت پنهنجا لفظ واپس وٺڻا پيا ۽ اها هڪ اڻ ٽيڙي ڳالهه هئي پر سائين جي همت جي ڪري اها هڪ بهترين ڳالهه ٿي ۽ سيني ٽريننگ ڪندڙن کي چڱي ريت معلوم ٿي.

اِهي اُهي آهن ڳالهيون جيڪي اسان کي ڪنهن به تدريسي ڪتاب ۾ نه ملنديون، اهڙيون شيون فقط سوانح جهڙن ڪتابن جي زينت هونديون آهن. جن مان سائينءَ جو ڪتاب هڪ بهترين انداز ۾ لکيل آهي ۽ اهو چڱي طرح پيغام پهچائي ٿو.

هيو قصو آهي چوڌري منور جو. جيڪو هڪ سک نالي گرو جو اڪيلو پٽ هو. اهو سک پاڪستان قائم ٿيڻ کان ٿورو اڳ ۾ مسلمان ٿيو ۽ پنهنجو نالو غلام رسول رکيو هئائين. جنهن اتان جي مسلمان عورت سان شادي ڪئي ۽ ان مان هن کي چوڌري منور ڄائو. اصل ڳالهه ان جي موت کانپوءِ شروع ٿي. هن کي 1300 ايڪڙ زمين هئي، جنهن تي هڪ زميندار جي نظر هئي، اهو هيو ڏوگر. ان غلام رسول جي مرڻ کانپوءِ زمين ڦٻائڻ جي نيت سان سندس بيواهه ڏانهن شاديءَ جو پيغام موڪليو جيڪو رد ڪيو ويو. ائين ڪرڻ کانپوءِ هن اچي سندس صغير پٽ منور کي ڪوڙي قتل جي ڪيس ۾ ڦاسايو جتان هو جلدي آزاد ٿي ويو، ڇوته هن جي عمر ننڍي هئي. وري وڏي ٿيڻ کانپوءِ هن کي هڪ ٻئي قتل جي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو جنهن جي ڪري هو 13 سال جيل ڪاٽي آزاد ٿيو. ان دوران ڏوگر اليڪشن کٽي ڄاڻي واڻي اويڪيو پراپرٽي واري محڪمي ۾ آيو. جتي اچي هن بدنيتي سان ان مسلمان ٿيل سک جي ملڪيت کي هندن جي ڇڏيل ملڪيت ۾ شامل ڪري اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ (ETPB) ۾ شامل ڪرايو. جنهن جي مخالفت ۾ منور ڪيس ڪيو ۽ اهو ڪيس ڪورٽن مان ٿيندو آخر اچي سائين وٽ پهتو. جنهن جي لاءِ منور جي مخالفت ۾ پنجاب جا ٻه منسٽر سائينءَ کي ٽيليفون ڪندا رهيا ۽ پنجن ڪروڙن جي ٻه آفر ٿي، پر سائين فيصلو ان چوڌري منور جي حق ۾ ڪيو اها هڪ تمام بهترين ڳالهه هئي.

سائين هن ڪتاب ۾ پنهنجي ٻاهرين ملڪن جي دورن جي ٻه ڳالهه ڪئي آهي، خاص طور تي ماسڪو ۽ واشنگٽن جي دورن جي، اتان جون چڱيون خاصيون ڳالهيون ڪيون اٿائين. جيئن اهڙن دورن ۾ ٿيندو آهي ته نالي واريون جايون گهمبيون آهن. اتي سائين غلطيءَ سان ماسڪو ۾ سردي دوران هڪ سفيد پاڻيءَ وانگر ڪا شئي پيتي، جيڪا بعد ۾ پتو پيو ته ماسڪو براندي هئي. جنهن تڏ جو اثر ختم ڪري ڇڏيو ۽ لينن گراڊ ۽ پيٽرو گراڊ ٻه سائين جن گهميا ۽ ٻين ماڳن تي پڻ ويا.

واشنگٽن ۾ سائين وري پنهنجي هڪ دوست ممتاز پٽي جو تذڪرو ڪيو آهي، جيڪو وٽندڙ آهي، جيڪو سائين کي هوائي اڏي تي وٺڻ آيو هيو بعد ۾ هنن گڏجي ماني کاڌي، جنهن جو بندوبست ممتاز پٽي جي گهر ۾ هن جي گهرواري ڪيو هيو. ان کان علاوه جيڪي ٻه ڪتاب ۾ عنوان آهن، ڏاڍا وٽندڙ آهن جيڪي چڱيءَ طرح پڙهڻ کپن. ڪتاب معلومات جو خزانو آهي ۽ اهو ڪتاب سيني کي پڙهڻ گهرجي. ان جي لاءِ ان ڪتاب کي لائبريرين ۽ ٻين جاين تي رکيو وڃي، نه فقط اهو پر مون سائين کي عرض ڪيو هيو ته ان جون ٻه ٽي سؤ ڪاپيون ائين دوستن کي ۽ ٻين سنڌين کي ورهائي ڏي، سائين کي اهڙي زندگي جي کهاڻي لکڻ تي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو.

مون کي هڪ ٻيو نڪتو ياد آيو جنهن جو واسطو ڪتاب جي عنوان ”صوبيدار ۽ ٽپيدار جي بدلي نه ٿيندي“، اهي ٻئي شخصيتون اسانجي معاشري ۾ ڏاڍيون طاقتور آهن ڇوته سيئي سياستدان انهن ٻنهي کي استعمال ڪندا آهن. ڇوته ملڪ ۾ حڪومتون عوامي ۽ حقيقي نه هونديون آهن. ان ڪري

اهي ٻئي شخص هن دور ۾ ٻه پاڪستان ۾ طاقتور آهن. اهڙي شئي کي هاڻي تبديل ٿيڻ گهرجي.“

**انجنيئر مومن علي شاهه**
خانپور, ضلعو شڪارپور
03335181385

بِسۡمِ الله

# هن ڪتاب بابت

آتم ڪهاڻي دنيا جي سيني ٻولين جي ادب جي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي سڄي حياتيءَ جو سربستو احوال بيان ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ ٻڌائڻ جهڙا چڱا يا لڱا ڪم يا عمل هوندا ته انهن کي لکت ۾ آڻبو پر جيڪڏهن ڪو انسان ڄمڻ کان مرڻ تائين سڄي ڄمار ماني ٽڪر ڪائي دنيا جهان جي مامرن کان ڪنڌائتو ٿي حياتي گهاري هن دنيا مان گذاري ويو ته اهڙو ماڻهو جهڙو جائو تهڙو نه جائو. انهيءَ جي ڪهڙي آتم ڪهاڻي؟ پر جيڪڏهن ڪو اهڙو انسان هن دنيا ۾ آيو جنهن پنهنجي محنت، همت ۽ صلاحيتن جي زور تي پاڻ موڪي ڪو نانءُ ڪڍيو، جنهن سان ڪيس ۽ دنيا جهان کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سک ۽ سهنج مليو ته اهڙي جاکوڙي انسان کي وساري ناهي سگهبو. پوءِ انهن مان ڪجهه اهڙا سپت پريا انسان به هوندا آهن، جيڪي پنهنجي محنت سان ماڻيل منزلن جي اپٽار انهن جي حاصلات ۾ روڙيل رندا ۽ انهن اٽانگين واٽن تان هلي پار پوڻ جو سربستو احوال آتم ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ لکي راس ڪندا آهن. جنهن مان هڪڙن جو مقصد پنهنجو ناما چار ڪرڻ ته ٻين جو وري اهو مطلب هوندو آهي ته سندن احوال مان منجهيل ماڻهو ڏِي حاصل ڪري سبق پرائين ۽ ڪاميابيءَ جي واٽ تي سندرو ٻڌي هلڻ لڳن. ڪي ماڻهو پنهنجو شان مان وڏائڻ ۽ رعب ڄمائڻ لاءِ هٿرادو ٻاالهيون وڏاءَ سان لکندا آهن. پر ڪوڙ کي پير ناهن ٿيندا، تنهنڪري پڙهندڙن تي اهڙي لکت سگهو ئي پڌري ٿيو پوي. ٻيا وري ڪرا ماڻهو پنهنجو احوال بنا وڏاءَ جي اصلوڪي حالت ۾ جيئن جو تيئن سچ لکندا آهن. اهڙي آتم ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ ۾ مزو به ايندو آهي ته مصنف جي لاءِ دل ۾ عزت به پيدا ٿيندي آهي.

هن ڪتاب جو ليکڪ محمد جمن چانڊيو به جهڙو عام زندگيءَ ۾ سچو ۽ کرو انسان آهي، تهڙو ئي هن ڪتاب ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سمورو احوال بنا رک رکاءَ جي لکيو اٿس. جيڏو الله پاڪ کيس سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽريءَ تائين پهچائي دنيا ۾ عزت سان نوازيو اوڏو ئي صاف گوئيءَ سان پنهنجي ننڍپڻ جي عام ٻوناٽي زندگيءَ ۾ مينهن جي ڇيڻن ميڙڻ جو به اعتراف ڪيو اٿس. اڏورو ماستر ٿيو ڪلارڪي ڪيائين، يا فوج ۾ ڪجهه سال سپاهي ٿي گهاريائين، انهيءَ لکڻ ۾ هن کي ڪڏهن به شرمساري محسوس ناهي ٿي، جو اهو سڀ لڪائي ها.

جمن سائين تحرير جي روانيءَ ۾ مناڻ آڻڻ لاءِ پنهنجي لاءِ ”مامو لالو چا ڪري“ جهڙا اکر به ڪتب آڻي ٿو. لکت ۾ جيئن ته سندس انداز قدرتي آهي، جنهن ۾ مصنوعي ادب وارو انداز بنهه نٿو آڻي، اکر عام ۽ عوامي، ٻوليءَ جو سٺاءُ ۽ جملن جي بيهڪ دلپذير اٿس، تنهنڪري پڙهندڙ جو چاهه

برقرار رهي ٿو.

مصنف جي زندگيءَ جو گهڻو تڻو وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ پر دبنگ عهدن تي گذريو آهي، تنهنڪري جتي به رهيو اتي دبنگ آفيسر يا بيوروڪريٽ جي ڏِک هن ۾ پڌري پئي ڏسجي. سنڌ ۾ نوڪريءَ دوران ين وڏن سياسي ڳڙهن يعني لاڙڪاڻو ۽ نوابشاهه ۾ اي سي ۽ ڊي سي جهڙين پوسٽن تي رهندي جهڙيءَ طرح پير کوڙي دليريءَ سان ڪم ڪيائين، سو سندس ئي وڙ آهي.

هيءَ آهي ته آتم ڪهاڻي پر پڙهڻ سان پتو پوندو ته هن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ اسلام آباد جي مرڪزي حڪومت جا سيئي راز سربستا بيان ٿيل آهن. اڪثر عوام کي سياستدانن ۽ بيوروڪريٽن جي گفتار ۽ رفتار يا چال چلت جي گهٽ خبر هوندي آهي، پر هيءُ ڪتاب انهن رازن تان به سڀ پردا لاهي اصليت کي پيش ڪري ٿو. پڙهندڙ هن ڪتاب مان اهو به سکندو ته زندگيءَ جي پنڌ ۾ پريشانيون اچن ته انهن سان ڪيئن منهن ڏجي. فوجي هجن يا ڪامورا ۽ حڪمران، انهن سان ڪامياب وهنوار هلائڻ لاءِ ڪهڙا داءَ پيچ سکڻ ضروري آهن.

هلندي هلندي ڪتاب ۾ ڪوڙ دلچسپ احوال به لکيا ويا آهن. جهڙوڪ سائين جي ايم سيد کي گرفتار ڪرڻ، شهدادڪوٽ جي مک روڊ تان حددخليون هٽائڻ، سردار غلام محمد مهر جي ماني کائڻ، ڌاڙيلن جي سرپرستن سان مهاڏو اٽڪائڻ، بلوچستان جي چڙواڳ حاڪمن سان نوڪري ڪرڻ جا نرالا نمونا، انهن جون ڪي فرمائشون پوريون ڪرڻ ته ڪن تي پڙ ڪڍي بيهڻ وغيره.

هن ڪتاب جي هڪڙي خاص خوبي هيءَ آهي ته هن ۾ ملڪي مامرا سرڪار نامدار ڪيئن هلائيندي آهي؟ ٻڌ ڇوڙ ڇو ڪيئن ۽ ڪير ڪرائيندو آهي؟ سياسي ماڻهو هجن يا چور ۽ ڌاڙيل ڪهڙي حالتن ۾ ۽ ڇو سگهارا ٿيندا آهن؟ ۽ انهن جو پگهر ڪيڻ لاءِ آفيسر ڪهڙا گُر ڪتب آڻيندا آهن؟ اهي سڀ شيون به سکڻ لاءِ موجود آهن. ٻيو ته هن سان گڏ شهرن جو سياسي وايو منڊل، قبائلي سردار، حدبنديون، آدمشماري، ماڻهن جي ثقافت ۽ پيداوار اهي سڀ تفصيل به پڙهندڙ کي مفت ملن ٿا، جن مان پڙهندڙ چسڪو به وٺي ٿو ته ڪيس تمام گهڻي معلومات به ملي ٿي.

جامڙو صاحب عام زندگيءَ ۾ به ڪل مک ۽ زنده دل انسان آهي، انهيءَ عادت موجب جڏهن ڪٿان ڪيس بدلي ڪيو ويو ته چئي ڏنائين ته "ڪل آفيسرَ ذائقة البدلي". وري ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو ته "ڪل آفيسرَ ذائقة الرٽائرمينٽ".

جڏهن اسلام آباد ۾ سندس حق ماري پروموشن ٿيڻ ۾ پنهنجن سنڌي ڀائرن رڪاوٽون وڌيون ته انسان هئڻ ناتي ڪيس جهوبو آيو پر سٽ سهي وري پنهنجي ڪرت کي جاري رکيائين. تان جو "نيٽ ته ٻهندي ڪيسين رهندي" جي مصداق هٽي هنڌ ڪيائين ۽ نيٺ پروموٽ ٿي وفاقي سيڪريٽريءَ جي ڪرسيءَ تي وينو.

هن ڪتاب کي پڙهڻ وقت ڪنهن ڪنهن مهل لڳي ٿو ته ڄڻ هيءَ مصنف جي سروس ڊائري هجي، پر آهي ته حياتيءَ جو احوال، پوءِ جتي هوندو اتان جوئي لکبو.

آخري باب پڙهڻ وٽان آهن، جن ۾ مصنف پنهنجي تجربي جي روشنيءَ ۾ نوجوانن لاءِ رهنما اصول ۽ دنيا ۾ اڳتي وڌڻ جون واٽون ٻڌايون آهن. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ اڪثر وڏن آفيسرن کي مائٽن،

برادري ۾ دوستن يارن پاران جيڪي مهڻا، طعنا ۾ ڪڏهن ڦتڪار سان منهن ڏيڻو پوي ٿو اهو روئڻو به رنو اٿس، پر سهڻي ڳالهه ڪري ٿو ته انهن سڀني ڳالهين هوندي به مائٽن ۾ دوستن سان ناتو هرگز نه ڇنڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو محبت سڀني مرضن جو علاج آهي.

آخر ۾ چوندس ته سگنلز جو سپاهي سائين محمد جمن ڄامڙو جيڪو وفاقي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي. پنهنجي ٻارن ٻچڙن ۾ يارن دوستن سان سدا جيان مرڪندو، کلندو، ٻوڙ ٽڪاءَ ڪندو، پنهنجي محبوبه (جيڪا سندس شريڪ حيات آهي) سميت سکيو ستابو پيو گذاري، اسين به سندس سک سلامتيءَ لاءِ دعاگو آهيون.

**انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ**

حيدرآباد

18_10_2019

# اڏول انسان جي جدوجهد ڪهاڻي

”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ڪتاب هڪ اهڙي اڏول انسان جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پيدا ته سنڌ جي ڪجهين واري ضلعي خيرپورميرس جي تعلقي گمبٽ جي پرسان ڄامڙا ديهه جي ڳوٺ غلام جعفر ڄامڙو ۾ هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ ٿيو پر پنهنجي اڻ ٿڪ جدوجهد، ڪڏهن به هار نه مڃڻ واري عزم ۽ محنت تي يقين رکڻ واري اٽل ارادي سان فوج ۾ سپاهيءَ جي حيثيت کان عملي زندگي جي شروعات ڪري سول سروس جي معراج وفاقي سيڪريٽري تائين جي اعليٰ عهدي تائين پهتو. هيءَ ڪنهن فلم جي ڪهاڻي نه آهي جنهن جي پهرئين سين ۾ ٻار غريب جي گهر ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ ٻئي سين ۾ هو اعليٰ سرڪاري عهدي تي ويٺل نظر ايندو آهي، پر هيءُ محنت ۽ ارادي جي پختگي واري اٽل آدمي جي حقيقي ۽ سچي پچي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ صرف ۽ صرف محنت ئي محنت شامل آهي. هن ڪنهن سفر ۾ هن ڪٿي به شارٽ ڪٽ وارو رستو اختيار نه ڪيو آهي، نه ڪنهن سياسي پليٽ فارم جو سهارو ورتو آهي، نه ئي وري انهيءَ منزل تي رسڻ لاءِ ڪنهن جا ڪلها استعمال ڪيا ويا آهن.

اوهان يقيناً سمجهي ويا هوندا ته اهو اٽل ارادي وارو اڏول آدمي ڪير آهي؟ جي ها، آئون سائين محمد جمن ڄامڙو صاحب جي ئي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، جنهن جي اڻ ٿڪ جدوجهد ڪي مثال بڻائي ڪيترائي نوجوان پنهنجي منزل ماڻي سگهن ٿا. جدوجهد جي هن انتهائي ڏکي سفر ۾ سائين محمد جمن ڄامڙو جي رستي ۾ يقينن ڪيترين ئي مشڪلاتون آيون هونديون، پنهنجن توڙي پراون ڪيئي رڪاوٽون به پيدا ڪيون هونديون، هڪ عام ماڻهو ڪي درپيش مشڪلاتون ۽ مسئلا به يقينن سندس راهه ۾ رنڊڪ بڻجي آيا هوندا. انهيءَ راهه ۾ ڪٿي پراون ڪڏون ڪوٽيون هونديون ته وري پنهنجن به ڪرم نوازين ۾ گهٽتائي ڪونه ڪئي هوندي، پراون پٿر اڇلايا هوندا ته انهن ۾ ڪجهه پنهنجن جا هٿ به ضرور شامل هوندا، پر هن اٽل آدمي ڪڏهن به ڪنهن به موڙ تي همت نه هاري، سندس حوصلو هالار رهيو، ٽنتي ٽڏي ڪاهيندو رهيو، ڏينهن رات ڏوڙيندو رهيو. سندس چواڻي ته جڏهن به ڪٿي ڪنهن موڙ تي ڪا مشڪلات منهن ڪيندي هئي ته هو اهو چئي اڳتي وڌندو رهندو هو ته: ”اے دل تجھے قسم ہے تو ہمت نہ ہارنا، دن زندگی کے جیسے بھی گزریں گزارنا“ تڏهن ئي ته هيءَ غريب جو ٻار محنت ڪندو وجي وفاقي سيڪريٽري تائين جي منصب تائين رسيو. ايڏي وڏي منصب تي هوندي به سندس طبيعت ۾ ڪڏهن به وڏائي نه آئي. نهٺائي، نياز نوڙت سندس سڃاڻپ رهي، جنهن جو اعتراف نه رڳو عام ماڻهو پر سندس ساٿي به ڪندا رهن ٿا.

ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ حقيقت ۾ ته سائين محمد جمن ڄامڙو صاحب جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌس اسڪول کان يونيورسٽي پڙهڻ تائين، ايس وي ٽيچر ٿيڻ ۽ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان وٺي وفاقي سيڪريٽري تائين جي جدوجهد تي مشتمل آهي، انهيءَ جدوجهد ڪهاڻي کي ليکڪ جي آتم ڪٿا به چئي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل مواد انهيءَ آتم ڪٿا جو وچون باب آهي، انهيءَ جدوجهد ڪهاڻي ۾ ليکڪ جيڪڏهن پنهنجي ڄمڻ کان وٺي ننڍپڻ جي سموري واقعن ۽ ماحول ۽ پرائمري اسڪول ۾ ويهڻ کان وٺي پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ تائين ۽ وري آخر ۾ وفاقي سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائرمينٽ وٺڻ کان وٺي هن وقت تائين جي زندگيءَ جي احوال جي باب جو اضافو ڪري ته هيءَ هڪ مڪمل آتم ڪٿا ٿي ويندي، جيڪا پنهنجي نوعيت جي هڪ منفرد آتم ڪٿا هوندي.

عام طور تي جيڪي به آتم ڪٿائون لکيون ويون آهن، انهن ۾ ليکڪ گهٽي قدر پنهنجا ڪارناما ۽ پنهنجي زندگيءَ جون مثبت ڳالهيون ئي بيان ڪندا آهن، اهي پڙهڻ سان اهو ئي محسوس ٿيندو آهي ته شايد ليکڪ جي زندگيءَ ۾ ڪا به خامي ڪانه آهي، صرف ۽ صرف خوبين جي کاڻ آهي. پر انهن جي برعڪس هن ڪتاب ۾ ليکڪ پوري ايمانداري سان پنهنجي زندگيءَ جي جدوجهد ڪهاڻي بنا ڪنهن وڌاءَ جي جيئن جو تيئن پڙهندڙن آڏو پيش ڪئي آهي جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي خامين کي به جيئن جو تيئن ئي پيش ڪيو آهي. ڄامڙو صاحب هن ڪتاب ۾ پنهنجي ڪمين ڪوتاهين يا ڪمزورين تي پردو وجهڻ بدران انهن جو دليريءَ سان اعتراف ڪيو آهي، جنهن مان سندس ڪردار جي وڏائي ظاهر ٿئي ٿي. جڏهن ته انهن واقعن توڙي سندس اعتراف سبب هن ڪتاب جي اهميت ۾ به اضافو ٿئي ٿو. جنهن جو مثال ليکڪ پاران اهو به اعتراف ڪرڻ آهي ته ڪيس فوج ۾ سپاهيءَ طور ڀرتي ٿيڻ وقت صحيح طرح سان اردو به لکڻ نه ايندي هئي، سندس انگريزي به ڪافي ڪمزور هئي، پر انهيءَ باوجود هن سمورا چئلينج دل سان قبول ڪيا. پوءِ هن ايتري ته محنت ڪئي جو اردو سان گڏ انگريزي تي به سٺو عبور حاصل ڪري ورتائين ۽ ملڪ جو سڀ کان وڏو ڇنا ڇيٽي وارو امتحان سي ايس ايس سٺن نمبرن ۾ پاس ڪري ورتائين.

انهيءَ حوالي سان ڪتاب ۾ فوج ۾ ڀرتي واري مضمون ۾ ليکڪ لکي ٿو ته:

> ”1971ع فيبروري ۾ ايس وي ٽيچر جي ٽريننگ کي ڇڏي محرابپور ريلوي اسٽيشن جي ريسٽ هائوس تي پهچي فوج ۾ ڀرتي ٿي ويس. 25 فيبروري 1971ع تي سگنلز ٽريننگ سينٽر ڪوهاٽ رپورٽ ڪيم. ان وقت سنڌ ۽ بلوچستان جي سگنلز ۾ ادائي سيڪڙو ڪوٽا هئي، ان تي هميشه سنڌ ۾ آباد پنجابي ڀرتي ٿيندا هيا. اصل رهاڪو سنڌ جو سنڌي مان ڀهريون هيس، جيڪو ڪوهاٽ پهتم. ٽريننگ دوران ميپ ريڊنگ جو ڪلاس پئي ٿيو ۽ مونکي اردو لکڻ ڪونه پئي آئي، تنهنڪري سڀ نوٽ سنڌي ۾ پئي لکيا، جنهن وقت مون نوٽ لکيا پئي ته هڪ ڪيپٽن مٿان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڪهڙي زبان ۾ ٿو لکين؟ مون چيو ته سنڌي ۾. ته ڪيپٽن پڇيو ته تون سنڌي آهين؟ مون چيو هائو. ڪيپٽن پاڻ بنگالي هيو چيائين ته پڇي ته ڪو نه ويندين؟ مون چيومانس ته سائين مان انشاءَ الله جنرل

ليفٽيننٽ ٿيندم، تنهن تي ڪيپٽن چيو تہ ليفٽيننٽ جنرل ڇٽبو آهي، نڪي جنرل ليفٽيننٽ. الله سائين جو ڪرڻ اهو ٿيو جو مان ليفٽيننٽ جنرل تہ ڪونہ ٿيس پر انجي بلڪل برابر واري سول رينڪ (فيڊرل سيڪريٽري) ۾ الله سائين مونکي پهچايو.“

ساڳي ئي ڪتاب ۾ هڪ ٻئي هنڌ پنهنجي انگريزي ٻولي جي ڪمزوريءَ جو اعتراف بہ ڪن ٿا، گڏوگڏ ملڪي تعليم جي معيار جي بہ نشاندهي ڪندي لکن ٿا :

”پاڪستان ۾ معياري تعليم لاءِ گهربل مواد صرف انگلش ۾ موجود آهي، تنهنڪري انگريزيءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ نهايت اهم آهي. انهيءَ حساب سان منهنجي انگريزي ۾ مهارت ڪانہ هئي، صرف لکي وڃڻ جي حد تائين هئي. ڀهرئين سيمسٽر جو امتحان نہ ڏئي مون ٿوري گهڻي پنهنجي انگريزي مضبوط ڪئي پر پوءِ بہ مون ۾ ڪافي ڪمزوري رهي.“

ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي حوالي سان پوري دنيا ۾ مشهور آهي. اهڙيون سهڻيون ثقافتي شيون ٻئي ڪنهن بہ هنڌ تي ڪونهن. سنڌ جا ماڻهو بنا ڪنهن مخصوص ڏينهن جي روزانو ٽوپي ۽ اجرڪ پائين ٿا ۽ اهو سندن روز مره جي لباس جو حصو آهن، اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ سان هتان جي ماڻهن کي پنهنجي ثقافت سان پيار جو ڪليل نموني مظاهرو ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو اهڙو ئي ثقافت سان پيار ليکڪ جي بہ رڳ رڳ ۾ سمايل آهي، اسلام آباد يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران اڪثر پروگرامن تي موصوف اجرڪ ۽ ٽوپي پائي پنهنجي ثقافت سان پيار جو اظهار ڪندو رهيو. مونکي اسلام آباد يونيورسٽي جي رڪارڊ جي تہ ڄاڻ نہ آهي پر سمجهان ٿو تہ شايد ڄامڙو صاحب يونيورسٽي جو بہ ڀهريون ئي شاگرد هوندو، جنهن جي يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽ ڪارڊ جي تصوير بہ اجرڪ ۽ ٽوپي واري آهي، جيڪا پنهنجي ثقافت جي اٿاهہ گهرائي سان پيار جي علامت آهي. يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران اسٽوڊنٽ ڪارڊ ۾ اجرڪ ۽ ٽوپي واري تصوير لڳائڻ تي توڙي جو يونيورسٽي انتظاميہ پاران اعتراض بہ ڪيو ويو پر انهيءَ باوجود هو جدوجهد ڪري ڪارڊ ۾ اجرڪ ۽ ٽوپي واري تصوير لڳرائڻ ۾ ڪامياب ويو انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي ڪتاب ۾ لکن ٿا:

”جيڏانهن بہ ٽوئر تي وڃڻ ٿيندو هيو تہ مان هميشہ سنڌي ڊريس ۾ ويندو هيس. جڏهن اسٽوڊنٽ ڪارڊ ٺهڻ لاءِ فوٽو ورتا ويا تہ مون اجرڪ جي پٽڪي سان فوٽو ڏنو يونيورسٽي ايڊمنسٽريشن وارن انهيءَ تي اعتراض ڪيو تہ فوٽو ٻيو ڏيو، مون بہ اڇي ضد ڪيو تہ فوٽو مان صرف اهو ڏيندس. ڪافي ڏي وٺ ٿي، آخرڪار رجسٽرار وٽ پيشي ٿي ۽ چيائين تہ فوٽو توکي ٻيو ڏيڻو پوندو. جنهن تي مون ورائي چيو تہ فوٽو جيڪڏهن لڳندو تہ صرف اهو اجرڪ جي پٽڪي وارو لڳندو، نہ تہ مونکي توهان جي ڪارڊ جي ڪابہ ضرورت ناهي. معاملو وري بہ ڪو نہ نبريو آخرڪار مان مرحومہ ڊاڪٽر مس ڪنيز فاطمہ جيڪا اڳ ۾ وائيس چانسلر هئي، جنهن کي پٽي صاحب لڳايو هيو. جنرل ضياءَ جي مارشلا اچڻ سان ڪيس هٽائي هڪ پناڻ محمد هاشم کي رکيو ويو هيو. بهرحال ميڊم مس ڪنيز فاطمہ کي وڃي عرض ڪيم تہ بٽ صاحب جيڪو رجسٽرار هيو انکي چئو تہ منهنجي اسٽوڊنٽ ڪارڊ تي جيڪو مان فوٽو

ڏيڻ ٿو چاهيان اهو هٽي ڏئي. مرحوم کي الله جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪريس، رجسٽرار کي فون ڪيو ۽ چيائينس ته ان فوٽو هٽڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ سنڌ کان هڪ شاگرد آيو آهي، اسان وٽ سنڌ جي نمائندگي اڳ ئي ڪانهي. مان وري پيهر رجسٽرار سان مليس، مجبورن هن ڳالهه مڃي پر ڊپٽي رجسٽرار وري انڪار ڪيو بعد ۾ رجسٽرار هن کي سختي سان حڪم ڏنو ته هي ضدي ڇوڪرو جيڪا تصوير چوي ٿو هٽي ڏيوس. پوءِ آخرڪار اجرڪ جي فوٽو سان منهنجو يونيورسٽي سان اسٽوڊنٽ وارو شناختي ڪارڊ جاري ڪيو ويو.“

اسان وٽ پاڪستان ۾ اجا تائين لارڊ ميڪالي جو ٺاهيل تعليمي نظام هلي رهيو آهي. جيڪو نظام هن وقت ماحول سان بلڪل مطابقت نٿو رکي، جنهن ڪري تعليمي نظام تيزيءَ سان تباهي طرف وڌي رهيو آهي، اسان جي تعليمي نظام جي زوال جا ڪجهه سبب آهن. ڪجهه حقيقتون آهن، جن کي لڪائي نٿو سگهجي. اسان وٽ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، موبائل فون، ٽيليويزن ۽ ريڊيو کان اهو ڪم نه ٿو ورتو وڃي، جيڪو ٻين ملڪن ۾ ميڊيا کان تعليم لاءِ ورتو وڃي ٿو. اسان وٽ ٽيليويزن تي گانا، ڊراما پيش ڪيا وڃن ٿا. جيڪي به اڪثر غير معياري هجن ٿا. نصاب موزون نه آهي، جيڪو نين حالتن جي تقاضائن مطابق نه آهي، مدي خارج آهي، جنهن سان اسان جي نسل جي صحيح رخ ۾ رهنمائي نٿي ٿئي. تعليمي ادارن ۾ تعليمي سهولتون ميسر نه آهن. جنهن ڪري شاگرد انفرادي توجه حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي، استاد کي ايترو وقت نه آهي ته هو شاگردن تي انفرادي ڌيان ڏي، ماحول جو وڏو اثر ٿئي ٿو اسان وٽ ماحول تعليمي نه آهي، لائبررين جي کوٽ آهي. استادن جون مقرريون سفارش ۽ رشوت جي بنياد تي ٿين ٿيون. ان ڪري نااهل ماڻهن جي پرمار آهي، جيڪي ڪم چور ۽ محنت کان پري ڀڄندڙ آهن. تعليم کاتي کي ٻين کاتن جي نسبت سهولتون تمام گهٽ آهن، انهن جون پگهارون گهٽ آهن، استاد سائيڊ بزنس يا وري ٽيوشن ڏي ڌيان ڏين ٿا. استادن جون يونينون آهن، جيڪي سدائين هڙتال لاءِ تيار هونديون آهن، پهريون حربو ڪلاسن جو بائيڪاٽ هوندو آهي، انهن جا عهديدار هڪ ٻئي خلاف سازشون ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ ۾ پورا هوندا آهن. ڪاپي عام جام آهي، استاد پاڻ شاگردن کي ڪاپي ڪرائين ٿا ۽ پنهنجي من پسند شاگردن کي پوزيشنون وٺي ڏين ٿا. تعليمي بورڊن ۾ مارڪون وڪرو ٿين ٿيون، مارڪن جي وڪري جي ڪاروبار جي ڪري بورڊ جا معمولي ڪلارڪ بنگلن ۾ رهن ٿا ۽ عاليشان گاڏين ۾ گهمن ٿا. اسڪولن جا آفيسر به سفارشي ۽ نا اهل مقرر ٿين ٿا، جيڪي گهر ويٺي امتحان جون شيون صحيح ڪن ٿا. منٿليون وٺن ٿا. باقاعده ڪرسيءَ جو ريٽ مقرر آهي. اهي شاگردن جي مستقبل سان کيڏن ٿا، قوم کي تباهه ڪن ٿا. ٻهراڙيءَ ۾ اسڪولن جي جاين تي وڏيرن ۽ پوليس وارن جو قبضو آهي. اسڪول يا گودام آهن يا وڏيرن جون اوطاقون، انهن جا رکرايل آڱوٺي ڇاپ ماستر آهن، جي انهن جا ڪمدار آهن. ڪا به مضبوط تعليمي پاليسي نٿي جوڙي وڃي، انهيءَ صورتحال ۾ شاگرد ويچارا ڪري به ڇا سگهندا. شاگرد اسڪول وڃڻ بدران اجايو گهمن ڦرن ٿا، رلن ٿا، اجايو وقت وڃائين ٿا ۽ امتحانن ۾ ڪاپي ڪري، استادن ۽ بورڊ وارن کي پئسا ڏئي پاس ٿين ٿا، پوءِ جيڪڏهن انهن مان ڪو شاگرد وري اڳتي محنت ڪري ڪنهن يونيورسٽي تائين پهچي ٿو ته ان کي ڪهڙين ڪهڙين پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو انهيءَ جو اندازو ڇانڊو صاحب جي هن لکڻيءَ مان

لڳائي سگهجي ٿو:

”منهنجي لاءِ سڀ کان وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو هيو تہ مان ڪيئن هن يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪريان؟ ڇو تہ هاءِ اسڪول کان ويندي ايل ايل بي ڪرڻ تائين مان نوڪري بہ ڪندو رهيس ۽ ڪڏهن بہ ڪاليج ۽ يونيورسٽي جو ماحول مون ڪونہ ڏٺو. وري منهنجي پاڪستان جي ٽاپ يونيورسٽي ۾ داخلا بہ ٿي، جتي سڀ هڪ تہ وڏن فيملين جا ٻار ۽ سٺن انگلش ميڊيم مان تعليم حاصل ڪيل. اها بلڪل حقيقت آهي تہ مون کي پهريان تہ تمام گهڻي ڏکيائي پيش آئي. هڪ تہ استاد گهڻا ٻاهرين ملڪ جا، ڪجهہ برطانيہ ۽ جرمني جا هيا، انهن جو آواز سمجهہ ۾ ڏکيو پيو وري مٿان انگلش ۾ سڀ ڪجهہ، پاڻ سنڌي ميڊيم جا شاگرد. مونکي پاڻ تي تعجب ايندو هيو تہ يار منهنجي هتي داخلا ڪيئن ٿي. الحمدالله لکڻ واري معاملي ۾ ڪم ڪڍي ويندا هياسين پر باقي انهن جي ڳالهائڻ جي لهجي اچي اسان کي منجهايو هيو. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪم ڏاڍو ڏکيو هيو پر ناممڪن ڪو نہ هيو.“

مٿين سٽن مان سنڌ جي تعليمي ماحول جي ابتري جي بهترين عڪاسي ٿئي ٿي. پر انهيءَ باوجود ليکڪ محنت کي ئي پنهنجو هٿيار بڻايو هن ڪڏهن بہ محنت جو دامن نہ ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ئي هن اسلام آباد يونيورسٽي مان ڊگري بہ حاصل ڪئي ۽ پاڪستان جي چُنا پيٽي جي سڀ کان وڏو امتحان C.S.S پاس ڪري ڊي ايم جي (District Management Group) ۾ آفيسر بڻجي ديس واسين جي خدمت ڪئي. حڪيم لقمان جون پنهنجي پٽ کي ڪيل 100 نصيحتون تمام گهڻيون مشهور آهي، پر ليکڪ جڏهن سي ايس ايس پاس ڪري آفيسر بڻيو تہ والد کيس پاڻ سان گڏ ويهاري جيڪي ست نصيحتون ڪيون، اُهي بہ حڪيم لقمان جي نصيحتن کان گهٽ ناهن، انهيءَ حوالي سان هن ڪتاب ۾ ليکڪ لکي ٿو:

”جنهن وقت سي ايس ايس جو رزلٽ آيو ۽ مون مسڪين کي الله جي ذات منهنجي حيثيت کان وڌيڪ عطا ڪندي ڊي ايم جي (District Management Group) جي پوسٽ ڏني. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ منهنجي والدين ۽ ڀين گهڻگهرن کي بي انتها خوشي ٿي. منهنجي والد صاحب رات جو اڪيلو مونکي سڏي پاڻ وٽ ويهاري ڪجهہ نصيحتون ڪيون، جنهن تي مون ڪوشش ڪندي اڄ تائين الحمدالله انکي پوري ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي. منهنجي والد صاحب سڀ کان پهريان اها نصيحت ڪئي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ دنيا ۽ طاقت جي نشي ۾ ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪجائين. اسلام جي فرض جي قضا آهي، پر انسان جي دل کي رنجائڻ جي ڪابہ قضا يا ڪفارو ڪونهي. هڪ قصو بيان ڪري ٻڌايائون تہ هڪ دفعي حضرت معين الدين چشتي رح جن وٽ هڪ ماڻهو پري کان پنڌ ڪري سڪ ۽ وڏي محبت سان طعام کڻي آيو. جڏهن اهو پرديسي شخص چشتي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ اهو طعام اچي اڳيان رکيائين ۽ بار بار عرض ڪيائون، سائين هي طعام کائو پهريان تہ چشتي صاحب ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. آخرڪار ان شخص جي بار بار عرض ڪرڻ تي چشتي صاحب طعام کائڻ خاطر هٿ وڌايو جنهن تي خادمن يادگيري ڏيارڻ خاطر عرض

ڪيو تہ سائين توهان ڪي تہ روزو آهي، ايئن تہ ناهي جو توهان کان وسري ويو هجي. چشتي صاحب فرمايو تہ مونکي بلڪل ڄاڻ آهي تہ مونکي روزو آهي. اها بہ خبر اٿم تہ روزو ٽوڙڻ جو ڪفارو آهي. پر توهان ڪي شايد ان ڳالهہ جو اندازو ناهي تہ جيڪڏهن هن پري کان آيل دوست جي جذبي جو مون خيال نہ ڪيو ۽ هن جي دل آزاري ٿي تہ انجو ڪوئي ڪفارو ڪونهي. جيڪو الله جي ذات کي هرگز پسند ناهي. بيو ڪنهن بہ صورت ۾ لالچ نہ ڪجائين. تيون اهو هميشہ خيال رکجائين تہ هڪ ڏينهن احڪم الحاڪمين جي دربار ۾ پيش ٿيڻو آهي. چوٿون ست فوٽ زمين جي هيٺ وڃڻو آهي اتي توکي هٿين خالي وڃڻو آهي. پنجون برڪت حلال مال ۾ آهي، حرام جي مال ۾ برڪت ڪڏهن بہ ناهي. انهيءَ ڳالهہ کي ذهن نشين ڪجائين تہ حرام جي ڪمائي مان توکي ڪڏهن بہ سڪون ۽ برڪت ڪين ملندي. تنهن جي ڪري آسان ۽ حرام جي ڪمائي پنيان ڪڏهن بہ نہ وڃجانءِ. جيڪڏهن ويندين تہ الله جي رحمت ۽ برڪت تنهنجي مٿان ختم ٿي ويندي. پوءِ سڀ ڪان پهريان تنهنجي عزت عوام جي دلين مان ختم ٿي ويندي ۽ مجبوري جي ڪري جيڪڏهن ڪو تنهنجي عزت ڪندو تہ اها صرف چاپلوسي هوندي، جيڪا بقادار هرگز ڪين ٿي سگهي ٿي. ڇهون تہ ڪڏهن بہ پنهنجي ذات سان دوکو ڪين ڪجائين. ستون بابا گرمي سرديءَ ۾ اسان ڀهراڙيءَ جا ماڻهو گرمي جي موسم ۾ پگهر ۾ شل هوندا آهيون. پوءِ ڪير بہ وڏي عمر وارو اچي تہ اڳ ۾ اتي انهيءَ کي پاڪر پائي ملندو ڪر. انهي جو ڪڏهن بہ خيال نہ ڪجانءِ تہ تنهنجا ڪپڙا يا استري خراب ٿي پوندي. تنهنجا ڪپڙا وري استري ٿي ويندا يا ڌوپندا پر جيڪڏهن تون انهن سان ايئن نہ ملندين تہ هنن جي دل ٽٽندي جنهن جو ڪوئي ڪفارو نٿو ادا ڪري سگهي. جنهن وقت منهنجي والد صاحب اها مونکي نصيحت پريا لفظ چئي ۽ واعدو ورتو تہ تون انهي تي عمل ڪندين مان دل ۾ جان سان بابي سائين سان واعدو ڪيم ۽ بابو سائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ الله جي دربار ۾ هٿ کڻي منهنجي ڪاميابي ۽ عزت جي لاءِ روئي الله کان دعا گهري."

سائين محمد جمن ڄامڙو صاحب پنهنجي سموري سروس دوران پنهنجي والد جي نصيحتن تي من و عن سان عمل ڪيو. سموري سروس دوران سندس ڪردار انسان دوستي وارو رهيو سدائين ٻين جي ڪم اچڻ واري وات تي رهيو. سندس سروس جو شروعاتي دور ايم آر ڊي جو دور هو. ايم آر ڊي جو گهڻو زور سنڌ ۾ هو. ڇاڪاڻ تہ ايم آر ڊي جي شروعات بہ سنڌ کان ئي ٿي هئي، انهن ئي ڏهاڙن ۾ محمد جمن ڄامڙو صاحب بہ سنڌ جي ئي نوابشاهہ ضلعي ۾ پنهنجو خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو. انهيءَ دور ۾ بہ ماڻهن سان ڀلائي ۽ همدردي وارو ڪردار ادا ڪيو. ماڻهن کي اجايو گرفتار ڪرڻ، مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ يا ڪين سزائون ڏيارڻ بدران انهن جي بچاءُ ۾ جيڪو بہ وس پڄندو هئس اهو ڪندو هو. انهيءَ دور جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"پوري ايم آر ڊي تحريڪ دوران نوابشاهہ سب ڊويزن مان هرروز جلوس نڪرندا هيا. سيني پارٽين جو مون تي ايترو تہ ڀروسو ٿي ويو هيو جو جيڪي بہ جلوس نڪرندا هيا تہ ٽائيم ۽

روٽ منهنجي مرضي يا صلاح مشوري سان ڪيندا هيا. اها ڳالهه انچارج برگيڊيئر فاروق صاحب کي پسند ڪونه هئي ته جلوس چوٽا نڪرن. هڪ دفعي مورو مان مونکي فون ڪري چيائين ته اڄ مان سٺ ميل، دوڙ ۾ ڀانڊي کان گذريم ۽ اتي صرف ڀ ڀ ڀ جا جهنڊا لڳا پيا آهن. ٻن ڏينهن کان پوءِ مان وري اتان گذرندم ۽ مونکي ڪوئي به جهنڊو لڳل نظر نه اچي. ٻيو ته اهي جلوس به بند ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن اڄ کان پوءِ ڪوئي جلوس نڪري ته فورس استعمال ڪري ختم ڪر، هيءَ منهنجو توکي بلينڪ چيڪ آهي. مون ڪيس چيو ته منهنجو ڪم آهي امن امان قائم ڪرڻ. جيڪڏهن جلوس ۾ ڪو سرڪاري يا خانگي ملڪيت سان هٿ چراند ڪندو ته مان بلڪل فورس استعمال ڪندس، باقي جلوس ختم ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي. تيزي سان ڳالهائيندي چيائين ته اهو منهنجو حڪم آهي ته جلوس ڪين نڪري، جيڪڏهن نڪري ته اتي جو اتي فورس استعمال ڪر ۽ جيڪڏهن ڪو مري ٿو ته مان وينو آهيان، اهو مان توکي بلينڪ چيڪ ٿو ڏيان. مون آرام سان ڪيس جواب ۾ چيو ته جيستائين مان هتي ايس ڊي ايم آهيان، تيستائين مان ڪوبه فورس استعمال ڪونه ڪندس، ها البته جيڪڏهن جلوس ڪيڻ وارن مان ڪنهن به قسم جي گڙٻڙ ڪئي ته مان موقعي ۽ مناسبت سان فورس استعمال ڪندس. رهي ڳالهه توهان جي بلينڪ چيڪ جي، جڏهن اهو چيڪ ڪيش ٿيندو ته انهيءَ جو ميوزڪ اسان کي ڏسڻو پوندو ۽ توهان کان ڪير به ڪونه پڇندو. ٻيو ته جهنڊا پوري سنڌ ۾ لڳل آهن، مان جيڪڏهن جهنڊا لاهيندس ته معاملو خراب ٿيندو."

مٿئين واقعي مان معلوم ٿئي ٿو ته چانڊيو صاحب پنهنجي سروس وارو دور صرف "جي حضوري" ۾ نه گذاريو هن هر مامري کي وڏي دور انديشي ۽ ماهراڻي نموني سان ڏسي انهيءَ کي حل ڪيو. ايم آر ڊي جهڙي دور ۾ به سندس رويو انسان دوستي وارو رهيو. هن مارشل لا جي دور ۾ به ماڻهن کي قانوني ۽ آئيني دائري ۾ رهندي ڪين رليف ڏنو بالا آفيسرن جي هدايتن توڙي دٻاءُ باوجود هن ناانصافي ٿيڻ نه ڏني، انهيءَ دور ۾ به هن اظهار جي آزادي واري راءِ کي طاقت سان دٻائڻ جي مخالفت ڪئي ۽ ماڻهن جي جلسن ۽ جلوسن ۾ ڪڏهن به رڪاوٽ ٻڌڻ جي ڪوشش نه ڪئي، جنهن مان سندس انسان دوستي وارو ڪردار نمايان ٿئي ٿو.

سياست ممڪنات جي علم کي چيو ويندو آهي،هن ۾ ڪا به شئي اڻ ٿيٽي نه هوندي آهي، ۽ نه ئي وري ڪا شئي ناممڪن هوندي آهي،سياست ۾ ڪالهه جا دشمن اڄ جا بهترين دوست به ٿي ويندا آهن ته وري ڪالهه جا بهترين دوست اڄ جا سڀ کان وڏا مخالف ۽ دشمن به ٿي ويندا آهن. هن ڪتاب ۾ به موصوف ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين جو انڪشاف ڪيو آهي، جيڪي نئين نسل لاءِ ته بلڪل حيرانگي جوڳا آهن.ڪتاب ۾ سياست جي ڪارگذارين جي به ڳالهه ڪئي وئي آهي ته سياسي ڪردارن جي چالن تي به لکيو ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جون هن وقت واڳون سنڀاليندڙ ۽ ملڪ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري بابت نئين سياسي نسل کي گهٽ خبر هوندي ته سياسي ڪيريئر جي شروعات ۾ هو انهيءَ ئي پاڪستان پيپلز پارٽي جو تمام وڏو مخالف هو. سياسي

ڪيريئر جي شروعات ۾ آصف علي زرداري چوندو هو ته هڪ ڏينهن هو وڏو ماڻهو ضرور ٿيندو. آصف علي زرداري جي سياست جي شروعات، پنهنجو ووٽ داخل ڪرائڻ ۽ پيپلز پارٽي جي مخالفت ڪرڻ جي حوالي سان هڪ هنڌ ڪتاب ۾ لکي ٿو:

”1983ع ۾ لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن ٿي. جيئن ته ووٽ رجسٽريشن جو ان وقت ايس ڊي ايم وٽ اختيار هيو ۽ اليڪشن ڪميشن ووٽ رجسٽر ڪرڻ جي تاريخ به پاڻ ڏيندي آهي ته اليڪشن کان اڳ رجسٽريشن فلاڻي تاريخ تي بند ٿيندي. رجسٽريشن بند ٿيڻ جي آخري ڏينهن تي سلام خان زرداري آيو ۽ چيائين ته اسان کي هڪ ووٽ داخل ڪرائڻو آهي. مون جواب ۾ چيو ته جلدي ڪريو. ڇو ته اڄ آخري تاريخ آهي ۽ لسٽون مٿي موڪلڻيون آهن. چيائين ته مان پنجن منٽن ۾ موٽي ٿو اچان. ٿوري دير کان پوءِ هڪ نوجوان کي ساڻ وٺي آيو ۽ چيائين ته سائين ايهه اساڏي رئيس دا بچا هي، بس قرب ڪرو. حاضر سائين، نالو ٻڌاءِ، ايڊريس وغيره. واقفيت ڪرايائون ته آصف علي ولد حاڪم علي زرداري. مون ڪارروائي ڪري چانهه پياري. ووٽ داخل ٿيڻ کان پوءِ آصف صاحب جڏهن به ڪراچيءَ کان ايندا هيا ته ملاقات ٿيندي رهندي هئي. اڪثر سياسي معاملن تي به پنهنجي راءِ ڏيندو رهندو هيو. ان وقت پ پ جو سخت مخالف هيو پر هميشه اهو ضرور چوندو هيو ته مان هڪ ڏينهن وڏو ماڻهو ٿيندس.“

قدرت جو ڪمال ڏسو اهو ئي آصف علي زرداري جيڪو اڳ ۾ پ پ جو ڪٽر مخالف هو هينئر پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪرتا ڌرتا آهي، پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ مملڪت پاڪستان جو 5 سال صدر رهيو. پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ سنڌ توڙي سنڌين سان جيڪي ڪرم نوازيون ڪيون ويون آهن، اهي ڪنهن کان به ڳجهيون نه آهن. انهيءَ تي گهڻو ڪجهه لکيو به ويو آهي ۽ اڃا به لکيو پيو وڃي پر شايد انهن لکڻين جو پارٽي قيادت جي رويي يا سندس طرز حڪمراني تي ڪو به فرق نه پيو آهي ۽ نه ئي پوڻو آهي، انهيءَ دور ۾ وفاق ۾ سنڌي ڪامورن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا ويا انهن جو اکين ڏٺو شاهد هن ڪتاب جو ليکڪ آهي.انهيءَ حوالي سان هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي سائين محمد جمن ڄامڙو صاحب لکن ٿا:

”مارچ 2008ع ۾ جڏهن سيد يوسف رضا گيلاني صاحب وزيراعظم ٿيو ته ٿوري عرصي کان پوءِ پنجويهه ٽيهه سينيئر آفيسرن جي ٻاويهين گريڊ ۾ فيڊرل سيڪريٽري جي پروموشن لاءِ لسٽ تيار ٿي، جنهن ۾ پهريون دفعو يوسف رضا گيلاني صاحب اهڙي طرح لسٽ تيار ڪرائي، جنهن ۾ پاڪستان جي سيني صوبن ويندي اترين علائقن تائين جي ماڻهن کي پروموشن ۾ برابر حصو ڏيڻ واري منصوبي تحت ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جا پنج ڇهه آفيسر به ان لسٽ ۾ شامل هيا. جن ۾ محمد يوسف ميمڻ، شبير ڏهر، مظهر سهتو ۽ به ٻيا هيا، جن جا نالا هينئر ياد نٿا اچن. جڏهن اها لسٽ مٿي منظوريءَ لاءِ زرداري ڏي ڪٽي ويو ته ٻيا جيڪي به ان لسٽ ۾ نالا هيا، سي وڏي واقعي سان ها ڪري

منظور ڪيا ويا، سواءِ سنڌي آفيسرن جي. سنڌ جي آفيسرن متعلق زباني هدايتون گيلاني صاحب ڪي مليون ته مان انهن سڀني آفيسرن کي سڃاڻان ٿو تنهنڪري انهن جي پروموشن جو فيصلو مان پاڻ سوچي سمجهي ڪندس. اهڙيءَ طرح گهٽ ۾ گهٽ ڪري چوويهه يا پنجويهه آفيسر گريڊ ٻاويهين ۾ فيڊرل سيڪريٽري ٿيا، انهن مان هڪ به سنڌي ڪونه هو.“

انهيءَ کان علاوه پيپلز پارٽي جي وفاق ۾ حڪمراني واري انهيءَ دور ۾ آفيسرن جي ترقين لاءِ ڪهڙا معيار ۽ ماپا هوندا هئا، مقررين يا بدلين ڪيئن ٿينديون هيون. اعليٰ سطحي ترقيون، مقرريون ۽ بدليون ڪنهن جي هٿ ۾ هيون ۽ ڪهڙين بنيادن تي ٿينديون هيون، اهي سموريون ڳالهيون هن ڪتاب ۾ بنا ڪنهن رک رکاءُ جي ڪيون ويون آهن. اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ۽ سندس ڀيڻ فريال ٽالپر هن وقت نيب جي احتساب کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ هن ڪتاب ڇپجڻ واري مرحلي تائين هو جيل ۾ آهن. انهن تي جيڪي نيب ۾ الزام آهن انهن کي هو عدالتن ۾ منهن ڏئي رهيا آهن. سنڌ سرڪار جي ڪاروهنوار ۾ آصف علي زرداري جي ڀيڻ فريال ٽالپر جي سڌي مداخلت جون ڳالهيون عام ٻڌندا هئاسين پر وفاق ۾ ترقين، مقررين ۽ بدلين جي حوالي سان فريال ٽالپر جي ڪردار جو ڪتاب ۾ پڙهي ماڻهو حيران ٿي وڃي ٿو ڇاڪاڻ جو اهي ڳالهيون وفاقي سطح جو سيڪريٽري پنهنجي ڪتاب ۾ ڪري رهيو آهي. هو ڪتاب ۾ لکي ٿو:

”28 جولاءِ 2012ع تي ٻئي روزي سان پهريون دفعو زرداري هائوس لاءِ اسڪيمون ناهي وڃي اتي پهتس. اندر داخل ٿي اڳتي ويم ته آغا صاحب مليو جنهن مونکي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. ڏهن پندرنهن منٽن کان پوءِ مونکي آغا وٺي آيو ۽ مان سندس پنيان هلندو ويم، هڪ ڪمري جي در تي بيهي در کي ناڪ ڪيائين، اندران اچڻ جي اجازت ملي مان اندر ويس ته خبر پئي ته ميڊم جو بيڊ روم آهي. ميڊم فريال اڳئي اتي صوفه سيٽ تي ويٺي هئي، مونکي به صوفه سيٽ تي ويهڻ لاءِ چيائين. ڊريسنگ مان لڳي پيو ته ميڊم ننڊ مان اجان تازي اٿي هئي. آغا واپس ٻاهر هليو ويو. مون کان پڇيائين ته ڪهڙيون اسڪيمون ناهي ڪٺي آيو آهين؟ مون فائيل کولي ٻڌايو ته هيءُ هيءُ اسڪيمون آهن. پڇيائين ته انهن مان سنڌ کي ڪهڙو فائدو پوندو؟ مون ٻڌايو ته هيءُ هيءُ فائدا سنڌ کي پوندا. مونکي چيائين پيو سنڌ کي ڪيترو فائدو ٿيندو؟ مان وري ٻڌايو ته انهن اسڪيمن جي ڪري هيءُ هيءُ فائدا ٿيندا. مونکي چيائين جيڪڏهن تون وزيراعظم آفيس ۾ هجين ته پوءِ سنڌ جي لاءِ ڇا ڪندين؟ ۽ ڪيترو فائدو ڏيندين؟ مون چيو ته وزيراعظم جي آفيس ۾ اسپيشل سيڪريٽري ته صرف وزيراعظم جي صوابديد فنڊن جي نگراني ڪندو آهي. وزيراعظم جي منظوري کان پوءِ مان اهو ڪري سگهندس ته توهان مٿان فنڊ منظور ڪرايو باقي فنڊز سنڌ تائين پهچائڻ ۾ تقريباً هفتو لڳي ويندو. تقريباً پندرنهن ويهه منٽ انهن ڳالهين ۾ گذريا ته وري آغا اندر آيو. مان فائيل اتي ڇڏي موڪلائڻ لاءِ چيو ۽ موڪلائي واپس روانو ٿي آيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ سانگهڙ کان دوست جو فون آيو جنهن ٻڌايو ته توکي خبر آهي ته ڇاجي ڪري زرداري هائوس توکي گهرايو هئائون؟ مون چيو ته مون کي ميسيج مليو ته ڪجهه سنڌ جي لاءِ اسڪيمون ناهي

ڪٽي اچ، جيڪي مان ڪٽي ويو هيس، تنهن ٻڌايو ته توکان جڏهن پڇيائون ته سنڌ کي فائدو ڇا پوندو؟ انهيءَ جو مطلب تو سمجهيو ڪونه يا اڻڄاڻ ٿي وئين؟ سڌي ڳالهه هئي انهن کي خبر پئي ته تون رٽائر ٿي رهيو آهين، ايڪسٽينشن لاءِ چوندين ۽ ”ڏيڻ“ جي ڳالهه ٻولهه ٿي سنڌ کي فائدو پوي ها. مون دوست کي چيو ته ڀاءُ اج تائين نه اهڙو ڪم ڪيو آهي، نه ئي ڪرڻ جو شوق اٿم.“

سائين محمد جمن جامڙو توڙي جو پاڻ رٽائرڊ ڪامورو آهي، پر انهيءَ باوجود هن ڪامورا شاهيءَ جي ڪردار ۽ ڪارگذارين تي ڪوبه ڍڪ نه رکيو آهي، هن ”ڪاموڪين ڪوڙڪين“ ته به ڀرپور لکيو آهي، انهيءَ ۾ ڪٿي به ڪابه ڪنهن سان رعايت نه ڪئي آهي، عام طور تي چيو ويندو آهي ته تيل ترين مان ئي نڪرندو آهي، اهڙو اعتراف هن پنهنجي ڪتاب ۾ به ڪيو آهي. هن اهو به اعتراف ڪيو آهي ته ڪامورن پاران ضلعي ۾ ٽينڊرز ڪنهن به وي آءِ پي مووومينٽ يا وري ڪنهن به پروگرام ۾ بجيٽ کان علاوه جيڪو به خرچ ڪيو ويندو آهي، انهيءَ جو بار ضلعي جي سمورن ٽپيدارن تي ٽپي جي حساب سان رکيو ويندو آهي، جيڪي وري اهو سمورو حساب آبادگارن مان ئي ڪڍندا آهن. انهيءَ حوالي سان هڪ هنڌ لکي ٿو:

”ڊسٽرڪٽ ۾ جڏهن به وي وي آئي پي ايندو آهي ته لکين روپيه خرچ ٿيندا آهن ۽ بجيٽ ۾ انهي لاءِ هڪ ٽڪو به ڪونه رکيو ويندو آهي. 1983ع ۾ جڏهن پريزيڊنٽ ضياءَ دوري تي آيو هيو سندس ڊنر سائين نظر شاهه وٽ هو تنهن جي باوجود هڪ لک ۽ ڪجهه هزار روپيه خرچ آيو هيو. هينئر ته سڀ شئي مهانگي ٿي وئي آهي، تنهنڪري انڪان ڪافي وڌيڪ هوندو.اُهو خرچ، گاڏيون ارينج ڪرڻ، انهن جو تيل پاڻي، سرڪٽ هائوس تي شاميانا، ٽڏي مٽي پاڻي، چانهه ماني، گفٽ، سيڪيورٽي ۽ ٻين ڊيوٽين تي آيل ماڻهن جي رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ وغيره وغيره تي خرچ ٿيندو آهي. جيئن ته سرڪار جي طرفان انهي سلسلي ۾ ڪجهه به ڪين ڏنو ويندو آهي. تنهنڪري اسين اهو ٽوٽل خرچ جوڙ ڪري ٽپيدارن تي ٽپن جي حساب سان خرچ ورهائيندا آهيون. جنهن جو بار سڌو سنئون ضلعي جي آبادگارن تي پوندو آهي ۽ اهو نظام شروع کان ايئن هلندو پيو اچي.“

انهيءَ کان علاوه هن ڪتاب ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ۾ ڪيترائي اهم انڪشاف ۽ اهڙيون ڳالهيون، واقعا ۽ تجربا بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي اڳ ۾ پڙهندڙن کي شايد ئي پڙهڻ لاءِ مليا هجن. هن ڪتاب ۾ جامڙو صاحب پنهنجي سروس جا سمورا تجربا به شيئر ڪيا آهن ته آفيسرن سان عام ماڻهن ۽ حڪمرانن جي ورتاءَ تي به تفصيلي لکيو ويو آهي. سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين ڪتاب ايم آر ڊي کان وٺي اج تائين جي انتظامي ۽ حڪمراني جي مشاهدي جو تفصيلي دستاويز آهي، جنهن ۾ ضياءُ الحق جي آمراڻي حڪمراني واري دور،پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ جي سمورن حڪمراني وارن دورن جو به جائزو ورتو ويو آهي.پيپلز پارٽي جي ٻئي حڪومتي دور جي خاتمي کان پوءِ نواز ليگ جي وفاق ۽ سنڌ ۾ حڪمراني وارن ڏهاڙن ۾ ايم ڪيو ايم کي مڪمل ڇوٽ ڏيڻ، انهن جي قيدين کي آزادي ڏيارڻ، لياقت جتوئي جي وڏ وزارت ۾ ايم ڪيو ايم جي صوبي تي

حڪمراني هئڻ کان وٺي وفاق ۾ نواز ليگ جي وفاقي وزير صديق الفاروق پاران سنڌي آفيسرن کي ناپسنديده قرار ڏيڻ، سنڌي آفيسر کي ڪامرس منسٽري ۾ نہ رکڻ يا وري اسلام آباد ۾ نوڪري لاءِ پنجاب جو پٽ يا نياڻو ضروري هئڻ وارن مضمونن ۾ بلڪل دليري ۽ بي باڪي سان لکيو ويو آهي.

حقيقت ۾ ”سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين“ ڪتاب ملڪ جي انتظامي ۽ حڪمراني واري طرز جو هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو پڙهندڙن کي شايد اڳ ۾ ڪڏهن بہ پڙهڻ لاءِ نہ مليو هجي. هن وقت مڪمل طور تي ڊپريسڊ معاشري جي نوجوانن کي هيءَ ڪتاب پڙهڻ سان منزل طرف وڌڻ لاءِ همٿ افزائي جو ڏس بہ ملندو تہ جدوجهد ۽ جستجو سان منزل ماڻڻ وارو خواب ساڀيان ٿيندي بہ نظر ايندو. آئون اهڙو ڪتاب لکڻ تي ليکڪ سائين محمد جمن جاماڻو صاحب کي جس ڏيندس، گڏوگڏ اها بہ دعا ڪندس تہ شال جاماڻو صاحب جو قلم ائين ئي هلندو رهي ۽ نوجوان نسل جي همٿ افزائي ٿيندي رهي.

**وهاب جروار**

ڪراچي

24 آڪٽوبر 2019ع

# منهنجو خاندان

ڪافي ڏينهن کان دوستن جي طرفان ميسيج پيا ملن ته مان پنهنجي زندگيءَ جي گذريل سفر متعلق ڪجھ ٻڌايان. مونکي سمجھ ۾ نٿو اچي ته ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪريان. بهرحال جيڪو منهنجو حال آهي، ڪجھ هتي لکان ٿو. اميد ته توهان دوست منهنجي رهنمائي ڪندا، ڇو ته منهنجو اهڙو ڪوبه لکڻ جو تجربو ناهي.

الحمدلله مان هڪ هاري جو پٽ آهيان. پنهنجي وڏن کي ايتري زمين هئي، جو ڪنهن ٻئي جو هارپو ڪونه ڪندا هيا ۽ پنهنجي مڇي مانيءَ وارا ۽ وڏن جي اوطاق آباد هئي جيڪا اڄ تائين آباد آهي. اباڻو ڳوٺ گمبٽ شهر کان اولهه طرف اڳڙا روڊ تي 3 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ڳوٺ حاجي غلام جعفر ڄامڙو جي نالي سان ديهه ڄامڙا ۾ آهي. هتي منهنجو پڙڏاڏو روهڙي تعلقي جي علائقي ٻڪار مان لڏي آيو. ٻڪار ۾ اسانجي وڏن جا چار کوه هيا، پر اتان جي سيدن سان ڪنهن اڻبڻت جي ڪري هنن پنهنجو اباڻو ماڳ ڇڏيو. اسانجي پڙ ڏاڏي جو نالو لعل خان هيو ۽ ٻيو انجو ننڍو ڀاءُ ڪمال خان، انهن جي والد جو نالو نالي ڇڳو عرف شهزور سان مشهور هيو. ڇاڪاڻ ته پاڻ پهلوان هيا جنهن ڪري ڪيس شهزور سڏيندا هيا.

اسانجو پڙڏاڏو لعل خان ڳوٺ ڄامڙا ۾ اچي آباد ٿيو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ اتر طرف ويو. پوءِ خبر ناهي ته گھوٽڪي ضلعي جي کهڙي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃي آباد ٿيو. انهن جو اسان سان ڪوبه رابطو ناهي. بهرحال اسان جي پڙ ڏاڏي کي چار پٽ ڄاوا، جن جا نالا هيٺ آهن.

صاحب خان، نالي ڇڳو سعيد خان ۽ دوست علي عرف دوس

مان صاحب خان جي لڙيءَ مان آهيان . ڏاڏو صاحب خان 1938 ۾ فوت ٿي ويو. پنهنجي آسپاس جي سيني برادرين سان تمام بهترين دوستي وارا ناتا هيس ۽ وڏي قدر جي نگاه سان ڏاتو سڃاتو ويندو هيو.منهنجو والد ڏاڏي صاحب خان جي ٽئين گھرواري مان هيا. ڇو ته انڪان اڳ اسانجي ڏاڏي جون ٻئي گھرواريون فوت ٿي ويون هيون ۽ سندس هڪ فرزند به فوت ٿي ويو هيو تنهنڪري ٽئين شادي ڪيائون . منهنجو والد حاجي غلام جعفر تقريباً 115 کان 120 سالن جي درميان واري عمر ۾ سال 2008ع مئي 25 تي اسان کي هميشه لاءِ ڇڏي اصل ماڳ ڏانهن ويا. الله سيني جي بزرگوارن کي جنت الفردوس عطا ڪري، آمين يارب العالمين. منهنجي والد صاحب کي به پنهنجي تر ۾ وڏي عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هيو.

منهنجي والد صاحب 2 شاديون ڪيون ۽ الحمدلله ٻارهن پٽ ٿيا. جن مان ائن پٽن جو اولاد آهي، باقي چار فرزند پنهنجي ننڍپڻ ۾ الله کي پيارا ٿي ويا. پنج نياڻيون ٿيون، جن مان ٻن جي اولاد آهي.

مان پنهنجي ڀائرن ۾ ڇهين نمبر تي آهيان. منهنجي وڏن ڀائرن مان ڇئن پرائمري تائين تعليم حاصل ڪئي، سڀ کان وڏو ڀاءُ تعليم کان بغير رهيو. مونکان ننڍي ننڍن ڀائرن پوسٽ گريجوئيشن ڪئي ۽ پاڪستان اسٽيل ۾ جاب شروع ڪيو.

مون پرائمري تعليم ڳوٺ وڏيرو مينهون خان جامڙو ۾ حاصل ڪئي، سيڪنڊري تعليم لاءِ گورنمينٽ مراد هاءِ اسڪول گمبٽ ۾ داخل ٿيس. 1970 ۾ ميٽرڪ پاس ڪيم.

1970ع جي جولاءِ ۾ جيئن ون يونٽ ختم ٿيو تہ اسان بہ مئيٽرڪ پاس ڪئي هئي، تنهنڪري جن بہ شاگردن سيڪنڊ ڪلاس ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي هئي. انهن سڀني شاگردن کي گهر ويٺي ايس وي ٽيچر جا آرڊر اچي مليا. ان لاءِ اسان اپلاءِ بہ ڪونہ ڪيو هيو. بهرڪيف اسان کي ايس وي ٽيچرس ٽريننگ لاءِ خيرپور وڃڻ لاءِ چيو ويو. اسان جي خوشي جي ڪا انتها ڪانہ هئي، ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ريل گاڏيءَ تي چڙهڻ جو موقعو مليو. گمبٽ، کهڙا ۽ ڀرپاسي جا تقريباً ويهارو کن دوست هرروز ريل گاڏي رستي ايندا ويندا هياسين. گمبٽ ريلوي اسٽيشن اسانجي ڳوٺ کان 6 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، سو صبح جو سوير، گهران پنڌ نڪري اچي سنگت سان اسٽيشن تي پهچندا هياسين. خيرپور اسٽيشن کان پنج گولو تائين تقريباً ٻن ڪلوميٽرن جو فاصلو پيرين پنڌ ڪري ويندا هياسين. يعني ريل گاڏي کان علاوه اسين هرروز اوٽ موٽ سورهن ڪلوميٽر پنڌ ڪندا هياسين. جنهن ۾ ڇهہ ڪلوميٽر ڪچو رستو ڳوٺ کان گمبٽ تائين بہ شامل هيو.

# فوج ۾ڀرتي

1971ع فيبروري ۾ ايس وي ٽيچر جي ٽريننگ ڪي ڇڏي محرابپور ريلوي اسٽيشن جي ريسٽ هائوس تي پهچي فوج ۾ ڀرتي ٿي ويس. 25 فيبروري 1971ع تي سگنلز ٽريننگ سينٽر ڪوهاٽ رپورٽ ڪيم. ان وقت سنڌ ۽ بلوچستان جي سگنلز ۾ اڍائي سيڪڙو ڪوٽا هئي، ان تي هميشه سنڌ ۾ آباد پنجابي ڀرتي ٿيندا هيا. اصل رهاڪو سنڌ جو سنڌي مان پهريون هيس، جيڪو ڪوهاٽ پهتم. ٽريننگ دوران ميپ ريڊنگ جو ڪلاس پئي ٿيو ۽ مونکي اردو لکڻ ڪونه پئي آئي، تنهنڪري سڀ نوٽ سنڌي ۾ پئي لکيا، جنهن وقت مون نوٽ پئي لکيا ته هڪ ڪيپٽن مٿان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڪهڙي زبان ۾ ٿو لکين؟ مون چيو ته سنڌي ۾. ته ڪيپٽن پڇيو ته تون سنڌي آهين؟ مون چيو هائو. ڪيپٽن پاڻ بنگالي هيو، چيائين ته ڀڃي ته ڪو نه ويندين؟ مون چيومانس ته سائين مان انشاءَ الله جنرل ليفٽيننٽ ٿيندم، تنهن تي ڪيپٽن چيو ته ليفٽيننٽ جنرل چئبو آهي، نڪي جنرل ليفٽيننٽ. الله سائين جو ڪرڻ اهو ٿيو جو مان ليفٽيننٽ جنرل ته ڪونه ٿيس پر انجي بلڪل برابر واري سول رينڪ (فيڊرل سيڪريٽري) ۾ الله سائين مونکي پهچايو. مان فوج ۾ سپاهيءَ جي هوندي پنهنجي پرائيويٽ تعليم جاري رکي. 1971ع جي ايمرجنسي ڪري مان فرسٽ ايئر جو امتحان ڏئي ڪونه سگهيس، پوءِ 1972ع ۾ ٻئي گڏي امتحان ڏنا ۽ الحمدلله سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿي ويس. 1973ع ۾ پاڪستان آرمي ۾ ڪميشن لاءِ ٽيسٽ ۾ ويٺم ۽ ٽيسٽ پاس ڪئي، پر اڳتي هلي ميڊيڪل گرائونڊ تي رجيڪٽ ڪيائون ته تنهنجون اکيون صحيح ناهن، جنهن تي مون اپلاءِ ڪيو ته پوءِ مونکي ميڊيڪل جي بنياد تي فوج مان رٽائر ڪيو وڃي، جنهن تي اهو جواب مليو ته تون ميڊيڪلي طور سپاهي لاءِ بلڪل فٽ آهين، صرف آفيسر جي لاءِ انفٽ آهين. 1974ع ۾ بي اي پرائيويٽ سيڪنڊ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيم. ڊسمبر 1974ع فوجي قيدي واپس اچڻ ڪري آپشن گهريا ويا ۽ مان فوج کي خدا حافظ چئي نڪري آيس.

# فوجي نوڪريءَ مان موڪلاڻي

ڊسمبر 1974ع جي آخري هفتي ۾ مان ڪراچي ويس، اتفاق سان اسان جي يونٽ جا ڪجھ اين سي اوز (نان ڪمشنڊ آفيسر) ايئرپورٽ جي علائقي ۾ اين سي ٽريننگ لاءِ مقرر ٿيا هيا، سو منهنجو انهن سان ملڻ ٿيو، تن ٻڌايو ته سياٽي پي آءِ اي ۾ ايئر ٽڪيٽنگ سپروائيزر جي پوسٽ لاءِ آخري تاريخ درخواست وصول ڪرڻ جي آهي. مون ٻئي ڏينهن وڃي اپلاءِ ڪيو. فيبروري 1975ع ۾ پاڪستان اسٽيل ملز ۾ جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري ملي. آفيس تنهن وقت سٽي ريلوي اسٽيشن جي ڀرسان اسٽيٽ لائيف بلڊنگ نمبر 2 جي 4 ۽ 5 فلورز تي هوندي هئي. آگسٽ يا سيپٽمبر ۾ پي آئي اي جي پوسٽ لاءِ لکت ۾ ٽيسٽ ٿي، جيڪا مون پاس ڪئي، ڊسمبر ۾ وري انٽرويو ٿيا. ڊسمبر 1975 ۾ اسلام آباد يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ اشتهار آيو مون به اپلاءِ ڪيو. 15 جنوري 1976 تي اسلام آباد ٽيسٽ لاءِ گهرايو ويو، لکت ۾ ٽيسٽ ۽ انٽرويو ٿيو، واپس موٽي آيم. 25 فيبروري 1976 تي صبح جو آفيس ۾ اچي به ليٽر مليا، هڪڙو پي آئي اي ۾ نوڪري جو آرڊر ۽ ٻيو اسلام آباد يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي وڃڻ جو جنهن ۾ 200 روپيه ميرٽ اسڪالرشپ سان گڏ هئي. اسٽيل مل ۾ مونکي 650 ساڍا ڇهه سو روپيه پگهار ملي پئي، پي آءِ اي ۾ اٺ سؤ ربين ڪان ڪجھ مٿي هئي. مون ڳوٺ وڃي بابي سائين کي ڇيو ته بابا مان پڙهڻ لاءِ اسلام آباد وڃڻ ٿو چاهيان. بابو سائين سوچ ويچار ۾ پئجي ويو ته اسلام آباد ۾ اتي اسانجو ڪو واقف نه وڙو سياڻي توکي ڪا ڏکيائي ٿئي ته پوءِ ڇا ٿيندو. ايتري ۾ منهنجو ٻيو نمبروڏو ڀاءُ آيو بابي سائين ادي کي ڇيو جمن ايئن ٿو چوي، تنهنجو ڇا خيال آهي؟ منهنجي ڀاءُ جنهن جو نالو بدرالدين آهي، تنهن چيو ته بابا جمن جيڪڏهن پڙهڻ چاهي ٿو ته موڪليوس، باقي خرچ وغيره لاءِ مان سڀ ڪجھ پاڻ ڪندس، چاهي مونکي پاڻ کي گروي رکڻو پوي ته به مان خرچ ڪندس. جيئن ته اسين سڀ ڀائر ۽ سوٽ هڪ گهر ۾ رهندا هياسين، منهنجي ڀاءُ بدرالدين ٿورو عرصو اڳ ۾ بابا کي مڃايو ته اسان ڇهن ڀائرن کي علحده ڪيو ۽ زمين وغيره ڏار ڏيو جيڪا سيني چاچن، ڀائرن ۽ سوٽن صلاح ڪري اهو فيصلو ڪيو ته اسان ڇهه ڀائر جيڪي هڪ ماءُ مان هياسين، هڪ علحده گهر ۾ رهڻ لاءِ جڳهه ڏني وئي، باقي اوطاق وغيره هڪ جيڪا بابي سائين جي زندگي تائين هڪ رهي ۽ ٻاهر برادري ۾ ايئن هميشه هڪ سمجهندا رهيا. الحمدالله اڄ تائين به اسان سيني ڀائرن ۽ سوٽن ۾ هڪ ڳالهه آهي. جيئن ته مان ڀاءُ بدرالدين سان هيس، تنهنڪري انهي منهنجي پڙهائي واري خواهش کي پوري ڪرڻ جي حامي ڀري. اسانجي ڏاڏي کي تقريباً چاليهه جريب زمين مال متاع جام حصي ۾ آيو، جنهن جا وارث بابو ۽ هڪ چاچو ٿيا . بابو ۽ چاچو پوءِ پنهنجي حال

سارو ڪجهه زمين خريد ڪندا رهيا. اسان ڇهن ڀائرن کي ٽيويهه جريب زمين ۾ مال رزق حصي ۾ مليو ۽ اسانجي ڀڻ ڀائرن کي حصي کان ڇه ست جريب وڌيڪ ملي، جو اسان جي وڏو ڀاءُ جي صحت ٺيڪ ڪو نه رهندي هئي، انهيءَ ڪري سڀني ڀائرن ۾ سوڻن اهو پاڻ ۾ فيصلو ڪيو. منهنجو والد ۽ چاچو پاڻ ۾ ڀائرن کان وڌيڪ عاشق ۽ معشوق وانگر هڪٻئي سان محبت ڪندا هيا. الله سڀني جي بزرگن کي جنت الفردوس عطا ڪري. آمين يارب العالمين.

# اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ داخلا

28 فيبروري 1976ع تي اچي اسلام آباد يونيورسٽي پهتاسين. جنهن وقت مان اسلام آباد يونيورسٽي آيم ته اسان پوري يونيورسٽي ۾ صرف ٻه سنڌي شاگرد هياسين. اسان کان اڳم ايڪانامڪس شعبي مان ميڊم شمشاد اختر ماسترس ڪئي، جيڪا بعد گورنر اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ٿي. 25 ڊسمبر 1976ع تي ڀٽي صاحب اسلام آباد يونيورسٽي اچي انهيءَ جو نالو تبديل ڪري قائد اعظم يونيورسٽي رکيو.

الحمدلله هينئر قائداعظم يونيورسٽي ۾ پنج ڇه سو سنڌي شاگرد ۽ شاگرديائٽيون پڙهن ٿيون ۽ داخلا لاءِ ڪوٽا مقرر آهي، جنهن وقت اسان آيا هياسين انوقت صرف پاڪستان ليول تي ميرٽ هئي .

الحمدلله پنهنجي نوڪري جي دوران L.L.B جي تياري شروع ڪري ڏني هئي ۽ داخلا خيرپور لا ڪاليج ۾ ورتي هئي، پر ڪلاس ڪڏهن اٽينڊ ڪونه ڪيو هيو باقي فيس ادا ڪندو هيم. شام جو چوري S M LAW COLLEGE ۾ وڃي ڪلاس اٽينڊ ڪندو هيم ۽ هنن ڪڏهن به مونکان ڪونه پڇيو ته آيا تون هتي داخل آهين يا نه . 1976ع ۾ ايل ايل بي جو امتحان سنڌ يونيورسٽي مان ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيم.

اسلام آباد ۾ پڙهائي جي دوران اسلام آباد يونيورسٽي کي نيڌرلينڊ گورنمينٽ جي طرفان ٻه اسڪالرشپس آيون، جنهن ۾ هڪ سوشل سائنس جي اسٽوڊنٽ لاءِ پر لا گريجوئيٽ هجڻ شرط هيو. پوري اسلام آباد يونيورسٽي ۾ مونکان علاوه ڪوئي به ايل ايل بي پاس ڪونه هيو. تنهن ڪري منهنجي نامينيشن ايجوڪيشن منسٽري ڏانهن موڪلي وئي، جنهن ۾ مان پرنسپل اميدوار ۽ ٻيو بهاءُالدين زڪريا يونيورسٽي ملتان جو الٽرنيٽ ڪينڊيڊيٽ هيو. هاٽي مون پڪو دل ۾ په ڪيو ته ان اسڪالرشپ کان پوءِ بار ائيٽ لا ڪندس. پر الله کي منظور ڪجھ ٻيو هيو. مان هر هفتي منسٽري ايجوڪيشن جو چڪر هڻندو هيس، اتان جو اسسٽنٽ ۽ سيڪشن آفيسر هميشه اهو دلاسو ڏيندا رهيا ته بس جيئن ليٽر ايندو توکي موڪليندا سين. خبر تڏهن پئي جو الٽرنيٽ هليو ويو ۽ منهنجي ڪنفرميشن جو آيل ليٽر ڦاڙ وٽ رکي، هوڏانهن جواب موڪليائون ته پرنسپل ڪينڊيڊيٽ نٿو وڃڻ چاهي لحاظ الٽرنيٽ کي قبول ڪيووڃي.

1978ع تي ڳوٺ اچڻ ٿيو هلال پاڪستان اخبار ۾ اشتهار هيو ته سترهين گريڊ لاءِ چٽا ڀيٽي واري امتحان لاءِ درخواستون گهربل آهن. اسلام آباد اچي فارم ورتم، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ عمر 25 سال هئي، مان 25 سالن کان وڌو تي ويو هيس، تنهنڪري مونکي فوج جي نوڪري ڪري ٻه سال ملي ويا،

جنهن لاءِ درخواست ڊفينس منسٽري جي معرفت موڪلڻ گهربل هئي. مان هر روز لڳاتار چوڏهن ڏينهن يونيورسٽي کان روالپنڊي منسٽري ڊفينس وڃي ڪڏهن هڪڙي سيڪشن ۾ وري ڪنهن ٻئي سيڪشن ۾ آخر ڪار اهو جواب مليو تہ منسٽري صرف آفيسرس کي ڊيل ڪندي آهي او آر (other ranks) کي منسٽري ڪانہ ڊيل ڪندي آهي. آخر ۾ هڪ جهونو پٽيوالو اهو لڪاءُ پيو ڏسندو هيو تہ سڄو ڏينهن اڄ بک تي اچي ٿو، ڪم ڪونہ ٿو ٿئيس، ان صلاح ڏني تہ تون وڃ ۽ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سولجر بورڊ کان دستخط ڪراءِ هاڻي باقي هڪ ڏينهن وڃي پڇيو هيو سو مون چيو تہ هينئر تہ ٽائيم آهي ڪونہ، جو واپس وڃان خيرپور ۽ انکان دستخط ڪرايان. وري واپس اچي فارم جمع ڪرايان تنهن تي هن صلاح ڏني تہ ڪوئي فرق ڪونہ ٿو پوي پنڊي واري آفيسر ڏانهن وڃ. ٻڌايائين تہ گارڊن ڪاليج وٽ لياقت باغ جي سامهون آفيس آهي. مان صبح سوير وڃي پهتس ڇوتہ اهو آخري ڏينهن هو فارم جمع ڪرائڻ جو.

# سي ايس ايس جي اِمتحان ۾ پهرين پوزيشن

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جڏهن مان ڊسٽرڪٽ آرمڊ سولجر بورڊ راولپنڊي آيس ته اڃان ميجر صاحب اتي ڪو نه پهتو هيو. ٿوري دير کان پوءِ ميجر صاحب آيو ۽ مون وٽ ڪيس اچڻ جو سبب بيان ڪيو ۽ ڪيس آرمي جو ڊسچارج سرٽيفڪيٽ ڏيکاريو. ڪاغذ پٽ چيڪ ڪرڻ کان پوءِ پڇيائين ته تون سنڌي آهين؟ مون ڪيس هاڪار ۾ جواب ڏنو ته هڪدم هنجو لهجو بدلجي ويو ۽ پٺتي صاحب جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيائين. دل ۾ ته مونکي به پهريان ڏاڍو غصو آيو پر پوءِ هڪدم خيال ۾ آيو ته اڄ فارم ڀرائي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي. جيڪڏهن مون ڪو به جواب ڏنو ته هي فارم تي صحيح ڪو نه ڪندو، تنهن ڪري بهتري انهيءَ ۾ آهي ته صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ تي وڃان. ٿوري دير کان پوءِ وري پڇيائين ته تون سنڌي آهين؟ مون جواب ۾ هاڪار ڪئي، وري پٺتو صاحب کي وڏيڪ برو ڀلو ڳالهائڻ لڳو. مان خاموش جيئن ڪکڙ مٿان پاڻي هاريو ويو هجي. اهو سلسلو ظهر نماز تائين هلندو رهيو. ڪڏهن پٺتي صاحب تي ته وري بيگم پٺتو صاحب تي چوهڙ چنبڙيندو رهيو. وڏي ڳالهه ته مان به دل ئي دل ۾ هن جي هر لفظ کي هزارن سان ضرب ڏئي پنهنجي ڪاوڙ ختم پئي ڪئي، آخرڪار چيائين هل نماز لاءِ. مان به ميجر صاحب جي پويان هلندو وڃي مسجد پيڙا ٿيس. ظهر نماز گڏ پڙهي پوءِ واپس اچي فارم وٺي صحيح ڪري نيو هٿي ڏنائين.

فارم ڪٽي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس ڏانهن ڊوڙ پاتي، انهي وقت ايف پي ايس سي جي آفيس راولپنڊي پي سي هوٽل کان ڏکڻ طرف افتخار چيمبرس ۾ هوندي هئي. آخري ڏينهن جي ڪري رش جام هئي وڃي. قطار ۾ بيهڻ ۽ ٿوري دير کان پوءِ فارم جمع ٿيو ۽ يونيورسٽي واپس موٽي اچي تياري شروع ڪري ڏني. يونيورسٽي ۾ منهنجو آخري سيمسٽر هيو ۽ گڏوگڏ سي ايس ايس جي لاءِ ڪتاب ورتا، لائبرري مان ڪجهه ڪتاب ملندا هيا. تياري ٻنهي امتحانن جي لاءِ شروع ڪيم. چوته انوقت اهو اصول هيو ته جيڪڏهن فائينل سيمسٽر ۾ ڪن به ٻن سبجيڪٽس ۾ فيل ٿيو ته ايڊميشن ڪينسل ۽ وڃي گهر پيڙو ٿئي. تنهنڪري منهنجي لاءِ ضروري هيو ته ڊگري کي وڌيڪ اهميت ڏيان. اتفاق سان سي ايس ايس جي امتحان جو شيڊول ظاهر ٿيو ۽ ٻئي پاسي يونيورسٽي به امتحانن جو پروگرام پڌرو ڪيو. سنڌي ۾ چوندا آهن ته ڏيري ڊور تي مچربه گهٽا، پاڻ سان به اچي اهو حساب ٿيو. سومر کان ڇنڇر ڇهن ڏينهن ۾ سي ايس ايس جا ٻارهن پيپر صبح شام بغير وقفي جي ختم. وري سومر کان ايم ايس سي فائنل جا پيپر شروع، يعني صرف هڪ ڏينهن آچر جو وقفو. مان

چيئرمين ڊپارٽمينٽ کي عرض ڪيو ته سائين توهان سومر واري پيپر کي ريشيڊول ڪيو ته جيئن مان سي ايس ايس جي امتحان ۾ ويهان. جنهن تي جواب بلڪل انڪار ۾ مليو جڏهن ته اسان جي ڊپارٽمينٽ مان ٻيا به سي ايس ايس جي امتحان لاءِ ويٺا. انهن کي پيپر انهن جي مرضي مطابق ريشيڊول ڪري ڏنا ويا.

توڪل برخدا رکندي رات جو ايم ايس سي جي تياري ڪندو هيم ۽ صبح جو پيپر سي ايس ايس جو ڏئي ايندو هيم. يعني سي ايس ايس جي امتحانن واري عرصي ۾ تياري يونيورسٽي امتحان جي ڪندو هيس، باقي تجربي حاصل ڪرڻ لاءِ امتحان سي ايس ايس جو ڏيڻ شروع ڪيم. منهجي مالڪ ڪريم پنهجي فضل سان مونکي ٻنهي امتحانن ۾ ڪامياب ڪيو.

الحمدالله منهنجي اميد کان وڌيڪ مالڪ سائين ڪاميابي عطا ڪئي. سنڌ رورل مان لکت واري امتحان ۾ منهنجي پهرين پوزيشن هئي، جنهنجي مونکي خبر ڪانه هئي، پر اسان جي هڪ دوست کي خبر پئجي وئي، چوته هن به مونسان گڏ سي ايس ايس جو امتحان ڏنو هيو پر هن مونکي ڪڏهن به ڪونه ٻڌايو. ان وقت ڏهه سيٽون ڊي ايم جي لاءِ تجويز هيون. مردان جي هوتي خاندان جا به ڇوڪرا به امتحان ۾ پاس ٿيا هيا انهن جنرل ضياءَ کي چيو ته سيٽون وڌايو يا اسانجي ٻارن مان ڪنهن هڪ کي ڊي ايم جي ڏيو. جنرل ضياءَ هوتي جي چوڻ ڪري پندرهن سيٽون وڌرائڻ لاءِ حڪم ڪيو پر انهن جي حساب سان انهن جو معاملو صحيح نه پئي ٿيو. تنهنڪري ويهه سيٽون ڊي ايم جي جون منظور ڪيون ويون. جڏهن صرف ڏهه ڊي ايم جي جي سيٽن تائين معاملو هيو ان وقت ان دوست منهنجي حيدرآباد ۾ انصاري جي هوٽل ۾ ماني تي گهرايو ۽ مونکي آماده ڪرڻ لڳو ته يار تون غريب گهراڻي جو ماڻهو آهين، منهنجي صلاح آهي ته تون ڊي ايم جي آپشن کي ڇڏ ۽ ڪسٽم وٺ اتي تنهنجي مالي حالت تمام سٺي ٿي ويندي وغيره وغيره. مون دوست کي جواب ڏنو ته يار پئسه يا مال منهنجي ڪمزوري ڪانهي، تنهنڪري مان پهريئن نمبر تي ڊي ايم جي رکندس باقي جيڪا منهنجي قسمت. ان وقت تائين به مونکي خبر ڪانه هئي ته ڪو مان سنڌ ۾ پهرئين پوزيشن تي آهيان. هن دوست جي پوزيش مونکان پوءِ ۾ هئي. اتفاق سان اسانجو ٽيون دوست جيڪو ٽئين نمبر تي آيو تنهن کي خبر پئجي وئي ته هوٽئين نمبر تي آهي، ڊي ايم جي جي هڪ سيٽ ۽ آپشن چينج ڪرڻ جي گنجائش هئي تنهن پنهنجو آپشن چينج ڪري ڊي ايم جي مان ڪسٽم پهرئين نمبر تي رکيو. هوتي فيملي جي ڪري ڏهه سيٽن مان وڌي ويهه ٿيون ۽ چار ترائبل گروپ جون، جيڪي بعد ۾ ڊي ايم جي ۾ ضم ٿي ويون. سنڌ رورل کي هڪ مان وڌي ٽي ڊي ايم جي جون سيٽون مليون، سنڌرورل جي چوٿين نمبر کي ڊي ايم جي ملي ۽ ٽئين پوزيشن واري کي ڪسٽم پوءِ ڏاڍي ڪوشش ڪيائين پر گروپ تبديل ڪو نه ٿي سگهيو. چوڻ جو مطلب آهي ته سڀ مالڪ جي مرضي آهي ته ڪنهن کي ڇا ڏئي.

پهرئين کان ڇهين ڪامن تائين پوسٽ الوڪيشن آف گروپ ٿيندي هئي، معني ايف پي ايس سي ۽ اڪيڊمي جي امتحان ٿيڻ کان پوءِ سروس گروپ الاٽ ٿيندو هيو پر اسانجو ستون ڪامن پهريون بيچ هيو جو پري الوڪيشن آف گروپ ٿيو. انهيءَ ڪري ستون ڪامن سول سروس اڪيڊمي ۾ ڊسمبر 1979ع جي بجاءِ 1980ع اپريل 5 تي ترينگ شروع ٿي.

سول سروس اڪيڊمي جو جهان بہ هڪ مختلف دور هوندو آهي. پوري پاڪستان کان مختلف ريجن کان اچي هڪ نئين ماحول ۾ نون دوستن سان ملڻ ۽ اڳتي جي زندگي ۾ هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ ۽ دوستيون پختيون ڪرڻ جو هڪ ذريعو هوندو آهي. پروبيشنرس ڪي رهائش لاءِ ڪن کي والٽن ڪيمپس تي تہ ڪن کي مال روڊ تي اولڊ سي ايس ايس ڪيمپس جي هاسٽل تي رکڻو هو. ڪٿا پيا تہ ڪير ڪٿي رهي، منهنجو ڪٿو اولڊ سول سروس هاسٽل لاءِ نڪتو. باقي گهڻا دوست والٽن ڪيمپس ۾ وڃي رهيا. اسين صبح جو والٽن ڪيمپس ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ هروز اڪيڊمي جي بس ۾ ويندا هياسين. اڪيڊمي ۾ هر مهيني ۾ گيسٽ نائيٽ ۽ ميس نائيٽ ٿيندي هئي. جنهن ۾ ٻاهران بہ اڪيڊمي وارا سينيئر آفيسر ۽ انهن جون گهرواريون بہ اينديون هيون. گيسٽ نائيٽ جو سڄو خرچ اڪيڊمي ڪندي هئي ۽ ميس نائيٽ جو خرچ اسين سڀ پروبيشنرس ڪندا هياسين. ڊريس ڪوڊ جي پابندي هوندي هئي. اسانجو ڊي جي صاحب ڪڏهن ڪڏهن فرشي مجلس ڪرائيندو هيو، جنهن ۾ ناميارا اديب اچي انفارمل انداز ۾ ڪو ليڪچر ڏيندا هيا. جنهن لاءِ ڊريس ڪوڊ جي پابندي ڪانہ هوندي هئي. هڪ دفعي شروع ۾ اشفاق احمد صاحب کي گهرايو ويو ۽ مان عادت کان مجبور شلوار ڪڙتو مٿان وري ٽوپي اجرڪ پائي ويس. مون محسوس ڪيو تہ ڊي جي صاحب کي ڳالهہ سني ڪو نہ لڳي. اشفاق صاحب جي جڏهن مونتي نظر پئي تہ هن جيڪو ليڪچر انائوس ڪيو هيو ان کي پاسيرو رکي، منهنجي ٽوپي ۽ اجرڪ جي ساراهہ ۾ لڳي ويو پورا بہ ڪلاڪ انهيءَ موضوع تي ڳالهائيندي چيائين تہ جنهن قوم جو پنهجي ڪلچر سان پيار هوندو آهي، اها قوم ڪڏهن بہ ختم ڪو نہ ٿيندي آهي. انهيءَ کان پوءِ جيڪي بہ گيسٽ چاهي ميس نائيٽس ٿينديون هيون، جمن چانڊيو لاءِ ثقافتي ڊريس لازم هوندي هئي. هڪ دفعي مان ميس نائيٽ ۾ سوٽ پائي ويم تہ ڊي جي صاحب واپس موڪليو تہ وڃ ۽ سنڌي ڊريس پائي اچ. ستر سالن جي اڪيڊمي جي رڪارڊ ۾ ايئن ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو آهي تہ اڪيڊمي ۾ آفيشل ڊريس کان بغير ڪوئي فنڪشن اٽينڊ ڪري سگهي، خاص ڪري فائينل گروپ فوٽو هر حال ۾ ڊريس ڪوڊ کان بغير ڪو نہ ٿيندو آهي، نڪو اڳتي ايئن ٿيندو پر انهي موقعي لاءِ بہ اڪيڊمي ڪيبنٽ ڊويزن گورنمينٽ آف پاڪستان کان لکت ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪرايو تہ محمد جمن چانڊيو صرف آخري گروپ فوٽو سيشن ۾ سنڌي ڊريس پائيندو ۽ الحمدللہ سول سروس اڪيڊمي ۾ اجرڪ جي پٽڪي سان فوٽو صرف هن مسڪين جو اڄ بہ لڳل آهي.

# سول سروس اڪيڊمي ۾ سنڌيءَ جا ڪلاس

سول سروس اڪيڊميءَ ۾ صوبائي زبانن ۾ ٿوري گهڻي ڄاڻ ڏيارڻ خاطر سنڌي، پنجابي ۽ پشتو ۾ پروبيشنرس جا جدا جدا ڪلاس ٿيندا آهن جن ۾ مٿين ٻولين ۾ بنيادي ڄاڻ ڏني ويندي آهي، عمومن ڪلاسز صرف سنڌي ۽ پشتو جا ٿيندا آهن. شروع ۾ خادم حسين ميمڻ جيڪو ريلوي ۾ سينيئر آفيسر هيو اهو سنڌي پڙهائيندو هيو پر ڪن سببن جي ڪري هو هن سيشن ۾ اچي ڪو نه سگهيو تنهنڪري اڪيڊمي وارا ڪجهه پريشان ٿيا. سندن انهيءَ پريشاني کي دور ڪرڻ لاءِ مون وٽ چيو ته سنڌي پروبيشنرس کي مان پڙهائيندس. جيئن ته گهڻائي هميشه پنجاب وارن جي هوندي آهي تنهن ڪري اهي يا ته سنڌي جو ڪلاس اٽيند ڪن يا پشتو جو. پشتو جيئن ته پٺاڻن جي زبان آهي تنهنڪري سنڌيءَ جو ڪلاس اٽيند ڪري پئي سگهيا اهڙي طرح سنڌي زبان ڳالهائڻ وارا سنڌي جو ڪلاس اٽيند ڪري نه پي سگهيا. منهنجي ڪري سڀ کان گهٽا پروبيشنر منهنجا اچي شاگرد ٿيا .

هڪ دفعي اسانجي سنڌ واري دوست شرارت ڪندي ٻن پروبيشنرس کي چيو ته هي سوال پڇو. سوال هيو ته وڻ جي پاڙ کان مٿي ۽ ڏارن کان هيٺ واري حصي کي ڇا چئبو آهي؟. مون بي ڌڙڪ چيو ته "بنڊ". هڪدم ڪلاس ۾ عجيب قسم جي سس پس ۽ خاموشي ٿي وئي، ڇوته منهنجي ڪلاس ۾ تقريباً ويهارو کن ڇوڪريون هيون.

سول سروس اڪيڊمي ۾ گيسٽ ۽ ميس نائيٽس ۾ لاهور جي سينيئر حاظر ۽ رٽائرڊ آفيسرس ۽ انهن جي گهروارين کي هڪ خاص ۽ ڳجهي مقصد خاطر گهرايو ويندو هيو. مون جيڪو ڏٺو ته لاهور جا رٽائرڊ ۽ سينيئر آفيسرس پنهنجي بيگمات کان علاوه پنهنجون ڪنواريون ڌيئر، ڀينر ۽ ساليون وٺي ايندا هيا، ۽ نموني سان انهن جي شادي جي لاءِ راه هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا. اتفاق سان ان سڄي ملاڪڙي ۾ اجرڪ جي پٽڪي سان مان وري لکن ۾ پڌرو هوندو هيس ۽ بيگمات اچي مون سان پاڻ تعارف ڪرائينديون هيون، ته منهنجو مڙس سنڌ جي ڪنهن ضلعي جو نالي وٺي چونديون هيون اتي فلاڻي سال ڊي سي هيو، هاڻي هتي يا رٽائر آهي ۽ هي منهنجي ڌيءُ يا ڀيڻ آهي. ماشاءَ الله تعليم پوري ڪئي اٿس يا ٿيڻ واري اٿس وغيره وغيره. پوءِ ڇوڪري به هيلو هاءِ ڪندي هئي. اڪثر ڊي جي اچي منهنجي جان ڇڏائيندو هيو. ڪنهن طريقي سان مونکي پاڻ ڏانهن سڏ ڪندو هيو. پوءِ ٿوري دير لاءِ منهنجي جان آجي ٿي ويندي هئي. سنڌي ڊريس پائڻ جي ڪري عمومن بک تي ويلو گذري ويندو هيو. جتي رُڪيس اتي هڪدم سينيئر آفيسرن کان اڳ سندن بيگمات ۽ انهن جي ڇوڪرين جي گهيري ۾ اچي ويندو هيس ۽ ماني کائڻ جو موقعو ڪو نه ملي سگهندو هيو.

مامو لالو ڪاڏي وڃي.

مان ڳالھ اسلام آباد يونيورسٽي واري پوري ڪو نہ ڪري سگھيس، جو سي ايس ايس جي فارم پرجڻ جو قصو وچ ۾ نڪري ويو تنھنڪري انھيءَ کي مڪمل ڪرڻ ضروري ٿي پيو.

جڏھن مان اسلام آباد يونيورسٽي اچي ڪلاس شروع ڪيا تہ اسانجي ڊپارٽمينٽ جي سينيئر شاگردن اسان جي مان ۾ خوش آمديد پارٽي جو انتظام ڪيو. اسانجي ڊپارٽمينٽ جي اسٽوڊنٽس جي صدر ھڪ ڇوڪري ھئي، جيڪا ھينئر آسٽريليا ۾ پروفيسر رٽائر ٿي اتي سيٽل ٿي وئي آھي. اسان نون آيل شاگردن کي اٽڪ جي پريان جتي ڪابل ندي اچي سنڌو درياء ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، انھي ھيٺ تي پارٽي ڪئي وئي ھئي، انھيءَ کي ڪنڌ ڪري چوندا آھن. آچر جو ڏينھن ھيو صبح جو ھاسٽل وٽ اچي بس بيٺي مان بہ تيار ٿيم پينٽ وغيره پاتم. ھڪدم خيال آيو تہ نڪو يار شلوار قميص ۽ اجرڪ جو پٽڪو ٺو ٻڌان. مان پينٽ لاھي سنڌي ڊريس پاتي، اجرڪ جو پٽڪو ٻڌم، ڪجھ دير لڳي پر منھنجو ھيو ساٿي نورالدين شيخ صاحب ٻئي ڊپارٽمينٽ ۾ ھيو اچي جھلڻ لڳو تہ يار تون مارائيندين توکي ڇا ھي؟ اچي ھمراھ پريشان ٿيو. مون ھنجي ھڪ بہ ڪو نہ ٻڌي، مڇن کي تيل ۽ وٽ ڏئي جيئن ٻاھر نڪتس تہ ھڪدم ھوڪرا تاڙيون ۽ سيٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون. ٿوري دير رڪيم، سمجھ نہ پيو اچي تہ ھاڻي ڇا ڪريان؟ مان بہ دير ڪانہ ڪئي، ھنن جي ھوڪرن سيٽين جي جواب ۾ اتان ٻيھي ھٿ سان جيئن جلسي ۾ خطاب ڪبو تہ شروع ۾ پبلڪ کي ھٿ لوڏي جواب ڏبو آھي، مون بہ اھو طريقو استعمال ڪيو. انھيءَ دوران جيڪي بہ ھاسٽلن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ھيون، شور تي اڪيون مھٽيندا ڪمرن کان ٻاھر بالڪوني ۾ ڏسڻ لڳا ۽ انھي وقت پوري يونيورسٽي ۾ مان مشھور ٿي ويس.

خير بس ۾ چڙھي روانا ٿياسين، مونکي اڳئين سيٽ تي ويھارين ۽ مون سان گڏ ھڪ ڇوڪري ۽ ھيو ڇوڪرو وينو. اسلام آباد کان ٿيندي راولپنڊي مان گذرندي، پشاور ڏانھن گاڏي جو رخ ٿيو. ڪوھنور مل انوقت جھنگ ۾ ھئي، جڏھن اتان گذر ٿيو. شرارت ڪري جيڪا منھنجي سيٽ جي پويان وينل ڇوڪري ھئي، ان ھڪ ڪينو ڪٽي منھنجي پٽڪي جي طري جي مٿان رکيو. گاڏي ۾ سڀ خاموش ٿي ويا، بس ۾ اسان جا استاد ۽ انھن جون گھرواريون بہ ھيون. ھاڻي سڀني جون نظرون مون ڏانھن تہ منھنجو ردعمل ڇا ٿو اچي؟ ڪجھ دير مونکي سمجھ ۾ نہ پيو اچي تہ ڇا ڪريان؟ غصو بہ آيو پر ڪنٽرول ڪري دل ۾ سوچيم تہ جيڪڏھن مان ھتي چڙيم تہ پوءِ ٺوڪ نھي ويندي، بس مون بہ ڪينو پٽڪي تان ڪٽي کل لاھي کائڻ شروع ڪيو. وري مٿان ھيو پوءِ ٿيون مون بہ لاھي پاڻ بہ کائڻ لڳس ۽ ھين کي بہ ڏنم. وري ھڪ دفعو ڪيلو رکين ان کان پوءِ کيل ختم. بس پوءِ جتي گاڏي بيٺي ٻاھر سڀني جون نظرون مون ڏانھن.

ان کان پوءِ جيڏانھن بہ ٺوئر تي وڃڻ ٿيندو ھيو تہ مان ھميشہ سنڌي ڊريس ۾ ويندو ھيس. جڏھن اسٽوڊنٽ ڪارڊ ٺھڻ لاءِ فوٽو ورتا ويا تہ مون اجرڪ جي پٽڪي سان فوٽو ڏنو يونيورسٽي ايڊمنسٽريشن وارن انھيءَ تي اعتراض ڪيو تہ فوٽو ٻيو ڏي، مون بہ اچي ضد ڪيو تہ فوٽو مان صرف اھو ڏيندس. ڪافي ڏي وٽ ٿي، آخرڪار رجسٽرار وٽ پيشي ٿي ۽ چيائين تہ فوٽو توکي ٻيو ڏيڻو

پوندو. جنهن تي مون ورائي چيو تہ فوٽو جيڪڏهن لڳندو تہ صرف اهو اجرڪ جي پٽڪي وارو لڳندو، نہ تہ مونکي توهان جي ڪارڊ جي ڪابہ ضرورت ناهي. معاملو وري بہ ڪو نہ نبريو. آخرڪار مان مرحومہ ڊاڪٽر مس ڪنيز فاطمہ جيڪا اڳ ۾ وائيس چانسلر هئي، جنهن کي پٽي صاحب لڳايو هيو. جنرل ضياءَ جي مارشلا اچڻ سان کيس هٽائي هڪ پناڻ محمد هاشم کي رکيو ويو هيو. بهرحال ميڊم مس ڪنيز فاطمہ کي وڃي عرض ڪيم تہ بٽ صاحب جيڪو رجسٽرار هيو، انکي چئو تہ منهنجي اسٽوڊنٽ ڪارڊ تي جيڪو مان فوٽو ڏيڻ ٿو چاهيان اهو هٽي ڏئي. مرحومہ کي الله جنت ۾ اعلي مقام عطا ڪريس، رجسٽرار کي فون ڪيو ۽ چيائينس تہ ان فوٽو هٽڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ سنڌ کان هڪ شاگرد آيو آهي، اسان وٽ سنڌ جي نمائندگي اڳ ئي ڪانهي. مان وڃي ٻيهر رجسٽرار سان مليس، مجبورن هن ڳالهہ مجي پر ڊپٽي رجسٽرار وري انڪار ڪيو. بعد ۾ رجسٽرار هن کي سختي سان حڪم ڏنو تہ هي ضدي ڇوڪرو جيڪا تصوير چوي ٿو هٽي ڏيوس. پوءِ آخر ڪار اجرڪ جي فوٽو سان منهنجو يونيورسٽي سان اسٽوڊنٽ وارو شناختي ڪارڊ جاري ڪيو ويو. 1977 جي ڊسمبر ۾ برف باري ڏسڻ لاءِ پروگرام رٿيو ويو.

# ڪوهه مريءَ ۾ اجرڪ جي پٽڪي سان دورو

منهنجي اها عادت ٿي وئي هئي تہ جڏهن بہ يونيورسٽي کان ٻاهر ڪوئي ٽوئر جو پروگرام ٿيندو هيو تہ مان هميشہ سنڌي ڊريس ۾ ويندو هيس. 1977ع جي ڊسمبر مهيني ۾ هنن ڇاٽي واٽي اهو پروگرام ٺاهيو تہ ڪوهہ مري هلون ۽ برف باري جي منظر مان لطف اندوز ٿيون. مون کي چيائون تہ ٻچو ڏسون تہ هاڻي ڪيئن ٿو سنڌي ڊريس پائي هلين؟ سردي ۾ سوبہ ڪوهہ مري, اهو واقعي هڪ وڏو چئلينج هيو.

اها هڪ حقيقت آهي تہ پنهنجي ثقافت کي ٻئي هنڌ جتي انجي عزت نہ هجي, انکي اتي انهن وٽ قبول ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڇو تہ هو مون کي هميشہ اهو چوندا هيا تہ يار جڏهن بہ يونيورسٽي کان ٻاهر هلون ٿا تہ جيئن تون هتي پينٽ وغيره پائيندو آهين, اهڙيءَ طرح اسان سان ٻاهر پاڻ کي اسان کان الڳ نہ ڪندو ڪر.

مون وٽ هميشہ بہ اجرڪ ۽ هڪ ٽوپي هوندي هئي ۽ ڪوهہ مري وڃڻ لاءِ اهو هڪ وڏو محاذ پار ڪرڻو هيو. مون هڪ دوست مرحوم قلندربخش قلپوٽو جيڪو ان وقت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي هيو اڇي ان سان مشورو ڪيو تہ سيءَ بہ ڏاڍو آهي ۽ پاتي بہ سنڌي ڊريس اٿم, هاڻي ڇا ڪريان؟ اتي هڪ ٻيو انجو مهمان آيل هيو تو وٽ اجرڪ هڪ آهي يا ٻہ؟ مون کيس ٻڌايو تہ ٻہ اجرڪ آهن. چيائين تہ هڪ رک ڪلهن تي ۽ ٻئي سان ٻن طرن وارو پٽڪو ٻڌ. چيائين تہ ان سان تنهنجا ڪن ۽ لونڊڙيون سيءَ کان محفوظ ٿي ويندا. ان دوست ٻن طرن وارو پٽڪو ٻڌڻ سيکاريو.

پروگرام مطابق مان بہ تيار ٿيم. شلوار جي اندران گرم پينٽ ۽ قميص جي هيٺان جرسي ۽ بہ ٽي گنجيون پائي اجرڪ ڪلهن تي ٽوپيءَ مٿان ٻٽ ٻڌي اچي ميدان ۾ پهتاسين. جيئن تہ هي پروگرام صرف ڊپارٽمينٽ ٺاهيو هيو ۽ استادن ۽ شاگردن وٽ پنهنجون گاڏيون هيون, تنهنڪري يونيورسٽي کان گاڏي ڪانہ ورتي ۽ پنهنجي گاڏين ۾ ڪوهہ مري وڃڻ جو پروگرام ٿيو. ان ڏينهن سڀني مڃيو تہ يار هاڻي اسان توکي چئلينج ڪونہ ڪنداسين. اٺ گاڏيون هيون, اتفاق سان جنهن گاڏي ۾ مونکي جاءِ ملي, اها شاهد خاقان عباسي جي وڏي ڀيڻ جي گاڏي هئي, جيڪا پوءِ بہ دفعا سينيٽر بہ ٿي ۽ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين مسٽر پرويز چيمہ صاحب بہ انهيءَ گاڏي ۾ هيو. جڏهن مال روڊ ڪوهہ مري تي پهتاسين تہ سڀ کان اڳم اسان جي گاڏي انکان پوءِ ٻيون گاڏيون بيهنديون ويون. چڱي خاصي قطار لڳي وئي. جيئن تہ چيئرمين ۽ مان اڳ ۾ لٿاسين تہ ٻيا سڀ اسانجي چوڌاري بيهندا ويا. پروگرام پئي طئہ ڪيوسين تي ڪٿي وڃون, ۽ ڪيترو وقت اتي هجون, ماني ڪٿي اچي کائون. جيڪڏهن

کو اڳتي يا پنتي رهجي وڃي ته ڪٿي اچي گڏ ٿيون. اجان بيٺي ٿوري دير ٿي ته هڪ پوليس جو صوبيدار آيو ۽ بئي ڪنهن کي ڪجهه کونه چيائين ۽ سڌو اچي منهنجي ڪنڌ تي هٿ رکيائين، ۽ عرض واري انداز ۾ چيائين ته سائين مهرباني ڪري گاڏيون هيٺ ڪٿي بئي هنڌ بيهاريو ڇوته ايران جو فارين منسٽر هتي آيل آهي. مون به وڏي انداز ۾ چيو ته "اچھامیں دیکھتاہوں" .

پوءِ پهريان ته پوليس واري جو مون ڏانهن اچڻ وقت ڪجهه پئه ٿيو ڇوته مارشلا نئن لڳل هئي ۽ مان سنڌي، پر هن اهو سمجهيو ته مان ڪو وڏو زميندار يا نواب آهيان. تنهنڪري هن اچي مونکي عرض ڪيو ته سيڪيورٽي جي ڪري گاڏيون بئي هنڌ بيهارڻيون آهن. بهرحال بيا سڀ ڪل ۾ ته يار گاڏيون بين جون ۽ وڏا بيا، پوليس واري اچي عرض به ان کي ڪيو جنهن وٽ پنهنجي سائيڪل به ڪانهي.

1977ع جي شروع واري زماني ۾ سائين قائم علي شاهه وزير مملڪت انڊسٽري ۽ پيداوار هو. مون ملڻ خاطر ڪيئي فون ڪيا، پر سائين جو پي اي هر دفعي چئي ته سائين مصروف آهي. هڪ دفعي فون ڪيم ته ساڳيو جواب مليو. ٿوري دير ۾ وري فون ڪيم پي اي چيو ته صاحب مصروف آهي. مون ڪيس چيو ته بابا نواب جي ايم جي خان ڳالهائيندو. چيائين ته مان چيڪ ڪيان. ايتري ۾ سائين قائم علي شاهه پاڻ لائين تي آيو. نواب صاحب ڪيا حال هي؟ مون چيو ته سائين ڪو ٽائيم ڏيو. چيائين سائين توهان کي جيڪو ٽائيم بهتر لڳي توهان هليا اچو. بئي ڏينهن ڏنل وقت تي پهتم ته پي اي صاحب آڏرپاءُ ڪيو. ايئن اڳتي ويم شاهه صاحب ڏاڍي سٺي نموني مليو. نواب صاحب توهان ڪيئن آيا آهيو ۽ ڪٿان جا آهيو. سائين مان نواب آف نن لينڊ Nawab of none land جو آهيان. هتي قائداعظم يونيورسٽي ۾ پڙهندو آهيان. نواب صاحب نوڪري ڪيو ته اڄ ڪلهه ڪجهه آساميون خالي آهن. مان توهان کي ڊسٽرڪٽ مينيجر رائيس ڪارپوريشن ارڙهين گريڊ ۾ رکان.

پهريان دل ۾ آيو ته ها ئو ڪيان پر پوءِ خبر ناهي ڇو مون انجو انڪار ڪيو ۽ چيم ته سائين توهانجي مهرباني، پر مان اڳم پنهنجي ڊگري ڪندم پوءِ جيڪو نصيب هوندو.

منهنجي لاءِ سڀ کان وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو هيو ته مان ڪيئن هن يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪريان؟ ڇو ته هاءِ اسڪول کان ويندي ايل ايل بي ڪرڻ تائين مان نوڪري به ڪندو رهيس ۽ ڪڏهن به ڪاليج ۽ يونيورسٽي جو ماحول مون کونه ڏٺو. وري منهنجي پاڪستان جي ٽاپ يونيورسٽي ۾ داخلا به ٿي، جتي سڀ هڪ ته وڏن فيملين جا ٻار ۽ سٺن انگلش ميڊيم مان تعليم حاصل ڪيل. اها بلڪل حقيقت آهي ته مون کي پهريان ته تمام گهڻي ڏکيائي پيش آئي. هڪ ته استاد گهڻا ٻاهرين ملڪ جا، ڪجهه برطانيه ۽ جرمني جا هيا، انهن جو آواز سمجهه ۾ ڏکيو هيو وري مٿان انگلش ۾ سڀ ڪجهه. پاڻ سنڌي ميڊيم جا شاگرد. مونکي پاڻ تي تعجب ايندو هيو ته يار منهنجي هتي داخلا ڪيئن ٿي. الحمدالله لکڻ واري معاملي ۾ ڪم ڪڍي ويندا هياسين پر باقي انهن جي ڳالهائڻ جي لهجي اچي اسان کي منجهايو هيو. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪم ڏاڍو ڏکيو هيو پر ناممڪن ڪونه هيو.

مسٽر ڊار صاحب چيئرمين هيو. مون کي گهرائي چيائين ته جامڙا تون واپس وڃي سنڌ يونيورسٽي پڙهه. يا هي ڊپارٽمينٽ ڇڏي ڪنهن بئي ۾ داخلا وٺ. مون ڪيس جواب ڏنو جيڪو گهڻي

وقت تائين يونيورسٽي ۾ منهنجو مثال ڏيندا هيا. مون اٿي وڏي اعتماد سان ڪيس چيو ته سائين مان هن ڊپارٽمينٽ مان ئي هن يونيورسٽي مان ئي بي گريڊ ۾ ڊگري حاصل ڪندس. هو منهنجو منهن ڏسندو رهيو.

مان پاڻ سان پڪو پهه ڪيو ته اهو ڪم ڪري ڏيکارڻو آهي. ڏينهن رات هڪ ڪئي پر جڏهن سيميسٽر امتحان ٽيڻ وارو هيو ته مون پاڻ ۾ پوتو ڪونه پاتئيو ته مان امتحان پاس ڪري سگهندس، باوجود منهنجي ڏينهن رات محنت ڪرڻ جي. مون امتحان کان اڳ وڃي چيئرمين ڊپارٽمينٽ کي درخواست ڏني ته مان هن سيميسٽر جو امتحان ڪونه ڏيندس، باقي مان ايندڙ سيميسٽر ۾ امتحان ڏيندس. چيئرمين پڇيو ته ڇاجي ڪري مون ڪيس ٻڌايو ته سائين منهنجي تياري سٺي ناهي مرڪيو ۽ درخواست قبول ڪيائين.

انهيءَ کان پوءِ منهنجو معمول اهو هوندو هيو ته چوويهن ڪلاڪن مان تقريباً ارڙهن کان ويهه ڪلاڪ صرف پڙهائي تي تائيم صرف ڪرڻ لڳم ۽ ڊڪشنريون ورتم، هڪ انگلش ۽ سنڌي ۽ ٻي آڪسفورڊ جي انگلش ٽو انگلش، ڇوته منهنجي انگريزي يونيورسٽيءَ جي لحاظ کان تمام گهٽي ڪمزور هئي.

# پهاڙ جيڏي محنت جي ضرورت

قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد شروع کان وٺي اڄ تائين پاڪستان جي نمبر هڪ يونيورسٽي رهي آهي. تنهن ڪري پاڪستان جي ٻين يونيورسٽين جي مقابلي ۾ تعليم ۽ ريسرچ تي ڪافي ڌيان ڏنو ويجي ٿو. تنهنڪري پڙهائي جي لاءِ ماحول تمام گهڻو سازگار رکيو ويو آهي. يونيورسٽي يا ڪنهن به تعليمي اداري جو دارو مدار استادن جي قابليت ۽ محنت تي هوندو آهي. بلڊنگ ڪيتري به وسيع ۽ خوبصورت هجي پر جيڪڏهن قابل ۽ محنتي استاد ناهن ته اها خوبصورت ۽ وسيع عمارت معياري تعليم ته ڏئي ڪونه سگهندي، پر هڪ تفريح گاهه ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان ۾ معياري تعليم لاءِ گهربل مواد صرف انگلش ۾ موجود آهي، تنهنڪري انگريزيءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ نهايت اهم آهي. انهيءَ حساب سان منهنجي انگريزي ۾ مهارت ڪانه هئي، صرف لکي وجهڻ جي حد تائين ايتري هئي، جو جڏهن داخلا لاءِ لکت ۾ امتحان ورتو ويو ته 159 مان منهنجو 9 نمبر ميرٽ تي هيو جنهن ڪري مونکي 200 روپيه اسڪالرشپ ملي. ڪل 36 شاگرد سليڪٽ ٿيا پوري پاڪستان مان. پر جنهن وقت ميدان ۾ آيس ته منهنجي انگريزي ان معيار جي ڪانه هئي جو مان پنهنجو بقا ڪري سگهان. پهريان ڪجهه مهينا مون ڏاڍي مشڪل ۾ گذاريا. جيئن ته مان چيئرمين صاحب کي وڏي واقعي چئي چڪو هيم ته مان هن ڊپارٽمينٽ ۽ هن يونيورسٽي مان بي گريڊ ۾ ڊگري حاصل ڪندس. تنهن ڪري پهرئين سيميسٽر ۾ سخت محنت ڪرڻ جي باوجود به مان پاڻ کي انهيءَ لائق ڪري ڪو نه سگهيم جو مان امتحان ۾ ويهان.

پهرئين سيمسٽر جو امتحان نه ڏئي مون ٿوري گهڻي پنهنجي انگريزي مضبوط ڪئي پر پوءِ به مون ۾ ڪافي ڪمزوري رهي.

واقعي سياڻان سچ چئي ويا آهن ته:

پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ ۽ گهوڙي سواري ڪرڻ

ننڍي هوندي ڪو نه سکيو ته پوءِ وڏي هوندي خواري.

مان به جيئن طارق بن زياد ٻيڙيون ساڙي حملو ڪيو هيو ته جيئن ڪاميابي حاصل ڪجي، جيڪڏهن ڪاميابي نٿي ملي ته پوءِ يقينن موت. ٿيون رستو ئي ڪونه ڇڏيو ويو. انهيءَ اصول تي هلندي هڪ سيميسٽر ڇڏڻ کان پوءِ الحمد لله منزل ڏانهن پهرين رڙهندو پوءِ هلندو رهيس. پهرئين سيمسٽر ۾ منهنجون مارڪون تقريباً 52٪ هيون، پر گريڊ سي هيو ۽ بي گريڊ 60٪ کان شروع ٿيندو

هيو. مارڪون ڏيڻ جو نظام تمام سخت هوندو هو جو اڏ ۾ چوٿائي مارڪ جو بہ حساب رکندا هيا. ٻئي سيميسٽر ۾ ٻن سبجيڪٽس ۾ بي گريڊ آيو ۽ ٻن ۾ سي گريڊ آيو. جڏهن آخري سيميسٽر آيو تہ سراسري طور تي منهنجو ٻن مارڪن جي ڪري بي گريڊ ڪونہ پيو ٿي. ماسٽرس پروگرام ۾ ٿيسز لکي ۽ انهي تي اٺاريل سوالن سان پينل کي مطمئن ڪبو آهي، پوءِ اهي مارڪون شامل ڪري حتمي گريڊ جو تعين ڪيو ويندو آهي. منهنجي ٿيسز جو عنوان هيو ملٽي نيشنل ڪارپوريشنس جو ٽرڊ ورلڊ ڪنٽريز ۾ رول.

انهيءَ پينل ۾ راس مسعود صاحب 1952ع جو سي ايس پي ۽ ڊائريڪٽر جنرل انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز پاڪستان کي گهرايو ويو هيو. انهيءَ سان گڏ ڊپارٽمينٽ جا ٻہ فيڪلٽي ميمبر ويٺا. ٿيسز جي مختلف پهلوئن تي سوال جواب ٿيا ۽ ٿيسز تي مونکي 62٪ مارڪون مليون، جنهن جي ڪري الحمدالله منهنجو سراسري بي گريڊ ٿي ويو. جيڪو مون چيئرمين صاحب کي چيو هيو اهو رب ڪريم مونکي همت ڏني ۽ ڪري وچڙ ۾ ڪامياب ٿي ويس. ڇٽيهہ شاگردن مان ڪل تيرهن شاگرد ڊگري حاصل ڪري سگهيا، جن مان ٻن کي اي گريڊ ۽ باقي سڀ بي گريڊ ۾ پاس ٿياسين.

# ادو عشق ۾ انڌو، ادي کي خبر نہ چار

چوندا آهن تہ ”ڪتي کي ٻچ ۾ سور، مالڪ کي ٻچ تي زور“ مونسان بہ اهڙو واقعو ٿيو. مونکي انگريزي جي معيار کي سڌارڻ ۽ پاڻ کي ان لائق بنائڻ جو فڪر تہ جيئن مان هتان ڊگري حاصل ڪريان. ٻئي پاسي جيئن چوندا آهن تہ ”ادو عشق ۾ انڌو، ادي کي خبر ڪانہ چار“ انهيءَ جي ابتڙ مونسان ٿيو. مون کي ڪا خبر نہ چار ادي منهنجي عشق ۾ انڌي. ٻئي سيميسٽر ۾ هياسين. ڪلاس کان باهر ڪاريڊور ۾ بيٺا هياسين ۽ مون کي اچي بي ڌڙڪ چيائين جمن سائين *میں آج تم سے ضروری بات کرونگی.* مون چيو *حکم کرو.* ان وقت صرف اسان ٻئي بيٺا هياسين. چيائين ”*جمن میں نے ابوامی سے بات کی ہے اور میں آپ سے شادی کرنا چاہتی ہوں*“. مون چيو مانس تہ ٻڌاءِ توکي صحيح ٻڌايان يا بيو ڪجهہ چيائين تہ نہ تون سچ ٻڌاءِ مونکي تنهنجي خبر آهي تہ تون سڌو سنئون چوڪرو آهين ۽ منهنجي پيءُ، ماءُ ۽ ڀڻي توکي ڏسي ويا آهن ۽ اهي بلڪل مطمئن آهن صرف تون پنهنجي طرفان ها ڪر.

چوڪريءَ جو پيءُ ان وقت فوج ۾ ڪرنل هيو. مون ڪيس جواب ۾ چيو تہ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ اٽپڙهيل ۽ ٻهراڙي جا رهاڪو آهن ۽ انهن کي اردو نہ ڳالهائڻ ايندي آهي، نڪي سمجهي سگهندا آهن. توهانجي ڪلچر ۽ اسانجي ڪلچر ۾ ٿورو گهڻو فرق آهي. تنهنڪري مان جيئن هاڻي اسين هڪٻئي جي عزت ڪندا آهيون ۽ دوست آهيون ايئن دوست رهنداسين پر مان تو سان شادي ڪونہ ڪندس. جنهن تي ڏاڍي مايوس ٿي ۽ روئڻ لڳي. مون سندس هٿ پڪڙيو ۽ ڪيس پرچائڻ جي ڪوشش ڪيم. بغير ڪجهہ چوڻ جي پنهنجي گهر وئي، چو تہ هوءَ پاڻ روز راولپنڊي مان ايندي هئي يونيورسٽي پڙهڻ لاءِ. مون کي بہ ڪجهہ افسوس ٿيو تہ مونکي شايد انهيءَ کي اهڙيءَ طرح جواب ڪو نہ ڏيڻ کپي ها. جذباتي بہ ڏاڍي هئي، سو دل ۾ اچي وهم ٿيو تہ متان دلبرداشت ٿي ڪو وڏو قدم نہ کڻي.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ آئي مون الله جو شڪر ادا ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ پاڻ ڏانهن متوجهہ ٿي چيائين مان ڪالهہ سڄي واٽ ايندي ويندي ۽ گهر ۾ تنهنجي هر لفظ کي پنهنجي ڪنن ۾ سرهاڻي ڪندي ٻڌو پئي. هاڻي مون سان هڪ واعدو ڪر تہ تون يونيورسٽيءَ مان ٻي ڪنهن چوڪريءَ سان شادي ڪونہ ڪندين. مون چيو بلڪل اهو تو سان پڪو واعدو. باقي اسين پاڻ ۾ هڪ بهترين ڪلاس فيلو ۽ دوست ٿي رهنداسين. الحمدالله اسين پاڻ ۾ انتهائي بهترين دوست رهياسين. هن جي پوري فيملي سان اڄ تائين منهنجا بهترين لاڳاپا ۽ گهر ۾ اچڻ وڃڻ وارو رستو آهي. مان انهي فيملي جو ان ڪان وڌيڪ پيارو ٿي ويس ۽ انجون ڀينر ۽ ڀائر منهنجي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ

اسان جي پيڙهه تنهنجي محبوبہ آهي.

1978ع ۾ اسان جي ڊپارٽمينٽ مان تقريباً ڏهہ شاگرد ۽ شاگرديائڻيون سي ايس ايس جي امتحان ۾ ويٺاسين، جن مان اٺ پاس ٿياسين. اسان چئن کي ڊي ايم جي، ٻن کي فارين سروس، هڪ کي او ايم گروپ مليا. چئن ڊي ايم جي ۾ اها چوڪري بہ سليڪٽ ٿي ۽ ايڪويهين گريڊ ۾ 2013ع فوت ٿي وئي. الله سائين جنت الفردوس عطا ڪريس. الحمدلله مان هروز نماز فجر کان پوءِ جڏهن مان پنهنجي والدين لاءِ دعا جا هٿ کڻندو آهيان تہ مان ان محبوبہ جو نالو وٺي ضرور دعا ڪندو آهيان، الله سائين جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪريس. آمين

# يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جون چونڊون

1977ع جي مهيني جولاءِ پنج جي ڪاري ڏينهن ڪري پوري پاڪستان تي منفي اثر ٿيڻ شروع ٿيو. تنهنڪري پاڪستان جي سڀني تعليمي ادارن تي بہ منفي اثر ٿيو. 1976ع جي اسٽوڊنٽ يونين جي اليڪشن ۾ جميعت طلباء ڪامياب ٿي، جنهن ۾ راٺا واجد اسان جي قائد اعظم يونيورسٽي جي يونين جو پريزيڊنٽ جي چونڊ ڪئي ۽ اسان جي حمايت يافتہ پي ايس او هار ڪاڏي. واجد راٺا پوءِ اسان کان اڳ هڪ سال سي ايس ايس ڪري ڊي ايم جي ۾ سليڪٽ ٿيو ۽ وفاقي سيڪريٽري فنانس تان رٽائر ٿيو ۽ بعد ۾ ايف پي ايس سي جو ٽي سال ميمبر رهيو. 1976ع جي اسٽوڊنٽ يونين جي اليڪشن جي ڏينهن بہ روزمره وانگر ڪلاس ٿيا. اسين پاڻ ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ وڃي ووٽ ڏنو ۽ واپس اچي ٻئي ڪلاس ۾ ٽائيم تي اچي پڙهائي شروع ٿي.

اسٽوڊنٽ يونين جي اليڪشن ۾ ڪنهن بہ قسم جي گڙ ٻڙ جو ڪو انديشو ڪونہ هيو. شام جو ڳڻپ ۽ رزلٽ اناؤنس ڪرڻ ۾ ٿوري دير ٿي تہ جميعت جي ليڊرن ڪجهہ وي سي آفيس وٽ شور شرابو ڪيو. جنهن جي اڳواڻي حفيظ الله نيازي ڪري رهيو هيو جيڪو اڄڪلهہ جيو ٽي وي تي تجزيہ نگار جي حيثيت ۾ ايندو آهي. باقي اسان شاگرد گروپن جو پاڻ ۾ دوستاڻو تعلق جاري رهيو. ڪوبہ ڪنهن کي تنگ ڪونہ ڪندو هيو.

1977ع جي مارشلا کان پوءِ شاگرد تنظيمن جي قائد اعظم يونيورسٽي ۾ ٿوري گهڻي ڇڪتاڻ شروع ٿي. جميعت وارن کي جنرل ضياءَ جي سڌي طرح سپورٽ ملي، جو ان وقت ميان طفيل جماعت اسلامي جو امير هيو ۽ جنرل ضياءَ جو چوندا هيا تہ ويجهو عزيز هيو. تنهنجي باوجود بہ پڙهائي جي معمول تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو برو اثر نہ پيو. آهستي آهستي ضياءَ جي ڪوشش هئي تہ قائد اعظم يونيورسٽي تي هر طرح جو ڪنٽرول جميعت جو رهي، ڇوتہ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ جميعت جو مڪمل ڪنٽرول هيو ۽ ان وقت لياقت بلوچ ۽ مخدوم جاويد هاشمي ملتان وارن جو هيو ۽ ان وقت جاويد هاشمي تي اسٽوڊنٽ ايڪٽوٽي جي ڪري ڪو سيرئس ڪيس ڪورٽ ۾ هلي رهيو هو. انهيءَ کي سزا کان بچائڻ خاطر جنرل ضياءَ هاشمي صاحب کي وفاقي مملڪتي وزير مقرر ڪيو.

جنرل ضياءَ جي سپورٽ کان پوءِ جميعت پنهنجو ڪنٽرول ڪرڻ خاطر شاگردن کي ڪجهہ ڌمڪيون ڏيڻ واري لهجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهہ ڪندا هيا. هڪ دفعي مونکي جميعت جي ليڊر ڏاڍي پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سائين جميعت ۾ اچو. ڪو بہ تنهنجو وار ونگو ڪونہ ڪندو. مون ڪيس وراڻيو تہ سنڌي ۽ جماعت اسلامي، اسين پاڻ ۾ پاڻي وانگر آهيون، تنهنڪري اُها

اميد مون کان نہ رکو ڳالهہ آئي وئي، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وري مليو مون ساڳيو جوابہ ڏنو پر هن کي ڳالهہ ڪان وٺي ۽ ڪجهہ لهجي ۾ فرق آندائين. مون صرف هن کي ايترو چيو جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ ٿي تہ منهنجي هٿن ۾ ڪا مينڌي ڪانهي لڳل. مان پنهنجي طرفان پنهنجي ڪمري تي ڏهہ پندرهن اڌ مُني پاءُ جا پٿر ۽ بہ لوهيون شيخون هڪ ٽن فوٽن جي ٻي ان کان ٿوري وڏي ۽ هڪ ڪنڊي جي وڻ جو ڏنڊو اٽڪمڙيل پنج فوٽ کن جو هو تيار ڪري رکي ڇڏيا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هاسٽل وٽ ساڳيو دوست مليو مان ڪيس ڄاڻي واٽي پنهنجي ڪمري تي وٺي آيس تہ چانهہ پيون، هو آيو مون چانهہ تيار ڪئي مگ ۾ چانهہ وجهي دوست کي بہ ڏنم ۽ پاڻ بہ پيئڻ شروع ڪئي تہ سندس نظر ڏنڊي، لوهي شيخن ۽ پٿرن تي پئي. چيائين هي هتي ڇو رکيون اٿئي؟ مون ڪيس جواب ۾ چيو تہ بابا اسان کي وڏن جو چوڻ آهي تہ سنت آهي تہ پنهنجي بچاءُ لاءِ هميشہ هٿيار تيار رکجن سو اسان پنهنجي وڏڙن جي ڳالهہ تي عمل ڪندا آهيون باقي مڙوئي خير. منهنجي لاءِ يونيورسٽي ۾ اهو مشهور هيو تہ يار وڏي اثر رسوخ وارو ۽ زميندار آهي جو سنڌ کان هتي پڙهڻ آيو آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪڏهن جميعت جي طرفان ڪا دعوت ڪونہ ملي. ان وقت جميعت وارن جي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هميشہ رات ٻئين يا ٽئين لڳي سوير جو جنهن کي ڪٽ ڊيٽي هوندي هين تہ لاهور يونيورسٽي مان بہ ٽي گاڏيون غنڊن جون ايندڀون هيون. پوءِ رات جو اتان جميعت جا ڪارڪن انهن ڪمرن جا نمبر نوٽ ڪرائي ڏيکاري پاڻ پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويندا هيا. ٿوري دير کان پوءِ لاهور مان آيل ٽولو بہ ٽي ٽي جنهن کي ڏم ڏيٽي هوندي هئڻ ڪمري کي اچي ناڪ ڪندا هيا. جيئن اهو ڇوڪرو اکيون مهٽيندو در کوليندو هيو تيئن تڪبير چئي الله اڪبر بہ ٽي ڏنڊا هٽي هڪئي وقت پوري هاسٽل ۾ آپريشن ڪري اهي سڀ لاهور هليا ويندا هيا ۽ اتان جميعت جا ڪارڪن پهچي ملم پٽي ۽ دوا درمل لاءِ اسپتال تائين گڏ هوندا هئا ۽ افسوس ڪندا هيا. الحمدلله منهنجي ڪمري تي ڪڏهن اهڙي ارادي سان ڪين آيا ڇو تہ هنن کي خبر هئي تہ هيءُ هٿين خالي ناهي.

غالبن فيبروري يا مارچ 1978ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ مولوي مشتاق جي سربراهي ۾ ڀٽو صاحب کي قصوري جي قتل جي ڪيس ۾ موت جي سزا ڏني، انهيءَ کان پوءِ ۾ قائداعظم يونيورسٽي ۾ پرامن فضا خراب ٿيڻ شروع ٿي، هر روز پي ايس او ۽ ايس ايس ايل وارا گڏجي يونيورسٽي ۾ ٽوڙي يونيورسٽي کان ٻاهر جلسا ۽ گڙ ٻڙ ڪرڻ تقريباً روز جو عمل ٿي ويو. منهنجي محبوبہ هميشہ اڳ ۾ هوندي هئي ۽ ڀٽي صاحب سان وڏي عقيدت هوندي هيس. ڪرنل صاحب تي اچي گهڻو پريشر پيو تہ پنهنجي ڌيءَ کي جهلي تہ ضياءَ جي خلاف جلوس جي قيادت نہ ڪري. ڪرنل هڪئي وقت ٻن مشڪلاتن ۾ اچي ويو، هڪ هتي قائد اعظم يونيورسٽي ۾ ٻي سندس ڌيءُ خيبر ميڊيڪل ڪاليج ۾ اسٽوڊنٽس يونين جي پريزيڊنٽ هئي، اها اتي جنرل ضياءَ جي خلاف باهہ ٻاري ڏني پئي. ڪرنل صاحب منهنجي محبوبہ کي زوري گهر ويهاري بس ڪري تہ وري اچي پشاور واري ڌيءُ کي وٺڻ وڃي تہ جيئن ان کي گهر ويهاري، ڪرنل صاحب پشاور نڪري تہ هتان واري ڌيءُ سڌي قائداعظم يونيورسٽي.

هڪ دفعي اسان جا ڪجھ ڇوڪرا راولپنڊي لياقت باغ وٽ نعرا هڻندي گرفتار ٿيا ۽ اتي جو اتي ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ٿيا، پوءِ جيئن ڇوندا آهن ته مٿيارين جو موت ويندي جي وير.

ملٽري ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ ساڻ ڪوڙن ۽ ڦٽڪن جي سزا تيار. عين انهيءَ وقت جڏهن ملٽري ڪورٽ سزا ٻڌائي، بد قسمتي سان هڪ ميجر جنرل پنهنجي سرڪاري گاڏي ۾ يونيورسٽي ۾ پنهنجي ڏيءَ سان ملڻ پي آيو ته يونيورسٽي جي شاگردن مين گيٽ وٽ لاهي پنهنجي قبضي ۾ رکي ڇڏيو. پوءِ سرڪار ۾ اچي پريشاني ٿي هاڻي ڇا ٿئي؟ ڊسي ايس پي راولپنڊي اچي يونيورسٽي پهتا ڳالهيون ٿيون. ملٽري ڪورٽ جيڪو فيصلو ڏنو اهو واپس ورتو، ڇوڪرا آزاد ٿي واپس پهتا، جنرل صاحب کي شاگردن آزاد ڪيو.

ٻئي ڏينهن شام جو هاسٽل نمبر ٽئين جي ڪامن روم ۾ سڀني تنظيمن جا شاگرد ايئن ويٺا هياسين ته اچي ذڪر ڇڙيو ته فرض ڪيو ته جيڪڏهن لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي سپريم ڪورٽ برقرار رکي ۽ ان تي عمل ٿي وڃي ته پوءِ ڪهڙي صورتحال پيدا ٿيندي پاڪستان جي اندر.

قطار ۾ ويٺل هر ڪنهن جا مختلف خيال ڪو ڪئين پيو چوي ته ڪو ڪيئن. منهنجي پاسي ۾ ٻئي جميعت جا هيا ۽ هنن چيو ته ڪجھ ڪونه ٿيندو بس ٻه چار ڏينهن ٿورو گهڻو شور شرابو ڪندا جنهن مان ملڪ جي انتظاميه تي ڪوئي فرق ڪونه پوندو. جڏهن مونکان پڇيائون ته مان خبر ناهي ته ڇو اهڙي بي قابو واري انداز ۾ چيو ته:

جيڪڏهن ڀٽو صاحب کي ڦاسي ڏيندا ته ملڪ ڇڙهي منهنجي....... اتي هڪدم سڀ خاموش ٿي ويا ۽ ڪنهن به هڪ لفظ ڪونه ڪڇيو مان ٻاهر نڪري آيس ۽ مون سان گڏ پي ايس او وارا دوست هليا آيا. اتي صرف جميعت وارا ويٺا رهيا. ٻئي ڏينهن منهنجا وارنٽ آف اريسٽ نڪتا ڇو ته اهي منهنجا ڇيل لفظ سي ايم ايل اي جي آفيس ۾ وڃي پهتا.

# گرفتاريءَ جا وارنٽ

جيئن ته جميعت ڪي جنرل ضياءَ هر طرح سان سپورٽ ڪري پيو ته موٽ ۾ جميعت وارا به نمڪ حلالي خاطر مارشلا جي سپورٽ ۾ پنهنجي وس آهر خدمت ڪن پيا. جيئن ته جميعت وارن ڪي مون خلاف پيو ڪو اهڙو موقعو ڪونه پئي مليو. تنهن ڪري هڪ تير سان ٻه شڪار ڪيائون. هڪ ته اهو بانور ڪرائڻ ته اسين ملڪ جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت ڪريون ٿا ۽ انهي سان گڏ پنهنجي ڪارگردي ڏيکارڻ ته جيڪي جنرل صاحب ۽ مارشلا جي خلاف آهن. هو انهن تي ڪڙي نظر رکن ٿا. مونکي ان ڳالهه جو اندازو ڪون هيو ته اهي سڀ ڪاروائي سي ايم ايل اي جي دفتر ۾ انهيءَ وقت پهچندي. اتفاق سان راولپنڊي جي هڪ ڊي ايس پي جي پيڻ اسان سان گڏ پڙهندي هئي. ٻئي ڏينهن ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ پوائنٽ بس ۾ واپس گهر پهتي ته اتي ڪيس پاءُ ٻڌايو ته اج رات اسين ريڊ ڪنداسين يونيورسٽي تي، جنهن ۾ اهو ذڪر آيو ته هڪ سنڌي شاگرد آهي جنهن لاءِ سورس رپورٽ آئي آهي ته ان پاڪستان ۽ جنرل جي خلاف ڳالهايو آهي ۽ رياست جي طرفان ڪيس داخل ٿيو آهي وغيره وغيره.

انهيءَ زماني ۾ موبائل فون جو نظام ته هيو ڪونه. نڪي ڊائريڪٽ فون هيو. هاسٽل ۾ اها اسان جي ڪلاس فيلو چوڪري ٻي پوائنٽ بس ۾ چڙهي يونيورسٽي واپس آئي. انهن ڏينهن ۾ پوائنٽ بس هاسٽل ون ۽ ٽو جي پرسان هلندي هئي. اتي پريشاني واري حالت ۾ اچي پهتي ۽ مونکي اچي چيائين ته مهرباني ڪري هينئر جو هينئر ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ هليو وڃ. يا يونيورسٽيءَ مان غائب ٿي وڃ. ڇوته مان تنهنجي لاءِ وارنٽ آف اريسٽ ڏسي آئي آهيان. اهو ٻڌائي پاڻ وري واپس راولپنڊي گهر هلي وئي.

ٿوري دير لاءِ مون سوچيو ته ڳوٺ وڃڻ مان ڪوئي فائدو ناهي. الٽو ٿي سگهي ٿو ته وڏن کي خبر پوي يا اتي اچي پوليس ڪا ڪاروائي ڪري ۽ علائقي ۾ وڏن جي خوام خواهه ۾ بدنامي ٿئي. مون ننڍي بيگ ۾ ڪجهه ڪپڙا رکيا.

”مکڻ مولائي ميلي تي، ڏنڊو ڪونڊو ڪلهي تي“

پوائنٽ بس ۾ چڙهي آبپاره اچي پهتم. اتان سڌو ميلوڊي جي پرسان مرحوم محمد صديق گهانگهرو صاحب، جوائنٽ سيڪريٽري لا ڊويزن جي گهر آيم. مرحوم گهانگهرو صاحب انهيءَ وقت گهر جي اڱڻين لان ۾ چانهه پي پيتي. مون کي ويهاري چانهه ۽ شامي ڪباب کارايائين. انهيءَ کان پوءِ

حال احوال پڇيائين ۽ مون ڪيس سڄي سچي ڳالهه ٻڌائي ته ڪامن روم ۾ سڀ ويٺا هياسين ۽ انهيءَ ۾ مون اهي لفظ چيا ۽ ان جي ردعمل ۾ اهيو سڀ ڪجهه ٿيو آهي. گهانگهري صاحب پڇيو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ مون عرض ڪيو ته سائين توهان وڏا آهيو ڪو رستو ڪڍو. چيائين ٺيڪ تون فڪر نه ڪر، تون هتي اهي به تي ڏينهن رهه، باقي انهيءَ ڳالهه جو ڪو حل تلاش ٿا ڪيون.

تقريباً مان گهانگهرو صاحب جي گهر هفتو ڪن رهيس، تنهن کان پوءِ مون کي چيائين ته هاڻي تون يونيورسٽي واپس وڃ. تنهنجو مسئلو حل ٿي ويو آهي. انهن ڏينهن ۾ اي ڪي بروهي صاحب وزير قانون هيو باقي گهانگهري صاحب ڪيئن ۽ ڪهڙي ليول تي اهو مسئلو حل ڪيو انهي جي لاءِ مون کي ان درويش انسان ڪونه ٻڌايو. الله ڪيس جنت ۾ اعلي مقام عطا ڪريس. آمين يارب العالمين.

انهيءَ وقت واپس يونيورسٽي ويم ۽ پنهنجي پڙهائي واري عمل کي گهانگهرو صاحب جي گهر به ڪونه ڇڏيم. ڪتاب وغيره ساڻ کڻي ويو هيم ۽ جڏهن موٽي آيم ته منهنجي لاءِ ڪو پڙهائي جي متعلق خلا ڪونه پيدا ٿيو. منهنجي غير حاضريءَ جي دوران جڏهن منهنجي ڪلاس فيلو (جنهن کي انجي گهر ۾ به ڪيس پينر ۽ پائر جمن جي محبوبه ڪري چوندا هيا) ان کي جڏهن ان ڇوڪري ٻڌايو ته جمن کي اريسٽ ڪرڻ جا حڪم مليا آهن. پوليس وارن کي، ته هوءِ ويچاري ڏاڍو پريشان ٿي. منهنجي محبوبه جي پريشاني تڏهن ختم ٿي جڏهن مان واپس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلاس اچي اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيا.

مارشلا واري دور ۾ قائد اعظم يونيورسٽي ۾ تقريباً هر هفتي خاص ڪري اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪنهن نه ڪنهن بهاني آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽي جا وزيٽنگ پروفيسر آمريڪا ۽ پاڪستان جي تعلقات متعلق ليڪچر ڏيڻ ايندا هيا. انهيءَ آمريڪي پروفيسر سان گڏ سول ڊريس ۾ برگيڊيئر هڪ اڌ ٻيو آفيسر به ساڻ ايندو هيو جيڪي خاص ڪري اسان جي پڇيل سوالن تي خاص ڌيان ڏيندا ۽ رپورٽنگ ڪندا هيا. هڪ دفعي 1978ع جي شروعات ۾ واشنگٽن يونيورسٽي جو پروفيسر استيفن ڪوهن آيو. جنهن جي ليڪچر جو عنوان هيو ”هندستان ۽ پاڪستان جا تعلقات“ مرڪزي نقطو ان ليڪچر جو اهيو هيو ته:

پاڪستان جو پيئو هندستان جي پرڏيهي پاليسي جو اهم جزو آهي. شروع ۾ ڪجهه هن آمريڪا جي پاڪستان متعلق پاليسي تي تنقيد ڪئي.

جڏهن سوال جواب جو سيشن شروع ٿيو ته اسان جي هڪ دوست جنهن جو تعلق پنجاب سان آهي ۽ اڄ ڪلهه سپريم ڪورٽ جو سينيئر وڪيل آهي. تنهن اٿي هڪ سوال نما آبزرويشن ڪئي ته

”مان سمجهان ٿو ته هندستان اها وڏي غلطي ٿو ڪري جو پاڪستان جي پَوَ ۾ پنهنجي خارجه پاليسي مرتب ٿو ڪري، هندستان کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان جي فوج پنهنجي عوام کي فتح ڪرڻ جي عادي ٿي وئي آهي.“

پروفيسر جيستائين ڪو جواب ڏئي برگيڊيئر صاحب باهه ٿي ويو ۽ ڌمڪي واري انداز ۾ ڇوڪري کي چيائين ته تو اهڙي جرئت ڪئين ڪئي؟ جو تون پنهنجي قومي اداري خلاف هڪ آمريڪي

پروفيسر جي سامهون تنقيد ڪئي آهي. ڇوڪرو وري اٿي بيٺو ۽ برگيڊيئر کي ساڳئي ٽون ۾ جواب ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن پروفيسر اٺ ڏهہ هزار ميل پري کان اچي پنهنجي ملڪ جي خارجہ پاليسي تي تنقيد ڪري سگهي ٿو تہ اسين پنهنجي قومي اداري جي غلط عمل ۽ فيصلي تي تنقيد ڇو نٿا ڪري سگهون. شڪر ٿيو جو اهو شاگرد پنجابي پر سرائڪي هيو جيڪڏهن سنڌي يا بلوچ هجي ها تہ پوري خاندان جو ڪورٽ مارشل ٿي وڃي ها. انهي کان پوءِ ان دوست کي ڪافي تڪليفون آيون. پهرين سٽ ۾ هو مهيني کان پوءِ سمر ٽريننگ تي اوسلو اسڪالرشپ تي وڃڻو هيو اها اسڪالرشپ ختم ٿي ويس. تمام ذهين ۽ هوشيار هيو ۽ ميرٽ تي ماسٽرس کان پوءِ ليڪچرار ٿيو پر ڪيس اتي چين سان هن کي ويهڻ ڪين ڏنائون. آخرڪار نوڪري ڇڏي ايل ايل بي ڪري وڪالت شروع ڪري ڏنائين. الحمدالله اڄ هڪ سنو ۽ سينيئر سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهي.

هر اداري جي ڪان ڪا اهڙي شئي هوندي آهي، جيڪا ان اداري جي سڃاڻپ يا ٽريڊ مارڪ ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح قائد اعظم يونيورسٽي جا بہ ٽريڊ مارڪ تمام گهڻا مشهور هوندا هيا. پر هن وقت انهن ۾ هي مان مجيد جو کوکو سڀ کان وڌيڪ ۽ هردور ۾ مشهور آهي. اڄ بہ جيڪو قائد اعظم يونيورسٽي پڙهيو هوندو، جيڪڏهن ڪڏهن بہ ڪيتري وقت کان پوءِ بہ وڃڻ ٿيندس تہ مجيد جي کوکي تي چانهہ، ماني ضرور کائيندو. پيو هوندو هيو پوائنٽ بس جو ڪنڊيڪٽر راڄہ. قد جو پورو پنو پر دل جو درياءُ، پر هر هڪ جو پيارو. ڪنهن وقت ڪيسي ۾ پئسہ ڪونہ هوندا هيا تہ هو پنهنجي طرفان پئسہ ڏئي ڇڏيندو هيو ۽ اسين بي دفعي گڏريل ڏينهن وارا پئسہ ڪيس موٽائي ڏيندا هياسين. هر وقت پيو کلندو هو ۽ خوش مزاج هوندو هيو. انهي سان گڏوگڏ سپني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا نالا ياد هوندا هيس.

يونيورسٽي جو پرامن ماحول ايترو تہ بهترين هيو جو اسين رات جي ماني کائي ٽولين ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون يونيورسٽي جي ڇوڏاري پيريفيري روڊ تي چڪر ڏئي واپس هاسٽل ڏانهن واپس ورندا هياسين، ڪنهن بہ قسم جو ڪو خطرو محسوس ڪونہ ڪندا هياسين. وڻن جي وڏڪار ڪري اڪثر جڳهن تي انڌيرو هوندو هيو ۽ پاسن سان گدڙن جون اونائون پيون ايندي يون هيون.

# مجيد جو ڪوڪو

جيئن ته اسين سڀ شاگرد هميشه شام جو هاسٽل کان نڪري مجيد جي ڪوڪي تي چانهه پيئڻ ويندا هياسين. هڪ دفعي منهنجي سينيئر ڇوڪري ثوري ويچاري ٽنگ کي لمڪائي هلندي هئي پنهنجي منهن چپ چوريندي اهو گانو ڳائيندي پئي هلي ته *چودھویں کا چاند ہو یا آفتاب ہو.* مان پنيان پيو آيم ۽ هن مونکي ڪونه ڏٺو هيو ۽ ٻيو ڪو هيو به ڪونه. ته مون وراڻيو ته نه مان جمن آهيان. پٺتي نهاري چيائين *تم بڑے بے شرم ہو اور بڑی خاموشی سے آرہے ہو، تم کدھر جارہے ہو؟* خير مون چيو ته چانهه پيئڻ مجيد جي ڪوڪي تي. چيائين ته اڪيلو نه ويندو ڪر. مون چيو ته چو ته مذاق ۾ چيائين ڪوئي توکي اغوا ڪري وجي ته پوءِ؟ مان به مذاق ۾ چيو ته مونکي ڪوئي اغوا نٿو ڪري سگهي سواءِ تنهنجي. چيائين ته سنڌي ماڻهو بدمعاش ٿي ويو آهين. اها ڇوڪري منهنجي پڙهائي جي معاملي ۾ ڏاڍي مدد ڪندي هئي. مذاق ۾ سهپ به ڏاڍي هوندي هيس .

مارشلا کي لڳي اڃان ڇهه ست مهينا مس گذريا هيا ته ڊپارٽمينٽ جي طرفان تربيلا ڊيم وزٽ جو پروگرام ٿيو. يونيورسٽي جي بس ۾ صبح جو سوير تيار ٿي تربيلا ڊيم ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. حسب معمول اجرڪ ڪلهن تي ۽ ٽوپي پاتل هئي. يونيورسٽي جي بس پنڊي کان ٿيندي ٽيڪسيلا، واهه ڪينٽ، حسن ابدال کان ٿيندي لارينسپور کان ٿورو اڳتي هلي جي ٽي روڊ ڇڏي اوپر طرف غازي ۽ انکان پوءِ تربيلا جي حد ۾ پهتاسين. واپڊا جي جنرل مينيجر صاحب اسان سيني جو آڌرڀاءُ ڪيو. ڊيم جي ٽاپ تي پهچڻ بعد بس کي اتي بيهاريو ويو ۽ اسين سڀ پيادل ڊيم جي ٽاپ تي اڳتي اتر طرف هلڻ شروع ڪيو. تربيلا جي ٽنل نمبر فور وٽ پهچڻ کان پوءِ اسان سيني کي ڦڪي رنگ جا ٽوپلا پائڻ لاءِ ڏناويا. انهيءَ کان پوءِ اسان ڏاڪڻين جي رستي هيٺ لهڻ شروع ڪيو ۽ اسان سيني کي پاور جنريشن جي پروسيس کان آڳاهي ڏنائون ته ڪيئن ٽنيل مان پاڻي هيٺ اچي پکن کي زور سان هلائي ٿو ۽ انهي عمل سان بجلي پيدا ٿئي وغيره وغيره. اسان کي حقيقتن ڪجهه سمجهه ۾ ڪين آيو باقي ها ۾ ها اسين به سيني سان گڏ ملائيندا رهياسين.

انهيءَ ٽنيل نمبر فور جو افتتاح ڀٽي صاحب ڪيو هيو. صحيح ياد ناهي پر غالب امڪان اهو آهي ته شايد ڇهه يا ست سو ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هئي. باقي ٽن ٽنيلس جي متعلق ڇيائون سيني جو بجلي پيدا ڪرڻ جو پروسيس ۽ پيداوار هڪ ئي آهي. اهي اسان کي پري کان اشارن سان ٻڌايائون.

واپس ورڻ مهل ڪرنل صاحب اسان سڀني لاءِ واپڊا ريسٽ هائوس تي چانهه پاڻي جو انتظام ڪيو هيو. ڪرنل صاحب جي بيگم، پيڻ ۽ ٽئي ڊيئر منهنجي محبوبه سميت اتي آيا ۽ اسان سڀني کي زبردست مڪمل ڪاڌي پر چانهه جي روپ ۾ ارينج ڪيو. ان وقت اسانجي ڊپارٽمينٽ ۾ ٽي ڪيپٽن آرمي ايجوڪيشن ڪور جا اسان سان گڏ يونيورسٽي ۾ پڙهندا هيا. اتفاق سان جڏهن هٽ ملايوسي پئي ته هرڪو پنهنجو تعارف ڪرائيندو پيو وڃي، ٽئي ڪيپٽن به هڪٻئي جي پنيان مليا ۽ تعارف ڪرايائون ته ڪيپٽن فلاڻو فلاڻو. ڪرنل صاحب هڪدم چيئرمين چيمه صاحب کي چيو ته چيمه صاحب لڳي ٿو ته تنهنجي ڊپارٽمينٽ تي فوج جو ڪنٽرول وڌي ويو آهي. هي به آرمي جو ۽ جمن به آرمي جو. چيئرمين حيران ٿي ويو هنن جي ته مونکي خبر آهي، پر جمن جي خبر مونکي هينئر ٿي پوي ته هي به آرمي جو ماڻهو آهي.

چيئرمين وراڻيو ته ڪرنل صاحب انجو مطلب ته تنهنجي اسان جي ڊپارٽمينٽ تي تمام گهري نظر آهي، جو جنهن جي اسان کي خبرناهي ۽ توهان کي انجي خبر آهي. اتي سڀني کي محسوس ٿيو ته جمن جي ڪري اسان سڀني کي هي آڌرڀاءِ مليو آهي. منهنجي محبوبه جون ڀينر، ڀڦي ۽ ماءُ سڀ کان وڌيڪ منهنجو خيال پيا رکن. غازي ڳوٺ آهي ڪرنل صاحب جو. اهو مان واضع ڪيان ته هي سڀ ڪجهه منهنجي پنهنجي محبوبه کي شادي جي انڪار ڪرڻ کان پوءِ جو واقعو آهي.

منهنجي محبوبه جي شادي سول سروس اڪيڊمي جي دوران اسانجي بيچ ميٽ سان ٿي هئي، جنهن جو تعلق پنجاب جي اعواڻ برادري سان هيو. ان شخص مونکان پڇيو هيو ته مان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ مونکي دوستن ٻڌايو آهي اها توهان جي ڪلاس فيلو ۽ پياري آهي. مون هن کي جواب ۾ چيو ته جيڪڏهن مونکي شادي ڪرڻي هجي ها ته اڄ تون انکي اڪيڊميءَ ۾ ڪونه ڏسين ها. باقي جيستائين پياري هجڻ جو تعلق آهي ته هوءَ مون کي صرف پياري ناهي پر منهنجي محبوبه آهي. جيڪڏهن تون شادي ڪرڻ چاهين ٿو ته مان صرف اهو چوندم دل جي صاف ۽ معصوم آهي. جڏهن اسانجي دوست منهنجا چيل لفظ انکي ٻڌايا ته اڳيان جواب مليس ته جمن سچ ٿو چوي، پوءِ وري مون ڏي آيو ۽ چيائين ته معاف ڪجائين، مونکي ڪجهه دوستن وهم وڌو هيو جيڪو هينئر صاف ٿي ويو. ٿوري عرصي کان پوءِ ٽريننگ جي دوران شادي ٿي وين.

منهنجي محبوبه مرڻ گهڙيءَ تائين منهنجي لائف پارٽنر ۽ منهنجي اولاد جو وڌيڪ خيال رکندي هئي. مان پنهنجي لائف پارٽنر ۽ ٻچڙن کي ٻڌائي ڇڏيو هيم ته هيءُ منهنجي محبوبه آهي. منهنجي ذاتي فيملي جا سڀ ميمبر منهنجي محبوبه سان پيار ۽ محبت وارو رشتو رکيو. منهنجي محبوبه ڪڊني فيليوئر جي ڪري پنهنجي اصل ماڳ تي پهچي وئي. الله سائين ڪيس جنت ۾ اعلي مقام عطا ڪريس.

ڪجهه دوستن چيو ته تنهنجي محبوبه جو آخر ڇا ٿيو؟ تنهن ڪري مون ٿورو انهي متعلق بيان ڪيم. مان صرف اهو چوڻ چاهيان ٿو ته پيار ۽ محبت جيڪڏهن ڪنهن لالچ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ کان بغير آهي ته اها محبت ۽ عزت لازوال آهي. زندگيءَ جي هر موڙ تي صرف سچائي ۽ بي لوث محبت ڪاميابي سان همڪنار ڪندي آهي. محبت انسان جي لاءِ تمام ضرور آهي، انهي کان بغير

زندگي اڌوري پر غلط مقصد واري محبت نہ هجي، جيڪا انسان کي حيوان بنائي ڇڏي.

سول سروس اڪيڊميءَ ۾ شادي جا ڪيترا ئي معاملا اتي اچي طئہ ٿيندا آهن ڪجهہ پنهنجي بيچ ميٽ سان تہ ڪجهہ لاهور جا شڪاري بہ ميس ۾ گيسٽ نائيٽس جي موقعن تي شڪار ڪندا آهن.

# سِوِل سروس اڪيڊمي ۾ لاهور جا شڪاري

لاهور جا شڪاري هميشه سول سروس اڪيڊمي جي ملهايل گيسٽ ۾ ميس نائيٽس مان ڀرپور طريقي سان پروبيشنرس تي وار ڪندا آهن ته جيئن هو پنهنجي لاءِ ڪو گهر نائي سليڪٽ ڪن. انهيءَ چار ۾ ڪيترائي شڪار به ٿيندا آهن. اتان جي ماڻهن کي آيل پروبيشنرس جي متعلق گهربل انفرميشن اتي جا ايمپلائيز پهچائي ڏيندا آهن پوءِ جيترو جنهن جو وس پهچندو آهي اهي ڪري رهندا آهن. ڪاميابي يا ناڪامي ته هر ڪنهن جي مقدر مطابق نصيب ٿيندي آهي.

جيڪي لاهوري ميس ۾ گيسٽ نائيٽ جي توسط سان پهچي ڪين سگهندا آهن ته پوءِ ڪنهن پنهنجي اعتماد واري ۾ اثررسوخ واري دوست جي مدد سان پروبيشنرس تائين پهچڻ جا رستا ڳولهي ڪڍندا آهن.

جيڪو مون سان ٿيو مان انجو ٿورو تفصيل هيٺ دوستن لاءِ شيئر ڪريان ٿو. منهنجو هڪ دوست پنهنجي بيچ ميٽ جي ڪري ٿيو. اهو دوست پنهنجي پاءُ سان ملڻ هفتي ۾ ٽي چار دفعا ايندو هيو۽ انهي ڪري اسان ٽنهي جي پاڻ ۾ سني دوستي ٿي وئي. اڪثر هو اسان کي شام جو ڪلاڪ اڌ لاءِ لاهور جو چڪر ڏيارڻ ۾ گڏوگڏ ڪڏهن چانهه يا قلفي وغيره کارائي موٽائي هاسٽل اچي ڇڏيندو هيو. جڻ ته اسانجو پاڻ ۾ بي تڪلفي وارو ماحول ٿي ويو هيو. هنن ٻنهي ڀائرن کي انهن جي دوست ڪا منهنجي لاءِ ذميواري رکي ته ڪئين به ڪري ڪو سٺو ۾ بااعتبار ڇوڪرو ڳولهن ان جي نياڻي لاء. حسب معمول هڪ ڏينهن ڪجهه وڏيڪ ٽائيم ورتن. لاهور کي گهمڻ ڦرڻ ۾ ۾ موٽ تي ان جي وڏي ڀاءُ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو ته يار واجي تو به مونکي ياد ڪونه ڏياريو فلاڻي دوست سان واعدو ڪيو هيم ته اڄ تو وٽ اچي چانهه پيئندم وغيره وغيره. واجي جو نالو اصل ۾ واجد شاهه بخاري هيس پر وڏو ڀاءُ انکي واجي ڪري سڏيندو هيس ۾ واجد شاهه کي اڄ تائين مان ڪڪڙ شاهه ڪوٺيندو آهيان.

اتي مون کي واجد شاهه جي وڏي ڀاءُ شوڪت شاهه بخاري مرحوم الله جنت ۾ اعليٰ مقام نصيب ڪريس. چيو ته جمن سائين جيڪڏهن اجازت ڏئين ته ان دوست وٽان پنج منٽ رڳو ليئو پائي اڳتي هلون ۾ انجو گهر بس اڳئين گهٽي ۾ آهي. هاڻي سائين جمن کي هڪ مفت جي سواري مٿان گهمائڻ به اهي، ڪهڙو جواب ڏيندو ادا ڀلي پر يار جلدي ڪجو. مان به انهن سان گڏ هاڻي جڏهن اتي پهتاسين ته سڄ به لهڻ وارو هيو. اتان واري ميزبان اچي زور ڀرين ته يار بخاري هڪ ته تون گهڻي عرصي کان پوءِ آيو آهين، مٿان وري گڏ توهان سان مهمان به آهي، هاڻي ته توهان رات جي ماني کائي پوءِ وڃو. نه

بخاري صاحب ٻه گهڙي ڪئي پر ڳالهه ڦيرائي اچي مون تي بيهارن ته جيستائين جمن سائين راضي نه ٿيندو، تيستائين اسين ڪونه ويهنداسين. چو ته اسان جو واعدو ٿيل آهي ته صرف پنج منٽ هتي ايندا سين. هاڻي هو جهونو اچي منهنجي ڪاڏي تي هٿ رکي ته سائين توهان ٿوري وقت جي لاءِ مهلت ڏيو وڌ ۾ وڌ پندرهن ويهه منٽ بس ماني تيار آهي.

ڪنواري ڇوڪري وانگر آهستڙي مون ٻه ها ڪئي. ڊرائنگ ڪمرو ڊائننگ هال هيو. پنج منٽ ڪونه گذريا ته هڪ ڪاليج ۾ پڙهڻ واري عمر جي ڇوڪري آئي ۽ سيني ڪي سلام ڪيو ۽ ڊائننگ ٽيبل تي پليٽون، گلاس ۽ چمچا رکيا. ان کان پوءِ ان ڇوڪري جي ماءُ آئي ۽ ماني لڳي. چار ڄڻن ٽيبل تي گڏجي ماني کاڌي ۽ مون سان ٻه تعارف ٿيو. پنهنجو ٻه تعارف ڪرايائين خبر پئي ته هو ويسٽ پاڪستان جو رٽائرڊ چيف انجنيئر هيو. خير ماني کائي هاسٽل ڏانهن راهي ٿياسين. رستي ۾ ڪوبه ٻيو ذڪر ڪونه نڪتو بس رڳو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا اچي هاسٽل پهتاسين.

ٻن ڏينهن کان پوءِ شوڪت شاهه بخاري آيو ۽ اسان ٻنهي کي لبرٽي مارڪيٽ وٺي آيو. لبرٽي انهيءَ ڪري وٺي آيو جو واجد جي مڱ ٻه پنهنجي ماءُ سان اتي اچڻي هئي تنهنڪري اسان ٻه اتي آياسين. ٿوري دير کان پوءِ واجد جي مڱ آئي، منهنجو ٻه پنهنجي مڱ سان تعارف ڪرايائين ۽ غائبانو منهنجو تعارف ساڻس اڳم ٿيل هيو. شوڪت مون کي چيو ته واجي کي ڇڏ، اهي پلي آئيس ڪريم کائن، اسين هن اڳيئن اسٽور تي هلي فريش جوس ٿا پيئون.

فريش جوس صرف بهانو هيو، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي چيائين. جمن سائين ڇا تنهنجو خيال آهي ان ڇوڪري جي باري ۾. مون پڇيس ڪهڙي ڇوڪري؟ چيائين ته تي ڏينهن اڳ رات جي ماني کاڌي هئي. مون چيو ته مان ڇوڪري کي ته ڏٺوئي ڪونه، ۽ حقيقت ٻه اهائي هئي ته ڇوڪري جي ڇهري تي جيئن نظر پئي ته مان وڏيڪ ان کي ڪونه ڏٺو باوجود ان جي ته هو اتي پنج اٺ منٽ بيني ٿانو ٿڦا ماني کائڻ جي ميز تي رکيا. چيائين ته ڇوڪري پنهنجي والدين کي اڪيلو ٻار آهي ۽ ملڪيت جام اٿس. مونکي اڄ ڇوڪري جي پيءُ چيو ته اسان کي قبول آهي ۽ زال مڙس ٻئي تنهنجي ڏاڍي تعريف پيا ڪن ۽ چون ٿا ته جيڪڏهن ها ڪري ته اسين ڪيس ٻه لک روپيه ڪيش، نئين ماڊل جي ڪرولا گاڏي ۽ بنگلو ڪراچي ۾ وٺي ڏيونس. ڇوڪري جي پيءُ جو هڪ بنگلو ڪلفٽن ڪراچي ۾ آهي جيڪڏهن اهو نه وڻي ته ڊفينس ۾ بنگلو وٺي ڏيونس. صرف تون ها ڪر.

بخاريءَ کي چيم ته مان هتان شادي ڪونه ڪندم چيائين ڇو؟ مون چيس ته منهنجي هن وقت نو سو پگهار آهي. ٻه لک منهنجي اوقات کان تمام گهڻا آهن. جنهن ڇوڪري جي ڪري مونکي ايترا پئسه، گاڏي ۽ پسند جو بنگلو ٻه وٺي ڏين ته لازمي طور انهيءَ ملڪيت ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ کي ويهاري يا رهائڻ لاءِ مونکي ڇوڪري جي مرضي کي ڏسڻو پوندو ۽ منهنجا والدين ٻهراڙي جا رهاڪو آهن ۽ پنجابي يا اردو ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ هنن لاءِ وڏو مسئلو ٿيندو. تنهنڪري مان ڪنهن اهڙي گهر مان شادي ڪين ڪندس جتي منهنجي والدين کي ڪنهن ٻه لحاظ کان ڏکيائي ٿئي.

وڌيڪ مون بخاري کي چيو ته مونکي تون اِهو ٻڌاءِ تنهنجا پيءُ ماءُ تنهنجي اتان شادي ڪرائڻ ۾ خوش ٿيندا جتي انهن لاءِ ڪلچر جي ٿوري گهڻي ڦير ڦار هجي. بخاري مونکي ڪيترا پيرا جهنگ

شهر وٺي ويو. جتي هنن جو اباڻو گهر آهي ۽ مونکي پنهنجي حويلي ۾ رهائيندا هيا ۽ بخاري جون پينر ۽ والدين بہ مونکي اڄ تائين پنهنجي گهر جو ڀاتي ڪري سمجهندا آهن. تنهنڪري مونکي سڄي خبر هئي تہ بخاري جي والدين سندس رشتو لاهور مان ونڻ پسند ڪونہ ڪيو هيو جنهنجو ذڪر بخاري جي پيءُ مونسان ڪيو هيو ۽ ڇاڪي ڪري پسند ڪونہ ڪيو هيو اهو بہ مونکي معلوم هيو. بخاري خاموش ٿي ويو.

منهنجي شاديءَ لاءِ والدين پاڻ ڇوڪري سليڪٽ ڪئي ۽ بغير ڏٺي مون قبول ڪئي، ايتري تائين جو مونکي ڇوڪري تہ پري جي ڳالهہ پر فوٽو تائين بہ ڪونہ ڏيکاريو ويو. شادي واري ڏينهن جيڪو روبرو ڏٺو تڏهن ڪان اسين ٻئي هڪ ٿي وياسين.

منهنجي والدين مونکي چيو تہ تون پاڻ سليڪٽ ڪر پر صرف خيال ڪجائين تہ اصلي ۽ نسلي خاندان هجن. مالي پوزيشن انهي ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ ٿئي. مون والدين کي چيو تہ توهان منهنجي لاءِ ڇوڪري جو انتخاب ڪيو ۽ منهنجي والدين ٻن ميلن جي پنڌ تي منهنجي ساٿي جو انتخاب ڪيو. ان وقت مان اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهہ هيس. ۽ الحمدالله شادي جي معاملي ۾ وڏو خوش نصيب آهيان ڇو تہ منهنجي شادي ۾ والدين جي رضا ۽ خوشي هئي. منهنجا والدين تہ هن وقت هن دنيا ۾ رهيا ناهن، پر انهن جي دعا مون سان هميشہ همراهہ هوندي آهي. الله سائين هر هڪ جي والدين کي جيڪي هتان هميشہ جدا ٿي ويا آهن، انهن سڀني کي جنت الفردوس عطا ڪري .الحمدالله منهنجي والدين جي پسند ۽ چونڊ اڄ ڪلهہ منهنجي لاءِ رحمت ۽ وڏو سهارو آهي.

# والد جون نصيحتون

الحمدلله، مان انهن ماڻهن مان هڪ خوش نصيب آهيان، جنهن تي الله جي ذات بابرڪات منهنجي اوقات کان وڌيڪ اڻ ڳڻيا احسان آهن. جنهن وقت سي ايس ايس جو رزلٽ آيو ۽ مون مسڪين کي الله جي ذات منهنجي حيثيت کان وڌيڪ عطا ڪندي ڊي ايم جي ( District Management Group) جي پوسٽ ڏني. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته منهنجي والدين ۾ بين گهڻگهرن کي بي انتها خوشي ٿي.

منهنجي والد صاحب رات جو اڪيلو مونکي سڏي پاڻ وٽ ويهاري ڪجهه نصيحتون ڪيون، جنهن تي مون ڪوشش ڪندي اڄ تائين الحمدلله انکي پوري ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي ۽ انهيءَ جي ڪري مان اڄ تائين پرامن ۽ بغير ڪنهن پريشانيءَ جي زندگي بسر ڪري رهيو آهيان.

منهنجي والد صاحب سڀ کان پهريان اها نصيحت ڪئي ته ڪنهن به حالت ۾ دنيا ۾ طاقت جي نشي ۾ ڪنهن جي دل آزاري نه ڪجائين.

اسلام جي فرض جي قضا آهي، پر انسان جي دل کي رنجائڻ جي ڪابه قضا يا ڪفارو ڪونهي. هڪ قصو بيان ڪري ٻڌايائون ته هڪ دفعي حضرت معين الدين چشتي رح جن وٽ هڪ ماڻهو پري کان پنڌ ڪري سڪ ۽ وڏي محبت سان طعام کڻي آيو. جڏهن اهو پرديسي شخص چشتي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته اهو طعام اچي اڳيان رکيائين ۽ بار بار عرض ڪيائون، سائين هي طعام کائو پهريان ته چشتي صاحب ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو آخرڪار ان شخص جي بار بار عرض ڪرڻ تي چشتي صاحب طعام کائڻ خاطر هٿ وڌايو. جنهن تي خادمن يادگيري ڏيارڻ خاطر عرض ڪيو ته سائين توهان کي ته روزو آهي، ايئن ته ناهي جو توهان کان وسري ويو هجي. چشتي صاحب فرمايو ته مونکي بلڪل ڄاڻ آهي ته مونکي روزو آهي. اها به خبر اٿم ته روزو ٽوڙڻ جو ڪفارو آهي. پر توهان کي شايد ان ڳالهه جو اندازو ناهي ته جيڪڏهن هن پري کان آيل دوست جي جذبي جو مون خيال نه ڪيو ۽ هن جي دل آزاري ٿي ته انجو ڪوئي ڪفارو ڪونهي. جيڪو الله جي ذات کي هرگز پسند ناهي.

ٻيو ڪنهن به صورت ۾ لالچ نه ڪجائين.

ٽيون اهو هميشه خيال رکجائين ته هڪ ڏينهن احڪم الحاڪمين جي دربار ۾ پيش ٿيڻو آهي.

چوٿون ست فوٽ زمين جي هيٺ وڃڻو آهي اتي توکي هٿين خالي وڃڻو آهي.

پنجون برڪت حلال مال ۾ آهي، حرام جي مال ۾ برڪت ڪڏهن به ناهي، مثال ڏيندي سمجهائين ته توکي خبر آهي ڳئون، مينهن وغيره تقريباً ڏيڍ ٻن سالن کان پوءِ هڪ ڦر ڄڻيندي آهي، ٻڪري سال ۾ هڪ کان به ٻار ڄڻيندي آهي.

انهي کان علاوه تقريباً هرروز لکين ڳئون، ٻڪريون ۽ مينهون ذبح ٿين ٿيون . ذوالحج جي مهيني ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ جانور ذبح ٿين ٿا. انهي کان پوءِ به توکي ڳئن، ٻڪرين ۽ مينهن جا وڳ ۽ ڌڻ عام جام نظر ايندا.

انهيءَ جي برعڪس ڪتن ۽ ٻلن جي جم ۾ واڌ توکي تمام گهٽي نظر ايندي آهي، يعني ڪتا ۽ ٻلا سال ۾ ٻه ٻه دفعا ٻار گهٽ ۾ گهٽ ست اٺ ڄڻن ٿا ۽ انهن کي ڪير ذبح به ڪونه ٿو ڪري، انهي جي باوجود توکي ڪڏهن به ان حرام جانور جا وڳ ۽ ولر ڪونه نظر آيا هوندا. انهيءَ ڳالهه کي ذهن نشين ڪجائين ته حرام جي ڪمائي مان توکي ڪڏهن به سڪون ۽ برڪت ڪين ملندي، تنهن جي ڪري آسان ۽ حرام جي ڪمائي پنيان ڪڏهن به نه وڃجانءِ. جيڪڏهن ويندين ته سڀ کان پهريان الله جي رحمت ۽ برڪت تنهنجي مٿان ختم ٿي ويندي، پوءِ تنهنجي عزت عوام جي دلين مان ختم ٿي ويندي ۽ مجبوري جي ڪري جيڪڏهن ڪو تنهنجي عزت ڪندو ته اها صرف چاپلوسي هوندي، جيڪا بقادار هرگز ڪين ٿي سگهي ٿي .

ڇهون ته ڪڏهن به پنهنجي ذات سان دوکو ڪين ڪجائين. ٻيون ڳالهيون ته مونکي سمجهه ۾ اچي ويون پر ان ڳالهه جو مونکي مطلب ان وقت سمجهه ۾ ڪين آيو ته پنهنجو پاڻ سان ماڻهو ڪيئن دوکو ڪندو ؟ دل ۾ خيال ايندا رهيا ته انهيءَ جو مطلب ڇا ٿي سگهي ٿو. آخرڪار انهيءَ جو مطلب مون پنهنجي زندگيءَ جي لاهين ۽ چاڙهين کان پوءِ جيڪو سمجهيو اهو هتي دوستن جي آڏو پيش ڪيان ٿو ۽ اهو عرض به ته جيڪڏهن اوهان دوستن مان ڪير انهيءَ جو اصل مطلب سمجهي ٿو ته ضرور شيئر ڪري.

منهنجي حساب سان ته جڏهن ڪوئي انسان ڪنهن ٻئي دوست کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ اهو سمجهندو آهي ته مان هن سان اهڙي چال ڪيڏي ويم، جو هن کي خبر ئي ڪانه پئي. مان هن کان وڏيڪ چالاڪ نڪتس وغيره وغيره . واقعي في الوقت مان ڪنهن کان اهڙو ڪوئي ڪم ڪيڏي ويس ۽ هن شريف ماڻهو مون تي اعتبار ڪندي منهنجي مرضي مطابق ان تي عمل به ڪيو. پر جڏهن ان دوست کي اها ڄاڻ ٿي ويندي ته يار مون سان ته دوکو ڪيو اٿس. اها انسان جي فطرت ۾ آهي، جڏهن هن کي خبر پوندي آهي ته فلاڻي ماڻهو مونسان ڄاڻي واڻي دوکو ڪيو آهي. ان وٽ جيڪا ڪنهنجي لاءِ عزت هوندي آهي اها بلڪل ختم ٿي ويندي آهي. انهيءَ جو مطلب ته مون پاڻ سان دوکو ڪيو، ڪنهن ٻئي سان ڪونه ڪيو.

ستون بابا گرمي سرديءَ ۾ اسان ٻهراڙيءَ جا ماڻهو گرمي جي موسم ۾ پگهر ۾ شل هوندا آهيون، پوءِ ڪير به وڏي عمر وارو اچي ته اڳ ۾ اٿي انهيءَ کي پاڪر پائي ملندو ڪر، انهي جو ڪڏهن به خيال نه ڪجانءِ ته تنهنجا ڪپڙا يا استري خراب ٿي پوندي. تنهنجا ڪپڙا وري استري ٿي ويندا يا ڌوپندا پر جيڪڏهن تون انهن سان ايئن نه ملندين ته هنن جي دل ٽٽندي جنهن جو ڪوئي ڪفارو

نٿو ادا ڪري سگهي.

جنهن وقت منهنجي والد صاحب اها مونکي نصيحت پريا لفظ چئي ۽ واعدو ورتو ته تون انهي تي عمل ڪندين مان دل ۾ جان سان بابي سائين سان واعدو ڪيم ۽ بابو سائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ الله جي دربار ۾ هٿ کڻي منهنجي ڪاميابي ۽ عزت جي لاءِ روئي الله کان دعا گهري ۽ چيائين ته بابا الله ڪندو ته تون ڪڏهن به ڪنهنجو محتاج ڪونه ٿيندين.

مان اڄ تائين انهيءَ چيل نصيحت تي عمل ڪندي هيستائين پهتو آهيان ۽ اها ساڳي نصيحت مان پنهن جي نوجوان دوستن کي ٿو ڪيان، جيڪڏهن توهان سمجهو ته اها نصيحت بهتر آهي ته ان تي عمل ڪرڻ جي ضرور ڪوشش ڪندا. مون کي يقين آهي ته توهان جيڪڏهن ان تي عمل پيرا ٿيندا ته ضرور ڪامياب ٿيندا.

الحمدلله مان اها ساڳي نصيحت پنهنجي اولاد سان هروقت ڪندو رهندو آهيان. مان حيران هوندو آهيان انهن جي داشمندي ۽ عقل تي، جڏهن ته هنن ظاهري تعليم ڪان ورتي هئي. ظاهري طرح اڻپڙهيل پر ڄاڻ سان پريل خزانو هئا.

# همتِ مردان، مدَدِ خدا

الله جي ذات بابرڪات انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو آهي. انسان جي ناتي ڪجهہ ضابطن جي هيٺ رهي ڪري پنهنجي زندگي گذارڻي آهي. جنهن لاءِ هڪ اصولن تي مبني نظام ناهي ڏنل آهن تہ جيڪڏهن انهن مقرر ڪيل حدن جي دائري ۾ رهي ڪري زندگي گذاريندئو تہ ڪامیابي نصيب ٿيندي. جيڪڏهن انهي مقرر ڪيل دائري کان ٻاهررهي ڪوئي قدم کڻندئو تہ نقصان ۾ ويندئو. اهي ڪجهہ اصول هي آهن،

نيت جي صفائي، محنت، سٺو ڪردار، ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪرڻ، ظلم ۽ ڏاڍ کان پاسو ڪرڻ، هر ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ ۽ ٻئي لاءِ سٺو سوچڻ وغيره وغيره.

جڏهن ماڻهو مٿي ڏنل اصولن تي هلڻ شروع ڪندو آهي تہ مشڪلاتون ضرور اچي پاسو وٺنديون آهن پر آخرڪار فتح حق جي ٿيندي آهي .

جيڪڏهن اسين ترقي يافتہ دنيا کي غور سان جاچينداسين تہ اهي مٿي ڄاڻايل اصول توهان کي اتي نظر ايندا. سڀ کان اول اتي ڪير ڪنهن سان زيادتي ۽ حق تلفي ڪري نٿو سگهي، ڇو تہ اتي جي سوسائٽي پنهنجي رهڻ لاءِ اهي اصول ٺاهي ۽ انهن تي عمل پيرا ٿيا آهن.

سوسائٽي کي ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ وارا بہ انسان هوندا آهن. فرق صرف ايترو هوندو آهي تہ هڪڙا پنهنجي ذات سان سچا هوندا آهن ۽ ٻيا پاڻ سان سچا ڪونہ هوندا آهن. جيڪي پاڻ سان سچا هوندا آهن اهي نيت جا هڪٻئي لاءِ سچا ۽ محنت ڪري اڳتي وڌڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪندا آهن.

اهڙيءَ طرح جيڪي انسان ڪامياب ٿيندا آهن انهن جي لاءِ اهو ضروري هوندو آهي تہ محنت تي گهڻو ڌيان ڏيندا آهن. محنت هڪ تمام وسيع ميدان آهي، جنهن ۾ اهي مٿي ڄاڻايل اصول تقريباً سڀ اچي وڃن ٿا. اڄ ڪلهہ ڪنهن جي لاءِ سٺو سوچڻ ۽ ڪنهن سان زيادتي نہ ڪرڻ لاءِ بہ تمام گهڻي محنت درڪار ٿئي ٿي. ڇوتہ اڄ ڪلهہ اسين محنت گهٽ ۽ شارٽ ڪٽ جي وسيلي ٻئي جي حق تلفي ۾ مصروف گهڻا آهيون ۽ انهيءَ کي اسين برو ڪونہ ٿا سمجهون. بدقسمتي سان اهڙي شارٽ ڪٽ وسيلي سان حاصل ڪيل ڪنهن حقدار سان زيادتي کي اسين هڪ برائي جي جاءِ تي ڪاميابي تصور ڪريون ٿا ۽ سوسائٽي ان عمل کي قبول ڪري ٿي، جنهن ڪري محنت ڪندڙ جي حق تلفي ٿئي ٿي جيڪا الله جي ذات کي پسند ناهي، ڇوتہ اها ان ڏسيل اصول جي مخالف ۽ بد نيتي تي مبني آهي جيڪا اشرف المخلوقات جي تذليل آهي. هڪ پاسي اسين پاڻ کي اشرف المخلوق

سڏايون وري عمل ڪيون انجي ابتڙ تہ ظاهر آهي ڪاميابي تہ نصيب ڪونہ ٿيندي.

جڏهن ناانصافي ڪي هٿي، محنت ڪندڙ ۽ حقدار جي حق تلفي عروج تي هجي، اتي يقينن پاڻ سان يا حقدار جي حق جي حمايت هڪ وڏو ڏکيو ڪم ڪري ڇڏيو آهي، انهي جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ اسين اهڙي حالت ۾ محنت ۽ مظلوم جو ساٿ ڇڏي ڏيون ۽ صرف پاڻ کي لاچار ۽ ڪمزور سمجهي همت هاري ويهي رهون.

همت مردان تہ مدد خدا

بي همت مردان تہ بيزار خدا.

اهي مرد هميشہ تاريخ ۾ ياد ڪيا ويندا آهن جيڪي اهڙي تاريڪي جي دور ۾ انهي انسان دشمن نظام کي همت ۽ محنت سان منهن ڏيندي پنهنجي لاءِ راه ڳولهي ڪڍن ٿا. جنهن جي هن وقت سنڌ ۽ سنڌ جي ماروئڙن کي سخت ضرورت آهي. الحمدالله سنڌ ۾ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ اهڙا گهڻا مجاهد ميدان ۾ لٿل آهن، جيڪي انتهائي ۽ تاريخ جي بدترين حالتن جو مقابلو ڪندي پنهنجي لاءِ راه هموار ڪن پيا. تنهنڪري مان هينئر ڪافي حد تائين مطمئن آهيان تہ سنڌ جو نوجوان باوجود زيادتين ۽ بي انصافين جي ميدان خالي ناهي ڇڏيو.

اسان جي سول سوسائٽيز ۾ بہ آهستي آهستي انهيءَ ڳالهہ جو احساس ٿيندو وڃي پيو.

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي وصفون هڪ انسانيت جي ناتي سان هجڻ کپن، انهن جو پري پري تائين نشان نظر نٿو اچي. سني ڳالهہ ٿئي پئي تہ هاڻي جڏهن سنڌ جو رهاڪو ڏيهہ ۽ پرڏيهہ ۾ وڃي رهيو آهي تہ انهيءَ شئي جو احساس بہ ٿيڻ لڳو آهي تہ جيستائين اسين محنت جي پنهنجي پاڻ ۾ عادت ڪين وجهنداسين تيستائين اسين هن برائي واري جڪڙيل نظام مان جان آزاد ڪرائي ڪونہ سگهنداسين.

اسانجي ڪمزوري وسائل جي نہ هجڻ ناهي. الحمدالله اسان وٽ وافر مقدار ۾ وسائل آهن، جيڪڏهن ڪمي ۽ ڪوتاهي آهي تہ اسين انهن وسيلن کي پنهنجي ڀلائي خاطر استعمال ڪرڻ جي طريقن ۽ بدنيتي تي مبني جڙيل هن هٿ ٺوڪئي نظام جي آهي، جنهن کي اسين پاڻ پروان ۽ مضبوط ڪندا آيا آهيون. هاڻي اسان کي،

محنت ۽ مثبت سوچ جي سخت ضرورت آهي.

# سنڌ جي وسيلن جو صحيح استعمال، هڪ وڏو چئلينج

سنڌ جي وسيلن کي صحيح نموني استعمال ڪرڻ اسان جي لاءِ هڪ وڏو چئلينج ٿي ويو آهي، انهيءَ جا گهڻائي مختلف پهلو آهن. پر مان ڪوشش ڪري هڪ خاص سبب جو ذڪر ڪندس. اهو آهي اسان سيني جي ۽ خاص ڪري نوجوان ٿهيءَ جي دلچسپي نہ وٺڻ. انهي لاءِ اسان جا نوجوان تہ ڪجهہ ذميوار آهن پر ڪجهہ اسان سيني جي بہ ڪوتاهي آهي. ننڍين ٻارن جا ذهن بلڪل نئين سافٽ ويئر جهڙا آهن ۽ جهڙو پروگرام ان ۾ استعمال ڪبو انهي مطابق پنهنجي آئوٽ پُٽ ڏيندو.

سنڌ تعليمي ماحول خصوصن 1977ع کان پوءِ تيزي سان بگاڙيو ويو. هن وقت تعليم جو ماحول ايترو خراب ٿي ويو آهي جو انهي کان وڌيڪ خراب ٿيڻ جي ڪابہ گنجائش ڪان رهئي آهي. گذريل تقريباً پنجٽيهہ چاليهہ سالن جي اندر سنڌ مان قدرتي گئس ۽ تيل ڪافي نڪرڻ شروع ٿيو. بدقسمتي سان سنڌ جي وسيلن تي منصوبي تحت قبضو ٿيندو ويو. ايتري تائين جو انهن ادارن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس تي بہ سڀ غير سنڌي ويٺا آهن. گئس ۽ تيل جي پيداوار سنڌ مان ٿئي پر انهيءَ تي سنڌ جو ڪوئي حق ناهي. اها سنڌ سرڪار جي نااهلي آهي جو او جي ڊي سي ايل ۽ ٻين ادارن تي سنڌ جي نمائندگي لاءِ مرڪزي سرڪار کان پنهنجو حق وٺي ڪين سگهي آهي .

سنڌ سرڪار اڄ تائين مرڪز جي انهن ادارن ۾ سنڌ سان واسطو رکندڙ اهل ماڻهن کي ۾ ڪابہ اهڙي پوزيشن ونرائي ڏيڻ ۾ دلچسپي ڪانہ ٿي رکي جنهن سان سنڌ جي مفادن جو دفاع ٿي سگهي. پاڪستان پلاننگ ڪميشن، جنهن جو ڪم آهي تہ پوري پاڪستان جي ڊولپمينٽ متعلق فيصلا ڪري، جنهن ۾ هن وقت ٻارهن ميمبر آهن. پر انهن ۾ هڪڙو بہ سنڌي ميمبر ناهي. ڇا اهو ممڪن آهي تہ ٻئي صوبي جو ماڻهو سنڌ جي حقن جي اتي ڳالهہ ڪندو؟ ڇا اها سنڌ سرڪار جي ذميواري ناهي تہ اهڙن مرڪزي ادارن ۾ سنڌ جي نمائندگي لاءِ ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ يا ٻين مقامن تي انهي ڳالهہ کي کڻي وڃي ۽ فيصلو ڪرائي؟

سنڌ جي نوجوانن جو شوق ڪاپيءَ جي زور تي ڊبل ٽرپل ايم اي ڪرڻ تي آهي، پر ٽيڪنيڪل تعليم ڏانهن لاڙو نہ هجڻ جي برابر آهي، تنهنڪري اسان جو نوجوان بي روزگار ۽ غريب والدين تي بوجهہ بڻيل آهي. انهي جي ڪري سنڌ ۾ غربت جي ڇاڻايل لڪير کان هيٺ هرروز واڌارو ٿيندو پيو وڃي. جيڪو تمام گهڻي ڳڻتي جو سبب آهي، پر اسان جي سنڌ جي سياسي قيادت انهيءَ جوابداري

جو ڪوبہ احساس ڪونہ ٿي ڪري.

اها سنڌ سرڪار جي نهايت نا اهلي آهي، جو پنهنجي قدرتي وسيلن کي محفوظ رکڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. سنڌ سرڪار جي اها آئيني ذميواري آهي تہ سنڌ جي عوام جي جان، مال، عزت، تعليم، صحت، روزگار ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جو بندوبست ڪري ڏئي.

سنڌ سرڪار جي نااهليءَ جي اها انتها آهي جو ٽيڪنيڪل ڪاليجز ۽ ان سان لاڳاپيل ادارا قائم ڪيل آهن، پر افسوس سان چئڻو ٿو پوي اهي ادارا صرف خزاني تي بوجھہ بڻيل آهن باقي مڙئي خير.

سنڌ وڏي خوش نصيب آهي، جو آبادي جو تقريباً اڌ حصو نوجوانن تي مشتمل آهي. ضرورت انهيءَ ڳالھہ جي آهي تہ انهن نوجوانن کي تيار ڪري ميدان ۾ لاهجي تہ جيئن اهي ٽيڪنيڪل تيار ٿيل نوجوان پاڻ سان گڏ ٻين جي لاءِ بہ روزگار جا دروازا کولين تہ جيئن سنڌ مان بي روزگاري جو مسئلو حل ٿئي. اها سنڌ سرڪار جي نااهلي آهي جنهن لاءِ اسين سنڌ جي نوجوان کي انجو مڪمل ذميوار نٿا چئي سگهون. ان جو مطلب اهو بہ ناهي تہ اسانجو نوجوان بلڪل ذميوار ناهي. سنڌ جي ٽيڪنيڪل ادارن ۾ بلڪل اونده بہ ڪانهي، پر اسانجي نوجوان جي انهيءَ ۾ دلچسپي نہ هجڻ جي برابر آهي، سواءِ ڪجھہ شاگردن جي، جنهن ڪري هو پنهنجي ڪم واري جاءِ تي پاڻ کي ايترو مضبوط ڪري نہ سگهيا آهن.

سي پيڪ جي اچڻ جو فائدو سنڌ کي اهڙو ڪونہ ٿيو جو تہ اسانجي سنڌ جي سياسي قيادت سنڌ جي مفاد کان وڌيڪ ذاتي مفادن کي ترجيح ڏني. جيڪڏهن سنڌ سرڪار سي پيڪ مان ڪو حصو حاصل نہ ڪري سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي نوجوانن کي ٽيڪنيڪل مهارت ڏياري سنڌ مان بي روزگاري کي پري ۽ خوشحالي جي راه کولڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي پئي. هينئر بہ وقت هٿن مان ناهي نڪتو جو اسانجو نوجوان انهيءَ ڳالھہ کي دل سان هنڊائي ۽ پنهنجي لاءِ ڪو بہ اهڙو ٽيڪنيڪل ٽريڊ جو انتخاب ڪري پنهنجي زندگي کي آسودو گذارڻ لاءِ جدوجهد ڪري.

اسان کي جيڪڏهن اڳتي وڌڻو ۽ ترقي ڪرڻي آهي تہ پوءِ هڪ ڳالھہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي ذهن ۾ جيڪو فتور آهي تہ اسين صرف هر معاملي تي ٻين تي جائز ناجائز تنقيد ڪرڻ ۾ وقت زيان ڪندا آهيون . انهيءَ موذي مرض کان پاڻ کي ٻاهر نڪرڻو پوندو تہ پوءِ ئي اسين ترقي ڪري سگهنداسين.

اسانکي اها سوچ تبديل ڪرڻي پوندي تہ فلاڻي اسانجي لاءِ ڇا ڪيو رياست اسانجي لاءِ ڇا ڪيو پر اسانجي سوچ هجي تہ مان ڇا ڪري ڏنو پنهنجي خاندان، اوڙي پاڙي وارن کي، صوبي ۽ ملڪ کي

# ضلعي انتظاميه جا مسئلا

دوستن جو اصرار آهي ته ڪجهه انتظامي لحاظ سان آيل معاملن جي متعلق به لکجي ته جيئن اسان جو نوجوان جڏهن نوڪري جي ڪري ميدان ۾ اچي ته ان کي ڪجهه اڳواٽ خبر هجي ته جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مرحلي مان گذرڻو پويس ته احسن طريقي سان اهڙي موقعي کي منهن ڏئي سرخرو ٿئي.

سپ کان پهريان ته مان اهو عرض ڪندس ته انتظامي پوسٽ ڪا ميٿميٽڪس ناهي جو آساني سان چئي سگهي ته ٻه ۽ ٻه چار ٿيندا. انجي جي برعڪس انتظامي معاملن ۾ گهڻين فيڪٽرس تي نظر وجهڻي هوندي آهي. جيئن وقت جي نزاڪت، مسئلي جي معلومات لاءِ ڪهربل ذريعا، عام ماڻهن جو ردعمل، عام ماڻهو تي اثر، سرڪار جي پاليسي، قانون جي دائريڪار، سياسي حالتون، مذهب، رسم ۽ رواج ٻين ڊپارٽمينٽس جي گنجائش، پبلڪ ۽ پرائيويٽ ملڪيت جو تحفظ، مسافرن جي لاءِ اچ وڃ، عام شين جي واهپي، اسپتال تعليمي ادارا ۽ ٻيون ڪيتريون ننڍيون وڏيون شيون آهن، انهن سڀني کي نظر ۾ رکندي پوءِ ڪو حتمي فيصلو ڪبو آهي ته ڇا ڪجي ۽ ڪيترو ڪجي.

سپ کان اول ڪوشش اها هوندي آهي ته امن امان ۾ ڪنهن به قسم جي ڳڙٻڙ نه ٿئي. گهڻي قدر اها ڪوشش ٿيڻ گهرجي تي ڏرين جون ڳالهيون ٻڌي جيترو تي سگهي اوترو جلد انهيءَ مسئلي کي حل ڪجي. عمومن اهڙي قسم جا مسئلا انتظاميا سان سڌو سئنون لاڳاپيل ڪونه هوندا آهن. اڪثر ڪري اهي مسئلا ٻين کاتن جي نااهلي يا ناڪامي جي سبب ڪري پيدا ٿيندا آهن.

مثال طور، ڪمند، ڪٽڪ، ڦٽي، پاڻي جي ڪوٽ يا مٿين پيچ وارن جي زيادتي. انهن جي اڳهن، پرمٽ، پيمينٽ، باردانو وغيره وغيره . انهن جو ڊي سي يا ايس پي سان ڪنهن به طرح سڌو واسطو ڪين هوندو آهي، پر جڏهن آبادگار جلوس ڪڍندا يا رستو بلاڪ ڪندا ته مسئلو انتظاميا جو ٿي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضلعي جي انتظاميا کي پنهنجو رول ادا ڪرڻو پوندو آهي.

جنهن لاءِ سپ کان پهريان ضلعي جي انتظاميا کي مسئلي جي شروعات کان انهي تي نظر رکڻ گهرجي ته جيئن مسئلي جي شروعات ۾ ان کي حل ڪيو وڃي. سپ کان اول ڪمند جي آبادگارن جي وفد کي گهرائي انهي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ تجويزن وٺي ان تي غور ڪجي ۽ انهي مسئلي جي حل لاءِ هڪ، ٻه، ٽي، چار ترجيع وار پوائنٽس نوٽ ڪري پوءِ انهي ڏينهن يا ٻئي ڏينهن تي ڪمند مل مالڪان کي گهرائي انهن جون مجبوريون ٻڌي پوءِ تجويزن تي حل ڪرڻ لاءِ رستو ڳولهي ڪڍجي.

انهيءَ کان پوءِ ٻنهي ڌرين يعني آبادگارن ۽ شوگر مل ملڪان يا انجي ذميوار انتظاميہ جي گڏيل ميٽنگ ڪري ٻنهي جي ڏنل تجويزن کي سامهون رکي ٻنهي ڌرين جي مرضي مطابق اگريمينٽ ڪرائي انتي عمل ڪرائڻ کي يقيني بڻائجي، تہ جيئن اهو مسئلو اڳتي وڌڻ کان اڳ خوش اسلوبي سان حل ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح سان باقي معاملن کي حل ڪجي.

اڪثر اوقات ڪڏهن اهڙا مسئلا بي خبرائي ۾ ضلعي جي ڪنهن بہ ڌر سان واسطو نہ هجڻ جي باوجود بہ جنم وٺندا آهن. انهن مسئلن جو حل ضلعي ليول يا ڊويزن جي ليول تي بہ ڪونہ هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ انتهائي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺندي مسئلي کي شديد ڪرڻ جي جاءِ تي فائر برگيڊ وارو ڪم ڪبو آهي، جيئن اها باهہ وڌيڪ ٻئي پاسي نہ وڃي ۽ ڪوشش ڪري انهيءَ کي اتي جو اتي ڪنٽرول ڪجي. اهڙي قسم جا مسئلا خاص ڪري صوبائي يا مرڪزي سرڪار جي ڪري ٿيندا آهن. جن جو حل بہ انهيءَ ليول جو هوندو آهي، پر مسئلي کي منهن ڏيڻ ضلعي انتظاميہ جي جوابداري ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري اهڙي مسئلي کي منهن ڏيڻ ڪجهہ وڌيڪ ڏکيو ۽ وقت جي ڪابہ خبر ڪان هوندي آهي تہ ڪيترو وقت انهي لاءِ درڪار هوندو. اهڙا مسئلا عمومن سياسي نوعيت جا هوندا آهن ۽ ضلعي جي انتظاميہ جيڪڏهن ڪنهن بہ قسم جو ڪو اهڙو تڪڙو يا غلط قدم کڻندي تہ اهو انتهائي پيانڪ ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري هر وقت تياري جي پوزيشن ۾ رهي ۽ انهي مسئلي جي لاڳاپيل ضلعي ۾ نمائندگي ڪرڻ وارن سان رابطو ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو وڌيڪ بهتر ۽ انهن سان وڌيڪ ميل ملاقات رکي تہ جيئن اهي بہ ضلعي انتظاميہ سان پنهنجو سهڪار ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن. يعني ضلعي جي انتظاميہ ۽ واسطيدار مسئلي جي اتان جي نمائندن ۾ جيتري ويجهڙائپ ٿيندي اوترو ضلعي جو امن امان بهتر رهندو.

ڪجهہ وري اهڙا مسئلا هوندا آهن جن جو ملڪ جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ سان واسطو ڪونہ هوندو آهي پر گهڻي ڀاڱي عوام جون دليون ۽ جذبا انهي مسئلي سان لاڳاپيل هوندا آهن . مثال طور ڪو بہ اهڙو عمل جنهن جو اسان جي مذهب سان واسطو هجي پر ٿي ڪٿي بہ پر انجو اثر اسان جي سرزمين تي ظاهر ٿيندو آهي. جيئن ڪڏهن يورپ ۾ پاڪ ڪريم جن جي شان ۾ ڪا گستاخي ڪري يا بيت المقدس ۾ اهڙي ڪابہ ڪاروائي ٿئي انجو اثر پنهنجي سرزمين تي ظاهر ٿيڻ يقيني آهي تہ اهڙي حالت ۾ صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ ۽ مذهبي اڳواڻن سان رابطو نهايت ضروري هوندو آهي.

# نواب شاهہ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ

ضلعي جي انتظاميہ کي مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن ڪوئي بہ مسئلو ڪنھن بہ سبب جي ڪري جيڪڏھن ٿوري وقت لاءِ ٽري وڃي يا ڪجھہ وقفو ملي وڃي تہ ان مسئلي جي اصلي پاڙ کان کوٽي ٻاھر ڪڍي ڦٽو ڪجي. عموماً ايئن ٿيندو آهي تہ جڏھن ھو آفيسر اتان بدلي ٿي ويندو آهي ساڳيو مسئلو وري ٻيهر ڪر ڪڍي بيهندو آهي. پوءِ نئين ايندڙ آفيسر کي هڪدم ڏکيائي ٿيندي آهي. ان مسئلي کي چڱي طرح سمجھي ڪين سگھندو آهي پوءِ ھو ٻين يعني ھيٺئن اسٽاف تي اعتبار ڪندو آهي. نتيجي ۾ ان مسئلي جي صحيح تشخيص ٿي ڪان سگھندي آهي.

ھڪ ڳالھہ اسان جي ايندڙ ۽ ھن وقت موجود دوستن کي ياد رکڻ گھرجي تہ ھيٺيون اسٽاف ڪيترو بہ توھان سان مخلص ھجي پر ھو ڪنھن نہ ڪنھن جو اعتبار وارو ماڻھو بہ ھوندو آهي. جنھن جي مفادن جي ھو پرگھور لھندو آهي. ضلعي اندر ڪو بہ اھڙو مسئلو ڪونہ ھوندو آهي جنھن ۾ انھن ڌرين جو سڌو يا اڻسڌو واسطو نہ ھجي. تنھنڪري جيترو ٿي سگھي مسئلي جي حل لاءِ معلومات جا ٻيا ذريعہ بہ استعمال ۾ آڻجن تہ جيئن صحيح نموني سان مسئلو حل ٿئي.

جيڪي مسئلا سياسي نوعيت يا ڪا تحريڪ جيڪا گورنمينٽ جي خلاف ھجي انھي جي حل لاءِ مون ھميشہ پنھنجي طرفان ڪوشش ڪري انھن سياسي تنظيم جي ھر ليول جي ماڻھو سان سڌو سئنون رابطو رکندو ھيم. انھي مان مونکي اھيو فائدو پوندو ھيو تہ ايندڙ جلوس يا ڪنھن ٻي ڪاروائي جي اڳواٽ خبر پئجي ويندي ھئي. انھن سان رابطو ڪرڻ ۾ ڪا بہ دشواري پيش نہ ايندي ھئي.

1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ جي دوران مون نوابشاھہ ۾ اھيو طريقو استعمال ڪيو ۽ منھنجي لاءِ ڏاڍو آسان رھيو. الحمدلله منھنجي واحد سب ڊويزن نوابشاھہ ۾ ھئي. جنھن ۾ ھرروز جلوس نڪرندا ھيا ۽ ڪڏھن بہ مون کي پوليس فورس جي استعمال جي ضرورت پيش ڪان آئي. ضلعو نوابشاھہ ايم آر ڊي جو چڙھ تہ مرڪز ھيو. سڪرنڊ، مورو ۽ نوشھروفيروز سب ڊويزن ۾ ڪيترائي دفعا عوام ۽ پوليس فورس جون چڪريون ۽ ڪافي جاني نقصان ٿيا .

سڀ کان پھرئين ڏينھن وڏو جلوس سائين نوراحمد شاھ جي قيادت ۾ نڪتو جيڪو نوابشاھہ شھر مان ٿيندو اچي ٿاڻي جي سامھون پھتو ۽ ماڻھن گرفتاري پيش ڪئي. نوابشاھہ شھر ان وقت

تقريباً اردو ۽ پنجابي ڳالهائڻ وارن جي گهڻائي وارو شهر هيو ۽ انهن ضياءَ حمايت تحريڪ شروع ڪئي هئي. نوابشاهه شهر جا ڪجهه علائقه اهڙا هوندا هيا جتي ٻي آبادي کان رهندي هئي. سائين نوراحمد شاهه جو ارادو هيو ته جلوس پوري شهر مان گذري پوءِ اچي گرفتاري ڏئي. مون سندس بنگلي تي وڃي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ کيس کي راضي ڪيم مهرباني ڪري هنن علائقن مان جلوس وٺي نه هلون ڇو ته اسان کي ڳجهو اطلاع مليو هيو ته ضياءَ جي حمايت وارا شرارت ڪندا. تنهنڪري منهنجي ڪوشش هئي انهن گهٽين مان جلوس نه گذري ته بهتر ٿيندو ۽ امن امان واري صورتحال خراب نه ٿئي. شاهه صاحب سان مون اهو ذڪر ڪونه ڪيو ته ڪو ضياءَ حمايت وارا ڪا شرارت ڪندا. جيڪڏهن مان ان جو ذڪر ڪريان ها ته پوءِ ضد ڪري به اوڏانهن هلن ها ۽ هنن جو شروع وارو پروگرام به ايئن هيو.

مير احمد علي جلباڻي ۽ پ پ وارن منهنجي تجويز جي حمايت ڪئي ۽ جنهن رستي سان مون چاهيو پئي انهيءَ رستي سان جلوس کي وٺي آيس سائين نور احمد شاهه، خير محمد مري ۽ ٻين گرفتاري ڏني. پوري ايم آر ڊي تحريڪ دوران نوابشاهه سب ڊويزن مان هرروز جلوس نڪرندا هيا سيني پارٽين جو مون تي ايترو ته ڀروسو ٿي ويو هيو جو جيڪي به جلوس نڪرندا هيا ته ٽائيم ۽ روٽ منهنجي مرضي يا صلاح مشوري سان ڪيندا هيا.

اها ڳالهه انچارج برگيڊيئر فاروق صاحب کي پسند ڪونه هئي ته جلوس ڇو ٿا نڪرن. هڪ دفعي مورو مان مونکي فون ڪري چيائين ته اڄ مان سٺ ميل، دوڙ ۽ ڀانڊي کان گذريم ۽ اتي صرف پ پ جا جهنڊا لڳا پيا آهن، ٻن ڏينهن کان پوءِ مان وري اتان گذرندم ۽ مونکي ڪوئي به جهنڊو لڳل نظر نه اچي. ٻيو ته اهي جلوس به بند ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن اڄ کان پوءِ ڪوئي جلوس نڪري ته فورس استعمال ڪري ختم ڪر، هيءَ منهنجو توکي بلينڪ چيڪ آهي. مون کيس چيو ته منهنجو ڪم آهي امن امان قائم ڪرڻ، جيڪڏهن جلوس ۾ ڪو سرڪاري يا خانگي ملڪيت سان هٿ چراند ڪندو ته مان بلڪل فورس استعمال ڪندس، باقي جلوس ختم ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي. تيزي سان ڳالهائيندي چيائين ته اهو منهنجو حڪم آهي ته جلوس ڪين نڪري، جيڪڏهن نڪري ته اتي جو اتي فورس استعمال ڪر ۽ جيڪڏهن ڪو مري ٿو ته مان ويٺو آهيان، اهو مان توکي بلينڪ چيڪ ٿو ڏيان.

مون آرام سان کيس جواب ۾ چيو ته جيستائين مان هتي ايس ڊي ايم آهيان، تيستائين مان ڪوبه فورس استعمال ڪونه ڪندس، ها البته جيڪڏهن جلوس ڪيڏڻ وارن مان ڪنهن به قسم جي گڙ ٻڙ ڪئي ته مان موقعي ۽ مناسبت سان فورس استعمال ڪندس. رهي ڳالهه توهان جي بلينڪ چيڪ جي، جڏهن اهو چيڪ ڪيش ٿيندو ته انهيءَ جو ميوزڪ اسان کي ڏسڻو پوندو ۽ توهان کان ڪير به ڪونه پڇندو. ٻيو ته جهنڊا پوري سنڌ ۾ لڳل آهن، مان جيڪڏهن جهنڊا لاهيندس ته معاملو خراب ٿيندو.

اصل ۾ نوابشاهه ضلعي ۾ پنجابي ڪافي تعداد ۾ آهن. ڪجهه رٽائرڊ فوجين کي ته ڪافي 1932ع کان پوءِ سکر بئراج تي سرڪار زمينون الاٽ ڪري ڏنيون هيون تنهنڪري حاضر سروس

وارا بہ گهٽ ڪري انهن کان رپورٽون وٺندا هيا، پوءِ جيڪا رپورٽ اهي هنن کي ڏيندا هيا تہ ان تي هو وڏيڪ اعتبار ڪندا هيا. اسانجي صحيح رپورٽ کي بہ شڪ جي نگاهہ سان ڏسندا هيا .

ٻئي ڏينهن هيسباڻي برادران جي جلوس جو پروگرام هيو. ان کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ولي محمد شاه سٺ ميل تي وڏو جلوس ڪيو هيو. فيض محمد هيسباڻي جو جلوس بہ سٺ ميل اچڻو هيو. برگيڊيئر فاروق جو چوڻ تہ جلوس نہ اچي جي اچي تہ فورس استعمال ڪري جلوس کي ختم ڪيو وڃي. اسان جي مشوري کان بغير ٻوڙي پوليس يعني ايف سي جون بہ پلٽون سٺ ميل روانيون ڪيون، ۽ انهن کي حڪم ڏنو ويو تہ جيڪڏهن جلوس اچي ۽ شهر جي ناڪي جي لڪير ڪراس ڪري تہ سڌي گولي هلايو، بغير ڪنهن جي انتظار جي .

اسان کي اچي پريشاني ٿي، مير اڪرام صاحب ايس ڊي پي او هيو، اچي چيائين سائين اب تو مسئلا هوگيا برگيڊيئر ني ايف سي رواني ڪردي هي .

رات جا تقريباً ڏهہ ٿيا هيا، هاڻي مسئلو اچي اهو ٿيو تہ ڪيئن فيض محمد هيسباڻي سان رابطو ٿئي، فون جي سهولت بہ ڪا نہ ڪا، آخرڪار محمد علي پرڳڙي کي ڪنهن طرح پيغام پهتو تہ هينئر جو هينئر ايس ڊي ايم توکي گهرايو آهي. تقريباً ساڍي ٻارهن وڳي رات جو غريب جيپ ۾ چڙهي اچي پهتو ۽ مان ٻاهر دڪي تي ويٺي انتظار پي ڪيو. مون پرڳڙي صاحب سان احوال ڪيو، چيم تہ هيسباڻي صاحب کي چئو تہ سڀاڻي وارو جلوس هڪ بہ ڏينهن رکي پوءِ ڪڍي، چو تہ ڪجهہ حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن، جو متان ڪو جاني نقصان ٿئي.

پرڳڙي صاحب ويو ۽ ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ هيسباڻي صاحب سان مليو ۽ منهنجو پيغام پهچايو ۽ ڪيس کي جيپ چاڙهي وٺي آيو تقريباً فجر جي آذان جو وقت اچي قريب ٿيو هيو. هيسباڻي صاحب کي پوري حالات کان واقف ڪيم ۽ چيومانس تہ صبح واري جلسي کي ڪجهہ پٺتي ڪيو. چيائين سائين هينئر تہ ماٺهو رات کان وٺي اتي پهتا آهن ۽ توهان پاڻ اهيو ٽائيم ڏنو هو، هينئر تہ منهنجي لاءِ مسئلو ٿي ويو........

# سڪرنڊ جو سانحو

فيض محمد هيسباڻي چيو ته سائين، اسان کي توهان جي لاءِ عزت آهي ۽ توهان سان مشورو ڪري مون هي تاريخ رکي. سڀ کان ڏکيو مسئلو منهنجي لاءِ اهو آهي ته ٻه ڏينهن اڳ ولي محمد شاه الاهي وڏو جلوس ڪڍي سٺ ميل تي آيو. هينئر جيڪڏهن مان تاريخ وڌائي ۽ ماڻهو ٻه پهچي ويا آهن ته مون کي سنگت ۾ منهن ڏيکارڻ ڏکيو ٿيندو. باقي رهي ڳالهه ٻوڙي پوليس آئي آهي، جنهن جي اسان کي ٻه خبر آهي ته اها توهانجي ڪنٽرول ۾ ناهي. جيڪڏهن هنن اسان جي جلوس تي گولي هلائي ته هٿن ۾ چوڙيون ۽ پيرن ۾ ميندي اسان کي ٻه ڪانهي لڳل. جيڪڏهن اسانجي ورڪرن مان ڪنهنجي جان وئي ته اسين ٻه ڪين مئي مارائي کان بغير ڪونه ڇڏينداسين.
هيسباڻي جي ضد کي ڏسندي جيڪا هڪ هن جي مجبوري ٿي وئي هئي. هيسباڻي صاحب جو چوڻ هيو ته جلوس اسين اچي بينڪ وٽ ختم ڪيون. منهنجي ڪوشش هئي ته ناڪي وٽ هنن کي پهچڻ نه ڏيان ته جيئن امن امان جو مسئلو پيدا ڪين ٿئي. ايريگيشن جو بنگلو بلڪل ناڪي جي اتر ۾ روڊ ۽ ناڪي کان تقريباً ٽي سو گز تي هيو. منهنجي ڪوشش اها هئي ته جيئن جلوس کي تقريباً چارسو گز ناڪي کان اولهه دوڙ روڊ کان اتر طرف لاڙي سڌو ايريگيشن بنگلي تي آڻي جلوس کي ختم ڪيان. آخرڪار اسان اهو طئه ڪيو ته مان ۽ اي ايس پي مير اڪرام ٻئي اتي اچي جلوس کي روڪيون ۽ سيني جي سامهون هيسباڻي کي چئون ته توهان جلوس اتي ختم ڪيو. هنن طئه ڪيو ته توهان جو چوڻ مطابق مڃينداسين، جلوس ۾ جنرل ضياءَ جو پتلو اتي ايريگيشن بنگلو جي احاطي ۾ ساڙي ۽ تقريرون ڪري جلوس کي ختم ڪنداسين. هيسباڻي صاحب ويو ۽ ڏنل ٽائيم تي اسان ٻئي پوليس معمول مطابق ساڻ ڪري پهتاسين. اسان جي وڃڻ کان اڳ ٻوڙي پوليس اتي پوزيشن سنڀالي ويٺي هئي. جلوس آيو ۽ مان اڳتي وڌي جلوس جي اڳيان آيم. فيض محمد هيسباڻي ۽ ٻه ٻيا اڳتي آيا ۽ اصرار ڪرڻ لڳا ته اسان کي رستو ڏيو ته اسين بئنڪ تائين هلون پنج منٽ کن ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ الله ڪري جلوس جي وڏن مڃيو ۽ اتر طرف ٿي ايريگيشن بنگلي جي گرائونڊ ۾ اچي تقريرون ڪري ۽ جنرل ضياءَ جا پتلا ساڙي خير خوبي سان روانا ٿي ويا.
ولي محمد شاهه ۽ فيض محمد هيسباڻي جي جلوسن کان اڳ ڪڏهن ٻه جلوس وارا هٿيار پنهوار ساڻ کڻي ڪونه ايندا هيا. سڪرنڊ ۾ موري واري واقعي کان پوءِ نوابشاهه ۾ لڪ ڇپ ۾ هٿيار کڻي ايندا هئا. سليمان ميمڻ ايس ڊي ايم سڪرنڊ هيو. هڪ عمر جو پڪو ۽ مختيارڪاري مان پروموٽ

ٿي آيل هيو ۽ عام پبلڪ سان گهٽ لهه وچڙ رکندو هيو. تنهنڪري اسين سڀ هن کي جسٽس ميمڻ چوندا هياسين. سڪرنڊ جو واقعو پنهل چانڊيئي جي ڳوٺ جي ماڻهن سان پيش آيو. پنهل چانڊيئي جي سنگت غلام مصطفيٰ جتوئي سان هئي ۽ انهيءَ ڪري هن ڳوٺ جي ڀرسان نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪري روڊ تي قرآن مجيد رکي تلاوت ڪري ڏني. جيئن ته ميمڻ صاحب جو ايترو گهڻو ماڻهن سان ميل جول ڪونه هيو ته ميمڻ صاحب ايئن ۽ قانون جي دائري ۾ رهندي ويٺل ماڻهن سان قانون واري زبان ۾ ڳالهايو جيڪو موقعي جي مناسبت سان صحيح ڪين پر قانون مطابق هيو. ويٺل ماڻهن قانون جي زبان کي ڪا اهميت ڪان ڏني ۽ فوجي ٽرڪ ويٺل ماڻهن کي ڊيڄارڻ خاطر مٿان ڪاهي آيا ۽ ڳالهه خون خرابي تي اچي وئي.نتيجي ۾ ڪجهه ماڻهو شهيد ٿي ويا ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا .

سڀ کان برو اهو ٿيو جو هڪ گرمي ٻيو جيڪي زخمي هيا تن کي فوجي ٽرڪ ۾ چاڙهي مٿان وري ترپال کي ٻڌي سڪ ڪيائون. مان ان وقت دوڙ ڏانهن وڃي رهيو هيس ته ٻچيري جي ڀرسان مون کي اطلاع مليو ته سڪرنڊ ۾ هيءُ دردناڪ واقعوٿي ويو آهي, زخمي نوابشاهه اسپتال ڏانهن کڻي اچن ٿا. مان اتان موٽي سڌو اسپتال آيس ته منهنجي اچڻ کان اڳ فوجي ٽرڪون اتي پهتل هيون. مان ايمرجنسي ڏانهن ويس ته اتي ڪا ڀرڪونه هئي. مان اتان وري ميڊيسن وارڊ ۾ سرجري ڏانهن ويس ته ڪوبه ڪون. مون پڇا ڪئي ته جيڪي زخمي سڪرنڊ کان آيا آهن اهي ڪٿي آهن. انهن ٻڌايو ته هتي ته هڪ به زخمي ڪونه پهتو آهي. ايتري ۾ هڪ ميجر نظر آيو جيڪو ميڊيسن جي پروفيسر کي هدايت ڏئي پيو ته تون گهر هليو وڃ يا هنن جو علاج نه ڪر. ايتري ۾ مان اتي پهچي ويس. پروفيسر به پنجابي هيو پر ميجر جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ڪين هيو. جڏهن مان اتي آيم ته پروفيسر کي به جان پئجي وئي.

ميجر کان مان پڇيو ته زخمي ڪٿي آهن؟ چيائين ته ٽرڪ ۾ آهن . جنهن تي مون چيو ته ٽرڪ ۾ چو؟ اڳ ۾ ته انهن زخمين کي دوا درمل جي ضرورت آهي توهنن کي ايتري دير ٽرڪ ۾ چو رکيو آهي؟ چيائين ته هنن فوج تي حملو ڪيو آهي, جيڪو سنگين ڏوهه آهي. مون چيو ميجر دشمن جا جنگي قيدي به جيڪڏهن زخمي هوندا آهن ته انهن کي به اسپتال جي سهولت ڏبي آهي.

مان اتان نرسنگ جو اسٽاف وٺي سڌو ٽرڪ ڏانهن ويم. چا ڏسان ته زخمين جو ٻوسٽ ۾ برو حال, ترپال مٿان ڏنل, ويتر انهن لاءِ ويل. ڏسڻ سان منهنجي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ جڏهن ميجر منهن جي خيال ۽ غصي کي ڏٺو ته خاموش ٿي پري بيهي رهيو ۽ مون پوري اسپتال جڻ ته ڪنٽرول سنڀالي ورتو هجي .

سيني زخمين کي ٽرڪ مان لاهي اسپتال ۾ جن کي آپريشن, رت ۽ ملم پٽي جي ضرورت هئي, اهي سڀ ڪري پوءِ مون ڊي سي صاحب کي ٻڌايو ته هن حالت ۾ زخمين کي کڻي آيا ۽ سول ايڊمنسٽريشن کي اطلاع به ڪونه ڏنن.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ايريگيشن ريسٽ هائوس تي برگيڊيئر فاروق آيو. اسان جيڪي به ميجسٽريٽ هياسين نوابشاهه, سڪرنڊ ۽ مورو جا ايس ڊي ايم, ڊي سي ايس پي, ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايچ اوز. ٽيپهري جو وقت اسان سڀ اتي گڏ ٿياسين. ٻه تي ڪلاڪ گذري ويا اسان پڇا ڪئي چو پلا هتي گهرايو اٿو. برگيڊيئر چيو ته ريڊ تي هلڻو آهي. هلو چيائون ته ڪجهه دير آهي. چڱو

جيڪڏهن دير آهي تہ اسان گهر ٿا وڃون. جڏهن تياري ڪيو تہ اسان اچي وينداسين. چيائون تہ هينئر ڪوئي بہ گهر ڪونہ ويندو. آرمي جون ٽرڪون پهچي ويون. سج لٿو وري اچي عشا جي آذان آئي. اسان چيو تہ اسان ماني ڪائي اچون تہ پوءِ هلون. جواب اهيو مليو تہ هتان ٻاهر ڪوئي ڪونہ ويندو. رات جو ڪافي ٽائيم گذريو تہ چيائون تہ هاڻي هلو. مون پڇيو تہ ڪاڏي هلڻو آهي. ان وقت تائين نہ ڊي سي ۽ ايس پي کي خبر تہ ڪٿي ويٺو آهي. اسان کي گهر انهي لاءِ نہ پيا ڇڏين تہ متان اسان ڪا ڳالهہ آئوٽ ڪيون. ڇو تہ هو اسان کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندا هيا. ان وقت صرف ايٽرو ٻڌايائون تہ قاضي احمد جي طرف. مان اتي پڙ ڪيدي بيهي رهيس تہ مان قاضي احمد وڃي نٿو سگهان جو اتان جي لاءِ ميجسٽريٽ جا اختيار مون وٽ ناهن. منهنجي لاءِ صرف ميجسٽريٽ جا قانوني اختيار نوابشاهہ سب ڊويزن لاءِ آهن. اهڙي طرح هتان جا پيا ميجسٽريٽ بہ نٿا وڃي سگهن. برگيڊيئر فون ڪيو ڪمشنر سکر. تڏهن ڪمشنر سکر عليڏنو پهنور صاحب هيو. انکي ٻڌايائون تہ ايس ڊي ايم نوابشاهہ جمن ڄامڙو هئين ٿو چوي. ڪمشنر سکر بہ منهنجي ڳالهہ جي تائيد ڪئي تہ اها ڳالهہ برابر ايئن آهي. ان وقت هوم سيڪٽري گهٽو ڪري پرويز بٽ هيو ان سا ڳالهاين ۽ ڪلاڪ ٻن ڪان پوءِ هوم ڊپارٽمينٽ اسان کي ميجسٽريل اختيار جو آرڊر ڪيو.

# ڳوٺ لاکاٽ جتوئي تي چاپو

آخرڪار رات جو ڪجهہ وقت گذري وڃڻ کان پوءِ نوابشاهہ کان روانا ٿياسين. قاضي احمد جي پهچڻ تائين بہ اسان مان ڪنهن کي خبر ڪان هئي تہ ڪيڏانهن وڃڻو آهي. قاضي احمد پهچڻ کان پوءِ جڏهن لنڪ روڊ تي آياسين تہ خبر ڏنائون تہ لاکاٽ جتوئي ڳوٺ تي ريڊ ڪرڻو آهي. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ رستي ۾ اسان کي روڪي بيهاري ڇڏيائون. اسين گاڏين مان نڪري ٻاهر لهي بيناسين تہ اسان کان سڏ پنڌ تي فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ شروع ٿي ويا. تقريباً اسين ڏيڍ کان بہ ڪلاڪ اتي بيهي رهياسين. تيستائين فجر جي آذانن جا آواز بہ اچڻ شروع ٿي ويا. فجر نماز جي مهل اسان اڳتي هلياسين ۽ آهستي آهستي فائرنگ جا آواز بہ جهڪا ٿيندا ويا. پرهہ ڦٽي اسين ڳوٺ جي ٻاهران اچي پهتاسين ۽ فائرنگ وغيره ختم ٿي چڪي هئي. اسان تي چار ميجسٽريٽ هياسين ۽ اسان سان گڏ فوج ۽ پوليس جي پارٽي هئي. اسان کي تلاشي دوران اهيو ڏسڻو هيو تہ ڪو هٿيار وغيره تہ ناهي، باقي جيڪي ماڻهو گهربل هيا ۽ جن جي هنن کي انفرميشن ملي هئي، اهي اسان جي پهچڻ کان اڳ گرفتار ٿي چڪا هيا. ڪجهہ ڪچي جو علائقو نزديڪ هجڻ سبب رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي نڪري ويا.

جنهن حصي ۾ مونکي وڃڻ ٿيو اتي ڪجهہ گهر جيڪي ڪکاوان نهيل هيا اهي سڙيل هيا. خبر ناهي تہ ڪراس فائرنگ جي ڪري يا جيڪا فورسز سموڪ جا گولا ڇڏيا انهن جي ڪري باهہ لڳي هين. جنهن لاءِ حتمي طور ڪجهہ نٿو چئي سگهجي. مان جڏهن هڪ گهر مان گذريم پي تہ هڪ اڌوڙٽ عمرجي مائي رڙ ڪئي تہ سائين منهنجا سونا زيور تلاشي دوران ڪٽي ويا آهن. مان مائي کي تسلي ڏني تہ جيڪڏهن ڪنهن توهان جا سونا زيور کنيا آهن تہ مان توکي موٽرائي ڏيندم.

جڏهن سيئي تلاشي واريون پارٽيون گڏ ٿيون تہ مون ميجر جيڪو ڪمانڊ پيو ڪري، تنهن کي چيو تہ مونکي شڪايت ملي آهي تہ ڪنهن فورس جي جوان سونا زيور بہ کنيا آهن. مون چيو تہ اسان سڀني جي حق ۾ اهو بهتر آهي تہ انهي جي صفائي ٿئي. ميجر پڇيو تہ توکي ڪنهن تي شڪ آهي مون چيو تہ مونکي ڪوئي شڪ ناهي تہ اها حرڪت ڪنهن ڪئي آهي. ميجر سمجهو ماڻهو هيو پڇيائين تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ مون تجويز ڏني تہ جيڪي بہ هن پاڙي ڏانهن فورس جي پارٽي وئي هئي انهن سڀني جي تلاشي وٺجي. ميجر ان تجويز کي مڃيو ۽ ان پاڙي ڏانهن ويل فوج ۽ پوليس جي دستي جي تلاشي ورتي وئي. سونا زيور پڪڙيا ۽ انهيءَ جو چور پوليس جو هڪ جمعدار نڪتو.

آخرڪار اهي سڀ زيور ان مائي جي حوالي ڪيا ويا ۽ نيرن جي وقت اسين سڀ واپس ٿياسين .

جيئن تہ ڊسٽرڪٽ جيل نوابشاهہ ۾ هيو تہ پوري ضلعي جا جيڪي بہ پارٽي جا اهم عهديدار هيا ۽ گرفتاريون ڏنيون هيون، اهي سڀ نوابشاهہ ڊسٽرڪٽ جيل ڏانهن موڪليا ويا. مسٽر گلزار چنہ جيل سپرنٽينڊنٽ هڪ نوجوان ۽ قرب ڀريو دوست ڪلٽو ماڻهو هيو. جيڪي بہ ايم آر ڊي جي ڪري اتي جيل ۾ آيل هيا قانون ۾ رهندي وڌ ۾ وڌ سهولتون جيڪي اتي ميسر هيون اهي قيدين کي ڏنيون.

ٿوري عرصي ۾ برگيڊيئر فاروق بدلي ٿي ويو ۽ چارج برگيڊيئر علي قلي کي ملي، جيڪو آخر ۾ ليفٽيننٽ جنرل ٿيو ۽ جنرل مشرف کان سينيئر هجڻ جي باوجود سپر سيڊ ٿي رٽائر ٿي ويو. مسٽر علي قلي هڪ باوقار ۽ عزت ڏيڻ وارو انسان هيو ۽ سندس رويو بہ اسان سڀني سان هڪ سٺي ڪليگ وارو هيو. هو هميشہ اسان جي راءِ کي اهميت ڏيندو هيو.

جڏهن تحريڪ نرم ٿي تہ اسان جي هفتي ۾ هفتي گڏجاڻي ٿيندي هئي، جنهن ۾ اهو چوڻ هيو تہ جيڪو خاموشيءَ سان لکي ڏئي تہ هو ڪابہ ڳالهہ ڪونہ ڪندو، تنهن کي رها ڪندا وڃو. مان حسب معمول اهي احڪامات ساڻ ڪري جيل تي ويندو هوس پوءِ سڀ اچي گڏ ٿين ۽ ٿورا گهڻا حال احوال ڪن ۽ مان انهن کي ٿوري همت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هيم. جڏهن بہ انهيءَ ڪم سان سرڪار موڪلي تہ وچ ۾ جيڪو لکي ڏئي تہ خاموش ٿي رهندو، انهي جو نالو وغيره درج ڪري پيش ڪر. مان سڀني جي سامهون وچي چوندو هيم تہ يار جيڪو سست يا ٿڪو هجي، هٿ مٿي ڪري تہ انکي رهائي ڏيون.

حقيقت اها هئي تہ جيڪي بہ ايم اين اي ۽ ايم پي اي رهيا هيا، يا سرندي وارا هئا، اهي سڀ ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا هوندا هيا. باوجود سهولتون ڏيڻ جي بہ تيار وينا هيا اڄ نڪرئون سڀاڻي ٻيو ڏينهن ٿئي. سيئي ورڪر هڪ آواز ٿي چون تہ نہ سائين اسين هرگز ڪونہ نڪرنداسين. مان اها رپورٽ وچي پيش ڪندو هيم تہ ڪرنل وغيره ڪجهہ حيران ۽ پريشان بہ ٿيندا هيا، چو تہ انهن کي ڳجهيون رپورٽون انهن بند ٿيل جي مائٽن کان جيڪي وٽندا هيا، جنهن ۾ هنن کي تسلي ڪرائيندا هيا تہ سائين اسين تہ توهان سان آهيون. جڏهن اتي مان رپورٽ ڏيان ان ۾ ٿورا مرچ مصالا تيز ڪري تہ سائين هنن کي ڪابہ پرواهہ ناهي ۽ چون ٿا تہ اسان کي ڪوئي فڪر ناهي پلي اسان هتي عمر پوري هجون پر ڪنهن طرح سان سوديبازي ڪونہ ڪنداسين. پوءِ اهائي رپورٽ هو مٿي پنهنجي لئنگيج ۾ موڪليندا هيا.

جنهن وقت تحريڪ ختم ٿي ۽ سڀني کي آهستي آهستي رهائي ملندي وئي. پوءِ مونکي جتي بہ ملندا هيا تہ چوندا هيا تہ يار تو اسان کي ڇهہ مهينا جيل ۾ وڌيڪ رکيو. جواب ۾ مان کين چوندو هيم تہ ڀائو مان تہ توهان کان هر هفتي ٻئي ۾ اچي پڇندو هيم پر توهان چوندا هيا تہ نہ خير آهي، هي ڪني ڀاڻي جو ڏبو آهي جلدي سڪي ويندو. پوءِ چوندا هيا تہ يار تون اچي سڀني ورڪرن جي سامهون پڇندين تہ اسين پنهنجو ڪهڙو ڪارو منهن ڪيون. اسان وينان هياسين بيزار، اسان کي تہ جتوئي صاحب چيو تہ ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. اسان کي اها خبر هجي تہ مان ڪنهن ٻئي ورڪر کي پيش ڪيان ها ۽ پوءِ ٿوري گهٽي رقم بہ ڏيانس ها.

1983ع ۾ لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن ٿي. جيئن تہ ووٽ رجسٽريشن جو ان وقت ايس ڊي ايم وٽ اختيار هيو ۽ اليڪشن ڪميشن ووٽ رجسٽر ڪرڻ جي تاريخ بہ پاڻ ڏيندي آهي تہ اليڪشن کان اڳ رجسٽريشن فلاڻي تاريخ تي بند ٿيندي. رجسٽريشن بند ٿيڻ جي آخري ڏينهن تي سلام خان زرداري آيو ۽ چيائين تہ اسان کي هڪ ووٽ داخل ڪرائڻو آهي. مون جواب ۾ چيو تہ جلدي ڪريو. چو تہ اڄ آخري تاريخ آهي ۽ لسٽون مٿي موڪلڻيون آهن. چيائين تہ مان پنجن منٽن ۾ موٽي ٿو اچان. ٿوري دير کان پوءِ هڪ نوجوان کي ساڻ وٺي آيو ۽ چيائين تہ سائين اي اساڏي رئيس دا ٻچا هي، بس قرب ڪرو. حاضر سائين. نالو ٻڌاءِ، ايڊريس وغيره. واقفيت ڪريائون تہ آصف علي ولد حاڪم علي زرداري. مون ڪارروائي ڪري چانهہ پياري.

# آصف زرداري جي سياست ۾ آمد

ووٽ داخل ٿيڻ کان پوءِ آصف صاحب جڏهن به ڪراچيءَ کان ايندا هيا ته ملاقات ٿيندي رهندي هئي. اڪثر سياسي معاملن تي به پنهنجي راءِ ڏيندو رهندو هيو. ان وقت پ پ جي سخت مخالف هيو پر هميشه اهو ضرور چوندو هيو ته مان هڪ ڏينهن وڏو ماڻهو ٿيندس.

لوڪل باڊيز اليڪشن ۾ حصو ورتائين ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين جي سيٽ غالبن ٻن يا ٽن ووٽن جي فرق تي هارائي. بهرحال مقابلو دلچسپ رهيو. جنهن ان وقت سيٽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين جي کٽي، اهو شاهه صاحب گذريل چئن پنجن دفعن کان پ پ جي ٽڪيٽ تي نوابشاهه مان ايم اين اي چونڊجي ايندو آهي.

نوابشاهه سنڌ جي جاگرافي جي حساب سان تقريباً وچ ۾ ٿئي ٿو. 12-1911ع ۾ حيدرآباد ضلعي مان ڪٽي ٺاهيو ويو هيو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ تائين شهدادپور، سنجهورو، سڪرنڊ، مورو، نوشهروفيروز ۽ ڪنڊيارو تي مشتمل هيو. شروع ۾ به سب ڊويزن هيون، هڪ نوشهرو فيروز ۽ ٻيو نوابشاهه.

شهدادپور ۽ سنجهورو تعلقو سانگهڙ کي بعد ۾ ڏنا ويا. 1989ع تائين نوابشاهه، سڪرنڊ، مورو ۽ نوشهروفيروز سب ڊويزن هيون. 1989ع ۾ مورو ۽ نوشهروفيروز سب ڊويزن کي الڳ ڪري نوشهروفيروز ضلعو بڻايو ويو. هن وقت نوابشاهه باقي ٻچيل ٻن سب ڊويزن تي آهي ۽ ان مان ڪجهه تعلقا نوان ٺاهيا اٿن.

1983ع فيبروري ۾ منهنجي پوسٽنگ اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه ٿي. ان کان پهريان مان سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر ڊويزن هيس. ان وقت سکر ڊويزن جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو، خيرپور، نوابشاهه ۽ سکر ضلعن تي مشتمل هئي.

مان مرحوم محمد آدم قاسمي کان چارج ورتي. مرحوم تمام شريف النفس انسان هيو. الله جنت الفردوس عطا ڪريس. عبدالقادر ابڙو ڊي سي ۽ راهو خان بروهي ايس پي هيو. سب مارشلا ايڊمنسٽريٽر غالبن ليفٽيننٽ ڪرنل اجمل خٽڪ هيو. او آءِ سي انسپيڪشن ٽيم جو انچارج ميجر ٻٽ هيو پورو نالو ياد نٿو اچي.

سڀ کان پهريان مان ڊي سي صاحب سان مليم . ابڙو صاحب هردلعزيز ماڻهو هيو ۽ چيائين ته ڄامڙو صاحب سب ڊويزن ۽ تون، مان ڪا به انٽرفيئرنس ڪونه ڪندس، باقي ڪنهن سان ڄاڻي واڻي

زيادتي نہ ٿئي باقي مان وينو آهيان. انڪان پوءِ ايس پي صاحب سان مليم. راهو خان بروهي پنهنجو مَٽُ پاڻ هيو. چيائين جمن تون سمجهہ تہ ايس ڊي ايم سان گڏ ايس ڊي او پي بہ پاڻ آهين. باقي ڪنهن سان بي انصافي نہ ٿئي. انهيءَ ڪان پوءِ سب مارشلا ايڊ منسٽريٽر سان مليم چڱي طريقي سان مليو بعد ۾ اچي آفيس ۾ وينم.

نوابشاهہ ضلعي ۽ خاص ڪري نوابشاهہ شهر چاهي تعلقي ۾ 1932ع ڪان پوءِ سکر بئراج ٺهڻ ۽ ون يونٽ واري زماني ۾ پنجاب جي آبادگارن کي ڪافي زمينون الاٽ ٿيون ڪجهہ وري آرمي جي ماڻهن کي زمينون ڏنيون ويون هيون. تنهن ڪري پنجابي ڳالهائڻ ۽ شهر ۾ اردو ڳالهائڻ وارن جو چڱو خاصو انگ اتي رهي ٿو. تنهنڪري مارشلا جي وقت ۾ اهي تمام گهڻو خوش هوندا آهن. ڇو تہ انهن جا هر ڪم انهي دور ۾ آساني سان ٿي ويندا آهن .

جيئن تہ سائين قاسمي صاحب شريف ماڻهو هيو. تنهن ڪري او آءِ سي انچارج ميجر بٽ ڏاڍو تنگ ڪيو هيس. عمومن ڪنهن پنجابي ڳالهائڻ واري ڪان درخواست وٺي قاسمي صاحب کي پاڻ ڏانهن گهرائيندو هيو ۽ هي شريف ٻيا ڪم ڇڏي اوڏانهن هليو ويندو هيو. جيئن مان چارج ورتي قاسمي صاحب ٻڌايو تہ يار ميجر بٽ جو خيال ڪجائين ۽ مون کي بيزار ڪري ڇڏيو اٿس. جڏهن مونکي خبر پئي تہ ميجر عمومن سول ڪيس جي معاملن ۾ هرويرو تنگ اتڪائيندو هيو. بہ ٽي ڏينهن گذريا تہ هن جو فون آيو ۽ هن جي فون جي اچڻ ڪان اڳم بہ ٽي خط ميجر او آءِ سي جي طرفان آيا جنهن ۾ لکيل هيو تہ مونکي درخواست ملي آهيءِ تون هيڏانهن اچ. مونکي اها ڳالهہ سٺي ڪونہ لڳي، جو اهڙي طرح مونکي لکي. بهرحال هن فون تي ڳالهايو ۽ چيائين تہ شايد توهان نوان آيا آهيو. مون جواب ۾ چيو تہ شايد نہ پر واقعي مان نئون آيو آهيان.

چيائين تہ پوءِ توهان مون سان ڇونہ مليا آهيو؟ مون جواب ۾ چيو تہ مان ڊي سي. ايس پي ۽ ڪرنل سان مليو آهيان بس. چيائين تہ مون توڏانهن خط لکي موڪليا آهن ڇا تو نہ پڙهيا آهن ؟. مون جواب ۾ چيو تہ ها مون پڙهيا آهن. چيائين پوءِ ڇو ڪين آئين؟ مون ڪيس جواب ۾ چيو ميجر تون پنهنجي خط جي وردنگ ڏٺي آهي. مان سول آفيسر آهيان ۽ تون هتي سول ايڊ ۾ آهين، مهرباني ڪري اهڙي قسم جا خط مون ڏانهن نہ لکندو ڪر. جيڪڏهن ڪو تو وٽ شڪايت ڪٽي اچي تہ ڪيس مون ڏانهن موڪل اهو تنهنجو ڪم ناهي .

هيڊ منشي آيو چيائين تہ سائين او آءِ سي جا بہ ٽي خط آيا آهن مون چيو تہ خاموش ٿي ويهي رهہ. بہ ڏينهن گذريا ميجر صاحب پاڻ گاڏي ۾ چڙهي اچي آفيس پهتو. پٽيوالو آچرنالو هيس پڇندو اندر آيو ۽ چيائين تہ سائين ميجر صاحب آيو آهي . مون چيو پلي اچي.

سائين هو گاڏي ۾ وينو آهي.

مان ڇا ڪيان اٿو اٿس تہ اچي

ٿوري دير ڪان پوءِ گاڏي مان لهي سڌو آفيس آيو. مان اٿي ڪيس هٿ ڏنو ۽ مان پنهنجي ڪرسي تي ويهي هن کي چيم تہ ويهو. هي بيٺو رهيو. وري ٻيهر مون هن کي چيو تہ ويهو. وينو پر بيقراري واري حالت ۾، مون ڪيس چانهہ لاءِ چيو هن انڪار ڪيو. ٻيهر مون بہ زور ڪونہ پريو. ڪنهن بہ قسم جي

هن مون سان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي. صرف چيائين تہ بس هتان گذريم پي سو بس خيال ٿيو تہ توهان سان ملندو وڃان. مون جواب ۾ چيو تہ مهرباني. ٿوري دير ۾ هليو ويو ۽ مون ڪيس پنهنجي آفيس جي در وٽ خدا حافظ ڪيو۽ واپس اچي پنهنجي ڪم سان لڳي وياسين.

ميجر جي وڃڻ کان پوءِ اتي خبر پئي تہ جڏهن ميجر صاحب ايندو هيو ايس ڊي ايم صاحب هن کي گاڏي وٽ وڃي آڏرياءَ ڪندو هيس ۽ کيس وٺي پنهنجي ڪرسي تي ويهاريندو هيو۽ پاڻ سائيڊ ۾ ٿي ويهندو هيو. مونکي ان ڳالهہ تي تعجب بہ ٿيو دل ۾ غصو بہ آيو. اهي ڏينهن اهي شينهن وري ڪڏهن بہ او آءِ سي ميجر جي طرفان نڪا چٺي آئي نڪو فون.

منهنجي شادي بہ ايم آر ڊي تحريڪ کان پوءِ ڊسمبر 1983ع ۾ ٿي.

# جنرل ضياءَ پاران سنڌ جو دورو

اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه جو گهر 1914ع ۾ ٺهيو هيو ۽ هن وقت جيڪا رينيو اسٽاف ۽ ڪجهه ڊاڪٽرز جا بنگلا آهن، اهي سڀ ان گهر جي زمين هئي. جيڪا بعد ۾ تقريباً ويهه سيڪڙو وڃي بچي آهي. جيئن ته پر پاسي ۾ گهر وغيره ٺهندا ويا تيئن اتي مٽي جو ڀراءُ پوندو ويو ۽ پر پاسي واريون جايون جيئن پوءِ تيئن مٿي ٿينديون ويون. پر اسسٽنٽ ڪمشنر جي گهر جي پلنٿ ليول پوءِ به ڪافي مٿي هئي ليڪن ٻاهريون ميدان هيٺ ٿي ويو هيو.

برسات وغيره جي موسم ۾ پرپاسي وارو پاڻي به اچي اتي منزل ڪندو هيو. ٻين جڳهن تان مينهن جو پاڻي سڪي وڃي پر هتي وارو حساب ايئن هوندو هو جيئن:

مينهن وسي به پهر،
چنون ٿمن ڇهه پهر.

ڊپارٽمينٽ وارن کي چيم ته ڪو بلو ٿيڻ کپي. انجنيئر چيو ته سائين مينٽيننس ايندي آهي بلڊنگ جي تعمير وقت آيل رقم جو ڏهه سيڪڙو. جڏهن ته هي گهر انوقت تقريباً ٻارهن کان پندرنهن هزار روپيين ۾ ٺهيو هيو تنهنڪري هزار ڏيڍ جي قريب سال ۾ الوڪيشن اچي ٿي. باقي اينڊڙ بجيٽ ۾ اسپيشل ريپيئر جي لاءِ تجويز ڏينداسين پوءِ اهي سڀ ڪم ڪرائينداسين. ان وقت مٿيءَ جو تخمينو تقريباً اڍائي ڪان ٿي سو ٽرالين جي وجهڻ جي ضرورت هئي.

مون ٽريفڪ سارجنٽ کي گهرايو ۽ چيو ته سپاٽي ڪان هرورز گهٽ ۾ گهٽ پنج کان ست ٽريڪٽر چالان ڪري موڪل. پر سڀ ڪان پهريان اسان جي روينيو جي منسٽر سائين نظر شاهه ۽ ٻين وڏن زميندارن جا. ڪنهن به غريب غربي جو ٽريڪٽر جو چالان نه ڪجائين. ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين وڳي سڀ ڪان پهريون ٽريڪٽر اسانجي روينيو جي وزير جو چالان پيش ٿيو. ڪمدار به اچي پهتو. چيائين ته سائين وزير صاحب جو ٽريڪٽر پوليس وارن چالان ڪيو آهي. مون ڪمدار ڪان پڇيو ته سائين جا گهڻا ٽريڪٽر آهن. چيائين ته چار پنج ٽريڪٽر اٿس. مون چيو ته ان جو مطلب ته سائين کي مٿي جون ويهه ٽراليون انهي آفيس ۽ گهر جي ميدان ۾ لاهڻيون پونديون. باقي پئسا وغيره ڏنڊ ۾ ڪونه وٺنداسين. وڏيڪ مون چيو ته مونکي هي ميدان مٿي ڪرڻو آهي، تنهنڪري مان جن به وڏن زميندارن جا ٽريڪٽر آهن في ٽريڪٽر پنج ٽراليون مٽيءَ جون لهرائيندس. چيائين ته سائين مون کي پنج منٽ ٽائيم ڏيو ته مان سائين ڪان انهي لاءِ پڇان، پوءِ جيڪو سائين حڪم ڪيو.

ڏهن منٽن کان پوءِ منشي سميت آيو ۽ ٻڌايائون ته سائين چوي ٿو ته في الحال ڏهه ٽراليون مٽيءَ جون لاهي ٿا ڏيون پوءِ جيڪڏهن ضرورت هوندي ته مهيني کان پوءِ بيون به لاهي ڏينداسين. پوري سب ڊويزن ۾ چوٻول پئجي ويو ته بهتر آهي اسين پاڻ چالان ٿيڻ کان اڳ مٽيءَ جون ٽراليون لاهي اچون. اچي پوءِ ڪو فون تي يا پاڻ اچي چون ته سائين مونکي هڪ ڏينهن مهلت ڏيو مان هيتريون ٽراليون مٽيءَ جون لاهي ويندس. صرف توهان ٽريفڪ سارجنٽ کي چئي ڇڏيو ته منهنجا ٽريڪٽر چالان نه ڪري. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ تقريباً ٽي سو ٽراليون مٽيءَ جون ميدان ۾ پئجي ويون ۽ ميدان مٽي ٿي ويو.

مٽي وجهڻ کان اڳ هينائين جي ڪري زمين ڪلراٺي ٿي وئي هئي. جيڪي وڻ پوکيندو هيم ته سڙي ويندا هيا. مٽي کان پوءِ وڻ پوکيم ته تيزي سان وڌا ۽ سرسبز ٿي ويا. الحمدلله ڪجهه سالن کان پوءِ اتان گذرڻ ٿيو ته ٻڌ جا به ٽڙ ۽ نمون ڪافي وڏيون ۽ ڇانودار ٿي ويون هيون. هينئر جي خبر ناهي اهي وڻ اتي بيٺل آهن يا ڪپجي ويا.

ٻن ڏينهن کان پوءِ تمام سينيئر وڪيل بئريسٽر چوڌري جميل آيو چيائين ته سائين ڪورٽ جي بار روم وڪيل ٻن ڏينهن کان رڳو انهي تي صلاح مشورو پيا ڪن ته ڪئين به ڪري ٻن ٽن ڏينهن ۾ ايس ڊي ايم صاحب جي بنگلي ۽ آفيس جي ميدان ۾ مٽيءَ جون ٽراليون پهچائيون آهن . انهن سيني کي خبر پئجي وئي هئي ته وڏن زميندارن جا ٽريڪٽر مٽي لاءِ چالان ٿيندا. چالان کان بچڻ لاءِ هڪ هفتي جو ٽائيم ورتو هين تنهنڪري هر هڪ کي جلدي هئي ته هفتي جي اندر مٽي جون ٽراليون پهچائي ڏيون.

1983ع جي اوائل ۾ جنرل ضياءَ جو دورو سنڌ جو هيو. جنهن ۾ پهريان سکر، لاڙڪاڻو ۽ اتان نوابشاهه اچي رات رهڻو هيو. حسب معمول جيڪي تياريون ڪرڻيون پونديون آهن، شروع ٿي ويون. سرڪٽ هائوس نوابشاهه تي رات جي رهڻ جو پروگرام هيو. سامهون روڊ جي ٻئي پاسي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ريسٽ هائوس ۾ پنڊال لڳرايوسين، ڇو ته جنرل صاحب جو چوڻ هيو ته مان ماڻهن سان ملندم. اسان لاءِ اچي مسئلو ٿيو ته وڏن زميندارن مان ڪو ملاقات لاءِ تيار ڪونه هجي. پنڊال پرڻ لاءِ ماڻهو ڪونه پيا اچن .

ضلعي جا سڀ تپيدار گهراياسين، ڪجهه پوليس لائين مان پوليس وارن کي سول ڊريس پارائي پنڊال ۾ ويهاريوسين ته جيئن پنڊال خالي نظر نه اچي . ڊي سي صاحب چيو ته ڪجهه ماڻهو گڏ ڪيو. جڏهن ڏٺوسين ته پنڊال اڌ کان وڌيڪ خالي آهي. ڊي ايس پي، ايس ايچ او ۽ ٽريفڪ سارجينٽ کي گهرائي چيوسين ته هاڻي جيڪا به بس گذري نوابشاهه مان تن کي سواري سميت هيڏانهن وٺي اچو بس اهيو خيال ڪجو جو فيملي وارن سوارين کي هيڏي نه آڻجو. ٿوري دير ۾ ٿي چار بسون ماڻهن سان پريل اچي پهتيون انهن کي اهڙي طريقي سان ويهارياسين جو انهن مان ڪنهن به قسم جو اڻٽونڊڙ واقعو پيش نه اچي. جنرل صاحب آيو ماڻهو ڏٺائين جيڪي ڪجهه چوڻو هيس چيائين ۽ هليو سرڪٽ هائوس ڏانهن. رات جي مانيءَ جو بندوبست سائين نظر شاهه روينيو منسٽر پنهنجي ڳوٺ ڪيو هيو. جنرل صاحب رات جي اتي ماني کاڌي، پوءِ واپس سرڪٽ هائوس نوابشاهه اچي پهتو.

جڏهن وي وي آئي پي ايندو آهي ته اسپيشل برانچ اچي سيڪيورٽي متعلق پنهنجي ڪاروائي

ڪندي آهي. جنهن ۾ رهڻ جي جاءِ پوري علائقي جي تلاشي ڊٽيڪٽرس سان ڪندا آهن. سرچ جي دوران ڪنگي اتي رکيل هئي، اسپيشل برانچ وارن کان چيڪنگ ڪندي هيٺ ڪري پئي. پريزيڊنٽ، گورنر، ڊي ايم ايل اي ۽ ڪمشنر به ويا پنهنجي ڪمرن ۾. ڊي سي صاحب به روانو ٿيو پنهنجي بنگلي ڏانهن. مان مختيار ڪار ۽ ايس ڊي او پي پاڻ ۾ ويهي صبح لاءِ روٽ ۽ ٽريفڪ لاءِ پئي سوچيو. ڪنهن جي ڪمري جاءِ تي ڊيوٽي هوندي. ايتري ۾ جنرل صاحب ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو. جيئن ته اسين اتي بيٺا هياسين، اسان کي پاڻ ڏانهن متوجه ٿيندي چيائين ته هتي ڪير انچارج آهي. جيئن ته ان وقت مان هيم ته مون چيو ته مان. *کمرے بڑے اچھے ہیں۔ حال بھی اچھا ہے*- اسان چيو سائين مهرباني. پنج ست منٽ صرف انهي ۾ ته *یہ بھی اچھا ہے وہ بھی اچھا ہے*- . وڏيڪ ڪجهه ڪونه چئي مان اچي واڱڙو ٿيس ته هن جو مطلب ڇا آهي. آخر ڪار چيائين *بھائی اتنا بڑا اچھا انتظام ہے اگر آپ یہیں پر کنگی کا انتظام کرتے تہ کتنا اچھا ہوتا*- مون اعتماد سان چيو ته سائين ڪنگي مون بلڪل رکي آهي ٿي سگهي ٿو ته هيٺ مٿي ٿي هجي. *اچھا چلو مجھے نہیں ملتی*- مان اندر ويم ته واقعي ڪنگي اتي رکيل نظر ڪانه آئي. مون هيٺ جاچيو ته ڪنگي هيٺ ڪريل پئي هئي. ڪنگي ملي اسين سيڪيورٽي جو عملو ڇڏي گهر روانه ٿياسين.

توهان ڏٺو هوندو ته جنرل صاحب عموماً اتي آيل ماڻهن مان ڪنهن ڪراڙي يا معذور کي پنهنجي کيسي مان پئسه ڪڍي ڏيندو هيو. اهي پئسه جنرل صاحب اسلام آباد مان کڻي ڪونه ايندو هيو. بلڪ ملٽري سيڪريٽري اچڻ شرط سان ڊي سي کان ڏهه هزار ڪيش وٺندو هو پوءِ جيڪي جنرل صاحب سخاوت ڪندو هيو.

# ايوانِ صدر ۾ افطار لاءِ معاذ ٿاڌل

ڊسٽرڪٽ ۾ جڏهن بہ وي وي آئي پي ايندو آهي تہ لکين روپيہ خرچ ٿيندا آهن ۽ بجيٽ ۾ انهي لاءِ هڪ ٽڪو بہ ڪونہ رکيو ويندو آهي. 1983ع ۾ جڏهن پريزيڊنٽ ضياءَ دوري تي آيو هيو، سندس ڊنر سائين نظر شاهہ وٽ هئي تنهن جي باوجود هڪ لک ۽ ڪجهہ هزار روپيہ خرچ آيو هيو. هينئر تہ سڀ شئي مهانگي ٿي وئي آهي، تنهنڪري انڪان ڪافي وڌيڪ هوندو.
اُهو خرچ، گاڏيون ارينج ڪرڻ، انهن جو تيل پاڻي، سرڪٽ هائوس تي شاميانا، ٽڏي مٽي پاڻي، چانهہ ماني، گفٽ، سيڪيورٽي ۽ ٻين ڊيوٽين تي آيل ماڻهن جي رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ وغيره وغيره تي خرچ ٿيندو آهي. جيئن تہ سرڪار جي طرفان انهي سلسلي ۾ ڪجهہ بہ ڪين ڏنو ويندو آهي. تنهنڪري اسين اهو ٽوٽل خرچ جوڙ ڪري ٽپيدارن تي ٽپن جي حساب سان خرچ ورهائيندا آهيون. جنهن جو بار سڌو سنئون ضلعي جي آبادگارن تي پوندو آهي ۽ اهو نظام شروع کان ايئن هلندو پيو اچي. اسان انهي سلسلي ۾ ڪوششون ڪيون تہ انهيءَ کي باقائده بجيٽ ۾ آندو وڃي تہ جيئن ايگريڪلچر جي مٿان اٽظاهر ڪيل ٽيڪس ختم ٿئي. ۽ اها ٽيڻ بہ گهرجي.
جنرل ضياءَ جي زماني ۾ مان بہ رمضان 1983ع ۽ 1984ع جا مهينا نوابشاهہ ۾ هيس ۽ هر رمضان مهيني جي شروع ٿيڻ سان راولپنڊي پريزيڊنٽ هائوس مان فون ايندو هيو تہ جنرل صاحب طرفان اسلامي ملڪن جي سفيرن لاءِ افطاري جو بندوبست تقريباً هر ٻئي ڏينهن ٿيندو آهي، سو مهرباني ڪري معاذ ٿاڌل جا ڏهہ ڪريٽ موڪلي ڏيو. انهيءَ سان گڏ بل ضرور موڪلجو. اسين با ادب اِهو سڀ ڪري موڪليندا هياسين تيزرفتار ٽرين جي ذريعي ۽ پهچ رسيد ملي ويندي هئي، انهي کان پوءِ پئسن جي اچڻ جو انتظار ڪندا هياسين، تان جو مٿان ٻيو رمضان اچي ٿيهن ڏينهن لاءِ مهمان ٿي ايندو هيو ۽ ساڳيو حڪم وري نازل تہ وارو ڪيو اسلامي ملڪن جا سفير پريزيڊنٽ صاحب افطاري لاءِ مدعو ڪيا آهن ۽ نوابشاهہ جي ٿاڌل لاءِ صدر صاحب خاص تاڪيد ڪئي آهي .
جيئن فون آيو ڊي ايم ايس ڳالهايو تہ مون ڪانئس گذريل سال جي رهت جا پئسہ گهريا. چيائين تہ فڪر نہ ڪر مان چيڪ ڪري هن بل سان گڏ سڀ پئسہ موڪلرائي ٿو ڏيان. اهي پئسہ منهنجي بدلي ٿيڻ تائين ڪونہ پهتا. آخرڪار سب ڊويزن جي سيني ٽپيدارن تي سراسري ورڇ ڪري معاذ ٿاڌل جا بل ادا ڪياسين.
غالبن 1984ع جي شروعات ۾ ليفٽيننٽ جنرل صادق محمد رشيد عباسي جي ٽرانسفر ٿي، انهي

جي جاءِ تي ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان مارشلا ايڊمنسٽريٽر ۽ گورنر سنڌ ٿيو. ايس ايم عباسي نهايت فهميده ۽ خانداني ماڻهو هيو ۽ سنڌس رويو به ڪافي اخلاق جي دائري اندر هوندو هيو. هڪ دفعي گورنر صاحب کي جيڪب آباد هارس ۽ ڪيٽل شو جو افتتاح ڪرڻو هيو. صبح سوير ڪراچيءَ کان فوڪر جي ذريعي سکر ايئرپورٽ ۽ پوءِ اتان جيڪب آباد وڃڻو هيس. ڊنڊ جي ڪري ايمرجنسي ۾ نوابشاهه صبح جو پنج يا ساڍا پنج وڳي ايئرپورٽ تي لينڊ ڪيو. اسان کي اطلاع مليو سپ وٺي پڳاسين ته جيئن گورنر صاحب اڪيلو نه هجي ۽ سيڪيورٽي جي به لحاظ ضلعي انتظاميه جي جوابداري هوندي آهي.

سکر ۽ جيڪب آباد ۾ ڊنڊ ڪافي دير تائين هليو. تقريباً اڍائي ٽي ڪلاڪ نوابشاهه ايئرپورٽ جي لائونج ۾ رهيا. ٿورو گهڻو ڊرائي فروٽ ۽ ٻيو بيڪري جو مال آندو. جنهن سان خدمت ڪئي وئي. اتي خبر پئي ته جنرل صاحب هميشه پنهنجا بوٽ پاڻ پالش ڪندو هيو. اسان ان وقت ڪرنل اجمل خٽڪ ڊي سي، ايس پي، مان ۽ ايس ڊي پي او گورنر ۽ اي ڊي سي ست ڄڻا هياسين ۽ اسان کي اهو احساس ڪونه ٿيڻ ڏنائين ته هي ڪو گورنر ۽ مارشلا ايڊمنسٽريٽر آهي. هلڪي ڦلڪي ڪل ٻوڳ وارو ماحول ٺاهيون وينو هيو. پاڻ به وقفي وقفي سان ڪونه ڪو موقعي ۽ مناسبت سان مذاق نموني وارا ٻوڳ، ٽڪاءُ شيئر ڪندو رهيو. ڊنڊ جي جهڪي ٿيڻ کان پوءِ سکر فلائيٽ تي روانو ٿي ويو ۽ موڪلائڻ وقت اسان سڀني سان گرمجوشي سان ايئن موڪلايائين جيئن ڪو عزيز گهر کان پري پيو وڃي. اهي گهاريل گهڙيون وسرڻ جهڙيون ناهن. پاڻ ته هن جهان مان لڏي ويا آهن الله جنت الفردوس عطا ڪريس. ڪجهه سال اڳ مونکي سندس قبر تي وڃڻ جو شرف حاصل ٿيو.

جنرل صاحب قلعه دراوڙ جي پرسان عباسي خاندان جو قبرستان آهي، ان ۾ دفن ٿيل آهي. قلعي دراوڙ احمد پور ايسٽ کان ڏکڻ طرف تقريباً ٽيهه پنجٽيهه ڪلوميٽر جي پنڌ تي ضلعي بهاولپور ۾ آهي. قلعي جي اولهه طرف هڪ کليل قبرستان آهي، جتي چار اصحابه رسول الله ﷺ دفن ٿيل آهن. قلعي جي مرڪزي دروازي جي اوڀر طرف رياست جي شاهي خاندان جو قبرستان آهي. رياست جي نوابن جون قبرون هڪ ڊگهي مستطيل ۾ ٺهيل بند ڪمري ۾ آهن. باقي مرد جون کليل ميدان ۾ قبرون آهن ۽ عورتن جي لاءِ الڳ جڳهه رکيل آهي.

مون ڪنهن دوست کان ٻڌو ته هيءُ عباسي صاحب ضلعي شڪارپور جي لکي شهر جا اصلوڪي رهاڪو هيا ۽ دائودپوٽا برادري سان تعلق رکندڙ آهن. سنڌ جي تاريخ تي گهري نظر رکڻ وارا دوست جيڪڏهن انهي جي باري ۾ ڪو واضع ڪندا ته اسان جي علم ۾ چاڻ ۾ اضافو ٿيندو. شڪارپور جو شهر انهن ٺاهيو هيو جن کان پوءِ ۾ ڪلهوڙن اتان دائودپوٽن کي پڇايو.

قلعه دراوڙ اڄ به نواب رياست جي ملڪيت ۾ آهي. 1956ع ۾ جڏهن رياستون پاڪستان ۾ ضم ٿيون ته بهاولپور به ضم ٿي ليڪن قلعي دراوڙ کي حڪومت پاڪستان جي حوالي ڪونه ڪيو. هن وقت قلعي جي زبون حالت آهي. دوست ٻڌي حيران ٿيندا ته قلعي دراوڙ ۾ به ٽي طبقا ٺهيل جڳهون آهن، جنهن ۾ پوري آرمي، اسلحه ۽ خزانو زير زمين بيرڪس ۾ هيون. عباسين جي قبضي ڪرڻ کان اڳ ان قلعي مان به سرنگون نڪرنديون هيون جن جو ٽانگي جي رستي بهاولپور ۽ ٻي جيسلمير تائين

رابطو هيو ان وقت جو راجه ۾ ٻيا ايندا ويندا هيا .

انهن سرنگن ۾ ٻه ريلوي جي پٽڙين وانگر پٽيون هيون، جن تي ٽانگي جا ڦيٿا اهڙي طريقي سان هلندا هئا، جو اهي پٽڙي تان هيٺ ڪونه لهندا هيا. جيئن ريل گاڏي ريلوي لائين تي هلي ٿي. انهيءَ جو مطلب ته ويسٽرن دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ انڊرگرائونڊ سفر لاءِ رستا سؤ سوا سؤ سال اڳ ٺهيا جڏهن ته موجوده پاڪستان جي حد اندر اهيو نظام ڪئي سو سال اڳ موجود هيو. اتي اها خبر پئي جڏهن عباسين قلعي جو گهيرو تنگ ڪيو، راجه پنهنجي فيملي ۽ ڪجهه خزانو جيترو ڪٺي سگهيو ساڻ ڪٺي جيسلمير لاءِ ان سرنگهه رستي نڪري ويو. جنهن کان پوءِ عباسين قلعي تي قبضو ڪيو.

جنرل جهانداد خان چارج وٺڻ کان پوءِ سنڌ جو دورو شروع ڪيو.

# جنرل جهانداد خان سنڌ جو گورنر مقرر

1984ع ۾ جنرل جهانداد خان جي گورنر ۽ مارشلا ايڊمنسٽريٽر سنڌ ٿيڻ کان پوءِ جلد ۾ ڪراچي کان ٻاهر نڪري پوري سنڌ گهمڻ ۽ ايريا جي واقفيت ۽ مسئلن کي سمجهڻ لاءِ پهريون سکر ڊويزن جو دورو رکيو. هڪ رات سکر ۾ گذاري ان کان پوءِ لاڙڪاڻو ۽ رات اچي نوابشاهه ۾ رهڻ جو پروگرام اچي مليو. جنرل صاحب جي دوري جي منفرد ڳالهه اها هئي ته دوري جي شيڊول سان گڏ اهي احڪامات مليا ته گورنر صاحب جي دوري جو سمورو خرچ گورنر هائوس ادا ڪندو. اسان ڏاڍا خوش ٿياسين ته گهٽ ۾ گهٽ اهيو مٿي جو سور لٿو.

گورنر سکر کان لاڙڪاڻي جهاز ۾ ويو. سردار مرحوم غلام محمد مهر جي گاڏي سکر کان نوابشاهه لاءِ رواني ٿي، جنهن لاءِ حڪم مليو ته گورنر صاحب گاڏي صرف سردار صاحب جي استعمال ڪندو. انهيءَ گاڏي ۾ گورنر هائوس جو بورچي به اڳوات نوابشاهه پهچندو ۽ ماني گورنر ۽ گورنر جي مهمانن جي اهو تيار ڪندو. اهو به هڪ وڏو مسئلو هوندو آهي ته ڊاڪٽر صاحب اڳ ۾ ماني ڪائي چيڪ ڪندو هيو. پوءِ اها ماني وي آء پي کي ڏبي هئي. هاڻي ته بورچي به سيڪيورٽي پاس.

حسب معمول اسان پنهنجي طرفان سيڪيورٽي ۽ ٻيا انتظام ڪيا هيا. ٻيو حڪم گورنر هائوس مان آيو ته گورنر سان ماني صرف اهي ڪائيندا، جن جي لسٽ گورنر هائوس مان ايندي.

منجهند جي قريب گاڏي ۽ گورنر هائوس جو بورچي صاحب نوابشاهه پهچي ويا. بورچي صاحب پهچڻ شرط سامان جي لسٽ ڏني ۽ برانڊ جانالا به مهيا ڪيا ۽ چيو ته بل ٺهرائي ڪٽي اچي مونکي ڏيو. اسين به خوش، چلو سامان جيترو به گهرائن پئسه انهن کي ڏيڻا آهن ته پوءِ اسان کي ڪهڙو اعتراض. ڊنر جي لاءِ سامان لسٽ مطابق ونې بل سميت اچي بورچي صاحب کي ڏنوسين. ڊنر تقريباً اٺن ماڻهن لاءِ تيار ڪئي وئي، جنهن تي ڪچي سيدي جي ماليت ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ هئي .

انهي ڊنر ۾ اهي ماڻهو هيا، جيڪي بعد مجلس شورا جا ميمبر ٿيا. اها ڊنر واحد هئي جنهن ۾ ڪمشنر، ڊي آء جي، ڊي سي ۽ ايس پي موجود نه هيا. چو ته اها ڊنر گورنر هائوس جي طرفان هئي، اسان چيو ته مڙئي خير. ڊنر ختم ٿي گورنر هائوس جي بورچي صبح جي ناشتي لاءِ هڪ ٻي لسٽ ڏني، جنهن تي مبلغ رائج الوقت سڪي جا تقريباً ڏهه هزار روپيين جو سامان بل سميت بورچي صاحب جي حوالي ڪيوسين. بورچي صاحب مختيارڪار کي چيو ته يار به سنا اجرڪ ٽوپ پر سعيد آباد جا هٿ جا ٺهيل هجن ڏجائين. رات جو مختيارڪار مٽياري ۽ سعيد آباد مان اهي ٻئي گفٽ طور گهرايون پر انهي جي خبر اسان کي بعد ۾ پئي .

گورنر صاحب ڊنر مان فارغ ٿيو ۽ چيو تہ مان صبح جو هلڪي ڪليل ڪچهري ڪندس پر ماڻهو گهٽا نہ هجن. شايد اها ان ڪي خبر ڪونہ هئي تہ چڱا منا نوابشاهہ جا جيڪي پ پ سان واسطيدار هيا، اهي اڳئي ڪونہ پيا ملڻ گهرن . خير اسان ڪجهہ ماڻهو گهرايا، ان ۾ مرحوم سائين امداد محمد شاهہ (سائين جي ايم سيد جو فرزند) بہ هڪ هيو.

صبح ٿيو سرڪٽ هائوس جي لان ۾ شاميانو هڻايوسين، ڪرسيون وغيره سڀ انتظام ٿي ويو گورنر صاحب آيو مرڪزي ڪرسي وڏي رکي وئي. جنرل صاحب جو قد مون وانگر پورو سارو، ان ۾ جڙ تہ لڪي ويو. گورنر صاحب کي جيڪي چوڻو هيو اهو چئي پوءِ چيائين تہ ڪنهن ڪجهہ چوڻو هجي تہ ڳالهائي. سڀ کان پهريان سائين امداد محمد شاهہ اٿيو. گورنر صاحب اشارو ڪيو تہ ارشاد فرمايو. سائين شروع ٿي ويو حڪومت ۽ مارشلا جي ڪجهہ پاليسن جي خلاف ڳالهائي دنگ ڪيو. جنرل صاحب جا ڪن ايا ٿيندا ويا ۽ ڊي سي صاحب کان پڇيائين تہ هي ڪير آهي؟ ڊي سي صاحب ٻڌايس تہ سائين جي ايم سيد جا فرزند آهن. جنرل صاحب خاموش ٿي ويو ۽ انهي کان پوءِ کليل ڪچهري بند ٿي وئي. تقريباً ڏهين يارهين وڳي حيدرآباد کان ڪراچي لاءِ روانا ٿيا. جنرل صاحب وڃڻ وقت خرچ جو پڇيو اسان ڪيس ٻڌايو. گورنر صاحب پنهنجي ڪيسي جي تلاشي ورتي ۽ سؤ سؤ روپيہ جا ڏهہ عدد ڪڙڪ نوٽ اسانکي سموري خرچ جا ڏئي حساب چڪتو ڪري پاڻ ڪراچي روانا ٿي ويا.

نوابشاهہ ضلعي لاءِ جيڪڏهن حاجي خان خواجہ جو ذڪر نہ ڪجي تہ اها زيادتي ٿيندي. خوجہ صاحب ايچ ايم خواجہ جي نالي سان مشهور آهي، پاڻ اسماعيلي فرقہ سان لاڳاپيل هيا ۽ نوابشاهہ ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ آيا. اصل سندن وڏا ڳوٺ جهرڪ جا هيا، اتان پوءِ حيدرآباد ضلعي ۾ آباد ٿيا پر هينئر دفن نوابشاهہ ۾ پنهنجي اڏايل اسڪول جي احاطي ۾ آهن. ايچ ايم خواجہ صاحب آيو تہ هڪ استاد جي حيثيت ۾ پر نوابشاهہ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ۾ سائين خواجہ صاحب جو وڏو ڪردار آهي .

خواجہ صاحب نوابشاهہ جا جيڪي بہ سرنديءَ وارا زميندار هيا انهن سڀني ڏانهن پاڻ لنگهي ويندو هيو ۽ تعليم لاءِ انهن کي صلاح ۽ مشورو ڏيندو هيو ۽ انهن کان ڪجهہ رقم وٺي اسڪول تي خرچ ڪندو هيو. ڪجهہ خرچ بچائي غريب ٻارن جي پڙهائڻ ۽ رهائش تي خرچ ڪندو هيو. خواجہ صاحب جي اسڪول ۾ پرائمري تعليم کان ويندي ميٽرڪ تائين مختلف سيڪشن ۾ ڏني ويندي هئي. نوابشاهہ جا سڀ وڏا ماڻهو خواجہ صاحب جي ڪري تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيا.

پٽي صاحب جڏهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو جو بنياد رکيو تہ سنڌ جي نياڻين لاءِ نوابشاهہ ميڊيڪل لاڪاليج بہ منظور ڪيو جنهن لاءِ گهٽي پاڳي زمين ايم ايچ خواجہ صاحب پنهنجي اسڪول مان ڏني، جنهن تي نوابشاهہ ميڊيڪل ڪاليج ٺهيو. باقي زمين حامد خان ڪلب جي زمين مان ڏني وئي. حامد ڪلب نوابشاهہ جي پهرين ڊپٽي ڪمشنر جي نالي سان منسوب آهي.

آگسٽ 1984ع حج واري عيد هئي اسين بہ ڳوٺ عيد لا ويل هياسين. اتان مان سکر ويس ڪمشنر سکر سان عيد ملڻ لاءِ، مرحوم عليڏنو پنهور صاحب ڪمشنر سکر هيو ۽ ٻيا بہ ڪافي آفيسر

آيل هيا. عيد مبارڪ ڪري نڪرڻ جي پئي ڪئي ته چيائين ٻڌون ٿا ڪجهه بدليون ٿيڻيون آهن. حالانڪ جن به اسسٽنٽ ڪمشنرس جون بدليون ٿيڻيون هيون، انهن جي بدلين جا آرڊر ڪمشنر صاحب جي ڪيسي ۾ هيا. مون کي به چيائين ته جمن ٻڌون ٿا چينجز ايندي‌ون. مون پڇيو ته سائين منهنجي به آهي؟ چيائين خبر ناهي پر ٿي به سگهي ٿو. خير مان واپس نوابشاهه آيس صبح جو اخبار ۾ لکيل هيو ته منهنجي بدلي شهدادڪوٽ ٿي وئي آهي، ٻئي ڏينهن چارج ڏني.

# نواب شاھ ۾ نوڪري

شهدادڪوٽ وڃڻ کان اڳ ٿورو حال احوال نوابشاھ جو ڪرڻ بہ ضروري آهي. نوابشاھ ضلعو ڪافي سر سبز ۽ زراعت جي حساب سان ذرخيز علائقو آهي. موسم بہ گرمي ۽ سردي ۾ سٺي پوي ٿي. هتي اها چوٽي عام هئي تہ الله سائين جيڪڏهن ”پڊعيدن هيو تہ پوءِ جهنم جي ڪهڙي ضرورت هئي“. پيو هتي چوٽي هئي تہ هڪ پڊعيدن جو ماڻهو جڏهن دوزخ ۾ ويو تہ اتي هن کي سردي پئي محسوس ٿي، ڪمبل گهرائي ويڙهيائين. آبادي جي لحاظ سان بہ گهٽو ڳتيل ضلعي ۾ شمار ٿئي ٿو. آبپاشي لاءِ روهڙي ڪئينال سڄي ضلعي جون زمينون سيراب ڪري ٿو.

اثر رسوخ جي لحاظ کان 1983ع ۽ 1984ع ۾ سيدن، جتوئي، ڏاهري، جمالي، رند، انڙ، پرٽ، راڄپر، چوڌري، ڀٽي، بروهي، خشڪ، ڪلهوڙا عباسي، زرداري، ميمڻ، سهتہ وغيره. نوابشاھ ضلعي انهن جي ڪافي اثر هيٺ هيو. ڪنهن دوست پڇيو تہ زردارين جي ڇا پوزيشن هئي؟ زرداري پنهنجي مڇي ماني وارا هيا ۽ زردارين جو سردار حاجي دين محمد زرداري شريف ماڻهو ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ ڪونہ برو چوندو هيو. رئيس حاڪم علي يا آصف صاحب تہ ڪراچي ۾ رهندا هيا ۽ نوابشاھ ڪڏهن ڇتي ڇماهي اچڻ ٿيندو هين، باقي پنهنجي زرداري قبيلي تي اثر هين.

مون جڏهن نوابشاھ جي چارج ورتي، انهيءَ وقت آفيسر سان ملڻ لاءِ پرچي موڪلبي هئي. پوءِ جڏهن صاحب گهرائي تيستائين انتظار ۾ ماڻهو ويهندا هيا ۽ جتي ڪٿي عام طور ايئن شروع کان هلي پيو. مون ٿوري انهي ۾ ردو بدل ڪئي، صرف پنهنجي آفيس لاءِ. جيڪڏهن ڪا ميٽنگ يا ڪو وفد وغيره نہ هوندو هيو تہ چٽ موڪلڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي، آفيس سڌو سڌنون هليو اچي. پيو جيڪڏهن ڪير ڪنهن کان فون ڪرائي پوءِ ايندو هيو تہ انجي ڪم ۽ ملڻ ۾ وڌيڪ ٽائيم وٺندو هيس. انهي لاءِ ڪوئي بہ مون ڏي ڪنهن جي سفارش سان نہ اچي.

هڪ دفعي شروع ۾ سلام خان زرداري چڱو زميندار ۽ لکيل پڙهيل ماڻهو آهي. رئيس حاڪم علي زرداري جيڪا پنهنجي زمين وڪي اها سڀ هن جي والد صاحب ورتي. سلام خان پاڻ بينڪ ۾ آفيسر هيو پوءِ اها نوڪري ڇڏي پنهنجون زمينون سنڀالڻ شروع ڪيائين. هن کي پيٽرول پمپ ۽ ان جي گدامن لاءِ اين او سي گهربل هئي. ڪنهن رئيس ڏانهن ويو ۽ انهيءَ ڪم لاءِ فون ڪرائي مون وٽ آيو. مون هن کي ويهاري پڇيو تہ ڇا ڪم آهي؟ ڪم ٻڌايائين . مون هن کان پڇيو تہ تنهنجي ڇا تعليم آهي؟ چيائين ماسٽرس ڪيل آهي بينڪ ۾ اوجي ٿو هيس ڇڏي زميداري شروع ڪئي آهي.

فوڊ ڊپارٽمينٽ وارن کي گدام جي ضرورت آهي، مان انهن سان معاهدو ڪندس ڪجهہ سالن لاءِ ۽ منهنجي روزي روٽي سٺي نڪري ايندي.

مون هيڊ منشي کي گهرايو انهي کي چيم تہ اين او سي جلدي ۾ ناهي ڪٽي اچ تہ مان صحيح ڪيان. همراهہ خوش ٿيو. هيڊ منشي جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن اڪيلو ٿيو مون هن کي چيو تہ تون هڪ لکيل پڙهيل نوجوان ۽ آفيسر رهي چڪو آهين، تون مون وٽ سڌو ڇو ڪين آئين؟ چيائين تہ سائين هتي هميشہ ايئن ٿيندو آيو آهي، اڳتي ايئن ڪونہ ٿيندو. ٿوري دير ۾ هيڊ منشي ڪاغذ دستخط ڪرائڻ لاءِ ڪٽي آيو . مون ڪاغذ سلام خان زرداري کي ڏيکاريا تہ ڇا تنهنجو انهن سان ڪم هلي ويندو يا ڪجهہ ٻيو بہ لکڻو آهي. خوش ٿي چيائين سائين بس انهيءَ سان منهنجو ڪم ٿي ويندو . مون فائيل وٺي بند ڪري چيو تہ هاڻي تون وڃ، اهي ڪاغذ توکي ٽن ڏينهن کان پوءِ ملندا. ٽي ڏينهن تنهنجو ڪم پوءِ انهي ڪري ٿيندو، جو هڪ تون سفارش ڪٽي آيو آهين، هڪ ڏينهن اهيو ٻيو ڏينهن پوءِ انهي ڪري جو نوجوان ٿي سڌو مون وٽ نہ آئين، بلڪ تون ڪنهن جي سهاري لاءِ وقت زيان ڪيو. ٽيون ڏينهن انهيءَ ڪري جو تون آفيسر رهيو آهين نوجوان بہ آهين، پوءِ بہ وڏيري جي پنيان لڳو آهين . همراهہ خاموش ٿي ويو. چيائين هي دفعو معافي ملي، اڳتي ايئن ڪونہ ٿيندو. مون ڪيس ڪتو جواب ڏنو تہ ٽن ڏينهن کان پوءِ اچ ۽ پنهنجا ڪاغذ ڪٽي وڃ پر جيڪڏهن وري ٻيهر ڪنهن کان فون ڪرائي تہ پوءِ هفتي کان پوءِ ۾ ڪٽي وڃجائين. همراهہ واپس ويو ٽن ڏينهن کان پوءِ آيو ڪلندو پنهنجا ڪاغذ ڪٽي ويو.

منهنجي انهيءَ عمل جو عام ماڻهو کي اهيو فائدو پيو، جو ٻي ڏڙڪ منهنجي آفيس ايندا هيا ۽ ڪنهن زميندار جي چٺي چپاٽي جي ضرورت ڪونہ پوندي هين. ليڪن اهو منهنجو عمل گهڻن کي پسند ڪونہ هيو. آخرڪار هڪ ٻن چئي ڏنو تہ سائين توهان آفيسر آهيو جيڪڏهن توهان ايئن ڪندئو تہ هڪ تہ توهان جي شان جي خلاف آهي ۽ ٻيو تہ ماڻهن بہ اسان ڏانهن اچڻ گهٽ ڪري ڇڏيو آهي، ڇوتہ هنن کي هاڻي اسان جي ضرورت ناهي. اسان سياسي ماڻهو آهيون ٿوري گهڻي لاءِ ماڻهو اسان ڏانهن ايندا هيا، اسان انهن کي هڪ بہ دفعا پنڌ ڪرائيندا هياسين ۽ اسان پوءِ انهن کي فون يا چنڙي لکي ڏيندا هياسين. هاڻي جيڪڏهن توهان ايئن ڪندا تہ پوءِ اسان جي لاءِ آساني تہ ٿي پئي، پر انهي جي ڪري ايريا ۾ اسانکي سياسي طور نقصان ٿئي ٿو. مون دوست کي چيو تہ سائين مان مسڪين ماڻهو آهيان ۽ مون کي دلي طور انهي ڪرڻ سان تسڪين ملي ٿي تنهنڪري مان جتي هوندس منهنجو طريقو ساڳيو رهندو. چيائين ڀاءُ توهانجو ڏوهہ ناهي، جو اسان جي هلي نٿي.

مان شروع ۾ اڪثر ڳوٺن ۾ اڪيلو هليو ويندو هيس ۽ ڪنهن جي اوطاق تي وڃي ڪنهن جهوني سان ڪچهري بہ ڪري ايندو هيس ۽ دال ماني، ڪڏهن صرف ڪير سان ماني انهن جي لانڍي ۾ ڪائي ايندو هيم، پر اها انهن کي خبر ڪانہ هوندي هئي تہ مان هتي اسسٽنٽ ڪمشنر آهيان. انهن وٽ هڪ مسافر جي حيثيت سان ويندو هيس. جڏهن ماڻهن کي انهيءَ عمل جي خبر پئي تہ پوءِ مان وڃڻ ڇڏي ڏنو. ڇو تہ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن ماڻهن جي ميل ملاقات ڪري سڃاڻپ وڌندي وئي، پوءِ دل کولي ڪوئي حال ڏورڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندو هيو. انهيءَ عمل ڪرڻ سان ايريا جي چڱي مُٺي

جي خوب خبر پئجي وئي هئي.

الحمدلله نوابشاهه سب ڊويزن ۾ تي روينيو جا سرڪل هيا، هڪ نوابشاهه، ٻيو ڄام صاحب، ٽيون دوڙ. مون پڙتال جي بهاني تقريباً هر هڪ سرڪل جو گهٽ ۾ گهٽ سٺ سيڪڙو پيادل گهمي ڏٺا. منهنجي هڪ ڏينهن جي وزٽ معني پڙتال تان واپسي يا رستي ۾ ٻه يا ٽي تپيدار اسپتال پهچندا هيا. مرحوم غلام محمد ميمڻ سپروائزر هيو پڙتال تان واپس اچي رٽائرمينٽ جي درخواست ڏئي چيائين ته سائين منهنجي چار پنج سال نوڪري رهي ٿي، مان نوڪري کان بس ڪئي. خير چاچي کي راضي ڪيم ته تون پلي گاڏي ۾ ويهي رهندو ڪر. جڏهن ٿڪجي پوين. چيائين سائين توهان پنڌ ڪيو ۽ مان گاڏي ۾ ايئن ڪونه ٿيندو.

صبح سوير جنهن پاسي هلڻو هوندو هيو ته سج ايرڻ سان چار پنج تپن جا تپيدار ۽ نقشو ۽ فصل جي آبادي جو رڪارڊ ڪيل بندي/ رجسٽر ساڻ کڻي نڪري پوندا هياسين ۽ ڊرائيور کي تقريباً اٺ نو ڪلوميٽر جي مفاصلي تي چوندو هيس اتي اچي بيهه.

# ڳوٺ ۾ نئين گهر جي اڏاوت

فصل جي پڙتال سان چوري پڪڙڻ کان علاوه ريڪوري ۽ جمع بندي سٺي ٿيندي هئي. الحمدلله منهنجي سب ڊويزن جي ٻي باقي ضلعي ۾ ٻين کان اڳ ۾ ٿي ويندي هئي. نوابشاهه ۾ رهندي منهنجي بابي سائين الڳ گهر ٺهرائي ڏنو جنهن ۾ مون کي ڪابه ڏکيائي پيش ڪانه آئي. گهر جي لاءِ زمين منهنجي سوٽ الحاج محمد افضل پنهنجي حصي مان ڏني. اسان جو ويجهو عزيز سائين امير بخش ان وقت سوئي سدرن گيس ۾ آفيسر هيو تنهن اچي بابي کي چيو ته سائين صاحب لاءِ الڳ گهر ٺاهيو. بابي سائين چيس ته امير بخش منهنجي به اها خواهش آهي پر هن وقت ايتري طاقت ناهي. امير بخش چيو ته ڊي پي سي ۽ لينٽر جي لاءِ سيمنٽ ۽ سريا منهنجي طرفان. ڪاٺ جي لاءِ مون وٽ ٽاريون بيٺيون آهن، توهان اهي ڪپرائي اچو. اتي اسان جو ماسات مرحوم فقير محمد وينو هيو ان بابي کي چيو ته ماما سرن جو ڪورو مون هينئر پنهنجي لاءِ تيار ڪرايو آهي، اهي سڀ سرون منهنجي طرفان، ڪم شروع ڪيو. مرحوم درمحمد منهنجي سؤٽ چيو ته بنياد لاءِ پٿر مان ٿو ارينج ڪيان. اسان وٽ جاءِ جي اوساري گاري سان ٿيندي هئي. تنهنڪري سيمينٽ جي ضرورت صرف ڊي پي سي، لينٽر ۽ پلستر جي لاءِ ٿيندي آهي. مونکي انهي معاملي جي ڪابه بڙڪ ڪانه پئي. مان جڏهن ڳوٺ ويم ته منهنجا يائر ۽ سؤٽ نئين گهر جا آئرا پيا کوٽين، مون پڇيو ته هيءُ ڪنهن جي لاءِ پئي جاءِ تيار ٿئي. چيائون ته تنهنجي لاءِ، ته مون مذاق سمجهي، ايتري ۾ بابو سائين آيو ۽ چيائين ته بابا امير بخش آيو ۽ هيءُ هيءُ شيون ڏنائين ۽ چيائين ته صاحب لاءِ گهر ٺاهيو. باقي سڀني جو احوال ڪيائين ته ڪنهن ڇا ڇا ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي.

مان ۽ بابو سائين وينا هياسين ته مون بابي کي چيو ته بابا گهر ته ٺهرايو ٿا، پر پئسا ته ڪونه آهن، جو باقي سڄي معاملي کي انجام تائين پهچائي سگهون. چيائين بابا الله تي توڪل رک، گهر اهڙي شئي آهي، جنهن لاءِ سامان سڀ جمع ڪري ڪونه ٺاهبو آهي. مون چيو ته بابا پر لوهه، ڪاٺ ۽ روف جون سرون وغيره لاءِ ته چڱو خاصو پئسو کپي. ايتري ۾ مرحوم محمد طاهر کهڙو پنهنجي تر جو سٺو زميندار آهي، ڪنهن ڪم سانگي بابي ڏانهن آيو ۽ ملاقات ٿي، بابي کي جيڪو ڪم چوڻو هيس اهو چئي بابي کي چيائين ته حاجي هاڻي وري پيري ۾ نئين جاءِ جو شوق ڪيو اٿئي. بابي سائين وراڻي چيس ته صاحب جي لاءِ گهر ٿو ٺهرايان. بابي کي چيائين حاجي صاحب مون وٽ سڪل ٽاريون ۽ نمون پيون آهن، جيتري ضرورت آهي توهان ڪٽائي اچو. بابي چيس ته نه مهرباني امير بخش اڳ ۾ انهي لاءِ

چيو آهي. بهرحال مرحوم کهڙي صاحب ٻئي ڏينهن ٽريڪٽر ٽرالي تي تاريءَ جون سڪل ڪاٺيون موڪلي ڏنيون جنهن مان در دريون ۽ ٻيو سامان ٺهيو ۽ بچي به پيو جيڪو منهنجي ڀائرن ۽ سؤٽن استعمال ۾ آندو.

ٻئي ڏينهن واپس نوابشاهه آيم. مونکي راڄپر دوست ٻڌايو ته هالاڻي جي ويجهو هڪ ماڻهو آهي، جيڪو روف جي سرن جو ڪم ڪندو آهي، مون ان دوست کي چيو ته وچ ۾ ريٽ وغيره جي پڇا ڪر. راڄپر صاحب ويو ۽ ان سان ڳالهائي آيو تقريباً ڊيڊ روپيه جي حساب سان هڪ سر جو سودو طئه ٿيو. اهڙي طرح منهنجي ڪيسي جو تقريباً لوه سميت ويهه ٻاويهه هزار روپيه خرچ ٿيو ۽ ٻهراڙي جي حساب سان سٺي عزت ڀري جاءِ جڙي راس ٿي.

دوڙ جو چوڌري محمد ايوب هڪ ڏينهن آيو ۽ مونکي چيائين ته مونکي بابي سائين توهان ڏانهن هڪ خاص ڪم لاءِ موڪليو آهي. ايوب ان وقت چيف سيڪريٽري مسعود نبي نور جون زمينون سنڀاليندو هيو ۽ پنهنجي به چڱي خاصي زميداري هوندي هيس، هن جو والد صاحب ڏاڍو نيڪ ۽ شفيق انسان هيو. اصول جو پڪو ڪنهن سان زيادتي ڪين ڪندو هيو ۽ نه وري ڪنهن جي سهندو هيو. مون سان هن جو پيار هوندو هيو. هڪ دفعي پنهنجن پٽن کي چيائين ته هن کي پنهنجي گهر جو ڀاتي سمجهو ۽ اڄ تائين انهن جو مون سان ورتاءُ ڀائرن وارو آهي. چوڌري چيو ته بابي کي خبر پئي آهي ته تون گهر ٿو ٺهرائين. مون چيس ته هاپر بابو ٿو ٺهرائي ڏئي. چيائين ڇا ڪپي؟ مون وراڻيو ته ڪجهه به نه، ڪم تقريباً ٿي ويو آهي. چيائين ته سڄو لوهه بابي جي طرفان، مون چيو ته مهرباني ۾ مان هتان لوهه ڪٺي ڪونه ويندس، بس چاچي کي منهن جي لاءِ چوندا ته دعا ۾ ياد رکندو ڪري.

ٻئي ڏينهن حاجي صاحب پنهنجي وڏي پٽ سميت اچي آفيس پهتو ۽ مون کيس ويهڻ لاءِ چيو ته چاچو ويهي ڪونه. بيٺو رهيو. مون وري عرض ڪيم ته چاچا ويهو چيائين ته مون سان وعدو ڪر ته منهنجو ڪم ڪندين. آخرڪار جيستائين واعدو نه ورتائين تيستائين بيٺو رهيو. ويٺو مون چانهه لاءِ آڇر پٽيوالي کي چيو. مون کي چيائين پٽر مينو دس تون ناراض اين؟ مون چيو نه چاچا تون حڪم ڪر چيائين ته ڪالهه مون ايوب کي موڪليو تو ان کي واپس چو ڪيو؟ مون چيو ته چاچا ڪم ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ضرورت ناهي. ميري ڳل سڻ لوه ميري طرف سي هوسي. ميني اور ڪوئي ڳل نهي سڻني اي ميرا فيصله هڻ دس قبول هي يا نهي؟ وڏي منت ڪرڻ کان پوءِ مون چيو چاچا مان توهانجي ڳالهه مڃيان ٿو انهي شرط تي ته توهان به منهنجي گذارش قبول ڪندا. مون کي چيائين مينو دس مون چيو ته مان توهان جي حڪم جي تعميل ڪيان ٿو پر صرف ٻاهريون گيٽ توهان جي طرفان. چاچو سائين ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه پيو ٿئي آخرڪار درين جي گرل ۽ مين گيٽ چوڌري ايوب جي طرفان قبول ڪيم. جيڪو اڄ تائين لڳل آهي.

## ڪل آفيسر ذائقت البدلي

نوابشاهه ڇڏڻ لاءِ دل آماده ڪونه پئي ٿئي، پر حڪم جا بنده ٻيو ڪري به ڇا ٿا سگهن. جيڪو نوابشاهه جي عام ماڻهن محبتون ڏنيون انهن کي وسارڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي، اڄ به سانڍي رکيون آهن. الله سائين انهن سڀني ماروئڙن کي آباد رکي. آمين يارب العالمين.

آگسٽ 1984ع ۾ مان شهدادڪوٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي چارج وٺڻ لاءِ روانو ٿيس. سيپ کان پهريان ڊي سي لاڙڪاڻو جي آفيس پهتم. خبر پئي ته اڄ ڊي سي صاحب گهر واري آفيس ۾ ڪم ڪندو هيڏانهن اڄ پروگرام اچڻ جو ڪونهي. مرحوم محمد هاشم ميمڻ صاحب ڊي سي لاڙڪاڻو هيو. مان وڃي سائين سان مليم. ڏينهن جا تقريباً ٻارهن هڪ ٿيو پئي. ڊيوٽي جوائن ڪرڻ لاءِ چيم. سائين مرحوم محمد هاشم ميمڻ صاحب الله جنت الفردوس عطا ڪريس هڪ نهايت غريب پرور، هڏڏوکي ۽ رحمدل آفيسر هيو. مرحوم جي جيتري واکاڻ ۽ عزت ڪجي اها گهٽ آهي. چيائين جامڙا ماني کاڌي اٿئي مون عرض ڪيو ته سائين مهرباني. بورچي کي سڏرائي چيائين ته جيڪو تيار آهي جامڙو صاحب کي اڳ ۾ کاراءِ. مون ماني کاڌي پاڻ سائين ٻيڙي دکائي هڪ سوٽو هنيو. چيائين ته بابا وڃ پر ماڻهن جو خيال رکجاءِ.مون عرض ڪيو ته انشاءَ الله، انهي متعلق توهان کي شڪايت ڪانه ملندي. چيائين مون کي تنهنجي خبر آهي وري انسان کان غلطي ته ٿي سگهي ٿي . تقريباً ٻن ڪلاڪن کان پوءِ شهدادڪوٽ وايا قمبرعلي روانو ٿيس. ڏيڍ ٻن ڪلاڪ جي پنڌ کان پوءِ وڃي شهدادڪوٽ پهتم.

# پنھونءَ جي پار ۾

الحمدلله مالڪ سائين جا اڻ ڳڻيا احسان جو پيار ۽ محبت مون کي نوابشاھ جي ماڻھن مان مليو انڪان سوايو وري رب ذوالجلال منھنجي حصي ۾ شھدادڪوٽ جي دوستن ۾ اڳيئي رکي ڇڏيو هيو. جنھن ڪري مونکي شھدادڪوٽ ۾ بہ اھو ساڳيو سڪون قلب ملندو رهيو.

شھدادڪوٽ جي گھاريل گھڙين جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ مان انھن دوستن جي اٺاريل سوالن جو ٿورو گھڻو ذڪر ۽ وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجھان.

سنڌ جي خاص ڪري ڊگري يافتہ ۽ سنڌ سان محبت ڪرڻ جي دم ڀرڻ وارن جو اھيو سوال ھر سنڌ جي آفيسر کان جڏھن ڪوئي فيس بوڪ يا ڪنھن بہ محفل ۾ چوندا آھن تہ فلاڻي آفيسر پنھنجي ايريا يا قوم لاءِ ڇا ڪيو؟.ڪوئي روزگار وغيره پنھنجي ماڻھن کي ڏنو؟ پنھنجي قوم جي ماڻھن کي ڪيتريون نوڪريون ڏنيون؟ وغيره وغيره.

مان صرف اھو چوندس تہ آفيسر جو ڪم عوام سان بي ريا ٿي خدمت ڪرڻ آھي. ڪنھن سان زيادتي ۽ ظلم نہ ڪري. ھر ھڪ لاءِ سھولت پيدا ڪرڻ لاءِ وس آھر ڪوشش ڪري. ڪنھن ھڪ جي ڌر نہ ٿئي.

آفيسر ڪنھن جي ووٽ ڪري ڪونہ ٿيندو آھي، تنھنڪري ھن جو ڪوئي ٽڪ ڪونہ ھوندو آھي. پورو صوبو ۽ ملڪ انجي ايريا ھوندو آھي چوتہ ھو رياست جو نمائندو ھوندو آھي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان جي نوجوانن وٽ پرکڻ جو معيار اھو آھي تہ ھنن خاطر ٻين سان زيادتي ڪري انھن جو ڪم ڪري. جيڪڏھن ايئن نٿو ڪري تہ اھو بيڪار ماڻھو آھي.

ھر مٽ مائٽ، ڄاڻون سڃاڻو ۽ دوست جي اھا ڪوشش ھوندي آھي تہ ھن جي ڪنھن عزيز کي نوڪري ونرائي ڏي، چاھي اھو انجي لائق آھي يا ناھي. جيڪڏھن چئبو تہ پائو ھي تہ ڪجھ ڪونہ ٿو ڄاڻي تہ چوندا تہ پوءِ تون ڇاجي لاءِ آفيسر ٿيو آھين جو ھيءُ خصيص ڪم بہ ڪونہ ٿو ڪرين.

اھو اسانجي سنڌ جي دعويدارن لاءِ جائز ۽ معقول آھي تہ انھن جو ڪم ھر حال ۾ ٿئي، چاھي ڪنھن غريب مسڪين جو حق غضب ٿئي.

ھاڻي توھان جيڪڏھن ڪنھن دوست کي سفارش ڪري ان جي نوڪري لاءِ چئو ۽ اھو دوست توھانجي ڪري ڪنھن اھل ڇوڪري کان ان جو حق ڪسي منھنجي يا ڪنھن ٻئي جي ڪري ان نالائق کي نوڪري ڏئي تہ اسان جا سنڌ دوست چوندا تہ سائين واھ واھ. ماڻھو ڀلو ادا، اوڙي پاڙي يا ٻيو

ڪو ويو هن کي نوڪري وٺي ڏني.

ڇا اِها سنڌ جي خدمت آهي تہ ڪنهن غريب مسڪين ۽ اهل جي روزگار تي لت ڏئي ٻئي نا اهل جي جهول ۾ وجهجي؟

ڇا اهو مسڪين ماروئڙو جنهنجو حق کسيو وڃي سنڌ ڌرتي جو ڄائو ناهي؟

ڇا ان مسڪين جو ڪوئي حق ناهي؟

اسان جا دوست سنڌ جا گهڻگهرا اهو ڇو نٿا سوچن تہ آفيسر جو ڪم آهي تہ پنهنجي ايريا ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي.

پهرئين ڳالهہ تہ ترقياتي ڪم ڪرائڻ چونڊيل نمائندن جو ڪم آهي، نڪي آفيسرن جو.

آفيسر ٿيڻ کان پوءِ هن جي لاءِ پورو صوبو ۽ ملڪ هن جي ايريا ۽ قوم آهي.

چونڊيل نمائندن جو ڪم آهي پاليسون ٺاهڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ. آفيسر پاپند آهي چونڊيل نمائندي جي پاليسي کي عملي جامو پهرائڻ جو.

چونڊيل نمائندو جوابده آهي پنهنجي تڪ، صوبي ۽ رياست ۽ خاص ڪري پنهنجي تڪ جي عوام جو.

جيڪڏهن عوام جو چونڊيل نمائندو ايريا جي ترقي ۽ پنهنجي تڪ جي عوام لاءِ صحت، تعليم، رستا، روزگار ۽ ٻيا ڪم نٿو ڪري تہ اهو انجي اهل ناهي تہ ٻيهر عوام انکي نہ چونڊي.

مگر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان جا لکيل پڙهيل ڪڏهن بہ اهو انهن نمائندن کان سوال ڪونہ ڪندا تہ پوتار اسان توکي سردي ۽ گرمي ۾ پنهنجا ٻار ٻچہ بيمار ڪراڙا ۽ نادار مائٽ اچ ۽ بک تي وٺي پولنگ اسٽيشن تي وڃي ووٽ ڏنا، ڌڪا ٿاپا کاڌا ۽ توهان کي ڪامياب ڪرايو. تو ڇا ڇا ڪيو پنهنجي تڪ جي عوام لاءِ؟

اسان جا دوست سنڌ جو سڄڻ چوڻ وارا اهو ڪڏهن بہ انهن کان سوال ڪونہ ڪندا پر آفيسر جي لاءِ اها پرکڻ جي ڪسوٽي اختيار ڪندا تہ آيا اهو آفيسر اهل آهي يا ناهي؟

جيڪڏهن اسانجو لکيل پڙهيل انهي منفي سوچ ۾ گرفتار آهي تہ سنڌ ۽ سنڌ جو عوام ڪڏهن بہ ترقي ڪري ڪونہ سگهندو.

منهنجي سنڌ جي خاص ڪري نوجوانن کي عرض آهي تہ سڀ کان اول پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪيو. ٻئي ڪنهن اهل جي حق تلفي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيو.

جنهنجو جيڪو ڪم آهي انهي کان پڇو. جيڪڏهن ٻئي کان پڇندا تہ ڪم ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. سنڌ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پٺتي ويندي.

سنڌ کي پٺتي رکڻ ۾ صرف آفيسر ناهن، پر سڀ کان وڌيڪ توهان پنهنجا ۽ سنڌ جا دشمن پاڻ آهيو جو ڪاپي ڪلچر تي زور، ٻين جي حق کائڻ لاءِ سفارشون ڳولهيو. ووٽ ڏئي ڪنهن اهل کي ڇڏي نااهل کي پنهنجو نمائندو چونڊيو پنهنجي چونڊيل نمائندي کان سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪو سوال ڪونہ پڇو. اسان سيني کي ٿڌي دل سان سوچڻ گهرجي تہ آيا اسان جيڪو ڪجهہ چئون ۽ ڪيون ٿا، ڇا اهيو اسان جي سوسائٽي يا برادريءَ لاءِ صحيح آهي؟.

منهنجو توهان سڀني دوستن کان سوال آهي ته ڇا جيڪو اِهو چيو وڃي ٿو ته سنڌي آفيسر پنهنجي ايريا يا قوم لاءِ ڇا ڪيو؟ اهو سوال آفيسر کان پڇجي يا عوام جي چونڊيل نمائندي کان؟

ڇا آفيسر سنڌ جي ڪنهن دوست جو پٽ، ڀاءُ، ڀائٽيو ڀاڻيجو ماسات، ماروٽ وغيره ناهي؟ ڇا اسانجي سوسائٽي پنهنجي ذات کان علاوه سوچيو آهي؟

# سنڌ جي سياسي بدحاليءَ عوام جي سجاڳي

سنڌ جي عوام جو اِهو الميو رهيو آهي ته هميشه ڪنهن نه ڪنهن طرح اسين ڏاڍي جي لٽ هيٺان رهيا آهيون. اها لٽ ڪڏهن پراون جي ته ڪڏهن پنهنجن جي، تنهنڪري ذهني طور اسان اجا ان لٽ جي ڊپ کان ٻاهر نڪري ڪونه سگهيا آهيون. اهڙي ماحول مان نڪرڻ لاءِ قومن کي وقت ضرور لڳندو آهي پر اسين سنڌ جا ماروئڙا ٻين جي نسبت ڪجهه وڌيڪ ٽائيم پيا وٺون.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هر مسئلي جي شروعات سياست کان ٿيندي آهي ۽ انجو حل به سياست ذريعي ٿيندو آهي.

دوست انهيءَ ڳالهه سان اتفاق ڪندا ته گورنمينٽ ڪرڻ، انکي صحيح هلائڻ يا خراب هلائڻ سياستدانن جو ڪم آهي. سياستدانن جي سياست جو دارومدار عوام تي هوندو آهي. عوام جنهن کي چاهيندو، اهوئي حڪومت ناهيندو، پاليسون جوڙيندو ته جيئن عوام لاءِ سهولتون پيدا ٿين. عوام کي سهولت جي پيش نظر هو عوام کان اڳتي جي حڪومت ڪرڻ خاطر انهن کان ووٽ وٺڻ لاءِ اچن ٿا ۽ عوام جي مرضي آهي ته ٻيهر انهيءَ پارٽي کي ووٽ ڏئي يا ڪنهن ٻئي پارٽي کي. بهرحال ووٽ عوام جنهن کي به ڏيندو، اها لازمي طور ڪا سياسي پارٽي هوندي.

جيڪا به سياسي پارٽي عوام جي ووٽ تي چونڊجي اچي ٿي، اها حڪومت ناهي ٿي. هاڻي سياسي حڪومت جو ڪم آهي ته عوام جي ڀلائي خاطر پاليسيون ناهي ۽ انهيءَ پاليسي تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ آفيسر مقرر ڪري. آفيسر جيڪا به حڪومت وقت آهي ان جي طابع آهي. جيڪڏهن ڪو آفيسر صحيح ڪم نٿو ڪري ته ان آفيسر کي جڏهن چاهي اتان هٽائي ٻئي کي رکي. سياستدان جيڪو عوام جي ووٽ تي چونڊجي آيو آهي ۽ حڪومت جي واڳ به انکي آهي ۽ آفيسر کي صحيح طور نٿو هلائي، جنهن مان عوام کي فائدو پوي ته پوءِ اها نالائقي سياستدان جي آهي، جو پنهنجي ماتحت کان عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم نٿو وٺي سگهي. گاڏي هميشه ڊرائيور هلائيندو آهي. حڪومت ڊرائيور آهي پوءِ جاڏي هلي.

مان ڪنهن به آفيسر جي وڪالت ۾ نٿو لکان، ڇو ته هر طبقي ۾ هر قسم جا ماڻهو عام ۽ جام آهن. آفيسر ڪوئي ٻي خدائي مخلوق ناهن، اهي به توهان ۽ اسانجا مٽ، مائٽ، يار دوست ۽ سنڌڌرتي جا ڄاوا آهن. سنا ۽ منا هر جڳهه تي موجود هوندا آهن ۽ رهندا. جيئن چوندا آهن ته ”جر مان مڇي ختم ڪانه ٿيندي آهي.“

آفيسر ۽ ان جو ٻيو عملو سنڌ ۾ انجي بدلي، مقرري، جزا ۽ سزا جا اختيار گورنمينٽ وٽ هوندا

آهن. جيڪي نوان آفيسر ڀرتي ٿين ٿا، انجو اختيار بہ گورنمينٽ آف سنڌ کي آهي. جيڪا سياسي پارٽي حڪومت ٺاهي ٿي ان کي عوام ٿو چونڊي.

منهنجي ان بيان ڪرڻ جو مطلب اِهو آهي تہ جيڪڏهن سنڌ سرڪار جي نيت پنهنجي ووٽر ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ آهي تہ آفيسر کي مجال ناهي جو عوام سان سٺي طريقي سان نہ هلي، يا من مستي ڪري. جمهوريت جو مطلب ڇا آهي؟

عوام جي حڪومت ۽ عوام لاءِ حڪومت.

مان وڏي دعويٰ سان چوان ٿو آفيسر ڪيترو بہ خر دماغ هجي ڪڏهن بہ گورنمينٽ کان مٿي ڪونہ ٿي سگهي ٿو.

رهي ڳالهہ موجوده وقت ۾ چو آفيسر عوام سان سٺو نٿا هلن ان جي، اسان سڀني کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ گهڻي ڀاڱي آفيسر اهي آهن جيڪي سياستدانن، گادي نشين، پارٽي عهديدارن جا رشتيدار، اقربا پروري تحت ڀرتي ٿيل، ڀيا وري قائدي اعظم جي سفارش تي، اڳ هميشہ چاهي انگريز جو دور هيو يا ڪنهن ٻئي جو، تڏهن آفيسر ۽ گورنمينٽ ۾ هڪ ڀَوَ جو نظام هيو.

آفيسر جي ساليانِي رپورٽ اي سي آر ۾ هميشہ هڪ خانو هوندو هيو جنهن جو پروموشن تي اثر هوندو هيو. ان خاني کي هن وقت بي معنيٰ ڪري ڇڏيو آهي.

آفيسر جو عام رويو ڪرپٽ، رهڻ سهڻ جو طريقو وغيره وغيره جنهن جي ڪري آفيسر ڄاڻي واڻي ڪنهن جي چوڻ تي زيادتي يا بي انصافي ڪونہ ڪندو هيو. مان نٿو چوان تہ اهي سڀ فرشتا هيا، پر ايئن نااهل ۽ ڪرپٽ ڪونہ هوندا هيا، جيئن اڄ ڪلهہ اسين سڀ ڏسون پيا.

جتي ناني رڌڻ واري ۽ ڏوهتا کائڻ وارا هجن تہ پوءِ اسان سڀني کي ڪنهن تي الزام هڻڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونہ رسندو. جيڪڏهن فائدو پوندو تہ صرف عملي ڪم ڪرڻ سان پوندو. تنهنڪري جيستائين اسانجو عوام پنهنجي مدد پاڻ ڪونہ ڪندو، تيستائين ساڳيا لاتون ساڳيا چگهہ وارو حساب رهندو.

منهنجو دوستن کي هڪ نماڻو عرض آهي تہ جيڪڏهن اسانجي سنڌ حڪومت اڄ اهو فيصلو ڪري تہ ڪوئي آفيسر يا ڪوئي ماتحت جيڪڏهن عوام کي ستائيندو تہ انهيءَ جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. تہ ڇا اهي آفيسر عوام جي حق ۾ ڪم نہ ڪندا؟

سنڌ جو اصل مسئلو آهي تہ سنڌ جي سرڪار نہ قانون ۽ ايئن مطابق پاڻ عمل ڪري ٿي، نہ ٻئي کي عمل ڪرڻ ڏئي ٿي، تہ پوءِ اهي سنڌ جا آفيسر چاهي انهن جا ماتحت فرعون ٿي عوام لاءِ رهندا.

هڪ ڳالهہ الم نشرح آهي تہ عوام حڪومت ٺاهڻ لاءِ نمائنده پاڻ چونڊيندا آهن. اهي چونڊيل نمائنده آفيسر مقرر ۽ ڀرتي ڪندا آهن. طاقت جو اصل سرچشمو عوام آهي. چونڊيل نمائنده عوام وٽ جوابده آهن، اهڙيءَ طرح سرڪاري آفيسر وقت جي حڪومت وٽ جوابده آهي. هاڻي سرڪار جي مرضي تہ آفيسرن کي پنهنجي صحيح مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ٿا استعمال ڪن يا نہ.

ڪاٿي ناهي ڏوهہ ٻِن وڃيندڙ هٿ.

بحث ڪرڻ لاءِ هر هڪ وٽ مواد آهي تہ هيءُ خراب آهي يا هو خراب آهي. اصل مسئلو اسان

جي عوام ۾ سڄاڳي جو آهي، جيستائين عوام پنهنجي چونڊيل نمائندن کان سوال جواب نہ ڪندو، تيستائين اهيو رينگٽ ايئن پيو هلندو.

# شهدادڪوٽ ۾ حد دخليون

شهدادڪوٽ لاڙڪاڻي جي اهم شهرن مان هڪ شهر آهي. شهدادڪوٽ سنڌ ۽ بلوچستان جي اهڙي سنگم تي آهي، جتان بلوچستان جي قلات ڊويزنل هيڊڪوارٽر خضدار لاءِ سنڌ جو آر سي ڊي هاءِ وي کان علاوه رستو وڃي ٿو جيڪو گوادر پورٽ وڃي ملي ٿو. بلوچستان جي ٻن ضلعن جهل مگسي ۽ خضدار جي اناج جو گهڻو حصو شهدادڪوٽ جي اناج منڊي ڏانهن اچي ٿو. انهي ڪري شهدادڪوٽ هڪ اپرنڊڙ وڏي اناج جي منڊي آهي. گورنمنيٽ کي گهرجي ته شهدادڪوٽ جي اناج منڊين کي جديد سهولتن سان همڪنار ڪري، جيئن هتان جي ماڻهن ۾ روزگار ۽ خوشحالي اچي.

مان جڏهن شهدادڪوٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي چارج ورتي ويم ته ان وقت اِهو پئي محسوس ٿيو ته جڻ ته شهر جي اندران ڪو رستو ڪونه آهي. جو ته مونکي شهر جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پهچڻ ۾ ايترو وقت لڳو جيترو مونکي لاڙڪاڻي کان شهدادڪوٽ شهر پهچڻ تائين لڳو. پنج کان ست دفعا ته ايئن پئي محسوس ٿيو ته جاڻ گڏه گاڏو منهنجي گاڏي ۾ لڳندو ۽ زخمي نه ٿي پوان، الله الله ڪري وڃي ماڳ تي رسياسين.

ٻئي ڏينهن تي صرف پٽيوالو وٺي پنڌ شهر ڏانهن جائزو وٺڻ ويس، خبر پئي ته مختلف ماڻهن رستي تي حددخليون ڪيون آهن. شهر جو روڊ تمام وسيع آهي، پر رستي جي ٻنهي پاسن کان دڪاندارن هڪ ريڙهي وارو بيهاري ڇڏيو آهي. ان ريڙهي جي اڳيان وري ڳوڻ پٽاري وري ڪو ننڍو سامان وڪرو پيو ڪري. يعني دڪاندار پنهنجي دڪان جي اڳيان ڪرائي تي ريڙهي وارو بيهاريو، وري ريڙهي واري ڳوڻ وچرائي ٻئي ماڻهو کي ڪرائي تي ويهاريو. اهڙيءَ طرح رستي کي ٻنهي پاسي سوڙهو ڪري ڇڏيو هيو جو صرف هڪ گڏهه گاڏو آرام سان گذري سگهي. جيڪڏهن آمهون سامهون گڏهه گاڏا ايندا هيا ته انهن کي به ڪافي ڏکيائي ٿيندي هئي. باقي ڪار ۽ جيپ واري جو ڇا حال هوندو، يا خدانخواست ڪٿي باهه لڳي ته فائر برگيڊ ڪيئن گذري.

ٻيو ڏينهن ميل ملاقات ۾ ملڻ ۾ گذري ويو. الحمدلله شهدادڪوٽ جا تقريباً سڀ چڱا مڙس پنهنجي برادري ۽ پاڙن ۾ چڱو اثر رکندڙ هيا. شروع ۾ جيڪي مليا انهن مان ڪجهه نالا ياد آهن جيڪي هيٺ ڏيان ٿو. نور نبي جوڻيجو، علي حسن بندراڻي بروهي، مير ڪرم خان بروهي، مير مٺل مغيري، حاجي عاشق علي مغيري، خورشيد مگسي، محمد نواز مگسي، لياقت مگسي، محمد بخش کهاوڙ، علينواز کهاوڙ، احمد بخش کهاوڙ، محمود پٽي جو فرزند ممتاز پٽو ڊاڪٽر عبدالقادر شيخ،

شنڪر لال، ڪنيولال، اسلم شيخ، جبار شيخ، جان محمد ڪوسو مگھڻهار وڪيل، علي حسن چانڊيو، خداڏنو چانڊيو، امداد چانڊيو، احمد علي صابر چانڊيو ۽ ٻيا دوست.

انهيءَ ڪان پوءِ ميٽنگ ڪئي، ميونسپالٽي وارن ٻڌايو سائين اسان پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي پر ڪاميابي ڪونہ ٿي سگهي. چيف ميونسپل آفيسر منور سيال هيو ۽ جوڪيو ميونسپل آفيسر هيو. خورشيد مگسي چيئرمين ميونسپالٽي هيو. مون سيني کي هڪ هفتي جو ٽائيم ڏنو تہ پنهنجون حدخليون هٽايو. هفتي کان پوءِ پيچ ڊاهہ ٿيندي ۽ پنهنجي نقصان جا پاڻ ذميوار ٿيندا. جن جا رستي تي قبضہ ٿيل هيا، انهن چيو تہ سائين اسان کي لکت ۾ نوٽيس ڏيو. مون کين جواب ۾ چيو تہ ڇا جڏهن توهان قبضو ڪيو هيو تہ توهان ميونسپالٽي يا سرڪار کي لکت ۾ نوٽيس ڏنو هيو. جواب ۾ وراٺيائون تہ نہ، مون کين چيو توهان چوري وينا هيا، تنهنڪري چور کي نوٽيس ڪونہ ڏبو آهي پر پڪڙبو آهي.

هنن جي لکت ۾ نوٽيس وٺڻ جو مطلب هيو تہ هو وڃي ڪورٽ کان اسٽي آرڊر وٺي اچن ها. جيڪا ڳالهہ تنهن وقت سمجهي ويم. بهرحال هنن جي ڪنن تي جوءِ بہ ڪانہ رڙهي، چو تہ انهن ۾ ڪجهہ پريس جانمائنده بہ شامل هيا. ڇنڇر جي شام جو مون پاڻ جائزو ورتو، هر شئي پنهنجي جاءِ تي قائم هئي. رات جو سي ايم او سيال کي چيو تہ صبح جو سوير سج اڀرڻ کان اڳ ميونسپل جو سڄو اسٽاف ٽريڪٽر ٽرالي سميت منهنجي آفيس وٽ پهچي وڃ. مختيارڪار شبير شاه هيو تنهن کي بہ ساڳيو ٽائيم ۽ ايس ايچ او فورس سميت سج اڀرڻ ٽائيم تائين اچي ويا. مون هنن سيني کي چيو تہ بسم الله گرلس اسڪول کان شروع ڪيو. وچ ۾ ڪنهن جو بہ دوڪان يا ٻيو نهيل آڪاڙو ڇڏڻو ناهي، ويندي آخر تائين چاهي رات ٿي وڃي توڙ تائين رستو صاف ڪرڻو آهي.

ميونسپل جو اسٽاف، پوليس مختيارڪار جي حوالي ڪري گهر ڏانهن واپس ٿيس. ڊاهڻ واري ڪم ۾ لڳي ويا. پريس جا نمائنده آيا تہ سائين غريب ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتي آهي، توهان غير قانوني ڪم پيا ڪيو، نوٽيس بہ ڪونہ ڏنا آهن وغيره وغيره. پريس وارا ويا لاڙڪاڻي برگيڊيئر ڏي تہ اسان سان ايس ڊي ايم ناجائزي ٿو ڪري. جڏهن شروع وارا بہ ٿي دوڪان ڊاهي پٽ ڪيا تہ هر ڪنهن کي اها اميد هئي برگيڊيئر صاحب اسان جي لاءِ مدد ڪندو چو تہ پريس وارا هنن کي وڏا دلاسا ڏئي ويا هيا.

پريس جي نمائندن جي لاڙڪاڻي پهچڻ کان اڳ مون برگيڊيئر صاحب کي فون ڪيو تہ سائين شهدادڪوٽ ۾ رستي تي حدخليون ٿيل آهن، مان اڄ انهن جي خلاف ايڪشن پيو ڪٽان، ٿي سگهي ٿو تہ توهان ڏي روڪرائڻ لاءِ ڪجهہ ماڻهو اچن. چيائين فڪر نہ ڪر هيڏي آيا تہ انهن کي چنڊ پٽي موڪلي ڇڏيندس. آرمي وارن جي اها نفسيات آهي تہ جيڪو پهرئين پهتو اهو سچو، سو مون اڳ برگيڊيئر کي آگاه ڪري ڇڏيو. پريس وارا دوست وڃي برگيڊيئر وٽ پهتا، جيئن هنن احوال ڇيڙيو تيئن برگيڊيئر انهن تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو، هي اتا واپس موٽيا پوءِ سڀ دڪاندار پنهنجن ڇپرن کي پاڻ ڊاهڻ ۾ لڳي ويا. منهنجي ڏنل ٽائيم کان اڳ ۾ ڏينهن جو صفايو ٿي ويو ايترو جو آرام سان بہ ٽرڪون سامان سميت پيون گذرنديون هيون. انهيءَ کان پوءِ قبو سعيد خان روڊ جو وارو آيو.

# شهدادڪوٽ جي صفائي

شهدادڪوٽ جي مين شهر جو رستو صاف ٿي وڃڻ کان پوءِ مون پنهنجو رخ رکيو قبو سعيد روڊ کي حددخلين کان صاف ڪرڻ جو. قبو سعيد خان روڊ هڪ انتهائي اهم روڊ آهي، سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائڻ ۽ وٽج واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ. شهدادڪوٽ کان ٻه رستا نڪرن ٿا جيڪي بلوچستان ڏانهن اچ ۽ وڃ لاءِ استعمال ٿين ٿا. هڪ قبو سعيد کان جهل مگسي ۽ خضدار. ٻيو شهدادڪوٽ کان ڳڙهي خيرو اوستا محمد ڏيره الهيار خان . انهيءَ کان علاوه شهدادڪوٽ کان سجاول، ميرو خان لاڙڪاڻو. شهدادڪوٽ کان رتوديرو لاڙڪاڻو لاءِ.

قبو سعيد رتوديرو روڊ جي ٻنهي پاسي کان حددخليون ڪرڻ وارن جي الڳ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ چيئرمين، سي ايم او، مختيارڪار ۽ دوڪاندار ۽ ٻيا شامل ٿيا. مون سيني کي واضع طور چيو ته مونکي هي اهم روڊ حددخلين کان آجو ڪرڻو آهي. دوڪاندارن ۽ ٻين جن جا قبضہ ڪيل هيا، تن سيني هڪ آواز ٿي چيو ته اسين توهان سان هر طرح تعاون ڪنداسين ۽ توهان سرزمين تي هلو ۽ پاڻ اسان کي نشان ڏيو، اسين سڀ پاڻ هڪ هفتي ۾ ميدان صاف ڪنداسين. توهان کي ڪنهن ٻه قسم جي ڪاروائي ڪرڻ جي ضرورت ناهي. مون هنن سيني کي چيو ته توهان سيني کي خبر آهي ته توهان جي حد ملڪيت ڪيستائين آهي. تنهنڪري مان ڪونہ ٿو هلان، پر مان توهان تي اعتبار ٿو ڪريان ته توهان سرڪاري ايراضي کي ڇڏي پنهنجي حد تائين ويندا. ميٽنگ ختم ٿي سڀ روانا ٿي ويا.

هفتي کان پوءِ واعدي مطابق ان سرزمين تي مختيارڪار ۽ حد جو سپروائيزر تپيدار وياسين ته ماڻهو پنهنجي واعدي مطابق عمل ڪري چڪا هيا ۽ يقين ڄاڻو ته جيڪڏهن مان وڃان ها ۽ انهن کي نشان ڏيان ها ته انهي کان ٻه وڌيڪ ڏهہ کان ٻارهن فوٽ پوئتي ميدان خالي ڪري ڇڏين. جو جيڪڏهن وڏو شاهي رستو ناهجي ته ٻه ڪافي ايراضي بچي پوي ها. ڪافي دوست جڏهن پنهنجي شهر ٻاهر کان آيا ته انهن لاءِ هڪ اوپرو شهر پيو لڳي.

مون سي ايم او سيال صاحب کي گهرايو ۽ کيس کي چيم ته اسٽريٽ لائيٽ جو بندوبست ڪر. چيائين سائين حاظر پر سائين هڪڙي تڪليف آهي، جيڪڏهن انهي مان آزاد ڪرائيندا ته مان هڪ هفتي جي اندر اسٽريٽ لائيٽ جو انتظام ڪري ڇڏيندم. مون پڇيو ته مسئلو ڇاهي، ٻڌايائين ته ڪرنل صاحب ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. هفتي ٻئي هفتي ۾ گهٽ پنجاهہ سٺ هزار جو سامان

گهرائي ٿو. جيڪڏهن نٿا پهچايون ته گهرائي ۾ ٻاهر ويهاري ٿو ڇڏي. مون پڇيو ته ڇا هو توکي لکت ۾ ڪجهه ڏئي ٿو. چيائين ته پنهنجي لکت ۾ ڪجهه ڪونه ٿو ڏئي، پر ريسٽ هائوس جي ڪيئر ٽيڪر کان شيون لکرائي موڪلي پوءِ پنهنجا آرمي جا جوان موڪلي ٿو.

مون سيال صاحب کي چيو ته اڄ کان پوءِ توهان ڪا به شئي اوڏانهن ڪونه موڪليندين. جيڪڏهن ڪرنل توکي ڪجهه چئي ته توهان انکي ٻڌاءِ ته ايس ڊي ايم صاحب روڪي ڇڏيو آهي ۽ چيو اٿائين ته جيڪا به شئي ريسٽ هائوس لاءِ ويندي انجي اپروول پاڻ ايس ڊي ايم صاحب ڏيندو. هاڻي جيڪا به شئي توهان کي گهرجي ايس ڊي ايم جي معرفت موڪليو.

هفتي کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل باجوه جيڪو ان وقت پنجاب ريجمينٽ جو سي او هيو. تنهن جو فون آيو ۽ چيائين ته توهان مون سان مليا ناهيو مون ڪيس ٻڌايو ته اڄڪلهه سان مصروف ٿي وياسين ۽ مان ڪجهه عرصي ۾ اينڊس ۽ ملاقات ڪنداسين ۽ ڪچهري به ٿيندي پر منهنجو اصول آهي ته اڳ ۾ مان پنهنجي پوري ايريا کان واقف ٿيان، پوءِ ٻيا ڪم. باقي جيڪڏهن ڪو اهڙو تڪڙو ڪم هجي ته ٻڌايو. چيائين ته سي ايم او کي ڪجهه هدايت ڪندا ته ريسٽ هائوس لاءِ ضرور شيون آهن، اهي موڪلي ڏئي. مون ڪرنل صاحب کي چيو ته سائين ڪوئي مسئلو ناهي، توهان کي جيڪا شئي کپي توهان پاڻ لکي مون ڏانهن موڪليو. مان اڄ توهان ڏانهن ٿو روانو ڪيان. مون انکي انهي ڪري ايئن چيو جو مونکي خبر هئي ته آرمي وارا اهڙي قسم جي لاءِ لکت ۾ ڪڏهن به ڪونه موڪليندا. تنهن ڪري مون ان سان اها ٽرڪ ڪيڏي.

ڪلاڪ ٻن کان پوءِ هڪ فوجي ليٽر کڻي آيو. مون کولي ڏٺو ته اهيو خط ريسٽ هائوس جي ڪيئر ٽيڪر جي دستخط سان هيو. جنهن ۾ جنريٽر جي لاءِ ڊيزل، بلب، وائرنگ ۽ ٻيو باٿ روم جو سامان وغيره لکيل هيو. فوجي کان پڇيو ته هنن شين جي ريسٽ هائوس لاءِ ته ڪا ضرورت ناهي، توهان ان سامان کي ڇا ڪندا؟ چيائين ته سائين اسانکي سيڪيورٽي لاءِ جنريٽر ۽ بلب وائرنگ جي ضرورت آهي. مون پڇيس ته سيڪيورٽي ريسٽ هائوس جي يا ڪنهن ٻئي جي چيائين ته اسان جي يونٽ جي آهي، ڀرارڙي ۾ جهنگ آهي، تنهنڪري انهن شين جي ضرورت آهي.

فوجي کي چيم ته ڪوئي مسئلو ناهي، بلڪل اهي سڀ شيون توهان کي ملنديون ڇو ته توهان اسان جي مدد ۾ آهيو. صرف تون وڃ ۽ يونٽ جي طرفان ايڊجوٽنٽ کان يا ٿو آءِ سي کان دستخط ۽ يونٽ جي مهر سان ليٽر کڻي اچ. باقي هي ليٽر ڪنهن به ڪم جو ناهي، ڇو ته ريسٽ هائوس ايريگيشن ڊپارٽمينٽ جو آهي ۽ اهي اهڙي ڪم لاءِ پئسه بجيٽ رکندا ناهن. باقي مان توهانجي ڪري جيڪڏهن چوندا ته مان ايريگيشن کاتي کي لکان ٿو پوءِ جيئن پئسه ايندا مان توهان کي اهي سڀ شيون مهيا ڪري ڏيندس.

فوجي اهو ليٽر کڻي واپس ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڪرنل صاحب منهنجي آفيس آيو ۽ مان اڃان گهر ۾ هيس. جوڻيجو پٽيوالو ڊوڙندو آيو ۽ چيائين ته سائين ڪرنل صاحب آيو آهي ۽ آفيس ۾ اچي وينو آهي. مان گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڏٺم ته آرمي جا جوان آفيس جي مين گيٽ ۽ چوڌاري پوزيشن سنڀالي بيٺا آهن. گهر ۽ آفيس هڪ ئي جڳهه تي هيا ۽ بائونڊري وال به هڪ هئي.

جليل بروهي سينيئر ڪلارڪ هيو، ان کي گهرائي چيو ته وڃ ۽ ڪرنل صاحب کي چئو ته جيڪي فوجي آفيس جي ٻاهران ٻيهاريا اٿائين، انهن کي واپس گهرائي گاڏي ۾ ويهار ۽ جيڪڏهن هتي ڪجهه به ٿيو ته اها منهنجي ذميواري آهي. اِهو ٻڌائيس ته ايس ڊي ايم صاحب ٽيستائين آفيس ڪونه ايندو جيستائين تون پنهنجا جوان واپس گاڏي ۾ نه ويهاريندين. ايتري ۾ جبار شيخ وڪيل آيو، جنهن اِهو ٻڌو پئي، چيائين ته سائين توهان آرمي وارن سان ڇو ٽا ٽڪر ڪائو؟ ايئن ڪرڻ سان نقصان ۾ ويندئو. مون جبار کي چيو ته تون فڪر نه ڪر، تون ويهي ڏس ڇا ٿو ٿئي. جليل بروهي سينيئر ڪلارڪ ويو ۽ ڪرنل صاحب کي منهنجو پيغام ڏنو ۽ ڪرنل انهي وقت سڀ پنهنجا جوان واپس گهرائي گاڏي ۾ ويهاريا ۽ انهي کان پوءِ مان آفيس آيم ۽ ڪرنل صاحب کي چانهه وغيره صلاح ڪيم، چانهه پيئائين تقريباً اڌ ڪلاڪ ويٺو ۽ سٺي دوستاڻي ماحول ۾ گفتگو ٿي. هن وري ساڳي ڳالهه ڪئي ۽ مون به هن کي پنهنجو موقف بيان ڪيو. مونکي اها خبر هئي هي ڪنهن به حالت ۾ لکت ۾ ڪونه ڏيندا، تنهنڪري مان به بال هنن جي ڪورٽ ۾ اڇلي ڇڏيو.

ڪرنل صاحب کي سمجهايو ته ايئن ڪرڻ سان فوج جي بدنامي ٿيندي ۽ توهانجو ڇا خيال آهي ته هي جيڪي شيون توهان کي ڏين ٿا، سولين کي خبر ڪونه پوندي هوندي. آرميءَ کي هر موومينٽ تي سڀ خرچ ملي ٿو، انهي کان علاوه توهان کي آءِ ايس ڊيوٽي الائونس ملي ٿو جيڪو سنڌ حڪومت ادا ڪري ٿي ۽ انهي لاءِ دستخط به اسان کي ڪرڻي هوندي آهي. توهان کي ۽ اسان کي به خبر آهي ته مارشلا آهي، پر آرمي هتي سول حڪومت جي ايڊ ۾ آيل آهي. سول حڪومت جو مطلب ته مان هتي اسسٽنٽ ڪمشنر سول جو نمائندو آهيان ۽ توهان منهنجي مدد لاءِ هتي آهيو. ڪرنل صاحب خاموش ٿي ويو، هن کي ٻيو ڪو جواب ڪونه هيو. تنهن ڪري چيائين ته مان توهان سان ملڻ آيم ڏاڍي خوشي ٿي، جڏهن توهانجو اچڻ ٿئي ته صرف اڌ منو ڪلاڪ اڳم ٻڌائجائين. بهرحال سٺي ماحول ۾ ملاقات ختم ٿي ۽ ٻيهر اهڙي قسم جو خط نه سي ايم او ميونسپلٽي ڏانهن آيو، نڪي مون ڏانهن آيو. باقي تعلقات بهتر رهيا .حددخليون ته خير سان ختم ٿي ويون.

# شهدادڪوٽ ۾ لائبرري جو قيام

جڏهن حددخليون ختم ٿي ويون تہ پوءِ اصل مسئلو شروع ٿيندو آهي تہ ڪيئن سرڪاري ايراضي کي ايندڙ وقت لاءِ استعمال ڪجي تہ جيئن عوام کي ان مان فائدو پوي. سردار محمد بخش کهاوڙ سان مون انهيءَ سلسلي ۾ گفتگو ڪئي. کهاوڙ صاحب هڪ خوبصورت تجويز ڏني تہ قبو سعيد خان روڊ تي جيڪڏهن ٿي سگهي تہ پبلڪ لائبرري تعمير ڪرائجي . کهاوڙ صاحب جي تجويز مونکي معقول لڳي ۽ کيس چيو تہ انهيءَ سلسلي ۾ توهان ڇا مدد ڪندا. کهاوڙ صاحب پنهنجي طرفان چڱو امائونٽ ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي. مونکي هن وقت اهو امائونٽ ياد نٿو اچي، بهرحال ايترو پئسہ ڏين پيا جنهن سان آرام سان ڪم جي شروعات ٿي پئي سگهي. کهاوڙ جي پيشڪش جو ذڪر وچي مرحوم محمد هاشم ميمڻ ڊي سي لاڙڪاڻو سان ڪيم. ڊي سي صاحب چيو تہ بلڊنگ جي انجنيئر کان تخمينو لڳراءِ تہ ڪيترو خرچ ايندو پوءِ انهي ڳالهہ کي پڄجي پونداسين. مون وچي ايس ڊي او کونهارو صاحب کي چيو تہ هتي لائبريري ٺاهڻي آهي، انجو تخمينو ۽ ڊرائنگ ڪڍي ڏي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڊرائنگ سميت تخمينو ڏنائين. اهي سڀ ڪاغذ کڻي ڊي سي صاحب سان مليم. راشدي پي اي هيو. ان کي گهرائي بجيٽ متعلق پڇيو. راشدي صاحب جيڪي بجيٽ جا هيڊ هيا انهن سڀني جو وچور پيش ڪيو.

ڊي سي صاحب چيو تہ وچ ۾ تياري ڪر. ٻن ڏينهن کان پوءِ مان پاڻ اتي ايندس. مان واپس وچي انجنيئر بلڊنگ کي ڊي سي صاحب جي اچڻ متعلق ٻڌايو. ٻئي ڏينهن بلڊنگس جو انجنيئر آيو ۽ سرزمين تي پهچي چوني سان لي آئوٽ پلان ڏنو جنهن ۾ ڪتابن رکڻ، ريڊنگ روم، آفيس ۽ ان سان لاڳاپيل جيڪي بہ ضروري شيون هيون. زمين تي چوني جي مدد سان تيار ڪري رکيو. جڏهن ڊي سي صاحب آيو تہ سر زمين تي وٺي ويم. کهاوڙ صاحب ۽ ٻيا بہ چڱا مرد اچي گڏ ٿيا. ڊي سي صاحب پلان ڏسي خوش ٿيو ۽ چيو تہ ڪم شروع ڪيو. باقي جيترو ڪم ٿيندو ويندو ماپ جي حساب سان پيمينٽ ٿيندي ويندي .

الله جي مهرباني سان شهدادڪوٽ جي عوام لاءِ هڪ زبردست لائبريري نهڻ جو ڪم شروع ٿي ويو ۽ تقريباً ڏهہ يارهن مهينن ۾ لائبريري جي بلڊنگ تيار ٿي وئي. لائبريري جي اڏاوت تقريباً مڪمل ٿيڻ واري هئي تہ منهنجو پروموشن ٿي ويو ۽ مان آخري اسٽيج تي ڪم پهچائي چارج ڏئي ڪراچي اچي رپورٽ ڪيو.

# جنرل ضياءَ جو ريفرنڊم ۽ ٻاهرين ووٽن جي داخلا

لائبريري جو ڪم شروع ٿيو ته ٿوري عرصي کان پوءِ 19 ڊسمبر 1984ع تي جنرل ضياءَ جي ريفرنڊم جي ڪم جون تياريون شروع ٿي ويون. اسان کان رپورٽون ورتيون ويون ته جنرل ضياءَ جي ريفرنڊم لاءِ ماڻهو ووٽ ڏيندا يا نه؟ مان پنهنجي علائقي جي لاءِ چيو ته منهنجي علائقي يعني تعلقه شهدادڪوٽ ۾ ميروخان مان ووٽ جي ڪابه اميد نه سمجهي وڃي. بهرحال ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حڪم آيو ته جيڪو ماڻهو اتان جو رهاڪو ناهي، پر اتي ڪنهن ڪم سانگي يا ڊيوٽي تي هوندو ته اهو پنهنجو ووٽ ان علائقي ۾ داخل ڪرائي سگهندو ۽ پنهنجو ووٽ اتي ڏيڻ جو اهل هوندو.

اليڪشن ڪميشن جي ان اعلان کان پوءِ ٿورن ڏينهن کان پوءِ پنجاب ريجمينٽ جي ست اٺ سؤ جوانن ۽ آفيسرن جي لسٽ ملي ته انهن جا ووٽ داخل ڪيا وڃن. اسان اهي ووٽ داخل ڪيا، ڇو ته مرڪزي حڪومت اهڙي قسم جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو. تنهنڪري اسسٽنٽ ڪمشنر بحثيت رجسٽريشن آفيسر فار اليڪشن ڪميشن اسين انجا پابند هياسين ته ووٽ داخل ڪيون.

سرڪاري ملازمن کي چيو ويو ته پنهنجو ووٽ ڏين جتي به هجن.

هڪ دفعي سي ايم او ميونسپالٽي ٻڌايو ته هن پنهنجي ڀنگين جي اسٽاف کي گهرائي پڇيو ته ڇا توهان جنرل ضياءَ کي ووٽ ڏيندا. انهن سيني چيو ته صاحب اسين غريب آهيون پر اسان مان ڪنهن طرح اها ووٽ جي اميد نه رکجو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ سي ايم او ٻڌايو ته لوڪل گورنمينٽ جي طرفان ميونسپالٽي جي ملازمن کي حڪم مليو آهي ته ريفرنڊم ۾ ووٽ ڏين. سي ايم او جي مطابق اسان ڀنگين ۾ ٻين سيني کي گهرائي چيو ته جنرل ضياءَ کي ووٽ ڏيڻو آهي. ڀنگي جيڪي آيا، انهن سيني انڪار ڪيو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي جو اسين ووٽ ڏيون ضياءَ کي. سينيٽري اسٽاف جي انچارج کي چيم ته هنن کي راضي ڪر جو مٿان جو حڪم آهي. ڀنگين جي انچارج سيني ڀنگين کي چيو ته صاحبن مٿان زور آهي ته ووٽ ڏيون. سي ايم او ٻڌايو ته ڀنگين جي اسٽاف مان هڪ جهوني پنهنجي اسٽاف کي چيو ته جنرل ضياءَ کي اڇليو کڏ ۾، صاحبن جي عزت جو خيال ڪيو.

ريفرنڊم لاءِ پولنگ اسٽيشن ۽ پولنگ اسٽاف جو حسب معمول بندوبست ڪيوسين. پولنگ اسٽاف جي ٽريننگ وغيره ٿي وئي. ٽريننگ کان پوءِ ڪرنل صاحب چيو مان پولنگ اسٽاف سان ملندم ۽ ڪجهه چوندس. شهدادڪوٽ ۾ ايترو وڏو هال ڪونه هيو. تنهنڪري هڪ سئنما ۾ سڀ پولنگ اسٽاف کي گڏ ڪيوسين. انهي گڏجاڻي ۾ ڪرنل صاحب صرف انهن کي اهيو چيو ته پولنگ جي ڏينهن اسان توهانجي سيڪيورٽي لاءِ سڀ اپاءَ ورتا آهن تنهنڪري توهان کي ڪنهن کان خوف

ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي. جيڪڏهن ڪوئي شخص ڪنهن بہ قسم جي بدتميزي يا توهانجي ڊيوٽي ۾ اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري تہ هڪدم انجو اطلاع اسان کي اتي ڊيوٽي تي آيل اسٽاف ميمبر کي ڏيندا.

مون اتي آيل پولنگ اسٽاف کي صرف ايترو چيو تہ توهان کي ڪنهن جي طرف ناهي ڏسڻو. توهان کي صرف مٿي ڏسڻو آهي ۽ انهي سان گڏوگڏ زمين ۾ ست فوٽ هيٺ وڃڻ جو ڌيان رکڻو آهي. توهان اهو ڪجو جتي توهان جو ضمير مطمئن ٿئي. انهي کان پوءِ ٻئي ڏينهن اسٽاف پولنگ اسٽيشن ڏانهن روانو ٿي ويو. گهربل رقم اسان تائين پهچائي وئي ۽ اها سموري پولنگ اسٽاف کي حسب دستور ڏئي ۽ انجو مڪمل حساب ڪتاب خرچ سميت پورو ڏئي، حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

عام اليڪشن ۽ ريفرنڊم ۾ فرق صرف اهو هيو تہ اسان کي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪڙڪ نوان سؤ سؤ جا نوٽ بغير ڪنهن انتظار جي مليا ۽ جنهن جيترا پئسہ گهريا، انهن فيلڊ آفيسرن کي پهچائي ڏنا ويا. ٽرانسپورٽ جن کان ورتي وئي هئي انهن کي بہ رقم جي ادائگي بغير ڪنهن انتظار جي ڪئي وئي.

بهرحال منهنجي سب ڊويزن شهدادڪوٽ مان آرمي، ينگين يعني غير مسلم آبادي جنرل ضياءَ کي اسلام جي خدمت لاءِ ووٽ ڏئي ريفرنڊم ۾ ڪامياب ڪرايو.

# شهدادڪوٽ جي معتبر ۽ معزز شهرين سان گڏجاڻيون

1984ع اگسٽ ۾ جيئن مون چارج ورتي، تيئن مون پوري علائقي کي گهمي نظر مان ڪڍيو. پنهنجي ماتحت اسٽاف سان ۽ علائقي جي نيڪ مردن جي ميل ملاقات مان ايريا جي حالتن کي جاچڻ جي ڪوشش ڪيم. مون ڏٺو ته جڏهن نيڪ مرد گڏ ايندا هيا ته هڪٻئي جي ڳالهه جي تائيد ڪندا هيا، پر جڏهن اڪيلائي ۾ ملندا هيا ته چوندا هيا ته سائين اسان بس زمان حال وانگر دوستي ۾ ها ڪئي پر مان ان ڳالهه جي خلاف آهيان.

مون ڏٺو ته ڪوئي نه ڪوئي ڪنهن سان دل ۾ نفرت ڪري پيو. پرجڏهن سامهون هڪٻئي جي هوندا هيا ته ٻين جي سامهون ٻٽ هوندا هيا. مون ان تي ڪافي سوچيو ۽ رکي رکي ڪنهن نه ڪنهن نموني سان ان مسئلي کي حل ڪرڻ جون تجويزون ٺاهيندو ۽ ڊاهيندو رهيس. گهڻائي پلان تيار ڪيم پر جڏهن عمل ڪرڻ جو موقعو ٺئي پيو ته مان ان تي صحيح طرح سان عمل نه پيو ڪري سگهان.

گهڻي سوچ ۽ ويچار ڪان پوءِ هڪ ترڪيب ذهن ۾ آئي ۽ اها ڪامياب وئي. سڀ ڪان پهريان مون شهدادڪوٽ جي ڪلب ۾ نئين سر جان وڌي. شهدادڪوٽ ۾ ميرو خان تعلقي جا جيڪي به پنهنجي قوم ۽ قبيلي جا چڱا مرد هيا، انهن کي گهرايو جيڪي تقريباً ويهارو کن هيا. انهن سيني کي ڪلب ۾ چانهه تي گڏجڻ جي تجويز رکي ته سائين جيئن ته توهان سڀ نيڪ مرد ۽ پنهنجي علائقي ۾ اثر رسوخ به رکو ٿا، منهنجو خيال آهي ته گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ به دفعا اسين سڀ گڏجي ويهون ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي جي مسئلن تي ويهي ڳالهايون ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششون وٺون. منهنجي تجويز آهي توهان مان هر هڪ واري واري سان پندرهين ڏينهن هن ڪلب ۾ لنچ گڏجي ڪرڻ جو انتظام ڪري ۽ جيڪو پاڻ ايندڙ لنچ جي هام پري اهو سيني تي چٽي چڙي ته سائين ايندڙ لنچ جي ماني منهنجي طرفان هوندي، اها تجويز سيني قبول ڪئي.

ايئن ڪرڻ سان گهڻا قوميتن جا مسئلا خير خوبي سان حل ٿيڻ شروع ٿي ويا. عمومن هر لنچ تي به ٽي سنگين ذاتين جا پاڻ ۾ ڇڪتاڻ وارا مسئلا حل ٿي ويندا هيا. اڳ انهن کي پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ جو موقعو ڪونه ملندو هيو. تنهن ڪري اهي ننڍا ننڍا مسئلا خراب حد تائين پهچي ويندا هيا. ٻيو ته هر هڪ وٽ انا جو وڏو مسئلو هوندو هيو. ان انا واري مسئلي کي مون لنچ جي بهاني گڏ ويهاري

راجوٽي حساب سان حل ڪرايو. لنچ جي بهاني هڪٻئي سان هٽ نہ ملائڻ وارا گڏ ويهندا هيا ۽ آهستي آهستي انهن جا پاڻ ۾ تعلقات بهتر ٿيندا وياءِ ان جو ڪافي مثبت انداز ۾ سب ڊويزن ۾ اثر ٿيو.

1985ع ۾ غير جماعتي بنيادن تي جنرل اليڪشن جو اعلان ٿيو. ضلعي لاڙڪاڻو جيئن تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جو آبائي علائقو هيو، تنهن ڪري سمورو ضلعو پ پ جي اثر هيٺ هيو. پ پ جي بائيڪاٽ ڪرڻ سبب پاور جا نوان ٿنڀا نهيا، جن جو اڄ تائين اثر رسوخ هلي پيو.

1985ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ سياسي طور سگهاريون شخصتيون هيءُ هيون. محمد بخش کهاوڙ نور نبي جوٽيجو مير مٺل مغيري، علي حسن بروهي، غلام حيدر جروار. اهي سڀ پ پ سان لاڳاپيل هيا، جنهن ڪري انهن مان ڪير بہ پارٽيءَ جي حڪم مطابق اليڪشن ۾ اميدوار طور ڪونہ بيٺو. جنهن جي ڪري اليڪشن قوميت جي بنياد ۽ ذاتي اثر جي تحت ٿي . شهدادڪوٽ ميرو خان رتوديرو واري ايم اين اي واري سيٽ تي نادر مگسي آزاد ميمبر جي حيثيت ۾ ڪٽيو ۽ ايم پي اي جي سيٽ خداڏنو چانديو ڪٽي. لاڙڪاڻي مان ايم اين اي جي سيٽ تي پاشا کهڙو ڪامياب ٿيو. پاشا کهڙو ۽ نادر مگسي پاڻ ۾ رشتيدار بہ ٿين . نادر مگسي جي ماءُ پاشا کهڙو جي گهر واري پاڻ ۾ سڳيون ڀينر هيون ۽ ٻنهي جو تعلق پنجاب سان هيو.

الحمدلله اليڪشن بلڪل خير خوبي سان ٿي گذري، ڪنهن بہ قسم جي ڪنهن بہ پولنگ اسٽيشن تي اهڙي صورتحال پيدا ڪانہ ٿي. منهنجو لنچ تي ويهي انهن سان ايريا متعلق ڊسڪس ڪرڻ جو اهو فائدو مليو جو جيڪڏهن ڪنهن ڪنهن ڪي ووٽ ڪين ڏنا تڏهن بہ انهن جو پاڻ ۾ ياڻپي وارو رشتو قائم رهيو. هڪٻئي جي لاءِ سهولت پيدا ڪئي، جيڪا اڳ انهن وٽ اڻ ٿيڻي ڳالھ سمجهي ويندي هئي.

## محرم جو مهينو ۽ ملان ۽ مواليءَ جو تڪرار

اسين مسلمان اسلام جي نالي تي جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهيون، پر اسلام تي عمل کان ڪوهين پري ڀڄي جان ڇڏائيندا آهيون. اهڙي طرح ملان ۽ مواليءَ جو تڪرار بہ ازل کان هلي پيو. محرم جو مهينو هڪ احترام ۽ ياد امام اعلي مقام جي شهادت جو مهينو آهي . اسان هر نيڪ عمل ڪرڻ کان پري هوندا آهيون باقي نعري جي پنيان هلڻ ۾ ڪوئي عار محسوس ڪونہ ڪندا آهيون. اتفاق سان هڪ مقام ۽ مسجد هڪٻئي جي پرسان سال جا پنجاھ هفتا ڪير ڪنڊ، باقي بہ هفتہ انتظاميہ لاءِ وڏو امتحان هوندو هيو. موالي سمهڻ جي وقت ڪنهن ذاڪر جي مجلس جي ٽيپ هلائي پاڻ سوتو هٽي ڊيري تي پوندو هيو باقي لائوڊ اسپيڪر جو منهن مدرسي ڏي ڪري وڏو آواز ڏئي ڇڏيندو هيو. تنهنڪري ٻنهي جي پاڻ ۾ ڇڪريون هلنديون هيون. خاص ڪري جڏهن ماتمي جلوس نڪرندو هيو تہ جلوس ڪيڻ جو وقت اهو هوندو هيو جنهن وقت ظهر نماز پڙهبي هئي. جلوس ۾ ڪجھ اهڙا بہ هوندا هيا، جو ڪڏهن ڪڏهن هو رت جا ڇنڊا مسجد جي ديوار ڏانهن اڇليندا هيا. ان کان علاوه جلوس بلڪل مسجد جي مين دروازي وٽ اچي بيهي رهي اڳتي هلڻ لاءِ جيئن ڇٽبو هيو تيئن اتي زور سان ماتم ڪرڻ شروع ڪندا هيا. هوڏانهن ملان بہ غصي ۾ اچي ويندا هيا جنهن ڪري

ڏاڍي ڏکيائي درپيش ٿيندي هئي. جيئن تہ منهنجي لاءِ اهو پهريون موقعو هيو. تنهن لاءِ مون ڪوشش ڪئي تہ تائيم ۾ ٿوري ردوبدل ڪجي پر مجڻ لاءِ تيار ڪونہ هيا. مون ان جو حل هيءُ ڪڍيو جو مولوي صاحب کي فون تي چيم تہ اڄ منجهند جي دال ماني مان توهانجي مدرسي ۾ ڪائيندس ۽ ڪجهہ مسئلي جي حل لاءِ ڊسڪس ڪنداسين. مولانا صاحب مڃيو ۽ مختيارڪار کي چيم تہ تون هاڻي ڪيئن بہ ڪري نماز جي تائيم کان اڳ جلوس کي اتان گذاري وڃ. تائيم کي مدنظر رکندي مان مدرسي ڏانهن ويس ۽ هجت واري نموني سان مولوي صاحب کي چيم تہ اڄ لنگر جي ماني ڪاراء پوليس کي مين گيٽ تي بيهاري مان مولوي صاحب سان مدرسي جي تعليمي نصاب کان ويندي ڪجهہ فقهہ جي مسئلن تي ڊسڪس ڪرڻ شروع ڪيو هوڏانهن مختيارڪار ۽ پوليس پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ پر امن جلوس اتان گذري ويو. مونکي خبر پئي هئي تہ قمبر کان ڪجهہ ماڻهو آيل آهن. جيڪي مدرسي ۾ ويٺل هيا تہ جيڪڏهن ڪا گڙ ٻڙ ٿئي تہ انجو پرپور جواب ڏين. پر اسان جي ان عمل جي ڪري ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون ۽ خير سان جلوس نڪري ويو.

# محرم جي مهيني ۾ انتظامي مسئلا

محرم الحرام جو مهينو مبارڪ انتظاميہ جي لاءِ ڏکيو وقت هوندو آهي. ڪوبہ يا وقت کان اڳ يا وقت کان پوءِ اهڙو ڪوئي قدم کڻجي ويو تہ انجا تمام دور رس نتيجا ظاهر ٿيندا آهن. تنهنڪري جيڪو بہ انهن ڏينهن ۾ انتظامي لحاظ سان فيصلو ڪجي تہ انهي لاءِ مڪمل مسئلي جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. شهدادڪوٽ هجي يا پاڪستان جو ڪوئي بہ حصو اسان مسلمان هميشہ پنهنجي مفاد خاطر دين اسلام جو نالو استعمال ڪندا آهيون. جنهن جي ڪري دين اسلام جي ساک باقي عالم جي آڏو متاثر ٿئي ٿي. جيڪو انتهائي افسوسناڪ آهي.

1984ع ۾ محرم الحرام جي 8 اٺ تاريخ جي رات جو شهدادڪوٽ ۾ قبو سعيد خان روڊ تي ٽيليڪميونيڪيشن جي بلڊنگ ۽ مختيارڪار آفيس جي وچ ۾ تقريباً هڪ ايڪڙ سرڪاري زمين تي هڪ وڏو جهنڊو ۽ اٺ ڏهہ موالي ٽينٽ هڻي اچي ويهي رهيا. صبح سوير مونکي خبر پئي تہ ڪنهن سرڪاري زمين تي جهنڊو هڻي قبضو ڪيو ويو آهي. مختيارڪار شبير شاھ جيڪو پاڻ بہ اهل تشيع سان لاڳاپيل هيو انکي گهرائي چيم تہ وڃ ۽ اهو مسئلو حل ڪري اچ. مختيارڪار صاحب ويو تنهن کي چيائون تہ سائين زمين تہ برابر سرڪار جي آهي پر اسان کي امام حسين عليہ السلام خواب ۾ آيو ۽ حڪم ڪري ويو تہ بابا هن جاءِ تي علم پاڪ هڻو آهي. مختيارڪار واپس آيو ۽ مونکي اهو اچي سڀ بيان ڪيائين. مون مختيارڪار کي چيو تہ ان کي هيڏانهن وٺي اچ. مختيارڪار صاحب ويو ان کي گاڏي ۾ چاڙهي وٺي آيو. مون انکان پڇيو تہ مسئلو ڇاهي؟ ٻڌايائين سائين مان ستو پيو هيم تہ خواب ۾ پاڻ امام حسين ع حڪم ڪيو تہ ٻچڙا اٺ ۽ هتي اچي جهنڊو هڻ. مون ان شخص کان پڇيو تہ تائيم ڪهڙو هيو؟ ڪهڙا ڪپڙا پاتل هيس؟ ڪپڙن جو رنگ ڪهڙو هيو وغيره وغيره. چيائين سائين سرڪار گهوڙي تي هيا، ڪارا ڪپڙا پاتل هيس تائيم رات جا ساڍا ٽي بجہ ٿيا هيا. مون چيو تہ تون بلڪل پار پتا صحيح ڏنا آهن، ڇو تہ رات جو ٽيئين وڳي اسر مهل مون وٽ بہ سرڪار جي آمد ٿي . موالي ڏاڍو خوش ٿيو. وڌيڪ مون کيس چيو مون کي بہ هڪ حڪم ڏئي ويا آهن. موالي چيو تہ ڇا چئي ويا آهن؟ مون ٻڌايو مون کي حڪم ڪري ويا آهن تہ اهو موالي جيڪو جهنڊو هڻي وينو آهي، تنهن کي مٽي ۾ ڏوڙ وجهي ۽ جهنڊو هينئر جو هينئر پٽ. مون موالي کان پڇيو تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ چيائين تہ سائين مان سرڪار جو حڪم مڃيو.

مختيارڪار چيس تہ مون کي سڃاڻين ٿو؟ چيائين جي بابا تون تہ بابا اهلبيت جو ٻچڙو آهين. شاھ صاحب چيس هاڻي هل واپس. شاھ صاحب واپس ويو ۽ انهن وينل موالين کي چيائين تہ اٿو ۽

جهنڊو پٽيو. موالين چيس ته بابلا ايئن ڪيئن ٿيندو؟ مختيارڪار صاحب چين ته جهنڊو اهلبيت جي ڪري هنيو اٿو ۽ مان پاڻ اهلبيت جي اولاد آهيان، مان ٿو جهنڊي کي پٽيان ۽ توهان اٿو اهلبيت جي مدد ڪيو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ شاه صاحب آيو ۽ اهو قبضو به ختم ٿي ويو ۽ الحمدلله مسئلو به اڳتي ڪونه ٿيو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ مختيارڪار شاهه صاحب مرڪندو آيو. مون پڇيو ته شاهه صاحب خيريت ته آهي؟ اڄ خوش پيا نظر اچو. چيائين ته سائين توهان کي ياد آهي قبضي ڪرڻ خاطر پلاٽ تي رات جي پيٽ ۾ جهنڊو هٽي وينا هيا. مون چيو ها پر ڇا ٿيو؟ چيائين اهو موالي ڪالهه مون ڏانهن آيو ۽ شڪايت ڪيائين سائين مون سان زيادتي ٿي آهي. مون پڇيس ته تو سان ڪنهن زيادتي ڪئي آهي؟ پوءِ موالي وينو حال اورڻ ته سائين مون سان جنهن واعدو ڪيو هيو اهو هينئر پئسه نٿو ڏئي، الٽو جيڪي چار پئسه ڏنا هيائين اهي به واپس ٿو گهري. چيائين ته موالي کي چيم ڳالهه ته پوري ڪر ڇاجا پئسه؟ موالي چيو سائين اهو جيڪو اسان جهنڊو هٽي وينا هياسين، اهو اسان ڪنهن ماڻهو جي چوڻ تي جهنڊو هنيو هيو ۽ ان وقت ڪجهه پئسه به ڏناهيائين جيڪي اسان ته نشي پتي ۾ کپائي ڇڏيا. هاڻي اسان کي بيا پئيسه نٿو ڏئي، الٽو چوي ٿو ته اهي پئسه به واپس ڪريو. توهان اسان سان ظلم ڪيو جو جهنڊو پٽرايو. هاڻي پئسه توهان ڏيو نه ته اسان موالي اچي تنهنجي آفيس جي آڏو اچي ويهنداسين. شاهه صاحب چيو ته پنجاهه روپيه ڏئي انهن مان جان ڇڏائي هاڻي سڏو توهان ڏانهن پيو اچان .

شاهه صاحب چيو ته مون کين چيو ته ايس ڊي ايم صاحب ڏانهن هلو ته مان ڪجهه توهان کي وٺرائي ڏيان . موالين چيو ته ايس ڊي ايم ڪٽڙو آهي، ڪجهه ڪونه ڏيندو تنهنڪري تون ڏي ورنه اسين تنهنجي دروازي تي ويهي رهنداسين. مون شاهه صاحب کان پڇيو ته ڇا اهو موالي ان بيان تي قائم رهندو؟ چيائين سائين موالي جي ڳالهه رات گئي ته بات گئي ڪو ڀروسو ناهي.

# جمعو فقير

منهنجو پروموشن ٿيو ته ڊاڪٽر عبدالقادر شيخ آيو ۽ چيائين ته اچو ته هلون لاڙڪاڻي چرغو کائڻ. مان به واندو ويٺو هيم، مون به چيو ته هل. گاڏي ڊاڪٽر صاحب جي هئي ۽ لاڙڪاڻي روانا ٿياسين. رستي ۾ قمبر وٽان ڊاڪٽر ڪاڪيپوٽو به اسان سان گڏ لاڙڪاڻي لاءِ تيار ويٺو هيو ان کي به کنيوسين. ڊاڪٽر قادر ٻڌايو ته هڪ دفعي ادا حاجي اجان ڪارخاني تي ڪوٺ پهتو هيو ته سندن والد جمعه خان ڪارخاني تي ويٺو هيو. ايتري ۾ هڪ فقير ڪارخاني تي آيو. اچڻ سان چيائين جمعه خان خير ڏي ته جمعه خان وجي پنهنجي منزل ڏانهن. اسان جي والد صاحب چيس ته جمعه خان ويهه منهنجو پٽ رستي ۾ آهي اچي ته مان توکي خير ڏيان ٿو تون ٿورو ترس. پنج منٽ رکي جمعه فقير آيو بابا ڏانهن ۽ چيائين ته جمعه خان ڏي ته خبر، جڏهن تنهنجو پٽ ايندو ته ڇا تون مونکي ڪارخاني مان اڌ لکي ڏيندين يا انکان گهٽ حصو؟ جمعه خان ڏيندين اهو مس روپيه سو ڏئي جان ڇڏاءِ. لاڙڪاڻي جو احوال هجي ۽ ان ۾ جيڪڏهن جمعه خان جو ذڪر ناهي ته اهو لاڙڪاڻي سان زيادتي آهي.

لاڙڪاڻي پهچڻ شرط سڌو چرغي جي دوڪان تي وياسين. ڊاڪٽر قادر هيٺ لهي وڃي چرغي واري کي چيو ته به چرغا ڏي پر ملان جهڙا پليل هجن. قاضي فضل الله جهڙا نه هجن.

آگسٽ 1985ع ۾ منهنجو پروموشن ٿيو ۽ شهدادڪوٽ کي نه چاهيندي به ڇڏي ڪراچي لاءِ روانا ٿياسين. شهدادڪوٽ ۾ گهاريل گهڙيون اڄ به ساه سان سانڍي رکيون آهن. الله شهدادڪوٽ جي رهواسين کي هميشه سلامت رکي. آمين يارب العالمين.

# ڪراچي ڏانهن بدلي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جا دورا

آگسٽ 1985ع ۾ شهدادڪوٽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي چارج ڇڏڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ آيس. ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ رهي ڪراچي جي وڃڻ لاءِ تياري ڪئي. دوست کي موڪليم ته وڃ گمبٽ کان ڪراچي لاءِ ٻه ٽڪيٽون وٺي اچ. انهي دوران منهنجو وڏو سالو به اتي آيو ۽ پڇيائين ته ڪراچي ڪڏهن تياري آهي؟ مون ڪيس ٻڌايو ته هينئر دوست کي موڪليان پيو ريلوي اسٽيشن ته ٽڪيٽون وٺي اچي. چيائين اجان همراهه ويو ته ناهي؟ مون چيو بس تياري ۾ آهي. چيائين منهنجو دوست غلام حيدر مهر گهوٽڪي کان نڪتو آهي پنهنجي گاڏي ۾ ماني هتي اچي کائي پوءِ ڪراچي ويندو. همراهه کي اتي روڪ بس توهان اتي هجو. گهرون گهر توهان کي گاڏي ڪٽي هلندي.

مرحوم غلام حيدر مهر منهنجي وڏي سالي امان الله جو ڪلاس فيلو ۽ يار وانگر دوست هيو انهي ڪري انهي گهراٽي سان منهنجو به گهرو تعلق آهي. مرحوم آيو ماني وغيره کاڌي بعد ۾ ڪراچي لاءِ روانا ٿياسين. خير سان اچي ڪراچي پهتاسين. پاڻ کي ڪو وٿاڻ ڪونه هيو. تنهنڪري سڏو سالن سڳورن جي فليٽ تي اچي لڏو لاٿوسين.

منهنجا ٻه سالا تبت سينٽر جي پرسان گپتا مينشن ۾ هڪ فليٽ ۾ رهندا هيا. ٻئي ڏينهن صبح جو فليٽ کان گوڏي گاڏي تي چڙهي نيو سنڌ سيڪريٽريٽ ڏانهن روانو ٿيم. سنڌ سيڪريٽريٽ پهچي ايس اينڊ جي اي ۾ عتيق الرحمن ڊپٽي سيڪريٽري وٽ وڃي پهچ رپورٽ ڏنم. انهي کان پوءِ سيڪريٽري سروس مسٽر اي ڊبليو قاضي جي آفيس ۾ وڃي ملاقات ڪئي.

اي ڊبليو قاضي جي باري ٿورو ٻڌائيندو هلان ته قاضي صاحب 1983ع ۾ ڪمشنر سکر هيا ۽ ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. جنرل ضياءَ سکر دوري تي آيو. گورنر سنڌ به ساڻس گڏ هجي جنرل ضياءَ اتي ڪمشنر سکر تي ڪجهه ناراضگي جو اظهار ڪيو ته تنهنجي ڊويزن ۾ امن امان جي حالت خراب آهي، انهي کي چونه ٿا ٺيڪ ڪيو. قاضي صاحب جيڪو جواب ڏنو جنرل ضياءَ کي، اهو هڪ تاريخي جملو آهي.

اي ڊبليو قاضي صاحب جواب ۾ چيو ته ”صدر صاحب منهنجي سکر ڊويزن ۾ ڪوئي امن امان جو مسئلو ناهي. جنهن کي توهان امن امان جو مسئلو چئو ٿا، اهو هتان جي ماڻهن جو توهان لاءِ نفرت جو اظهار آهي، جيڪو ايم آر ڊي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو آهي.

جنرل ضياءَ بلڪل خاموش ٿي ويو ۽ اتي گورنر سنڌ کي ڪن ۾ ڪجهه چيائين. ڪلاڪ اڌ کان پوءِ اجان جنرل ضياءَ سکر ۾ هيو ته قاضي صاحب کي بدلي ڪري سيڪريٽري فنانس سنڌ مقرر

ڪيو ۽ مرحوم عليڏنو پنهور صاحب اچي صبح سوير ڪمشنر سکر جي چارج ورتي. قاضي صاحب هڪ ايماندار ۽ قابل آفيسر رهيو آهي.

مان به هر ٻئي ڏينهن گوڏي گاڏي تي چڙهي سيڪريٽريٽ ويندو هيس ته اڄ ٿي پوسٽنگ ٿئي يا سڀاڻ. آخرڪار به ٽي هفتا ايئن گوڏي گاڏي تي سواري ڪندي گذري ويا. مهيني ڪان پوءِ قاضي صاحب سان وڃي مليم ۽ عرض ڪيو ته سائين ڪٿي به پوسٽنگ ڪيو هينئر گذران مشڪل ٿي ويو آهي ۽ مهينا گذري ويا آهن ڏهاڙيون به ڪونه مليون آهن. جلدي ڪٿي به پوسٽنگ جا آرڊر ڏيو. قاضي صاحب چيو ته جمن توکي خبر آهي ته مونکي هڪ دفعي پورا ڇهه مهينه پگهار ڪانه ملي هئي ته به گذارو ٿي ويو هيو. ڪجهه صبر سک. مون وراڻيو ته سائين توهانجو والد صاحب ته انجنيئر هيو. منهجو والد صاحب ڪڙمي ماڻهو آهي، تنهنڪري مون وٽ ايتري سهپ ڪانهي. قاضي صاحب چيو ته منهنجو پيءُ انجنيئر ڪين هيو بلڪ چيف انجنيئر هيو. مون قاضي صاحب کي چيو ته سائين پوءِ ته توهان ڇهن مهينن کان وڌيڪ وقت به بغير پگهار وصول ڪرڻ جي گذاري سگهو ٿا. سائين مون مسڪين کي هروڀرو ساڳئي ترازوءِ ۾ جو ٿا توريو.

قاضي صاحب چيو ته پروپوزل توهان جي ۽ ٻين جي پوسٽنگ جا ويل آهن. جيئن پروپوزل منظور ٿي ايندو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ۾ دير ڪونه ٿيندي. مون عرض ڪيو ته سائين جيستائين پوسٽنگ جو آرڊر نڪري تيستائين اسان کي ڏهاڙيون ته ڏياريو. ڏٽي بخش ميمڻ ايس او هيو تنهن کي گهرائي چيائين ته ٻن مهينن جي لاءِ او ايس ڊي جي پوسٽ ڪريئيٽ ڪرڻ لاءِ سمري ڏاهي اڄ ته جمن کي آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جي پگهار ڏيڻ جو انتظام ٿي وڃي.

هڪ ڏينهن مان سيڪريٽريٽ مان ٻاهر نڪران پيو ته گاڏي مان هڪ برگيڊيئر صاحب لٿو. مون ايترو خيال ڪونه ڪيو ته ڪير آيو آهي. برگيڊيئر صاحب لهڻ سان مونکي ڏنو ۽ نڪري منهنجو نالو وٺي سڏ ڪري چيائين، جمن تم ادر ڪيا ڪر رهي هو؟ مون ڏٺو ته منهنجو پراڻو سي او جنهن يونٽ مان فوج کي آخري سلام ڪري الوداع چيو هيو. مان ويس ۽ ٻاکر پائي مليم ۽ سيني جي سامهون پورچ ۾ منهنجي ڪن کي مروڙ ڏئي پڇيو ته تون هتي ڇاٽو ڪرين. مون ٻڌايو ته مان هاڻي پوسٽنگ جو انتظار پيو ڪيان ۽ ارڙهين گريڊ ۾ پروموشن ٿيو آهي. پاڻ چيائين ته توکي خبر ناهي ته مان هتي گورنر هائوس ۾ پوسٽنگ تي آهيان. مون وراڻيو ته نه سائين. چيائين هل مون سان هتي قاضي صاحب سان ٿورو ڳالهائڻو آهي، مان برگيڊيئر تجمل صاحب سان گڏ مٿي ويم. اي ڊبليو قاضي صاحب سان جيڪو ڳالهائڻو هيس سو ڳالهائي، قاضي صاحب کي چيائين ته جمن منهنجي يونٽ جو ماڻهو آهي ۽ پوسٽنگ جي انتظار ۾ آهي ۽ هن بيوقوف مونکي ٻڌايو ڪونهي. قاضي صاحب چيس ته جمن جي پوسٽنگ جا پروپوزل گورنر هائوس موڪليل آهن.

برگيڊيئر تجمل مون کان اتي قاضي صاحب وٽ پڇيو ته جمن تنهنجي ڪا پنهنجي چوائس آهي؟ مون چيو ته منهنجي ڪابه چوائس ناهي صرف پوسٽنگ آرڊر ملي ڪٿان جو به هجي.

ٻاهر نڪري واپس پورچ ۾ آياسين برگيڊيئر تجمل صاحب مون کي پنهنجي رهائش جي ائڊريس ۽ گهر جو فون نمبر ڏنو ۽ چيائين ته شام جو چڪر هڻي وڃجائين. ٻئي ڏينهن شام جو مان سندس جي رهائشگاهه ٻاٿ آئي ليند ۾ ويم. منهنجي حيثيت کان وڌيڪ منهنجو آدرڀاءُ ڪيائين منهنجو تعارف

پنهنجي بيگم صاحبہ ۽ ڌي پٽ سان ڪرايائين. تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ ڪن ڳڌ گذاري موڪلائي مان واپس وريم.

جيئن تہ مان اڳ متي ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ مان فوج مان ڊسمبر 1974ع چار سال سپاهي رهي لائنس نائڪ جي عهدي تان خير باد چيم آرمي کي. جنهن يونٽ مان مون آرمي کي خيرباد چئي انوقت ان يونٽ جو ڪمانڊنگ آفيسر ليفٽيننٽ ڪرنل تجمل صاحب هيو. جيڪو هن وقت برگيڊيئر صاحب هيو. مونکي تمام گهڻو پيائيندو هيو. ڇو تہ الحمدالله منهنجي ٽائپنگ ان وقت پنهن جي يونٽ ۾ سينئرس کان بہ بهتر هئي. ڪرنل صاحب کي وار ڪورسWar Course  لاءِ نامزد ڪيو هيو جي ايچ ڪيو پوءِ ڪرنل صاحب ڪتاب ڪٺي پڙهي ۽ جيڪي هن کي وڻندو هيو انهن سٽن کي انڊرلائين ڪندو هيو ۽ صبح جو اهو ڪتاب مونکي ڏئي چوندو هيو تہ جيڪي بہ انڊرلائين ٿيل سٽون آهن، انهن سيني کي ٽائيپ ڪري هڪ ٻن ڏينهن ۾ مونکي ڪتاب ۽ ٽائيپ ٿيل مواد واپس ڏجائين. مان اهو سڄو انڊرلائين ٿيل سٽون ٽائيپ ڪري صبح سوير ڪرنل صاحب جي آفيس پهچڻ کان اڳ ۾ سندس اردلي کي ڏئي واپس هليو ويندو هيس. ڪرنل صاحب کي منهنجي ٽائيپ تي ناز هوندو هيو ۽ ڪيترائي دفعا ٻين آفيسرن ۽ صوبيدار ڪلارڪن جي سامهون چوندو هيو تہ مونکي جمن جي ٽائپنگ تي فخر آهي. ڪرنل صاحب جا اهي چيل لفظ صوبيدار ڪلارڪ کي ڏکيا لڳندا هئا. ڪوئيٽا ۾ هوندو هيو اسان جو يونٽ.

# فوج ۾ نوڪريءَ جا ڏينهن

جيئن ته اسان جي يونٽ 1973ع ۾ ڪوئيٽا هئي ۽ ميجر کان ليفٽيننٽ ڪرنل جي پروموشن لاءِ اسٽاف ڪاليج ڪرڻ لازمي هوندو آهي، تنهنڪري مختلف يونٽن کان ميجر نامينيٽ ٿي اسٽاف ڪاليج لاءِ ايندا هيا. اسٽاف ڪاليج دوران ڪيتريون ئي مختلف قسمن جون انهن آفيسرن کي اسائينمينٽس ۽ پيپرس لکڻا پوندا هيا. انهن پيپرس کي ٽائيپ ڪرائڻ لاءِ اهي ميجر صاحبان ڪنهن نه ڪنهن واقفڪار کان مدد وٺندا هيا. ڪرنل تجمل صاحب کي به ڪي دوست اچي چوندا هيا ته ڪرنل صاحب مونکي پنهنجي گاڏي ۾ ويهاري موڪليندو هيو يا ڪڏهن مونکي ساڻ وٺي ويندو هيو ته هنن جي ٽائيپنگ جو ڪم مان ڪريان. ٽائيپنگ جي ونگار لاءِ هميشه ڪرنل صاحب مونکي گهرائي موڪليندو هيو پر اسانجي يونٽ جو هيڊ ڪلارڪ جيڪو صوبيدار هوندو هيو انکي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي پر چئي ڪونه سگهندو هيو ڇو ته مان پنهنجي ڪم ۾ الحمدالله بهتر هيس، تنهن ڪري هن کي موقعو ڪونه ملندو هيو جو مون تي چڙهائي ڪري.

آرمي جي يونٽ عموماً پنجن ڪمپنين ۾ ورهايل هوندي آهي .

هيڊ ڪوارٽر ڪمپني، الفا ڪمپني، بريو ڪمپني، چارلي ڪمپني ۽ ڊيلٽا ڪمپني هر ڪمپني جو انچارج هڪ ميجر هوندو آهي. هر ڪمپني ٽن کان چئن پلاٽون ۾ ورهايل هوندي آهي. سيڪنڊ ليفٽيننٽ شروع ۾ جڏهن ڪنهن يونٽ ۾ پوسٽ ٿيندو آهي ته انکي پلٽن جو انچارج ڪندا آهن. تنهن ڪري توهان عموماً ٻڌندا هوندا ته سينيئر آرمي آفيسر جڏهن به ڪنهن جونيئر جو تعارف ڪرائيندا آهن ته هيئن چوندا آهن ته منهنجي پلٽن جو آفيسر آهي. انهي جو مطلب ته اهو سينيئر آفيسر جڏهن هنجي پهرين پوسٽنگ پي ايم اي ڪاڪول کان پوءِ ان يونٽ ۾ ٿي هوندي، تنهنڪري چوندو آهي ته منهنجي پلٽن. آرمي آفيسر هميشه ڪيترو به سينيئر ٿي وڃي پر انجي سڃاڻ ان پلٽن يعني ان يونٽ جي نالي سان هوندي آهي. تنهن ڪري هو ان يونٽ جي هر آفيسر ۽ جوان کي هڪ گهر جو ڀاتي ڪري ڏسندا آهن.

يونٽ جي ڪمانڊ ليفٽيننٽ ڪرنل وٽ هوندي آهي. ٽو آءِ سي سيڪنڊ ان ڪمانڊ هميشه سينيئر ميجر ڪندو آهي جنهن جا عومن پروموشن جا چانس گهٽ هوندا آهن. انجو اسٽاف ڪاليج به ڪيل ڪونه هوندو آهي.

ايڊجوٽنٽ ڪيپٽن هوندو آهي، جيڪو يونٽ جو سڄو ڪاروبار هلائيندو ۽ لک پڙهه جو ڪم

ڪندو آهي. ڪوارٽر ماسٽر ڪيپٽن هوندو آهي جيڪو يونٽ جي سڄي ڊاڳي کان وٺندي لنگر تائين هر شئي جو جوابدار هوندو آهي. هيڊ ڪلارڪ هميشه ڪو آءِ سي جي هيٺان هوندو آهي، باقي هر ڪمپني ۾ هڪ کان ٻه نائڪ يا حوالدار ڪلارڪ هوندو آهي.

منهنجي پوسٽنگ ڪوئيٽا ۾ 48 ڪمپوزٽ سنگلز يونٽ جي بريو ڪمپني ۾ لانس نائڪ جي حيثيت ۾ هئي. ڪرنل صاحب مونکي پنهنجي دوستن وغيره جي ٽائپنگ لاءِ هميشه موڪليندو هيو. ويندو ته مان هڪ يا ٻن جي ٽائپنگ لاءِ هيم پر اڪثر چار کان پنج ميجر صاحبان پنهنجا پيپر تيار ڪري وينا هوندا هيا، مجبوراً سڀني جو ڪم ڪري پوءِ واپس يونٽ ورندو هيم. ڪرنل صاحب جو حڪم هوندو ته جيڪڏهن ليٽ اچين ته پهريان ٻه پيرڊ ڊيوٽي معاف . هڪ دفعي چار پنج ميجر صاحبان پنهنجو پنهنجو ڪم ڏئي پاڻ ويا ته ٿوري ڪان پوءِ انهن مان هڪ ميجر واپس آيو ۽ چيائين ته مهرباني ڪري منهنجا هي چار پنج پنا آهن ٽائيپ ڪري ڏي. ان ميجر جي نالي جي ته مونکي خبر ڪونه هئي، پر بيج تي ريجمينٽ جو نالو لکيل هيو. ريجمينٽ جو نالو لکيل هيو . اي ڪي آر ايف معني آزاد ڪشمير ريجمينٽل فورس، جيڪو بعد نالو تبديل ٿي صرف اي ڪي معني آزاد ڪشمير ٿيو. ٻه ميجر صاحب آيا هڪ آرٽلري ۽ ٻيو پنجاب ريجمينٽ جو. مون کان اچي پڇيائون ته هي ڪنهن جا ڪاغذ ٿو ٽائيپ ڪرين ته مون شرارتن چيو ته سائين نالي جي ته خبر ناهي ته پڇيائون بيج تي ڇا لکيل هيو، مون چيو ته سائين انتي لکيل هيو

"آئو ڪائو راشن فري" ٿورو هي واٽڙا ٿي ويا ته چيائون هي تون ڇا ٿو چئين. مون چيو ته سائين اي ڪي آر ايف. سائين پوءِ کل ۾ اونڌا هجن، ٻاهر وڃي ٻين کي به ٻڌاين ٻيا اٺ ڏهه ميجر اچي گڏ ٿيا پوءِ ته هن غريب جي ڪٽ لڳي وئي. خير مان اهو ڪم ڪري واپس آيس .

ٻن ڏينهن کان پوءِ وري اسٽاف ڪاليج ۾ ٽائپنگ جي ونگار تي ويم، ٽن ميجر صاحبان جي ٽائپنگ جو ڪم هيو. انهن ميجرن ۾ هڪ سنڌي ميجر هيو جيڪو آرٽلري ريجمينٽ سان وابسطه هيو جنهن اسٽاف ڪاليج پاس ڪيو پر ڪرنل جي پروموشن کان محروم رهيو. انجو نالو هيو ميجر عبدالغفور پيرزاده، جيڪو ڀاءُ هيو عبدالحفيظ پيرزاده جو. مسٽر عبدالغفور پيرزاده ان وقت ليفٽيننٽ ڪرنل پروموٽ ڪونه ٿي سگهيو، جڏهن ڀٽو صاحب وزيراعظم ۽ عبدالحفيظ پيرزاده صاحب وفاقي وزير هيو.

1981ع ۾ منهنجي ملاقات ٿي هئي عبداالغفور پيرزاده صاحب سان، جڏهن مان اسسٽنٽ ڪمشنر انڊرٽريننگ هيم، شڪارپور ۾ اها به رستي ويندي ملاقات ٿي هئي. تنهن وقت هي شايد پنهنجي زمينن تي وڃي پيو، سکر شهر کان ٻاهر آباد جي ويجهو ۽ مان وڃان پيو شڪارپور. هاڻي خبر ناهي ته ڪٿي آهن. بهرحال جتي به هجن الله جي امان ۾ هجن. ميجر عبدالغفور پيرزاده صاحب هڪ باوقار ۽ پرخلوص ماڻهو هيو جنهن مان خانداني ماڻهائپ پري کان پڌري هئي. مان اهڙا انسانيت سان ڀرپور انسان گهٽ ڏٺا آهن.

1974ع ۾ اسانجي يونٽ ڪوئيٽا کان ڪراچي اچي وئي ۽ انهي سان گڏ ايڪسٽرا ٽائپنگ جي ڦٽينگ به ختم ٿي وئي. ڊسمبر 1974ع ۾ مان به آرمي کي خير باد چئي ڳوٺ هليو آيس. ليڪن آرمي

سان گذاريل وقت اڄ بہ ياد آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ مان آرمي مان گهڻو ڪجهہ سکيو ۽ حاصل ڪيو. جيڪو ڪجهہ اڄ آهيان اهو آرمي جي چار سال سروس جي عيوض، جيڪي مونکي بہ سال عمر ۾ رعايت ملي ورنہ مان Overage ٿي ويو هيم ۽ سي ايس ايس جي امتحان ۾ ويهڻ جي لائق ڪونہ هيم. آخر گوڏي گاڏي جي سواري ۽ جتي جي ڪسي وڃڻ بعد منهنجي پوسٽنگ اي ڊي ايم ڪوٽڙي ٿي.

# ڄامشوري ۾ مقرري

ٻئي ڏينهن ڪراچي کان بس تي چڙهي حيدرآباد پهتم. حيدرآباد ۾ منهنجو دوست غلام عباس لغاري مونکي بس اسٽينڊ تان کڻڻ آيو. مان جڏهن اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه هيم ته لغاري صاحب به اتي ايس ڊي او ايريگيشن هيا. بس اسٽينڊ کان سڌو شهباز بلڊنگ حيدرآباد ويم. ڪمشنر حيدرآباد مسٽر علي محمد شيخ صاحب هيو. جيڪو انوقت ميٽنگ ۾ مشغول هيا.

مون ڪمشنر صاحب جي پي اي سان پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ٻڌايئن ته ميٽنگ ختم ٿيڻ واري آهي پوءِ مان ڪمشنر صاحب کي اطلاع ڪريان ٿو ۽ توهان ويٽنگ روم ۾ ويهو. مان ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺس ته پٽيوالو آيو ۽ چانهه جو پڇيو. ٿوري دير چانهه ۽ بسڪيٽ کڻي آيو. چانهه پي مس پوري ڪئي ته ڪمشنر صاحب جي ميٽنگ ختم ٿي ۽ مونکي سڏ ڪرائي گهرايئن. مان وڃي شيخ صاحب سان مليم. ڏاڍي پيار سان مليا. سائين علي محمد شيخ صاحب ڏاڍا بردبار ۽ ٿڌي طبيعت جا مالڪ هيا ۽ جيڪا خوبصورت ڳالهه مونکي شيخ صاحب جي لڳي ته هو مسئلي جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هيا ۽ مٿان جو بار ڪڏهن به جونيئرن ڏانهن منتقل ڪونه ڪندا هيا، جنهن جي ڪري جونيئر آفيسرن کي مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي هئي.

شيخ صاحب مون کي ويهاري ڪافي آرام سان گائيڊلائين ڏني ۽ چيو ته ڪنهن به معاملي ۾ تڪڙ نه ڪجائين ۽ جتي تون سمجهين ته ڪوئي قدم کڻڻ بهتر آهي ته کٽي ڇڏجائين ڇو ته سرزمين تي تون هوندين ۽ حالات کي تون بهتر سمجهندو هوندين. اسان کي به جيڪو قدم کڻڻو هوندو اهو به تنهنجي رپورٽ جي حساب سان کڻنداسين. باقي مان وينو آهيان. شاگردن جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجائين. ڇو ته سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا مسئلا قدري هڪجهڙا آهن ۽ شاگردن جون واڳون به مختلف ليڊرن جي هٿ ۾ رهنديون آيون آهن تنهن ڪري يونيورسٽي ۾ جيڪو به مسئلو ٿيندو آهي، انهيءَ جا اثر ٻاهر به ظاهر ٿيندا آهن.

ڪمشنر صاحب کان گائيڊ لائين وٺي ڪوٽڙي ويم، جتي مرحوم رشيد عباسي صاحب انتظار ۾ وينو هيو. ڇو ته عباسي صاحب کي ڊي سي لاڙڪاڻو مقرر ڪيو ويو هيو. پهچڻ شرط اي ڊي ايم ڪوٽڙي جي چارج ڏئي عباسي صاحب لاڙڪاڻو روانو ٿي ويو. مرحوم عباسي صاحب سٺن آفيسرن ۾ شمار ٿيندو هيو. الله کيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري. آمين يارب العالمين. عجيب اتفاق وري

1987ع ۾ لاڙڪاڻي ڊي سي جي چارج بہ مون مرحوم رشيد عباسي صاحب کان ورتي.

اي ڊي ايم ڪوٽڙي کي سرڪار جي طرفان جي او آر حيدرآباد ۾ C5 نمبر گهر الاٽ ٿيل هيو. ڪٿ ۽ هنڌ جو بندوبست ڪري ٻئي هفتي وچي ڪراچي مان پنهنجي من جي منٺار محبوبہ کي وٺي آيس. سرڪار جي طرفان شراڌ ڪار اي ڊي ايم کي مليل هئي.

چارج وٺڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن مان سنڌ يونيورسٽي وڃي وائيس چانسلر سائين مظهرالحق صديقي صاحب سان ملاقات ڪئي. سائين صديقي صاحب وڏي پيار ۽ پاٻوه سان ڀاڪر پائي مليو. صديقي صاحب جهڙو قدآور ماڻهو، اهڙي سندن دل ۽ جذبو. جڏهن مان صديقي صاحب کي ڀاڪر پاتو تہ مان ايئن غائب ٿي ويس جيئن چوزا ڪڪڙ جي پرن ۾ لڪي وڃن. سائين جي ڀاڪر ۾ مونکي پنهنجائپ محسوس ٿي. الحمدالله اڄ تائين مان صديقي صاحب جي عزت ۽ احترام پنهنجي والد صاحب وانگر ڪندو آهيان. صديقي صاحب بہ مونکي پنهنجي ٻچن وانگر ڏسندو آهي. الله سائين مظهرالحق صديقي کي ڪنهن جو محتاج نہ ڪري ۽ ايمان جي سلامتي سان هميشہ هلائي. آمين يارب العالمين.

مظهرالحق صديقي صاحب مونکي يونيورسٽي جي ورڪنگ ۽ شاگردن جي مسئلن متعلق ڪافي ڪجهہ سمجهاڻي ڏني. لاشاري صاحب رجسترار يونيورسٽي هيو انکي گهرائي چئي ڇڏيائين تہ جامڙو صاحب نئون اي ڊي ايم ٿي آيو آهي، تنهن ڪري هرممڪن ساڻس تعاون ۽ مدد ڪندا. مهراڻ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس افيئر لاءِ منظور پنهور صاحب مقرر ٿيل هيو. رجسترار کي چيائين پنهور صاحب کي چئو تہ سڀاڻي اي ڊي ايم صاحب سان وڃي آفيس ملي ۽ جيڪي مسئلا آهن انهن متعلق وڃي ڊسڪس ڪري.

سنڌ يونيورسٽي جو ٿورو چڪر ڏئي سرزمين کان واقفيت ڪيم، اتان کان پوءِ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي جي وائيس چانسلر صاحب سان ملڻ ويم. ايس ايم قريشي صاحب وائيس چانسلر هيا، تمام سٺي انداز ۾ مليا ۽ آڌرڀاءُ ڪيو. قريشي صاحب پنهنجي يونيورسٽي جي شاگرن متعلق مسئلن کان اگاهي ڏني.

مظهرالحق صديقي صاحب ۽ ايس ايم قريشي صاحب ۾ مون اهو فرق محسوس ڪيو تہ صديقي صاحب جيڪو ڪجهہ چوڻ چاهيو اهو کلي ڳالهايو پر قريشي صاحب ڪنهن بہ طرح کلي ڳالهائڻ کان لهرائن پيا. جنهن ڪري اها ڏکيائي محسوس ٿئي تہ قريشي صاحب جي ان مسئلي تي ها سمجهان يا انڪار سمجهان. ڳالهہ کي مبهم ڪري ڇڏيندا هيا. خير وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي سان ملڻ بعد واپس گهر ويس ڇوتہ آفيس ٽائيم ختم ٿي چڪو هيو.

لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال محمد حسن ميمڻ صاحب ٻن ڏينهن جي موڪل تي حيدرآباد کان ٻاهر ويل هيو، تنهن ڪري ايل ايم سي جي پرنسپال سان ٻئي هفتي ملاقات ٿي، ميمڻ صاحب تمام شريف انسان ۽خدمت خلق سان سرشار هيو. ميمڻ صاحب سان ملاقات ٿي ۽ پروفيسر ظفرالله صديقي، لطيف سومرو صاحب ۽ خليق صاحب سان ايل ايم سي متعلق اسٽوڊنٽس جي مختلف مسئلن تي ڏي وٺ ٿي. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي طور طريقن تي غور ويچار ڪاان بعد

مان آفيس موٽي آيم.

اي ڊي ايم ڪوٽڙي جو فنڪشن صرف ڄامشورو ۾ تعليمي ادارن جي امن و امان برقرار رکڻ تائين محدود هيو. ڊي سي دادو جو ڪنهن به طرح اي ڊي ايم ڪوٽڙي سان انتظامي لحاظ سان ڪوئي تعلق ڪونه هوندو هيو. اي ڊي ايم انتظامي لحاظ سان سڌو ڪمشنر حيدرآباد جي ماتحت هيو.

# سنڌ يونيورسٽيءَ جو نظارو

سنڌ يونيورسٽيءَ جو تعليم جي لحاظ کان سڄي سنڌ (سواءِ ڪراچي شهر جي) لاءِ تمام اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌ يونيورسٽي جو وجود تہ پهريان ڪراچي جي شهر ۾ ٿيو پر 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي خاص منصوبي تحت ڪراچيءَ مان ڪڍيو ويو. انهيءَ عمل جي ڪري معاشي ۽ سماجي طور سنڌ جي ماروئڙن تي ڪافي دير تائين منفي اثر ٿيندو رهيو. سڀ کان ترت جيڪو سنڌ جي گاديءَ واري شهر تي پيو جو جيڪي تعليمي ادارا ڪراچي شهر ۾ هيا، انهن مان آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ جي تعليم کي ختم ڪندي انهي جي جاءِ تي اردو کي رائج ڪندا ويا، جنهن جي ڪري سنڌ دائمي طور شهري ۽ ٻهراڙي ۾ ورهائجي وئي.

سنڌيونيورسٽي ڪراچيءَ مان منتقلي ڪانپوءِ پهريان حيدرآباد شهر ۾ اچي پاڙ کوڙي، پوءِ ڄامشوري موجوده هنڌ تي هميشہ جي لاءِ مضبوط ٿي، سنڌ جي سڄاڳي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو انشاءَ الله رهندي دنيا تائين تعليم جي نور سان منور ڪندي رهندي.

سنڌ تي آيل هر ڏکئي دور ۾ سنڌ يونيورسٽي سنڌ لاءِ گهگهہ اونداهيءَ ۾ ڏيئي جي لاٽ وارو عمل ڪيو آهي. چاهي اهو ڪراچي شهر کي سنڌ کان زبردستي ڇني مرڪز جي حوالگي هجي، چاهي سنڌ صوبي جي سڃاڻپ کي ختم ڪري ويسٽ پاڪستان بنائي ون يونٽ ناهي سنڌ جي هر شئي تي فاتحاني انداز ۾ ڀڙڪائي ڇڏڻ وارو عمل هجي.

ون يونٽ جي دور ۾ جيئن تہ سنڌ صوبو پنهنجي سڃاڻپ وڃائي چڪو هيو تنهن ڪري جيڪو ڪجهہ سنڌ لاءِ آواز گونجندو هيو اهو صرف سنڌ يونيورسٽي جي طفيلي هئي. سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جون ون يونٽ جي خلاف هلايل قربانيون وسارڻ جهڙيون ناهن. مارچ جي مهيني ۾ 4 مارچ 1967ع تي ڪيل جدوجهد اڄ بہ سونهري اکرن ۾ لکيل آهي. سنڌ يونيورسٽي جو هڪ پنهنجو منفرد ڪردار رهيو آهي. ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ ۾ هراول دستي وانگر سنڌ جا اديب ۽ شاگرد نمايان رهيا آهن. انهن سرگرمين کان علاوه بہ سنڌ يونيورسٽي جو تعليم جي لحاظ کان معيار قابل تعريف رهيو آهي.

1970ع جي ڏهاڪي کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعليم جو معيار ڏينهون ڏينهن تنزلي جو شڪار ٿيندو ويو ۽ شاگردن جون مختلف تنظيمون نهنديون ويون ۽ انهن شاگردن جي تنظيمن تي يونيورسٽي کان ٻاهر وينلن جو اثر وڌندو ويو جنهن ڪري هر تنظيم پنهنجي طاقت کي وڌائڻ لاءِ

مختلف هٿڪنڊا استعمال ڪيا، جنهن ڪري شاگردن جو هڪٻئي خلاف محاذآرايون وڌنديون ويون، جنهن جي ڪري سڀ کان وڌيڪ سنڌ جي تعليمي معيار تي اثر پيو ۽ انهي سان گڏوگڏ تشدد جون ڪارروايون روز جو معمول بڻجي ويون. انهيءَ تشدد ڪرائڻ ۾ انوقت جي سياسي قيادتن جو بہ هٿ رهيو آهي. سنڌ جي سياسي قيادت پنهنجي پنهنجي منشور جي آڙ ۾ شاگردن کي خوب پنهنجي مطلب خاطر استعمال ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جون شاگرد تنظيمون آسانيءَ سان انهن سياسي قيادتن جو هٿيار ٿي استعمال ٿينديون ويون. انهن شاگرد تنظيمن پنهنجو پنهنجو دائريڪار کي وڌايو. جنهن جو سڌو سنئون برو اثر ڪاليج جي ڪچي ذهن جي ٻالڪن تي پيو ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي تعليم کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو ويو.

سياسي قيادت پنهنجي اثر کي مختلف شاگرد تنظيمن ۾ وڌائي پنهنجو مطلب تہ حاصل ڪيو پر جيڪو ٻڌي ۽ اتحاد سنڌيونيورسٽي جي شاگردن ۾ هيو اهو پڃي پورا پورا ٿي ويو. سنڌجو سگهارو آواز هڪٻئي جو ويري ٿي پيو. جنهن جو سنڌ جي مخالف قوتن ڀرپور فائدو ورتو. جيڪو اڄ تائين ڪينسر وانگي وڪوڙي ويو آهي. سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جو آواز جيڪو 1960ع واري ڏهاڪي ۾ تخت لاهور تي اثر انداز ٿيندو هيو اڄ اهوئي آواز ٻين جي ڪنٽرول ۾ هليو ويو آهي، نتيجي ۾ افرا تفري وارو ماحول تيار ٿي ويو.

سنڌ ۾ تعليمي ادارن جو چار ڄامشوري کان نڪري باقي سنڌ ۾ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهہ، شاهہ لطيف ڪيمپس خيرپور، ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي ڄامشورو وغيره وغيره.

تعليمي ادارا تہ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وجود ۾ اچي ويا، پر شاگرد تنظيمن جي طاقت هڪٻئي جي خلاف پنهنجو چار وڇائيندي وئي ۽ سنڌ جي تعليمي ادارن مان تعليم وارو ماحول برباد ٿيندو ويو.

سنڌ جي تعليمي ادارن جي 1960ع واري ڏهاڪي ۾ اها حالت هئي، جو مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي اسان جي هاءِ اسڪول جي ديوار جي اندران اسڪول ٽائيم دوران پوليس وارو يونيفارم پاتل صرف وچ مان گذريو هيو تہ اسڪول جي هيڊماسٽر مختيار ڪار ۽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي گهرائي ايترو بيعزتو ڪيو جو انهن آفيسرن معافي وٺي جان ڇڏائي. هيئنر انجي برعڪس اڄ هاءِ اسڪول ڇاهي مڊل اسڪول ۾ جيستائين پوليس کي هيڊماسٽر نٿو گهرائي تيستائين امتحان شروع ڪونہ ٿو ٿئي.

ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ تہ استادن جي عزت ۽ احترام ايترو تہ خراب ٿي ويو جو استاد پاڻ انهن شاگرد تنظيمن جي آڏو بي وس ٿي ويا. جنهن وقت اهڙو ماحول عام جام ٿي ويو تہ لاچار حڪومت کي امن ۽ امان قائم رکڻ لاءِ اپاءُ وٺڻا پيا. ڄامشورو جيئن تہ هڪ قسم جو تعليمي لحاظ سان هڪ وڏو حب ٿي ويو هيو ۽ سپر هاءِ وي جو گذر بہ سنڌيونيورسٽي جي حد مان ٿئي ٿو تنهن ڪري حڪومت کي آمدورفت کي جاري رکڻو هوندو آهي. تنهن لاءِ جوڳا انتظام ڪرڻا پوندا آهن. ڄامشورو تنهن

وقت دادو ضلعي ۾ هيو ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر تقريباً ٻن ڪان اڍائي ڪلاڪن جي مفاصلي تي هجڻ سبب ڄامشورو جي تعليمي ادارن ۾ امن و امان رکڻ لاءِ ڊي سي دادو تائيم ڏئي ڪين پئي سگهيو. تنهن ڪري 80ع اسي واري ڏهاڪي ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ جي ارڙهين گريڊ ۾ پوسٽ ڪريئيٽ ڪئي تہ جيئن ڄامشورو جي تعليمي ادارن ۾ امن امان تي خاص ڌيان ڏئي، امن وارو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري.

جڏهن مون اي ڊي ايم ڪوٽڙي جي چارج ورتي . ان وقت جيڪو ماحول يونيورسٽي جي اندر ٻاهر هيو. اهو شاگرد تنظيمن جو پاڻ ۾ چڪتاڻ وارو ماحول هيو. مون پهريون دفعو ڪوٽڙيءَ ۾ اچي ٻڌو تہ هتي شاگردن ۾ ٻن قسمن جا گروپ آهن.

هڪڙا هڙتالي

ٻيا ڪڙتالي.

انهن ٻنهي گروپن جي وچ ۾ قاتل ويچارا پڙهاڪو نوجوان هيا .

# شاگرد تنظيمن جي ليڊرشپ ڪي مون ڪيئن ڏٺو

جڏهن مون اي ڊي ايم ڪوٽڙيءَ جي چارج سنڀالي، ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ جيڪي حالتون هيون انهن ڪي سمجهڻ لاءِ وقت گهربل هيو. تنهن ڪري مون ڪوشش ڪئي ته بجاءِ ٻين جي بيان ڪيل ڳالهين تي هلجي، مان پاڻ جيترو ٿي سگهي اوترو گهٽ وقت ۾ تمام گهڻن ذريعن کان معلومات حاصل ڪريان ۽ انهي جي لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڏني. مختلف ذريعن کان معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ باهمي اعتماد جي فضا قائم ڪرڻ نهايت ضروري هوندو آهي، تنهن ڪري مون انهيءَ فارمولا تي عمل ڪرڻ لاءِ پنهن جي قوت صرف ڪرڻ شروع ڪئي.

ڪوٽڙيءَ ۾ مون سان گڏ ايڊيشنل سپرنٽينڊنٽ آف پوليس مسٽر غلام اصغر شيخ صاحب، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس سيد خداڏنو شاه ڄاموٽ هيا. اسسٽنٽ ڪمشنر مرحوم قبول شيخ هيو. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ سيشن جج رحمت الله جعفري صاحب هيا، جيڪو بعد ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو جج ٿيو ۽ نوازشريف جي خلاف غداريءَ وارو ڪيس ان هلايو.

جيئن اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان، اي ڊي ايم ڪوٽڙي جي پوسٽ صرف ڄامشورو ۾ تعليمي ادارن جي امن امان ڪي قائم رکڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي، تنهن ڪري منهن جو بحيثيت اي ڊي ايم اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي سان ڪنهن به طرح انتظامي طور ڪوئي واسطو ڪونه هيو بلڪ روينيو جو مڪمل ڪاتو ڊي سي دادو جي انتظام ماتحت هيو.

مان اڄ تائين ان ڳالهه ڪي سمجهي ڪونه سگهيو آهيان ته ڇو صرف سنڌ جي وڏي تعليمي ڪامپليڪس ۾ اي ڊي ايم جي پوسٽ ڪريئيٽ ڪئي وئي، جڏهن ته لاهور ۾ پنجاب يونيورسٽي جتي جميعت ۽ ٻين شاگردن تنظيمن جو پاڻ ۾ سنگين قسم جي ڇڪتاڻ وارو ماحول هميشه رهيو آهي. اتي اهڙي قسم جو انتظام ڇو ڪين ڪيو ويو؟ انهيءَ جي مقابلي ۾ ڄامشورو جي تعليمي ادارن ۾ ايتري گهٽي ڇڪتاڻ ڪانه رهي آهي. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي اتي هر وقت سڏ پنڌ تي موجود هوندو آهي. اميد رکان ٿو ته ڪجهه ڄاڻو دوست انهي معاملي تي ڪجهه روشني وجهندا.

بهرحال مون پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري مختلف شخصيتن سان ميل جول وڌائڻ شروع ڪيو. استادن ۽ شاگردن کان ويندي پٽيوالي سان بي تڪلف ٿي حال و احوال ونندو هيم. انهي عمل ڪرڻ سان مون وٽ معلومات جو چڱو خاصو ذخيرو ڪنو ٿي ويو. جيڪڏهن مان انهيءَ گڏ ڪيل

معلومات جي ذخيري کي ٻن اکرن ۾ بيان ڪيان ته حاصل مطلب اهو ٿيندو ته هڪ ئي تنظيم جا شاگرد هڪٻئي سان سچا ڪونه هوندا هيا. ٻيو انهن کي اها خبر به ڪانه هوندي هئي ته ٻين شاگرد تنظيمن سان کهڙو فرق آهي. ٽيون هر ڪو اهو چاهيندو هيو ته مون کي ٻئي جي نسبت وڌيڪ اهميت ملي.

تنظيم سان وابستگي صرف ڏيکاءُ ۽ شاگردن تي رعب تاب وغيره لاءِ هوندو هين. گهڻي ڀاڱي تنظيم جي اڳواڻن کي تنظيم جي مول ۽ متن کان به واقفيت ڪونه هوندي هئي. باقي نعريبازي تي زور هوندو هيو.

جيڪو نظريو هو پنهنجي لاءِ عظيم سمجهندا هيا، ان تي عمل ۽ پروان چڙهائڻ لاءِ ڪا به حڪمت عملي يا طريقيڪار ڪونه هوندو هين صرف اهو چوندا وتندا هيا ته وطن يا ڪفن. جيڪڏهن پڇندو هيم ته ايئن چوندا هيا، جيئن ننڍين ٻارن کي سيکاربو آهي ۽ ٻار اهو سڀ چوندو آهي، جيڪو هن کي سيکاريو ويندو آهي پر جيڪو هو چوندو آهي انجي معني ۽ مقصد کان اهو ٻار بيخبر هوندو آهي. اهڙيءَ طرح مون يونيورسٽي جي هڪ تنظيم جي عهديدارن کي ڏٺو جيڪو چوندا هيا انجي مقصد کان هو پاڻ به واقف ڪونه هوندا هيا.

عمومن تنظيمن جا عهديدار هڪٻئي جي تنظيم ۾ فرق ٻڌائڻ کان به واقف ڪونه هوندا هيا. مخالفت جو مقصد صرف پسند ۽ ناپسند جي حد تائين محدود هيو. مونکي ڪنهن به گروپ جي اڳواڻ ۾ نظريو بامقصد نظر ڪونه آيو پر دعوي هميشه اها ڪندا هيا جنهن مان سنڌ هڪ خوشحال رياست ٿيندي. مان جڏهن انهن کي چوندو هيم ته پاڻ قومن جي ترقيءَ جو دارومدار تعليم جي معيار تي آهي، جيڪڏهن توهان تعليم کي ترجيح نه ڏيندا ته سنڌ ۾ خوشحالي واري ڳالهه صرف خواب ۽ خيالي پلاءُ واري هوندي. جنهن جو جواب هميشه ڏيڻ کان لنوائيدا هيا. اهي چئي ڳالهه ختم ڪندا هيا ته توهان سامراجي قوتن جا نمائندا آهيو.

جيئن ته مان سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهيو ڪين هيم، تنهن ڪري منهنجي ذهن ۾ اڳ انهن اسٽوڊنٽس تنظيمن جي لاءِ سوچ هئي ته هي جيڪو چون ٿا، اهو واقعي حقيقت جي ويجهو آهي، ڇو ته اهڙن تجربن مان لنگهيا هياسين، پر جڏهن سڌو سنئون واسطو پيو، تڏهن خبر پئي ته هاٿي جا ڏند ڏيکارڻ لاءِ هڪڙا کائڻ لاءِ ٻيا آهن وارو حساب نظر آيو.

هڪ دفعي 1986ع ۾ وزير اعظم پاڪستان مرحوم محمد خان جوڻيجو سيوهڻ قلندر جي ميلي جو افتتاح ڪرڻ آيو. ضلعي دادو جو سمورو سپاهه اوڏانهن ويل هيو. ايل ايم سي جي چوٿين پروفيشنل جي امتحانن خاطر شاگردن جي لاءِ خاص ڪلاسن جو بندوبست ڪيل هجي. رات جو هڪ شاگرد تنظيم جي اڳواڻن ڪلاس جي تالن ۾ ميجڪ وجهي ڇڏي ۽ پرنسپال کي ڌمڪي ڏنائون ته جيڪڏهن فلاڻي ۽ فلاڻي تنظيم جا شاگرد ڪلاس ۾ ايندا ته امتحان نه ٿيندا !!!.

# ڊاڪٽر قادر مگسيءَ سان ڪچهري

صبح سوير پروفيسر ظفرالله صديقي فون ڪري چيو تہ سائين ڪجھ ڪيو جو ڪجھ شاگردن شرارت ڪندي تالن ۾ ميجڪ وجهي ڇڏي آهي ۽ گڏوگڏ ڌمڪي بہ ڏني آهي تہ جيڪڏهن سپاف ۽ ايس ايس ٽي جا شاگرد ايندا تہ رتوڇاڻ ٿيندي وغيره وغيره. مون پروفيسر صاحب کان پڇيو تہ انهن شاگرد دوستن سان ڪوئي ڪانٽيڪٽ وغيره ٿي سگهي ٿو؟ ٿوري وقت کان پوءِ گهٽو ڪري عبدالحميد ميمڻ يا ڳاهوٽي صاحب جن فون تي رابطو ڪيو ۽ ساڳي ڳالھ ورجائي. مون کين چيو تہ توهان منهنجي آفيس اچو پوءِ جيڪي توهان جا مسئلا آهن انهن تي ڳالهايون ٿا ۽ حل ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪنداسين. ڊاڪٽر قادر مگسيءَ سان بہ رابطو ٿيو مون کيس چيو تہ توهان اچو منهنجي آفيس. مگسي صاحب چيو تہ مون تي مارشلا ڪورٽ جي سزا لڳل آهي ۽ مان توهان جي آفيس ڪونہ ايندس، باقي توهان ايل ايم سي ۾ اچو تہ ڳالهايون ٿا.

ٻئي ڏينهن مان اڪيلو بغير ڊرائيور جي ايل ايم سي ويس. ايل ايم سي جي انٽرنس ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ هڪ ئي رستو هوندو هيو. گهر کان نڪرڻ مهل صديقي صاحب اچڻ جي تصديق ڪرڻ لاءِ فون ڪيو مون کيس ٻڌايو تہ تقريباً اڌ ڪلاڪ ۾ مان ايل ايم سي پهچي ويندس. صديقي صاحب ٻڌايو تہ فرسٽ فلور تي پروفيسر ريڊيولاجي واري آفيس ۾ ملاقات لاءِ دوست هوندا، توهان بہ اتي اچو. جڏهن مان اتي پهتم تہ پروفيسر صاحب اتي مين گيٽ وٽ ڪونہ هيو مان پڇائيندي وڃي پهرئين منزل تي ڏسيل آفيس ۾ پهتس. جڏهن مان اتي پهتس تہ پروفيسر ڏاڍو پريشانيءَ واري حالت ۾ هيو ۽ ڳالهائي ڪونہ پيو سگهي. مون در کولي اندر وڃڻ سان سلام ڪيو. مگسي صاحب ۽ ٻيا سڀ سني نموني مليا. يونيورسٽي جي شاگرد اڳواڻن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جڏهن بہ مليو تہ عزت سان ملندو هيو بنسبت ڪجھ ٻين ڪامريڊ دوستن جي .

جڏهن مان اندر ويس تہ انهن دوستن مان هڪ ڄڻي اتي دروازو بند ڪيو. مون نظر ڦيرائي ڏٺو اتي آيل سڀ دوست اسلحي سميت آيل هيا. جنهن جي ڪري پروفيسر پريشان هيو تہ متان ڪو ڪم خراب نہ ٿئي. مون ويهڻ شرط قادر مگسي کي ڪجھ رعبدار انداز ۾ چيو تہ قادر تون ڇا ٿو سمجهين تہ توهان جيڪي هي من مستي انهي اسلحي جي زور تي ٿا ڪيو. يا اهو سڀ ڪجھ اسان جي ڊرائي جي ڪري؟ پهرئين تہ اهو ٻڌاءِ مان هتي مهمان ٿي توهان جي سڏ تي آيو آهيان. ڇا اها سنڌ جي روايت ۾ آهي تہ ڪنهن کي گهر گهرائي پوءِ اسلح ڏيکارجي؟ سيني چيو تہ سائين نہ اسان تہ صرف

پنهنجي دفاع خاطر ڪنيو آهي. مون وراڻي چيو ته ڇا توهان کي اها خبر ڪانه هئي ته مان اڪيلو ۽ هٿين خالي پيو اچان. ڇيائون سائين اسان کي خبر آهي ته توهان هميشه اڪيلا ۽ بغير باڊي گارڊ جي ايندا آهيو. مون چيو ته پوءِ هي ڇا آهي جو سنڌ ثقافت جي لتاڙ ڪئي آهي توهان؟

چوڻ لڳا ته سائين اسان جي غلطي . مون سيني کي چيو ته اها غلطي ناهي ۽ توهان ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو ته جڏهن مون چاهيو ته توهان مان ڪنهن کي به گرفتار ڪرڻو آهي ته مان ڪري سگهان ٿو. چو ته مونکي اها سيني جي باري ۾ خبر آهي ته توهان گذريل پندرهن راتيون ڪهڙي ڪهڙي ڪمري ۾ هيا؟ ۽ اها به خبر اٿم ته توهان ايندڙ پندرهن ڏينهن ڪهڙن ڪمرن ۾ رهندا. وڌيڪ مون چيو هڪ ته توهان جا سٺ سيڪڙو کان وڌيڪ ڪامريڊ ايجنسين جي پي رول تي آهن ڇا مون کي اها ڄاڻ نٿي ملي سگهي ته توهان ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهيو؟ سيني ويٺل دوستن مان ڪنهن هڪ به اهو ڪونه چيو ته سائين توهان اسان تي اهو بهتان ٿا هڻو. سڀ خاموش ٿي ويا.

انهيءَ کان پوءِ مون انهن کان پڇيو ته تالن ۾ ميجڪ توهان ڇو وڌو آهي. چوڻ لڳا اهي ٻئي تنظيمون اسان جي منشور مطابق سنڌ دشمن آهن. تنهن ڪري اسين انهن کي امتحان ۾ ويهڻ ڪونه ڏينداسين. مون چيو ته ان جو مطلب ته توهان جنرل ٽڪا خان جي راه تي ٿا هلو. جيئن ان اوڀر پاڪستان ۾ چيو ته مونکي زمين کپي، مونکي ماڻهن سان ڪوئي واسطو ناهي. امن کپي صرف امن. جنهن جو نتيجو سيني جي سامهون آهي .

ايل ايم سي سنڌ جي رهاڪن لاءِ ادارو ٺهيو آهي ته جيئن سنڌ جا ماڻهو تعليم حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪن. اهو ڪٿي لکيل آهي ته جيڪو توهان جي تنظيم سان لاڳاپيل ناهي، ان کي پڙهڻ جو حق ناهي ۽ اهي سنڌي ناهن؟. جڏهن ته توهان اين ايس ايس او نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي حمايت ڪندي انهن کي امتحان ۾ ويهڻ لاءِ سهولت ڏيو ٿا ۽ انهن کي توهانجي مطابق سنڌ جا سڄڻ قرار ڏيو ٿا. جڏهن ته سپاف ۽ ايس ايس ٽي جي لاڳاپيل شاگردن کي توهان سنڌي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيو. انهيءَ جو مطلب ته توهان جي واڳ انهن وٽ آهي. جنهن اين ايس ايس او ناهي. چوڻ لڳا ته سائين ايئن بلڪل ناهي وغيره وغيره ته مون کين چيو جيڪڏهن ايئن ناهي ته پوءِ تالا کوليو. چوڻ لڳا ته سائين ڪاليج جي انتظاميه وچي تالا کولي اسان ڪنهن به قسم جي مزاحمت ڪونه ڪنداسين. مون چيو ته نه جيئن تالن ۾ توهان ميجڪ وڌي آهي اهڙيءَ طرح تالا به توهان پاڻ کوليندا. آخر انهيءَ ڳالهه تي آماده ٿيا ۽ تالا پاڻ وڃي ٽوڙي کوليائون .

انهيءَ کان پوءِ ملاقات ختم ٿي پروفيسر جي جان ۾ جان آئي ۽ ٻاهر مون سان گڏجي آيو ۽ رستي ۾ چيائين ته سائين مان ڏاڍو پريشان هيس ته متان هي ڪا بدتميزي ڪن ۽ مونکي به ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ ڪونه پيا ڏين، جو مان توهان کي مين گيٽ تائين واپس وڃڻ لاءِ چوان ها. پر الحمدالله منهنجي توقع کان وڌيڪ پلوڪم ٿي ويو جو امتحان ۾ ڪنهن به قسم جي گڙٻڙ ڪانه ٿيندي.

منهنجي عادت هوندي هئي ته مان هميشه پوري ڄامشوري ڪيمپس ۾ بغير پوليس ۽ ڊرائيور جي گاڏيءَ ۾ گهمندو هيس. ڪنهن وقت صرف ڊرائيور هوندو هيو پر تمام گهٽ .

سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽلن خاص ڪري انٽرنيشنل هاسٽل ۾ به ٽي ڏاڙيل رهندا هيا، جيڪي

ٻاهران واردات ڪري هاسٽل ۾ اچي رهندا هيا. بقادار شاهه صدورو شيخ عرف ڪشمير ۽ جانو آرائين تہ تقريباً شاگرد اڳواڻن سان گڏ رهندا ۽ سپر هاءِوي تي ڪارگذاري ڪندا هيا .

هڪ دفعي مان وي سي صاحب سان ملاقات ڪري واپس آيم پئي، جڏهن آرٽس فيڪلٽي ۽ زولاجي ڊپارٽمينٽ وٽان گذران پيو تہ پنج ست ڪامريڊ گاڏي جي اڳيان اچي بيٺا. مون گاڏي روڪي. مون کي چوڻ لڳا تہ هيڏي ڪاڏي ٿا وڃو هي تہ اسان جي حد آهي. مون چيو اها مون کي خبر ناهي تہ اها توهان جي حد آهي پر سنڌ سرڪار مونکي اها حد ڏني آهي. چيائون تہ اسين سنڌ سرڪار کي ڪونہ ٿا مڃيون. مون پڇيو تہ ان جو مطلب تہ توهان هن حد جا مالڪ آهيو. چوڻ لڳا تہ بلڪل. مون چيو چلو انجو مطلب تہ مان توهان جي حد ۾ آهيان. چوڻ لڳا تہ توهان بلڪل صحيح سمجهيو. مون چيو تہ جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ پلا جيڪڏهن ڪو توهان جي حد ۾ مهمان اچي تہ انکي چانهہ ۽ ماني جي صلاح بہ ڪونہ ڪندا آهيو. چوڻ لڳا تہ سائين ايئن ڳالهہ ناهي، مون چيو تہ هلو مونکي چانهہ پياريو مان توهان جو مهمان آهيان. چيائون تہ سائين هلو. مان انهن سان گڏ هاسٽل ڏانهن ويس. انٽرنيشنل هاسٽل جي سامهون ٻاهر مون گاڏي روڪي ۽ ٻاهر گاڏي مان لهي آيس. مون حجائتي انداز ۾ چيو پائو چانهہ پياريو پر ڪڙڪ چانهہ هجي. سيني جو زور هيو تہ هاسٽل جي اندر هلو مون کين چيو تہ وڻ جي ڇانو ڏاڍي سٺي آهي، اتي ڪجهہ ڪرسيون پيون هيون مان اتي ويهي رهيس. اڌ ڪلاڪ انهن سان پوڳ نڪاءُ ڪري روانو ٿي ويس.

1986ع ۾ ڪمال راهمون نالي ايل ايم سي جو شايد سيڪنڊ يا ٿرڊ پروفيشنل جي اسٽوڊنٽ جو ڪاليج اندر قتل ٿيو انهي کان پوءِ ڄامشورو ڪيمپس جي جملي هاسٽلن تي چوديواري ڏيڻ جو فيصلو ٿي ويو. چوديواري جو مسئلو اڳئي زيرغور هيو پر انکان پوءِ ترت فيصلو ٿيو.چوديواريءَ جي ڪري گھٽ ۾ گھٽ ڏاڙيلن ۽ ڏوهاري ماڻهن جو رهڻ مشڪل ٿي ويو.

# يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن کي ديوارون ڏيارڻ جو فيصلو

جنهن وقت هاسٽلن کي ديوارن ڏيڻ جو فيصلو ٿيو ته شروع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي ڪجهه نمائندن وڏي زور شور سان مخالفت ڪئي. هُن تي دفعا ذوالفقار منگي نياپو موڪليو ته ديوارون ڏيڻ جي توهان کي قيمت ادا ڪرڻي پوندي, جيڪا ايتري آسان توهان ڏئي ڪونه سگهندا. بهرحال مون انهن نياپن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. هاسٽلن جي ديوارن جي ڪم شروع ڪرڻ کان هفتو ڏهي ڏينهن بعد صدورو عرف ڪشمير شيخ جي طرفان نياپو آيو ته ديوارون ڏيڻ وارو ڪم روڪيو نه ته انجا توهان کي ڪندا ڪيڏٽا پوندا. بهرحال اسان هاسٽلن جي چوڌاري ديوار ڏيڻ جي عمل کي تيز ڪرڻ سان گڏوگڏ سيڪيورٽي جو انتظام اڳي کان وڌيڪ مضبوط ڪيو ته جيئن ٺيڪيدار ۽ مزدورن کي ڪا ڏکيائي پيش نه اچي.

الحمدلله ٽائيم جي اندر ديوارن جو ڪم مڪمل ٿي ويو. جيڪا شروع ۾ ڪجهه شاگردن جي مفاد پرست اڳواڻن ڏکيائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي, اها پنهنجي موت پاڻ مري وئي. ديوارن جي تيار ٿيڻ کان پوءِ مين گيٽ تي داخلا جي لاءِ نظام سخت ڪيو ويو جنهن جي ڪري جيڪي ڌاڙيل ۽ ڦورن جو ٽولو يونيورسٽي کي پناه جي جاءِ ناهي وينو هيو, اهو سلسلو ختم ٿي ويو ۽ عام شاگردن کي پنهنجي تحفظ جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ آهستي آهستي بدمعاشي وارو عنصر ڪافي قدر جهڪو ٿيندو ويو. انجو اهو اثر ٿيو جو 1987ع کان ساليانا امتحان وقت سر ٿيڻ شروع ٿيا.

ديوارن جي اچڻ کان اڳ تقريباً هفتي ۾ ٽي کان چار دفعا سپر هاءِوي تي ڦر جا واقعا ٿيندا هيا. انهن سمورن ڦر جي وارداتن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا ڪجهه شاگرد اڳواڻ شامل هوندا هيا, خاص ڪري ذوالفقار منگي ۽ انجا ساٿاري. ديوارن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ يونيورسٽي جي مجموعي صورتحال بهتر ٿيڻ لڳي. آهستي آهستي امن امان جي حالت به بهتر ٿيڻ لڳي. ڌاڙيل ۽ ڦورو هتي پنهنجي لاءِ رهڻ محفوظ ڪين سمجهڻ لڳا, نتيجي ۾ شريف ۽ پڙهاڪو شاگردن لاءِ ماحول سازگار ٿيندو ويو. ديوارن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٿوريون گهٽيون شاگرد اڳواڻن جون پاڻ ۾ ڇڪريون هلنديون هيون, پر انهن جي اها سنگين صورتحال واري پوزيشن ڪانه هوندي هئي جهڙي اڳ ۾ هوندي هئي. باقي ٿوري گهٽي ميوزڪ جا اسين به عادي ٿي ويا هياسين.

صدوري شيخ جيڪا مون کي ڌمڪي ڏني هئي, انجو ان عملي مظاهرو به ڪيو هيو. ٿيو ايئن هو

جو يوسف ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ مرحوم محمد يوسف عارفاڻي مون کي پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ پلاٽ ڏنو هيو. محمد يوسف ۽ مان گڏ 1975ع ۾ اسٽيل مل ۾ ڪلارڪ هياسين. انهي ڪان وٺي اسانجي پاڻ ۾ پيائرن وانگر گهاٽائي هوندي هئي. ڪافي عرصي ڪان پوءِ ملاقات ٿي پڌايائين ته مون به 1977ع ۾ نوڪري ڇڏي ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ڳوٺ لاءِ عبدالحفيظ پيرزاده جي معرفت سرڪاري زمين 1974ع ۾ الاٽ ڪرائي هئي. ٻيا دوست جيڪي ان وقت اسٽيل مل ۾ گڏ هياسين، تن کي به گهرن ناهڻ لاءِ پلاٽ ڏنا آهن ۽ مون کي به چيائين ته تون به اچي هتي گهر اڏاءِ ته جيئن سڀ پراڻا دوست ويجها هجون. مون چيو ته يار پلاٽ جي ته مهرباني پر اصل مسئلو آهي گهر ڪئين ٺاهجي، تنهن لاءِ مون وٽ طاقت ناهي. محمد يوسف چيو ته پائو اهو ڪو مسئلو ناهي، انهي جو به انتظام ٿي ويندو. مون پڇيو ته ڪيئن ٿي ويندو، مونکي پنهنجي حيثيت جي خبر آهي ته مون وٽ ڪيتري طاقت آهي. يوسف چيو ته مان توکي هڪ پلاٽ جي جاءِ تي چار پلاٽ ڏيان ٿو پوءِ انهن مان هڪ يا ٻه وڪڻي پنهنجي ڪم کي هلاءِ. جيڪڏهن توکي وڌيڪ ضرورت پئي ته مان وينو آهيان. چيائين ته مونکي خبر آهي ته تون ڪڏهن به گهر ناهڻ جهڙو ڪونه ٿيندين. اسان جي دل به ان ڳالهه تي اچي وئي ته خير پنهنجو پراڻو دوست آهي. منهنجو ننڍو ڀاءُ ان وقت فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ سپروائيزر هيو. اهو به ساڻ هيو تنهن چيو ته ادا مان هتي ڪراچيءَ ۾ فيڊرل بي ايريا ۾ رهان ٿو. ڳوٺ مان پنهنجون مينهون ڪاهي ٿا اچون، مان پاڻهي ان ڪم کي سنڀاليندس. محمد يوسف چيو ته بس ڳالهه ختم هاڻي جمن تنهنجو مسئلو ناهي، منهنجي ڀاءُ جو نالو صاحب خان هيو. صاحب خان آهي، توکي ڪهڙي تڪليف. تون متان سمجهين ته مون کي تنهنجي سرڪاري پوزيشن ۾ ڪا لالچ آهي. يقين ڄاڻ ته مان ڪڏهن به تو وٽ ڪنهن به ڪم لاءِ ڪونه ايندس. باقي جيڪڏهن زماني آهر ڪنهن دوست جو ڪم ڪوئي جائز سمجهيم ته پوءِ توکي چوندس. پوءِ تون سمجهين ته هن جو حق آهي ته جائز مدد ڪجاءِ. باقي ڪل پيران دا خير. محمد يوسف منهنجي دوران سروس ڪڏهن به ڪنهن ڪم لاءِ ڪونه آيو. ڪجهه عرصو اڳ الله کي پيارو ٿي ويو آهي، الله جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪريس.

مرحوم محمد يوسف مونکي وڏا پلاٽ 100 باءِ 100 جا چار پلاٽ ڏنا جيڪي برساتي نالي جي پيڪ ۾ هيا. انهن پلاٽن ۾ هڪڙي پلاٽ تي هڪ ڪمرو ورانڊو ۽ ٿورو ڪوٽو ٺهيل هيو. اتي ڪافي پراڻا بلاڪ پيا هيا، چيائين ته اهي توکي آيا. منهن جو ننڍو ڀاءُ ڳوٺ ويو تنهن وچي ڳوٺ مان هڪ مونکان وڏو ڀاءُ حاجي محمد انور عرف مير ۽ ٻه ٻيا ڳوٺ مان همراهه وٺي آيو. زمين کي ليول ڪري ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پنهنجي مينهن مان هڪ ترڪ مال جي ڪاهي آيا.

اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ جڏهن منهنجا ڀائر پلاٽ سڌا ڪري مينهون ڪاهڻ ڳوٺ ويا هيا، صدوري شيخ کي ڪٿان خبر پئجي وئي هئي ته هيءُ منهنجا پلاٽ آهن. سو رات جو اتي اچي ان ٺهيل ڪمري تي فائرنگ ڪري اچي مرحوم محمد يوسف کي ڌمڪي ڏئي ويو ته جيڪڏهن ڄامڙو صاحب هتي رهندو ته اسان جا هٿ تو ۾ هوندا. مان انهن پلاٽن تي قبضو ڪندس. پوءِ ڏسان ته ڄامڙو مون کان قبضو ڇڏائي. ٻئي ڏينهن صبح جو مونکي مرحوم سچو واقعو ٻڌايو. مون وراڻي چيو ته ڀاءُ توهانجي ملڪيت آهي، مون کي ڪوبه اهڙو لاچار ڪونهي، جو هرو ڀرو توهان کي منهنجي ڪري

ڪا پريشاني ٿئي. مرحوم يوسف چيو ته هرگز نه. اهي پلاٽ تنهنجا، باقي تنهنجي مرضي باقي مون بندوبست ڪري ڇڏيو آهي جيڪڏهن آيو ته مان پاڻهي منهن ڏيندومانس .

مان اها ڳالهه پنهنجي ڀائرن يا ڪنهن سؤٽ سان ڪانه ڪئي ته متان پريشان ٿين. گل ڄامڙو چار پنج سال اڳ فوت ٿي ويو آهي، مون ان کي گهرايو ۽ پوري حقيقت ڪئي، سڄي ڳالهه ٻڌي مون کي چيائين ته تون فڪر نه ڪر ۽ ڪنهن ٻئي کي نه چئو. صدوري شيخ جي مونکي خبر آهي، ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي پاسي جو آهي. اتي ٻن قبيلن جو پاڻ ۾ جهيڙو هيو ۽ هي ڪنهن هڪ قبيلي جي طرفان وڙهيو ۽ بعد ۾ ان سردار سان به جهيڙو ٿيس، جنهن جي طرفان هي وڙهندو هيو. تنهن کان پوءِ اتان ڀڄي ويو گهوٽڪي. انکان پوءِ سپرهاءِ وي ۽ نوري آباد جي علائقي ۾ ڦرلٽ ڪندو ۽ يونيورسٽي ۾ اچي پناهه وٺندو هيو.

# قوم پرست تنظيمن جا خيال ۽ ڏاڙيلن جي هاسٽلن ۾ رهائش

هڪ دفعو ٻيهر صدورو شيخ آيو پر مرحوم محمد يوسف هن جو جوان مرديءَ سان مقابلو ڪيو ۽ ڳوٺ جا ماڻهو نڪري آيا، آخر ۾ پڇي ويو انهيءَ کان پوءِ وري ڪڏهن هن يوسف ڳوٺ جو پاسو ڪونه ورتو. جيڪي مونکي مرحوم پلاٽ ڏنا ۽ بي جيڪا زمين برساتي نالي جي پيٽ ۾ هئي ان تي ٽريڪٽر هلرائي زمين هموار ڪرايم. انهيءَ عمل ڪرڻ سان زمين بيهڻ کان بہ وڌيڪ ٿي وئي. مون اها سڀ زمين پنهنجن ڀائرن، سوٽن، ڀاٽيجن، ماروٽن ۽ ٻين سيني کي ورهائي ڏئي ڇڏي، جن پنهنجا گهر ٺاهيا. ڪي اتي نوڪري جي سانگي رهن پيا ڪن پنهنجا گهر ٺاهي مسواڙ تي ڏنا آهن، مون پنهنجي لاءِ اتي هڪ فوٽ زمين جو ڪونہ رکيو. باقي منهنجي لاءِ ايئن، جيئن چوندا آهن تہ ڪکڙ ڪورين جي نالو وڏيري جو.

مون بحيثيت ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ ڪوٽڙيءَ ۾ جيڪو تجربو يا مون محسوس ڪيو ان کي مان ڪوشش ڪري چند سٽن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اهو منهنجو ذاتي حيثيت ۾ مشاهدو آهي، اختلاف رکڻ جو هر هڪ کي اختيار آهي.

منهنجو تقريباً ٻہ سال جو عرصو ڪوٽڙيءَ ۾ تعليمي ادارن جي هر شعبي زندگي سان واسطو پيو ۽ مختلف موقعن تي گهڻن موضوعن تي گفتگو ۽ بحث مباحثو بہ ٿيو. انهن بحثن دوران ڪيترين ئي نيون ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڏٺيون. مون جڏهن ڪامريڊن جي رهڻي سهڻي ۽ طريقيڪار ڏٺو تہ سوچيندو هيس تہ هنن دوستن وٽ تہ نہ ڪو تعليم جو شوق آهي، نڪي جيڪي چون ٿا انهي تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪو رستو پوءِ هو ڪيئن ڪاليج جي ٻالڪن کي پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪن ٿا ۽ هڙتال جي سڏ تي انهن سان گڏ آهن. مون ڪامريڊ دوستن سان جڏهن بہ ڳالهايو تہ انهن جو چوڻ مطابق تہ اسان جوهڪ نظريو آهي، جيڪو مان هيٺ لکان ٿو:

1. پاڪستان اسان سان دوکو ڪيو سنڌ پاڪستان ۾ شامل ٿي هئي تہ سنڌ پاڪستان ۾ رياست هوندي، جيڪا ڪنفيڊريشن جي اصول مطابق هوندي.
2. پنجاب جي پوري ملڪ تي حاڪميت آهي.
3. پنجاب سنڌ جي سمورن وسيلن تي قبضو ڪيو آهي.
4. فوج سڄي پنجاب جي آهي جنهنڪري سنڌي کي فوج ۾ صحيح مقام نٿا ڏين، چو تہ فوج تي

سڄو ڪنٽرول پنجاب جو آهي.

5. پنجاب هميشہ پنهنجي مفاد کي پاڪستان کان مٿانهون رکيو آهي.
6. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ شرط پنجاب جو ڪنٽرول سمورو ملڪ اچي ويو. ڇو تہ فوج ۾ اڪثريت پنجاب جي هئي.
7. جڏهن گڏيل پاڪستان هيو تڏهن پنجاب پنهنجي حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ قبول ڪونہ ڪيو. اوير پاڪستان جي آبادي 54٪ هئي ان کي تسليم نہ ڪيو.
8. 1973ع جي آئين کي انهيءَ اصول جي خلاف قبول ڪيو. يعني آبادي جي تناسب سان ملڪ جي وهنوار ۾ ڀائيواري. ڇو تہ هينئر پاڪستان جي آبادي جو 57 سيڪڙو پنجاب جي آبادي آهي.
9. 1954ع کان پوءِ ون يونٽ قائم ڪري صوبن جونالو ۽ نشان ختم ڪرڻ لاءِ هيلا هلايا تہ جيئن پاڪستان ٻن صوبن ۾ برابري جي حساب سان هلي. انهي جي باوجود اوڀرپاڪستان کي هلڻ نہ ڏنو ۽ پنجاب پنهنجي طابع رکيو جنهن ڪري اوڀرپاڪستان مان بنگلاديش ٺهي ويو.
10. پنجاب هينئر بہ اسان سيني صوبن کي پنهنجي ڪالوني مطابق هلائي ٿو. تنهن ڪري بنگلاديش واري نموني سنڌ کي مجبور ٿو ڪري تہ سنڌوديش ٺاهي.
11. پنجاب ڪنهن سان سچو ناهي، ڀٽي صاحب کي استعمال ڪري 1973ع وارو آئين پنجاب پنهنجي مفاد ۾ ٺهرايو ۽ ملڪ تي پورو قبضو ڪري پنجابي جنرل جي معرفت ٽشو پيپر وانگر استعمال ڪري ڀُٽي کي ڦاسي تي چاڙهي ڇڏيو.
12. پاڙيءَ جي ورهاست ۾ سنڌ جو حق ڪاڏو وڃي ٿو.
13. بيوروڪريسي ۾ ٽوٽل پنجابي قابض ٿي وينو آهي. ڊي سي، ايس پي، ڪمشنر، ڊي آءِ جي، آءِ جي، سيڪريٽري، چيف سيڪريٽري سڀ پنجابي.
14. پنجابي ڊي سي هميشہ پنجاب جي ماڻهن کي ڪوڙا ڊوميسائيل سنڌ مان اشو ڪن ٿا، جيڪي سنڌ جي ڪوٽہ تي مرڪز ۽ سنڌ صوبي ۾ نوڪريون حاصل ڪن ٿا.
15. سنڌ جي بئراجن جون زمينون پنجابين کي ورهائي ڏئي ڇڏيون آهن.
16. پنجاب پنهنجا آبادگار سنڌ ۾ سيٽل ڪري زمينون ڏئي اسان کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي.
17. گئس ۽ تيل جا ذخيره سنڌ مان لڌا ويا آهن، انهن تي قابض پنجاب ٿي وينو آهي، جو هتان جي مقامي ماڻهو کي نوڪري تہ پري جي ڳالهہ پر رستي سان بہ گذرڻ ڪونہ ٿا ڏين.
18. اوجي ڊي سي ايل ۽ ٻين ادارن ۾ سنڌ جي ڪابہ نمائندگي ناهي. وغيره وغيره.

اهي مٿيون پوائنٽون هيون، جيڪي سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد ۽ ٻيا چوندا هيا. مون تڏهن سمجهيو تہ اهي ڪيئن ڪاليج جي ننڍن ذهنن تي حاوي ٿي پنهنجو ڪن ٿا ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ ناهي، انهن سيني ڳالهين ۾ پنهنجي جاءِ تي وزن ضرور آهي، جنهن ڪري شاگردن جا ڪچا ذهن هنن

جي نعره سان متفق ٿي ويندا هيا.

مان انهن کان اهو ورائي پڇندو هيم ته انهي لاءِ ڪهڙو ڪامياب طريقو ٿي سگهي ٿو ته توهان پنهنجو حق حاصل ڪيو. هو هڪدم چوندا هيا ته وطن يا ڪفن. پيو ڪو به طريقو ڪونه آهي.

مان هميشه انهن کي چوندو هيس ته بابا سڀ ڪجهه توهان حاصل ڪندا صرف معياري تعليم جي آڌار تي، باقي توهانجا سڀ وهم ۽ خيالي پُلاءَ آهن. توهان تعليم تي زور ڏيو جيئن يهودين ڪيو. دنيا ۾ سڀ کان ٿوري قوم يهودين جي آهي، پر هر طرح پوري دنيا ۾ يهودين جو سڪو هلي ٿو ۽ اهو صرف معياري تعليم جي ڪري. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته اوهان ترقي ڪيو ۽ سنڌ خوشحال ٿئي ۽ ڪير اوهان جي ڳالهه ٻڌي ته پوءِ صرف ۽ صرف تعليم هڪ واحد ذريعو آهي، جنهن سان پاڪستان ته ڇا پر پوري دنيا توهان کي سلام ڪندي.

منهنجو ان ڳالهه تي زور ڏيڻ ته تعليم کي اهميت ڏيو ڇو ته اسان ۽ توهانجي وڏڙن لڱ اگهاڙا پيٽ تي صرف گنجي ۽ گوڏ پائي گذران ڪيو پر توهان کي سکيو رکڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ سڄي زندگي پتوڙيندا رهيا. انهيءَ آسري تي ته منهنجو ٻچڙو پڙهي پوي ۽ سکي زندگي گذاري. توهان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي وڏڙن جي آسيس لاهڻ لاءِ ڪجهه محنت ڪيو ته جيئن انهن ٻيڍڙن جو اميدون پوريون ٿين. جڏهن به زور ڀريندو هيم ته چوندا هيا سائين اڄ تائين ڪنهن قوم تعليم جي ڪري آزادي حاصل ناهي ڪئي. هميشه قومن هٿيار بند ٿي آزادي ورتي آهي. تنهن ڪري اسان صرف ۽ صرف جدوجهد وارو رستو اختيار ڪنداسين. مان وري به چوندو هيو مان ته ڀائو توهان غلط راهه ڏانهن گامزن آهيو جنهن جو نتيجو خراب ٿيندو ۽ توهان جا وڏڙا ۽ مٽ مائٽ پريشان ٿيندا. گهڻا دوست ان ڳالهه کي صحيح سمجهندا به هيا ۽ پڙهڻ ڏانهن لاڙو به ٿيندو هين، وري جڏهن ٻيهر ملندا هيا ته ساڳيا لاٽون ساڳيا چڳهه.

وري پڇندو هيم ته ڪجهه محنت ڪيو ٿا؟ ڀائو وري ساڳيو راڳ ته اسان کي پنجاب جي غلاميءَ مان هڻ حاصل ڪانه ٿيندي ۽ سنڌ جي قدرتي وسيلن تي پنجاب جو قبضو ٿي ويو آهي سنڌ کي اقتصادي طور غلام پيو ڪندو وڃي ۽ توهان ٿا چئو ته تعليم، تعليم ۽ تعليم. سائين لٽن جا جن پيار سان ڪونه پڇندا آهن. گهڻا دفعا مون کين چيو ته ڀائو سياڻا ٿيو توهان جن کي مڇيو ٿا، انهن توهان کي ٽرڪ جي بتي پٺيان لڳائي ڇڏيو آهي. ٽرڪ جي ڳاڙهي بتي انڌيري ۾ توهانکي ويجهي لڳي ٿي پر ٽرڪ نڪري ويندي ۽ توهان زيڙاٽ ڪري ڪري پوندا. جڏهن ته توهان جا پوتار انهن سان ٻٽ وينا آهن. سائين ايئن نه چئو اسان جا وڏا پنجاب جي حاڪميت خلاف آهن ۽ اسان جو انهن سان سر بازي جو وچن ٿيل آهي. ڀائو اهو وقت ٻڌائيندو ته ڪير توهانجو سڄڻ ۽ ڪير توهانجو دشمن آهي، هينئر توهان ڳالهه نٿا سمجهو وقت ايندو ته توهان پاڻ پڇتائيندا.

پنج ست سال اڳ مان اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ ڪنهن دوست جو انتظار پئي ڪيو ته هڪ همراهه آيا ۽ نوڙي مليا. مون سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سڃاڻي ڪونه سگهيس. مون کي چيائون ته سائين توهان جامڙو صاحب آهيو؟ مون چيو ته هائو وري ٻيهر پيرن تي هٿ رکڻ لاءِ اڳتي وڌيا، مون کين روڪيو ۽ پاڻ ٻڌائڻ لڳا ته سائين واقعي توهانجون ڳالهيون ان وقت يونيورسٽي ۾ زهر لڳنديون

هيون. پر جيڪو ڪجهہ چوندا هيا اهو بلڪل سچ هيو پر اسان انڌي گهوڙي تي چڙهيل هياسين. سچ پڇو تہ اسان کي رولي ڇڏين. اسين ڏوهيءَ جي ڪتي وانگر نہ گهر جا رهياسين نہ گهاٽ جا. پلو ٿئي اسان جي تر جي زميندار جو بابي سائين تي ترس کائي ماستري وٺي ڏنائين. جو هاڻي اچا ڪپڙا پائڻ جهڙا ٿيا آهيون. مون چيو پوءِ انهن معصو ٻارن جو خير ناهي، جو توهان انهن کي بہ اهوئي سبق ڏيندا هوندا تہ پنجاب جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻي آهي، تنهن ڪري پڙهڻ مان ڪوئي فائدو ڪونهي. چيائون تہ سائين هاڻي اسان جي ڦٽن تي لوڻ نہ ٻرڪيو نہ. بس اسان پنهنجي وڏڙن جي عزت ڪانہ ڪئي. اسان ڪامريڊن جي دوکي ۾ اچي وياسين. واقعي تعليم کان بغير جڻ انڌي وانگر آهي ماڻهون. تعليم کان بغير قوم تباهہ آهي سائين جيئن اسان ٿي وياسين. مون چيو تہ پوءِ نئين جنريشن جي پارت اٿو. چيائين سائين اسان اسڪول جي ٻارن تي ڏنڊو کنيو آهي تہ بابا اڳتي وڌڻ لاءِ صرف تعليم ئي سڀ ڪجهہ. اسان اڳئي گهڻو تباهہ ۽ برباد ٿي ويا آهيون، انهن ڪوڙن دلاسن ۽ دوکي جي ديوار کي ڪيرائڻ ۾. آڪٽوبر 1987ع ۾ منهنجي پوسٽنگ ڊائريڪٽر سازدا نارا ويلي ٿي وئي.

# سازدا خيرپور ۾ پوسٽنگ ۽ عمارتن جي نقشن ۾ تبديليون

آڪٽوبر 1987ع ۾ منهنجي بدلي ڊائريڪٽر نارا ويلي سازدا خيرپور ٿي وئي. ان وقت ڊائريڪٽر جنرل مرحوم محمد هاشم ميمڻ هيو جنهن منهن جي بدلي چيف سيڪريٽري کي چئي ڪرائي هئي. منهنجو سازدا ۾ نوڪري ڪرڻ جو وقت ته تمام ٿورو هيو جو تقريباً ويهن ڏينهن کان پوءِ منهنجي اچانڪ بدلي ٿي وئي ڊي سي لاڙڪاڻو. جيڪي ڏينهن منهنجا سازدا سان لاڳاپيل هيا، اهي تمام خوبصورت يادگيرين وارا هيا. ڇو ته محمد هاشم ميمڻ جهڙو انمول هيرو باس هجي ته ان سان گڏ جي ڪم ڪرڻ جو مزو پنهنجو هوندو آهي.

ڊائريڪٽر نارا جي چارج وٺڻ کان پوءِ حسب معمول پنهنجي عادت مطابق پنهجي ايريا کي ڏسڻ خاطر دوري تي نڪتس ته جيئن ڪنهن به فيصلي ڪرڻ کان اڳ مان پاڻ سرزمين گهمي ڏسان ته جيئن ان ايرا مطابق ڪنهن فيصلي کي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. پهريون دورو مون ميرپور ماٿيلي جي ايريا جو رکيو انهيءَ کان پوءِ مان گهوٽڪي ڏانهن ٽر وارو علائقو ڏسڻ ويس. مرحوم ولي محمد شيخ ڊپٽي ڊائريڪٽر انجنيئرنگ هيو. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پناڻ صاحب هيو. گهوٽڪي کان اوپر باربر کان ٿورو ويجهو بيس آفيس جي پي سي ون تيار ٿيل هئي ۽ انجي لاءِ اي ڊي پي ۾ پئيسا به رکيل هيا ۽ ڪم شروع ٿيڻ وارو هيو. مرحوم ولي محمد شيخ آيو ۽ ٻڌايائين ته هن سال جي بجيٽ ۾ به بيس اسٽيشن ٺهنديون ۽ اڳئين سال به ٻيون به بيس اسٽيشن ٺهڻ لاءِ پروپوزل موڪليو آهي.

مون وڌيڪ پڇيو ته سازدا جي اسڪيمن جو ڪنسلٽنٽ ڪير آهي؟ جنهن ڊرائنگ وغيره تيار ڪيون آهن يا توهان پاڻ انهن جا نقشا تيار ڪيا آهن.

خبر پئي ته هيڊ آفيس ڪنسلٽنٽ ۽ ڊرائنگ لاءِ نيسپاڪ کي هائر ڪيو آهي، باقي اسين صرف ان تي عمل ڪنداسين. مون ڏٺو ته نقشا ته خوبصورت ٺهيل پيا ڏسجن. پر زمين جي موافقت سان ٺيڪ نه پيا لڳن. مون مرحوم کي چيو ته هل ته هلون هينئر سرزمين تي ۽ نقشه وغيره مون کي زمين تي لي آئوٽ ناهي ڏيکار. چيائين ته سائين هينئر ته دير ٿي وئي آهي، تنهن ڪري صبح سوير هتان نڪري هلون ته جيئن وقت سرزمين تي پهچي مان توهان کي لي آئوٽ پلان ڏيکاريان. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ کان خيرپور آفيس پهچي، مرحوم ولي محمد شيخ صاحب کي ساڻ ڪٽي سرزمين ڏسڻ ۽ ميدان تي هلي لي آئوٽ پلان ڏسي پوءِ اڳتي ٻيو قدم کڻڻ خاطر نڪري پياسين. گهوٽڪي،

عادلپور ۽ خانپور کان اڳتي تقريباً پنجويهه کان ٽيهه ڪلوميٽر واريا سا ڏڙا پار ڪري وڃي سرزمين تي پهتاسين .

جڏهن اتي پهتاسين ته تقريباً ٻارهن وڳي ٽائيم ٿي ويو هيو. مون اتي ڏٺو ته نجي واري جا ڏڙا هيا ۽ پري پري تائين ڪٿي ڪنڊي جاوڻ ۽ لَوَڻ جا وڻ نظر آيا پئي. باقي ويهڻ لاءِ ڪٿي اهڙو ڇانودار وڻ ڪونه هيو. جتي ماڻهو ڇانوَ ۾ ويهي جهٽ آرام ڪري. جڏهن مون زمين جي حالت ڏٺي ۽ نقشي ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺم ته مان اچرج ۾ پئجي ويس. مون مرحوم شيخ صاحب کان پڇيو ته ڇا نيسپاڪ وارا ڪڏهن هتي سرزمين ڏسڻ لاءِ آيا آهن يا نه؟ جواب ۾ چيائين ته سائين اسان ته ڪڏهن انهن کي ڏٺو به ڪونهي.

نيسپاڪ وارن جيڪا ڊرائنگ تيار ڪئي هئي اها هن طرح هئي:

گريڊ ارڙهين جي آفيس ۽ گهر اهڙيءَ طرح ڊزائين ڪيل هيو جيئن ڪلفٽن يا گلبرگ جي ايريا ۾ آفيس ۽ گهر هجي. جتي بجلي ۽ پاڻيءَ جي ڪابه کوٽ نه هجي. زمين جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪندي هجي .

10 باءِ 15 فوٽن جو آفيس لاءِ ڪمرو ڇت RCC. ورانڊه 8 فوٽ. ڊيگهه 10 فوٽ. واريا سي علائقي ۾ اڏوهي جو وڏو مسئلو هوندو آهي. انهيءَ جي لاءِ ڪوبه بندوبست ڪونه ڪيل هيو. اتي ٺيڪيدار آيل هيو ته انجنيئر صاحب نشان ڏيندو ته هو ڪم شروع ڪندو. مون اتي انجنيئر ۽ ٺيڪيدار کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ته هيءَ ڪال ڪوٺڙيون ٺاهڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. مون اتي چيو ته جيڪڏهن بيس اسٽيشن ٺهندي ته صرف سرزمين جي حالتن مطابق ٺهي. نه ته اهڙي آفيس ٺهڻ جو ڪوئي فائدو ناهي .

انجنيئر صاحب پڇيو ته سائين پوءِ توهانجي ذهن ۾ ڇاهي ته ڪئين ٺهڻ کپي. مون وراڻيو ته پهريون نمبر مان اهو چاهيندس ته آر سي سي اسٽرڪچر سان هتي ڪابه جڳهه نه ٺهي. ٻيو ته ڇت جي هائيٽ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن فوٽ هجي. جنهن ۾ روشندان هجن. ورانڊو گهٽ ۾ گهٽ پندرهن فوٽ هجي ته جيئن سج جي تپش کي گهٽائي سگهجي. پلنٿ ليول گهٽ ۾ گهٽ زمين کان چار کان پنج فوٽ هجي. جو هوا تي واري اندر نه اچي . آفيس جي مهاڙ سج کي پٺي ڏنل هجي.

چوڌاري وڻن جو بندوبست ٿيل هجي. جو گرمي جي تپش کي گهٽائي. انجنيئر صاحب چيو ته سائين هاڻي ڪم جو ٽينڊر ٿي چڪو ٺيڪو به ٺيڪيدار کي ملي ويو هاڻي ڪيئن ان جو حل ڪجي. مون وراڻيو ته ڪم کي ٿيستائين روڪيو جيستائين مان ٻيهر سرزمين تي نه اچان ۽ انشاءَ الله مان اها ڊزائين چينج ڪرائي ايندس. شيخ صاحب چيو ته سائين نيسپاڪ وارا اسان جي ڳالهه ڪونه مڃيندا. مون وراڻي چيو ته ڪم کي روڪي رکو. مان انجو حل ڳولي ڪيندس. شام جو واپس ورياسين. سڌو گهر ڏانهن راهي ٿياسي. ٻئي ڏينهن آفيس پهچي سائين محمد هاشم ميمڻ صاحب کي فون ڪري حقيقت ڪيم . ميمڻ صاحب چيو ته تنهنجي ڳالهه صحيح آهي. ايئن ته اسانجو اسٽاف سڙي ڪوئلو ٿي ويندو. چيائين ته پنج منٽ ٻيهه ته مان نيسپاڪ وارن سان ڳالهايان. تقريباً ڏهن منٽن کان پوءِ ميمڻ صاحب جو فون آيو ۽ چيائين ته مون نيسپاڪ وارن سان ڳالهايو آهي. تون وڃ ۽

انهن کي پنهنجي مرضي مطابق ويهي ڊرائنگ تيار ڪرائي پوءِ واپس اچ.

نيسپاڪ جي ڪراچيءَ ۾ ريجنل آفيس هئي، ايف ٽي سي بلڊنگ جي ويجهو رومي مسجد کان شارع فيصل ڇڏي ٿورو اندر جي طرف آفيس هئي. مان اتي ويم، ڊاڪٽر علوي صاحب جيڪو شايد بعد ۾ وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي به ٿيو هيو. ريجنل آفيس جو هيڊ هيو. مون وٽي ساري حقيقت ڪئي ۽ چيو ته سائين توهان ته هر پاڪستان جي ڪنڊ کي ڪلفٽن ۽ لاهور جو گلبرگ سمجهيون وينا آهيو ته شايد هر جڳهه کي ساڳي سهولت هوندي. خدا ڪجهه خوف خدا ڪريو جو ايئرڪنڊيشن آفيس ۾ ويهي ٿر جي لاءِ به ساڳي ڊزائين رکي جتي پاڻي پيئڻ لاءِ ڪونهي. بجلي ڏسڻ لاءِ ڪانهي، وڻ جي ڇانو اڻلڀ آهي.

علوي صاحب انهي ڳالهه کي مڃيو ته واقعي اها اسان جي اسٽاف جي غلطي آهي. چيائين تون ويهه مان به انجنيئر تنهنجي حوالي ٿو ڪريان تون صرف اهو ڪجهه لکاءِ جيڪا تنهنجي ضرورت مطابق هجي. مون انهن انجنيئرن سان سڄو ڏينهن گذاري رات جو دوست وٽ رهي پيم، ٻئي ڏينهن صبح جو اٺين وڳي آفيس پهچي ويم، اجا ان وقت پٽيوالا پهچڻ شروع ٿيا ئي مس هيا. انجنيئر صاحب آفيس آيا وري انهي ڊرائنگ کي چينج ڪرڻ ۾ لڳي ويا، شام جو منهنجي صلاح موجب ڊزائين جوڙي ڏنائون، تنهن وقت مون ميمڻ صاحب کي فون تي مڪمل تفصيل ڏنا ۽ ميمڻ صاحب ڏاڍو خوش ٿيو.

جڏهن منهنجو گهوٽڪي جي ائيرڊ زون واري علائقي ڏانهن وڃڻ ٿيو ته مرحوم سردار غلام محمد مهر جي بنگلي ۽ سندس ڳوٺ کان وڃڻ ٿيو. انجنيئر صاحب ٻڌايو ته هتي سردار صاحب جو حڪم آهي هن پاسي جيڪو ايندو، ماني انهيءَ کي سردار مهر صاحب جي کاڌي پوندي نه ته سردار صاحب انهيءَ ڳالهه کي تمام برو سمجهندو آهي. تنهن ڪري توهان کي هتي ماني کائڻي پوندي. منهنجو پنهنجو ارادو هيو ته عادلپور کان پوءِ قاضي واهه وٽي مرحوم الحاج عطا محمد مهر جي اوطاق تي ماني به کائيندس ۽ ڪچهري به ٿي ويندي. ڇو ته انهن سان منهنجا ڪافي پراڻا دوستاڻا تعلقات هيا. غلام حيدر مهر جو فون آيو ته ڪٿي آهين مون ٻڌايو مانس مان هينئر توهانجي سردار صاحب جي ڳوٺ جي پرسان اڳتي وڃان پيو. مرحوم غلام حيدر ٻڌايو ته ايڏانهن وڃڻ کان اڳ هيڏانهن ٿيندو وڃين ها ته دال ماني به گڏجي کائون ها. پر هاڻي اسين بي وس آهيون ڇو ته جڏهن سردار صاحب کي خبر پوندي ته منهنجي ڳوٺ کان گذريو ۽ ماني ٻئي وٽ وڃي کاڌي اٿس ته ڏمرجي پوندو. توهان ماني سردار صاحب وٽان کائي پوءِ اچجو. جيڪو مون اتي ٻڌو ۽ صرف انوقت ڏٺو ته واقعي مهر صاحب وڏو مهمانواز آهي. هينئر ڇا حالات آهن سردار صاحب جي مهمانوازي جا، انهيءَ جي ڪا به خبر ناهي.

# سردار غلام محمد مهر جي مهمان نوازي

مهمان نوازي سردار مرحوم غلام محمد مهر جي پنهنجو مٽ پاڻ هئي. اتي مون اهو عام ماڻهن جي زباني ٻڌو ته مهر صاحب وٽ جڏهن به ڪوئي وڏي ليول جو مهمان ايندو هيو ته ننڍي کان وڏي ماڻهو تائين صبح سوير پاڻ ذاتي طور ويندو هيو ۽ انهن جي خدمت ۾ ڪا ڪسر ڪونه ڇڏيندو هيو. ٻي جيڪا مون ماڻهن جي زباني ٻڌي ته سردار صاحب کي هندستان ۽ پاڪستان جي بارڊر جي ٻنهي پاسن کان هر ڳوٺ جي ڇڱي مٺي جي خوب خبر هوندي هئي. جڏهن به اليڪشن ٿيندي هئي، چاهي اها لوڪل گورنمينٽ جي هجي يا قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي. سردار صاحب کي مڪمل ڄاڻ هوندي هئي ته ڪهڙي ڳوٺ ۾ ڪنهن جي ميجوٽي آهي ته صرف انهي کي پاڻ وٽ گهرائيندو هيو ۽ اهڙيءَ طرح بندوبست ڪندو هيو جو سردار صاحب 1988ع جي جنرل اليڪشن کان علاوه ڪڏهن به ڪين هارايو. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته اسي واري ڏهاڪي ۾ سردار صاحب وزير زراعت هيو ۽ سکر ۾ گورنر ايس ايم عباسي کي اتي اچڻو هيو ۽ محب الله شاهه ڪمشنر سکر هيو. اتي ڪنهن صحافي سردار مهر صاحب کان سوال ڪيو ته سردار صاحب توهان پڙهيل ناهيو پوءِ به وزير آهيو. سردار صاحب جواب ڏيندي چيس ته ها برابر مان پڙهيل ناهيان پر اڻڄاڻ به ناهيان. ڄاڻ تعليم جي محتاج ناهي. صحافي جواب ٻڌي خاموش ٿي ويو.

گهوٽڪي ۾ هڪ مهر مهربان دوست هيو. چيائين ته سائين گهوٽڪي آيا آهيو ۽ جيڪڏهن هتان جا پيڙا نه کاڌا ته ڄڻ توهان گهوٽڪي آيائي ڪون. خير پيڙا پر ڪنگ سائيز وارا پيڙا، جو ماڻهو ٻن کان وڌيڪ کائي ڪونه سگهي، کاڌاسين ڏاڍا لذيذ ۽ مناسب مٺا هيا. مهر دوست چيو ته سائين توهان کي خبر آهي مهر لاءِ؟ مون چيو ته ٿوري خبر آهي ڪا خاص ڳالهه آهي ته ٻڌاءِ. چيائين ته سائين :۔مهر، صبح جو مهر، شام جو زهر، رات جو قهر.

سازدا جي متعلق اجان پوري خبر به حاصل ڪانه ڪئي هئي ته منهنجي ٽرانسفر ڊي سي لاڙڪاڻي طور ٿي وئي. نومبر 1987ع جي ٻئي هفتي ۾ پنهنجي ڳوٺ گمبٽ جي ٻاهران ننڊ ۾ پيو هيس ته تقريباً رات جو ٻارهين وڳي مختيارڪار ۽ ايس ايڇ او گمبٽ اچي ڳوٺ پهتا ۽ پيغام مليو ته صبح سوير توهان کي ڪمشنر سکر گهرايو آهي. مون انهن کان پڇڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڇا مسئلو آهي چيائون ته اسان کي ڪابه خبر ناهي ته توهان کي ڇاجي لاءِ گهرايو اٿن.

# ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو واري مقرري

صبح جو سوير ڪمشنر سکر صاحب جي آفيس پهچي ويم . ان وقت روشن ضمير ڪمشنر سکر هيو. اجا گهر واري آفيس ۾ هيو اتان پيغام ڏنو تہ فلحال تون اتي ترس تہ مان اچان ٿو. ٿوري دير کان پوءِ وري ڪمشنر صاحب جو فون آيو تہ مونکي اچڻ ۾ ڪجھ دير آهي، تون پلي وڃ. ڇاجي لاءِ گهرايو اٿائون؟ ڇا مسئلو آهي؟ ڪابہ خبر ڪانہ پئي پوي. ايستائين جو ايڊيشنل ڪمشنر کي بہ خبر ڪانہ هئي. مان اتان واپس خيرپور آفيس لاءِ روانو ٿيس. اڃان خيرپور آفيس پهتس ئي مس تہ ڊيوٽي ڪلارڪ گاڏي ڏسندي ٻاهر ڊوڙندو آيو ۽ چيائين تہ سائين ڪمشنر آفيس مان چار پنج دفعا فون آيو آهي ۽ چيو اٿن تہ جامڙو صاحب کي چئو تہ جلدي سکر اچي ڪمشنر سان ملي. مان اتان واپس سکر لاءِ روانو ٿيس. خيرپور ڦاٽڪ بند هيو ۽ ٽريفڪ جي وڏي قطار ٻنهي طرف بيٺل هئي. تقريباً ويهارو منٽ اتي ٽريفڪ ۾ ڦاٿل رهيم. خير اڌ ڪلاڪ مني ڪلاڪ کان پوءِ ڪمشنر آفيس وڃي پهتم. ڪمشنر ٿورو اڳ ۾ آفيس کان گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. اي سي جي صاحب انتظار ۾ وينو هيو. تنهن ٻڌايو تہ ڪمشنر صاحب توهان جو شدت سان انتظار پيو ڪري. اي سي جي ڪمشنر صاحب کي فون ڪري ٻڌايو تہ جمن جامڙو اچي ويو آهي ڇا حڪم آهي. چيائين تہ جمن کي فون ڏي، مون فون تي ڳالهايو. ڪمشنر چيو تہ جمن هينئر وڃ ۽ ڊي سي لاڙڪاڻو جي چارج وٺ. مون چيو تہ سائين هينئر شام ٿي وئي آهي ۽ لٽا ڪپڙا بہ ساڻ ڪونہ آندا آهن. مان ڳوٺ وڃي صبح جو لاڙڪاڻي وڃان. سياڻي سازدا جي چارج بہ ڇڏيان ۽ ڊي جي صاحب کي بہ ٻڌايان. روشن ضمير صاحب چيو جمن ڳالھ سمجھ ۽ هينئر وڃي لاڙڪاڻي جي چارج وٺي اچ رپورٽ ڪر. لٽا ڪپڙا پوءِ گهراءِ ۽ ڊي جي صاحب کي بہ اتي پهچي پوءِ اطلاع ڪر. مون چيو تہ ٺيڪ آهي سائين. ڪمشنر صاحب جيئن فون رکيو مون ڊي سسي لاڙڪاڻو مرحوم عباسي صاحب کي فون ڪيو تہ پاڻو مون کي هي احڪامات مليا آهن. ڇا توکي انهي جي خبر آهي؟ چيائين تہ جمن تون جلدي پهچ ۽ مان پنهنجو سامان ٻڌي صبح کان تنهنجي انتظار ۾ وينو آهيان.

مان تقريباً تي ساڍا تي وڳي سکر کان لاڙڪاڻو روانو ٿيس. تقريباً شام جو پنجين وڳي لاڙڪاڻو پهتم عباسي صاحب کان ڊي سي لاڙڪاڻي جي چارج ورتم. عباسي صاحب چيو تہ جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ مان اڄ رات اتي رهان ۽ صبح جو روانو ٿي وڃان. مون چيو ڪوئي مسئلو ناهي، مان اڄ رات سرڪٽ هائوس ۾ ٿو رهان، صبح جو ناشتو گڏ ڪنداسين پوءِ جيئن توهانجي مرضي. مان رات

سرڪٽ هائوس وچي رهيس. صبح جو مون سرڪاري گاڏي عباسي صاحب کي ڏني ته جيئن ڪراچي تائين پهچائي اچي. مان سازدا واري گاڏي ڳوٺ موڪلي ته جيئن منهنجي من ٺار محبوبه کي لاڙڪاڻي وٺي اچي.

ڳوٺ ڪافي دير ٿي وئي، مان واپس ڪونه وريم. ڳوٺ وارن کي پريشاني ٿي ته ڇاجي ڪري ڳوٺ ڪونه پهتو آهي. ان وقت موبائل فون ته هيا ڪونه ڪي جو ماڻهو پنهنجي باري ۾ ڪجھه ٻڌائي ته مان ڪٿي آهيان. خير دير سان مختيارڪار گمبٽ سان رابطو ٿيو ۽ گذارش ڪئي ڳوٺ وڃي ٻڌائي ته مان اڄ لاڙڪاڻي جي ڊي سي جي چارج ورتي آهي ۽ مونکي هنگامي حالتن ۾ موڪليو ويو آهي. ڊي جي سازدا صاحب کي لاڙڪاڻي مان فون ڪري ٻڌايم ته مان لاڙڪاڻي پهچي ويو آهيان. ميمڻ صاحب خوش ۽ صرف ايترو چيائين چڱو الله ڀلي ڪندو.

لاڙڪاڻي جي چارج وٺڻ کان ترت پوءِ سڀني ادارن سان ملي بريفنگ ورتي ته هن وقت ڪهڙا ڪهڙا ٻرندڙ مسئلا درپيش آهن. مختلف ڊپارٽمينٽ جي ضلعي جي نمائندن سان ملي ڪري انهن جي مسئلن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪيم.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ 1987ع جي لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن ڪرائڻ واسطي تيارين ۾ شروع ٿي وياسين.

ضلعي انتظاميه لاءِ لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن وڏيڪ ڏکيائي پيدا ڪندي آهي. ڇوته لوڪل گورنمينٽ جي چونڊن ۾ گھر گھر جي ماڻهن جي هڪٻئي سان ذاتي دلچسپي جي ڪري جهڳڙي ۽ فساد جا امڪان تمام گھڻا هوندا آهن. بنسبت قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي اليڪشن جي. مون سڀني اي سيز جي ميٽنگ سڏائي ۽ امن امان جي صورتحال تي غور و فڪر ڪري اها ڪوشش ڪئين ته ڪٿي، ڪهڙي پولنگ اسٽيشن تي ڪنهن ڪنهن ڌر ۾ ڪا ذاتي دشمني يا ڪا ٻي اهڙي ڳالهه ته ناهي، جنهن جي ڪري حالات بگڙي سگھن ٿا. حالتن جي خرابي واري صورتحال ۾ ڪيئن انهي مسئلي کي جلد کان جلد حل ڪري سگھجي ٿو؟ اهڙيون ڪهڙيون پولنگ اسٽيشنز آهن جن کي هينئر ڏکيائي پيدا ڪندڙ پولنگ اسٽيشن جي لسٽ ۾ شامل ڪجي؟ ٻيو ته ٻيون اهڙيون ڪهڙيون پولنگ اسٽيشنز آهن جن ۾ خراب صورتحال پيد ٿي سگھي ٿي؟ ڇاجي ڪري خراب صورتحال پيدا ٿي سگھي ٿي؟ ڪير اهي ماڻهو ٿي سگھن ٿا جيڪي اهڙي افراتفري پيدا ڪري سگھن ٿا؟ ضلعي جي نقشي تي پولنگ اسڪيم نروار ڪري پوءِ پاڻ ۾ خوب غور ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ ايريا جي حالتن مطابق پولنگ اسڪيم کي مختلف ڪيٽگريز ۾ ورهائي پوءِ انتظامي طور انهن ڪمزورين کي دور ڪرڻ خاطر پولنگ اسٽيشنز کي مختلف گروپن ۾ ورهائي انجو انتظام سنڀالڻ لاءِ مختلف ماڻهن جون ڊيوٽيز لڳائي ۽ ٻه ٽي ريهرسل ڪرائي تسلي ورتم ته هر ماڻهو پنهنجو ڪردار بهتر نموني سان ادا ڪري سگھندو. تنهن کان پوءِ وڃي پولنگ اسڪيم کي فائينل ڪري عام ڪري ڇڏي ته جيئن ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن به قسم جي پريشاني نه ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو اعتراض آهي ته ان جي تفصيل وٺي جيڪو مناسب قدم کڻڻو هيو اهي سڀ اپاءُ وٺي آخر ۾ پولنگ اسٽيشنز کي پبلڪ لاءِ جاري ڪرڻ جا انتظام ڪري امن و امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ

ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون.

# بلدياتي چونڊن جو انتظام

پولنگ اسڪيم کي فائنل ڪرڻ کان اڳ جن پولنگ اسٽيشنز تي گڙٻڙ ٿيڻ جا چانس هيا، اتي سرزمين تي وڃي انهن جو جائزو ورتو ته جيئن پولنگ واري ڏينهن ڪنهن کي ڏکيائي پيش نه اچي. پوري ضلعي ۾ تقريباً پنجويهه ٽيهه اهڙيون پولنگ اسٽيشنز هيون جتي قبيلن جا پاڻ ۾ سخت اختلاف يا ڪجهه دشمنيون هيون، جنهن جي ڪري انديشو هيو ته متان اتي امن امان جي صورتحال خراب ٿي پوي. سڀ کان پهريان انهن پولنگ اسٽيشنز جي علائقي ۾ رهندڙ چڱن مڙسن کي گهرائي شوئر تي ٻاند لڳائي ورتا ته اهي ڪنهن به قسم جي اهڙي حالت پيدا نه ڪندا جو امن امان جو مسئلو پيدا ٿئي. اهڙيءَ طرح ٻن ڏينهن ۾ مون سڄي ضلعي جو مڪمل جائزو ورتو.

اهڙيءَ طرح ايس پي صاحب به پنهنجو هوم ورڪ ڪيو ته جيئن اليڪشن ۾ ڪو امن امان جو مسئلو پيدا نه ٿئي.

انهيءَ هوم ورڪ ڪرڻ کان پوءِ ايس پي ۽ مان ويهي صلاح مشورو ڪيو. پاڻ ۾ صلاح ۽ مشوري کان پوءِ اسان هڪ جامع قسم جو حڪم نامو جاري ڪري هر سب ڊويزن ۽ تعلقي جي حساب سان اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊي ايس پي کي پنهنجي ايريا جو انچارج بڻايو. اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي ويهي پنهنجي ماتحتن سان گڏيل انتظام لاءِ بندوبست ڪيو. اهڙيءَ طرح اسان پولنگ اسٽيشن جي حالات مطابق فورس رکيو. هر ڏهه کان ٻارهن پولنگ اسٽيشن گروپ ٺاهيا، ان لاءِ هڪ جدا ڪنهن مرڪزي جاءِ تي اضافي فورس رکيو ته جيڪڏهن انهن پولنگ اسٽيشنز ۾ ڪابه اهڙي امن امان جي حالت پيدا ٿئي ته اهي اتي جلدي پهچي حالتن تي ڪنٽرول ڪن. جيڪڏهن انهيءَ فورس جي موڪلڻ جي باوجود به صورتحال خراب رهي ته انهيءَ لاءِ هر تعلقي تي هڪ ٻيو رزرو فورس رکيل هيو. جيڪو اوڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار ويٺو هيو. خدا نه خواسطه اجا به صورتحال خراب ٿئي ته ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ چار پنج فورس جا دستا تيار پوزيشن ۾ حڪم جي دير تي سرزمين تي پهچي وڃڻ لاءِ تيار هيا.

اليڪشن کان اڳ به ڏينهن مون پنهنجي پي اي کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو ته مونکي صرف فون جيڪڏهن ڪمشنر ۽ چيف سيڪريٽري ۽ وزير اعليٰ جو اچي ته ملائي ڏجائين. باقي وزير، ايم اين اي، ايم پي اي يا ڪنهن سياسي ليڊر جو فون ملائي ناهي ڏيڻو. خير سان اليڪشن جو ڏينهن به اچي پهتو، پولنگ اسٽاف ۽ مٽيريل روانو ڪيوسين. اها خيريت جي رپورٽ مٿي موڪلي ڇڏي ته خيريت سان سڀ ڪجهه بغير ڪنهن مشڪلات جي پولنگ اسٽيشنز تي اسٽاف پهچي ويو.

اليڪشن واري ڏهاڙي غلام اصغر شيخ ايس پي صاحب ۽ مان پنهنجي گهر واري آفيس ويهي رهياسين. پي اي جي ڊيوٽي لڳائي ڇڏي ته هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ واري وارين سان اسسٽنٽ ڪمشنر سان ملائي ڏي. اهڙيءَ طرح وائرليس جي ذريعي هر پولنگ اسٽيشن سان مسلسل رابطي ۾ رهياسين. تقريباً ڏينهن جي ٻارهن وڳي تائين ڪٿا به اهڙي ڪا صورتحال پيدا ڪانه ٿي جو ڪنهن به رزرو فورس کي موڪلڻ جي ضرورت پوي. هڪ وڳي جي قريب ڊرگهه ٽاٽي جي حد ۾ هڪ پولنگ اسٽيشن تي ماڻهن پاڻ ۾ ڏند چڪ ڏنا ۽ اسان پنجن منٽن ۾ رزرو فورس کي روانو ڪيو جيڪو ٻئي منٽن ۾ پهچي ويو ۽ صورتحال هر طرح سان قابو هيٺ رهي. ٽين وڳي جي قريب خيرپور جوسو جي پرسان ۽ ٻيو ٻاقراٽي ٽاٽي جي حد ۾ ڪجهه ماڻهن هڪٻئي کي ڌڪا ڏنا، پر اسان جي رزرو فورس هڪدم پهچي وئي ۽ پولنگ تي ڪنهن به قسم جو اثر نه پيو. پولنگ ٽائيم جي ختم ٿيڻ کان اڌ منو ڪلاڪ اڳ نوف چوسول، رتيديري، وارهه ۽ ڏوڪريءَ جي حد ۾ ڪجهه گروهن جي پاڻ ۾ منهن ماري ٿي پر هڪدم اسان اتان جي پر پاسي واري فورس کي روانو ڪيو جنهن اتي پهچي هڪدم صورتحال کي ڪنٽرول ڪيو. الحمدلله پوري ضلعي ۾ ڪٿي به پولنگ پنج منٽ به ڪونه رڪي.

ساڍي چار وڳي ايڊيشنل سيڪريٽري سلمان فاروقي پرائيم منسٽر هائوس، اسلام آباد مان فون ڪيو ته امن امان جي حساب سان ڪٿي پولنگ اسٽيشن جو ڪم رڪيو ته ناهي. مون جڏهن فاروقي صاحب کي ٻڌايو ته الحمدلله لاڙڪاڻي پوري ضلعي ۾ ڪٿي به ڪنهن قسم جي اهڙي صورتحال پيدا ڪانه ٿي جو پولنگ رڪي. فاروقي صاحب چيو ته سنڌ ۾ هيءُ پهريون ضلعو آهي جتي هر ڪم خير خوبي سان پيو هلي. نه ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪٿي چار، پنج يا ان کان وڌيڪ اهڙيون پولنگ اسٽيشنون آهن جتي پولنگ جو عمل رڪيل آهي.

پولنگ جي ڏينهن مون ۽ ايس پي صاحب گهر جي آفيس کان ٻاهر ليئو پائي سج به ڪونه ڏٺو. پولنگ ٽائيم ختم ٿي ويو انهي کان پوءِ ڳڻپ وارو مرحلو شروع ٿيو. اسان اڳئي پنهنجي فورس کي هدايتون ڏي ڇڏيون هيون ته جنهن وقت رزلٽ انائونس ڪيو ته ڪوشش ڪري ٻنهي گروپن کي ڌار ٻيهاري ۽ وچم پنهنجي پوزيشن سنڀالي پوءِ ڪجو ته جيئن ڪنهن به قسم جي گڙٻڙ نه ٿئي. عموماً پولنگ واري ڏينهن ووٽ ڏيڻ کان پوءِ ڪٽيل ۽ هارايل گروپن جو پاڻ ۾ جهيڙي جا چانس ٿيندا آهن. هڪڙا نعره هڻندا ۽ دهل وڄائيندا ته ٻيا انکي پنهنجي بيعزتي سمجهندا آهن، نتيجي ۾ جهيڙو ٿي پوندو آهي. الحمدلله اسان جو اهو پلان ڪامياب ويو ۽ پوري پولنگ جي عمل ۾ ڪٿي به جهيڙو جهٽو ڪونه ٿيو.

خير سان اليڪشن ٿي وئي، انهيءَ کان پوءِ ٽئين چوٿين ڏينهن سکر ڊويزن جي ڊي سي صاحبن جي واري واري سان ميٽنگ گهرائي جنهن ۾ اليڪشن ۾ آيل مشڪلاتن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ اليڪشن لاءِ تجربن جي بنياد تي ڪا ايس او پي تيار ڪجي. پهرين گڏجاڻي ۾ جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي ڊي سي کي گهرايو ويو. مرحوم الحاج محمد هارون ميمڻ صاحب جيڪب آباد، لياقت آرائين شڪارپور ۽ مان لاڙڪاڻي جو ڊي سي گڏجاڻي ۾ آياسين. سڀ کان پهريان حاجي هارون صاحب کان شروعات ٿي، هن ٻڌايو ته مان اهي ٽي چار ڏينهن گهر ڪڏهن رات

جو ٻارهين وڳي تہ ڪڏهن ٻين وڳي ايندو هوس ۽ گهمي گهمي ساڍو ٽي پيو آهيان. تنهنجي باوجود بہ ٻہ چار پولنگ اسٽيشن تي پولنگ رڪيل رهي. تقريباً اڌ ڪلاڪ حاجي صاحب شام غريبان بيان ڪئي. انهيءَ کان پوءِ لياقت آرائين پندرهن ويهہ منٽ لڳايا پر ڏڪيائي واري داستان هئي. جنهن ۾ جتوئي ۽ مهرن جي پاڻ ۾ جهيڙي ۽ پولنگ جي رڪجڻ جا تفصيل بيان ڪيا. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ مون چيو تہ سائين اليڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ ۽ اليڪشن واري ڏينهن مان پنهنجي گهر واري آفيس کان ٻاهر نہ نڪتو هيس. بلڪ سڄ جو پاڇو بہ ڪونہ ڏٺو. حاجي هارون چوڻ لڳو جامڙا صاحب ڇا ٿو چئين تون گهر جي آفيس کان نڪتو ئي ڪونہ آهين. مون وراڻيو ها حاجي صاحب. وڏيڪ مون چيو تہ جنرل ٽيڪ هيڊڪوارٽر مان ويهي وار آپريشن هلائيندو آهي. فيلڊ تي ڪم ڪرڻ ڪمانڊر ۽ جوانن جو هوندو آهي جنرل جو نہ . مون چيو تہ جيڪڏهن مان فيلڊ تي وڃان تہ انهيءَ جو مطلب تہ آپريشن جي ڪمانڊ مان ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪئي ۽ منهنجي پوزيشن ان وقت جنرل واري نہ پر فيلڊ ڪمانڊر واري ٿيندي. جيڪڏهن خدانخواسطہ اهڙي صورتحال پيدا ٿئي جتي صرف احڪامات مونکي ڏيڻا آهن تہ پوءِ معاملو خراب ٿي وڃڻ جا چانس وڌي وڃن ٿا انهيءَ ڪري مان صرف آپريشن روم ۾ ويهي سڄي ضلعي تي احڪامات ڏيندو رهيس ۽ جتي مون کي پاڻ ڳالهائڻو پيو. مون آپريشن روم ۾ ويهي ڳالهايو. عمر تجربي جي حساب سان مرحوم الحاج محمد هارون ميمڻ صاحب سينيئر ۽ تجربيڪار هئڻ سان گڏوگڏ شفيق انسان بہ هيو. بهرحال سڀني دوستن شاباش ڏني ۽ تسليم ڪيائون تہ اهو طريقيڪار بلڪل صحيح آهي.

ڪمشنر صاحب پوءِ مون کان تفصيل پڇيو تہ تو انڪي ڪيئن آپريٽ ڪيو؟ مون سڀ ڪجهہ اهو بيان ڪيو جيڪو مٿي لکي چڪو آهيان.

انهيءَ کان پوءِ ضلعي چيئرمين جي اليڪشن جو مرحلو آيو. جيڪو هيو تہ صرف هڪ پولنگ اسٽيشن تي، جنهن جو پرزائيڊنگ آفيسر مونکي بحيثيت ڊي سي انجام ڏيڻو هو. ضلعي چيئرمين جي اليڪشن ۾ وڏن وڏن ڌڙن جون نظرون هيون تہ رزلٽ ڇا ٿو اچي.

ڊسٽرڪٽ چيئرمين لاءِ بہ مضبوط اميدوار هيا. پ پ پ جي طرفان حاجي غلام حسين انڙ صاحب جيڪو انوقت ايم پي اي بہ هيو. مسلم ليگ جي طرفان مسعود احمد کهڙو صاحب، مرحوم شاه محمد پاشا وفاقي وزير جو پاءُ ۽ مرحوم خان بهادرمحمد ايوب کهڙو سابق وزير اعلي سنڌ

جڏهن ريزرو سيٽن جي اليڪشن ٿي تہ ان وقت پ پ جو پلڙو ڀاري هيو. چوتہ مرحوم اختر قاضي جي هٿ تي اليڪٽ ٿيل واره ۽ نصير آباد سان واسطو رکندڙ ڇهہ ووٽ هيا. جن پ پ جي اميدوار کي ووٽ ڏيارِيا. قاضي اختر جي ڪري پ پ جي پوزيشن بهتر هئي. جڏهن تہ قاضي اختر مسلم ليگ ۾ سائين غوث علي شاهہ جي ڪيبنٽ ۾ منسٽر تعليم هيو. شايد کهڙن جڏهن شاهہ صاحب وزير اعليٰ کي چيو تہ وزير هوندي بہ ووٽ مخالف پارٽي کي ڏنا اٿس. قاضي اختر جڏهن ظاهر ٿي پيو تہ اچي کهڙو شاه محمد پاشا کي چيو تہ مون انڙ ۽جوٽيجي ڏوڪري جو زميندار هيو انجي چوڻ سان انهن کي اهي ڇهہ ووٽ ڏيارِيا جو اڳتي اليڪشن ۾ منهنجي مدد ڪندا پر هينئر منهنجا ووٽ تنهنجي حوالي. بهرحال شايد شاه محمد پاشا مرحوم قاضي اختر کي چيو هجي تہ اسان کي ڪيئن پڪ پوي تہ

تنهنجي انهن ڇهن ووٽن اسانجي حق ۾ ووٽ ڏنا. بهرحال انهن جو پاڻ ۾ ڇا طئہ ٿيو ليڪن مونکي تڏهن محسوس ٿيو جڏهن انهن ڇهن ميمبرن اليڪشن رولز جي تحت جيڪڏهن ڪو ووٽر پاڻ ڪنهن بہ طرح سان معذور آهي ۽ مدد وٺڻ چاهي ٿو تہ پرزائيڊنگ آفيسر قانون تحت پابند آهي تہ انهن جي ووٽ واري عمل ۾ مدد ڪري. انهن ڇهن ميمبرن سيني جي ساموهون اچي چيو تہ سائين منهنجي نظر خراب آهي براءِ مهرباني منهنجي مدد ڪيو. مان پرزائيڊنگ آفيسر انهن سان گڏ وڃي بيلٽ پيپر تي جتي انهن چيو مون انهن جي سامهون انهن جي چيل نشان تي ٺپو هنيو.

ووٽنگ جو مرحلو جڏهن پورو ٿيو تہ مون چٽ موڪلي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو مسٽر ايوب شيخ ڏانهن تہ امن امان جي حالتن تي ڪڙي نظر رک. ۽ ٻنهي ڌرين جي حمايتن کي هڪٻئي کان پري بيهاريو تہ متان ڪِٽپ کان پوءِ ڪو امن امان جو مسئلو پيدا نہ ٿئي. ڇو تہ اطلاع مليو هيو تہ ڪجهي نموني سان ٻنهي ڌرين هٿيار بند ماڻهو تيار رکيا هيا. مگسي قبيلي جا ماڻهو مسعود کهڙو جا حمايتي هيا تہ ٻئي طرف انڙ جا ماڻهو پ پ لاءِ هيا.

خير اليڪشن ٿي وئي ڳِڻپ جو مرحلو شروع ٿيو. ايجنٽ ٻنهي ڌرين جا مون سان گڏ ويٺل هيا. ايجنٽن جي ۽ سيني ڊسٽرڪٽ ميمبرن جي روبرو ڳڻپ ٿي. گهٽو ڪري ٻن يا ٽن ووٽن جي مارجن تان مسٽر مسعود کهڙو پ پ جي اميدوار غلام حسين انڙ کان اليڪشن کٽي ويو.

مسعود کهڙي کٽيو انهن ڇهن ووٽن جي ڪري جيڪي قاضي اختر جا ماڻهو هيا. قاضي اختر جي ڇهن ووٽن جي ڦيري سبب غلام حسين انڙ اليڪشن هارائي. ٻيو تہ مسعود کهڙو غلام حسين جي مقابلي ۾ شريف ۽ رحمدل انسان آهي.

جيئن تہ پ پ ۽ لاڙڪاڻو هڪ جسم ۽ جان وارو حساب هيو تنهن ڪري اهو ڪير سوچي بہ ڪونہ پئي سگهيو تہ پ پ جو اميدوار هارائيندو. تنهن ڪري بي بي شهيد کي ماهوتو صاحب ۽ ٻين وڃي چيو تہ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين شپ ڊي سي کٽي آهي مسعود کهڙو ناهي کٽي، جنهن جو ذڪر بي بي شهيد راڻي ڊاٽر آف ايسٽ ۾ بہ ڪيو. حالانڪ اصل حقائق ٻڌائڻ جي بجاءِ بي بي شهيد راڻي سان هنن ڪوڙ ڳالهائي وقتي پنهنجي عزت بچائي ۽ ڊي سي جي ڪلهي تي بندوق رکي ڇڏي.

# سائين جي ايم سيد کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم

پاڪستان ۾ اليڪشن هميشه متنازع رهيون آهن ۽ رهنديون. هاريل پارٽي يا گروپ ڪڏهن به پنهنجي ناڪاميءَ کي قبول ناهي ڪندو. سنڌ ۾ 1937ع جي اليڪشن کان وٺي اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهن ۾ ڪڏهن وڌ ڪوتا ته ڪڏهن ترازو تيڙو رهيو آهي. ڏاڍي جي لٺ ڪي هميشه به مٿا رهيا آهن ۽ رهندا، جيستائين هي دنيا قائم آهي. ڪير ڪيتري به پنهنجي طرفان ايمانداري يا غير جانبداري ڏيکاري، هو ڪنهن نه ڪنهن لاءِ ته جانبدار نظر ايندو.

اهڙيءَ طرح مون تي به اهو الزام مڙهيو ويو ته به فون ڪال آيون جن کي مون ٻڌو. هڪ پرائيم منسٽر صاحب جي ته ٻي چيف منسٽر صاحب جي. مونکي ڪائي ضرورت ناهي مان ڪجھ پنهنجي صفائي ۾ چوان. ليڪن رڪارڊ جي درستگي لاءِ صرف ايترو چوندس ته اليڪشن واري سموري ڏينهن ۾ مون کي نه پرائيم منسٽر صاحب فون ڪيو نه وري وزير اعليٰ سنڌ فون ڪيو. جيئن اڳ ۾ عرض ڪري چڪو آهيان ته ڳڻپ کان اڳ مون چٺ لکي موڪلي هئي اسسٽنٽ ڪمشنر کي ڳڻپ شروع ٿيڻ واري آهي، تنهنڪري سيڪيورٽي جي انتظامن کي سخت ڪن ته جيئن ڪنهن به قسم جي امن ۽ امان جي ڪا خراب صورتحال پيدا نه ٿئي. جيڪو دروازي تي آيو ۽ انتظامن متعلق اڇي ٻڌايو.

مان رڳو واضع ڪرڻ لاءِ چوندس ته ڪٽڻ واري اميدوار جا ٽي ووٽ وڌيڪ هيا ۽ خراب ووٽ صرف به هيا، جن تي ڊبل ڪراس ٿيل هيا. يعني ڪن ٻن ڪائونسلرن ٻنهي کي هڪجهڙي وقت ووٽ ڏنا هيا. جيڪڏهن اهڙي حالت هجي ها ته هارايل پارٽي هر حال ۾ ڪورٽ جو دروازو کٽڪائي ها. رد ووٽ صرف به هيا، جڏهن ته ڪٽڻ واري جا ٽي ووٽ وڌيڪ هيا. جيڪڏهن فرض ڪيون ته اهي به رد ڪيل ووٽ هاريل پارٽي جا هجن ها ته به ٽن ووٽن جي بجاءِ هڪ ووٽ تان هارائي ها. جيئن اڳ عرض ڪري چڪو آهيان ته قاضي اختر صاحب جي ڇهن ووٽن جي ڪري اهو رزلٽ ايئن آيو.

ٻيو ته جيڪي دوست ڪنهن وقت پرزائيڊنگ آفيسر رهيا هوندا، انهن کي چڱيءَ طرح خبر هوندي ته جنهن پولنگ اسٽيشن تي سخت قسم جو مقابلو هوندو آهي، اتي جيڪي ايجنٽ ويهندا آهن اهي سڀ ڪٽرپيل ۽ تجربيڪار ماڻهو ويهندا آهن. ڇا اهو ڪير سوچي سگهي ٿو ته ڳڻپ ۾ ڪا هيرا ڦيري ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري منهنجو دوستن کي صرف ايترو چوڻ آهي ته ان حالت ۾ پاڻ کي ان پوزيشن ۾ رکي پوءِ سوچن ته واقعي اهڙي صورتحال ۾ ڪير پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي سگهي ٿو.

جيئن تہ ڪن دوستن (ڊاتر آف ايسٽ ۾ ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو جي متعلق لکيل آهي) مون کان پڇيو تہ توهان ٻئي ڪمري ۾ بہ دفعا وچي وزير اعظم ۽ ٻيو وزير اعلي سنڌ جوفون ٻڌو. فرض ڪريو تہ مان فون اٽينڊ ڪيو. جيڪو مون ڪونہ صرف مفروضي جي بنياد تي مون ٻڌو. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا مان بيلٽ پيپرن جو ڍيو بہ ساڻ کڻي ويس جو وچي اتي مان بيلٽ پيپر ڪڍي ۽ رزلٽ پرائيم منسٽر ۽ وزير اعلي سنڌ جي منشا مطابق ڪري ڇڏيو. ڇا اهو ممڪن آهي تہ ٻنهي ڌرين جا ايجنٽ بيلٽ پيپرن جو ڍيو کڻي وڃڻ لاءِ راضي ٿي ويندا؟. ڇا اهو ٿي سگهي ٿو تہ ٻنهي ڌرين جا ايجنٽ، جيڪڏهن مان بيلٽ پيپرن جو ڍيو کڻي وڃي پنهنجي مرضي ڪيان تہ اهي منهنجي ڪيل ناانصافي تي راضي ٿي صحيح ڪندا؟. ڇا اهو ممڪن آهي بيلٽ پيپرن جي سيل مون ٽوڙي ان ۾ پنهنجي مرضي جا ووٽ وڌا هجن ۽ پولنگ ايجنٽ ان تي صحيح ڪن؟. ڇا اهو ممڪن آهي تہ جيڪڏهن هارايل پارٽي ڪنهن بہ قسم جي هينڪي ڦينڪي ٿئي ۽ اهو خاموش ٿي ويهي.

ٻئي تي آڱر کڻڻ کان اڳ اهي نڪتا ضرور ذهن ۾ رکي پنهنجي دل سان فيصلو وٺي تہ آيا اهو ايئن ٿي سگهي ٿو يا صرف تهمت آهي؟

وڌيڪ مان ان تي ڪجهہ بحث نٿو ڪرڻ چاهيان، باقي پڙهڻ وارن تي ڇڏيان ٿو جيڪي هو پنهنجي دل ۽ عقل سان فيصلو ڪن. منهنجو ضمير مطمئن آهي.

1987ع ڊسمبر جي 25 يا 27 تاريخ تي رات جو تقريباً اٺ ساڍا اٺ وڳي ڪمشنر سکر روشن ضمير صاحب جو فون آيو تہ ايس پي ۽ توهان ٻئي هينئر سکر اچو. اسان رات جو تقريباً نائين وڳي لاڙڪاڻو کان سکر روانا ٿياسين. ساڍا ڏهہ جي قريب وچي ڪمشنر هائوس سکر پهتاسين. ڪمشنر صاحب هيٽر ٻاري ويٺو هيو. اسان وچي السلام عليڪم چيو. ڪمشنر صاحب چيو تہ ڪم ڪرڻو آهي، پر انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا ڪوتاهي نہ ٿيڻ کپي. مون عرض ڪيو تہ سائين ٻڌايو جيڪڏهن ڪرڻ جو آهي تہ هينئرئي اسين واعدو ٿا ڪريون، ايئن ٿيندو. بهرحال اسان کي هڪ فائيل ڏنائين. چيائين تہ اڄ رات ٻين وڳي رپورٽ کپي تہ ڪم ٿي ويو. فائيل کولي ڏٺوسين تہ جي ايم سيد جي لاءِ وارنٽ آف اريسٽ هجن. چيائين تہ توهان کي خبر آهي تہ عاشق ميمڻ ڊي سي دادو اريسٽ نہ ڪرڻ جي ڪري سسپينڊ ٿيو هيو.

مون چيو تہ سائين اريسٽ تہ ٿيندو پر جيڪو ٽائيم توهان ٿا چئو ان مطابق ڪونہ ٿيندو. ڇو تہ ان وقت اريسٽ ڪرڻ سان جاني نقصان ٿيڻ جا انديشا آهن، باقي صبح جو سوير عمل ٿي ويندو. وڌيڪ مون چيو تہ جي ايم سيد صاحب ممتاز ڀٽي جي بنگلي تي رهيل آهي. ٻيو تہ ممتاز ڀٽو پاڻ ڪراچي آهي. ٽيون تہ انڌيري رات آهي، جيڪڏهن رات جو هڪ وڳي يا انجي لڳ ڀڳ ممتاز ڀٽو جي بنگلي تي وچي ريڊ ڪبو تہ خونريزي جو خطرو ٿي سگهي ٿو، باقي صبح پنج وڳي جي قريب ماڻهو نماز لاءِ اٿن ٿا ۽ ٿورو سوجهرو بہ ٿي ويندو تہ ڳوناڻن کي پڪ ٿيندي تہ پوليس آهي خير ٿي ويندو.

ڪمشنر صاحب کي چيو تہ اڄ رات ڇو؟ جڏهن تہ جي ايم سيد صاحب تہ هفتي کان لاڙڪاڻو ۾ مختلف علائقن ۾ پنهنجي هم خيال دوستن سان مليو ۽ صبح جو سوير هو شڪارپور ناشتي جي ماني لاءِ مولا بخش سومرو صاحب وٽ ويٺا آهن ۽ ٻيو منهنجي ضلعي اهڙي قسم جي ڪابہ اهڙي گڙ ٻڙ

ڪانه ڪئي اٿن. تنهن ڪري مونکي نٿو جڳائي تہ مان اريسٽ ڪريان.

شڪارپور ۾ ان وقت ڊي سي لياقت آرائين هيو. بهرحال اسان اهو وارنٽ آف اريسٽ ڪٽي روانا ٿياسين لاڙڪاڻي. رستي ۾ مون غلام اصغر شيخ کي چيو تہ پائو اريسٽ ٻي وڳي ڪونہ ڪنداسين، باقي صبح پنجين وڳي لاڙڪاڻي کان روانا ٿينداسين. ڇهين وڳي جي قريب پنهنجي پوزيشن سنڀالي پوءِ وڃي ڀُٽن کي ٻڌائينداسين تہ ڊي سي ۽ ايس پي صاحبان آيا آهن ۽ اميد تہ ڪنهن بہ قسم جي گڙٻڙ ڪانہ ٿيندي. خير سکر شهر ڇڏڻ کان ٿورو بعد وائرليس تي پوليس کي ڊي سي هائوس تي گهرايوسين. تقريبن ٻارهين ساڍا ٻارهين وڳي رات جو لاڙڪاڻي اچي پهتاسين. فورس کي هدايتون ڏنيوسين تہ صبح سوير پنجين وڳي هتان رتيديرو روانا ٿينداسين.

مون هوم سيڪريٽري مرحوم عبدالله ميمڻ صاحب کي فون ڪئي تہ سائين بہ وڳي رات واري جاءِ تي صبح جا پنج وڳي صحيح ٿيندو. مون فون ڪيو تہ ميمڻ صاحب انتظار ۾ ويٺو هيو تہ رپورٽ ملي تہ وڃي ننڊ ڪري. عبدالله ميمڻ صاحب هڪ هردلعزيز ۽ ۽ شفيق انسان هيو. الله تعاليٰ جنت الفردوس عطا ڪريس. مون عرض ڪيو تہ سائين رات جي ٻين وڳي غلط ٽائيم آهي، باقي صبح سوير عمل ٿي ويندو. مرحوم اهڙي تہ چنڊ پٽي جو منهنجا ڪن بہ ڳاڙها ٿي ويا. بس پوءِ تہ مون حاظر سائين جي رٽ لائي ڏني. جڏهن فون ختم ٿيو تہ مون ايس پي کي چيو تہ نڪرنداسين صبح پنج وڳي، هاڻي ڪجهہ تون بہ آرام ڪر تہ ڪجهہ مان بہ اک مان دونهون ڪڍان. اجان ڪلاڪ ڪن ننڊ مس ڪئي تہ پي اي اٿاريو تہ ڪمشنر صاحب آفيس ۾ اچي پهتو آهي. هوم سيڪريٽري منهنجي ڳالهائڻ کان پوءِ ڪمشنر کي فون ڪري لاڙڪاڻي روانو ڪيو. مان ڪچي ننڊ مان اٿي اکيون مهٽيندو سڌو گهر واري آفيس ويس تہ ڪمشنر صاحب ويٺو هيو. مان وڃي مليم پوءِ ڪمشنر صاحب چيو تہ ڇا تياري آهي؟ مون ڪمشنر صاحب کي ٻڌايو تہ سائين اسان پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ صبح جو پنج وڳي اسين هتان فورس ڪٽي نڪرنداسين ۽ جنهن وقت اسين ممتاز ڀٽو صاحب جي بنگلي تي پهچنداسين، تيستائين صبح جي ٻانگ جو وقت هوندو ۽ ماڻهو بہ سجاڳ ٿي نڪرندا ۽ پنهنجي جڏهن انهن ڀُوٽن سان سڃاڻپ ٿيندي تہ ڪنهن بہ قسم جو خون خرابو يا فائرنگ وغيرهہ نہ ٿيندي، ٻيو تہ ممتاز ڀٽو صاحب پاڻ هتي ڪونہ آهي، بلڪ ڪراچي ويل آهي. تنهن ڪري مناسب ناهي تہ اويلي وقت وڃي ريڊ ڪريون.

ڪمشنر صاحب کي جڏهن مون ٻڌايو تہ سائين جي ايم سيد ممتاز ڀٽو جي بنگلي ۾ رهيل آهن ۽ ڀٽو صاحب پاڻ هتي ڪونهي. وڌيڪ مون ڪيس ٻڌايو تہ بہ هفتا اڳ مان ممتاز ڀٽو صاحب سان ملاقات سندس بنگلي تي ڪئي هئي، 1977ع جي مارشلا وقت ممتاز ڀٽو صاحب جي بنگلي تي آرمي ريڊ ڪيو هيو جنهن دوران ڪجهہ گوليون هليون هيون ۽ بنگلي تي انهن گولين جا نشان اجان تائين لڳل آهن ۽ ملاقات دوران مون کي ڇيائين تہ انهن گولين جي نشانن کي ايئن ئي رهڻ ڏيندس. تنهن ڪري ايئن ممڪن آهي اسان ٻين وڳي اتي وڃون ۽ بي خبرائي ۾ ٻنهي طرفن کان گولي بہ هلي سگهي ٿي. بهتر ايئن ٿيندو تہ صبح پنجين وڳي نڪري هلون. ڪمشنر صاحب بہ انهي ڳالهہ تي متفق ٿيو.

صبح سوير پنجين وڳي ڪمشنر صاحب, مان ۽ ايس پي فورس سميت روانہ ٿياسين. جڏهن اتي پهتاسين تہ فجر جي ٻانگ اچڻ شروع ٿي وئي ۽ ڳوناٺا بہ گهرن کان ٻاهر نماز لاءِ نڪتا پئي تہ ممتاز ڀٽو صاحب جي بنگلي جي مين گيٽ جي پرسان اچي پهتاسين. بنگلي تي جي ايم سيد جي دستي مان آيل ڪجهہ هٿياربند بہ ساڻ هيس جيڪي صرف اتي رات ڏينهن پهري لاءِ هيا. هڪ ڳوناٺي کي موڪليوسين جنهن وڃي پهري تي بيٺل ٻن ڪارڪنن کي ٻڌايو ڊي سي صاحب آيو آهي. اهي ٻئي ٻاهر نڪري آيا ۽ اچي اسان سان مليا. تعارف ٿيو ۽ مون کين ٻڌايو سائين جي ايم سيد سان ملڻو آهي. اهي دوست ويا ۽ سيد سڳوري کي ٻڌايائون تہ ڊي سي صاحب آيو آهي.

سيد سونهاري چين تہ ڊي سي صاحب کي وٺي اچو. ڪمشنر, مان ۽ ايس پي اندر وياسين. جي ايم سيد اسانجي پهچڻ تي چيو تہ توهان ليٽ آيا آهيو توهانکي تہ اڌ رات ۾ اچڻو هيو. مون چيو تہ سائين اسان توهانجي آرام جو خيال ڪيو. وري چيائين ڀلا مان شيوو وغيره ڪري وٺان تہ پوءِ هلان ٿو. پڇيائين تہ وارنٽ آندا اٿو؟ مون فائيل اڳتي ڪري ڏنو. وارنٽ ڏي ڏسي چيائين ڊي سي صاحب چئبو تہ هي وارنٽ بہ توکي مٿان مليا آهن. وري چيائين جيڪڏهن تنهنجي آفيس مان نڪتل هجن ها ڊي ايم جي سيل لڳل هجي ها. سائين جي ايم سيد شيو ڪري بس ڪئي تہ چيائين تہ اجازت ڏيو تہ مان ناشتو بہ ڪيان, بلڪل ناشتو وغيره ڪيو. ناشتي ڪرڻ کان پوءِ چيائين تہ مون سان گڏ ٿي چار ڄڻا ڏيندا تہ مون سان گڏ هجن. ڪوئي مسئلو ناهي, توهان جيڪي ٿي چار رکڻ چاهيو ٿا اهي توهان سان گڏ هوندا. سائين حفيظ قريشي ۽ بہ ٻيا انهن کي سڏ ڪري چيو تہ ابا اٿو هلو ۽ ٻين سيني کي سختيءَ سان منع ڪيائين تہ ڪنهن بہ قسم جو شور شرابو نہ ٿئي.

ڊي سي جي گاڏيءَ ۾ سائين جي ايم سيد کي ويهاريو ۽ گڏ حفيظ قريشي پوئين سيٽ تي ويٺا, مون پاڻ گاڏي هلائڻ لاءِ اسٽيئرنگ پڪڙيو اڳين سيٽ تي ايس پي ويٺو زماني جون ڳالهيون ڪندا اچي لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ جيل تي پهتاسين ۽ مٿي رپورٽ موڪلي, پر اهو ان وقت ڪنهن نہ پڇيو تہ ٻين بجي چو ڪين ۽ دير چو ڪئي؟

ڪمشنر صاحب مٿي رپورٽ ڏني ۽ هوم سيڪريٽري کي ٻڌايو تہ ڊي سي بهترين نموني ڪم سرانجام ڏنو.

# سائين جي ايم سيد سان سفر دوران ڪچهري

جڏهن سائين جي ايم سيد، حفيظ قريشي، مان ۽ غلام اصغر شيخ صاحب گڏ ممتاز ڀٽي جي بنگلي مان نڪتاسين ته رستي ۾ شيخ صاحب سيد سڳوري کان هڪ سوال ڪيو ته اهو عام تاثر آهي ته توهان پنجابين جي خلاف آهيو. ڇا صحي ڳالهه آهي؟ جواب ۾ جي ايم سيد وراڻيو ته اهو بلڪل غلط آهي ته مان ڪو پنجابين جي خلاف آهيان. مان صرف سامراجي قوتن جي خلاف آهيان، جن ننڍن صوبن جو استحصال ڪيو آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ان استحصالي ٽولي جي سربراهي ڪندڙ پنجابين جو هڪ طبقو آهي.

اردو پريس شروع کان وٺي منهنجي بيان کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو. جيئن ته سنڌي پريس ايتري مضبوط ڪانه هئي جو انهيءَ جي مقابلي ۾ پنهنجو موقف ڏئي. جيئن ته اردو پريس جي پهچ پوري پاڪستان تائين هئي ۽ سنڌي پريس جي صرف سنڌ تائين محدود هئي، جنهن ڪري اردو پريس منهنجي لاءِ اهڙو نقشو ناهي تيار ڪيو جيئن منهن جو نالو ڪجهي جڻ ته پاڪستان کي گار ڏني. ۽ اهو دنيا جو دستور آهي ته جڏهن به ڪو ڪوڙ بار بار ٻڌايو وڃي ۽ ان جو ڪوئي جواب عوام تائين نه پهچي ته ڪوڙ هڪ طاقتور ۽ مضبوط هٿيار ٿي ويندو آهي. پنجاب جي عوام کي اردو پريس اهڙيءَ نموني منهنجي بيانن کي استعمال ڪيو جڻ ته مان پاڪستان کي ختم ڪرڻ ٿو چاهيان. اهڙيءَ طرح هر ماڻهو کي ايئن ڏسيو ۽ ٻڌايو ويو ته سنڌي سڀ پاڪستان جا مخالف آهن ۽ انهن جو صرف مان هڪ اڪيلو ليڊر آهيان، جيڪو حقيقتن جي مڪمل برعڪس آهي. غلطيون مون کان به ٿيون، جن جي ڪري سنڌ اڄ عذاب ۾ آهي.

وڌيڪ چيائين ته پنجاب پنهنجي مرڪزيت ڪونه ڇڏيندو. جهڙيءَ طرح اوڀر پاڪستان کي مجبور ڪيو ته هو پيچي جان ڇڏائي. اوڀر پاڪستان کي پنجاب هميشه پاڻ تي ٽوٽ سمجهندو هيو تنهن ڪري ان کي ديوار سان لڳائي ڇڏيائين. جنهن وقت سمجهيائين ته وقت اچي ويو ته موقعي جي مناسبت سان ڀٽي صاحب کي استعمال ڪري پنهنجي اصل نمائندن جي معرفت تختدار تي پهچائي بعد ۾ پنهنجي ڀٽي مان جان آزاد ڪرائي ڇڏي. پنجاب پنهنجي مقصد مطابق ايئن نهرائي سڄي ملڪ تي حاڪميت وارو سلسلو جاري رکيو. پنجاب 1973ع واري ايئن کي اهڙيءَ طرح نهرائي پاس ڪيو جو سنڌ جي قدرتي وسيلن تي ايئن مطابق ٺيڪيدار ٻڻجي ويٺو آهي.

پنجاب ڪڏهن به نه چاهيندو ته ننڍا صوبا پنهنجو حق وٺن. جيڪڏهن ڪوئي به فرد يا پارٽي پاڪستان ۾ رهندي پنهنجي حق جي ڳالهه ڪندو ته انهي کي ڪچلڻ خاطر ڪيترائي طريقا

استعمال ڪندا. اهوئي طريقو سامراجي قوتون استعمال ڪنديون آهن ته جيئن ڪوئي محڪوم سندن غلاميءَ کان ٻاهر نه نڪري وڃي.

مون سائين کان پڇيو ته آخرڪار انهي جو حل ڇا هئڻ گهرجي؟ چيائين ته انهي جو سڄو دارو مدار پنجاب جي رويي تي آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پنجاب پنهنجي فوج جي طاقت تي صرف پنهنجي ڳالهه مڃرائي ٿو باقي ننڍين پائرن سان پنجاب جو ڏاڍائي وارو سلوڪ آهي جيڪو ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

جڏهن اسان پڇيس ته سائين پوءِ توهان جنرل ضياءَ سان ته دوستاڻي واري ماحول ۾ ميل جول رکي؟ چيائين ته هو هڪ شريف ۽ بيوقوف انسان آهي. زماني آهر جيڪو گهر اڃي تنهن کي عزت ڏبي آهي.

جڏهن اسان پڇيس ته سائين توهانجي شاگرد تنظيم ۾ ڪجهه ڏاڙيلن سان گڏ ساٿاري به آهن توهان انهن کي ڇونه ٿا روڪيو؟ چيائين ته اهي به انسان آهن، نانگ ناهن جو مٿي ڪائي گذارو ڪن. مون سائين جي ايم سيد کان پڇيو ته ڇا جي ڪري توهان کي لاڙڪاڻي مان وڃڻ وقت گرفتار ڪرايو ويو؟ جڏهن ته ناشتي کان پوءِ توهان کي شڪارپور ۾ حاجي مولا بخش سومرو وٽ مانجهاندي لاءِ وڃڻو هيو ۽ توهان پنج ڇهه ڏينهن لاڙڪاڻي ضلعي جي سيني تعلقن جو چڪر به هنيو ۽ اسان توهان جي دوري ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ پيدا ڪانه ڪئي. جتي توهان چاهيو اتي ويا ۽ امن امان برقرار رهيو.

چيائين ته اڄ وزير اعظم ڪٿي آهي؟ مون وراڻيو ته ملڪ کان ٻاهر دوري تي ويل آهي ۽ اڄ شام تائين واپس پاڪستان موٽي ايندو. چيائين ته بس اهو سبب آهي اڄ گرفتار ڪرڻ جو. مون چيو ته سائين جوڻيجو صاحب جو ان ڳالهه سان ڪيئن واسطو ٿيو؟ چيائين ته تون ٻار آهين ڪونه سمجهندين. مون وراڻي چيو ته توهان بلڪل صحيح ٿا چئو. چيائين ته بابا مولا بخش سومرو کي مون فون ڪري چيو ته مان تو وٽ ايندس، سومرو صاحب ها ڪئي ۽ مانجهاندي لاءِ به چيائين ۽ مون قبول ڪيو. سومرو صاحب شايد نه پيو چاهي ته مان انجو مهمان ٿيان تنهن ڪري جنرل صاحب کي چئي مون کي شڪارپور اچڻ نه ڏنائين. جيئن ته وزير اعظم اڄ شام پاڪستان پهچي پيو تنهنڪري جوڻيجو صاحب منهنجي گرفتاري لاءِ آماده ڪونه ٿئي ها. ٻيو ته شڪارپور ۾ ڊي سي پنجابي آهي، جيڪڏهن شڪارپور پهچڻ تي گرفتار ڪن ها ته انهن جي خيال ۾ ته پنجاب لاءِ سنڌ ۾ نفرت وڌي وڃي ها، تنهن ڪري تنهنجي ڪلهي کي استعمال ڪيو ويو. چيائين ته مونکي رات جو نائين وڳي خبر پئجي وئي هئي تنهنڪري تنهنجي اچڻ کان اڳ مان تيار ويٺو هيس.

جڏهن لاڙڪاڻي شهر جي ويجهو ٿياسين ته مون هوم ڊپارٽمينٽ سان رابطو ڪيو ته هاڻي ڇا حڪم آهي سائين کي سن پهچائڻو آهي يا ڪراچي؟ حڪم آيو ته في الحال ڊسٽرڪٽ جيل لاڙڪاڻو ۾ رکو پوءِ وڌيڪ ٻڌائينداسين. ڊسٽرڪٽ جيل اڃان نئون نهي تيار ٿيو هيو ۽ جيل کاتي وارن قبضو ورتو هيو باقي جيڪي ٻيا انتظام ڪرڻا هوندا آهن جيئن ته اسٽاف جي پوسٽنگ وغيره يعني اڃان فنڪشنل ڪونه ٿيو هيو. جيل ۾ به ڪمرا صاف ڪرائي رهڻ لائق ٻڌائي واپس موٽي گهر آياسين. پوليس جي نفري اتي رکي ڇڏي ته جيئن ڪير ٻيو اتي نه اچي سگهي.

فوڪر جهاز پي آءِ اي جو موئن جي دڙو ايئرپورٽ ايندو هيو ۽ پي آءِ اي لاڙڪاڻو بُڪنگ وارا هميشہ ہ سيٽون ڊي سي صاحب لاءِ رکندا هيا. جيڪڏهن ضلعي مان ڪنهن آفيسر کي ڪراچي تڪڙ ۾ وڃڻو هوندو هيو تہ اهي سيٽون انهي لاءِ ڪم اينديون هيون. پي آءِ اي جو بُڪنگ اسٽاف آخر ۾ جڏهن بُڪنگ بند ڪندو هيو تہ پڇندو هيو تہ سائين ڪو ماڻهو وڃڻ وارو آهي يا اسان ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏيون. ان ڏينهن ہ آخر وقت تائين ضلعي مان ڪنهن کي وڃڻو ڪونہ هيو ۽ اسان پي آءِ اي وارن کي چئي ڇڏيو تہ توهان پلي ٻئي سيٽون ڏئي ڇڏيو.

1987ع ۾ موئن جي دڙو ايئرپورٽ تي نائيٽ لينڊنگ جي ڪابہ سهولت ڪانہ هئي مطلب تہ سج بيٺي جهاز اڏام ڪري تہ ٺيڪ نہ تہ رات جهاز کي ايئرپورٽ تي گذارڻي پوندي. ڊسمبر جي آخر ۾ سج بہ تقريباً پوڻي ڇهين وڳي شام جو لهي ويندو آهي. جڏهن جهاز ايئرپورٽ تي پهچي ويو ۽ بورڊنگ جي تياري شروع ٿي وئي هئي تہ هوم سيڪريٽري جو فون آيو تہ جمن هن فلائيٽ ۾ سائين جي ايم سيد کي ڪراچي چاڙهي موڪليو. مون عرض ڪيو تہ سائين جهاز تہ هينئر اڏام لاءِ تيار بيٺو آهي، مشڪل ڪم آهي چيائين تہ اهو تنهنجي مٿي جو سور آهي، سيد سڳورو انهيءَ فلائيٽ ۾ ڪراچي ڪپي. مون فون رکي ڊي ايس پي سومرو ڏوڪري کي فون ڪيو اتفاق سان اهو اتي ايس پي وٽ وينو هيو مون انکي هڪدم پنهنجي آفيس پهچڻ لاءِ چيو ۽ ايس پي صاحب کي ٻڌايم تہ ابا هي نادري حڪم آيو آهي تياري ڪر.

ڊي ايس پي عنايت سومرو آيو مون کيس چيو تہ ايئرپورٽ تي ايس ايچ او کي سپاهي ساڻ روانو ڪر چيائين تہ ايس ايچ او تہ وڃي پر اتي وڃي ڇا ڪري ايئرپورٽ وارن جي سيڪيورٽي جو نظام پنهنجو هوندو آهي. مون ڊي ايس پي کي چيو تہ گڏيل هندستان ۾ انگريز ڊي سي دادو ريلوي اسٽيشن تي وائسراءِ هند جي گاڏي روڪي هئي جيڪا سڄي رات اتي بيٺي رهي. اڄ ڊي سي لاڙڪاڻو جهاز کي ايئرپورٽ تي روڪي رکندو، جيستائين پي آءِ اي وارا ٻہ سيٽون نہ ڏيندا. چيائين تہ پوءِ ڪيئن ٿيندو مون چيو تہ باڌڻ ڏوڪري ۽ باقراڻي ٿاڻي جي پوليس کي ايئرپورٽ روانو ڪر ۽ ايئرپورٽ جنهن ٿاڻي جي حد ۾ آهي انهي کي چئو تہ نوٽيس ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ جي طرفان لکي جنهن ۾ اهو ڄاڻايل هجي تہ مخفي اطلاع مليو آهي تہ جيڪڏهن ايئرپورٽ تان جهاز اڏام ڪندو تہ جهاز کي نقصان پهچندو. جيستائين اسين سڄي علائقي جي سرچ مڪمل نہ ڪيون تيستائين جهاز هتان ڪونہ وڃي سگهندو. جيڪڏهن پي آءِ اي جهاز کي اڏاريندي تہ اها انهن جي پنهنجي جوابداري هوندي اسانجو انهي سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هوندو.

پي آءِ اي وارن کي فون ڪياسين تہ پيائو قرب ڪيو اسان کي ٻَہ سيٽون ڏيو جو ايمرجنسي آهي. هڪ ہ ڪانہ ٻڌن چيائون تہ جيڪڏهن سي آر معني سينٽرل رزرويشن چاهي تہ ٿي سگهندو، باقي اسان جي هٿ ۾ بلڪل ناهي. بورڊنگ پاس جاري ٿيڻ شروع ٿي ويا، ايتري دير ۾ ٽنهي ٿاڻن جي پوليس پهچي وئي، ايئرپورٽ مينيجر کي نوٽيس ڏئي ڊائري ٿي ويو پوليس سڌو جهاز جي چوڌاري پهچي باقي رن وي جي آس پاس جهڙتيون هڻڻ شروع ڪيون. بورڊنگ پاس ڏيڻ وارو عمل معطل ٿي ويو. جڏهن ايئرپورٽ مينيجر پي آءِ اي هيڊڪوارٽر ۾ رپورٽ مٿي موڪلي ڏني تہ اتي هلچل شروع

ٿي وئي. ٿوري دير کان پوءِ پي آءِ اي هيڊ آفيس مان فون جون گھنٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون، انهن کي اهو اندازو ٿي چڪو هيو تہ سيٺين نہ ڏيڻ جي سبب اها ڪاروائي ٿي آهي. پي آءِ اي وارن چيو تہ سائين ڇهہ سيٽون ڏيون ٿا مهرباني ڪري، ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو تہ سڄ بيٺي جهاز پرواز ڪري مون ڪين چيو تہ نو سيٽون ڪري ڏيو آخرڪار اٺ سيٽون پي آءِ اي ڏيڻ تي راضي ٿي ويا. ايس پي صاحب ايئرپورٽ تي پهچائڻ لاءِ سيڪيورٽي جو انتظام ڪيو ۽ سائين جي ايم سيد کي ڊسٽرڪٽ جيل مان گاڏي تي چاڙهي روانو ڪيوسين. سائين جي ايم سيد جي پهچڻ کان پوءِ پوليس رپورٽ موڪلي تہ پوري ايئرپورٽ ۽ پرپاسي جي مڪمل تلاشي ڪئي وئي آهي هوائي جهاز پلي پنهنجي اڏام ڪري سگهي ٿو. انهي رپورٽ جي آڌار تي سيڪيورٽي ڪليئرنس جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سڄ بيٺي فوڪر جهاز پرواز ڪري ڪراچي ڏانهن روانو ٿي ويو.

# لاڙڪاڻي شهر ۾ ناجائز تجاوزات جو خاتمو

1987ع نومبر مهيني جي 15 تاريخ تي مون لاڙڪاڻي جي چارج ورتي ته سڀ کان پهريون ٻن ڳالهين جو مشاهدو ٿيو. شهر ۾ روڊ تي لڳل اسپيڊ بريڪر گهٽ پر ڪار بريڪر گهڻا. ڪٿي ته ڳاٽي ڀڃڻ وارا بريڪر هر محلي يا وڏي روڊ تي لڳل هئا. ٻن گهرن وارن به پنهنجي مرضي سان پڪي سرون ڪٽي ٿورو سيمنٽ ڪنهن جو ڪٿي ٺاهي ڇڏيا. جنهن جي ڪري هڪ ته اچڻ وڃڻ وارن ڪي تڪليفده سفر ڪي منهن ڏيڻو پوندو هيو. ٻيو جيڪڏهن ڪنهن سيريس مريض کي ڪا سواري ڪٽي گذرندي هئي ته انکي سخت تڪليف پهچندي هئي.

شهر ۾ گهر جي آڏو ڏيڍي ڏئي رستي کي سوڙهو ڪرڻ يا دڪيون ڏئي رستي کي تنگ ڪرڻ ۽ ڪٿي وري گندي نالي جي مٿان ڪاڪوس خانه ٺاهي رستي جي اينڊز ويندڙ لاءِ بدبوءِ سان گڏ گهٽي کي سوڙهو ڪرڻ. جيڪڏهن مين روڊ گذري ٿو ته انهيءَ جي ٻنهي پاسن کان جيڪڏهن هوٽل وارو آهي ته چنڪار ڪري شام جو ڪرسيون ٽيبلون هٽي حد جي پوليس ۽ ميونسپل جي اسٽاف سان ملي آهستي آهستي ٿورو ٿورو وقت گذرڻ سان پڪو اسٽرڪچر تعمير ڪري شاهي رستي کي سوڙهي گلي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. لاڙڪاڻو به انهيءَ موذي مرض جو بيمار هيو.

انهيءَ وقت رتوديرو، لاڙڪاڻو شهر، نصيرآباد وٺ خاص ڪري مين روڊ هڪ گلي جهڙي صورتحال ۾ هيو. قمبر شهر مان شهداد ڪوٽ ڏانهن ويندڙ رستي جو برو حال هيو. مون پهرئين هفتي ۾ انهن مٿي ذڪر ڪيل براين جو صفايو ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو تقريباً ٻن هفتن اندر سموري ضلعي مان اهي سڀ حددخليون هٽائي ڇڏيون.

1987ع ڊسمبر ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ هائوس جاب ڊاڪٽرن هڙتال ڪئي هئي. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن به بڪ هڙتال ڪئي هئي ته اسان کي پهرين سال جي ايناٽامي پيپر ۾ ڪاپي ڪرڻ ڏني وڃي ۽ انهن جي سپورٽ ۾ ٻين ڪاليجن جا شاگرد به انهن جي مدد ۾ آيا. خاص ڪري ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو جيڪو ميڊيڪل ڪاليج سان پٽ سان پٽ مليل آهي. انهي بک هڙتال تي وينل سيني کي پهريون پيار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پوءِ سختي ڪئي ته جلد بک هڙتال ختم ڪري ويا.

جڏهن ته هائوس جاب ڊاڪٽر ايڪشن ڪاميٽي جنهن جي سربراهي گهڻو ڪري برڪت الله شاهه ڪري رهيو هيو. جنهن کي سياسي پنيرائي هئي، تنهن ڪري پرنسپال ڊاڪٽر اڪبر سومرو ڏاڍو بيزار هيو. پروفيسر اهو به اکين جو ڊاڪٽر انتظام رکڻ جو پڙ هيو پر برڪت الله شاهه کان ڏاڍو

تنگ هيو. مون وٽ آيو ۽ سچي حقيقت بيان ڪيائين. پوري ڳالهہ ٻڌي پوءِ مان ميڊيڪل ڪاليج ويس ڏٺو تہ ڊگري ڪاليج ۽ ميڊيڪل ڪاليج کي جدا ڪرڻ واري ديوار هنڌان هنڌان ڀڳل هئي، جنهن ڪري جڏهن بہ ڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٿوري شاگردن ۾ اٽيٽڪ ٿيندي هئي تہ ڊگري ڪاليج جا شاگرد اتي وڃي معاملي کي وڌيڪ خراب ڪندا هيا.

آفيس موٽي اچي بلڊنگ جي انجنيئر کي گهرائي بجيٽ جو پڇيو جنهن ٻڌايو تہ ريپئر جي مد ۾ فنڊز آهن. مون چيو تہ سڀ ڪان پهريان تہ ڊگري ڪاليج جي ديوار کي هنگامي بنيادن تي ريپئر ڪر ۽ بہ فوٽ وڌيڪ مٿي ڪر، جو ماڻهو ٽپي پاسي ڪنهن بہ صورت ۾ وڃي نہ سگهي. خير سان ٿوري عرصي ۾ ديوار جو ڪم مڪمل ٿي ويو. انهي کان پوءِ مون پرنسپال صاحب کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چيو. ٽيستائين هائوس جاب جي ڊاڪٽرن ڏاڍو تنگ ڪيو هيو پرنسپال صاحب کي. پرنسپال صاحب پورو قصو ٻڌايو. مون ڊاڪٽر اڪبر سومرو صاحب کي چيو تہ مان هڪ شرط تي اهو معاملو حل ڪندس، جيڪڏهن سياڻي وري برڪت الله شاهہ جي سفارش لاءِ نہ ايندين. سومرو صاحب چيو تہ سائين مان ايترو بيزار آهيان جو اڄ معاملو حل ٿئي سياڻي ٻيو ڏينهن نہ ٿئي. مان وري ڪيئن هن جي سفارش لاءِ ايندس. مون چيو تہ ٺيڪ هاڻي توهان وڃي آرام ڪيو. مان معاملي کي ڏسان ٿو. مون پوليس کي گهرائي چيو تہ برڪت الله شاهہ کي اريسٽ ڪري ڪنهن پري واري ٿاڻي تي عزت سان رکو ڪنهن بہ قسم جي بدتميزي ٿيڻ نہ ڏجو. ليڪن ڪنهن بہ طرح سان ملاقات ٿيڻ ناهي ڏيڻي. ٻن ڏينهن کان پوءِ مان وڌيڪ ٻڌائيندس تہ ڇا ڪرڻو آهي. شاهہ صاحب کي ڊرگهہ ٿاڻي ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ چئي ڇڏيو.

جڏهن برڪت الله شاهہ کي پوليس گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي، شاهہ ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت ڪانہ ڪئي پر اتي هائوس جاب ڊاڪٽرن کي چيو تہ توهان گهبرايو نہ مان جلدي موٽي ٿو اچان ۽ جيڪي بوسڪي جا ڪپڙا پاتل آهن انهن جي استري بہ خراب ڪانہ ٿيندي. مان اوهان وٽ هوندس. برڪت الله شاهہ کي سياسي طاقت تي گهڻو گهمنڊ هيو. جيئن پوليس شاهہ کي گرفتار ڪري ڪٽي وئي تہ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پهريون فون وفاقي وزير مرحوم مير هزار خان بجاراڻي صاحب جو آيو تہ پاءُ شاهہ صاحب جي پارٽ هجيو. مون مير صاحب کي پوري ڳالهہ ٻڌائي. مير صاحب هڪ تڏي طبيعت جو مالڪ ۽ شفيق انسان هيو. ڳالهہ کي سمجهي ويو چيائين تہ بس مڙئي هلڪو هٿ رکجوس. ٿوري دير کان پوءِ مملڪتي وزير اسلام الدين شيخ جو فون آيو ۽ چيائين تہ سائين شاهہ صاحب کي توهان ناحق بند ڪيو آهي ۽ شاهہ صاحب جا عزيز ۽ مائٽ مون وٽ وينا آهن. شيخ صاحب وڌيڪ چيو تہ توهان کي خبر هوندي تہ منهنجو پاءُ ميئر سکر جو اميدوار آهي ۽ شاهہ صاحبن جا چار پنج ڪوئونسلرن جا ووٽ آهن. تنهن ڪري مهرباني ڪري اڄ ئي ڪيس آزاد ڪيو. مون شيخ صاحب کي چيو تہ توهان ٿوري دير ڪئي آهي، جيڪڏهن ٿورو اڳ ۾ چئو ها تہ بهتر هيو. چو تہ هينئر اسان برڪت شاهہ جي والد ۽ پاءُ جا بہ وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن، ڇاڪاڻ تہ هنن ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ وقت گارنٽي ڏني هئي تہ اسان جو ڇوڪرو ڪنهن بہ قسم جي اهڙي ايڪٽوٽي ڪونہ ڪندو جنهن جي ڪري تعليمي اداري ۾ امن امان جي صورتحال پيدا ٿئي. جيئن تہ هن اسپتال ۽ ڪاليج جي

ماحول کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري پيو. تنهن ڪري برڪت الله جي والد ۾ پاءُ جا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن، پوليس پارٽي انهن کي اريسٽ ڪرڻ لاءِ رواني ٿي چڪي آهي.

اسلام الدين شيخ چيو ته ڊي سي صاحب برڪت الله کي ڪڏ ۾ وجهه. بس قرب ڪر اهي وارنٽ ۽ پوليس پارٽي کي روڪيو ته جيئن هو انهن کي اريسٽ ڪرڻ نه اچن. ٻن ڏينهن کان پوءِ ميئر جي اليڪشن آهي. مون ورائي چيو ته مان ڪوشش ڪيان ٿو جيڪڏهن پوليس پارٽي نڪتي ناهي ته مان توهانجي ڪري ان کي اليڪشن تائين روڪيان ٿو. تقريباً اڌ ڪلاڪ کان پوءِ وري اسلام الدين شيخ جو فون آيو ته سائين برڪت الله جا مائٽ پريشان ويٺا آهن ۽ چون ٿا ته مهرباني ڪري پوليس اسان جي گهرن تي نه اچي، باقي برڪت الله کي قانون مطابق ۾ جيترو ٿي سگهي ته هٿ هلڪو رکندا ته جيئن شاهه صاحب جو مستقبل خراب نه ٿئي. مون شيخ صاحب کي ٻڌايو ته پوليس پارٽي نڪتل آهي، اميد ته ٿوري دير انهن تائين منهنجو پيغام ملي ويندو ۽ پوليس پارٽي واپس اچي ويندي.

ٿوري دير کان پوءِ پرنسپال اڪبر سومرو صاحب آيو ۽ چيائين ته سائين هائوس جاب وارا ڊاڪٽر اسٽرائيڪ به ختم ٿا ڪن ۽ پنهنجي ڊيوٽي تي ويندا، هاڻي مهرباني ڪري شاهه صاحب کي آزاد ڪيو. مون پرنسپال کي پنهنجو واعدو ياد ڏياريو ته توهان ته واعدو ڪيو هيو ته مان وچ ۾ نه ايندس. چيائين ته سائين هو زور ڏئي بيٺا آهن ۽ مون ڏانهن هلي آيا آهن ته اسان بس ڪئي. وڏيڪ سومرو صاحب چيو ته ٻيا دوست وغيره به ڪافي سفارشون ڪٽي اچي پهتا آهن. بس هاڻي مهرباني ڪيو.

ٻه ڏينهن شاهه صاحب ٻرگهه ٿاڻي تي هيو. اتان مون واره ٿاڻي جي حوالي ڪيو ته صرف ملاقات بند، باقي ٻي سڀ سهولت هجيس. ٻئي ڏينهن پرنسپال آيو چيائين ته سائين بس هاڻي برڪت الله موٽايو. مون چيو خير برڪت الله ايندو پر توهان کي لکت ۾ ڏئي ته اڳتي اهڙي قسم جي ڪابه حرڪت ڪونه ڪندو. شام جو برڪت الله جو لکيل معافي نامو ڊي سي جي نالي ڪٽي آيو. مون چيو ته نه اهو قابل قبول ناهي. معافي نامو پرنسپال جي نالي ايندو ته مان هينئر ڪيس آزاد ڪرائي ڏيان ٿو. صبح سوير پرنسپال صاحب برڪت الله جو هٿ لکيل پرنسپال جي نالي سان معافي نامو ڪٽي آيو.جنهن ۾ لکيل هيو ته مان برڪت الله شاهه چيئرمين ايڪشن ڪاميٽي ڊاڪٽر هائوس جاب پرنسپال چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج کان معافي ٿو وٺان ۽ اڳتي ڪنهن به قسم اهڙي ايڪٽوٽي ۾ حصو ڪونه وٺندس. مون پرنسپال صاحب کي چيو ته هي معافي نامو صحيح ناهي. چيائين ته پوءِ ڇا لکي ڏئي. مون چيو ته لکي ڏئي ته مان برڪت الله شاهه ڊاڪٽر هائوس جاب لکت ۾ معافي ٿو گهران سائين پرنسپال ڊاڪٽر اڪبر سومرو صاحب کان، باقي سڀ صحيح آهي. شام جو پرنسپال صاحب آيو چيائين ته سائين هي نئون معافي نامو چيائين ته سائين هاڻي ته منهنجا پير پٽي ڇڏيا اٿن، گيدوڙي واري ڳِگ تي ويا آهن، اڳ هٿ ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونه هيا، هاڻي ته منهن جي بوٽ تي مٿي به ڪونه ٿا سهن. خير پوليس کي چيو ويو ته شاهه صاحب کي لاڙڪاڻو پهچايو. شاهه صاحب واپس پهچي سومرو صاحب وٽ اچي پهتو ۽ برڪت الله شاهه هڪ فرمانبردار هائوس جاب ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ۽ انهي کان پوءِ وري لاڙڪاڻي جي ڪنهن به ڪاليج ۾ ڪوئي اڻوڻندڙ واقعو پيش ڪونه آيو.

اهي سڀ ڪم انتظامي لحاظ سان ڪرڻا پوندا آهن ته جيئن ڪنهن بدمعاش کي ايتري ڊِر نه

ملي، جو غريب ۽ مسڪين جي حالت زار تي وڃي. انتظامي حساب سان لچ ۽ بدمعاش کي جيترو سوڙهو ڪبو، اوترو علائقي ۾ امن ۽ امان بهتر رهندو. پاڻ وٽ چوڻي آهي تہ: ”هيٺو حاڪم رعيت لاءِ وبال“.

الحمدلله منهنجي طبيعت ايتري ڪڏهن بہ سخت ناهي رهي، ليڪن انتظامي حساب سان ڪڏهن بہ ڏاڍي کي پنهنجي وس آهر ڪنهن غريب تي زيادتي ڪرڻ ڪونہ ڏني.

# ڏاڙيلن جي سرپرستي

1988ع وارو سال پوري سنڌ لاءِ امن و امان جي لحاظ کان خراب ترين سال هيو. ڏاڙيلن جون ڪارروايون عام و جام هيون، ڪوئي به پاڻ کي پنهنجي جاءِ تي محفوظ ڪونه پيو سمجهي. اهڙي حالتن ۾ پوليس فورس مفلوج ٿي چڪي هئي. گهڻو ڪري هر هڪ قبيلو پهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجو دفاع پيو ڪري. لاڙڪاڻو ضلعو به ان باهه کان ٻاهر ڪونه هيو. گهڻن ڳوٺاڻن پنهنجا ڳوٺ ويران ڪري شهرن جو رخ ڪيو. سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي حالت ابتر کان ابتر ٿيندي وئي. زراعت تي تمام گهڻو برو اثر پيو. سنڌ جا ٻيلا تباهه ڪيا ويا. جنهن جي ڪري دريا جي سون واري ذرخيز زمين سنڌ جي وڏن زميدارن ۽ گادي نشينن جي قبضي هيٺ اچي وئي. زميندارن ۽ گادي نشينن جي قبضي ۾ ڪچي جي زمين اچڻ ڪري ڏاڙيلن کي پناهه گاهون ملنديون ويون. يعني اها حالت ٿي وئي هئي جو جيترو وڏو پاٿاريدار اوترو وڏو معتبر هيو. چوته جيڪڏهن ڪو اغوا ٿي ويندو هيو ته پوليس هميشه انهن وڏن معتبرن جي معرفت ڀُنگ ڏيڻ ۽ وٺڻ جو ڪم ڪندي اغوا ٿيل ماڻهو واپس موٽرائيندي هئي. انهن وڏن معتبرن جي رسائي وري ملڪ جي وڏن تائين هوندي هئي. جنهن ڪري انهن معتبرن ۾ ڪوئي هٿ ڪونه وجهندو هيو.

لاڙڪاڻي شهر ۾ عموماً رات جو سنجهي وقت بجلي ٿوري دير لاءِ غائب ٿيندي هئي ته هڪدم چار پنج وچ شهر ۾ ڦر جون وارداتون ٿي وينديون هيون. مون پنهنجا جيڪي به ذاتي دوست هيا ۽ سورس رپورٽن ذريعي معلوم ٿيو ته پير شهمير روڊ يا پير شير روڊ تي لاڙڪاڻو کان اوپر طرف هڪ جتوئي صاحب آهي، جيڪو انهن وارداتن جو اڳواڻ آهي. نالو مونکي ياد نٿو اچي پر گهڻو ڪري نالي جي اڳيان پهريون لفظ غلام سان ايندو هيو. انهي جي ماڻهن جي واپڊا جي لائين مين سان سيٽنگ ٿيل هئي ته جيئن هي انهيءَ ڪاروائي لاءِ لاڙڪاڻو پهچن، تيئن اهي لائين مين يا لائين سپرنٽينڊنٽ شهر جي ان حصي مان اڌ مني ڪلاڪ لاءِ غائب ڪري ڇڏيندا هيا. جتوئي جا ماڻهو پنهنجي ڪاروائي لاءِ اڳ تيار ويٺا هوندا هيا، پنهنجي ڪاروائي ڪري نڪري ويندا هيا. اڪثر اهڙي قسم جي ڪاروائي انهي وقت ڪندا هيا جنهن وقت لا اينڊ انفورسمينٽ جا آفيسر انهن وٽ دعوت کائيندا هيا.

مان واپڊا جي انجنيئر کي گهرائي چيو ته جيڪڏهن رات جي وقت لاڙڪاڻو شهر مان بجلي غائب ٿي ۽ انهي دوران جيڪڏهن ڪوئي ڏوهه ٿيو ته مان سڌو تنهنجي خلاف نالي سان ايف آءِ آر داخل ڪندس. پهريان ته انجنيئر صاحب چيو ته لوڊشيڊنگ ۾ انجي مئنيجمينٽ اسان وٽ ناهي.

مون سختيءَ سان چيو تہ جيڪو بہ توکي ڪرڻو آهي اها لوڊشيڊنگ ڏينهن جو جيترو وقت ڪرين مونکي ڪوئي اعتراظ ناهي، باقي رات جي وقت نہ ٿيڻ کپي.

هڪ شام جو قاضي منظور ۽ مان سرڪٽ هائوس تي بيڊمنٽن راند پئي کيڏي، بجلي غائب ٿي وئي، مون انهيءَ وقت ايس ڊي ايم ۽ ايس ايڇ او کي چيو تہ واپڊا جي انجنيئر کي گرفتار ڪر ۽ ايف آءِ آر داخل ڪريس. چوتہ ٿوري دير ۾ ٻئي ڄڻ جون وارداتون ٿيون ۽ رپورٽ ڪٽي وئي. انجنيئر واپڊا کي خبر پئجي وئي ٿوري دير ۾ ايس اي واپڊا جو فون آيو. چيائين تہ سائين هي دفعو معافي ڏيو باقي لاڙڪاڻو شهر ۾ رات جو ڪڏهن بہ لوڊشيڊنگ ڪونہ ٿيندي اها منهنجي ذميواري. مون ايس اي واپڊا جو چوڻ مڃيو ۽ وارننگ ڏئي مون چيو خير آهي جيڪڏهن لاڙڪاڻي مان رات جو بجلي نہ ويندي تہ مان بہ اهڙو قدم ڪونہ کڻندس. واقعي ايس اي واپڊا پنهنجو واعدو وفا ڪيو جيستائين مان لاڙڪاڻي ۾ ڊي سي هيس، تيستائين رات جو بجلي ڪڏهن بہ لاڙڪاڻو مان غائب ڪونہ ٿي سواءِ ڪو اهڙو مٿان فالٽ پيو هجي. يا وري ڪنهن فيڊر جي مرمت وغيره وارو معاملو نہ هجي. اهڙي حالت ۾ اڳوات ٻڌائيندا هيا تہ فلاڻي ٽائيم کان فلاڻي ٽائيم تائين بجلي بند هوندي.

مون ايس پي صاحب کي چيو تہ ان جتوئي کي اندر ڪر. چيائين تہ سائين مان پاڻ چاهيان ٿو پر توهان جي مدد کپي، مون چيو تہ ڪوئي مسئلو ناهي، تون گرفتار ڪريس باقي منهنجو ڪم. جتوئي گرفتار ٿي ويو جيل ۾ موڪلي ڏنو. جتوئي جا واهرو اچي پهتا تہ سائين هي تہ اسانجو ماڻهو آهي ۽ اسان کي هن جي معرفت خبر ملندي آهي. هي اسانجو اعتماد وارو سورس آهي. مون چيو تہ ماڻهو تہ ڪوئي ڊنگ جو رکو جنهن جو ڪردار سٺو هجي. چيائين تہ "لوہے کو لوہا ہی کاٹتا ہے"

شريف ماڻهو ڪنهن جي لاءِ کهڙي خبر ڏيندو. مون چيو منهنجي سورس مونکي ٻڌايو آهي تہ هي شخص جڏهن شهر ۾ وارداتون ڪرائيندو آهي، عين انهي وقت توهان ۽ ڪجھ توهانجا دوست ان وقت جتوئي جا مهمان هوندا آهيو. مون چيو تہ اهڙي قسم جا ماڻهو ڪنهن بہ رحم جوڳا ناهن. باقي ڪورٽ جو ڪم آهي جيڪو چاهي اهو ڪري مان مطمئن آهيان هن کي گرفتار ڪرڻ. باقي مان توهان جي ڪري هڪڙو ڪم ڪري سگهان ٿو جيڪڏهن توهان اهو لکي ڏيو تہ هي شخص توهان جو اهم سورس آهي تہ پوءِ ڪوئي مان انهي لاءِ رستو ڳولهي ڪيان.

انهي کان پوءِ نہ انهن لکي ڏنو نڪو مون ڇڏيو. باقي ڪورٽ منهنجي وڃڻ کان پوءِ ڇا ڪيو انجي مونکي ڪابہ خبر ناهي. جتوئي جي گرفتاري سبب شهر لاڙڪاڻو ۾ ڏوهن ۾ ڪافي فرق پيو.

سليم عباس جيلاني چيف سيڪريٽري هيو. لا اينڊ آرڊر جي ميٽنگ سڏائي، ڪراچي ۾ اسين سڀ ڊپٽي ڪمشنر ويٺا هيا.

سڀ ڊپٽي ڪمشنر گهٽو ڪري ان وقت بہ ڌاڙيل گهٽو مشهور هيا نادر جسڪاڻي ۽ ٻيو گهٽو ڪري ڪو ڊيپراٽي هيو يا ڪو ٻيو پر هيو چانڊيو جي ڪنهن پاڙي مان. چيف سيڪريٽري نيڪ ٽاڪ اسان جا ڪن مروڙي ڳاڙها ڪيا. اسان سڀ موٽي اچي ضلعي جي سيني برادرين جي چڱن ۽ سردارن کي گهرائي چيو تہ اسان کي هر حال ۾ امن امان قائم ڪرڻو آهي، تنهنڪري توهان بہ پنهنجو انهيءَ سلسلي ۾ رول ادا ڪيو. نواب سلطان احمد چانڊيو ان وقت ايم اين اي هيو ٻيا باقي سڀ پنهنجي پنهنجي قبيلي جا چڱا مڙس هيا. نواب صاحب چيو تہ اڄڪلھ جا لوفر هر برادري ۾ آهن ۽ اسان جي

ٻڌن ڪونہ ٿا. تنهن ڪري اسان بي وس آهيون. مون چيو تہ نواب صاحب اها ڳالهہ مڃڻ جهڙي ناهي تہ توهانجا ماڻهو ۽ توهان جي ڳالهہ نہ مڃن. چيائين تہ سائين جڏهن گڏه گابي جي چوري ڪندا هيا تہ اسان کان ڊڄندا هيا، هينئر اهي لوفر اسان کان زور تي ويا آهن. مون ٿورو ڪجهہ سختي واري انداز ۾ چيو تہ نواب صاحب مان مڃيان ٿو تہ ضلعي ۾ لوفر گهڻا آهن پر هڪ ڳالهہ توهان سڀ ٻڌي ڇڏيو تہ ضلعي ۾ چيف هڪڙو ئي سگهي ٿو ۽ اهو چيف صرف ڊي سي هوندو آهي. جڏهن ڪوئي چيف کان مٿي ٻيو چيف ٿيو تہ ضلعو ڪونہ هلندو آهي. تنهن ڪري توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا. نواب سلطان احمد چانڊيو صاحب چيو تہ سائين بس اسان کي ٻہ ڏينهن ڏيو. مون چيو تہ ٺيڪ آهي . نواب صاحب ميٽنگ کان پوءِ پنهنجي پٽ علينواز کي چيو تہ مان ڊي سي صاحب جون اکيون ڏٺيون آهن، تون يا تہ اهي همراهہ پيش ڪراءِ يا وري ضلعي لاڙڪاڻي مان نڪري وڃ. عليِنواز چانڊيو صاحب انهي وقت دادو ضلعي جي حد ۾ پنهنجي زمينن ڏانهن هليو ويو ۽ نواب صاحب ڪراچي هليو ويو. ٻئي صاحبان تيستائين لاڙڪاڻو ڪونہ آيا جيستائين منهنجي پوسٽنگ لاڙڪاڻو ۾ رهي. ليڪن ڏوهن ۾ ڪجهہ گهٽتائي ضرور آئي.

وزيراعظم پاڪستان جوڻيجو صاحب پنهنجي دور ۾ ديهي ترقي خاطر پنج نڪاتي پروگرام شروع ڪيو هيو. جنهن کي پ پ پ بہ جاري رکيو. نالو مٽائي پيپلز پروگرام جي نالي سان. بهرحال انهي سان ٻهراڙي ۾ آمدورفت جون ڪافي سهولتون پيدا ٿيون .

جوڻيجو صاحب غريب ماڻهن کي زڪوات جي فنڊ مان هر زڪوات ڪائونسل ۾ ٻہ ٻہ گهر ٺهرائي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. انهي سڄي پروجيڪٽ جو ڪنسلٽنٽ نيسپاڪ هيو. نيسپاڪ ڪمپيوٽر تي خوبصورت ڊزائين جي ڊرائنگ ڪڍي وزيراعظم کي خوش ڪيو ۽ هر گهر جي قيمت رکي وئي پنجويهہ هزار روپيہ. تقريباً لاڙڪاڻي جي حصي تيرهن چوڏهن سو گهر آيا. بلڊنگ ڊپارٽمينٽ کي ضلعي ليول تي ڪم ڪرڻو هيو ۽ گڏوگڏ ڊي سي کي بہ چيو ويو تہ انهن زڪوات جي گهرن ٺاهڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن. زڪوات جي گهر جي ڊزائين اهڙي هئي جو ٻهراڙي جي عوام لاءِ قابل قبول ڪونہ هيو. تنهن ڪري اڄ انهن گهرن ۾ رولو گڏه ۽ ڪتا ٿا ڦرن. شهري علائقي ۾ مڙئي ڪم هلڻ واري ڳالهہ هئي. بلڊنگ جي انجنيئر ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪو ٺيڪيدار ٺاهڻ لاءِ تيار ڪونہ هجي. سڀ ٺيڪيدار اچي بيٺا تہ سائين انهي رقم ۾ انهي ڊزائين مطابق گهر ٺهڻ ناممڪن آهن سواءِ شهري علائقي ۾، جتي هڪ جاءِ تي پندرهن ويهہ گهر هجن. باقي هر زڪوات ڪائونسل ۾ ٻہ گهر ۽ انهيءَ لاءِ سامان کي آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ ڪوئي الائونس وغيره ڪونهي، سو اسان ڪونہ ڪنداسين . اسان ڪوشش ڪري ايس اي بلڊنگ کي انهي کان پوءِ چيف انجنيئر بلڊنگ سان ميٽنگ تي، انهن سيني چيو تہ سائين اهي گهر انهيءَ رقم ۾ ٺهڻ ناممڪن آهن. بلڊنگ ڊپارٽمينٽ پنهنجي ايسٽيميٽ ناهي ڏنا تہ گهر جي قيمت ڪنهن زڪوات ڪائونسل ۾ اٺاويهہ هزار تہ ڪٿي وري ٽيهہ هزار کان مٿي پئي اچي. جيترو زڪوات ڪائونسل روڊ ۽ شهر کان پري هئي، اوترو وڌيڪ مهانگي هئي. بهرحال اسان زور ڏنا پر ٺيڪيدار تيار ڪونہ پيا ٿين. ٺيڪيدارن چيو تہ سائين جيڪڏهن هجي ها هڪ اڌ تہ نقصان ۾ بہ ناهيون ها، پر ايترا سارا مشڪل آهن جو اسان ايترو نقصان برداشت ڪيون.

چيف سيڪريٽري سکر ڊويزن جي ڪمشنر، ڊي سي، چيف انجنيئر، ايس اي، انجنيئر بلڊنگ ۽ نيسپاڪ جي ٽيم جي بلڊنگ ڊپارٽمينٽ جي چيف انجنيئر جي آفيس ميٽنگ ڪئي.

پهريان چيف انجنيئر بلڊنگ بريفنگ ڏني چارٽ وغيره تيار ڪيل هيا، جنهن چيف انجنيئر چيو ته سائين پنجويهه هزار ۾ اهي گهر نهڻ نا ممڪن آهن. انهي کان پوءِ نيسپاڪ جي ٽيم انچارج بريفنگ ڏني، ان چيو ته ها اهو بلڪل ممڪن آهي ته پنجويهه هزار روپيه ۾ اهي گهر ٺهي سگهن ٿا. انهي کان پوءِ ڊي سي جيڪب آباد مرحوم الحاج محمد هارون ميمڻ صاحب ٻڌايو ته سائين بلڊنگ ڊپارٽمينٽ وارن سان مان پاڻ ملي ڪوشش ڪئي پر ٺيڪيدار تياري ڪونه ٿا ٿين، تنهن ڪري ڪٿي ٻه ڪٿي چار پنج هزار روپيا وڌائڻ کان بغير ڪم ڪونه ٿيندو. انهي کان پوءِ ڊي سي شڪارپور لياقت آرائين صاحب ٻه تقريباً ساڳئي ڳالهه ڪئي. اتي چيف سيڪريٽري ڪنڌ مٿي ڪري ٽيبل تي مڪ هڻندي چيو ته چابه ٿئي، اهي گهر انهيءَ قيمت ۾ ناهٺا آهن.

اسانجي حيرانگي جي انتها ٿي وئي، جڏهن چيف انجنيئربلڊنگ چيو ته سائين ها بلڪل ٺهي سگهن ٿا، هاڻي اسان نان ٽيڪنيڪل بلڊنگ ڊپارٽمينٽ جي ڏسيل راهه تي پيا هلون. هڪدم اسان جي هلندڙ راه ۾ ڪنڊ پئجي وئي. جيڪو اسانجي لاءِ قلعو هيو سو ٽٽي پيو. شڪارپور کان پوءِ منهنجو وارو هيو جڏهن ڏٺوسين ته هتي پڇي جان ڇڏائڻ کان ٻيو ڪو چارو ڪونهي مون انجنيئر بلڊنگ عزيز شيخ صاحب کان پڇيو ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ آهستي چيائين ته سائين هاڻي ها ڪرڻي آهي. چيف سيڪريٽري پڇيو جمن ڇا پروگريس آهي، مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو ته سائين ساڍا ٽيرنهن سو يونٽ ٺهٺا آهن، جن مان ست سو جا ٺيڪا ٿي ويا آهن باقي ٻئي ڏينهن تي ٽينڊر رکيل آهن اهي ٻه ٿي ويندا

# نصرت لوپ بند

1988ع مئي يا جون مهينو هيو ايريگيشن انجنيئر پريشاني واري حالت ۾ آيو ۽ چيائين ته سائين مان ڏاڍو پريشان آهيان، مونکي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته مان هاڻي ڇا ڪيان. مون ويهاري چيم فڪر نه ڪر، اڳ ۾ پاڻي پي سامت ۾ اچ ته تنهنجي ڳالهه کي سمجهي ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. انجنيئر صاحب جو نالو ياد نٿو اچي پر ذات جو ڪلر يا ڪليري هيو.

مون آرام سان ويهڻ کان پوءِ ڪائنس پڇيو ته مسئلو ڇا آهي؟ چيائين ته سنڌو دريا ۾ هن سال پاڻي جهجو ايندو ۽ ٻوڏ جو خطرو آهي. نصرت لوپ بند وٽ دريا ڪاڌ ٿو ڪري، تنهن ڪري مان جنوري مهيني کان فلڊ ڪميشن وارن کي لکي لکي ٿڪجي پيو آهيان پر انهن کي ڪابه پرواه ناهي ۽ هاڻي پئسه سينڪشن ڪيا اٿن، جيستائين پئسه پهچندا فنانشل ييئر جون ٽيهن تي ختم ٿي ويندو پئسه وري ليپس ٿيندا ۽ نصرت بند جي حالت تمام خراب آهي. جيڪڏهن ترت انتظام نه ٿيو ته تباهي اچي ويندي.

ڳالهه تمام گهڻي فڪر جي هئي، مون ٻيا ڪم روڪي ڪيس چيم ته هلي مون کي سرزمين ڏيکار. لاڙڪاڻو کان نئون ديرو رستي وٺي نئون ديرو شهر ڪراس ڪري ٿاٽي کان ٿورو اڳتي هلي اوپر طرف دريا سنڌ تي نصرت لوپ بند تي وڃي پهتاسين. سرزمين تي بيهي مون کي سمجهايائين ته سکر کان جيڪو پاڻي جو وهڪرو ايندو، اهو سڌو اچي هن لوپ بند سان ٽڪرائبو انهي کان پوءِ ڏکڻ طرف پاڻي جو رخ ٿيندو، تنهن ڪري اهو لازمي آهي ته جتي پاڻي اچي ٽڪرائبو ۽ جيڪڏهن هي لوپ بند مضبوط نه هوندو ته لوپ بند ٽٽي پوندو ۽ رائيٽ بينڪ جو سڄو ايريگيشن نظام ۽ باقي تمام گهڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو. ڳالهه ڪافي سنجيده هئي، مون پڇيو ته مان ان ۾ تنهنجي ڪيئن ۽ ڪهڙي طريقي سان مدد ڪري سگهان ٿو؟ چيائين ته سائين مونکي اسي لک روپئه ڪپن ته جيئن مان ايمرجنسي ۾ مٽي ۽ اسٽون پچنگ ڪرائي مضبوط ڪيان. مون چيو ته پاءُ اهو ڪيئن ٿيندو؟ چيائين ته سائين توهان ڊي سي طور او ڊي جي اٿارٽي ڏيو جيستائين ارسا جي طرفان پئسه اچن، تيستائين مان لاڙڪاڻو ٽريزري جي معرفت پئسه ڪيدرايان ۽ فنڊز جي پهچڻ شرط مان ٽريزري ۾ جمع ڪرائي ڇڏيان. مان اچي ٻن باهين ۾ ڦاٿس.

هڪ جيڪڏهن پئسن جو انتظام نٿو ٿئي ته به سپاٽي خدانخواسطه ڪوئي نقصان ٿي پوي تڏهن به مان باهه ۾، ڇو ته سرڪار مون کي ذميوار قرار ڏيندي ته انجنيئر ته پنهنجي مجبوري ڊي سي صاحب

ڪي بيان ڪئي، هاڻي انجنيئر ڇٽو ڳالهه ڊي سي جي ڳچي ۾.

جيڪڏهن مان ٽريزري جي معرفت پئسه ڏيان ٿو ۽ جيڪڏهن پئسه نه آيا، تڏهن به ڳالهه ڊي سي جي ڳچي ۾ پاڻ سان معاملو اچي ٽيو پانيڙ سان واٺ ويندي وارو.

آفيس اچي عيد محمد فنانس جي قانون جو ابو. اها منهنجي خوش قسمتي هئي جو عيد محمد جهڙو قابل ۽ ايماندار آفيسر خزاني تي نانگ بڻيو ويٺو هيو. مان اڄ تائين عيد محمد جهڙو ٽريزري لاءِ اٿارٽي ڪونه ڏٺو. عيد محمد کي چيم ته هي مسئلو آهي ۽ مسئلي جو حل ڪيئن ڏي، پڇيائين ته اها ڪيتري پڪ آهي مهيني يا ٻن مهينن ۾ پئسه ايندا؟ مون چيو مان هينئر انجنيئر کي گهرايان ٿو ۽ وڏيڪ توهان پاڻ ڪنفرم ڪريو ۽ انهي کان پوءِ ڪوئي رستو ڳولهي ڪيو. مون عيد محمد کي چيو ته مان سرزمين ڏسي آيو آهيان، جيڪي خطرناڪ آهي اها ته سنڌودريا جي پاڻي جي ليول نصرت لوپ بند وٽ لاڙڪاڻو شهر کان چاليهه فوٽ اوچي آهي. خدانخواسطه انهي جاءِ کان دريا ٻي قابو ٿي ويو ته نئون ديرو، رتوديرو، ميروخان، قمبر ۽ لاڙڪاڻو جي عوام کي چرڻ به ڪين ڏيندو. تنهن ڪري رستو ڪيو. عيد محمد چيو ته سائين توهان جي پريشاني جو مونکي اندازو آهي. چيائين ته انهي جو حل آهي.

ايتري ۾ انجنيئر به اچي ويو. ٽريزري آفيسر عيد محمد صاحب انجنيئر کان جيڪو پڇڻو هيس اهو پڇي پوءِ انجنيئر صاحب کي ٻڌايائين ته اهڙي طرح سان ليٽر لکي ڪٺي اچ. ليٽر سڄو ڊرافٽ به عيد محمد صاحب پاڻ ڪيو ۽ مونکي به ٽريزري رولز جي هڪ پيرا ڏيکاري جنهن ۾ اهو لکيل هو ته ڊسٽرڪٽ ٽريزري آفيسر هنگامي حالتن ۾ بجيٽ ۾ وقتي پئسه نه هجڻ جي ڪري به ڪنهن ڊپارٽمينٽ کي اٿورائيز ڪري سگهي ٿو ته اهو ڊپارٽمينٽ هنگامي صورتحال ۾ خرچ ڪري.

الله جي آسري تي مون ناچيز انهيءَ وقت اسي لک خرچ ڪرڻ لاءِ انجنيئر جي نالي اٿارٽي جاري ڪئي ۽ وقتي پريشاني ختم ٿي وئي. انهي کان پوءِ منهنجو سڄو ڌيان انهي نصرت لوپ بند کي مضبوط ڪرڻ ڏانهن ٿي ويو. ايريگيشن کاتي وارن به سنڌ سرڪار کي لکيو ۽ مون به ايريگيشن جي سيڪريٽري سان فون تي رابطي رهيس. گهڻو ڪري ان وقت سيڪريٽري ايريگيشن مزمل صاحب هيو. مان هر ٻئي ٽئين ڏينهن ڪم جي رفتار کي ڏسڻ ويندو هيس ته جيئن مونکي تسلي ٿئي ته ٻوڏ جي سيزن کان اڳ اهو لوپ بند مضبوط ٿي وڃي.

الحمدلله وقت سر نصرت لوپ بند تيار ٿي ويو. مٿي رپورٽ موڪلي ڇڏي. آگسٽ جي پنجين تاريخ تي منسٽر ايريگيشن مسٽر رحيم بخش سومرو صاحب هيلي ڪاپٽر ۾ آيو انهي سان گڏ ٻئي هيلڪاپٽر ۾فلڊ ڪميشن ارسا ۽ گورنر سنڌ جي انسپيڪشن ٽيم آئي. ٻئي هيلي ڪاپٽر انهيءَ نصرت لوپ بند تي اچي لٿا. ضلعي انتظاميا ۽ چيف انجنيئر سکر بئراج، سيڪريٽري ايريگيشن سڀ هيا گهمي ڦري ڏٺوسين ۽ سيني کي اطمينان ٿيو ته همت ڪرڻ سان ڪم سنو مضبوط ٿيو ۽ سڀڪو واپس هليو ويو. مون انجنيئر صاحب کي چيو ته هتي مضبوط ٽيم ويهار، جيڪا سڄي بند تي گهمي ڦري، ايئن نه ٿئي جو پاڻي ڪٿان سيمو ڪري ٻاهر نڪري اچي. خير انجنيئر صاحب اتي رهيو اسان به واپس موٽي واپس لاڙڪاڻو پهچي وياسين.

06 آگسٽ 1988ع ڇنڇر جو ڏينهن هيو. آسمان تي ڪڪر هيا ۽ ٿوري ٿوري بوندا باندي ٿئي پئي. منجهند جو ٻارهن وڳي ڌاري ڏيڍ ٻه وڳي ڌاري چاليهه يا ٻائيتاليهه منٽ تي شيخ زيد هاسپيٽل ڪان فون آيو ته توهان کي مبارڪ هجي پٽ ڄائو اٿو. اڃان ٽيليفون رکيو ته ٻيو فون آيو ته سنڌو دريا نصرت لوپ بند تي خطرناڪ ۽ ڀرپور حملو ڪري ڏنو آهي. فون رکي هڪدم گاڏي ۾ چڙهي سڌو نصرت لوپ بند ڏانهن روانا ٿياسين ۽ سڄي رستي ۾ درود پاڪ ۽ الله جي ذات بابرڪات کي عرض ڪيوسين. يا باري تعالي پنهنجو ڪرم ڪر. اسان جي عيبن ۽ خطائن کي نه ڏس, تون پنهنجي ڪريمي کي ڏس. خير پنجويهه ڪان ٽيهن منٽن ۾ اتي سرزمين تي وڃي پهتاسين. چيف انجنيئر سکر ۽ ٻيو ايريگيشن جو عملو بلڊوزن سميت اتي موجود هيو.

جڏهن لوپ بند تي پهتاسين ته ڪالهه وارو بند جو ڏيک غائب هيو. جنهن جاءِ تي ٻه هيلي ڪاپٽر لٿا ۽ اڏاميا ان جاءِ تي هڪ ڪار جي گذرڻ جيترو به بند مشڪل سان بچيو بينو هيو. سنڌو دريا به پنهنجي اوج ۾ پئي ڳاٽ اچو ڪري هليو. اسانجي حالت اها هئي جو جيترو سنڌو دريا جو ڳاٽ اوچو اوترو اسان جو هانءُ خالي ۽ دل نِنڊي ٿيندي پئي وڃي. سنڌو دريا صرف ٽريلر طور اسانجي انتظامن کي ڏٺو. چيف انجنيئر ٻڌايو ته جنهن وقت مان هتي آيس ته بند جيئن اسان ڪالهه ڏٺو اهڙي ئات بات ۾ هيو. منهنجي بيني سامهون ايئن پاٽي گهمري ڏني, جو پنجن سيڪنڊن ۾ بند ايئن چڪ هٽي ڪٽي ويو جڻ ته هتي ڪا به شئي ڪانه هئي. مون چيو ته سائين بلڊوزرن کي اڳتي ڪيو ته جيئن رهيل بند کي مضوط ڪن. چيائين ڄامڙا صاحب هي سنڌو دريا آهي, جنهن کي انگريز به مائٽي انڊس ڪوٺيندا هيا. هيئنر صرف جيڪڏهن بچاءِ ٿيندو ته صرف مالڪ ڪائنات جي ڪرم ۽ فضل سان باقي خير. مون چيف انجنيئر کان پڇيو ته ڇا اهڙي خطري جي ڳالهه ته ناهي جو ايمرجنسي ڊڪليئر ڪيون, چو ته خدانخواسطه سنڌو دريا بي قابو ٿيو ته عوام ڏاڍو پريشان ۽ نقصان به ايترو جو جنهن جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل هوندو. چيائين ته جيڪڏهن درياءَ انهي حالت هلندو رهيو ته پريشاني ضرور آهي خطرو ناهي. وڌيڪ چيائين ته اسين هن پاٽي سان هلون پيا ۽ انهي جي نفسيات کان باخبر آهيون جيڪڏهن دريا ٻيهر هيڏي موٽ ڪئي ۽ هوا به دريا کي ساٿ ڏنو ته سنڀالڻ محال ٿي پوندو پر جيڪو هينئر وهڪرو آهي, انهي جي ڪا به خبر نٿي پوي ته ڪهڙو رخ ڪندو.

مان چيف انجنيئر سان بينو ڳالهايان پيو ته مون ڏٺو هڪ مزدور جي ميرن جهڙن ڪپڙن ۾ اچي ڏاڙهي سان ماٺهو اچي انهي جاءِ تي بينو جنهن جاءِ تي سنڌودريا حملو ڪري نصرت لوپ بند کي شديد زخمي ڪيو هيو. ان همراهه اتان به ٿي متي جا ننڍڙا پٿر ڪنيا ۽ انهن تي ڪجهه پڙهي ڦوڪ هٽي پاڻيءَ ۾ اڇليا. ٿوري دير ۾ اتي بينا هياسين ته اچي اولهه جي طرف کان هوا لٿي ۽ پاڻي کي اوڀر طرف ڇڪي وئي ۽ لوپ بند تان زور ختم ٿي ويو.

مون ان مزدور ٽائيپ ماڻهو کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو شخص هڪدم خبرناهي ته ڪيڏاهن غائب ٿي ويو ۽ الله ڪريم جا اڻ ڳڻيان احسان جو خطرو هڪدم لهي ويو. انهيءَ کان پوءِ اتي آيل مشينري کي حرڪت ۾ آڻي ڇڏيو.

جڏهن اسان رسو ڪٽي پٿر ٻڌي اتي پاڻيءَ ۾ هيٺ اڇليو ته رسو جنهن جي ستر فوٽ ڊيگهه هئي

ڪٽي پيو پر جر اجان بہ هيٺ هيو. دريا جو وهڪرو اهڙي طريقي سان بند کي چڪ هڻي مٿي ۽ پٽرن کي الائي ڪاڏي ڪٽي ويو جو خبر ئي ڪانہ پئي.

جڏهن اتان پاڻي جي ليول چيڪ ڪئي وئي، پاڻي جي ليول لاڙڪاڻو شهر جي ليول کان تقريباً پنجيتاليهہ فوٽ مٿي هئي. ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ جيڪڏهن خدانخواسطہ نصرت لوپ بند وٽان دريا بي قابو ٿي ٻاهر اچي ها تہ ڪيترو وڏو سانحو ٿئي ها. الحمدلله رب ڪائنات پنهنجو خاص ڪرم ڪيو.

# شاهہ محمد پاشا، ممتاز پتوءِ قاضي اختر سان ڪچهريون

1987ع ۾ جڏهن مان لاڙڪاڻي ۾ ڊي سي پوسٽ ٿيو هيس تہ ان وقت مرحوم شاهہ محمد پاشا کهڙو صاحب وزير اعظم مرحوم محمد خان جوڻيجو جي ڪيبنٽ جو ميمبر هيو ۽ سنڌس پورٽ فوليو ليبر اينڊ مين پاور هيو. نهايت شريف النفس انسان هيو. جڏهن بہ لاڙڪاڻو ايندا هيا تہ خبر ڪانہ پوندي هئي تہ ڪڏهن آيا ۽ وري ڪڏهن ويا. منهنجي پوري ٽينوئر ۾ شايد بہ يا ٽي دفعا ڪنهن ڪم لاءِ فون ڪيو هوندن. هڪ دفعي مون کي فون ڪري چيائون تہ ڄامڙو صاحب جڏهن فارغ ٿيو تہ مون وٽ اچو ۽ چانهہ گڏجي پيون. مان تقريباً مني ڪلاڪ کان پوءِ فارغ ٿي کهڙا هائوس تي ويس. ان وقت بہ ٽي ماڻهو ويٺل هيا هڪ خورشيد جوڻيجو ممتاز پتو نوف چوسول جو چيئرمين محمود آباد وارو هڪ ٻيو ڪو چانڊيو هيو نالو ياد نٿو اچي. ٻين سڀني کي ٻاهر روانو ڪيائين سواءِ ممتاز پتو جي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ لڳو پيي تہ ممتاز جي پاشا صاحب سان تمام گهٽي گهرائي ۽ پراڻي دوستي پر پائرن کان وڌيڪ حجت وارو رشتو محسوس پئي ٿيو.

جيئن تہ منهنجي ٻي ملاقات هئي پاشا صاحب سان، تنهن ڪري بي تڪلفي واري ڳالهہ ڪانہ هئي. مون ڏٺو تہ پاشا صاحب ٿورو ڳالهائيندو هيو ۽ ڪم جي ڳالهہ کان وڌيڪ ڪونہ چوندو هيو. مونکي چيائين تہ مونکي خوشي آهي جو جيڪو بہ دوست مون سان ملڻ آيو آهي، تنهن توهانجي تعريف ڪئي آهي ۽ مونکي ڪنهن دوست اهو ناهي چيو تہ سائين ڊي سي کي فون ڪيو يا چٺي لکي ڏيو. انهيءَ کان اڳ صرف نوٽ لکڻ واسطي بہ همراهہ ويهندا هيا ۽ رڳو صحيحيون ڪرڻ ۾ پورو هوندو هيس ۽ هينئر مون وٽ اچن ٿا پر اهي اهڙي قسم جي ڪابہ فرمائش ڪونہ ٿا ڪن. جڏهن بہ انهن آيل دوستن کان پڇيو آهي تہ اهي سڀ خوش ۽ راضي هيا توهانجي ڪم مان. اڄ بہ ڪافي دوست ملڻ آيا جن سڀني توهان جي باري ۾ سنا لفظ چيا، تنهن ڪري منهنجي دل گهريو تہ مان اڄ توسان گڏ چانهہ پيان. ممتاز پُٽي چيو تہ پاشا صاحب شهدادڪوٽ ۽ ميرو خان جا ماڻهو ڄامڙو صاحب کي ڏاڍو پائيندا آهن ۽ هينئر بہ ياد ڪندا اٿس. ايتري دير ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل مسعود کهڙو بہ اچي ويو.

مون ڏٺو تہ مسعود صاحب هڪ ڪلڻو ۽ هروقت منهن تي مرڪ، سڌا سباجهڙو ۽ شريف النفس انسان، هر هڪ جو هڏڏوکي. پاشا صاحب جيئن تہ وڏو پاءُ هيس تنهنجو ڪافي ادب ڪري پيو. پر

انجي مقابلي ۾ ممتاز ڀٽو پاشا صاحب سان وڌيڪ حجائتو نظر پئي آيو. ممتاز ڀٽو اڄ ڪلهه تقريباً ويهن سالن کان آمريڪا ۾ پنهنجي فيملي سميت رهي ٿو. تقريباً اڌ منو ڪلاڪ اتي گڏ هياسين مان موڪلائي اٿيس ته پاشا صاحب چيو ته جامڙا صاحب، اچڻ جي مهرباني ۽ ڪو ڪم ڪار هجي ته ضرور ٻڌائيندا.

ممتاز ڀٽو ۽ سندس ڀاءُ ڊاڪٽر لياقت عمومن مهيني ۾ ٻه ٽي دفعا مون وٽ ايندا هيا شهدادڪوٽ جڏهن مان ايس ڊي ايم هيس. ممتاز ڀٽو صاحب دل جو صاف پوڳ ٽڪاءَ ۽ دوستن سان سچو ۽ مخلص ماڻهو. ڊاڪٽر لياقت وڏو ڀاءُ هجڻ جي باوجود به ممتاز جو گهڻو خيال رکندو هيو ۽ اڄ تائين به ممتاز جو وڏو خيال ڪندو آهي.

ممتاز ڀٽو پاشا صاحب کي هجت ۽ انگل ڪيو ته پاشا صاحب، جامڙو صاحب کي مان سڃاڻان توکي ڪم لاءِ ڪونه چوندو، باقي مان ٿو توکي چوان ته منهنجي ڀاءُ تي جيئن مهرباني ڪئي اٿئي. اهڙيءَ طرح جامڙو صاحب جا به ڀائر آهن، هڪڙي نوڪري اي او بي آءِ ۾ ڏيو. مون چيو اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي، الله مالڪ آهي جتي انهن جو نصيب هوندو اتي ٿي ويندو. پاشا چيو ته جامڙو صاحب پنهنجي ڀائرن جا ڪاغذ مون ڏانهن موڪل يا ممتاز کي ڏي مون چيو ته سائين مهرباني پر منهنجي دل اجان نٿي مڃي. منهنجو ننڍو ڀاءُ مرحوم صاحب خان ايم اي ايڪانامڪس پاس هيو. ٻيو ننڍو ڀاءُ ڪماالدين بي اي پاس هيو مون ڪنهن جا ڪاغذ وغيره ڪونه موڪليا ٻن ڏينهن کان پوءِ ممتاز صاحب آيو ۽ چيائين ته هڪ ڀاءُ جا ڪاغذ ڏي.

مون چاهيو پي ته منهنجو مامو جيڪو ايريگيشن ۾ بيلدار هيو ان جي وڏي پٽ محمد رمضان کي نوڪري وٺرائي ڏيان. ڇوته هڪ غريب به هيو ۽ انهيءَ کي پڙهائڻ ۾ به مون ڪافي مدد ڪئي هئي. منهنجو مامو به پنڌ ڪندو هيو ته بابا هاڻي رمضان جو ڪو بلو ڪر هاڻي انهيءَ جي شادي به ڪرائي اٿم. مامو پنهنجي پيڻ يعني منهنجي امان کي اچي چوندو هيو ته جمن کي چئو ته رمضان کي نوڪري وٺي ڏي. ڳوٺ اچان ته گهر پهچڻ کان اڳ رمضان جي ماءُ ۽ گهر واري اچي منهنجي گهر واري کي تنگ ڪن ته ادي تون جمن کي چئو منهنجي پٽ کي نوڪري وٺي ڏئي، ڏاڍو گذر تنگ آهي. منهنجي به اهائي خواهش هئي ته اڳم مامي جي پٽ کي ڪٿي سيٽ ڪجي.

ممتاز کي چيو ته مان پنهنجي ڀائرن جي بجاءِ منهنجو مامو بيلدار ۽ مسڪين حال آهي، ان همت ڪري پٽ پڙهايو ۽ وري مٿان پرٽايو به اٿس ان جا ڪاغذ وٺ. ممتاز چيو ته پاشا صاحب تنهنجي ڀاءُ لاءِ چيو آهي ٻئي ڪنهن لاءِ ڪونه مڃيندو. مون چيو ته پاشا صاحب جي مهرباني ٿيندي جيڪڏهن مامي جي پٽ لاءِ نوڪري ڏئي. باقي مان پنهنجي ڀاءُ لاءِ ڪاغذ ڪونه ڏيندس. ڪجهه ڏينهن گذري ويا وري ممتاز صاحب آيو ۽ چيائين ته نٿو مُڙين ته پاشا صاحب چيو آهي ته پنهنجي مامي جي پٽ رمضان جا ڪاغذ ڏي. خير مون رمضان جا ڪاغذ ڏنا ۽ رمضان کي چيو ته وڃ اسلام آباد، پاشا صاحب سان ملاقات به ڪر ۽ آرڊر به وٺ.

ڪجهه ڏينهن اندر محمد رمضان ايگزيڪيٽو آفيسر سورهين گريڊ ۾ اي او آءِ بي ۾ مقرر ٿي ويو. هاڻي ماشاءَ الله مامي سائين جي فرزندن وٽ به ٽي پيٽرول پمپ ٽن تعلقن گمبٽ، صوبو ديرو ۽

ڪوٽڏجي ۾ زمينون ۽ ديهه چانڊيا ۾ سڀ کان وڏيڪ زمين جا مالڪ آهن. انهي کان علاوه ڪراچي، اسلام آباد، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين هنڌن تي ڪيترائي بنگلا، فليٽ ۽ پلاٽن جا مالڪ آهن. ڳوٺ ۾ به عاليشان بنگلو نهرايو اٿس جنهن تي تقريباً اڍائي تي ڪروڙ روپئه خرچ ٿي ويا آهن. صرف پروموشن جي معاملي ۾ پنتي رهجي ويو. جو اڄ تائين سترهين گريڊ کان اڳتي وڌي ڪونه سگهيو. جڏهن ته ان دور ۾ سورهين گريڊ وارا اٺويهين گريڊ تائين ترقي ڪري ويا آهن.

مٿين ملڪيت ته رمضان جي پنهنجي جاءِ تي اهو ان جو پنهنجو ذاتي عمل آهي. مون کي صرف اها خوشي آهي ته رمضان پنهنجي نياڻين جي تعليم تي محنت ڪئي، جو الحمدلله اڄ رمضان جي هڪ نياڻي اي ايس پي حيدرآباد آهي، ٻي نياڻي به سي ايس ايس ۾ سليڪٽ ٿي سول سروس اڪيڊمي ۾ زير تربيب آهي، ٽين نياڻي ڊاڪٽر صاحبه آهي. هڪ پاءُ انڪم ٽيڪس ۾ سينيئر آفيسر ۽ ٻيو نيشنل بينڪ ۾ سينيئر آفيسر آهي.

1988ع ۾ ضياءَ جوڻيجو صاحب جي حڪومت انونجاهه ٻي تحت ختم ڪرڻ کان پوءِ جنرل اليڪشن جو اعلان ڪيو. اليڪشن کان اڳ جنرل ضياءَ الحق بهاولپور کان واپس ورندي وهاڙي ضلعي جي ميلسي تعلقي ۾ جهاز جي حادثي ۾ مري ويو جنهن کان پوءِ چيئرمين سينٽ محمد اسحاق خان صدر پاڪستان ٿيو ۽ جنرل اسلم بيگ مرزا چيف آف آرمي اسٽاف ٿيو. جنرل اليڪشن جي شيڊول کي برقرار رکيو ويو. سنڌ ۾ انوقت قاضي اختر سينيئر وزير هيو پر پاور سڀ وزير اعليٰ وارا هيس. آگسٽ مهيني جي شايد ٻئي هفتي ۾ مون کي ڪراچي وزيراعليٰ هائوس ۾ سڏ ڪرايائين. منهنجي پهچڻ کان اڳ سيڪريٽرين سان گڏجاڻي هيس، جنهن ۾ قاضي صاحب حسب عادت چيو ته آفيسر بي ايمان آهن وغيره وغيره، مرحوم سائين عبدالله جي ميمڻ صاحب انهن لفظن جي چوڻ تي احتجاجن استعيفا لکي تنهن وقت ئي قاضي اختر جي اڳيان ڏئي، ٻاهر وڃڻ جي ڪئي پر شايد ڪنهن جي چوڻ ڪري رکيو ۽ قاضي اختر ڪجهه پريشان ٿيو پر ميمڻ صاحب پنهنجي استعيفا اتي واپس ڪانه ورتي.

ڪافي دير کان پوءِ مونکي قاضي صاحب پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. ضلعي جي باري هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪيون ۽ آخر ۾ پڇيو ته اليڪشن جي باري تنهنجي اسيسمينٽ ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو ته ڳالهه صحيح ٻڌايان يا توهان جي دل خوش ڪيان. چيائين ته نه تون بلڪل سچي ۽ حقيقت بيان ڪر. مون چيو ته سائين گهٽو ڪري توهان وارهه نصير آباد واري تڪ مان بيهندا. چيائين ته بلڪل صحيح. مون چيو ته سائين جيڪڏهن چوليائي چانڊيه، ڪلهوڙا، مغيري ۽ ٻيون به تي برادريون توهان کي مڪمل ووٽ ڏين ته پوءِ توهان اليڪشن ۾ بيهو نه ته توهان جو کٽڻ مشڪل آهي. قاضي صاحب ڪجهه گرم ٿي ويو مون عرض ڪيو ته سائين توهان مونکي چيو سچي ڳالهه ٻڌاءِ مان توهان کي ٻڌائي، باقي توهانجو پنهنجو فيصلو آهي جيڪو ڪرڻ چاهيو. چيائين ته مون انهي علائقي ۾ ڪم ڪيا آهن ۽ امداد چوليائي کي ڪهڙي طاقت جو مونکي ووٽ نه ڏياري. مون چيو ته اهو توهان سياستدانن جو پنهنجو مسئلو آهي، باقي جيستائين منهنجي معلومات آهي تيستائين امداد چوليائي نثار کهڙو صاحب جي ويجهو آهي، تنهن ڪري توهان کان وڌيڪ کهڙي صاحب جي ٻڌندو.

آخر ۾ چيائين تہ تون ڇا ڪندين؟ مون عرض ڪيو تہ سائين هاڻي اهو ون يونٽ وارو دور ڪونهي جو ڊي سي صاحب ڪنهن قبيلي جي سردار يا ان ڳوٺ جي مکيہ ماڻهو کي گهرائي ۽ چوي تہ ووٽ هيڏي ڪرڻا آهن يا هوڏي ڪرڻا آهن. ٻيو تہ پولنگ اسٽيشنون صرف ميرٽ تي هونديون سواءِ انهن اسٽيشن جي، جتي واقعي جهيڙي ٽيڙ جو انديشو هوندو. پوءِ اها پولنگ اسٽيشن مان توهان جي مرضي سان ڪندس، باقي آهي پولنگ اسٽاف انهي ۾ مان توهانجي مدد ڪري سگهندس باقي خير توهان جي سر جو. چوڻ لڳو تہ اهي ماستر انهن جو ڪو دين نہ ايمان ڪونهي، سڀ بي ايمان آهن وغيره وغيره. منهنجي ڳالهہ قاضي صاحب کي پسند ڪانہ آئي، چيائين تہ ٺيڪ توهان هلو مان پوءِ تو سان ڳالهائيندس. شام تي وئي هئي تنهنڪري رات ڪراچي ۾ ترسي صبح سوير لاڙڪاڻي روانا ٿي ويم.

تقريباً ٻن يا ٽن ڏينهن کان پوءِ لالو رائنڪ جو مغيري صاحب آيو. قاضي اختر ان جي ڪافي ويجهو هيو ۽ سندس پٽ کي ايڪسائيز ۾ انسپيڪٽر ۽ ٻہ ٽي ٻيون بہ نوڪريون ڏنيون هيس. مونکي اها خبر هئي تہ مغيري صاحب قاضي صاحب جي ويجهو ۽ اعتماد وارو اماڻهو آهي. نالو مونکي هينئر ياد نٿو اچي، باقي ڏاڙهي کي ميندي هڻندو هيو. چيائين تہ قاضي صاحب مونکي موڪليو آهي. مون چيو تہ حڪم ڪيو چيائين تہ حڪم وغيره ڪونهي، مونکي قاضي صاحب ڪراچي گهرايو هيو ۽ خبر ناهي تو ڇا چيو اٿس پريشان هيو سو مون کي خاص انهيءَ ڪري موڪليو اٿس تہ پنهنجي روبي ۾ لچڪ آڻي ۽ تون مهرباني ڪري ها ڪر، باقي منهنجو ڪم. مون وراڻي چيو تہ چاچا توکي خبر آهي تہ مان ڳالهہ جيڪا ڪندو آهيان ان تي عمل ڪندو آهيان، چيائين برابر انهي ڪري تہ قاضي صاحب پريشان آهي. مون پڇيو تہ قاضي صاحب ڪهڙي حساب سان لچڪ چاهي ٿو چيائين پولنگ اسڪيم ۾. مون چيو انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي لچڪ ڪونہ ٿيندي، باقي قاضي صاحب جي مرضي. چيائين تہ نہ ۽ اسين چاهيون ٿا تہ سائين توهان اتي رهو. ڇگهو ٻن ڏينهن کان پوءِ مان وري ايندس يا رابطو ڪندم. مغيري صاحب جي گفتگو مان مون کي اندازو ٿي ويو تہ ڪل آفيسر ذائقہ بدلي وارو مرحلو ويجهو آهي، هاڻي صرف ڪوئي بهانو کپي.

# ڳڙهي خدا بخش جون ڳالهيون

06 آگسٽ 1988ع تي ڇنڇر جي ڏينهن تقريباً ٻارنهن لڳي چاليهه منٽن تي شيخ زيد هاسپيٽل مان فون آيو ته الله سائين پٽ عطا ڪيو آهي. اجان فون رکيو مس ته انهيءَ وقت ٻيو فون آيو ته نصرت لوپ بند تي سنڌو دريا بادشاهه ڀرپور حملو ڪري بند کي شديد زخمي ڪري ڇڏيو آهي. بهرحال نصرت لوپ بند جو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان.

سنڌو دريا بادشاهه ۽ نصرت لوپ بند جي سيز فائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي لخت جگر ۽ پهرين اولاد کي ڏسڻ لاءِ هاسپيٽل ويم جتي مون پنهنجي محبوبه ۽ اسان ٻنهي جي اکين جو تارو کي ڏسي واپس گهر واري آفيس ۾ پهتس، باقي جيڪو رهيل ڪم هيو اهو اڪلائي پوءِ ٻيهر هاسپيٽل وڃڻ ٿيو. هفتي يا ڇهن ڏينهن کان پوءِ حسب معمول نئين آيل مهمان جو آڌرياءُ ڪري نالو تجويز ڪبو آهي. اهڙيءَ طرح مون به پنهنجي نئين آيل مهمان جو آڌرياءَ ڪرڻ خاطر دوست ۽ احباب گهرايا ۽ مهمانوازي ڪئي ۽ نالو تجويز ڪيوسين. محمد زوهيب جمن ڄامڙو. اڄڪلهه ماشاءَ الله اسلام آباد ۾ وڪالت جي شعبي سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ موقعي تي وڊيو به نهي. حالانڪ منور سيال منع ڪئي ته سائين وڊيو نه ٺهرايو پر اسان خوشيءَ جي انڌي گهوڙي تي سوار هياسين، تنهن ڪري اسان سيال صاحب جي ڳالهه کي وزن ڪونه ڏنو.

منهنجي اها عادت رهي آهي ته هميشه ڪڏهن به هڪ ڪاغذ ٽيبل تي ڇڏي ڪونه اٿندو هيم، چاهي اڌ رات ڇونه گذري وڃي. خاص ڪري ڊوميسائيل ۽ پي آر سي تي مان خود دستخط ڪندو هيس.

04 اپريل 1988ع تي ڳڙهي خدا بخش ۾ ڀٽو صاحب جي ورسي هئي. برگيڊيئر قريشي صاحب جو فون آيو ته ڄامڙو صاحب گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا هوندا. مون چيو ته صحيح اندازو ادائي تي وڃي ڪان پوءِ پوندو، هينئر جيڪا به فگر ايندي اها صحيح ڪانه هوندي، برگيڊيئر صاحب چيو ته مون پنهنجا مختلف به سورس استعمال ڪيا آهن، پر انهن ٻنهي جي انگن ۾ فرق ٿو اچي تو وٽ ڇا انگ ماڻهن جي اتي اچڻ متعلق آهي؟ مون پڇيس ته گهڻو فرق آهي؟ چيائين ته ٻنهي جي انگن ۾ چار ڪان پنج هزار جو فرق ٿو اچي. مون پڇيو ته تو وٽ گهڻو ۾ گهڻو انگ ڪيترو رپورٽ ٿيو آهي؟ جيڪو هن انگ ٻڌايو مون چيو ته توهانجي ٻڌايل انگ کان مون کي جيڪا رپورٽ ملي آهي اها تقريباً اٺ ڪان ڏهه هزار وڌيڪ آهي. مون اهو ڪوڙ ڳالهايو ڇو ته مون اجان ڪا به رپورٽ نه ورتي هئي نه آئي هئي

مون صرف اهو تاثر ڏيارڻ لاءِ ڪوڙ هيو ته جيئن پٽي صاحب جي مقبوليت جي اهميت باري ۾ خبر هجين ته هو ڪيترو عوام ۾ راڄ به دلين تي راڄ ٿو ڪري.

برگيڊيئر صاحب پريشان ٿيو ته مٿان هر هر رپورٽ پيا وٺن ته ڪيترا ماڻهو گڏ ٿيا آهن ۽ هن کي ٻنهي سورسن کان مختلف خبر پئي پوي، وري مون کان خبر ورتائين اها انهن کان مختلف هئي. پڇيائين ته هاڻي ڇا ڪجي؟ مون چيو ته هل ته هلون نئون ديرو شگر مل جي ريسٽ هائوس پوءِ اتان ويهي قابل اعتماد رپورٽ وٺي پوءِ اڳتي ڏيون ٿا. برگيڊيئر صاحب کي صلاح وڻي منهنجي آفيس آيو. اسان ٻئي گڏ نڪتاسين. گاڏي مون پاڻ هلائي، اڳيئن سيٽ تي برگيڊيئر صاحب ويٺو ٻي گاڏي منهنجي گاڏي جو ڊرائيور، برگيڊيئر جي گاڏي ۽ فوج جي هڪ پڪ اپ. اسان جڏهن ماهوٽا کان گذرون پيا ته پنجاب کان به تي جيالن جون گاڏيون رستو پلجي نئون ديرو کان لاڙڪاڻو طرف اچي رهيون هيون. جڏهن انهن فوج جون به گاڏيون ڏٺيون ته نعره هڻڻ شروع ٿي ويا. ڪيپٽن، ڪرنل ۽ جنرل ٺا. ڪيپٽن، ڪرنل ۽ جنرل مرده باد. برگيڊيئر چيو ته يار تم ني مروا ديا.

مون چيو ته ڇو؟ چيائين تو نعره ڪونه ٻڌا . مون چيو ته مون نعره ٻڌا پر هنن توهان لاءِ ته ڪجهه ڪونه چيو. انهن صرف ڪيپٽن، ڪرنل ۽ جنرل جي ڳالهه ڪئي، توهان ته برگيڊيئر آهيو. توهان لاءِ ته هنن ڪونه چيو. خاموش ٿي ويو. خير نئوديرو شگرمل جي ريسٽ هائوس مان ويهي امن وامان جي صورتحال کي مانيٽر ڪيو جنهن ڪانپوءِ پوري صورتحال جي خبر مٿي موڪلي.

# ماستر ڪلهوڙو ۽ غلام حسين اُنڙ

ماستر ڪلهوڙو باقراڻي شهر جو رهاڪو هيو. جنهن کي ٻہ سو ايڪڙ يا ٻہ سو جريب زمين هئي. غلام حسين انڙ انجي سموري ملڪيت تي قبضو ڪري گهر کان بي گهر ڪري ڇڏيو. ويچارو پنهنجي ملڪيت هجڻ جي باوجود ٻارن ٻچن سميت ڪڏهن سيالن وٽ تہ ڪڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي محراب پور واري وٽ رهندو هيو. غلام مصطفيٰ جتوئي هڪ باوقار شخصيت جو مالڪ هميشہ دستار مبارڪ سر تي پاتل هوندي هيس، هڪ سلڇڻو سڀاجهڙو شريف النفس انسان ۽ غريب پرور ٿڌي طبيعت جو مالڪ، هميشہ منهن تي مرڪ رهندي هيس.ڪلهوڙو صاحب مون وٽ آيو ۽ سڄي حال حقيقت ڪيائين، مون فوري طور غلام حسين انڙ کان قبضو ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ قبضو ختم ڪرائي ڪلهوڙي صاحب کي باقراڻي شهر جي اوپر ۽ اتر طرف ۾ جيڪو گهر هيس، اهو بہ زمين ۽ باقراڻي شهر جي اوپر ۽ ڏکڻ طرف وڏو انبن جو باغ هيو اهي سڀ واپس ورائي ڏنا. ٿوري عرصي کان پوءِ پنهنجي گهر ۾ ڪلهوڙو صاحب تي انڙ حملو ڪرائي ڪلهوڙي صاحب جو نوجوان پٽ مارائي ڇڏيو. ايف آءِ آر داخل ٿي، جنهن ۾ غلام حسين، سندس فرزند ۽ ڀيامائٽو جاٽايا ويا. گرفتاري جي لاءِ پوليس تي زور پريو تہ جيڪي ظالم آهن، انهن کي گرفتار ڪيو. چاهي انکي ڪنهن جي بہ پنيرائي هجي. بهرحال ڪجهہ گرفتاريون ٿيون جنهن ۾ انڙ صاحب جو فرزند بہ گرفتار ٿيلن ۾ شامل هيو ۽ پاڻ غلام حسين لاڙڪاڻي کان ٻاهر ڀڄي ويو.

1988ع سيپٽمبر مهيني جي شايد پهرئين يا ٻئي هفتي ڪمشنر سکر فون ڪري چيو تہ مان ماڻهو موڪليان ٿو ۽ انهي کي ڪجهہ ڪاغذ آهن، انهن جي پاڻ ذاتي جاچ وٺي هفتي جي اندر رپورٽ ڪر. تقريباً اڍائي ٽن ڪلاڪن کان پوءِ اهو ماڻهو آيو ۽ بند لفافو اچي مونکي ڏنائين. مون اهو لفافو کولي ڏٺو تہ ٻہ تي پنا هيا، جنهن مان پهرئين پني تي ڪمشنر سکر جو هٿ اکرين نوٽ لکيل هيو تہ سرزمين تي پاڻ وڃي جاچ ڪري هفتي ۾ رپورٽ موڪل. جڏهن مون پڙهڻ شروع ڪيو تہ ان درخواست ۾ لکيل هيو تہ ڊي سي آفيس لاڙڪاڻو ۾ هڪ اي ڊي ايم ديهہ لکمير تعلقو ڏوڪري ۾ ٻہ سؤ ايڪڙ يا جريب زمين آهي، جنهن جا کاتا ٽپيدار سان ملي فراڊ ڪري اي ڊي ايم صاحب پنهنجي نالي يا ڪنهن ٻئي جي نالي ڪوڙو ڪليم نمرائي زمين انهي فرضي ڪليم کان خريد ڪري پنهنجي قبضي ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن ديهن جا نالا پڻ هيا، جيڪي مختلف ديهن ۽ تعلقن ۾ ساڳئي نموني سان زمين ڪوڙا ڪليم ڪنهن فرضي ماڻهو جي نالي ٿاهي، انهي کان

ڪاغذن تي خريد ڄاڻائي پنهنجي ڪاتي ڪرائي قبضو ڪري ويٺو آهي.

جيئن تہ اها ايراضي ۽ زمين مختلف ديهن ۽ تعلقن ۾ هئي، تنهن ڪري صحيح طرح ان تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وقت درڪار هيو. مون نہ پئي چاهيو تہ هرويرو ڪنهن جي خلاف صرف ڪنهن جي چوڻ تي رپورٽ موڪليان. مون ڪمشنر صاحب کي فون ڪيو تہ سائين هن ڪم لاءِ مونکي تقريباً ٻہ ٽي هفتہ کپندا تہ جيئن توهان کي مان مڪمل ۽ حقيقي پوزيشن ٻڌائي سگهان. انهي لاءِ رڪارڊ سان گڏ سرزمين تائين جاچڻو پوندو ضروري ناهي تہ جيڪو ڪجهہ درخواست ۾ لکيل آهي اهو سڄو سيڪڙو سچ هجي. تنهن ڪري مونکي ٿوري مهلت ڏيو تہ مان اطمينان سان جاچ جوچ ڪيان. چيائين تہ ٺيڪ آهي پر ٻئي ڪنهن کي خبر نہ پوي.

مون ٻئي ڏينهن تي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو بابلاڻي کي گهرائي چيو تہ ديهہ لکمير ڪٿي آهي؟ ۽ انهي جو تپيدار ڪير آهي؟ مون چيو تہ سڀاڻي موڪل بہ آهي. اوڏانهن هلبو. تپيدار کي چئو تہ ديهہ جو نقشو ۽ رڪارڊ بہ کنيو هلي. اڌ منو ڪلاڪ ڪان پوءِ اي ڊي ايم آيو پر ٿورو پريشان هيو چيائين تہ سائين ٻڌو آهي تہ ڪنهن سرزمين تي وڃو ٿا. سائين توهان نہ وڃو مان مختيارڪار کي موڪليان ٿو. پاڻ وڃي سرزمين ڏسي اچي رپورٽ ڪندو. سائين جيڪڏهن ڊي سي صاحب رڳو سرزمينون ڏسندو تہ هتي ٻيا ڪم ڪير ڪندو وغيره وغيره. اي ڊي ايم جي ڳالهائڻ ۾ پريشاني جو عنصر تمام گهڻو واضع هيو. مون چيو تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي، سڀاڻي موڪل بہ آهي ٿورو ضلعي جي ايريا جي واقفيت بہ ٿي ويندي. چيائين تہ واقفيت لاءِ صرف هڪ ٽپو ڇو ٿا وڃو گهمڻ. باقي توهان مرضي جا مالڪ آهيو. مون چيو تہ ڇا ڊي سي ڪنهن هڪ ٽپي نٿو وڃي سگهي ڇا؟. نہ سائين توهانجي مرضي جڏهن ۽ جتي وڃڻ چاهيو وڃي سگهو ٿا بس مون تہ انهيءَ ڪري پئي چيو تہ سائين جيڪڏهن ڪا سرزمين ڏسڻي آهي تہ هيڊمنشي يا مختيارڪار کي موڪلي بہ رپورٽ وٺي سگهجي ٿي، توهان جي معيار مطابق اهو ڪم ناهي. بهرحال ڳوٺ ڏانهن ڪو ڪم ٿي پيو. تنهنڪري انهيءَ هفتي سرزمين ڏسي ڪونہ سگهيس.

اي ڊي ايم صاحب هڪ ڏينهن موڪل گهري تہ مونکي ڳوٺ راڌڻ ۾ ضروري ڪم آهي. مون موڪل ڏئي مان ڳوٺ ويس ٻئي ڏينهن واپس لاڙڪاڻو موٽي آيس. اي ڊي ايم ۽ غلام حسين انڙ جو رابطو قاضي اختر صاحب سان هيو. غلام حسين انڙ، اڪبر جوڻيجو ڏوڪري جو ۽ اي ڊي ايم صاحب منهنجي پٺ جي ڇني واري وڊيو ڪٽي سي ايم هائوس ويا. قاضي اختر کي اليڪشن ۾ هر مدد جي آڇ ڪين. جيڪا قاضي اختر صاحب قبول ڪئي. قاضي اختر صاحب جو فون آيو هڪ لاڙڪاڻو شهر جو ديوان ڏاڙيل اغوا ڪري ويا هيا. پهريان انجي باري ۾ پڇيائين ۽ هڪدم غصي واري لهجي ۾ چوڻ لڳو تہ توهان ڪجهہ ڪونہ ٿا ڪيو. ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو اغوا ٿين ٿا ۽ توهان کي ڪا پرواه ناهي توهانکي رڳو سهولتون کپن. فون بند ڪري ڇڏيائين. منهنجي اطلاع مطابق انڙ ۽ ٻيا سڀ دوست انهيءَ وقت قاضي اختر سان گڏ ويٺا هيا.

ٿوري دير ڪان پوءِ چيف سيڪريٽري جي آفيس مان فون آيو تہ توکي سسپينڊ ڪري اي ڊي ايم لاڙڪاڻو کي چارج ڏني وئي آهي.

سسپينڊ انهيءَ ڪري ڪيو ويو آهي ته تو فوڊ آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪئي آهي. يعني مهمانن کي صرف هڪ ڊش کارائڻي هئي تو هڪ کان وڌيڪ ڊشز کارايون آهن.

بدلي جي ته مونکي قاضي اختر صاحب جي موڪليل مغيري صاحب جي ڳالهائڻ مان اندازو ٿي ويو هيو ته ڪنهن وقت به ڪل آفيسر ذائقه البدلي ٿيڻي آهي. پر سسپينڊ ٿيڻ جو مونکي ڪوئي گمان ڪونه هيو. بهرڪيف جيڪو ٿيندو آهي، انهيءَ ۾ الله سائين جي حڪمت هوندي آهي. تنهن ڪري مونکي ڪنهن به قسم جو رنج و غم ڪونه ٿيو. مونکي الله سائين مشڪل وقت کان بچايو. اڌ ڪلاڪ اندر چارج ڇڏي مان ڳوٺ ويس. ڇو ته اي ڊي ايم انوقت ڪراچي ايئرپورٽ تي هيو. پويان اچي اي ڊي ايم چارج وٺي ڪم شروع ڪيو.

# لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو

الحمدلله! لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو ڪان جسماني طور تہ مان سيپٽمبر 1988ع ۾ جدا ٿي ويس پر روحاني رشتو اڄ بہ برقرار آهي ۽ جيستائين حياتي آهي اهو رشتو رهندو. ڀلا مان لاڙڪاڻي کي ڪيئن وساريان جڏهن منهنجي پهرين اولاد ميڊ ان لاڙڪاڻو هجي.

اڄ صرف مان چاهيندس تہ لاڙڪاڻو جو ٿورو گهڻو حال احوال ونڊيان جيڪو مون پسيو. ضروري ناهي تہ هر ڪو انهيءَ سان متفق بہ ٿئي. اختلاف راءِ رکڻ هر ڪنهن کي حق آهي. منهنجو پنهنجو تجزيو ڪنهن ٻئي دوست جي تجزيي کان ضرور مختلف هوندو.

منهنجو رشتو لاڙڪاڻي سان 1984ع کان جڙيو جڏهن مان بطور اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادڪوٽ پوسٽ ٿيو هيس. اهو رشتو 1987 ۽ 1988 ۾ مضبوط ٿي هميشہ لاءِ وڏي وڻ ٿي ويو جيڪو هر موسم گرمي ۽ سردي جي پرواهہ کان بغير وڏي رهيو آهي .

لاڙڪاڻي ضلعي جي پاڪستان ۾ هڪ وڏي اهميت آهي. لاڙڪاڻو جو سياست ۽ زيتون ڏيهہ پرڏيهہ مشهور آهن. لاڙڪاڻي جي سياست تي پهريون کهڙا ۽ پوءِ ڀٽا خاندان ڇانيل رهيا آهن.

سر شاهنواز ڀٽو سندس لخت جگر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي بي شهيد جو اهم رول رهيو آهي. ممتاز ڀٽو صاحب جي حيثيت بہ ڀٽو خاندان ۾ رهي آهي. پر جيستائين ڳڙهي خدابخش جا مداح آهن اوستائين لاڙڪاڻي جي اهميت رهندي. سياسي حساب سان ڀٽو خاندان پنجاهہ سالن کان پاڪستان جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ شهيد راڻي سان گڏ ڀٽو صاحب جي سياسي اصولن کي ڊسمبر 2007ع ۾ دفن ڪري عوام جي دلين مان ايئن ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي، جيئن مکڻ مان وار ڪڍجي. هاڻي مجبوري ۾ ڀٽو خاندان جو ويس آهي پر ان ويس جو پاتل جسم سان ڪنهن بہ قسم جو واسطو ڪونهي.

محمد ايوب کهڙو صاحب پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ بعد هڪ وڏي سياسي شخصيت ٿي گذريو آهي. کهڙو صاحب جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وزيراعليٰ سنڌ طور تمام بهترين ۽ ساراهہ جوڳو ڪردار رهيو آهي. خاص ڪري سنڌ جي اهم شهر ڪراچي کي مرڪز جي حوالي نہ ڪرڻ ۽ انتظامي طور جڏهن 1948 ۾ گرومندر وٽ فساد شروع ٿيو جنهن کي وزيراعظم پاڪستان لياقت علي خان جي آشيرواد هئي ۽ هاشم رضا ڪراچي سول انتظاميہ جو ۽ هاشم رضا جو ڀاءُ ڪاظم رضا ڪراچي پوليس انتظاميہ جا سربراهہ هيا. جڏهن هاشم رضا کهڙو صاحب کي ڪوئي مثبت جواب

ڪين ڏنو تہ هن پاڻ وچي انهيءَ فساد کي روڪرايو جنهن جي ڪري لياقت ۽ کهڙو صاحب ۾ اختلاف زور وٺي ويا. پر ست اٺ سالن بعد ون يونٽ واري ڪردار کهڙو صاحب کي هيرو مان زيرو ڪري ڇڏيو. پر سندس اولاد هڪ شريف النفس ۽ ڪنهن کي ڏکوئڻ وارا ناهن. جهڙي طرح بي بي شهيد پنهنجي والد صاحب جي ورثي کي ڪٽي اڳتي هلي اهڙي طرح کهڙو خاندان هلي ڪونہ سگهيو.

قاضي فضل الله جو ڄم پڻ جي ڪري لاڙڪاڻي سان ڪوئي واسطو ڪونهي پر. اڪثر رهائش عبدالحميد جتوئي جي لاڙڪاڻي واري بنگلي ۾ ئي، تنهن ڪري انهي سبب سان قاضي صاحب جو بہ ٿورو گهڻو واسطو ۽ اثر رهيو آهي. قاضي صاحب دنيا ۾ جيئن آيو وري واپس بہ ايئن ٿيو.

عبدالمجيد سنڌي بہ لاڙڪاڻو مان اليڪشن ڪٽي.

انهيءَ کان پوءِ ٻير واري بزرگ عبدالڪريم قريشي صاحب ۽ انهيءَ جي ڪري جميعت علماء اسلام لاڙڪاڻي ۾ چڱو خاصو اثر رکندڙ جماعت ٿي ابري آهي.

باقي چانڊيہ ۽ مگسي هميشہ پاڻ ۾ ئري ڪونہ ڪاڏو اٿن. جيڪڏهن ڪنهن قبيلي جي حساب سان ڏسبو تہ چانڊيہ ترائيب سيني کان تعداد ۾ گهڻو آهي. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو نالو بہ چانڊيہ پرڳڻي جي ناتي سان آهي.

سياسي اثر جي لحاظ کان سنڌ جي ٿورن ضلعن مان لاڙڪاڻو ضلعو آهي، جتي سيد ذات سياست تي حاوي ناهي. انهيءَ حساب سان لاڙڪاڻو وڏو خوشنصيب آهي پر اوترو وري مولانا صاحب جي گرفت ۾ آهي، تنهن ڪري ادو ڄائو ادي مئي اسين اوتري جا اوترا.

جيئن تہ هينئر لاڙڪاڻو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي، تنهن ڪري سياست جا ڪيڏاري بہ قبيلن جي آڌار تي مضبوط آهن. جيئن قمبر شهدادڪوٽ ضلعو هاڻي چانڊيہ، مگسي، مغيري، بروهي، اسراڻ ۽ ٻين ننڍين ذاتين تي مشتمل آهي. حالانڪ بروهي ڪا ذات ناهي پر بروهڪي ٻولي ڳالهائڻ وارو صرف بروهي چوندو آهي ورنہ انهن ۾ ڪي مينگل، زهري، لهڙي، محمدحسني، ساسولي، بنگلزئي، بزنجہ، پندراڻي وغيره قبو سعيد ۽ آس پاس ۾ آهن.

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پيٽو کهڙو ڀگهيو سيال، جتوئي، انڙ، ڪلهوڙا عباسي، شيخ ۽ ٻيون برادريون سياسي لحاظ کان اهم آهن.

مونکي هڪ قصو قمبر شهر سان لاڳو ياد اچي ويو. جيڪو مان توهان سان ونڊ ڪيان ٿو ۽ انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهندا تہ مولوي صاحبان دين اسلام کي ڪيئن ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا.

هڪ دفعي قمبر شهر جي مدرسي جو مولوي صاحب آيو. مدرسي جو تعلق ٻير واري بزرگ سان لاڳاپيل هيو. مونکي چيائين تہ سائين مدرسي جي بجلي واپڊا وارا ڪٽي ويا آهن، سو مهرباني ڪري ايس ڊي او واپڊا قمبر واري کي چئو تہ بجلي هٽي ڏئي، باقي جيڪا رهت آهي ان متعلق پوءِ مان وچي ڳالهائيندو مانس. مولوي صاحب حجت واري انداز ۾ چيو مون واپڊا واري ايس ڊي او کي فون ڪيو تہ مولوي صاحب هتي مون وٽ آيو آهي ۽ توهان بجلي جي ڪنيڪشن بحال ڪري ڏيو. چيائين تہ سائين توهان جو حڪم سر اکين تي پر مدرسي وارن ڏانهن ڪافي ساري رهت ٿي وئي آهي ۽ پئسہ

پيارن ڪونہ ٿا مڃان اسان کي ٽيٽڪ چڙهيل آهي. مهرباني ڪري مولوي صاحب کي چئو تہ مون وٽ اچي پوءِ مان ٻہ ٽي قسطون ڪري ڏيانس ٿو. مولوي صاحب چيو تہ سائين توهان جي مهرباني، ڀلا مان جيڪڏهن ايس ڊي او جي آفيس وڃي ڪنهن بہ طريقي سان بجلي بحال ڪرايان تہ توهان تہ ڪجهہ نہ چوندا. مون چيو تہ مدرسي جا ڪتابي ونپي کو حملو ڪرائيندين تہ پوءِ قانون حرڪت ۾ ايندو. مولوي صاحب چيو تہ سائين اهڙو ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪندس باقي مان ڄاڻان ۽ ايس ڊي او واپڊا. مون چيو تہ مونکي ڪوئي اعتراض ناهي، جيڪڏهن ڪو امن امان جو مسئلو پيدا نٿو ٿئي تہ. چيائين سائين نيڪ ڏسو تہ اڄ شام کان اڳ ڪيئن بغير پيمنٽ جي ايس ڊي او واپڊا بجلي بحال ٿو ڪري.

مون وٽان مولوي صاحب موڪلائي ويو سڌو وڃي ايس ڊي او واپڊاجي قمبر آفيس ۾ ۽ اتان مولوي صاحب نڪري پنهنجي مدرسي پهچي چيائين تہ سائين بجلي بحال ٿي وئي. مون پڇيو ڪجهہ پيمنٽ بل ڪيو؟ چيائين تہ سائين ڇاجي پيمينٽ، ايس ڊي او صاحب سان مليم، ٻيا بہ ڪجهہ ماڻهو ويڻا هيس مون وڃي چيس تہ ايس ڊي او صاحب توهان سان تمام ضروري ۽ ترت اڪيلائي ۾ ڳالهائڻو آهي. اڪيلائي ۾ ايس ڊي او واپڊا کي چيم تہ سپاٽي جمعو آهي ۽ مون کي پڪي سورس کان خبر پئي آهي تہ تون قادياني آهين. انهي ڪري تو مدرسي جي بجلي ڪٽي آهي. مان صرف تو کي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ مان هينئر وڃي ٿي لائوڊ اسپيڪر تي ٻڌايان تہ تون قادياني آهين ۽ تون واجب القتل آهين، باقي پاڻ ڄاڻ. مولوي صاحب چيو تہ ايس ڊي او اچي پريشان ٿيو ۽ مونکي زوري ويهارڻ لاءِ چيئي ۽ قسم قرآن کڻڻ لڳو تہ اهو ڪنهن مون تي بهتان هنيو آهي، اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي، مهرباني ڪري اهڙي قسم جو اعلان نہ ڪر. باقي بجلي تنهنجي مدرسي پهچڻ کان اڳ بحال ٿي ويندي. مولوي صاحب ٻڌايو تہ مان مدرسي پهتم تہ بجلي اڳئي بحال هئي.

1988ع جي شروع ۾ ممتاز ڀٽو صاحب فون ڪيو ۽ ڏاڍي پيار سان ڳالهايائين ۽ چيائين تہ ڄامڙو صاحب منهنجو فرزند اميربخش لنڊن کان واپس پيا اچن ۽ شڪار لاءِ مون بندوق گهرائي آهي، جيڪڏهن قرب ڪري آرم لائسنس جاري ڪندا تہ مهرباني ٿيندي. مون عرض ڪيو تہ سائين الله سائين اڪيون ڏسڻ لاءِ ڏنيون آهن، انهيءَ ۾ مهرباني واري ڳالهہ نہ ڪيو اهو منهنجو فرض آهي تہ وڏن جي تعظيم ڪجي. توهان مهرباني ڪري لائسنس جي فارم تي دستخط ڪري موڪليو ۽ گڏ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ڏياري موڪليندا. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ فوٽو شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ لائسنس فارم تي صحيح ٿيل هئي ڪٽي آيو. لائسنس في چالان ڀرائي همراهہ جي هٿ ۾ ڏنو اڌ ڪلاڪ کن جي اندر بينڪ ۾ چالان ڀياري ڪٽي آيو ايٽري ۾ مون آفيس وارن کي چيو تہ جلدي ۾ آرم لائسنس تيار ڪرائي ڪٽي اچو. تقريباً ڪلاڪ ٻن جي اندر سڄو پراسس پورو ڪري لائسنس ناهي ممتاز ڀٽو صاحب جي ماڻهو کي ڏنو جيڪو واپس ڪٽي وڃي صاحب کي ڏنائين. شڪريہ ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ فون ڪين. صلاح ڪين تہ ڄامڙو صاحب جڏهن توهان کي موقعو ملي تہ اسانجي غريب خاني تي پير گهمائي وڃجو. مون عرض تہ سائين انشاءَ الله. مهيني اڌ کان پوءِ منهجو رتوديرو وڃڻ ٿيو تہ وڃڻ کان اڳ مون ڀچا ڪرائي تہ جيڪڏهن ممتاز صاحب آهن تہ ملاقات ڪندا وڃون. اتفاق سان ڳوٺ ۾ هيا. مان ويس وڃي ملاقات ڪئي، ڏاڍي پيار سان مليا. ديوارن ۽ بنگلي جي

ڊرائنگ روم ۾ ڪجهه گولين جا نشان هيا. جڏهن منهنجو ڌيان انهن نشانن ڏانهن ويو ته پاڻ چيائين ته چانڊيا صاحب اهي گولين جا نشان ڏسين ٿو؟ مون عرض ڪيو جي سائين چيائين ته اهي نشان 1977ع جولائي پنج جا آهن جڏهن آرمي جي ماڻهن هن بنگلي تي ريڊ ڪيو ۽ فائر ڪيا. مان انهن نشانن کي ڏٺو متاثر ٿي چاهيان. مان انهن کي ساڳئي حالت ۾ رکندس ته جيئن مونکي اهو وقت به ياد رهي.

ممتاز ڀٽو صاحب سان ملڻ وقت ايئن پيو محسوس ٿئي جڻ ته مان هن جي آڏو ڪجهه به ناهيان. هشمت ۽ دٻدٻو قدرتي طور موجود هين, جيڪو تمام ورلي ماڻهن ۾ موجود هوندو آهي.

اتفاق سان منهنجي بي بي شهيد سان ذاتي طور ملاقات ڪانه ٿي سگهي, جو گهڻو وقت لاڙڪاڻو کان ٻاهر ڪراچي يا پرڏيهه ۾ رهندي هئي. مان سمجهان ٿو ته به دفعا انهي پيرڊ ۾ آئي پر ان وقت مان لاڙڪاڻي کان ٻاهر هيس, تنهن ڪري ملاقات ٿي نه سگهي. باقي بي بي شهيد ته سنڌ ته ڇا پر پوري دنيا عالم جي راڻي هئي, الله ڪريم جنت الفردوس عطا ڪريس. اهڙيون شخصيتون قومن کي ورلي ملنديون آهن. الله انهن ظالمن کي تباه و برباد ڪري جن جو به بي بي جي شهيد ڪرائڻ ۾ ڪوئي به ڪردار آهي

جڏهن مون لاڙڪاڻي جي چارج ڇڏي ته اضافي چارج محمد ايوب شيخ کي ڏني وئي جيڪو انوقت اي ڊي ايم لاڙڪاڻو هيو.

دعا آهي الله سائين لاڙڪاڻي سميت پوري عالم تي پنهنجو فضل و ڪرم ڪري. آمين يارب العالمين.

# لاڙڪاڻي کي الوداع

لاڙڪاڻي کي خدا حافظ چئي ڳوٺ ويم. ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ رهي ڪراچي لاءِ روانو ٿيس. ايس اينڊ جي اي ڊي ۾ رپورٽ ڪئي.

ڪراچي ۾ رهڻ لاءِ رهائش جو مسئلو هيو. تنهن ڪري ڪجھ پريشاني ٿي ته هينئر ڪٿي وڃي رهجي؟ محمد صديق ڄامڙو سپرٽينڊنٽ انجنيئر ايريگيشن هيو. انهي پڇيو ته ڪراچي ۾ رهڻ لاءِ ڪو انتظام آهي؟ مون چيو ته في الحال ته ڪوئي ناهي، باقي الله مالڪ آهي، جنهن هيستائين آندو آهي اڳتي به اهو بندوبست ڪندو. چيائين دادا ڀائي وارن جو هڪ پروجيڪٽ العائشه منزل جي نالي سان گزري ۾ منهنجو ٻن ڪمرن وارو فليٽ بڪ ٿيل آهي ۽ مون قسطون سڀ ادا ڪري ڇڏيون آهن، باقي شايد انهن جون يوٽلٽيز جي مد ۾ ڪجھ رهتون هونديون. پروجيڪٽ تيار آهي، پزيشن ورتي ناهي، جيڪڏهن تون چاهين ته انهي فليٽ جي پزيشن وٺي ۽ جيڪا ٿوري گهڻي بقايا آهي اها ادا ڪري ۽ تون وڃي ره. پزيشن وٺڻ لاءِ مان توکي اٿارٽي ليٽر ۽ پنهنجي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ڏيان ٿو. مون چيو ته انڌو هڪ اک گهري مونکي ٻئي اکيون ٿيون ملن، مون مرحوم محمد صديق جي آفر قبول ڪئي.

ڪراچي پهچي دادا ڀائي وارن جي آفيس ويم، جيڪا ان وقت بلوچ ڪالوني واري چوڪ تي شارع فيصل تي هئي. مون وڃي پڇا ڪئي ته هي فليٽ بڪ ٿيل آهي، جنهن جي پزيشن وٺڻ لاءِ آيو آهيان. انهن کي مون پزيشن وٺڻ لاءِ اٿارٽي ليٽر ڏنو. انهن مونکي ويهڻ لاءِ چيو مان اتي ٿوري دير ترسِم ته فائيل ڪڍي آيا. جنهن ۾ قسطون سڀ ادا ٿيل هيون سواءِ هڪ قسط جي جيڪا ڇهه هزار روپين جي لڳ ڀڳ هئي. انهيءَ سان گڏ يوٽلٽيز سڀ ملائي تقريباً ڏهه ٻارهن هزار روپيه جو بل ٺاهي ڏنن، جيڪو مان ادا ڪيو. انهي کان پوءِ دادا ڀائي جي ڪمپني جو ماڻهو ساڻ هليو ۽ فرسٽ فلور تي ٻن ڪمرن وارو فليٽ جي چاٻي وغيره ڏئي فليٽ منهنجي حوالي ڪيو.مون فليٽ وٺي صفائي وغيره لاءِ اتي موجود چوڪيدار کي چيو. جنهن ٻه ٽي مزدور آڻي فليٽ کي ڌوئي صاف ڪري ڏنو. هاڻي رهڻ لاءِ نرسري وڃي ٻه پلنگ ۽ هڪ صوفه سيٽ آڻي رهڻ جهڙو بڻائي ٻارن کي ڳوٺ مان وٺي آيس.

هفتي اڌ کان پوءِ علي اڪبر سيال آيو جيڪو انوقت فيڊرل ڊرگ انسپيڪٽر هيو ۽ چيائين ته سائين دروازي جي ٻاهران گرل ضرور لڳرايو، هيءُ ڪراچي آهي. مون چيس ته سائين الله مالڪ آهي اسان فقيرن کي ڪهڙو خطرو؟ چيائين نه سائين اهو تمام ضروري اٿو. مون چيو ته خير ان ڳالهه کي پوءِ ڏسنداسين. علي اڪبر کي مذاق ۾ چيو ته يار جيترو هي سمورو فليٽ آهي، اوترو ته لاڙڪاڻو ڊي سي

هائوس جي باٿ روم ۾ انجو گارڊ روم هيو. سيال صاحب ڇيو پائو هيءُ ڪراچي آهي بس مڙئي مٺي ڇانو هجي. مون ڇيو تہ الحمدلله اهو منهنجي مالڪ سائين جو ڪرم آهي، جتي بہ رکيو اٿس پنهنجو ڪرم ۾ قرب منهنجي مٿان هميشہ رکيو اٿس ۽ اڳتي بہ الله سائين بهتر ڪندو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ علي اڪبر سيال صاحب آيو ساڻ هڪ همراهہ بہ هيس، چيائين ڄامڙو صاحب توکي ڪراچي جي حالتن جي خبر ناهي، تنهن ڪري گرل ٺٺو هٽائين. مان هي همراهہ وٺي آيو آهيان جيڪو هن مين انٽرنس جي دروازي جي ٻاهران ماپ وٺي ۽ گرل ٺاهيندو ۽ مون هن کي رقم ادا ڪري ڇڏي آهي ٻن يا ٽن ڏينهن ۾ گرل ٺاهي اچي فٽ ڪندو. مون ڪائنس پئسن بابت پڇيو تہ گهٽا ڏنا اٿو ۽ مان توهان کي پئسہ ڏيان، چيائين تہ هر گز نہ هي منهنجي طرفان گفٽ آهي.

هفتي کان پوءِ منهنجو وچڻ سکر ٿيو اتي مير مٺل مغيري شهدادڪوٽ وارو مليو. ماني گڏ کاڌي انهي کان پوءِ پڇيائين تہ ڇا ٿيو مون کيس ٻڌايو تہ في الحال رپورٽ ڪري آيو آهيان. بهرحال جڏهن موڪلائڻ جو وقت آيو تہ مونکي چيائين تہ اسين هلون ٿا، پر اڳ ۾ مان توهان کي گاڏي تائين ڇڏي اچان، مون گهڻو گسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر آخرڪار زور پرڻ تي مون کيس ٻڌايو تہ مون وٽ گاڏي ڪانهي، دوست اڳتي ويل آهي اهو ايندو تہ مان ان سان گاڏي تي چڙهي ويندس، تنهن ڪري توهان وڃو. چيائين تہ سائين توهان اسان جا ڊي سي رهيا آهيو ۽ مان ايئن وڃان.

# چيف سيڪريٽري سان ملاقات ۽ ابراهيم حيدري ۾ سمنڊ جي مڇيءَ جو شڪار

21 سيپٽمبر 1988ع تي ايس اينڊ جي ڊي وارن پيغام موڪليو تہ چيف سيڪريٽري توکي گهر واري آفيس ۾ صبح نائين وڳي گهرايو آهي. اها ساڳي تاريخ آهي جنهن ڏينهن بلاول زرداري ڄائو هيو. مان صبح سوير چيف سيڪريٽري هائوس ڪراچي پهچي ويس. پوري نائين وڳي سليم عباس جيلاني صاحب چيف سيڪريٽري هيو مون کي گهرائي پڇيائين تہ قاضي اختر صاحب ڇاجي ڪري ناراض ٿيو تو تي؟ مون چيو تہ سائين مون کي ڪا خبر ناهي تہ ڇاجي ڪري ناراض ٿيا آهن, البتہ ڪجھہ عرصو مون کي سي ايم هائوس ۾ گهرايو هين ۽ اليڪشن جي سلسلي ۾ پڇيو هين, جنهن جي ڪري ٿورو نارضپو ڏيکاريو هين, باقي تہ خبر خاوند کي .

چيف سيڪريٽري صاحب چيو تہ مونکي تنهنجي لاءِ ڪابہ شڪايت موصول ناهي ٿي. انهي ڏينهن قاضي صاحب کي تکڙ ڏاڍي هئي, جو اڌ ڪلاڪ ۾ ٽي دفعا فون ڪرائي پڇيائين تہ آرڊر اڃان ڪونہ پهتو. جيستائين سسپينشن جي آرڊر جي ڪاپي فيڪس ڪري ڪونہ موڪلي, تيستائين بي چين هيو. هڪ دفعو مون چيو تہ سائين سسپينڊ ڪرڻ لاءِ ڪجھہ چارج شيٽ ڏبي, انهي لاءِ ڪو مواد ڳولهيون. بهرحال فوڊ آرڊيننس جي خلاف ورزي وارو جواز بہ قاضي صاحب پاڻ تجويز ڪيو. هاڻي مون ايس اينڊ جي ڊي وارن کي چئي ڇڏيو آهي تہ انڪوائري لاءِ ڪمشنر لاڙڪاڻو کي مجاز آفيسر مقرر ڪن ۽ ٽيهن ڏينهن ۾ رپورٽ ڪن. رپورٽ اچي, پوءِ انهي مطابق ڪوئي فيصلو ڪنداسين .

جيستائين مان ڊي سي لاڙڪاڻو هيس, ان وقت لاڙڪاڻو ڪمشنر سکر ۾ هيو. منهنجي وڃڻ کان پوءِ لاڙڪاڻو ڊويزن ٺي ويو ۽ ڪي بي رند صاحب پهريون ڪمشنر لاڙڪاڻو مقرر ٿيو. جيئن تہ لاڙڪاڻو نئون ڊويزن ٺهيو هيو, تنهن ڪري گهٽيون شيون پروسس ۾ هيون. مسٽر قلعي بخش رند ڪمشنر لاڙڪاڻو منهنجو استاد بہ هيو. 1981ع ۾ سائين قلعي بخش رند صاحب ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور هيو ۽ مان اتي شڪارپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر انڊرٽريننگ هيس. اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالوحيد پيرزاده پيرزاده صاحب هيا. اي ڊي ايم انصاري صاحب هيا.

ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪي بي رند صاحب قانون مطابق چارج شيٽ ڏني تہ تنهنجي مٿان الزام آهي تہ تو پٽ جمڻ جي خوشيءَ ۾ فوڊ آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪئي آهي, ڇونہ تنهنجي خلاف قانون

جي پيچڪڙي جي ڏوهه ۾ قانون مطابق ڪاروائي ڪئي وڃي.

فوڊ آرڊيننس تحت مهمان کي کنهن دعوت ۾ هڪ کان وڌيڪ ڊشز کارائڻ قانون جي خلاف ورزي تصور ڪئي وئي هئي. مون ان جي جواب ۾ لکيو ته مان فوڊ آرڊيننس جي ڪابه خلاف ورزي ڪانه ڪئي آهي، اهو منهنجي مٿان ڪوڙو الزام آهي. مان انهيءَ خاطر اهي ماڻهو پيش ڪري سگهان ٿو جيڪي ان ڇٽي جي فنڪشن ۾ مهمان طور آيل هيا. سڀ کان پهريان مسٽر نظر محمد شيخ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج لاڙڪاڻو پنهنجي سرڪاري پيڊ تي لکي ڏنو ته مان خود انهي ڇٽي واري فنڪشن ۾ مهمان طور مدعو ٿيل هيس. مون ڪابه فوڊ آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪانه ڏٺي ۽ اهو غلط الزام هنيو ويو آهي محمد جمن جامڙو تي. اهڙيءَ طرح ڪجهه ٻيا به دوست جيڪي ڇٽي جي فنڪشن ۾ آيل هيا، انهن سيني لکي ڏنو ته ڇٽي جي موقعي تي ڪابه فوڊ آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪانه هئي.

ڪمشنر لاڙڪاڻو مسٽر ڪي بي رند صاحب پنهنجي قانوني تقاضائن کي پورو ڪرڻ خاطر مختلف ماڻهن کان پڇاڳاڇا ڪئي، جتان تقريباً سيني هڪئي ڳالهه ڪئي ته پٽ جي ڇٽي جي موقعي تي اسان کي فوڊآرڊيننس جي ڪابه خلاف ورزي ڪيل نظر نه آئي.

انهي دوران نئين جنرل اليڪشن ٿي ۽ پوري ملڪ ۾ پ پ پ کي سوڀ نصيب ٿي ۽ ڊسمبر 1988ع جي پهرئين هفتي ۾ بي بي صاحبه پهرين مسلم خاتون بطور وزير اعظم حلف کنيو. سنڌ ۾ سيد قائم علي شاهه جيلاني وزير اعلي مقرر ٿيو. 1988ع جي جنرل اليڪشن ۾ وڏا وڏا گادي نشين ۽ ڏنگ زميندار عام ماڻهن جي مقابلي ۾ هارائي ويا ۽ گهڻن جون ته ضمانتون به ضبط ٿي ويون.

31 ڊسمبر 1988ع تي مرحوم محمد يعقوب عارفاڻي ابراهيم حيدري واري چند دوستن جي مڇي پڪڙڻ واري لانچ ۾ مڇي کائڻ جي دعوت ڪئي. اسين اٺ نو فيمليز ان لانچ ۾ چڙهي سمنڊ جي پرپاسي سان هلندا رهياسين. مڇي پڪڙڻ واري ٽولي به ساڻ هئي تنهنڪري اهي سمنڊ مان مڇيون وٺندا ويا ۽ مڇي کي مختلف قسمن ۾ پچائڻ وارا هيا، جن وڏي مهارت سان مڇيون پچايون. مڇي جي پچائڻ جو انداز بلڪل نرالو ۽ دلڪش هيو. جڏهن شام جو اچي ابراهيم حيدري واپس موٽي آياسين ته به خوشخبريون مليون.

پهرئين خوشخبري ته تنهنجي سسپينشن ختم ۽ توکي ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه مقرر ڪيو ويو آهي.

ٻي خوشخبري اها هئي ته منهنجي ننڍي ڀاءُ صاحب خان کي پٽ ڄائو آهي. جنهنجو نالو جليل احمد رکيو جيڪو اڄ ڪلهه اسلام آباد ۾ سترهين گريڊ ۾ استاد جي حيثيت ۾ ڪم پيو ڪري.

# نوابشاهہ ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جا پروٽوڪول

مونکان اڳ نوابشاهہ جو ڊي سي غلام علي شاهہ پاشا هيو. غلام علي شاهہ پاشا اسان پاڻ ۾ بيچ ميٽ بہ آهيون. شاهہ صاحب فون ڪري چيو تہ مهرباني ڪري توهان 03 جنوري 1989ع تي اچي مونکان چارج وٺو. مون چيو تہ ٺيڪ آهي. مان جنوري 03 تي وڃي ڊي سي نوابشاهہ جي چارج وٺي ڪم شروع ڪيو. نوابشاهہ منهنجي لاءِ ڪو نئون علائقو ڪونہ هيو. تنهن ڪري مونکي علائقي جي ضرورتن ۽ مسئلن کي سمجهڻ ۾ ڪا دير ڪانہ لڳي. نوابشاهہ سان پراڻي وابستگي جي ڪري ڪافي دوست ملڻ لاءِ آيا. پهرين ٻن ڏينهن ۾ تقريباً ضلعي جي گهڻن دوستن سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ احمد علي جلباڻي، شوڪت شاهہ، چوڌري جميل بئريسٽر، سلام خان زرداري، غريب نواز زرداري، خان محمد جمالي، غلام مصطفيٰ جمالي، آفتاب شاهہ، فيض محمد هيسباڻي، محمد علي پرڳڙي، چوڌري محمد ايوب، رحيم بخش جمالي، اصغرعلي رند، مير ڪرم جمالي، ولي محمد شاهہ، غلام سرور شاهہ، عبدالستار راڄپر، امان الله ڏاهري شاهہ پور چاڪر ڪان، عطا محمد ڏاهري، سمون خان ڏاهري، وڪيل علي محمد ڏاهري، عبدالله چانڊيو، عبدالستار ڪيريو، سيد جيئل شاهہ، رئيس رضا محمد ۽ مٺل ڏاهري، غلام الرسول زرداري، چوڌري عبداللطيف، پهلوان غلام محمد شر، جسٽس علي محمد بلوچ، چوڌري غلام نبي، عنايت رند، ڊاڪٽر عمر ڏاهري، شبير سهتو ۽ ٻيا شامل هئا.

هفتي کان پوءِ رحيم بخش جمالي جيڪو انوقت ايم پي اي هيو تنهن فون ڪيو تہ سائين ضلعي نوابشاهہ جو سپاف جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري مون وٽ وينا آهن، جيڪڏهن فرصت آهي تہ مان هينئر اچان يا توهان جڏهن ٿورو فارغ ٿيو تہ فون ڪجو. مون چيو تہ ڀلي هليا اچو ٿوري دير کان پوءِ رحيم بخش جمالي ۽ ٽي چار سپاف جا ضلعي عهديدار آيا. جنوري جو ٽيون هفتو هيو، سردي بہ جام هئي. سپاف جي صدر جي قميص جا سڀ بٽڻ کليل هيا. مون جڏهن ڏٺو تہ سپاف جي صدر جا بٽڻ کليل ۽ ڪرسي تي ويهڻ جو طريقو وڏائي سان ڀرپور هيو. سپاف جي صدر پنهنجو تعارف ڪرائڻ شروع ڪيو تہ مون انکي اتي روڪي چيو تہ اڳ ۾ ٻاهر وڃ ۽ قميص جا سڀ بٽڻ بند ڪري پوءِ آفيس ۾ اچي ويهہ. پهريان تہ هن کي اها ڳالهہ سٺي ڪونہ لڳي، پر رحيم بخش چيس تہ صاحب صحيح ٿو چوي، ٻاهر وڃ ۽ بٽڻ بند ڪري اچ. ٻاهر وڃي بٽڻ بند ڪري آيو پر نفسياتي طور پاڻ کي ڪمزور محسوس ڪرڻ لڳو.

رحيم بخش جمالي صاحب چيو تہ سائين اسانجي نوجوانن جي ڪجهہ ٻڌو. مون چيو تہ ڀائو ٻڌايو ڇا مسئلو آهي؟ سپاف جو صدر شروع ٿي ويو تہ سائين ڪنڊيارو، نوشهروفيروز ۽ هڪ ٽئين

ڪاليج جي پرنسپالن اسان سان جنرل ضياءَ جي دور ظلم ۽ زيادتيون ڪيون آهن. سپاف جي ڪيترن ئي شاگردن کي ڪاليج کان نيڪاليون ۽ جتيون ڪيون آهن. هينئر اسان جي حڪومت آئي آهي ۽ اهي سڀ پرنسپال اتي اجا تائين ويٺا آهن. تن ڏينهن کان پوءِ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا پيپر ٿيڻا آهن. هاڻي اسان اهو ٻڌائڻ آيا آهيون ته جيڪڏهن اهي پرنسپال انهن ڪاليجن ۾ هوندا ته اسان امتحان ٿيڻ ڪونه ڏينداسين.

مون چيو ته بس يا ڪو ٻيو مسئلو به آهي؟ چيائون ته بس اسان جو اهو چوڻ آهي. مون انهن جي سامهون پنهنجي پي اي کي چيو ته مونکي سيئي ايس ڊي ايمز ملائي ڏي. هڪ هڪ ڪري ايس ڊي ايم ملائيندو ويو ۽ سپاف جي عهديدارن ۽ رحيم بخش جمالي جي سامهون مون سڀني کان پڇيو ته هينئر جيڪو امتحان ٿيڻو آهي، انهي لاءِ ڇا انتظام ڪيا اٿو. سڀني ٻڌايو ته قلم 144 لڳل آهي، فوٽو اسٽيٽ ڪرڻ واريون سڀ مشينون امتحان جي وقت بند ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. مون ورائي سڀني کي چيو ته ڳالهه چڱي طرح ٻڌو ته امتحان جي مرڪز کان ٽي سو گز جي پنڌ تائين ڪنهن کي به اچڻ نه ڏجو چاهي اهي ڪير به هجن. يا ڪي شاگرد تنظيمن جا عهديدار هجن، چاهي اها سپاف هجي، جئي سنڌ هجي يا ڪا ٻي، جيڪڏهن ڪنهن به طرح قانون کي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪن ته اتي جو اتي ٻڌي قانون جي حوالي ڪيو. ڪنهن به قسم جي رعايت ناهي ڪرڻي.

سپاف جي صدر اتي چيو ته سائين اها ته اسان جي بيعزتي آهي ۽ حڪومت به اسانجي ۽ اسين خاموش ٿي ويهون. اسان پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري امتحانن ۾ گڙ ٻڙ ڪنداسين. مون چيو ته بابا توهان پنهنجو ڪم ڪيو اسين پنهنجو ڪم ڪنداسين، جيڪڏهن توهان امتحان جي سينٽرن جي ڀرپاسي به ويا ته اسين قانون مطابق امن و امان قائم ڪرڻ لاءِ سڀ اپاءُ وٺنداسين. رحيم بخش جمالي ۽ سپاف جا دوست آفيس کان ٻاهر نڪري ويا. رحيم بخش جمالي خاموش رهيو ڪنهن به قسم جو ردعمل ظاهر ڪونه ڪيو. امتحان جي موقعي ته پوري ضلعي ۾ ڪٿي به سپاف يا ڪنهن ٻئي شاگرد تنظيم ڪنهن به قسم جي ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي، جو امتحان ۾ ڪا رنڊڪ ٿي ۽ امتحان خير خوبي سان ٿي ويا.

1989ع جنوري جي آخر يا فيبروري جي پهرئين هفتي ۾ عبدالستار ڪيريو آيو ته ۽ چيائين ته سائين منهنجي سؤ ايڪڙ زمين سڪرنڊ بچيري ٻاءِ پاس تي قاضي احمد روڊ وٽ آهي. مان اها زمين چاهيان ٿو ته توهان نوابشاهه پبلڪ اسڪول لاءِ تجويز ڪيو. مون چيو ته مان سرزمين ڏسي تنهن کان پوءِ حتمي ٻڌائيندس ته آيا اُها زمين پبلڪ اسڪول لاءِ موزون آهي يا نه. انهن ڏينهن ۾ عبدالستار ڪيريو صاحب سڪرنڊ شگر مل جي نهرائڻ ۾ اڳيان هيو ۽ زرداري صاحب جي ويجهن دوستن ۾ شمار ٿيندو هيو. سرزمين مون ڏٺي پبلڪ اسڪول لاءِ موزون هئي، مون کي ڪيريو صاحب چيو ته زمين جي قيمت هڪ لک روپيه توهان تجويز ڪيو. مون چيو ته سائين منهنجا ايتري ته پوري پروجيڪٽ جي به قيمت ڪانه ٿيندي جيتري توهان جي زمين جي ٿيندي. تنهنجي غيرآباد زمين آهي اٺ کان نو هزار کان مٿي جي قيمت ڪانه ٿيندي، انهي جي جاءِ تي توهان ايتري قيمت چئو ٿا سا ته مان ڪنهن به حالت ۾ تجويز ڪونه ڪندس. ڪيريو صاحب چيو ته توهان کي هڪ لک روپيه في

هڪ ايڪڙ جي قيمت تجويز ڪرڻي پوندي ۽ تڪڙ ۾ ٻاهر نڪري ويو. انهي وقت سڻي زمين جي قيمت ٻه ڏهه ٻارهن هزار ڪان وڌيڪ ڪانه هوندي هئي.

عبدالستار ڪيريو صاحب هفتي ڪان پوءِ وري فون ڪري ٽائيم وٺي آيو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجي اوطاق تي هلوءِ چانهه پيو. مون چيو ته پاڻ اتي آهيون. ڪنهن موقعي تي اتان گذرڻ ٿيو ته چانهه اچي پيئنداسين. زور پرڻ لڳو ته نه هٽي، مون چيو هينئر ته مان ڪونه هلندس. وري چيائين منهنجو هڪ ذاتي ڪم آهي اهو ڪيو. مون چيو ته ٻڌايو چيائين ته ايس پي کي چئو ته عبدالله چانڊيو کي گرفتار ڪري. مون چيو ته ڇاجي ڪري عبدالله کي گرفتار ڪري؟ چيائين ته هن ڏانهن منهنجا حساب ڪتاب رهيل آهن. مون چيو ته پوءِ انهي لاءِ سول ڪيس ڪيو. جيڪڏهن توهان جو پاڻ ۾ ڪنهن حساب ڪتاب جو ڪو معاملو آهي باقي منهنجو اهو ڪم ناهي ته مان ڪنهن کي بغير ڪنهن ڏوهه جي گرفتار ڪرايان. بهرحال هي ڪافي مايوس ٿي واپس ويو. جيستائين مان نوابشاهه ۾ هيس تيستائين مون عبدالله کي گرفتار ڪرڻ ڪونه ڏنو ڇوته هن جو ڪوئي قصور ڪونه هيو. عبدالله چانڊيو ۽ عبدالستار ڪيريو جي اڳ پاڻ ۾ گهاٽي ياراني هئي پوءِ ڇاجي ڪري هڪٻئي سان بگڙيا اهو چئي نٿو سگهجي.

مون نوابشاهه وڃڻ شرط اهو طئه ڪيو هيو ته جيترو ٿي سگهي اوترو ضلعي جي عوام کي سهولت ڏجي. انهيءَ ڪري مون هفتي ۾ ٻه ڏينهن رکيا هيا، جنهن لاءِ مان نوشهروفيروز وڃي مورو، نوشهرو فيروز ۽ ڪنڊيارو تعلقه جا روز مره جا معاملا اتي وڃي مسئلن کي ٻڌي ۽ جيڪو منهنجي حساب سان صحيح هوندو هيو ڪندو هيس. روينيو ڪيسن جي انهن تعلقن متعلق اتي وڃي فيصلو ڪندو هيس. ڊوميسائيل ۽ پي آر سي به اتي وڃي صحيح ڪندو هيس. منهنجي اها عادت رهي آهي ته ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ۽ پي آر سي هميشه مان پنهنجي دستخط سان جاري ڪندو هيس. انهي ڪري گهڻو ڪري ڊوميسائل وٺندڙ کي گهڻو وقت ڪونه لڳندو هيو. مون کي ياد ناهي جو ڪڏهن به ميز تي ڪوئي فائيل اڪلائي بغير سمهيو هجان.

مارچ جو مهينو هيو، صبح سوير مان گهر واري آفيس ۾ ويٺو هيم ته مرحوم پنهل چانڊيو جو پٽ نالو هينئر ياد نٿو اچي، گهڻو ڪري غلام عباس نالو هيس. آيو ۽ چيائين ته ادا ٻاهر گاڏي ۾ ويٺو آهي. مون چيو ته پلي هليا اچن. وري چيائين ته سائين ٻاهر گاڏي ۾ ويٺل آهي. مون چيو ته پاڻ هليو اچي ڪنهن به قسم جي روڪ ٽوڪ ڪانهي. وري چيائين ته ڊي سي صاحب هو سنڌ سرڪار جو ايڊوائزر آهي. مون چيو ته پوءِ مان ڇا ڪيان؟ چيائين ته سائين هو ٻاهر گاڏي ۾ ويٺو آهي. نيٺ سنڌ سرڪار جو ايڊوائزر صاحب آيو ۽ اچڻ سان چوڻ لڳو ته اهو ڪهڙو طريقو آهي جو مان ٻاهر آيو آهيان ۽ توهان آڏرياءِ لاءِ نٿا به قدم پري ٻاهر اچو. مون چيو چانڊيو صاحب اهو ٻڌاءِ ته توهان ڪڏهن سنڌ سرڪار جا ايڊوائزر ٿيا آهيو. چيائين ته ڪالهه. مون چيو ته توهان وٽ سنڌ سرڪار جي نوٽيفڪيشن آهي چيائين ته نه. مون چيو حضرت اهو ٻڌاءِ ته مونکي ڪيئن خبر پوي ته توهان ايڊوائزر آهيو. مون چيو ته آرام سان ويهه ۽ مونکي اهو ٻڌاءِ ته تو مونکي فون ڪري ٻڌايو ته مان اچان ٿو ۽ فلاڻي تاريخ يا ٽائيم تي. چيائين ته نه. مون چيو ته اهو ڪهڙو طريقو آهي جو منهنجي آفيس اچڻ

ڪان پوءِ چوين ٿو ته ”جاڙا خان ڪتو جهل ته مان اچان.“

چوڻ لڳو ته پروٽوڪول منهنجو حق آهي. مون چيو ته بادشاهه پروٽوڪول وٺڻ لاءِ به طريقيڪار مقرر آهي، جيڪڏهن توکي پروٽوڪول جو ايترو شوق آهي ته اڳم پروٽوڪول کي سمجهه ۽ ان مطابق اچ ته انهي حساب سان جائز پروٽوڪول ملندو. پنهنجي پاڻ کي ٻاهر ڪڍي چيائين ته تون ٻاهر هل مونکي ڊي سي صاحب سان ٿورو ڳالهائڻو آهي. چيائين ته جامڙو صاحب توهان ته منهنجي ڦوري لاهي ڇڏي، يار گهٽ ۾ گهٽ تون مونکي منهنجي پاڻ جي سامهون ايئن نه چئين ها. چيائين ته همراهه کي شوق هيو ته مان ايڊوائيزر ٿيو آهيان ته ڊي سي ۽ ايس پي تي رعب ٿيندو. مون چيس ته جيڪڏهن توکي پروٽوڪول کپي ته ڪراچي کان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ پنهنجي سيڪريٽري جي معرفت ليٽر لکندو ڪر ته ايڊوائيزر صاحب فلاڻي ڏينهن تاريخ تي هن ٽائيم تي ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ ايندو، ڪٿي ويندو ۽ ڇالاءِ ٿو اچي، ٿورو تفصيل ڏياري موڪليندو ڪر ته پوءِ اسين توهان جو استقبال اچي ڪنداسين. چيائين سائين مهرباني اڳتي مان ايئن ڪندس.

# نوابشاهه ۾ مقرريءَ زرداري

هڪ دفعي چيف سيڪريٽري سنڌ مونکي ٻڌايو ته نوابشاهه ۾ توکي زرداري صاحب پاڻ رکرايو آهي. ليڪن زرداري صاحب مونکي ڪڏهن به پنهنجي زبان سان اهو نه چيو نڪي وري منهنجي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ سڌي طرح وڌي. ٻه ٽي دفعا اهڙا موقعا به آيا, جڏهن مون ڪنهن معاملي تي ڳالهه صاف ٻڌائي ته انجي حمايت ڪيائون. هڪ دفعي مونکي مرحوم غلام مجتبيٰ جتوئي فون ڪيو ته زرداري جا ماڻهو منهنجي قاضي احمد روڊ تي نوابشاهه ۾ پلاٽ تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن. مان صرف توکي انهي ڪري ٿو چوان جو توهان ضلعي جا ڊي سي آهيو. سياڻي ايئن نه چئو ته مونکي توهان ٻڌايو ڪونه. اهو به مان سمجهان ٿو ته توهان ڪجهه ڪري به ڪونه سگهندا چو ته زرداري وزيراعظم هائوس ۾ ويٺو آهي. باقي قبضو مان پاڻ ڇڏائيندس ۽ مونکي قبضو ڇڏائڻ ايندو آهي. مون جتوئي صاحب کي صرف ايترو چيو ته سائين توهان مونکي هينئر چئو پيا, ۽ تقريباً ٽائيم ساڍا ڏهه صبح جا ٿيا آهن, مان توهان سان ڪلاڪ اڌ کان پوءِ ڳالهائيندس. تيستائين توهان ڪنهن ٻئي کي ڪين چوندا .

مون انهيءَ وقت زرداري صاحب ڏانهن اسلام آباد فون ڪيو. مون زرداري صاحب کي چيو ته سائين غلام مجتبيٰ جتوئي صاحب جو فون آيو هيو ۽ جتوئي صاحب هي چيو آهي. مون وڌيڪ چيو ته سائين هڪ سچ به پاچا ٿيندا آهن ۽ توهانجي لاءِ اهو بهتر ڪونه ٿيندو جو سياڻي توهان لاءِ ايئن خوامخواهه ڳالهيون هلن. چيائين ته مونکي اها خبر ناهي, باقي ڪجهه خاصخيلي مون وٽ آيا هيا ۽ ايئن چيو هين ته سرڪاري پلاٽ آهي ۽ اسين مسڪين ماڻهن کي رهڻ لاءِ جاءِ ڪانهي, مون چيو ته پلي توهان وڃي ويهو. مون چيو ته سائين اهو سرڪاري پلاٽ ناهي, بلڪ جتوئي صاحب جو آهي. چيائين ته انهن کي هينئر وڃي اٿارين. مون انهيءَ وقت فون ڪيو مختيارڪار نوابشاهه کي ته قاضي احمد روڊ تي جتوئي صاحب جو پلاٽ آهي, اتي جيڪي به ماڻهو ويٺا آهن, اڌ ڪلاڪ ۾ اٿاري مونکي رپورٽ ڏي, مختيارڪار سرزمين تي ويو ۽ اچي چيائين ته سائين اهي ته زرداري صاحب لاءِ ٿا چون ته اسان کي مالڪ اجازت ڏني آهي. مون وراڻي پڇيو ته اهو پلاٽ ڪنهن جو آهي؟ چيائين ته اتي ماڻهن ٻڌايو ته جتوئي صاحب جو آهي. مون چيو ته هينئر وڃ ۽ مونکي ٻارهن وڳي کان اڳ اچي ٻڌاءِ ته ڪوئي ماڻهو اتي ڪونهي ۽ انهيءَ کان پوءِ مان پاڻ اچي سرزمين ڏسندس. مختيارڪار ويو انهن جيڪي ڪچا پڪا اڏيا هئا انهن کي اتان ٻاهر ڪڍي اچي رپورٽ ڏني ته هينئر پلاٽ بلڪل خالي پيو

آهي. مون انهي وقت جتوئي صاحب کي فون ڪري چيو تہ توهان جو پلاٽ خالي ٿي چڪو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ توهان انکي چوڌاري ديوار ڏياري ڇڏيو. چيائين تہ ڄامڙو صاحب ڇا ٿو چوين هينئر پلاٽ خالي ڪرائي ڇڏيو آهي توهان؟ مون چيو تہ بهتر ٿيندو تہ توهان ڪنهن پنهنجي ماڻهو کي موڪلي تصديق ڪيو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جتوئي صاحب جو وري فون آيو تہ ڄامڙو صاحب مان توهان جو صرف شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ فون ڪيو جو اسان کي گهٽي جنجهٽ کان بچائي ڇڏيو ۽ توهانجي وڏي مهرباني.

زرداري صاحب چيو نوابشاه لاءِ ڪجھ ترقياتي اسڪيمون تجويز ڪري موڪل. نوابشاه کي خوبصورت بنائڻ لاءِ اڳئي پنهنجي ليکي مون ڪجھ اسڪيمون ٺاهيون هيون, هاڻي وڌيڪ انهن کي سينگاري ٺاهي مان هيٺيون اسڪيمون رئيس حاڪم علي زرداري صاحب جي طرفان ٺاهي مسٽر سلمان فاروقي ايڊيشنل سيڪريٽري پي ايم سيڪريٽريٽ وٽ ڪٽي ويس. جنهن تي فاروقي صاحب چيو تہ حاڪم علي جي نالي سان اسڪيمون نہ هجن, بلڪ تون ڊي سي جي حيثيت ۾ اهي سڀ اسڪيمون تجويز ڪر. مون چيو تہ سائين مان هن وقت صوبائي حڪومت جي انتظام هيٺ آهيان ۽ مان سڌو مرڪز کي لکي ڪونہ ٿو موڪلي سگهان. تنهنڪري ڪنهن نہ ڪنهن سياسي ماڻهو يا ڪنهن ٻئي جي نالي موڪلي سگهندس. چيائين تہ نہ تون پاڻ ڊي سي جي حيثيت ۾ موڪل. مون چيو تہ هڪ صورت ٿي سگهي ٿي تہ توهان مونکي ليٽر لکو پوءِ انهي جواب ۾ مان توهان ڏانهن سڀ اسڪيمون روانيون ڪيان. چيائين تہ تون ڳالھ ڪونہ سمجهندين. مون چيو تہ سائين اها منهنجي پراڻي بيماري آهي. خير مون رئيس حاڪم علي جي نالي سان هيٺيون اسڪيمون تجويز ڪيون:-

ريلوي مٿان اورهيڊ برج: ايئرپورٽ جي ٽرمينل کي اولھ طرف ڪرڻ ۽ ٽرمينل تائين روڊ کي ويڪرو ۽ ٻہ طرفو ڪرڻ. فور اسٽار هوٽل, لا ڪاليج روينيو ڪالونيءَ پبلڪ اسڪول.

روينيو اڪيڊمي: سنڌ ۾ روينيو اڪيڊمي جي نہ هجڻ سبب سنڌ جا پي سي ايس آفيسر عمومن پشاور ٽريننگ لاءِ ويندا هيا, منهنجي خواهش هئي تہ روينيو اڪيڊمي سنڌ ۾ ٺهي ۽ منهنجي حساب سان نوابشاه پوري سنڌ جي تقريباً سينٽر پوائنٽ ٿئي ٿو.

لڪمير ديھ کي سڪرنڊ تعلقي مان ڪڍي نوابشاه تعلقي ۾ ڪرڻ. ڇوتہ نوابشاه ايئرپورٽ جي حد ٻن ضلعن ۽ ٽن تعلقن ۾ ورهايل هئي. ايئرپورٽ جي اوپر ڏکڻ ضلعي سانگهڙ ۾ ايندو هيو. ايئرپورٽ جي مين گيٽ کان ٿورو اڳتي هلڻ کان پوءِ نوابشاه تعلقو ختم ۽ سڪرنڊ تعلقو شروع ٿي ويندو هيو.

نوابشاه لاءِ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج, شهر جي اندر مختلف رستا, نوابشاه سڪرنڊ روڊ کي ويڪرو ۽ ٻہ طرفو ڪرڻ وغيره وغيره. فاروقي صاحب پوءِ مونکي زرداري صاحب سان ملاقات ڪرائي. ڇڱي نموني سان خوش خرابت ٿي. پوءِ چيائين تہ ڪوئي تنهنجو ذاتي ڪم؟ مون عرض ڪيو تہ سائين مهرباني, جيڪڏهن ٿي سگهي تہ اسان کي ڪنهن فارين ٽريننگ لاءِ نامزد ڪرايو. انهي وقت فاروقي صاحب کي چيائين تہ نوٽ ڪر, ڪنهن ٽريننگ لاءِ اي ڊي وارن کي چئو. انهي کان پوءِ مان موٽي واپس نوابشاه آيس.

هڪ دفعي سائين ظفر علي شاهه فون ڪيو ته فلاڻو تپيدار آهي، هن منهنجي مخالفت ۾ جتوئي صاحب جي گروپ کي ووٽ ڪرايا آهن ۽ انهي کي هينئر جو هينئر سسپينڊ ڪر. مون چيو ته سائين سسپينڊ ڪرڻ لاءِ ڪوئي جواز کپي، صرف انهي چوڻ تي ته مان هڪ تپيدار کي سسپينڊ ڪو نه ڪندس، ته هن توهانجي مخالفت ڪئي آهي. چوڻ لڳو ته ان تپيدار جتوئي صاحب جي طرفان ٽي ڇهن پولنگ اسٽيشن تي نه صرف مخالفت ڪئي آهي پر انهن ڇهن پولنگ اسٽيشن جو سڄو خرچ به انهي تپيدار ڪيو آهي. هوڏانهن تپيدار کي به ڪٿان پٽڪ پئجي وئي ته ظفر علي شاهه هن جي پٺيان هٿ ڌوئي پئجي ويو آهي. سائين ظفر علي شاهه جي خوبي آهي ته جنهن ڪم جي پٺيان پوندو آهي، تيستائين آرام سان نه ويهندو آهي، نڪي ڪنهن کي ويهڻ ڏيندو آهي، جيستائين انکي توڙ تائين نه پهچائي. سائين ظفر علي شاهه سان ويساري جي به ماڻهن کي شڪايت رهندي آهي پنهنجي علائقي ۾، پوءِ خبر ناهي اها ڳالهه واڻي ڪندو آهي يا واقعي ايئن آهي.

# تپيدار ۽ ايس ايڇ او کي هٿ ناهي لائٽو

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ پي ايم سيڪريٽريٽ مان فون آيو ته تپيدار کي هٿ ناهي لائٽو اهو اتي ئي رهي جنهن پوزيشن ۾ آهي. سائين ظفر علي شاهه هر ٻئي ٽئين ڏينهن فون ڪري تپيدار جي خلاف شروع ٿي وڃي. جڏهن مان چوان ته سائين ڪجهه ثبوت ته ڏيو ته چوندو هيو ته مان جو ٿو چوان، سائين توهانجو چوڻ صحيح پر ڪجهه ته لکت ۾ ڪو جواز هجي. تپيدار اتي جو اتي رهيو سائين لکت ۾ يا ڪوئي ثبوت ڪونه پيو ڏئي ڳالهه آئي وئي. پوءِ خبر پئي ته ان تپيدار ٻن گهوڙن تي شرط رکي هئي، هڪ هارائي ويو ٻيو کٽي ويو.

الحمدلله ڊسٽرڪٽ ۾ منهنجي ۽ ايس پي صاحب جي پاڻ ڪافي هم آهنگي رهي آهي. ڪيترائي دفعا جيڪڏهن ڊي ايس پيز کي ايس پي صاحب جي نوٽيس ۾ ڳالهه نه ايندي هئي ۽ مان ڪوئي حڪم پاس ڪري ڇڏيندو هيس، جيڪو ايس پي جو ڪم هوندو هيو پر مان چئي ڇڏيندو هيس ته جيڪڏهن ڊي ايس پي فون ڪري ايس پي جي نوٽيس ۾ ڳالهه آڻيندو هيو ته ايس پي صاحب هميشه پنهنجي ماتحتن کي چوندو هيو ته جامڙو صاحب جيڪو چيو آهي، اهو منهنجي طرفان چيل سمجهو اهڙي طرح ايس پي صاحب جيڪڏهن روينيو جي ڪنهن به آفيسر کي چوندو هيو ته منهنجو به ساڳيو چوڻ هوندو هيو. پر جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي ان ڳالهه تي اتفاق نه هوندو هيو ته اسين پنهنجي ماتحتن کي ڪڏهن به ڪونه جهليندا هياسين، جيستائين اسين پاڻ ۾ اهو مسئلو ڊسڪس ڪري ان حڪم کي تبديل ڪريون ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ به ساڳيو آفيسر چوندو هيو ايئن ناهي جيڪڏهن ايس پي چيو منهنجي ماتحتن کي وري به ايس پي صاحب انهي حڪم ۾ ردوبدل ڪري چوندو هيو ته جيئن هيٺين وٽ اهو تاثر نه وڃي ته ٻنهي وڏن جي وچ ۾ ڪوئي انهيءَ ڳالهه تي اختلاف آهي.

علي اڪبر ٻنگوار ۽ مان گڏ نوابشاهه هياسين ۽ اسان جي ايتري ته هم آهنگي هوندي هئي، جو ڪڏهن مان ڊي سي به ته گڏوگڏ ايس پي به هوندو هيس، اهڙي طرح ٻنگوار صاحب ايس پي سان گڏوگڏ ڄڻ ڊي سي به هوندو هيو. پر ٻنگوار صاحب ۾ اها خوبي هوندي هئي ته هو هميشه مونکي وڏيڪ اهميت ڏيندو هيو. هڪ دفعي نه پر ڪيترائي دفعا اسان ٻنهي کي مختلف سورس کان اطلاع مليو ته ايس ايڇ او ٿارو شاهه ڌوهارين سان مليل آهي. اسان ٻنهي ان علائقي ۾ اوپن ڪچهري جو پروگرام رکيو ۽ ڪجهه اهڙا ماڻهو هيا، جن ايس ايڇ او جي خلاف ڳالهه ڪئي ۽ اسان کي مليل رپورٽ جي تصديق ٿي، جيئن ته اسان ٻنهي کي تسلي ٿي ته جيڪا رپورٽ ملي آهي سا سچي آهي، مون ۽ ايس

پي صلاح ڪري اتي جو اتي ايس ايچ او کي سسپينڊ ڪري لائين موڪلڻ جو اعلان ڪيو. اوپن ڪچهري ختم ٿي اسان ٻئي گڏ هڪ گاڏي ۾ موٽياسين. گاڏي مون پئي هلائي ۽ ٻنگوار صاحب گڏ واري سيٽ تي ويٺو هيو. اسان جڏهن ناروشاهه کان مورو جي پرسان پهتاسين ته سي ايم هائوس کان وائرليس تي ميسيج آيو ته ناروشاهه جي ايس ايچ او کي ري انسٽيٽ ڪري ساڳئي ٿاڻي تي ايس ايچ او ڪري رکو. ايس پي مون ڏانهن ڏٺو چيائين ته سائين هاڻي ڇا چئون. مون چيو ته اسان جي طرفان انڪار. خير اسان انڪار ۾ جواب موڪليو ته اسان انهي کي ري انسٽيٽ ڪري ساڳئي ٿاڻي تي ايس ايچ او ڪري ڪون رکنداسين. جڏهن اسان اڳتي دولتپور ۾ قاضي احمد جي تقريباً وچ تي پهتاسين ته ٻيهر سي ايم هائوس ڪراچي کان ميسيج آيو ته نه ۾ توهان انکي ري انسٽيٽ ڪري ناروشاهه ٿاڻي تي ايس ايچ او ڪري رکو.اسان ٻنهي ساڳيو جواب موڪليو ته اسين ايئن ڪونه ڪنداسين. اڃان اسان قاضي احمد کان نوابشاهه لاءِ لڙياسين ته هڪ پيرو ٻيو ميسيج آيو جيڪو هوم ڊپارٽمينٽ جي طرفان باقائده آرڊر هيو ته هوم ڊپارٽمينٽ جي آرڊر نمبر فلاڻو ۾ فلاڻي رولز جي تحت هوم ڊپارٽمينٽ ان سسپينڊ ٿيل ايس ايچ او کي ري انسٽيٽ ڪري ناروشاهه ٿاڻي تي ايس ايچ او مقرر ڪري ٿو.

اسان ٻئي هڪٻئي جو منهن ڏسندا رهياسين پوءِ اسانکي ان ٿاڻي ڏانهن وڃڻ جي همت ڪانه ٿي. ڇو ته جڏهن توهان بيوس ٿي وڃو ۽ ڪري به ڪجهه نه سگهو ته اتي وڃڻ وڏيک بيعزتي جي ڳالهه هوندي آهي. ٻيو ته پوءِ اهو ماتحت توهان جي حڪمن کي ٺڪرائي، انهيءَ جي حڪمن جي پوئواري ڪندو آهي جنهن هن کي ضد ۾ اچي مٿان کان ڪم ڪرائي اتي رکرايو ۽ ان جو ناجائز تحفظ به ڪري. جڏهن اهڙي قسم جي مداخلت انتظاميه ۾ اچي ويندي آهي ته پوءِ انتظاميه جو الله حافظ.

انهن ڏينهن ۾ گورنر سنڌ مسٽر جسٽس فخرالدين جي ابراهيم ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهه ٻنهي گڏجي نوابشاهه جو دورو ڪيو. اسان امن امان جي حساب سان بريفنگ ڏني، جنهن ۾ اسان واضح طور چيو ته سائين ڊي سي ۽ ايس پي توهان ڪنهن کي به رکو تيستائين امن و امان قائم ڪونه ٿيندو جيستائين توهان جنهن کي جوابداري ڏيو ۽ ان جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪندا. اسان جنهن کي ڪجهه ڪيون ٿا ته توهان اهو چئي معاملو خراب ٿا ڪيو ته بابا هي اسان جو پراڻو ورڪر آهي، هن اسان جي ڪري جيل ڪاٽا آهن. پلي اهو ماڻهو جيل ۾ پنهنجي ڪرتوتن جي ڪري ڇونه ويو هجي. جنهن کي به رکو انکي پنهنجي ايريا ۾ خودمختيار ڇڏيو ته هو پنهنجو ڪم ڪري، پوءِ جيڪڏهن رات جو ڪير ڪمزور ترين ماڻهو سون ڪٽي وڃي ۽ انکي ڪجهه ٿئي ته پوءِ ان ضلعي جي ڊي سي ۽ ايس پي جي جوابداري آهي، باقي ايس ايچ او کي شڪايتن تي سسپينڊ اسين ڪيون ۽ توهان اسانجي ڳالهه کي وزن به نه ڏيو ۽ ذميوار به اسان کي ڪيو ته بهتر ته توهان ڪنهن کي به رکو اسان کان ايئن ڪم ڪونه ٿيندو. جسٽس فخرالدين جي ابراهيم ان ڳالهه جي تائيد ڪئي پر سي ايم صاحب سياسي مصلحت جو شڪار اسين به بيڪار.

سرڪٽ هائوس ۾ سي ايم صاحب کي ورڪر اچي وڪوڙين ۽ درخواستن تي نوٽ هڻندو به

وجي، ورڪر سائين کي سوڙهو ڪندا وڃن. اسان جيڪڏهن ڪنهن کي چئون ته ٿورو پنتي هٽو ۽ لائين ۾ اچي درخواست تي نوٽ هڻايو. تڏهن سائين چئي ابا نه چئو انهن کي، اچي ورڪرن ڏڪا ڏيڻ شروع ڪيا، هڪٻئي کي اسان جهليون ته اسان تي غصو ڪري، آخر ڪار سائين هڪ ڪمزور جسم جو مالڪ سائين اچي هيٺ پيو. تڏهن به اسان کي جهلي ته ابا نه چئون. ورڪرن هڪٻئي کي ڏڪا ڏئي دروازا ٽوڙي ڇڏيا اتي رکيل هر شئي ڏانوانڊول ٿي وئي، سائين پاڻ ڏڪن ۾ ڪڏهن اوپر طرف ڪري ته ڪڏهن اولهه طرف.

# سنڌ ۾ لئنڊ ريفارمس جو قصو

تقريباً مارچ جي پهرئين هفتي ۾ بورڊ آف روينيو کان هدايتون مليون ته لينڊ رفارمس جا جيڪي ٻه ڪيس پينڊنگ ۾ پيا آهن، اهي سڀ جلد کان جلد ڊسائيڊ ڪري رپورٽ ڏيو. مون پنهنجي آفيس مان چيڪ ڪرايو ته جيڪي اهڙا ڪيس آهن اهي پيش ڪيو. ان وقت صرف هڪڙو ڪيس فيڊرل لينڊ ريفارمس متعلق پينڊنگ پيو هيو. مان هتي هڪ ڳالهه گوش گذار ڪندو هلان ته سنڌ هجي يا پاڪستان جو ڪهڙو به علائقو. زميندار وڏا ماهر هوندا آهن، پنهنجي زمين جي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ ۾. حالانڪ اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته فلاڻي زميندار جي قبضي هيٺ هزارين ايڪڙ هوندي آهي. پر سندن نالي هڪ ويهو زمين سرڪار طرفان ڪيل ريفارمس کان وڌيڪ ڪين هوندو اٿن. پوءِ به هزارين ايڪڙن جا مالڪ هوندا آهن. مون سميت اڪثر سڀ ڄاڻيندا هوندا ته پنهنجي نالي کان علاوه جيڪا انهن جي قبضي هيٺ زمين هوندي آهي اها انهن وٽ عمومن نوانوي سال مقاطعي ليز تحت پنهنجي نوڪرن چاڪرن، غريب عزيز اقارب ۽ دوستن جي نالي سان هوندي آهي. اهڙيءَ طرح قانون جي تقاضائن جي مد نظر هو هميشه سرخرو ٿي بچي ويندا آهن.

فيڊرل لينڊ ڪميشن جي طرفان جيڪو ڪيس رهيل هيو، جنهن جي متعلق ڪوئي فيصلو ڪونه ٿيو هيو اهو هو، مرحوم رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جو. ڪيس کي هلرائڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪري تاريخ مقرر ٿي. رئيس غلام مصطفيٰ جي طرفان ڪريم بخش يا عبدالڪريم جي نالي هڪ پيرسن اچي پيش ٿيو ۽ پنهنجو رئيس جو انڪل طور تعارف ڪرايائين. ٻه ٽي حاضريون هليون، ٽپيدارن اچي لينڊ رڪارڊ پيش ڪيو. جڏهن سموري رڪارڊ جي جاچ پڙتال ختم ٿي ته رئيس جي نالي تي زمين بلڪل فيڊرل لينڊ ريفارمس مطابق پوري هئي. تنهن ڪري ان پيش ڪيل رڪارڊ جي روشني ۾ فيصلو ڪيو. جيئن ته پيشي تي ايندڙ پيرسن بيماري ۽ وڏي ڄمار جي ڪري گهڻو وقت ويهي پنهنجي ڪيس جو تفصيل ٻڌائي ڪين پئي سگهيو ته مون کي چيائين ته سائين جيڪڏهن اجازت ڏيو ته مان ڪرسي تي ويهي تفصيل ٻڌايان. مون ڪيس اجازت ڏني، جيڪا ڪجهه ماڻهن کي ڳالهه ڪانه وڻي. بهرحال مون هڪ انسانيت جي ناطي اهو عمل ڪيو. فيصلو به قانون جي دائري اندر ڪيو. جنهن کان پوءِ مان ان ڪيس متعلق سڄو رڪارڊ ڪمشنر سکر ڏانهن روانو ڪيو ته جيئن هو اتان بورڊ آف روينيو ڏانهن ارسال ڪري.

اپريل 1989ع ۾ ابوبڪر زرداري ضلعي نوابشاهه جا ٻه نقشه نهرائي کڻي آيو. اچڻ سان چيائين ته

مونکي رئيس حاڪم علي موڪليو آهي ۽ هن نقشي مطابق نوابشاهه مان ٻه ضلعا ناهڻا آهن. هڪ ضلعو نوابشاهه، ٻيو ضلعي نوشهرو فيروز.

مون چيو ته پاڻ مون ڏانهن ته اهڙو ڪو به سنڌ سرڪار خط ناهي موڪليو جنهن ۾ اها تجويز ڏجي ته ضلعي نوابشاهه کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪرڻو آهي. مونکي جيستائين سنڌ سرڪار بورڊ آف روينيو جي معرفت خط لکي ڪنهن پروپوزل لاءِ نه چوندي تيستائين مان ڪنهن به قسم جي تقسيم جي تجويز مان ڪونه ڏيندس. چيائين ته سائين اهو به توهان کي خط اچي ويندو ته پوءِ چيو ته مان پوري رڪارڊ کي جانچي جوچي ضرور تجويز ڪندس. ابوبڪر زرداري جو ضد ته نه اهو توهان ڏانهن خط جيستائين اچي توهان صرف هن نقشي تي دستخط ڪري اسٽيمپ هڻي ڏيو جو رئيس کي تڪڙ آهي. مون چيو ته سائين اهي ڪم ايئن ڪونه ٿيندا آهن. جيئن توهان ٿا چئو. ضلعي جي تقسيم لاءِ صرف سياسي گهرج نه هوندي آهي، اهي سڀ عوام جي سهولت ۽ ضلعي کي هلائڻ خاطر روينيو ۽ باقي سهولتن جي موجود ڪري ڏيڻ لاءِ بجيٽ وغيره کي ڏسي پوءِ فيصلو ڪبو آهي ته آيا اها ايراضي جيڪڏهن انهي کي الڳ ڪرڻو آهي ته ان سان عوام کي ڪهڙو سک پهچندو ۽ ڪيتري عوام ان مان سهولت حاصل ڪندي وغيره وغيره. ابوبڪر زرداري صاحب جو ضد ته نه توهان هاڻي هن تجويز ڪيل نقشي تي دستخط ڪري مونکي هينئر جو هينئر ڏيو جو مونکي ڪراچي واپس وڃڻو آهي. مون چيو ته پاڻ جيڪڏهن جمن جامڙو جي حيثيت ۾ دستخط ڪپي ته مان ڏهه صحيحون ڪري ڏيان ٿو. باقي ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه جي حيثيت سان انهن نقشن تي مان دستخط ڪونه ڪندس. ڇوته ڊي سي جي حيثيت ۾ مان ضلعي جو ڪسٽوڊين آهيان ۽ مونکي پنهنجي مختص ڪيل ايراضي جي هر حال ۾ سنڀال ۽ حفاظت ڪرڻي آهي. چيائين ته وري به سوچيو مون چيو ته منهنجا پاڻ منهنجو اهو جواب سوچيل ۽ سمجهيل آهي ۽ ان تي مان قائم آهيان ۽ قائم رهندس، باقي توهان جي مرضي.

خير ابوبڪر زرداري واپس ويو اهي نقشا اتي رکي ۽ چئي ويو ته متان توهان کي بعد ۾ دستخط ڪرڻا پون.

نقشي جي صورتحال هن طرح هئي:

نوشهروفيروز ضلعي لاءِ، مورو، نوشهرو فيروز، ڪنڊيارو، پڊعيدن محراب پور، مورو تعلقي مان جهانيان ڪيڏي باقي سمورو باقي جيڪو علائقو بچيو اهو نوابشاهه ضلعو.

نوشهرو فيروز لاءِ تي سب ڊويزن تجويز ڪيل هيون، مورو صرف تعلقو نوشهروفيروز ۽ ڪنڊيارو تعلقو پڊعيدن ۽ محرابپور تعلقو.

منهنجو زور هيو ته جيڪڏهن نوشهرو فيروز ضلعو نهي ته پوءِ پڊعيدن جي جاءِ تي ڪنڊيارو سب ڊويزن ۽ هالاڻي کي تعلقو ڪيو وڃي. باقي ٻيو پنهنجي جاءِ تي. تنهن تي ابوبڪر زرداري چيو ته تون هالاڻي منظورشاهه جي ڪري ٿو چوين، مون چيو ته پاڻ ڪنهن شخصيت جي صورت جي وڻڻ يا نه پسند جي ڪري انتظامي حدون ڪونه بدلائيبيون آهن. تي سگهي ٿو ته اڄ جنهن جو چهرو توهان کي پسند ناهي، سڀاڻي اهو توهانجو ويجهو دوست ۽ ساٿاري ٿي سگهي ٿو. هالاڻي هڪ پراڻو ۽ تاريخي شهر آهي ۽ محرابپور لاءِ به هالاڻي بهتر ٿيندو. تنهن ڪري مان چاهيندس ته محربپور، گل شاهه ۽

هالاڻي سپروائيزنگ تپن تي هالاڻي تعلقو ڪري ڪنڊيارو سب ڊويزن سان ملائي ڇڏيو ۽ عوام لاءِ سهولت ٿيندي ۽ انتظامي حساب سان بهتر ٿيندو. باقي منهنجي حساب سان پڊعيدن کي نوشهروفيروز مان ڪڍي تعلقو ناهڻ صحيح فيصلو ڪونه ٿيندو.

هفتي کان پوءِ پيهر آيو چيائين ته سرڪار جي طرفان جلد خط پهچندو، مگر توکي تجويز جيئن اسان نقشو ڏنو آهي انهي مطابق ڪرڻو آهي. مون وراڻي چيو ته سائين مان توهان کي اڳ به واضح ڪيو هيو ته پڊعيدن سب ڊويزن جي لائق ناهي ۽ محراب پور جي بجاءِ هالاڻي تعلقو بهتر ٿيندو ۽ ڪنڊيارو کي سب ڊويزن ڪيو. چيائين ته تون ڪونه مڙسين.

اپريل جي آخري هفتي هڪ بينڪ جو مينيجر آيو چيائين ته سائين پبلڪ اسڪول جي زمين لاءِ قيمت تي ڪجهه لچڪ آڻيو ۽ ڪيريو صاحب جيئن چوي ٿو ايئن ڪيو ته بهتر ٿيندو، چوته هو مٿي هڪ آهي ۽ توهان جي لاءِ ڳالهين ۾ مرچ مصالا ملائي صلاحون ۽ تجويزون ڏئي ٿو. مون وراڻي چيو ته زمين جي قيمت اٺ نو هزار روپيه ايڪڙ کان وڌيڪ آهي ڪانه، ۽ مان هڪ لک في ايڪڙ ڪونه ڪندس، چانڊيو کي مان ڇو گرفتار ڪيان جڏهن مون وٽ ڪوئي انهي متعلق ڪرمنل رڪارڊ ڪونهي، باقي جي حدود ۾ ردوبدل ٿينديون آهن پر اهي انتظامي حساب سان، نڪي صرف سياسي حساب سان. باقي منهنجي مالڪ جيڪو نصيب منهنجي لاءِ جتي لکيو آهي اهو مونکان ڪير ڇني ڪونه ٿو سگهي، جيڪو منهنجي نصيب ۾ ناهي، اهو ڪير ڏئي ڪونه ٿو سگهي. اڄ تائين منهنجي الله سائين نگهباني ڪئي آهي اهو منهنجو هميشه ڪارساز رهندو.

مونکي ڪنهن دوست ٻڌايو ته برگيڊيئر مرحوم تي ايم شاهه ڪمانڊو هيو، ان ڪيريو صاحب کي جهليو ته اهو تون چڱو ڪونه ٿو ڪرين ۽ چانڊيو صاحب ڪم سهي ٿو ڪري، اهو تنهنجو چوڻ ته چانڊيو صاحب جتوئي جو ماڻهو آهي، اهو غلط ٿو مٿي رپورٽ ڪرين. باقي توهان سياسي ماڻهو آهيون جيڪو توهان سوچيو توهانجو حق آهي

بهرحال مئي جي پهرئين هفتي منهنجي خير سان نوابشاهه مان ٽرانسفر ٿي ۽ منهنجي پوسٽنگ ٿي ڊپٽي ڊائريڪٽر ريجنل پلاننگ آرگنائزيشن پي اينڊ ڊي سنڌ، ڪراچي.

الله سائين جا شڪر ڪري اسان اتان نڪري اچي ڪراچي پهتاسين ۽ چارج مسٽر آفتاب ميمڻ جي حوالي ڪئي.

# ريجنل پلاننگ آرگنائيزيشن هڪ ڪاغذي اِدارو

ريجنل پلاننگ آرگنائيزيشن جو ادارو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ سنڌ انهي لاءِ جوڙيو هيو ته اهو ادارو سنڌ جي ٻهراڙي لاءِ ترقياتي پلان ٺاهڻ لاءِ هوم ورڪ ڪري سپ ڊيٽا تيار ڪري پي اينڊ ڊي کي موڪلي ته جيئن سنڌ جي ڏتڙيل ۽ ترقي کان وانجهيل علائقن جا ترت ترقياتي جا ڪم ڪرائي انهن پٺتي پيل علائقن کي جديد سهولتون مهيا ڪجن. شروع واري وقت ۾ آر پي او تمام سٺو ڪم ڪيو جنهن جي ڪري روڊ رستا، پليون، بجلي، اسڪول، اسپتالون، واٽرسپلاءِ جون اسڪيمون وغيره وغيره سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ پنهنجي سالياني ترقياتي بجيٽ ۾ منظور ڪرائي ٻهراڙي وارن علائقن تائين ترقياتي ڪمن جو آغاز ڪيو. انهي آر پي او جي محنت جو ثمر هيو جو ٻهراڙي وارن علائقن ڏانهن اٽليءَ سهولتن پير پاتو جنهن جو ان کان اڳ ڪوئي تصور به ڪونه پيو ڪري سگهي ته پڪا رستا ۽ بجلي به ٻهراڙي ۾ ايندي، جو سنڌ جا ماروئڙا انهن ترقياتي ڪمن مان مستفيض ٿيندا.

1977ع کان پوءِ جاٽي واٽي آر پي او کي ڪاغذن ۾ ادارو رهڻ ڏنو ويو، جيڪو سراسر سنڌ سرڪار جي خزاني تي بار هيو. ڇوته جنهن مقصد لاءِ هي ادارو وجود ۾ آيو هيو، انهيءَ کان ڪوئي ڪم ڪونه پيو ورتو وڃي. پريڪٽيڪل اهو هڪ ناڪاره بڻجي چڪو هيو جنهن جي ڪابه افاديت ڪانه هئي. 1985ع کان پوءِ سنڌ جي ترقياتي جي ڪمن جو محور صرف اسيمبلي جي چونڊجي آيل ميمبرن جي ڏنل اسڪيمن کي اهميت ملڻ شروع ٿي، جنهن ڪري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ادارو وڃي هڪ پوسٽ آفيس وارو ڪم ڪرڻ لڳو جيڪو هينئر ته پي اي ڊي رڳو پوليٽيڪل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ بڻجي ويو آهي. جنهن جي ڪري نه آر پي او جو نڪي وري پي اي ڊي جو ڪوئي ڪردار رهيو آهي. تنهن ڪري ترقياتي اسڪيمون ڪڏهن به نه ٽائيم تي مڪمل ٿين ٿيون نڪي اهي اسڪيمون عام ماڻهن جي مفاد کي نظر ۾ رکي جوڙيون وڃن ٿيون. تنهن ڪري ترقياتي ڪمن لاءِ جيتري بجيٽ مختص ڪئي وڃي ٿي انهي جو زيان گهڻو آهي، باقي عوام جي بجاءِ خاص شخصيتن کي گهڻو فائدو آهي.

جڏهن مون آر پي او جوائن ڪيو ته هڪ قسم جي Paid Leave پيڊ ليو هئي. ڇوته انهيءَ وقت او ايس ڊي جو ڪلچر ايترو گهڻو ڪونه هيو. تنهن ڪري اهڙي قسم جا ادارا زنده رکيا ويا هيا ته جيئن وقت جي سرڪار لاءِ ڪارآمد ٿين. بهرحال الله جا احسان جيڪو منهنجو هميشه ڪارساز رهيو آهي، تنهن ڪري مون کي ڪڏهن به اهيو احساس ڪونه ٿيو ته ڪو مون سان زيادتي ٿي آهي.

پر مان هميشہ اهو تصور ڪندو هيس تہ انهيءَ ۾ منهنجي رب ڪائنات ڪا ضرور ڀلائي رکي آهي. تنهن ڪري وڏي سڪون ۽ تحمل سان آفيس ۾ ايندا هياسين چانهہ وغيره پي وقت جو انتظار ڪري گهر پيڙا ٿيندا هياسين، الله الله خير سلا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسان جو پيارو دوست بينڪ مينيجر جيڪو نوابشاهہ ۾ هيو تنهن جو پروموشن ٿيو ڪراچي ۾ پوسٽنگ مليس. فون ڪري ٻڌايائين تہ ڀائو منهنجو پروموشن گهٽي عرصي رڪيل هيو الحمدلله ٿي ويو آهي ۽ ڪراچي ۾ پوسٽنگ ٿي آهي. مون ڪيس پروموشن ۽ ڪراچي پوسٽنگ ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ هفتي ڪن جي اندر سندس آفيس وڃي ڀاڪر پائي ملڻ ٿيو. چانهہ وغيره کان پوءِ سائين چيو تہ ڀائو ماني کائو مون چيو تہ بلڪل کائيندا سين بہ ۽ ڪارائيندا سين بہ. پر اڄ نہ، پوءِ ڀاڻ ۾ ڪو وقت مقرر ڪندا سين انهي لاءِ. انهي کان پوءِ چيائين تہ يار مونکي سنو ڪونہ ٿو لڳي جو تو جهڙو دلبر ماڻهو ايئن سڪٽو وقت گذاري. مون چيو تہ ڀائو انهي بہ يقينن ڪا الله سائين جي حڪمت هوندي. چيائين نہ ڀائو منهنجي ڳالهہ مڃيو مان ماني جو بندوبست ڪيان ٿو ۽ ڪيريو صاحب کي بہ انهي ماني تي مدعو ڪيان ٿو پوءِ اتي مان ڀاڻهي معاملي کي ٺاهي وٺندا سين. مون سائين کي عرض تہ ڀائو هرگز ايئن ڪين ٿيندو.

پلي بک پرم، شل ۾ وڃي شان.

جولاءِ مهيني ۾ جنهن لاءِ مون اسلام آباد ۾ زرداري صاحب کي چيو هو تہ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ مونکي فارين ٽريننگ لاءِ نامينيٽ ڪرائجو. پي اي ڊي وارن جي طرفان ليٽر آيو تہ ڏهن هفتن لاءِ آمريڪا ۾ هڪ ڪورس لاءِ توهانجي اي اي ڊي نامينيشن ڪئي آهي تنهن ڪري توهان آگسٽ جي ٽئين هفتي ۾ وڃڻ جي تياري ڪيو. پاسپورٽ لاءِ ڪاغذ ڀرايا ۽ جيڪو هفتي اندر ملي ويو. انهي کان پوءِ ويزه جو مرحلو هيو سو ڪورس جي نامينيشن ليٽر جي ڪاپي ويزه اپليڪيشن سان لاڳاپيل ڪري آمريڪن قائونصليٽ ڪراچي ۾ هاليڊي ان جيڪو هاڻي ميريٽ هوٽل نالي ٿي ويو آهي، ان جي پڪ ۾ هوندو هو وڃي ڪاغذ پٽ جمع ڪرايا ٽن چئن ڏينهن جي تاريخ ڏنائون. مون سان گڏ بہ ٻيا دوست بہ هيا، طفيل جماڻي ۽ مظهر سومرو جيڪي ساڳي ڪورس ۾ وڃڻا هياسين. ڪورس جو نالو هيو اپليڪيشنس آف ڪمپيوٽر ان مينيجمنٽ، ڪورس ٿيڻو هيو يو ايس ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ واشنگٽن .

الحمدلله بيروني سفر ڪرڻ لاءِ ضروري ڪاغذ پٽ مڪمل ٿي ويا، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسان کي حڪم مليو تہ ميٽروپول هوٽل ۾ هڪ ٽريول ايجنسي سان رابطي ۾ اچو تہ جيئن توهان کي ٽڪيٽ ٺاهي ڏين. ٽريول ايجنسي جو نالو ياد ناهي، باقي هئي سنڌ ڪلب جي طرف ڏانهن. اسان ٽئي ڄڻا وڃي حاضر ٿياسين، اسان کي ٽڪيٽون ٺاهي ڏنائون ۽ وڏيڪ ٽريول ايجنسي واري چيو تہ جيڪڏهن توهان کي آمريڪا گهمڻ جو شوق هجي تہ هتان کان توهان ٽريول ڪوپن وٺو ۽ هر ڪوپن جي قيمت ساڳي هوندي، يعني سو ڊالر پوءِ ڪيترو بہ پري ڇونہ هجي پنڌ. مون انڪان بہ ٽريل ڪوپن ورتا هڪ ميامي، ميامي کان واشنگٽن، ان وقت ڊالر جي قيمت تقريباً نو روپيہ هئي .

مون ڪورس ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ مهينو ايڪس پاڪستان ليو گرانٽ ڪرائي تہ جيئن ملڪ

ڪان مان ٻاهر پهريون دفعو پيو نڪران ته دل جي خواهش هئي ته ڪجهه ٻاهرين دنيا ڪي به ڏسون. تنهنڪري مون وڃڻ کان اڳ برطانيه، فرانس، ڪيناڊا، سئٽزرليند ۽ سعوديه جا ويزا به هٽائي ڇڏيا. واپسي جي اچڻ جي ٽڪيٽ اهڙي طرح ٺهرائي جو آمريڪا کان هيٿرو ايئرپورٽ برطانيه، هيٿرو کان جده سعوديه ۽ جده کان ڪراچي.

دل گهريو پئي ته ٿورو گهڻو گهمجي، پر ان لاءِ پئسه ڪونه هيا تنهنڪري شاهد جتوئي انڪم ٽيڪس ۾ آفيسر هيو مان ان وٽ ويم ته يار مان آمريڪا وڃان ٿو ڪجهه مدد ڪر چيائين ته يار مان صرف پنج هزار روپيه ڏيڻ جو واعدو ڪري سگهان ٿو مون چيو ته يار نيڪ آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ مون محمد رمضان جامڙو کي چيو ته پائو ڪجهه اوڊر ڪندين، چيائين هائو مان تو وٽ سپاٽي ڪجهه رقم ڪٺي ايندس. مون چيو ته نيڪ آهي، ٻن ڏينهن کان پوءِ مون فون ڪري پڇيس ته توکي ڪالهه اچڻو هيو خير ته هيو ڪونه آئين، چيائين مان اڄ اچان ٿو خير وڃڻ کان هڪ ڏينهن آيو مون پڇيو ته خير ته هيو جو دير ڪيئي؟ چيائين ته مان پئسه ڪٺي توڏانهن اچان پيو ته هاڪس بي تي مون پلاٽ ورتا هيا، انهن جي قسطن لاءِ فون آيو ته اڄ آخري تاريخ آهي، تنهن ڪري مان اتان اوڏانهن ويس ۽ قسطون جمع ڪرائي آيس ۽ منهنجا ڪجهه پئسه ڪتا پئي اهي به ڪنهن دوست کان وٺي قسطون جمع ڪرائي سڌو تو وٽ پيو اچان. مون چيو ته خير پر تون مونکي ڪالهه ٻڌائين ها ته مان ڪو پيو بلو ڪيان ها. شاهد جتوئي صاحب پنج هزار ڏنا ۽ ڪجهه ٻيا ملائي تقريباً ست اٺ سو ڊالر مان پاڻ سان پنهنجي طرفان ڪٺي ويس.

جيئن اسان کي هدايت مليل هئي ته ڪورس شروع ٿيڻ کان به ڏينهن اڳ ۾ پهچڻو آهي. تنهن ڪري انهي حساب سان ٽڪيٽ ورتل هئي ۽ انهيءَ جو اطلاع يو ايس ڊي وارن کي اي ايڊي گورنمينٽ آف پاڪستان ڏئي ڇڏيو هيو. اسان کي به سڀ ڊٽيل مليل هيا ته ڪٿي ۽ ڪئين پهچڻو آهي. تنهن ڪري اسان کي منزل تي پهچڻ ۾ ڪابه ڏکيائي پيش ڪانه آئي. اسان خير سان واشنگٽن ۾ هڪڙو ڪمرو ورتو جنهن ۾ اسان ٽي ڄڻا هياسين. شام جو اسان هيٺ لٿاسين ته جيئن شهر جي رونق ڏسي دل پشوري ڪريون. مان دوستن کان ٿورو اڳتي نڪري ويس ته ڏسون اڳتي ڇا آهي. ٿورو اڳتي ويم ته هڪ رستي وارو ريسٽورنٽ نظر آيو پاڻ کي چانهه جي ٻاڙ لڳي، سو مون وڃي پڙهيو ته لکيل هيو ته آئيس ٽي ته مون سمجهيو ته اها به ڪولڊآئيس ڪريم جي طرز تي چانهه هوندي. مان وڃي قطار بيٺس، جڏهن منهنجو وارو آيو ته هڪ ڊالر ڏئي ڪائونٽر تان نوٽ جيترو وڏو گلاس ٽري ۾ ڪٺي اچي ڪرسي تي ويٺس ڏسان ته سليماني چانهه ۽ ان ۾ برف جا ڳڙا پيا آهن. ڪٺي جو چپ تي رکان ته ٿڌو پاڻي ٿوري چانهه پيل مٺو ته ويو ڦري، دل ۾ چيم يار منهنجو هڪ ڊالر زيان ٿي ويو. بهرحال ان گلاس کي ڪنڊ ۾ ڪچري لاءِ رکيل ڏٻي ۾ اڇلي خير سان واپس اچي هوٽل پهتاسين.

# آمريڪا ۾ سنڌي دوستن سان ڪچهريون

ٻئي ڏينهن صبح جو نائين وڳي تيار رهڻ جو حڪم مليل هو. سو اسان صبح جو سوير تيار ٿي ويناسين ته ڇاڻ سڏ ٿيو ته اسين وچي پروگرام ۾ شامل ٿيون. نون ۾ ٻه منٽ هيا ته ڪاري ڏاند جا مالڪ پهچي ويا. هڪ بس ۾ چاڙهي اسان سيني کي هڪ حال ۾ ويهارين. سئنيما جي اسڪرين تي اسان کي ٽي چار مختلف پڪچرس ۽ وڊيوز ڏيکاريائون جن جو وقت تقريباً اڌ منو ڪلاڪ کن هيو. انهن وڊيوز کي ڏسي پوءِ هڪ گانو ياد اچڻ لڳو.

دل کے ارماں ادھورے رہ گئے۔

وارو حساب ٿي ويو. هر هڪ وڊيو ۾ ايترو ته انسان جي دل کي ڏهڪائي ڇڏين، جو سمورو وقت اسانجو حال وچي اهڙو ٿيو جيئن چوندا آهن، مني ٻه ماٺ وارو حساب هجي. جيئن پهرين وڊيو هلائي اسان کي ايبز جي معلومات ڏيڻ لڳا تيئن تيئن اسان جي جان مان سيسراٽيون پيون نڪرن. توبهه زاري واري لاٽ پيا سيئي دوست لنون ته الله اسان کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي .

ٻئي ڏينهن جڏهن ڪلاس ۾ وياسين ۽ سيني جو هڪٻئي سان تعارف ٿيو ته اتي وڻ وڻ جي ڪاٺي جمع ٿيل هيا. ڪوئي سائوٿ آمريڪا کان ته ڪوئي آفريڪا کان ته ڪوئي فار ايسٽ کان ته ڪوئي سائوٿ ايسٽ ايشيا کان، ته ڪوئي مڊل ايسٽ کان، ڪي وري يورپ کان. اسان کي ڪلاس ۾ هڪ زال مڙس پڙهائڻ ايندا هيا. ٻنهي جو پاڻ ۾ سخت مقابلو هلندو رهندو هيو. جيڪڏهن هڪ ڏينهن ان مائيءَ جو مڙس بيڪري تان ڪجهه شيون اسان لاءِ ڪٽي ايندو هيو ته ٻئي ڏينهن هر حال ۾ انجي زال پنهنجي مڙس جي آندل کائڻ جي شين کان وڌيڪ آڻيندي هئي.ڪافي اتي هر وقت موجود هوندي هئي جنهن کي وٽي اهو پاڻ اتي کائڻ ۽ پيئڻ جون شيون ڪٽي اچي ويهي کائي .

اسان کي پهرئين ڏينهن پڙهائڻ جي لاءِ ايترو ته مواد ڏنائون، جو موالي جي چوڻ مطابق لهڻ سان تار . اسان ڪوشش ڪئي ته واشنگٽن ۾ ڪو سستو رهائش لاءِ ٺڪاڻو ڳولهيون. اتان جي دوستن اسان جي مدد ڪئي، جو اسان کي واشنگٽن جي پرسان ورجينيا ۾ ڪليرينڊين يا ان سان ملندڙ نالو هيو هڪ هوٽل جو جنهن ۾ اسان ٽنهي هڪ ڪمرو ورتو. اصل مقصد هوندو هيو ته يار ڪئين ٻه ڪري ڏکيو سکيو وقت گذاري ايترا پئسا بچن جو باقي علائقو گهمي سگهون. اسان جي لاءِ تمام موزون ماحول هيو. اسين هر هفتي وچي سپر اسٽور تان هفتي لاءِ کائڻ پيئڻ جون شيون وٺي ايندا هياسين. اسانجو ساٿي طفيل جماڻي ڪڪڙ جي پاڄي پچائڻ جو ماهر هوندو هيو. ڪمري ۾ ڪڪنگ رينج ۽ فرج وغيره جي سهولت هوندي هئي. پرپاسي ۾ هڪ انڊين اسٽور هوندو هيو جتان اسين پڪي پڪائي روٽي جا ٻه

چار بنڊل وٺي ايندا هياسين صرف سيڪو ڏيڍ جي دير، ماني کائڻ لاءِ تيار.

صبح جو سوير اٿي تيار ٿي سڌ پنڌ تي انڊرگرائونڊ ٽرين جي ذريعي پوٽامڪ رور کي ڪراس ڪري وڃي ڪيپيٽل هل جي پرسان واري اسٽيشن تي لهي سدا ڪلاس ۾ ويندا هياسين. يو ايس ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ ڪيپيٽل هل جي ويجهو هوندو هيو. تنهن ڪري ڪانگريس ۽ سينٽ جي ڪارروائي ڏسڻ جو موقعو ملي ويندو هيو. ڪنهن نہ قسم جي ڪا جهل پل ڪانہ هوندي هئي. وائيٽ هائوس بہ گهڻو پري ڪونہ هوندو هيو. تنهن ڪري اوڏانهن بہ ڦيرا ٽڙيون پائڻ ويندا هياسين. وائيٽ هائوس جي ٻاهران آمريڪا جا سڀ صدر صاحبان قطار ۾ بيٺا هوندا هيا ۽ جيڪو چاهي انهن سان هٿ ملائي فوٽو ڪڍرائي، ڪنهن کي بہ ڪنهن قسم جي منع ڪانہ هئي.

وائيٽ هائوس جي اندر وڃي گهمڻ لاءِ سال ۾ ٻہ دفعا عوام کي ڇڏيندا آهن، هڪ دفعي وائيٽ هائوس جو اوپر پاسي وارو اڌ تہ ٻئي دفعي اولهہ وارو اڌ. اسان کي بہ موقعو مليو تہ اسان بہ وائيٽ هائوس جو اولهہ وارو اڌ حصو وڃي گهمي ڏٺو جنهن بيڊ روم ۾ آمريڪا جا صدر صاحب رهندا هيا ۽ ان سان گڏ گهر واري آفيس، لائبرري، ڊرائنگ روم باٿ روم گهمي ڏٺا، جيڪي سادا، پروقار ۽ صاف سٿرا هيا.

وائيٽ هائوس جي پوري دنيا ۾ اهميت آهي. هڪ دفعي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو صاحب وزير خارجہ هيو ۽ آمريڪا جي هردلعزيز، مشهور، خوبصورت ۽ نوجوان صدر جان ايف ڪينيڊي ڀٽو صاحب کي چيو تہ مسٽر ڀٽو تون هن وقت دنيا جي طاقتور هائوس ۾ بيٺو آهين. ڀٽو صاحب وراڻي چيو تہ مسٽر پريزيڊنٽ ها مونکي خبر آهي تہ هي دنيا جو طاقتور هائوس منهنجي پيرن جي هيٺان آهي.

اسان کي پهريان تہ ڪمپيوٽر جي ڇو ضرورت آهي ۽ انجي مختلف پرزن جي نالن جي ڄاڻ ڏنائون ۽ انهي سان گڏوگڏ ڪمپيوٽر جي اسيمبلنگ سيکارياڻون، اسان هڪ هفتي ۾ ايترا تہ لائق ۽ فاضل ٿي وياسين جو پاڻ کي وڏا اڪابر سمجهڻ لڳاسين.

يو ايس ڊي وارا اسان کي هڪ دفعو بالٽي مور وٺي ويا، جيڪو هڪ سامونڊي بندرگاه بہ هيو. اتي گهمندي گهمندي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ وياسين ۽ ونڊو شاپنگ ڪئي، ٿوري ٽائيم کان پوءِ باٿ روم جي ضرورت محسوس ٿي تہ مون اتي دڪاندار کان پڇيو تہ باٿ روم يا واش روم ڪٿي آهي؟ چوڻ لڳو تہ هتي تہ باٿ روم ڪونهي، حالانڪ هر ڪنڊ تي نشان ۽ تير جو رخ هيو جنهن ۾ لکيل هيو تہ ريسٽ روم، پر اسان جو اوڏانهن ذهن ڪونہ پيو وڃي تہ ريسٽ روم کي هتي باٿ روم جي نالي سڏيندا آهن. پوءِ هڪڙو سک نظر آيو جنهن کان پڇيو سردار جي باٿ ڪٿي اي؟ سک چيو اي جهڙا لکيا پيا ريسٽ روم توسان اندر لنگ جاءِ ايوئي باٿ روم هي. خير اسان جو مسئلو حل ٿي ويو.

هفتي ۾ هڪ دفعو پاڪستان جي سفارتخاني ويندا هياسين. انوقت سليم گل شيخ انفارميشن ڪائونسلر هيو. شيخ صاحب جو تعلق سنڌ جي قديم پئرس شڪارپور شهر سان آهي. سليم شيخ صاحب سان منهنجي پراڻي دعا سلام هئي، جڏهن مان قائداعظم يونيورسٽي ۾ پڙهندو هيس. انوقت شيخ صاحب ايڪسٽرنل پبلسٽي ونگ ۾ سينيئر آفيسر هئا. انهي کان علاوه شيخ جي گهرواري منهنجي ڪلاس فيلو بہ هئي. شيخ صاحب مڙئي ڪڏهن رات جي ماني يا وري چانهہ سموسن تي بہ گهرائيندو هيو. شيخ صاحب نهايت سلڇڻو سٻاجهڙو ٺڏي طبيعت ۽ هميشہ منهن تي مرڪ سان

سرشار رهندو هيو. الحمدالله سليم شيخ صاحب به فيڊرل سيڪريٽري رهيا ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ اسلام آباد ڊفينس ۾ گهر اڏائي اتي رهائش پذير ٿي ويا آهن.

سليم شيخ کان علاوه اتي انوقت سائين رسول بخش بلوچ صاحب به ايگريڪلچر ڪائونسلر هيا. سائين بلوچ صاحب جو تعلق به ضلعي شڪارپور سان آهي. سائين بلوچ صاحب 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڊي سي نوابشاهه هيا ۽ هڪ شفيق ۽ مهربان باس کان علاوه باصلاحيت، ايماندار، کل مک پر ٿورو ڳالهائڻ وارا آفيسر رهيا آهن. تنهن ڪري اسان کي پاڪستان جي سفارتخاني ۾ اچ وڃ ۾ ڪابه ڏکيائي ڪونه محسوس ٿيندي هئي. بلوچ صاحب به اڪثر ڪو اهڙو موقعو ٿيندو هيو ته ضرور اسان کي مدعو ڪندو هيو. ٻيو نه ته هر جمعي جي نماز تي ملاقات ٿيندي هئي ڇو ته جمعي نماز سفارتخاني جي ويجهو هوندي هئي ۽ اسان کي به ويجهي اهائي پوندي هئي. سائين رسول بخش بلوچ صاحب فيڊرل سيڪريٽري رهيا ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن.

سائين سليم گل شيخ صاحب ۽ رسول بخش بلوچ صاحب جي ڪري اسان جي ملاقات گهڻن دوستن سان ٿيندي هئي، پر ڪي اهڙا دلدار دوست ٿي ويندا آهن، جن سان روح جا پڪا ۽ مضبوط رشتا قائم ٿي ويندا آهن، انهن ۾ سائين علينواز ميمڻ صاحب ان وقت ورلڊ بينڪ ۾ سينيئر پوزيشن ۾ هيا، جيڪي هر وقت سنڌ ۽ سنڌ جي رهواسين لاءِ دل جي اڪير سان سرشار هوندا هيا. ميمڻ صاحب جو جنم ته شڪارپور جو آهي پر ٻچپن لاڙڪاڻي ۾ گذريو ۽ ڦوهه جوانيءَ کان اچ تائين آمريڪا ۾ گذاري اٿن. پر مارئي وانگر تانگهه ۽ اڪير صرف سنڌ سان اٿن. ميمڻ صاحب جي سٻاجهڙي طبيعت، انسانيت سان ڀرپور، هڏڏوکي انسان تمام ورلي ملندا. مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهندو آهيان، جو مون کي سائين ميمڻ صاحب جهڙو دلبر دوست مليو. ميمڻ صاحب اڄ تائين رابطي ۾ آهن ۽ جڏهن به پاڪستان ايندا آهن ته ملاقات جي مهرباني به ڪندا رهندا آهن. الله سائين ميمڻ صاحب کي پرڏيهه ۾ پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي.

منهنجو ويجهو عزيز سائين غلام حسين جامڙو ڪينيڊا ۾ 1967ع کان رهائش پذير آهن. نهايت گهٽ ڳالهائڻ ۽ سٻاجهڙي طبيعت جا مالڪ ۽ انسان دوست آهن. جڏهن انهن کي خبر پئي ته اسين آمريڪا ۾ آهيون ته پاڻ ٽورنٽو جي پرسان سنڊاس ۾ رهندا هيا، ملڻ لاءِ پاڻ واشنگٽن آيا ۽ ٻه ٽي ڏينهن اسان کي خوب سير ڪرايائون. هڪ دفعو واشنگٽن کان ورجينيا اسٽيٽ جي رچمانڊ واري علائقي ۾ وٺي ويا، جتي جو نظارو به واهه جو نظارو هيو جيڪو اڄ تائين ياد آهي. آمريڪا هڪ سرسبز ته آهي پر جيڪو انهن پنهنجي علائقن جي اصل سونهن کي سنڀالي رکيو آهي انهي جو ڪو مثال ناهي. انهي سفر دوران مونکي زراعت ۽ چوپائي مال کي سنڀالڻ جا وڏا وڏا فارم ۽ دلڪش منظر هينئر به دل تي اڪريل آهن. ايئن ڇئو جيئن ڊول فقير ڳائيندو هيو ته

عمر مون کان نٽا وسرن ويڙيچن جا واڙا،
ڀڄي پور ٿيندئي ڪنجيون ڪلف تاڙا.

رچمانڊ کان واپس اچي ڪليئرنگٽن ڀهتاسين جتي هوٽل هيو.

# واشنگٽن شهر جي سيڪيورٽي ۽ سنڌ جي بجيٽ

سائين غلام حسين ڄامڙو واپس ڪينيڊا هليا ويا. اسين به روزمره جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ياسين. يو ايس ڊي اي وارا اسان کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن اداري ۾ مشاهدو ڪرڻ لاءِ وٺي ويندا هيا. واشنگٽن جو سير سفر به ڪراين. هڪ دفعي اسان کي ان اداري ۾ وٺي ويا جنهن جي ذميواري هئي ته هو شهر جي سيڪيورٽي لاءِ بهتر کان بهتر نموني جا اپاءَ وٺن. ايئن سمجهو ته ضلعي جي پوليس جو ذميوار آفيسر. پوليس آفيسر اسان کي بريفنگ ۾ اهو ٻڌائيندو ويو ته اسان جي سيڪيورٽي جو نظام پوري دنيا ۾ سڀ کان بهترين آهي. اسان وٽ جيڪڏهن ڪوئي ڪرائيم ٿي وڃي ته اسين انکي جديد طريقا استعمال ڪري ڳولهي ڪڍندا آهيون وغيره وغيره. بجيٽ جا انگ اکر جڏهن ٻڌايائين ته مٿو چڪرائجي ويو. يعني هڪ شهر واشنگٽن جي صرف سيڪيورٽي جو خرچ تقريباً پوري سنڌ جي بجيٽ جيترو هيو. انهن کي هيلي ڪاپٽر کان ويندي سئي ڌاڳي تائين هر چيز جديد مليل هئي.

واشنگٽن شهر جي امن امان تي روشني وجهندي ٻڌايائين ته ٻين ڏوهن کان علاوه رات جو ڦر ۽ خونريزي جا واقعا ڪافي ٿين ٿا. جڏهن اسان اتي دنيا جي ڪيپيٽل سٽي جي ڪرائيم جي انگ اکرن کي ڏٺو ته حيران ڪندڙ ڳالهه اها ظاهر ٿي ته سپني ملڪن جي گادي واري شهرن مان وڌيڪ خون جا ڪيس هن شهر يعني واشنگٽن ۾ ٿين ٿا. وڌيڪ ٻڌايائين ته اسٽريٽ نمبر فلاڻي کان جيڪڏهن توهان مان ڪوئي اڪيلو گهمي ته انهيءَ کي گهرجي ته ڪليل ڊالر پنج، ڏهه پندرنهن ضرور رکي ۽ جيڪڏهن ڪوئي ڪارو ان جي سامهون اچي ۽ ڪا حرڪت ڪري ته توهان خاموشي سان ڪيسي مان پنج ڏهه ڊالر ڏئي بغير ڪنهن چون چران جي اتان نڪري وڃو. جيڪڏهن توهان ڏانهن هٿ ڊگهيرڙو ڪن ته انهي جو مطلب ته توهان انهن کي پئسه ڏيو. جيڪڏهن پئسه نه ڏيندا يا مزاحمت ڪندا ته پوءِ توهانجي جان کي خطرو به ٿي سگهي ٿو.

مون جڏهن اهو هنن جي واتان ٻڌو ته دل ۾ چوڻ لڳس ته يار هتي ته اچي پڳ اندر مڙئي اڳڙيون لڳيون پيون آهن. هيتري ساري بجيٽ ۽ جديد قسم جا اوزار، تنهن جي باوجود به ايترو سنگين ڏوهه، جتي هي ايترو بي وس آهن جو خبر هوندي به فلاڻي علائقي ۾ ڦر ۽ خون خوار قسم جون وارداتون ٿين ٿيون. بجاءِ ان تي ڪنٽرول ڪرڻ جي اسان کي نصيحت ٿا ڪن ته پاءُ گهمڻ آيو آهين هن شهر کي ته ڪجهه رضا خوشي اسان جي ڏوهارين سان وهندو وڃ. مون جڏهن هن کان پڇيو ته ڇاجي ڪري توهان انهن کي ايتري ڍر ڏيو ٿا، جو هو ايترو سارو ڏوهه ڪن ۽ توهان انهن علائقن کان واقف به آهيو؟ جواب

صرف ڪنڌ کي هلائي ۽ مرڪي ڏنائين. باقي هڪ لفظ ڪونہ چيائين. مون انکي صرف اتي ايترو چيو تہ پاڻوجيڪڏهن جيڪي وسيلا تو وٽ آهن، انهن جو مونکي صرف چوٿون حصو ڏيو پوءِ جيڪڏهن هن شهر ۾ ڪوئي ڏوهہ ڪهڙي بہ ڪنڊ ۾ ٿئي تہ منهنجي ذميواري. انهيءَ تي بہ صرف ڪنڌ کي لوڏي ۽ مرڪي ڏنائين. باقي زبان سان ڪجهہ هڪ لفظ بہ ڪونہ چيائين تہ اسان جون ڪهڙيون مجبوريون آهن جو انهن مخصوص علائقن ۾ پنهنجي سيڪيورٽي نظام کي بهتر بڻائي سگهون.

خير سان ٽريننگ جو مرحلو پورو ٿيو ۽ اسان کي هڪ تقريب ۾ ڪورس جي مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ ڏنائون. اتي جيڪي زال مڙس اسان کي پڙهائڻ ايندا هيا تہ سائوٿ آفريڪا جي هڪ ڇوڪري انهن کان هڪ سوال ڪيو تہ آمريڪا جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو مسئلو ڇا آهي؟ انجي جواب ۾ پروفيسر صاحب چيو تہ آمريڪا جو سڀ کان وڏو مسئلو عورت کي آزادي ڏئي هينئر اسين پنهنجو مٿو پٽيون پيا.

وڏيڪ چيائين تہ آمريڪا ۾ انهيءَ ڳالهہ جو احساس آهي تہ عورتن کي وڏيڪ آزادي جي ڪري اسانجي سوسائٽي خراب ٿي وئي آهي ۽ چيائين تہ انهي آزاديءَ جي باوجود آمريڪا ڪڏهن بہ ملڪ جي صدر عورت ڪونہ منتخب ڪندو. ٻيو چيائين تہ آرٿوڊيڪس ۽ عورت کي آمريڪا جو صدر ٿيڻ ڪڏهن بہ قبول ڪونہ ڪندي، باوجود انهي جي هو ڪيترا بہ اهل هجن. آمريڪا جي تاريخ ۾ پروفيسر جي چوڻ مطابق هڪ صدر آرٿوڊيڪس ٿيو تنهن کي ادارن خاموشي سان زمين دوز ڪري ڇڏيو. پروفيسر جي ڳالهہ سان ڪير اتفاق ڪري يا نہ ڪري، اهو تہ هر هڪ جو پنهنجو فيصلو آهي.

منهجي لاءِ اهي ٻئي ڳالهيون اچرج جهڙيون هيون تہ دنيا ۾ تہ اهو ڇيو وڃي ٿو تہ آمريڪا سيڪيولر ۽ لبرل آهي پر هتي تہ حساب ٻيو پيو هلي.

*یہ موسم یہ دوری*

محبوبن جي سڪ ۽ اڪير روز بروز وڌندي وڃي. اتان ڳالهائڻ وڏو جهاد وارو ڪم هوندو هيو. پاڪستان ۾ فون جو نظام انوقت ايترو سنو ڪونہ هوندو هيو. ٽيليفون بوٿ تي وڃون ۽ ڪوارٽر جا سڪا ساڻ ڪيسي جام وجهي وڃون . ٽيندو ايئن هو جڏهن اتان واشنگٽن کان فون گهمايون پاڪستان تہ ايئن ٿيندو هو جيئن

''آسمان سے گرا اور کھجور میں اٹکا''

پاڪستان ۾ پهريون پالو پوندو هيو گيٽ وي جي آپريٽر سان، هڪ تہ گهڻي دير کان پوءِ فون اٽينڊ ڪندو، پوءِ وري جتي ڳالهائڻو آهي، اهو نمبر وٺندو ۽ اتان اهو نمبر ملائي ڏيندو، وري اتان ڪڏهن ڪو فون جي ويجهو هوندو تہ جلدي يا دير سان ڪڻندو وري جيڪڏهن ڪنهن ٻئي فون کنيو تہ اڳ ۾ اهو وري پنهنجي ڪماڻي ٻڌائيندو انهي کان پوءِ جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏنو ۽ محبوبہ اتي آهي تہ ڳالهائڻ ٿيندو، نہ تہ عمومن ايئن ٿيندو هيو تہ بس ٿوري دير بيهہ. پاڙي وارن ۾ ڪو ڪم ڪار هيو يا ڪو فنڪشن اوڏانهن ويل آهن. ٽيستائين هر اڌ منٽ ۾ ڪوارٽر جو سڪو وجهندا وڃون، ڪڏهن ڪيسو خالي پر محبوبن جو آواز ٻڌڻ نصيب ڪونہ ٿئي. پوءِ ميلي تان ڦريل ماڻهو وانگر آڳرين مان نڪاءُ ڪيندو واپس.

ڪورس ختم ٿيڻ تي دوست واپس پاڪستان ڏانهن وريا ۽ اسان دل پشوري ڪرڻ ۽ گهمڻ خاطر آمريڪا جي شهر ميامي ڏانهن وياسين. ميامي جي آب و هوا ايتري ٿڌي ڪانه هئي جيتري واشنگٽن ۾ هئي. ساموندي پٽي کي خوب سنواريو اٿن. بيچز کي صاف سٿرو رکيو اٿن. جنهن ڪري دلڪش ۽ نظر کي وڻندڙ لڳن پيا. باقي جيڪو ڪجهه بيچز تي اتي ٿئي پيو اهو به عجيب نظارو هيو

هڪڙي پاسي سمنڊ جون ڇوليون ته ٻئي طرف مچوليون. مان بيچ کان واپس آيم پي ته جنهن پل جي مٿان گذري وياهياسين ڏٺم ته پل غائب آهي ۽ ٻنهي پاسي گاڏين جون قطارون لڳي ويون.

مونکي سمجهه ۾ ڪونه پيو اچي ته هن پل کي ڇا ٿيو. ٿوري دير ۾ جتي پل غائب ٿي وئي هئي، اتان اچي هڪ وڏو ساموندي ٻيڙو گذريو. جيئن ساموندي ٻيڙو گذريو تيئن ٻن منٽن جي اندر پل پنهنجي جاءِ تي اچي بيٺي. يعني جڏهن ڪوئي ساموندي جهاز گذرڻو هوندو آهي ته اها لوهي پل هڪدم فولڊ ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ گڏوگڏ گهنٽي جو آواز اچڻ شروع ٿي ويندو آهي، انهيءَ جو مطلب ته هاڻي توهان اتي بيهي رهو ٻئي حڪم تائين. وري جڏهن بحري جهاز اتان لنگهي ويندو آهي ته پيهر اها پل انفولڊ ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ گرين لائيٽ ٻرندي آهي، جنهن جو مطلب ته هاڻي توهان هن پل جي پٽي مٿان چڙهي ٻئي پاسي ڏانهن وڃو.

ميامي کان پوءِ ڊزني ورلڊ گهمڻ لاءِ ويس. جتي مون گهمڻ ۾ پورا ٻه ڏينهن لڳايا. پر ڪنڊ جو نالو ڪونه وٺي. ڪنهن دوست ٻڌايو ته اجان ٻيا ٻه ٽي ڏينهن گهمندين ته شايد پوري ڊزني ورلڊ ڏسي سگهين. بهرحال ماحول شانتي ۽ امن وارو هيو. گهمڻ لاءِ دل ڌاپي ڪانه پئي، پر مونکي ان کان پوءِ واشنگٽن ۽ اتان کان ٽورنٽو ڪينيڊا ڏانهن وڃڻو هيو جتي سائين غلام حسين منهنجو انتظار پيو ڪري. آمريڪا هڪ سرسبز شاداب علائقي سان گڏوگڏ اتي هر ڪنهن کي آزادي آهي ته ڪير ڇا ٿو ڪري ۽ ڇوٿو ڪري. ڪنهنکي ڪنهنجو فڪر ڪونهي. پاڻ ڪمايو ۽ پاڻ کائو جيڪا هڪ جانور واري سوچ جو انداز آهي. جانور هميشه پنهجي پيٽ ڀرڻ جي لاءِ سوچيندو آهي، باقي وڳ جي هن کي ڪا پرواهه ڪانه هوندي آهي. ماڳهين پاڻ کان ڪمزور جانور جو گاهه به زوري کائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پوءِ صرف ڏنار ان ڪمزور کي گاهه کارائڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

مان ميامي‌ءَ کان واپس واشنگٽن ۽ اتان ٽورنٽو ويس. ميامي‌ءَ جي مقابلي ۾ ٽورنٽو ڪافي ٿڌو هيو ۽ آڪٽوبر جو مهينو شروع ٿي چڪو هيو. سائين غلام حسين اڳئي اتي آيل هيو. مان جيئن ايئرپورٽ تان نڪتس ته سائين ڄامڙو صاحب ٻاهر بيٺو هيو. سامان گاڏي ۾ وجهي سڌو پنهنجي گهر وٺي آيو. سائين غلام حسين جي هڪ شادي ڳوٺ ۾ ٿيل هئي، جيڪا سندس گهرواري هينئر فوت ٿي وئي آهي ۽ ٻي اتي هڪ جرمن خاتون سان شادي ڪئي. گهر تمام عاليشان ۽ بهترين جڳهه تي هيو. اسان جي ڀاڄائي ماشاءَالله هڪ سلڇڻي ۽ رسم و رواج ۾ سنڌ سان گهڻي مشابهت رکندڙ ۽ شفيق عورت آهي. اسان ٽنهي گڏجي ماني کاڌي ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ گهر جي ماني نصيب ٿي هئي، سو خبر ناهي ته ڪيتريون مانيون سٽي ويم. ماني کائڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن لاءِ پروگرام ٿيو ته صبح جو گهر کان نڪري شهر ٽورنٽو گهمڻ هلنداسين. اتان پوءِ سي اين ٽاور تي چڙهي ڏسي پوءِ ناگرا فال هلنداسين.

# ناگرا فال ۽ ايبٽ آباد فال ۾ هڪ جهڙائي

ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتو ڪري سنڌاس شهر کان ٽورنٽو لاءِ روانا ٿياسين. رستي ۾ هڪ وڏي قدرتي ڍنڍ نظر آئي، جنهن جو نظارو بہ ڏاڍو خوبصورت هيو. سج جي ڪرڻن تي عجيب قسم جي ريفليڪشن ٿئي، جيڪا ڏاڍي من موهيندڙ هئي. اڳتي وري جيئن هلياسين تہ وڏو شهر بہ ڪونہ هيو. روڊ جي ڪناري تي وڏو شاپنگ مال هيو. اهڙا ۽ ايترا وڏا شاپنگ مال تہ مون اسلام آباد، ڪراچي يا لاهور ۾ ڪونہ ڏٺا آهن. جيترا شاپنگ مال اتي ڪينيڊا جي ٿوري آبادي واري علائقي ۾ هيا. تقريباً ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ ٽورنٽو پهتاسين. روڊ رستا پار ڪندي مختلف شاپنگ مال مان گذرندا وڃي سي اين ٽاور وٽ پهتاسين. ڪجهہ ماڻهو قطار ۾ بيٺل هيا. اسين بہ وڃي قطار ۾ بيٺاسين. تقريباً پنجن منٽن ۾ اسانجو بہ وارو اچي ويو. ٽڪيٽ وٺي لفٽ جي انتظار ۾ وڃي بيٺا سين تہ لفٽ جو دروازو کليو ۽ اسين ٽڪيٽ ڏيکاري لفٽ ۾ چڙهياسين. لفٽ چٽيهہ سيڪنڊن ۾ هڪ سؤ چار منزلون طئي ڪري منزل تي پهتي . لفٽ جي تيز رفتاري ايتري جو اکين کي اعتبار ڪونہ پيو اچي تہ ڪو اسين هڪ سو چار منزلون صرف اک ڇنڀ ۾ ڪري مٿي پهتاسين .

مٿي پهچڻ کان پوءِ هڪ چوڏاري اسٽيل جي گرل لڳل هئي جنهن جي سهاري اتي چوطرف گهمي پري پري تائين نظارو ڏٺوسين. اتان ناگرا فال وچڙ وارو رستو بہ پڻ نظر پيو اچي. ٽورنٽو جو سڄو شهر قدمن هيٺان پيو محسوس ٿئي. لنچ اتي ريسٽورنٽ ۾ ڪري پوءِ اتان ناگرا فال ڏسڻ وياسين. ٽورنٽو کان اوپر طرف گاڏي جو رخ ٿيو ۽ چار پنج ور وڪڙ مس ڪٽياسين تہ وڃي ناگرا فال تي پهتاسين. اسان کان اڳ ئي اتي ماڻهن جا ميڙ بيٺا هيا. اسان بہ چڱي پنڌ تي گاڏي بيهاري وڃي ماڳ تي پهتاسين. ناگرافال وٽ پاڻي جيڪو اچي پيو اهو آمريڪا جي بفيلو شهر ۽ نيويارڪ اسٽيٽ کان آيو پئي ۽ پاڻي جيڪو هيٺ ڪري پيو اهو ڪينيڊا جي حد هئي. پاڻي جي ڪرڻ جو نظارو سج جي ڪرڻن ۽ روشني جي ڪري تمام دلڪش، من موهيندڙ ۽ خوبصورت هيو. پاڻيءَ جي ڪرڻ ڪري ايئن پيو لڳي جڻ تہ چوطرف انڊلٺ وانگر رنگ برنگي ڪيتريون ساريون انڊلٺيون ٺهيون بيٺيون آهن. هر هڪ ماڻهو جي ڪوشش هئي تہ انهن خوبصورت نظارن کي پنهنجي ڪئمرا ۾ محفوظ ڪري ڇڏي. ساڳي طرح پاڪستان جي ايبٽ آباد ۾ بہ هڪ جاءِ آهي، جتي ناگرافال کان گهٽ اوچائي تان پاڻي هيٺ ڪري ٿو پر اسان پنهنجي ماڳن کي ڪا اهميت ڪونہ ٿا ڏيون . جيڪڏهن ايبٽ آباد واري ان اسپاٽ کي ترقي ونرائي باقي ايندڙ ويندڙ ماڻهن لاءِ ضروري سهولتون مهيا ڪجن تہ ماڻهو ان مان ڪافي لطف اندوز ٿي سگهن ٿا ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ ٻاهريون ناڻو بہ ڪمائي سگهجي

ٿو.

ناگرا فال کي ڏسڻ بعد واپس سنداس جي طرف روانا ٿياسين. گهر وڃي ماني ٽڪي کائي ٻئي ڏينهن ڪينيڊا جي گادي واري شهر اٽاوا ڏانهن رخ ڪيوسين. رستي تي هڪ هنڌ رات گذاريسين. رستي جي چوطرف سرسبز ۽ اڪين جا راحت بخش نظارا هيا. ٻئي ڏينهن اٽاوا شهر پهتاسين. اٽاوا جي پارليامينٽ جي اوپر اتر ۾ هڪ وڏو شاندار هوٽل هيو جنهن کي ڏسڻ سان اکين کي ڏاڍو خوبصورت نظارو وڻيو. سامان هوٽل ۾ رکي هلڪي ڦلڪي پيٽ پوڄا ڪري شهر گهمڻ لاءِ پنڌ نڪتاسين . سچ جو آخري پهر هيو شهر جي خوبصورتي پنهنجي جاءِ تي، جيڪو سج لهڻ جي ڪري ان خوبصورت شهر ۾ دلڪش نظارو هيو تنهن جو بيان ڪرڻ مونکي نٿو اچي. رستا ويڪرا سجايل ۽ من موهيندڙ نظارو هيو. جڏهن منهنجي اتي جي وڻن تي نظر پئي تہ بي ساختہ چيم تہ انهن وڻن جا ٻارڙا تہ اسان جي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ بہ رهن ٿا. انهيءَ وقت اسلام آباد جي ڪانسٽيٽيوشنل اوينيو تي اهي وڻ اڃان ٻچڙا هيا. ماشاءَ الله هينئر اهي وڻ بہ اسلام آباد ۾ ڊگهہ جوان ٿي پوئينر ٿيندا پيا وڃن. خير شهر جون پارڪون اورانگهيندا واپس اچي هوٽل پيڙا ٿياسين. بهرحال اٽاوا دنيا جي خوبصورت شهرن مان هڪ شهر آهي پر جيڪڏهن پيٽ ڪبي تہ ان وقت اسلام آباد اٽاوا کان وڌيڪ خوبصورت شهر هيو.

ٻئي ڏينهن شهر جو گاڏيءَ ۾ نظارو ڪندا واپس ورياسين. ٽورنٽو جي طرف تہ جيئن ٻئي ڏينهن مان اتان نيويارڪ وڃان. واپس موٽي اچي سنداس ۾ رات گذاري صبح جو ٽورنٽو روانا ٿياسين .

ڪينيڊا ۽ آمريڪا جي ترقي جو معيار مونکي تقريباً ساڳيو نظر آيو. لڳي ايئن پيو تہ ملڪ بہ آهن پر زندگي جي رهڻ جو معيار ۽ خوشحالي ساڳي آهي. آمريڪا ۾ ڪاري چمڙي وارا ماڻهو عام جام نظر اچن ٿا پر انجي مقابلي ۾ ڪينيڊا ۾ گهٽ. ڪاري چمڙي جي مقابلي ۾ گندمي رنگ جا ماڻهو آمريڪا کان هتي وڌيڪ نظر پي آيا. ڪينيڊا ايراضي جي پکيڙ ۾ آمريڪا کان وڏو پر آبادي جي حساب سان آمريڪا کان گهٽ آهي.

خير سان سائين غلام حسين ۽ ياجائي کان موڪلائي نيو يارڪ روانو ٿيم. چڱي جهٽ کان پوءِ جي ايف ڪينيڊي ايئرپورٽ تي اچي پهتاسين. ڇهہ ست ڪلاڪ جو ٽائيم باقي هيو انگلينڊ وڃڻ واري فلائيٽ ۾. سو مان سامان اتي جمع ڪرائي ٻاهر نيو يارڪ شهر گهمڻ ويس. نيويارڪ جون ڊگهيون جڳهون ۽ ڪاري چمڙي جي ماڻهن جي اتي اچ وڃ ڪجهہ سرس هئي، تنهن ڪري مونکي گهمڻ ۾ سڪون ڪونہ آيو. ايئن پيو محسوس ٿئي تہ جڻ مان ڪراچي جي شهر ۾ پيو گهمان. فرق صرف صفائي جو هيو. باقي خوف واري ڪيفيت ساڳي هئي. تنهن ڪري ٽوئن ٽاور جيڪو بہ هزار هڪ ۾ يهودين زمين دوز ڪيا اتان واپس وريم .

ايئرپورٽ واپس اچي فلائيٽ جو انتظار ڪيم. تقريباً ٻن ڪلاڪن کان پوءِ فلائيٽ جي اناؤسمينٽ ٿي ۽ پاڻ وڃي قطار ۾ لڳا سين، ايمگريشن ڪرائي بورڊنگ ڪارڊ وٺي پيسينجر لائونج ۾ ويناسين. لائونج جو نظارو بہ زبردست هيو. جهاز رن وي تي ايئن چڙهيا ۽ لٿا پئي جيئن ڪنهن وڏي شهر جي بس اسٽاپ تي بسون هڪ ٻئي جي پويان قطار ۾ بيٺيون هونديون آهن. صرف سيڪنڊن جو

وقفو هيو پن جهازن جي لهڻ ۽ چڙهڻ ۾. تمام بزي ايئرپورٽ هيو. خير سان اعلان ٿيو ته لنڊن لاءِ فلائيٽ تيار آهي، وڃي قطار ۾ بيٺس پن ٽن منٽن ۾ جهاز جي اندر پهچي پنهنجي سيٽ تي اچي ويهي رهيس. رات جا تقريباً ڏهه يارهن وقت ٿيو هيو جڏهن لنڊن هيٿرو ائيرپورٽ تي پهتاسين ته صبح جو سج ڪافي مٿي اچي چڪو هيو.

مرحوم مظفر ميمڻ يونائيٽيڊ بينڪ ۾ سينيئر آفيسر هيو. اهو مونکي ايئرپورٽ تان وٺڻ آيو هيو. مان جيئن ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتس ته اخبارن جو اسٽال نظر آيو ۽ وڏي سرخي سان خبر شايع ٿيل هئي ته اڄ برلن وال ختم ٿي هميشه لاءِ زمين دوز ٿي وئي. اڄ کان وٺي جرمني جو اوڀر ۽ اولهه وارو نالو ختم. ميمڻ صاحب اڳتي مونکي وٺڻ لاءِ بيٺو هيو. ڀاڪر پائي ملياسين. سامان گاڏي ۾ رکي پنهنجي گهر وٺي آيو. ميمڻ صاحب جو تعلق پريا سٽي نوشهروفيرز سان آهي. ميمڻ صاحب هڪ ملنسار ۽ قربدار دوست ۽ انسانيت جو هڪ شاهڪار آهي. گهر ماني ٽڪي کائي چيائين ته ڪجهه آرام ڪر ته پوءِ شهر جو ڦيرو هڻڻ هلون ٿا. پلنگ تي ليٽڻ سان ننڊ اهڙو ته حملو ڪيو جو خبر ئي ڪانه پئي ته ڏينهن ڪاڏي گذري ويو. وچ ۾ ميمڻ صاحب آيو پر مونکي ننڊ جي آغوش ۾ ڏسي موٽي ويو.

رات ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري شهر جي روشني تي چمڪ ڏمڪ وڌيل هئي، هيڏانهن گهمي اچي دير سان رات گهر موٽي اچي سمهي پياسين. صبح جو تازه توانا ٿي شهر گهمڻ نڪتاسين ۽ شهر جون جيڪي مشهور جڳهون هيون اهي گهمياسين. برطانيه جو پارليامينٽ هائوس، راڻي جي رهڻ وارو محل، وچ شهر ۾ اهم عمارتن جي پرسان پاڻي سان ڀريل وهندڙ ندي جا دلڪش نظارا ڏسندي پارڪ گهمندي سڄو ڏينهن گذري ويو. ميمڻ صاحب کي مون چيو ته فرانس جي گادي واري شهر پئرس لاءِ ڪو پيڪيج وٺون ته جيئن اتي گهمڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي. لنڊن مان پئرس گهمڻ لاءِ ٻن ڏينهن جو پيڪيج ورتو ۽ ٻئي ڏينهن پئرس شهر گهمڻ لاءِ ٽرين ۾ چڙهي اچي سمنڊ جي ڪناري پرسان لهي اچي سامونڊي جهاز تي چڙهياسين. اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ فرانس جي حد ۾ پهتاسين ايميگريشن وغيره ٿيو پوءِ اتان وري ٽرين ۾ سوار ٿي پئرس ڏانهن روانا ٿياسين. پنج ڇهه ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ پئرس شهر پهچي اسٽيشن کان سڌو پنڌ تي بيل ايئر هوٽل ۾ بڪنگ ٿيل هئي اتي پهچي روم جي چاٻي وٺي ڪمري ۾ سامان رکيو جيڪو هڪ بريف ڪيس ۾ هيو باقي سڄو سامان ميمڻ صاحب جي گهر لنڊن ۾ هيو. شام ٿي چڪي هئي تنهنڪري شهر جو ويجهو حصو گهمڻ لاءِ هوٽل واري کان شهر جو نقشو ورتو جنهن ۾ سڀ انفارميشن هئي ته ڪهڙي پوائنٽ تي پهچڻ لاءِ سواري جا ڪهڙا ذريعا آهن ۽ ڪيتري مفاصلي تي آهن. نقشي جي مدد سان مون ٻه چار پوائنٽ گهمڻ جو ارادو ڪري ٻاهر نڪتس. گهمندي گهمندي مختلف عمارتن کان گذرندو جڏهن بک ورايو تڏهن هڪ ريسٽورنٽ جو رخ ڪيم. هوٽل تي اچان ويهڻ ٿيو مس ته هڪ خوبصورت ڊگهي قد واري ڇوڪري آئي. اچڻ سان هاءِ ڪري پنهنجي لاءِ ٻڌائڻ لڳي ته مان نيدرلينڊ کان ۽ اڪيلي گهمڻ لاءِ آئي آهيان. جيڪڏهن اجازت ڏيو ته شيمپين ۽ ماني گڏجي کائون. ايڏي وڏي قد ۽ خوبصورت هرڻي جي چال واري ڇوڪري ڏسي دل ته ڏاڍي چوي پئي ته جيڪر هائو ڪيانس پر آمريڪا جون شروع واريون ڏٺل وڊيوز هڪدم سامهون اچي ديوار وانگر بيهي رهيون. دل تي پٿر رکي الله جي خوف کان نه

پر ونڊيوز جي ڏجائڻ ڪري چيم تہ فقيراڻي اڳتي ڪنهن ٻئي جو پاسو وٺ. لڳي پيو تہ ارمان ٻنهي کي ٿيو. جو هڪٻئي جي ڳالھہ ڪونہ مڃي سين. ماني کائي هوٽل تي اچي سمهي پيم، جيئن اکيون بند ڪيان تہ نيڌرلينڊ جي هرڻي اڳيان پئي ڦري، آخر لڇ پڇ ۾ ڪهڙي وقت ننڊ آئي خبر ناهي. صبح جو هوٽل سان پيڪيج ۾ ناشتو شامل هيو، پرپور پيٽ پري شهر گھمڻ ويس. واقعي جيئن چوندا آهن تہ پئرس جو شهر ايئن صاف سٿرو آهي، جو روڊن تي بہ پنهنجي شڪل نظر ايندي آهي. سڄو ڏينهن شهر گھمي مختلف عمارتن جو ديدار ڪندي ايفل ٽاور کان گذرندي شام ٿي وئي. هوٽل تي پهچي اچي سمهي پيم، ننڊ ايئن وٺي وئي جڻ تہ منهنجي انتظار ۾ بيقرار ويٺي هئي. موالي وارو تہ سمهڻ سان تار.

صبح جو اٿي ناشتو ڪري منجهند تائين گھمي ڦري پئرس جي ريلوي اسٽيشن تي آيس. ريلوي جا پليٽ فارم ڳڻڻ کان گھٽا جيستائين نظر وڃي پئي تيستائين رڳو پليٽ فارم هجن. منهنجو اندازو آهي تہ چاليھہ پنجاھہ پليٽفارم هوندا. اچي مسئلو ٿيو مونکي ڪهڙي پليٽ فارم واري گاڏي ۾ ويٺو آهي، جنهن کان پڇ جواب صرف فرينچ ۾ ڏئي، باوجود انهي جي تہ انگريزي بہ هو ڄاڻن پيا پر جواب فرينچ ڏين. باقي قربائتا ڏاڍا، ليڪن جواب هر ڳالھہ جو فرينچ ۾ ڏيندا، باقي وڏيڪ سمجھائڻ لاءِ بين الاقوامي ٻولي جو استعمال ڪندا هيا، جنهن مان خبر پوندي هئي تہ هن پوتار جي چوڻ جو مقصد هي آهي، يعني اشارن جي زبان جنهن جي ڪري گھمڻ ۾ آساني ٿيندي هئي.

پئرس جون جايون ۽ رستا ايترا تہ صاف ۽ سٿرا هيا ٻن ڏينهن جي لڳاتار گھمڻ جي باوجود منهنجي بوٽ کي پئرس جي مٽي نصيب ڪانہ ٿي.

# پئرس کان لنڊن روانگي ۽ مديني جا نظارا

پئرس ريلوي اسٽيشن تان ريل گاڏي جي سيڪنڊ ڪلاس دٻي ۾ سوار ٿي لنڊن لاءِ روانو ٿيس. فرانس جي ايميگريشن پوائنٽ تي پهچي برطانيه جي وچڻ لاءِ قطار ۾ وڃي بيٺس. جڏهن ايميگريشن لاءِ حاضر ٿيم ته مونکي اهو چئي واپس ڪيئن ته برطانيه جي لاءِ تو وٽ ويزه ناهي. مون چيو ته مان انگلينڊ کان ته فرانس ويو هيس ۽ سياٽي منهنجي لنڊن کان جده لاءِ ٽڪيٽ به اوڪي آهي. چيائون ته توڪي يو ڪي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سنگل انٽري واري ويزه هئي، سا تو استعمال ڪري ڇڏي، تنهنڪري توکي واپس پئرس وڃي ٻيهر برطانيه ۾ داخل ٿيڻ جي ويزه وٺڻي پوندي، تنهن کان پوءِ توهانجي برطانيه ۾ انٽري ٿيندي ڏاڍا ايلاز منٿون ڪيون پر هڪ به ڪانه ٻڌن. منهنجي کيسي ۾ ڪل هڪ سئو ويهه يا پنجويهه ڊالر هيا. مايوس ٿي واپس ريلوي اسٽيشن تي آيم. ٽائيم ٽيبل ڏٺم ته آخري ٽرين پئرس ڪهڙي ويندي پئرس ته جيئن رات ان ۾ گذري ته جيئن هوٽل جو ڪرايو بچي پوي. افسوس جو آخري ٽرين جو ٽائيم تقريباً سج لهڻ جي ٽائيم تي هيو. سو مجبوري طور انهيءَ ريل گاڏي جي ٽڪيٽ وٺي وڃي رات جو تقريباً يارهين وڳي پهتس.

ريلوي اسٽيشن تان سڌو ساڳي هوٽل ۾ ويس ۽ ڪائونٽر تي ويم ته ساڳيو همراهه وينو هيو. تنهن مونکي انهيءَ ساڳي ڪمري جي چاٻي ڏني مان وڃي سمهي پيس. اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ رسيپشن تان فون ڪري چيائين ته جينٽل مين هي ڪمرو ته اسان ڪنهن ٻئي کي الاٽ ڪري چڪا آهيون، تنهنڪري تون ويهه انتظار ڪر ته توکي ٻيو ڪمرو ڏيون. مون ننڊ ٻارڪي آواز ۾ چيو ته برادر مان ڏاڍو ٿڪل آهيان ۽ ننڊ ۾ آهيان، مهرباني ڪري انهيءَ کي ڪو ٻيو ڪمرو ڏي. چيائين اوڪي. مان سمهي پيم. مون صبح جو رسيپشن واري کي ٻڌايو ته يار مون سان هي واقعو ٿي ويو آهي، اڄ رات منهنجي فلائيٽ آهي سعوديه لاءِ ۽ مون وٽ ڪل کيسي ۾ هڪ سؤ ۽ ڏهه ڊالر آهن. هن مونکي هڪ سو ڊالر جي بدلي ۾ سو ويهه يا پنجويهه فرينڪ ڏنا ۽ هوٽل جي ڪرائي ۾ رعايت ڪيائين. ڪمري جي ڪرائي جا هن هڪ سؤ فرينڪ ورتا. باقي مون وٽ به سو ۽ ويهه فرينڪ بچيا ڪوشش هئي ته صبح سوير جيئن ايمبيسي کلي تيئن برطانيه جي ايمبيسي وڃي ويزه هٿائي لنڊن روانو ٿيان. ٽيڪسي ورتم چڙهي روانو ٿيس ٽيڪسي جيڪڏهن رش سبب ڪٿي بيهي ته به ميٽر ساڳي رفتار سان پڇي پيو. جيئن ميٽر جي رفتار تيز ٿيندي پئي وڃي ايتري رفتار ۾ منهنجي دل سست ٿيندي پئي وڃي، خير سان ايمبيسي جي در تي لاٿائين مان پهريون شخص هيس جيڪو اسٽاف کان علاوه اتي پهتو هيس. ويزه لاءِ پاسپورٽ اڳتي ڪيم ته ويزه آفيسر منهنجي مٿان بم جو ڌماڪو ڪيو. چيائين

تہ هڪ سو اسي فرينڪ سروس چارجز جمع ڪراءِ . منهنجي ڪيسي ۾ ڪل هڪ سو سٺ فرينڪ ويهہ ٻاويهہ ڊالر هجن. خير ايمبيسي وارن کي سو سٺ فرينڪ ۽ ڇهہ ڊالر ڏنا ويزه لڳي مليو. هاڻي مون وٽ ڪل پندرهن سورهن ڊالر هجن. جڏهن تہ پئرس کان پورٽ تائين هڪ سو ويهہ فرينڪ ريل گاڏي جو ڪرايو هيو. مون پاڪستان ايمبيسي فون ڪيو. اتان جواب مليو تہ توهان ايمبيسي اچو. ٻيو مون فون ڪيو يونيسڪو UNESCO جي آفيس ۾، اتي ڊاڪٽر اعجاز حسين پاڪستان جو نمائندو هيو. ڊاڪٽر اعجاز منهنجو استاد هيو. قائد اعظم يونيورسٽي ۾ ۽ اسان کي انٽرنيشنل لاءِ پڙهائيندو هيو. ڊاڪٽر صاحب ڏانهن فون ڪيم تہ خوش قسمتي سان ملي ويو مون ڪيس ٻڌايو تہ مان هتي پئرس ۾ آهيان ۽ اڄ منجهند کان پوءِ لنڊن ويندس چيائين تہ جلدي اچ ۽ پوءِ ڪنهن ٻئي پاسي وڃ. يونيسڪو جي آفيس ويجهي هئي، پاڪستان جي ايمبيسي جي مقابلي ۾ سو سڌو ڊاڪٽر صاحب ڏانهن ويس. ڊاڪٽر صاحب مليو پڇيائين تہ ماني کاڌي آهي؟ مون چيو تہ نہ، چيائين هل تہ ڪنٽين تي هلون ماني بہ کائون ٿا ۽ حال احوال بہ اتي ٿا ڪيون. سڀ کان اڳ ۾ کائڻ لاءِ گاهہ ڪنيوسين انڪان پوءِ وڃي ڪجهہ چانور ۽ شوربو چانورن تي وجهي اچي ٽيبل تي ويناسين. ماني کائيندي مون سڄو تفصيل سائين کي ٻڌايو. چيائين فڪر نہ ڪر، تو کي گهڻا پئسہ کپن؟ مون چيو تہ صرف ريل جو ڪرايو ۽ برطانيہ جي حد ۾ بہ ريل گاڏي جو ڪرايو. انهيءَ بلڊنگ ۾ هڪ جاءِ ريل گاڏي جي بڪنگ جي آفيس هئي اتي وڃي ٽرين جي بڪنگ ڪرائي اطمينان سان واپس موٽياسين. ڊاڪٽر صاحب کان موڪلائي برطانيہ روانو ٿيس. خير سان ريل گاڏي رستي سي پورٽ وٽ ايميگريشن ڪرائي، بحري ٻيڙي تي سوار ٿي برطانيہ جي حد ۾ داخل ٿياسين. اتان ٽرين جي ذريعي لنڊن پهتس تہ ميمڻ صاحب وٺڻ لاءِ اتي پهچي چڪو هيو. ڇوتہ جڏهن مان ايميگريشن ڪرائي فارغ ٿيم تہ اتان ميمڻ صاحب کي اطلاع ڏئي ڇڏيو هيم. رات جي ماني کائي ايئرپورٽ ڏانهن راهي ٿياسين .

لنڊن کي ڏسڻ وارو ڏينهن ۽ رات ٻاهر گذري ويو جو صحيح طرح لنڊن ڪونہ گهمي سگهيس. منهنجي پروگرام مطابق مان آخري هڪ ڏينهن لنڊن جي گهٽين ۽ پارڪن ۾ گذارڻ جو هيو. انهيءَ ۾ الله سائين جي ڪا حڪمت هوندي جو ايئن ٿيو.

رات جو تقريباً ڏهہ وڳي سعوديہ ايئر لائين جي ذريعي جده لاءِ روانگي ٿي. صبح جو سج مٿي چڙهي آيل هيو جو جده ايئرپورٽ پهتاسين. هڪ بروهي دوست کي چيل هيو جنهن ايئرپورٽ جي ٻاهران پئي انتظار ڪيو. ايميگريشن جي قطار ۾ وڃي بيناسين، مون کان اڳ ۾ صرف اٺ ڄڻا هيا ۽ منهجو نائون نمبر هيو. ايميگريشن تي اسٽاف انسان دشمن وينو هيو. قطار مان اڳئين ماڻهو کان پاسپورٽ وٺي اتي پاسپورٽ رکي پرواري ساٿي ڏانهن ويو ۽ پاڻ ۾ گپ شپ ڪرڻ ويهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ چانهہ يا کهوه گهرائي پيتن، وري پاڻ ۾ ڪل ۾ اونڌا. تقريباً مني ڪلاڪ کان پوءِ واپس آيو ٻن يا ٽن جي ايميگريشن ڪري ٻئي همراهہ کان پاس پورٽ وٺي وري اتي هليو ويو ويهن پنجويهن منٽن کان پوءِ واپس اچي وري بہ پر واري ايميگريشن اسٽاف وٽ اچي مزي سان ويهي رهيو. پندرهن ويهہ منٽ گذرڻ کان پوءِ واپس آيو. آخر منهنجو بہ پاسپورٽ ورتائين، ڏسي نپو هڻي پاسپورٽ ڏنائين. مونکان پوءِ باقي وڏي قطار هئي اهي ڪڏهن فارغ ٿيا خبر خدا کي، باقي مونکي اتي پوڻا بہ

ڪلاڪ ويهڻو پيو. اڳيان وري ڪسٽم وارا ته صفا حضرت عزرائيل جا ڪي ويجها مائٽ لڳا پيا هيا. مونکان اڳ واري ماڻهو ڇاپي ڳولهڻ ۾ ٿوري دير ڪئي ته ڇريءَ سان سڄي سوٽ ڪيس کي چيري ڦاڙي سامان هيڏي هوڏي اڇلي چيڪ ڪرڻ لڳا. جيئن پوليس ڪنهن گهر جي جهڙتي وٺندي آهي، پوءِ غريب جي مال کي لاپرواهي سان اڇليندا آهن.

جل تون جلال تون، آئي بلا ٽار تون.

مون جڏهن پنهنجو سامان اڳيان رکيو ته بغير کولڻ جي چاڪ سان نشان ڪري اڳتي اچلائي ڇڏيائين. سامان کڻي ٻاهر نڪتس ته بروهي صاحب بيٺو هيو چيائين ته واجه انت حالي.

يار بس هاڻي جلدي ڪر هتان نڪري هلون ڏاڍو بيماري بيماري ٿڪايو اٿن. مون چيو ته جيڪڏهن هتي مکو ۾ مدينه نه هجي ها ته مان ڪڏهن به هيڏانهن منهن به ڪونه ڪيان پر يار ڇا ڪجي، ڪنين جي ڪاڻ ڳئون چاريم ڳوٺ جون.

خير اتان ايئرپورٽ مان نڪري مکي مبارڪ ڏانهن روانه ٿياسين. جده جي ٻاهران هڪ مسجد هئي ۾ چيائين ته هتي لهو ۾ احرام ٻڌو. احرام اتان بروهي صاحب خريد ڪري آيو ۾ احرام ٻڌي لبيڪ جا نعره هڻندي مکي ڏانهن روانا ٿياسين. پاڪستان هائوس وياسين ته ڪو ڪمرو وٺون. جڏهن ڪمري جا ريٽ ٻڌايا ته دوست چيو ته ڇڏ پاڪستان هائوس کي، ان کان ته سستا هوٽل آهن. اتان واپس وڃي هوٽل ڪرائي تي وٺي جيڪو پاڪستان هائوس کان ڪافي سستو هيو. سامان رکي وضو تازو ڪري ڪعبته الله شريف جي حاضريءَ لاءِ پيادل روانو ٿيم. الحمدلله عمرو نصيب ٿيو الله جي در جي حاضري پري به تي ڏينهن اتي رهي. مڪه مبارڪ جون زيارتون جبل نور، جنت المولیٰ ۾ امهات المومنين حضرت بي بي خديجت الڪبريٰ جي آخري آرامگاه آهيءِ عرفات اهو مقام آهي جتي حاجين جو حج قبول پوندو آهي، انهي کان علاوه اتي جبل رحمت آهي، جنهن جاءِ ڏاڏو آدم ۾ ڏاڏي حوا ٽي سو سال جدائي کان پوءِ ميدان عرفات ۾ هڪٻئي سان مليا. آخري خطبه حج پاڪ ڪريم جن جبل رحمت وٽ اٿ تي ويهي امت کي ڏنو. مزدلفه اهو مقام آهي، عرفات کان حاجي مغرب آذان وقت مغرب نماز بغير پڙهي نڪري مزدلفه ڏانهن ويندا آهن ۾ جهڙي وقت پهچن اتي اڳ ۾ نماز مغرب ادا ڪري پوءِ نماز عشاء پڙهندا آهن. فجر نماز کان پوءِ وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ هتان کان پٿريون کڻي ويندا آهن، پوءِ منيٰ ۾ قرباني ڪري مٿي جا وار ڪوڙائي تڙ ڪري احرام لاهيندا آهن. منيٰ جتي حج جا پانڌيئڙا اٺ ذوالحج جو اچي اتي رهندا آهن ۾ ٻارهين يا تيرهين تائين اتي قيام ڪندا آهن. منا ۾ قيام ڪرڻ وقت هڪ دفعو ڪعبته الله وڃي عمره ادا ڪندا آهن. پهرين ڏينهن وڏي شيطان ۾ عمره ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ٽنهي شيطانن کي پٿريون هڻندا آهن. انهن سيني مبارڪ جاين جا ديدار ڪري پوءِ يثرب جي والي شهنشاهه مدينه جي در جي حاضري لاءِ روانو ٿيم. مالڪ ڪريم جا اڻڳڻيا احسان جو مدينه المنوره ۾ حاضري نصيب ٿي . 1989ع ۾ مسجد الحرام ۾ مسجد نبوي جي توسيع ڪانه ٿيل هئي، ان وقت مسجد الحرام جي ٻاهران روڊ هيو جنهن تي ٽريفڪ هلندي هئي. جتي هينئر وڏو ٽاور آهي، اتي ترڪ بادشاهن جو قلعو تعمير ڪيل هيو جيڪو اتي قائم هيو. جتي هينئر ڪنگ فهد جي نالي وارو گيٽ آهي، اتان پڪو رستو گذرندو هيو. ايترا وڏا هوٽل ڪونه

هوندا هيا.

اهڙيءَ طرح مسجد نبوي به ايتري وڏي ڪانه هئي، جتي هينئر اتر طرف ڇتيون لڳل آهن، اتي هوٽل هيا، جن ۾ اسان رهياسين ۽ اتي پرپاسي ۾ بازار هئي. مسجد نبوي صرف اندر لڳل ڇتين جي پويان باب مجيد تائين هئي ۽ ان جي اتر طرف ٽين جون ڇتيون هيون.

الحمدلله منهنجي پهرين حاضري وچي رياض الجنته ۾ ٿي. انوقت رات جو ٻارهين وڳي مسجد نبوي جا دروازه بند ٿي ويندا هيا ۽ تهجد جي ٽائيم دروازا کلندا هيا. جنت البقيع به سادو سودو هيو پر پُر وقار زيارتون ڪرڻ جو خوب موقعو مليو. مسجد قباء، مسجد جمعه، مسجد ستين جنگ خندق جي وقت جنهن جاءِ تي اصحابي سڳورن نمازون ٽوليون ڪري پڙهيون هيون، انهن جاين تي ست مختلف نالن سان مسجديون هيون، جيڪي هينئر شهيد ڪري حڪومت وڏيون مسجديون تعمير ڪيون آهن. مسجد قبلتين، جتي نماز پڙهڻ لاءِ ڪعبته الله ڏانهن رخ ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ٿيو. انهي کان اڳ بيت المقدس ڏانهن نماز پڙهڻ لاءِ رخ ڪيو ويندو هيو. جبل احد ۽ اها جاءِ جتي پاڪ ڪريم جن شديد زخمي ٿيا هيا ۽ احد پهاڙ تي ٿورو مٿي وڃي ٽيڪ ڏئي آرام فرمايو هين. جبل احد کان ڏکڻ طرف باغ ۽ کوهه جيڪو حضرت عثمان غني يهودي کان خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. اڄ تائين انهيءَ باغ جي جيڪا آمدني ٿيندي آهي اها حضرت عثمان غنيؓ جي هلنڊڙ اڪائونٽ ۾ جمع ٿيندي آهي. به ٽي سال اڳ مونکي دوست ٻڌايو ته هن وقت حضرت عثمان جي اڪائونٽ ۾ ستر ملين ريال آهن، جن مان حڪومت سوچي پئي ته ان رقم مان ڪو هوٽل تعمير ڪري اهي پئسه استعمال ڪن. مسجد قبه جي اوپر ڏکڻ ڪنڊ تي هڪ کوهه هيو جنهن ۾ نبي سائين جي نالي واري مهر ان کوهه ۾ ڪري پئي هئي، جيڪا پاڻي ڪيڙڻ کان پوءِ به ڪانه لڌي. ان کوه جي اوپر طرف اهو مقام هيو جتي حضرت علي سائين جن جي ٽيپهري جي نماز جو وقت قضا ٿيو جو پاڪ ڪريم جن سندن ستر مبارڪ تي مٿو رکي آرامي ٿيا هيا، جنهن جي ڪري نماز نه پڙهي سگهيان . جڏهن پاڻ ڪريم جن آرام مان اٿيا ته حضرت علي سائين جي پريشاني کي محسوس ڪندي پڇيو ته ڇاجي ڪري پريشان آهيو؟ چيائون ته نماز پڙهي ڪين سگهيس ۽ نماز جو وقت گذري ويو. جنهن تي پاڻ ڪريم جن حضرت علي سائين جي خواهش مطابق سج کي واپس ٽيپهري جي نماز تي گهرائڻ لاءِ رب ڪائنات کي عرض ڪري سج واپس گهرايو ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه وقت جي نماز ادا ڪئي .

انهي جاءِ کان اوپر ڏکڻ طرف يهودي جو قلعو هيو جنهن کي قتل ڪيو ويو هيو. جيڪو نبي سائين جي شان ۾ گستاخي ڪندو هيو. ان قلعي جي اتر ۾ تقريباً ميل ڏيڍ پنڌ تي اهو باغ هيو جتي حضرت سلمان فارسي غلام هيو. يهودي وٽ ۽ يهودي شرط رکي هئي ته مان تڏهن حضرت سلمان فارسي کي آزاد ڪندس، جڏهن هي باغ پوکيندو ۽ انهن ڪجين جو پڪل ڦل مان کائيندس. جيڪا نبي سائين شرط قبول ڪئي ۽ پاڻ ڪريم جن ان يهودي کي چيو ته ڪجيءَ جون ڇڪيون ڪٺي اچ ۽ اسين اهي ڪجيون پوکينداسين. جيڪي نبي سائين پنهنجي هٿن مبارڪن سان اهي ڪجين جون ڇڪيون پوکيون ۽ صبح جو الله جي حڪم سان انهن پوکيل نئين ڪجين ۾ پڪل ڪارڪون ٿيون ۽ واعدي

مطابق حضرت سلمان فارسي کي غلاميءَ مان آزادي ملي ۽ حضرت سلمان پوءِ هميشہ جي لاءِ نبي سائين جي قرب ۾ صحبت جو غلام ٿي ويو. ۽ اهي ڪجيون 1989ع ۾ موجود هيون جن جو مونکي ديدار نصيب ٿيو. دل هميشہ ايئن چوندي آهي: ـ

الا مونکان نٿا وسرن، مديني جا نظارا.

# پهرين پار ڏانهن سفر

مدينة النبيﷺ جي ديدار جو شوق هر مسلمان کي رهيو آهي ۽ هميشه رهندو. انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته حج يا عمري جو ڪوئي اهڙو ارڪان ڪونهي، جنهن جو واسطو مدينته المنوره سان هجي. ليڪن جيستائين مسلمان حج يا عمره کان اڳ يا بعد ۾ محبوبِ خدا جي شهر ڏانهن رخ نٿو رکي، تيستائين سندس دل بيقرار رهندي. مڪي ۽ مديني جي مزاج ۾ وڏو فرق آهي. بيت الله ۾ جلال آهي، تنهن ڪري مڪ مبارڪ جي رهائش پذير ماڻهن ۾ سختي آهي. مدينته المنوره رحمت العالمين جو شهر آهي، اتي ماڻهن ۾ نرم دلي ۽ رحم واري ڪيفيت آهي. رحمت جو نزول ڪعبته الله آهي، ان رحمت کي ورهائڻ وارو مديني جو مير آهي. ايئن چئو ته رحمت جو جنريٽر مڪي ۾ آهي انهيءَ رحمت جي ڊسٽريبيوشن يا گرڊ اسٽيشن مديني ۾ آهي.

منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته مڪ مبارڪ ۾ توهان گرم موسم ۾ ڪٿان به ڪعبته الله شريف ڏانهن ايندئو ته توهان جي جسم ۾ پگهر اچي ويندو. مديني جي مير جي حاضري لاءِ توهان شهر جي ڪهڙي پاسي کان ويجهو يا پري کان اچو توهان جي جسم تي پگهر ڪونه ايندو.

الله جي باري ذات کي اهو پسند آهي ته سندس ٻانهو پگهر جي بدبوءِ سان ان جي گهر حاضري ڏيڻ اچي ته انکي قبول آهي. پر ساڳيو ٻانهو جيڪڏهن الله جي محبوب جي حاضري لاءِ وڃي ته الله سائين اهو نٿو برداشت ڪري ته منهنجو ٻانهو منهنجي حبيب وٽ وڃي ۽ جسم تي پگهر جي بدبوءِ کڻي وڃي. تنهنڪري رب ڪائنات پنهنجي ٻانهي تي پگهر کي اچڻ جي اجازت نٿو ڏئي، جنهن ڪري الله جي محبوب جي حاضري وقت اسان جي جسم تي پگهر نٿو اچي.

اهو گهٽ ۾ گهٽ مون سان ته ايئن ٿيندو آهي، باقي دوست جيڪي ويا هوندا انهن جو پنهنجو تجربو آهي، جيڪي هو پاڻ سمجهندا هوندا. جيڪو ڪجهه مون مٿي ذڪر ڪيو آهي انجو واسطو منهنجي ذاتي ڪيفيت سان آهي. مان نه اهو ڪٿي پڙهيو نه ئي وري ٻڌو آهي.

مون کان ڪنهن پڇيو ته اهو ائين ڇو آهي ته مديني جي مير کي الله جي ذات پنهنجي گهر کان پري رکيو آهي؟ انهي جي ڇا حڪمت آهي، اهو مالڪ ٿو ڄاڻي يا حبيب خدا ٿو ڄاڻي، ليڪن جيڪو منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن حبيب خدا آخري آرام گاهه مدينه کان علاوه هجي ها، يعني مڪ مبارڪ ۾ ته پوءِ شايد اسين ان سڪ ۽ اڪير سان شايد حبيب خدا ڏانهن نه وڃون ها، جهڙي طرح هينئر وڃون ٿا. ٻيو اهو به ٿي سگهي ٿو ته الله سائين پنهنجي حبيب جي شان کي وڌائڻ ۽ عوام

کي ٻڌائڻ لاءِ ايئن ڪيو آهي ته جڏهن منهنجو ٻانهو ڪعبته الله ۾ آهي ته ان وقت انجو سڄو ڌيان صرف مون الله ڏانهن هئڻ گهرجي. جنهن جو مطلب ته اسان کي الله جي ذات کان علاوه ڪنهن ٻئي جي حاضري صرف نالي ماتر ٿيندي، تنهن ڪري الله جي ذات بابرڪات چاهيو ته جڏهن منهنجو ٻانهو منهنجي حبيب جي حاضري ۾ وڃي ته ادب ۽ احترم سان وڃي، جيڪڏهن بي ادبي ڪندو ته مان الله انجي اعمالن کي ضايع ڪري ڇڏيندس، انهيءَ ڪري پنهنجي حبيب جو شان وڌائڻ خاطر پنهنجي حبيب کي ٻئي شهر ۾ نمبر ون جي حيثيت ۾ رکڻ لاءِ مدينه المنوره کي پسند ڪيو. الحمدلله رب ڪائنات جا اڻ ڳڻيا احسان جو مونکي انهي کان پوءِ به دفعه حج ۽ پنج ڇهه دفعا عمره جي نعمت سان مالامال ڪيو آهي، جنهن لاءِ مون مسڪين وٽ الفاظ ناهن جو احسان کي مان ڳڻائي سگهان.

هن وقت ڪجهه حالتون صحيح ناهن، ڇوته ڪجهه پاڪستان جا ٽريول ايجنٽ ماڻهن کي بي وقوف بڻائي ڌڪيائي ۾ وجهن ٿا. تازو هاڻي منهنجي هڪ دوست سان واقعو ٿيو آهي، جنهن سان ٽي ڏينهن اڳ ملتان ۾ مليس. هي دوست ملتان کان ٻن هفتن جي پيڪيج تحت حرمين شريفين ويو. پهريان مدينه المنوره انهيءَ کان پوءِ مڪ مبارڪ ۾، مديني ۾ ته الحمدلله سڀ خير خيريت سان گذري ويو. مڪ مڪرمه ۾ هن کي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوٽل جي انين منزل تي يرغمال ڪري بند ڪيو ويو. چار ڏينهن هن کي حرم پاڪ تائين وڃڻ ڪونه ڏنائون ۽ ٻاهران بند ڪري چار پنج همراهه پهري تي ٻاهران وينا هوندا هيا. سي سي ٽي وي جو نظام صرف ان انين فلور جو مڪمل طور بند، باقي سيني منزلن تي سي سي ٽي وي ڪم ڪري پئي. ساڳئي فلور تي ٻين ڪمرن ۾ به ماڻهو يرغمال بڻايل هيا. دوست ٻڌايو ته ڪمري ٻاهران پاڻ ۾ ايتري تيز آواز ۾ ڳالهائن پيا جو مان سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ اندران ڏسي سگهان پيو. هڪٻئي کي اهو چون پيا ته نه اسان پنيان پاڪستان مان ڪنفرم ڪرايو آهي ته هيءَ ماڻهو آساني سان پنجاهه لک ڏئي سگهي ٿو. جيڪڏهن هي انهي لاءِ تيار ناهي ته پوءِ هن جو پٽ فلاڻي اسڪول ويندو آهي، انکي اتان ٿا گم ڪرايون. دوست کي جنوري جي ٽئين هفتي واپس ملتان پهچڻو هيو. بهرحال فلائيٽ تائين وڃي ڪونه سگهيو. تنهن ڪري ٽڪيٽ به زيان ٿي ويئي. ڇئن پنجن ڏينهن کان پوءِ پنج ئي ڄڻا پاڻ ۾ مشورو پيا ڪن ته هن فلاڻي ڪمري واري کي ڪنهن بدو جي حوالي ڪري ڏيون ته سٺا پئسه ملي ويندا. ڳالهائڻ کان پوءِ چار هليا ويا ۽ هڪ ڄڻو ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي اکيون ٻوٽي وينو ته دوست آرام سان اندران تالو کولي ٻاهر نڪري آيس، هو جيئن ننڊ ۾هارڪو وينو هيو. تنهن کي ڳلي کان وٺي ڪجهه چماٽون ۽ لتون هڻي زخمي ڪيم. انهي دوران هن جو رڙ ڪئي ته هڪ ٻيو به پويان آيو. جنهن کي مون ڪونه ڏٺو پويان اچي اهڙي ڪا شئي مٿي ۾ هنيائين جو مان بيهوش ٿي ڪري پيم. سواءِ پاسپورٽ جي سڀ ڪجهه ڪٽي ويا، مونکي صرف شلوار قميص ۾ ويل چيئر تي ڪٽي ڪعبته الله جي در جي پرسان ٻاهر ڇڏي هليا ويا. پاسپورٽ تان ٽريول ايجنٽ جو اسٽيڪر به لاهي ويا ته جيئن اها خبر نه پئي ته هيءَ ڪنهن ٽريول ايجنسي موڪليو آهي. ڇپائين ته مان ان بيهوشي واري حالت ۾ ٽي ڏينهن اتي رهيس. جڏهن مونکي هوش آيو ته ان وقت منهنجي ياداشت ختم هئي، مونکي اها خبر نه پئي پوي ته مان ڪير آهيان ڪٿي آهيان. وضو ڪري جيئن تيئن ويل چيئر تان لهي نماز پڙهڻ ويس جڏهن سجدو ڪيم ته مٿي جي پوئين حصي ۾ سور ٿيڻ لڳو.

سور ٿيڻ جي ڪري منهنجي يادداشت بهتر ٿيندي وئي. ٻه ٽي ڏينهن ٻيا به گذريا ته چيائين مون ڪعبه کي پڪڙي الله جي ذات کي واسطي نبي پاڪ ۽ حضرت ايوب انصاري جي مهمانوازي جي صدقي عرض ڪيم ته هاڻي منهنجي واهر ڪر. چيائين ته آب زم زم پيءُ مان اچي ڪعبته الله شريف ڏانهن توجهه سان ڏسڻ لڳس. ٿوري دير هڪ انڊونيشين آيو پهريان ڪنهن زبان ۾ ڳالهايائين، انهي کان پوءِ پڇيائين ته آر يو هنگري. مون چيو ته نو آءِ ايم ناٽ هنگري؟ ٿوري دير کان پوءِ ڪجهه کائڻ لاءِ ڏئي هليو ويو ڪجهه مون کاڌو باقي اتي ويٺل ماڻهن کي ڏنو.

اجان اتي ويٺو اکين مان ڳوڙها وهن پيا ته هڪ ماڻهو آيو. جنهن پڇيو ته آپ ڪيون رو رهي هو؟ چيائين ته هنجو اهو پڇڻ پوءِ ته آواز سان روئڻ شروع ٿي ويس. ان ماڻهو مونکي تسلي ڏيندي چيو ته سعوديه ۾ ڪوئي آهي توهان جو؟ جيڪڏهن ڪنهن کي فون ڪرڻو اٿي ته هي فون وٺ ڳالهاءِ. چيائين ته مون پنهنجو موبائيل فون انهي وقت پيچي پرزا ڪري هوٽل ۾ ڦٽو ڪيو هيو ته جيئن هي موبائيل سيٽ انهن جي هٿ نه چڙهي جو ان مان منهنجي گهر ڀاتين جي ڊيٽا هنن جي قبضي ۾ نه وڃي. منهنجي يادداشت ٿوري بحال ٿي هئي پر ڪمزوري ڏاڍي ٿي وئي هئي. ذهن تي زور ڏيڻ کان پوءِ ننڍي ڀاءُ ياسين جو نالو ۽ نمبر ياد اچي ويو. مون اهو نمبر ان همراهه کي ڏنو. ان منهنجي ڀاءُ سان ڳالهايو ته توهان جو ڀاءُ لاپته ٿي ويو هيو. سو هينئر مون وٽ ويٺو آهي ۽ ڳالهايو. مون فون وٺي ياسين کي چيو ته هن نمبر تي فون ڪري ڀاءُ فون ڪيو پنهنجي ڀاءُ ۽ هن کي ٻڌايو ته مان هينئر خانه ڪعبه ۾ ويٺو آهيان. پهريون سوال مون پنهنجي ڀاءُ کان پڇيو منهنجو وڏو پٽ ڪٿي آهي؟ چيائين گهر ۾ آهي ۽ سڀ خيريت آهي، بس الله جو شڪر تون ملي وئين. ڀاءُ چيو ته توهان اتي ويهو فون بند ڪري، اسان جي ڀاڻيجي جو مڙس رياض شهر ۾ سعوديه جي سيڪيورٽي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندو آهي. پنجن منٽن کان پوءِ انجو فون آيو. جنهن چيو ته بس تون فڪر نه ڪر، انهيءَ جاءِ تي رهجان اسين پهچون ٿا. جنهن شخص جو فون هيو. اهو ماڻهو جيڪب آباد جو مگسي هيو ۽ فون منهنجي حوالي ڪري پاڻ اتي سمهي پيو. پنجن ڇهن ڪلاڪن کان پوءِ ڀاڻيجي جو مڙس ۽ ان سان گڏ پندرنهن ويهه ٻيا ماڻهو جن مان هڪ کي سرڪاري يونيفارم پاتل هيو باقي بغير يونيفارم اچي پهتا، مونکان پڇي ڳاڇي هوٽل تي آيا، اچي سي ٽي وي جو رڪارڊ گهرائي پڇا ڳاڇا ڪئي، جنهن ۾ سيني جا بيان مختلف هيا، انهن مان ٽن چئن کي گرفتار ڪري اتي ڪاروائي شروع ٿي وئي ۽ مونکي چين ته هاڻي تون هتي ڪجهه ڏينهن آرام ڪر. مون چيو ته نه منهنجهي ماءُ ڪراڙي آهي، سڀ پريشان آهن، مونکي جلدي ملتان پهچايو. مونکي اتان سڌو جده ايئرپورٽ وٺي آيا ۽ اتفاق سان ڪلاڪ کان پوءِ سعوديه ايئرلائين ملتان لاءِ تيار هئي. مونکي سيڪيورٽي وارن پاڻ سان گڏ وٺي جهاز ۾ ويهاريو. جيڪڏهن سيڪيورٽي وارا نه هجن ها ته مونکي جهاز ۾ سوار ٿيڻ ڪونه ڏين ها، ڇوته منهنجي گمشده جي درخواست پاڪستان جي سفارتخاني جي معرفت سعوديه جي ادارن کي مليل هئي.

منهنجو دوست السجده ٽريول ايجنسي ملتان جي معرفت ويو ۽ هوٽل بيلورا التاج مڪه مڪرم ۾ رهيو.

اهڙي قسم جون ڪاروايون عمومن انهيءَ ماڻهو سان ٿين ٿيون جيڪو اڪيلو يا وڏ ۾ وڏ هڪ ٻيو

ماڻهو ساڻ اٿس. گروپ جي شڪل ۾ اهو ڪم انهن لاءِ آسان ناهي. دوست جي چوڻ مطابق انهيءَ هوٽل جي اٺين منزل تي انهن کي ڪمرا ڏيندا آهن. جيڪي گروپ وارا ناهن ته جيئن انهن کي آساني ٿئي. مون سان گڏ اتي ٻين ڪمرن ۾ ڪجهه ڪراچيءَ جا ماڻهو به هيا جن کي هنن يرغمال بڻايو هيو جيڪي سونري اورسيز جي نالي سان ٽريول ايجنسي ڪراچي جي آهي.

دوست جي چوڻ مطابق جڏهن مان واپس ملتان موٽي آيس ته پوءِ مونکي خيال ٿيو ته جيڪب آباد واري همراهه کي فون ڪري شڪريو به ادا ڪيان ۽ گڏوگڏ جيڪب آباد جي ائڊريس وٺي ڪيس گفٽ وغيره به موڪليان. جڏهن انهي ساڳئي نمبر تي فون ڪيو ته اتي ڪو ٻيو شخص هيو. مون ڪائنس پڇيو ته پائي جيڪب آباد واري همراهه سان ڳالهائڻو آهي، چيائين ته پاءُ هن نمبر تي ڪوئي جيڪب آباد جو مگسي ناهي توهان پليا آهيو. مون چيو ته پائي چار پنج ڏينهن اڳ ۾ هي نمبر ان دوست وٽ هيو. چيائين ته هي نمبر مون وٽ گذريل ڏهن سالن کان آهي. پوءِ مون سمجهيو ته اهو سڀ غيبي مدد هئي.

هي مون صرف انهيءَ ڪري لکيو آهي ته جيڪو دوست عمري لاءِ وڃي ته خيال سان وڃي.

خير عمرو ڪرڻ کان پوءِ واپس ڪراچي پهچي گورنمينٽ آف سنڌ کي رپورٽ ڪيم ته جيئن هو مونکي ڪٿي پوسٽ ڪن. رپورٽ ڪرڻ کان پوءِ تقريباً ڇهه ست هفتا گذري ويا پر پوسٽنگ جو ڪو نالو نشان ڪونه پئي نظر آيو. انهي دوران به ٻي دفعه چيف سيڪريٽري سان ملاقات ٿي، آخرڪار منهنجي پوسٽنگ ٿي ڊپٽي سيڪريٽري ايڊيوڪيشن . ٿوري عرصي کان پوءِ وري اتان منهنجي ٽرانسفر ڊپٽي سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ٿي . اتي به اجان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته فنانس ڊپارٽمينٽ ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو.

ڄام صادق علي وزيراعليٰ هيو. ڪنهن دوست چيو ته سائين نوابشاهه جي لاءِ تياري ڪر. مان سمجهي ويس ته نوابشاهه مونکي ڇو ٿا موڪلڻ چاهن. مون آزي نيازي ڪئي ته سائين منهنجو هڪ اصول آهي ته جتي مان سروس ڪري ايندو آهيان، اتي ٻيهر ساڳي حيثيت ۾ مان وڃڻ هرگز ڪونه چاهيندس. چيائين ته توکي خبر آهي ڄام صاحب کي جواب ڏيڻ ڪيترو مهانگو پوندو آهي. مون چيو ته پائو الله وڏو آهي، جيڪو منهنجي تقدير ۾ لکيل آهي، انهي کي مان ٽاري ڪونه ٿو سگهان. مون ان دوست کي صاف انڪار ڪيو ته سائين هرگز نوابشاهه يا لاڙڪاڻو وڃڻ ڪونه چاهيندس، چاهي مونکي انجي قيمت ادا ڪرڻي پوي مان اها قبول ڪندس. ڇو ته مان ٻنهي جاين تي رهي چڪو آهيان.

بهرحال ڪوئٽه هڪ دوست جي شادي سانگي وڃڻ ٿيو ۽ مون اتي ڪوشش ڪئي ته جيئن منهنجي ٽرانسفر بلوچستان ٿي وڃي. احمد بخش لهڙي منهنجو پائرن وانگر دوست ۽ ٻيچميٽ به آهي، تنهن کي چيم ته يار ڪا مدد ڪر. لهڙي صاحب مونکي جان محمد جمالي ڏي وٺي هليو. جمالي صاحب انوقت ايس اينڊ جي اي ڊي جو منسٽر هيو. جمالي صاحب انهيءَ وقت سيڪريٽري ايس اينڊ جي اي ڊي مسٽر قاسم کي گهرائي چيو ته چانڊيو صاحب بلوچستان اچڻ چاهي ٿو ۽ پاڻ کي آفيسرن جي ضرورت به آهي. اڄ مرڪزي سرڪار کي خط لکو. مسٽر اي زيد ڪي شيردل چيف سيڪريٽري

هيو. انهي ڏينهن مرڪزي سرڪار کي خط لکڻ لاءِ اپرووِل وٺڻ خاطر فائيل موڪليو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سي ايس فائيل تي اپرووڊ لکي موڪلي ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو بلوچستان سرڪار پاڻ وٽ گهرائڻ لاءِ مرڪزي حڪومت کي لکي موڪليو. مان واپس ڪراچي موٽي آيم ۽ هفتي کن ۾ منهنجي سنڌ کان بلوچستان ۾ سروس ڪرڻ جا اسٽيبلشمينٽ آرڊر ڪڍيا.

# تربت بلوچستان ۾

1992ع جو سال منهنجي لاءِ وڏو يادگار سال آهي. مئي چوويهہ تي رب ڪائنات مونکي رحمت سان نوازيندي هڪ پري جهڙي ڌيءَ عطا ڪئي، جيڪا الحمدلله اڄ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي. ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ.

سيپٽمبر 1992ع ۾ منهنجي ٽرانسفر سنڌ کان بلوچستان ٿي.

آڪٽوبر 1992ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر تربت، ڪيچ مڪران ٿي.

نومبر 1992ع ۾ اٺوبهين گريڊ ۾ پروموشن ٿيو.

مير تاج محمد جمالي وزيراعلي بلوچستان هيو. تاج محمد جمالي فرزند آهن مير جعفر خان جمالي جا ۽ سوٽ آهن مير ظفرالله جمالي جا. جوگيزئي صاحب گورنر بلوچستان هيو. اي زيڊ ڪي شيردل چيف سيڪريٽري بلوچستان هيو. سيپٽمبر 1992ع ۾ سنڌ گورنمينٽ مان رليو ٿي ڪراچي کان ڪوئٽہ روانگي ٿي. ڄام صادق علي وزير اعلي سنڌ هيو. سيد سردار احمد چيف سيڪريٽري سنڌ هيو جيڪو هن وقت ايم ڪيو ايم جو ليڊر آهي.

بلوچستان گورنمينٽ ۾ رپورٽ ڪرڻ کان پوءِ تقريبن هفتي جي اندر ڪافي ٽرانسفر ۽ پوسٽنگز ٿيون. چيف منسٽرمرحوم تاج محمد جمالي ڏانهن مختلف پروپوزل ڪٽي ويو ۽ انهن جي اپروول ڏئي صبح جو روڊ رستي ايران هليو ويو. مرحوم تاج محمد جمالي هوائي سفر کان لنوائيندو هيو. ڪوشش ڪري روڊ رستي سفر ڪندو هيو.

مان سي ايس ڏانهن ملاقات لاءِ ويس، حسب معمول ملاقات ٿي ۽ اتان مان تربت روانو ٿي ويس. انوقت اتي عبدالحڪيم تارن صاحب ڪمشنر مڪران هيو. تربت جو ڊي سي گهٽو ڪري سراج قاضي صاحب هيو جنهن کان مون چارج ورتي.

تربت جي ايراضي ڪافي وڏي هئي ۽ سنڌ جي مقابلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي حيثيت ۾ وڌيڪ اختيارات هئا، بنسبت سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ جي. تربت ضلعو انتظامي حساب سان ٻن ايريائن ۾ ورهايل هيو. هڪ اي ايريا ۽ ٻيو بي ايريا.

تربت جو اي ايريا صرف تربت جي شهر جي حد تائين هيو. باقي سڄو علائقو بي ايريا هئي.

اي ايريا جو ڪنٽرول پوليس کي هيو. باقي بي ايريا ليويز جي حوالي هئي. اي ايريا ۾ صرف هڪ ٿاڻو هوندو هيو.

بي ايريا جنهن کي عرف عام ليوي جو علائقو چيو ويندو آهي، انهي جو مڪمل ڪنٽرول ڊي سي

وٺ هوندو آهي. ليوي عمومن لوڪل قبيلي جي ماڻهن تي مشتمل هوندي آهي. مختيارڪار تعلقي ۾ مختيارڪار کان علاوه هڪ قسم جو ايس ايچ او به هوندو آهي. ٿاڻي جي ليول تي جمعدار جي نالي سان آفيسر انچارج هوندو آهي، جيڪو سب انسپيڪٽر جو رينڪ رکندو آهي. اهڙي طرح پورو بلوچستان اي ۽ بي ايرياز ۾ ورهايل هيو. پوري بلوچستان ۾ 1992ع ۾ لسٻيلہ، ڏيرا الله يار، ڏيرا مراد جمالي اهي سڀ علايقا اي ايريا هوندا هيا ۽ اتي بي ايريا ڪونہ هوندي هئي. باقي بلوچستان جو پورو علائقو اي ۽ بي ايرياز ۾ تقسيم ٿيل هوندو هيو.

بلوچستان ۾ مين اپوزيشن پارٽي ان وقت بلوچستان نيشنل موومينٽ هئي، تربت ۾ سڀ چونڊيل نمائندا بي اين ايم جا هيا.

مون جڏهن تربت جي چارج ورتي انهي وقت شهرتربت تي ڊرگ مافيا جو سڪو هلندو هيو ۽ پوليس انهن جي آڏو ڪا معنيٰ ڪونہ رکندي هئي. شهر ۾ عام جام سمگلرن جا ماڻهو بازار ۾ ايندا هيا ۽ ڏينهن ڏٺي جو جيڪي وٺندو هين ڪري گذرندا هيا. ڪوئي روڪ ٽوڪ ڪانہ هوندي هين. مون ايريا جو جائزو ورتو. اسٽاف ۽ ماڻهن کان علائقي جي معلومات ورتي. ايس پي قاضي واحد هيو انکان پڇيم تہ چاجي ڪري تون هن شهر تي ڪنٽرول نٿو ڪري سگهين؟ ايس پي صاحب ڪي مجبوريون ڏيکاريون. سڄو ڏينهن ۽ رات سوچي سوچي مونکي هڪ ترڪيب ذهن ۾ آئي. ترڪيب اها هئي تہ سواءِ يونيفارم جي ڪوئي مجاز آفيسر يا آفيشل هٿيار کڻي گهمندو نظر نہ اچي شهر ۾. مان آفيس وڃي آفيس سپرنٽينڊنٽ دشتي صاحب کي گهرائي هڪ آرڊر جار ڪيو تہ پوري ضلعي ۾ ڪوئي ماڻهو سول ڊريس ۾ هٿيار کڻي نہ گهمي. پوري ضلعي ۾ سيني آفيسرن کي چئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن پوليس يا ليوي جو ماڻهو يونيفارم کان بغير هٿيار کڻي گهمندي نظر آيو تہ انتي سختي سان ڪاروائي ڪئي ويندي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ مان آفيس کان گهر ڏانهن وڃان پيو تہ رستي ۾ هڪ موٽرسائيڪل تي سوار سول ڊريس ۾ رائفل ڪنڌ ۾ وجهيو گاڏي کان گذري ويو. مون ڊرائيور کان پڇيو تہ ان کي سڃاڻين ٿو ڪير آهي؟ ڊرائيور ٻڌايو تہ ها سائين هي پوليس جو جمعدار ۽ ڪمشنر صاحب جو باڊي گارڊ آهي. مون ٻڌي چپ ڪئي، گهر پهچي دشتي کي فون ڪري چيم تہ مان پاڻ آفيس کان گهر ويندي ڏٺو تہ ڪمشنر صاحب جو باڊي گارڊ بغير يونيفارم جي ڪنڌ ۾ رائيفل وجهي ڪمشنر صاحب جي گهر ڏانهن ويو پئي. هينئر جو هينئر ان جمعدار کي سسپينڊ ڪري آرڊر جي تعميل ڪرائي مونکي رپورٽ اچي ڏي. چيائين تہ سائين اهو تہ ڪمشنر صاحب جو باڊي گارڊ آهي ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ڇڏي ڏيو. مون چيو تہ مون توکي ڇا چيو؟ تہ چيائين سائين هينئر مان آرڊر جي تعميل ڪرائي رپورٽ ڏيان ٿو. جنهن وقت ڪمشنر جو باڊي گارڊ صرف انهيءَ ڪري سسپينڊ ٿيو جو هو بغير يونيفارم جي رائيفل کڻي هليو پئي. انهيءَ ڪرڻ سان ايترو انهن ماڻهن ۾ خوف ۽ حراس ٿيو انهن ماڻهن کي جيڪي سڄي شهر جا سڀ ڪجهہ پاڻ کي سمجهندا هئا.

ڪمشنر صاحب جو باڊي گارڊ پورو مهينو سسپينڊ رهيو. انهي ڪري ڪوئي بہ ماڻهو شهر ۾ هٿيار کڻي ڪونہ گهمندو هيو. شهر ۾ امن ٿي ويو مافيا جي ڇاڙتن شهر ڇڏي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ ديرو

ڄمايو.

ڊرگ مافيا انهي ڪري شهر ڇڏي هليا ويا، جو هڪ ته انهن جي ماڻهن تي اها پابندي هئي ته اهي هٿيار ڪٺي پوري ضلعي ۾ ڪونه گهمندا. ٻيو وري مان هفتي ڏهين ڏينهن رات جو سمهڻ جي وقت اي سي کي فون ڪري چوندو هيس ته ضلعي جي فورس تيار ڪر ڇاپو هڻڻو آهي. ڪلاڪ اڌ ۾ اچي ٻڌائيندو هيو ته سائين فورس تيار آهي، پر سائين هلڻو ڪٿي آهي. مان چوندو هيس ته سورس صرف ڪنفرم ڪرڻ جي انتظار ۾ آهي، جيئن هو ڪنفرم ڪندو مان ٻڌائيندس ته ڪٿي هلڻو آهي.

انهي سان ايئن ٿيندو هيو جوا سمگلر جيڪي افغانستان کان مختلف رستن کان نڪرندا هيا اهي هر حال ۾ تربت ضلعي جي حد مان گذرندا هيا. سمگلرن جا انفارمر هر جاءِ فٽ ٿيل هوندا آهن. جڏهن فورس جي چرپر ٿيندي هئي ته انهن جا انفارمر انهن کي هڪدم ٻڌائيندا هيا ته خبردار هيڏانهن نه اچو ڊي سي صاحب فورس تيار ڪيو آهي، متان توهان جي ڪنهن ماڻهو ڊي سي صاحب جي سورس کي ٻڌايو هجي. اسسٽنٽ ڪمشنر کي تربت ۾ ناظم چوندا هيا. ناظم صاحب پريشان ته الائي ڪڏهن ۽ ڪهڙي طرف هلڻو آهي. سيني طرفن وارن کي پريشاني وٺي ويندي هئي، مان ناظم کان اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ فون تي پڇندو هيم ته فورس گهڻو آهي؟ هٿيارن ۾ ڇا ڇا کنيو اٿو. ٻين اي سي صاحبان کي تيار رهڻ لاءِ چيو اٿئي انهن ڇا تياري ڪئي آهي؟ پي اي کي چئي ڇڏيندو هيس ته تون فون تان اٿي وڃ ۽ لائين ڊائريڪٽ مونڏانهن ڪري ڇڏ. رات جو دير اڌ رات کان پوءِ ناظم کي فون ڪري ڏبڙاٽ پٽيندو هيم ته ڪنهن ڳالهه ليڪ ڪئي آهي ته فورس تيار ٿيو آهي. انهيءَ جي ڄاچ ڪري مونکي سڀاڻي رپورٽ ڏي. ناظم صاحب قسم کڻندو هيو ته سائين مان ڪنهن به طرح ناهي چيو وغيره وغيره. جڏهن مان پي اي کي چوندو هيم ته فون مون ڏانهن ڊائريڪٽ ڪري ٻاهر هليو وڃ، انهي وقت انهن وٽ اها سس پس لڳي پئي هوندي هئي، ته يار ڊي سي صاحب جا ڪي انفارفر الائي ڪيترا ۽ ڪير آهن؟ تنهنڪري ڊرگ مافيا ۽ انهن جا ڇاڙتا سڀ پريشان ٿي ويندا هيا.

وزير اعليٰ بلوچستان مرحوم تاج محمد جمالي. هڪ دفعي امن و امان جي ميٽنگ ڪوئيٽا ۾ سڏائي. سڀ ڊي سي، ڪمشنرس، آء جي ۽ چيف سيڪريٽري صاحب. هر هڪ کان ضلعي جي متعلق بريفنگ وٺي پيو. جمالي صاحب آئيس ڪريم وڏي شوق سان کائيندا هيا، هلندي ميٽنگ ۾ آئيس ڪريم به کائي ۽ بريفنگ به ٻڌي رهيو هيو. ڊي سي پنجگور بريفنگ ڏيندو ٻن ڌرين جي معاملي تي ٻڌائي رهيو ۽ هلندي ڊي سي صاحب چيو ته سائين مسئلو ڪافي ڳنڀير هيو. پر مون پنهنجو دماغ استعمال ڪندي هي ايڪشن ڪنيو. جمالي صاحب اتي وڏي آواز سان چيو ته انهيءَ جو مطلب ته تون دماغ به استعمال ڪندو آهين. جمالي صاحب ۽ سڀ حاظرين کل ۾ پئجي ويا. چيائين ته هاڻي ميٽنگ ختم نه ڪجي، جو ڊي سي صاحب دماغ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. بهرحال ميٽنگ ۾ آرام وارو ماحول رکندو هيو. ميٽنگ ۾ سيني کي چيائين ته يائي ڳالهه ٻڌو، مان سياسي ماڻهو آهيان ۽ مان ڪهڙو به آرڊر ڪري موڪليان، ضروري ناهي ته توهان انتي عمل ڪيو. جيڪڏهن رولز جي دائري اندر آهي ته عمل ڪجو. باقي مون تي سياسي ماڻهن جو زور هوندو آهي مان دستخط ڪري ڏيندو آهيان، چاهي اهو منهجو پنهنجو ڊيٿ وارنٽ ڇونه هجي.

بلوچستان جو وزير مال محمد علي رند سي ايم کان آرڊر ڪرائي ڪٽي آيو ته تربت ۾ پراڻو ناظم هائوس زبيده جلال کي اسڪول کولڻ لاءِ الاٽ ڪيو وڃي ٿو. تنهن ڪري ڊي سي تربت جلدي انجو قبضو ۽ لينڊ روينيو رڪارڊ ۾ تبديلي ڪري ڏي. ليٽر بورڊ آف روينيو بلوچستان جي آفيس مان اشو ٿيل هيو. مان پنهنجي آفيس ۾ وينو هيس ته ڪمشنر صاحب مونکي گهرائي چيو ته هل گوادر هلون. گوادر ۾ جان محمد دشتي ڊي سي هيو. مان ۽ ڪمشنر صاحب اتي وينا هياسين ته اهو مٿيون خط اچي ڪمشنر کي مليو. خط کولي پڙهي ڏنوسين. جنهن ۾ مٿي بيان ڪيل الاٽمينٽ آرڊر هيو. ان پراڻي ناظم هائوس لاءِ بورڊ آف روينيو سان خط و ڪتابت هلندڙ هئي، ڊي سي آفيس جي.

ڪمشر صاحب مونکي چيو ته توکي ان ڳالهه جي خبر ناهي، تنهن ڪري مان توکي ٿورو ٻڌايان ته پراڻو ناظم هائوس معنيٰ اسسٽنٽ ڪمشنر جو پراڻو گهر. چيائين ته ناظم هائوس وچ شهر ۾ ۽ قيمتي به پڻ آهي. تنهن ڪري انهيءَ پلاٽ تي گهڻن جون اکيون آهن. اسان هتان مخالفت ۾ لکي موڪليو هيو پر وزير صاحب لڳي ٿو ته زوري سي ايم کان دستخط ڪرائي آيو آهي. هاڻي وڏيڪ تنهجي مرضي. مون چيو ته مان ڪيئن پنهنجي پراپرٽي ڪنهن پرائيويٽ ماڻهو جي حوالي ڪندس. ڪمشنر صاحب پنهجي پي اي مومن علي کي چيو گاڏي ۾ ٽائيپ رائيٽر ۽ ڪجهه ڪاغذ ڪٽي پوئين سيٽ تي هلي ويهه. مومن حڪم موجب گاڏي ۾ ٽائيپ رائيٽر ڪٽي هلي وينو. تربت کان تقريباً سو ڪلو ميٽر ٽوٽلي ڪچو رستو. نسان جيپ هئي، جڏهن تربت شهر کان ٻاهر نڪري هلياسين ته ڪمشنر صاحب اهو بورڊ آف رينيو کان آيل ليٽر ڪيسي مان ڪڍي مومن کي ڏنو. مومن خط پڙهيو ۽ پڇيائين ته ها ڪرڻي آهي يا نه. اسان چيو ته نه. ڪمال جي ڳالهه اها جو نه فائيل ان ڪيس متعلق نڪي ٻيا ڪاغذ ۽ نه وري ڪمشنر جو سبجيڪٽ. ڪيس سڄو ڊيل ٿئي پيو ڊي سي آفيس ۾ هي ته رڳو ڪمشنر جو پي اي هيا. گاڏي هلندي رهي مومن خط بورڊ آف روينيو کي نه واري انداز ۾ لکڻ شروع ڪيو. تقريباً اڌ پند ڪيوسين ته پورا به صفحه ليٽر ناهي ڏنو ته دستخط ڪيو. ڪمال جو هن مرد مومن کي، جيڪي ليٽر اڳ هتان ويا يا اتان هيڏانهن آيا، انهن سيني جو ذڪر تاريخن سميت اتي لکيل هيو. منهنجو ته مٿو چڪرائجي ويو ته چا هي انسان آهي. مومن ڏسڻ ۾ صفا هلڪي باڊي جو جيڪڏهن واچوڙو اچي ته هن کي ڪٽي الائي ڪاٿي ڦٽو ڪري، باقي هيو هلندڙ ڦرندڙ ڪمپيوٽر. اهڙا قابل شخص مون تمام گهٽ ڏنا آهن. ٽائيپ تي ويهندو هيو ته ڪڏهن ڊرافٽ ڪونه لکندو هيو ڊائريڪٽ فيئر خط لکندو هيو. صرف ٻڌائبو هيس ته مومن ها ۾ لکڻو ته انهي کي جسٽيفاءِ ۽ اهڙا ته پاورفل آرگومينٽ لکندو هيو جو چئي چپ ڪر. هيو ميٽرڪ پاس . مومن جي پي آر جو ته ڪوئي جواب ناهي. ڪهڙي به شئي چئوس دنيا جي ڪهڙي ملڪ مان، اها شئي توهان کي ٻن ڏينهن ۾ اتي ملي ويندي.

هڪ دفعي مونکي ڳوٺ وڃڻو پئجي ويو. ٽڪيٽ ڪانه پئي ملي مومن کي گهرائي چيم ته سکر تائين جهاز ۾ سيٽ کپي اتي چيائين ته ها ملي ويندي. پندرنهن منٽن کان پوءِ آيو پرنٽ هٿ هجيس، چيائين ته سائين توهان جي ڪنفرم سيٽ تربت کان ڪراچي ۽ ڪراچي کان سکر.

ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته هر ڳالهه تي نه ڪندا، ڪي وري اهڙا ٿيندا آهن جيڪي هر

ڳالهہ تي ها ڪندا آهن. اهڙي طرح ڊي سي آفيس تربت جو او ايس مسٽر دشتي هر وقت نہ ضرور چوندو، چاهي انهيءَ ۾ دشتي جو ذاتي فائدو چونہ هجي. مان ۽ ڪمشنر صاحب گڏ ويٺا هياسين تہ چيائين تو وارو دشتي هر ڳالهہ ۾ نہ ڪرڻ انجي عادت آهي ۽ مومن هر ڳالهہ ۾ ها. ڪمشنر دشتي کي گهرائي چيو تہ دشتي سرڪاري خرچ تي حج ڪرڻ ويندين. دشتي چيو تہ نہ سائين نہ. پوءِ اتي جو اتي وري چيائين تہ ها سائين ها. اتان بزر ڏئي مومن کي چيائين تہ آمريڪا جي صدر سان ڳالهہ ڪراءِ چيائين حاضر سائين. بزر ڏئي ڪمشنر صاحب کي چيائين تہ سائين آمريڪا جو صدر هينئر مصر جي صدر سان ٿو ڳالهائي، ڳالهہ پوري ڪري تہ ملائي ٿو ڏيان.

هر علائقي ۾ ڪونہ ڪو اهڙو اشو هوندو آهي، جتي گروهہ بنديون يا ڌڙيبازي ٿيندي آهي. مڪران ۾ ذڪري ۽ نمازي جي هجڻ ڪري خاص ڪري رمضان جي مهيني ۾ امن و امان جو خاصو مسئلو ٿيندو آهي.

# پنهونءَ جي پار ۾

ضلعي جي انتظام تي فورس جي قيادت ۽ فورس جي عام اهلڪار جي مورال جو وڏو دارومدار هوندو آهي. جيڪڏهن ضلعي جو فورس ۾ اهليت جي باوجود خوداعتمادي واري فضا موجود نہ هوندي تہ اهو فورس امن امان قائم رکڻ ۾ ڪوئي اهم ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري اهو اشد ضروري هوندو آهي تہ جيڪڏهن پنهنجي علائقي ۾ تعين ڪيل فورس جو جذبو هيٺو ۽ ڪمزور آهي تہ سڀ کان پهريان انهن اسبابن جو گهرو مطالعو ڪجي، ايريا جي مروج رسم و رواج کي مدنظر رکندي انهيءَ فورس جي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ ضروري اپاءَ ونجن تہ جيئن توهان فورس کي فعال بڻائڻ لاءِ جيڪي قدم کڻو اهي پائيدار ٿين. هر علائقي جي پنهنجي نفسيات ۽ ضرورت هوندي آهي. هر جڳهہ تي ساڳيو نسخو ڪامياب ڪونہ ويندو آهي. تنهنڪري حالتن کي نظر ۾ رکندي اپاءُ وٺڻا پوندا آهن.

مان جڏهن تربت ۾ ويس تہ مون مشاهدو ڪيو تہ ڊسٽرڪٽ جو ليوي فورس بلڪل مختلف برادري ۽ علائقائي هيو. جنهن جو پاڻ ۾ ڪوبہ ربط ڪونہ هيو. نڪي هڪبئي تي ڪو اعتماد هيو. مٿان بہ انهن اهلڪارن کي ايريا جي سردار جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو هيو. جيڪڏهن ڪوئي ليوي جو اهلڪار چاهيندو هيو تہ خودمختيار ٿي ڪم ڪري تہ هنکي مٿان ڪابہ سپورٽ ڪونہ ملندي هئي.

انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي مون سڀ کان پهريون بلنگور ۾ ضلعي جي پوري فورس کي اهو پيغام ڏنو تہ توهان تي جيڪڏهن ڪو ايڪشن ڪجندو تہ توهانکي ڪوئي واڄہ يا سردار ڪونہ بچائيندو. يا جيڪڏهن ڪنهنجو پروموشن ٿيندو تہ ان ۾ بہ ٻئي ڪنهن جو ڪوئي ڪردار ڪونہ هوندو. ٿيون جيڪڏهن ڪنهن بہ طرح سان توهانکي ڊيوٽي سرانجام ڏيندي تڪليف ايندي تہ انهي لاءِ توهانجي پرگهور لهڻ جي ذميواري مٿي وينل سينيئر آفيسرن جي آهي. جڏهن مون پريڪٽيڪلي انهن سان ڪيو. جيئن سينيئر کي جونيئر جي هينان انهيءَ ٽاٽي رکيو ۽ جونيئر کي سينيئر واري چارج ڏني. زخمي اهلڪارن کي ترت ميڊيڪل سپورٽ مهيا ڪئي. اهي سڀ اهڙا ڪم هيا، جيڪا انهيءَ کان اڳ انهن اهلڪارن جي وهم وگمان ۾ بہ ڪونہ هيا انهيءَ ڪري ليوي فورس کي پنهنجي طاقت ۽ اهليت تي خوداعتمادي پيدا ٿي. جڏهن فورس کي خوداعتمادي ٿي ۽ يقين ٿيو تہ جن کان اڳ هي ڊڄندا ۽ لهرائيندا هيا، اهي هاڻي ليوي فورس کان ڊڄڻ شروع ٿي ويا. جڏهن اها فورس ۾ ڪيفيت

پيدا ٿي ته پوءِ مون فيصلو ڪيو ته هاڻي پيراملٽري فورس کي ذڪري ميڙاڪي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. اهوئي سبب هيو جو مون پوري ضلعي جي رستن گشت جي ذميواري ليوي جي حوالي ڪئي ته جيئن زائرين کي اچڻ وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿئي. باقي شهر ۽ شهر ۾ موجود مدرسن ۽ ٻاهران ڪوه مراد جي سيڪيورٽي پوليس جي حوالي ڪئي.

مون اڳ به اهو ذڪر ڪيو هيو ته تربت جي جاگرافي حدود اهڙي طرح پڪيڙيل آهي، جو سمنڊ ڏانهن افغانستان کان اينڊڙ ويندڙ شئي جو رستو تربت مان گذرندو هيو. تربت جو ڳچ بارڊر ايران سان به ملي ٿو تنهنڪري ايران کان پاڪستان اينڊڙ شين جو رستو نوشڪي دالبدين کان آهي يا وري مند تربت ضلعي کان. تربت ضلعي ۾ صرف اٽو پاڪستان جو کاڌو ويندو آهي، باقي سڀ ميوا ويندي ڀاڄي پتي، تيل پيٽرول، ڪراڪري، ڪمبل ۽ ٻيون ڪيتريون ساريون شيون ايران کان اينديون آهن. جانور ۽ اٽو وغيره مند کان ايران ويندو آهي .

پاڪستان ۽ ايران جي بارڊر جي پرپاسي وارن علائقن توڙي تربت جا بلوچ ورهايل آهن. مون ڪٿي پڙهيو ناهي جو تصديق سان چوان. باقي تربت جي عوام ۾ اهو تاثر آهي ته صدر ايوب ضلعي تربت جي پنج هزار اسڪائر ميل ايراضي ايران جي حوالي ڪئي، جنهن جي ڪري تربت جا هزارين خاندان هڪبئي کان وڇڙيل آهن .

انهيءَ ڪري تربت جي ڊپٽي ڪمشنر کي اختيارات آهن ته هو ضلعي تربت جي عوام کي پاسپورٽ اشو ڪري ۽ راهداري ڏئي ته جيئن هو ايران جي حد ۾ تقريباً سٺ ميل بارڊر کان اندر اچن ۽ وڃن .

ڊي سي تربت جي دستخط سان پاسپورٽ جاري ڪيل ۽ راهداري کي ايراني حڪومت قبول ڪندي هئي ۽ انهن کي اجازت ڏيندي هئي ته اهي وڃي پنهنجي مٽن ۽ مائٽن سان ملي اچن.

گلف ملڪن جي آرمڊ فورسز ۾ گهڻو ڪري مڪران جا ماڻهون عام جام آهن. شعور ۽ تعليم جي لحاظ کان مڪران پورو سڄي بلوچستان کان اڳي آهي. بليده ۽ سنڌسر جي علائقن ۾ ون يونٽ واري زماني ۾ بقول تربت عوام جي ته برٽش آئل ڪمپنيز اچي ڊرلنگ ڪئي هئي ۽ تيل به ڪافي مقدار ۾ مليو پوءِ وري انهن کي اتي بند ڪري ڇڏيو. بند انهي ڪري ڪيو ويو جو جنهن آئل ڪمپني هتي اچي ڊرلنگ ڪئي هئي انهن جو اڳ ۾ ايران ۾ به تيل جو ڌنڌو هيو. شهنشاهه ايران انهن مالڪن کي گهرائي پڇيو ته جيڪڏهن توهان اتان تيل ڪڍندا ته توهان کي ڏهن سالن ۾ ڪيترو فائدو رسندو. جيڪو انهن ڪمپنين ٻڌايو انڪان وڌيڪ شهنشاهه ايرن انهن ڪمپنين کي رقم ڏئي اهو پروجيڪٽ اهو چئي ختم ڪرايو ته فزيبل ناهي. مون جڏهن اتان جي ماڻهن کان پڇيو ته انهي ۾ ايران جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن هتي تيل ۽ گيس نڪري ها. وراڻي چين ته سائين ايران کان اسان هيٺ آهيون ۽ مٿانهين کان پاڻي يا تيل هيٺانهين ڏانهن ويندو آهي. جيڪڏهن هتي تيل نڪرڻ شروع ٿئي ها ته ايران جي تيل ۾ ڪمي ٿئي ها ۽ ايئن به ٿي سگهي ٿو ته سڄو تيل جو وهڪرو هيڏانهن ٿي پوي ها ۽ ايران وٽ تيل اٽلپ ٿي وڃي ها.

پوءِ مون به سوچيو ته واقعي پاڻي گهڻي قدر ايران جي حد مان نڪري تربت ۽ پنجگور ڏانهن ايندو

آهي. تربت جي پرسان دشت واري علائقي ۾ جيڪو ميراڻي ڊيم ٺاهيو ويو آهي،انهيءَ ۾ گهڻي قدر پاڻي ايران جي ايريا کان هيڏانهن ايندو آهي.

1993ع ۾ نيسپاڪ وارن گورنر بلوچستان مسٽر جوگيزئي صاحب کي فون ڪري شڪايت ڪئي ته بلوچستان سرڪار اسان کي ميراڻي ڊيم جي ڪنسلٽنسي جي رهيل رقم نٿي ڏئي، سو مهرباني ڪري اها رقم ونرائي ڏيو. گورنر صاحب نيسپاڪ وارن کي چيو ته چڱو مونکي ميراڻي ڊيم تي بريفنگ ڏيو ته پوءِ مان بلوچستان سرڪار کي چوان ٿو. نيسپاڪ وارن کي ڪٿي ڪنيو. چيائون ته حاضر. جڏهن ته گورنر صاحب چيو ته سڀاڻي اچو تربت مان به اتي ايندس. نيسپاڪ وارن گورنر صاحب کي چيو ته سائين به ڏينهن ڏيو. اسان کي پيغام مليو ته گورنر صاحب ايندو ۽ نيسپاڪ وارا ميراڻي ڊيم متعلق بريفنگ ڏيندا، گورنر صاحب کي. اسان حسب معمول پي ٽي سي ايل ۽ ٻين ادارن کي پابند ڪيو ته ڪوئي ڪاڙي نه وڃي. پي ٽي سي ايل کي چيوسين ته گورنر صاحب اچي ٿو فون وغيره اچي هٽو. پي ٽي سي ايل وارن جواب ۾ لکي موڪليو ته پي ٽي سي ايل ڪمپني آهي، جيڪا مرڪزي سرڪار جي ماتحت آهي ۽ صوبائي سرڪار جو اسانجي مٿان ڪوئي اختيار ناهي، لحاظ ٽيليفون هٽڻ لاءِ اڳ ۾ ڊيمانڊ نوٽ ڀريو ته پوءِ ٽيليفون هٽي ڏينداسين. منهجي لاءِ اها نئين ڳالهه هئي، اڳ اسين هميشه گورنر يا وزير اعليٰ ايندو هيو ته صرف خط لکي موڪليندا هياسين ته ٽيليفون جو سڄو سسٽم پاڻ هٽندا ۽ نگراني به ڪندا هيا. مون پي ٽي سي ايل جي انجنيئر صاحب کي چيو ته يار هينئر بينڪ ٽائيم به ختم ٿي چڪو صبح جو گورنر صاحب اچي ٿو هن دفعي هڻ، اڳتي ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکنداسين. انجنيئر صاحب چيو ته سائين سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي، اڳ ۾ ڊيمانڊ جا پئسا جمع ڪرايو انهيءَ کان پوءِ فون لڳندو. جڏهن انجنيئر صاحب ضد ڪيو تڏهن مون پڇيس ته تنهنجي آفيس مرڪزي سرڪار جي آهي، تنهنڪري اتي قانون به مرڪزي سرڪار جو هلندو. چيائين ته بلڪل. مون چيو ته انهيءَ جو مطلب ته جتي جنهن جي سرڪار اتي انهي جو قانون هلندو؟ چيائين ته بلڪل درست ٿا چئو مون چيو ته انجو مطلب ته تون هينئر گورنمينٽ آف تربت جي حد ۾ آهين. مون چيس مان توسان ايتري رعايت ڪريان ٿو ته تون گورنمينٽ آف تربت جي حد مان گذري وڃي مرڪزي سرڪار جي حد ۾ پهچ. جيڪڏهن تون گورنمينٽ آف تربت جي حد ۾ پير رکيو ته مان توکي گرفتار ڪندس ته تو ڇو بغير اجازت جي گورنمينٽ آف تربت جي حد ۾ پير رکيو. انجنيئر صاحب پنجاب جو رهاڪو هيو سو همراهه هڪدم وائڙو ٿي ويو. انجنيئر صاحب جي وڃڻي مون مختيار ڪار چيو ته ليوي وٺي پي ٽي سي ايل بلڊنگ جي ٻاهران بيهار، جيڪو بلڊنگ کان ٻاهر پير رکي تنهن کي گرفتار ڪري ٽريس پاس جو ڪيس داخل ڪيو. مون انجنيئر صاحب کي هٿ ملائي چيو ته توهان پلي وڃو. همراهه وڃڻ جي ڪونه ڪري. آخرڪار منهنجي آفيس کان نڪتو وڃي پي اي سان وينو اتان ويهي اي اي اين کي فون ڪري چيائين پائي وڃو ۽ پنجن منٽن ۾ فون هٽي مونکي اچي رپورٽ ڪيو. انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ٿيڻ کپي. سيٽ وغيره سڀ نوان ڪٽي وڃو.

ڏهن منٽن کان پوءِ ڪيئر ٽيڪر سرڪٽ هائوس تان فون ڪيو ته سائين ٻن وي آئي پي ڪمرن ۾ نوان فون هٽي ويا آهن ۽ پڇن ٿا ته ڇا ٻين ڪمرن ۾ به فون هڻڻا آهن؟

شام جو نيسپاڪ لاهور وارا هيڊڪوارٽر کان ڪراچي رستي تربت ايئرپورٽ تي اچي پهتا. مان سرڪٽ هائوس ويس، نيسپاڪ جا اعلي عهديدار مليا. بريفنگ لاءِ سيٽنگ شروع ٿي وئي نيسپاڪ وارا پاڻ سان پروجيڪٽر وغيره ساڻ کڻي آيا هيا. نيسپاڪ جي انچارج آفيسر مونکي چيو تہ سائين هڪ مهرباني ڪيو. مون چيو تہ حڪم ڪيو چيائون تہ صبح سوير گورنر صاحب پهچندو، تنهنڪري اسان کي موقعو ڪونہ ملندو تہ اسين ميراڻي ڊيم جي ايريا ڏسي اچون. تنهنڪري اسانکي پنهنجي اسٽاف مان ڪو اهڙو ماڻهو ڏيو جيڪو ڊيم جي پوري علائقي کان واقف هجي، تہ ڪٿي ڊيم ٺهندوءِ ڪيترو ءِ ڪيستائين علائقو ڊيم ۾ ايندو. مونکي اچرج ٿي تہ يار هي هيڏو وڏو اداروءِ ايترو وڏو پروجيڪٽ جي فيزيبلٽي ءِ ڪنسلٽنٽي جو ڪم هنن وٽ آهي ءِ ايراضي جي ڪابہ خبر ڪانہ اٿن. مون انهن کان پڇيو تہ جيڪڏهن توهان علائقو ڏٺو ناهي تہ پوءِ ڪئين ڊيم جي ڊزائننگ ناهي اٿو. چيائون تہ اسان سروي جنرل آف پاڪستان کان ليٽيسٽ مئپ وٺي، انهيءَ جي مدد سان اسان اهي سڀ نقشا ءِ ڊيزائن تيار ڪئي آهي. مون بہ چئي ڏنو تہ توهان پنجابين ملڪ جو ٻيڙو غرق ڪيو آهي. پندرهن ڪروڙ توهان في ٽا ونو انهن نقشن ٺاهڻ جي، جن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪانهي. مون چيو اڳ بہ توهان نيسپاڪ وارن اسان کي خوار خراب ڪيو. جو زڪوات هائوس جي گهرن جي ڊزائن ناهي وزيراعظم پاڪستان کي ڪوڙا فگر ڏئي گهر ٺهرائي قومي خزاني جو نقصان ڪيو. اڄ انهن گهرن ۾ موالي ءِ گڏهہ ٽا پيا هينگون ڪن. سنڌ ۾ سازدا جي آفيسن جي ڊزائن اهڙي ناهي موڪلي جڻ گلبرگ ۾ اهي آفيسون ءِ گهر ٺهندا هجن. مون چيو تہ ڪجهہ خدا جو خوف ڪيو ٻين نندن صوبن جي وسيلن تي رڳو ڦر مار ڪئي اٿو. مون چيو جيڪڏهن توهان کي پنجاب ۾ اهڙو ڪو پروجيڪٽ ٺاهڻو هجي ها تہ ڇا توهان سروي جنرل آف پاڪستان کان نقشا وٺي ناهيو ها؟

بهرحال گورنر صاحب آيو نيسپاڪ وارن بريفنگ ڏني ءِ فيزيبلٽي تي نظرثاني لاءِ نيسپاڪ کي چيو ويو. پوءِ ڇا ٿيو خبر ناهي سواءِ ان ڳالهہ جي تہ جڏهن ميراڻي ڊيم ٺهيو تہ ڪامياب پروجيڪٽ ڪونہ ٿي هليو.

پي ٽي سي ايل وارا ٽيليفون ڪنيڪشن واسطي عوام کي ڏاڍو خوار ڪندا هيا. شڪر جو اڄ ڪلهہ سيل فون پي ٽي سي ايل کان پنهنجون ڪسرون ڪڍي ڇڏيون. توهان ان ڳالهہ مان اندازو لڳايو تہ سيشن جج جو نئون سرڪاري گهر ٺهيو. جج صاحب شفٽ ٿيڻو هيو جو اڳ ڪرائي جي مڪان ۾ پئي رهيو. سيشن جج آفيس ڊيمانڊ نوٽ سڀ جمع ڪرائي ڇڏيا، پوءِ بہ چون تہ سائين اڃان ان طرف وائر ڪانہ وئي آهي، جيتوڻيڪ ان علائقي ۾ ڪافي آبادي رهي پئي ءِ فون بہ هين. مينگل صاحب سيشن جج هيو مونکي چيائين تہ سائين جڏهن ٽائيم ملي تہ مون سان ملندا وڃو. سيشن جج جي آفيس رستي ۾ هئي، سو مون چيو تہ آفيس کان گهر ويندي اڄ توهان وٽ سوير ايندم، چيائين تہ مان توهانجو انتظار ڪندس. ملاقات ٿي چوڻ لڳو تہ يار فون وارن ڏاڍو تنگ ڪيو آهي ءِ مان سياڻي شفٽ تہ ٿيندس سرڪاري گهر ۾، پر اتي فون جي سهولت ڪانهي. مينگل صاحب مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي پيو. مون مينگل صاحب کي چيو تہ فون تہ توهانجي گهر توهانجي پهچڻ کان اڳ لڳي ويندو، پر پوءِ توهان پي ٽي سي ايل جي انجنيئر جي سفارش نہ ڪندا. چيائين تہ ان مونکي ذليل خوار ڪيو

آهي، گهر ۾ جهيڙو لڳو پيو آهي، مان انجي ڪابه سفارش ڪونه ڪندس. مون چيو ته ٺيڪ. چانهه وغيره پي مان گهر ڏانهن روانو ٿيس، گهر پهچي پي اي کي فون ڪري چيو ته پي ٽي سي ايل جي انجنيئر کي فون ڪري چوڻس ته سيشن جج صاحب جي سرڪاري گهر تي فون هٽي اچي جڏهن ته ڊيمانڊ نوٽ به جمع ٿيل آهي. ٿوري دير ۾ پي اي چيو ته سائين انجنيئر صاحب ٿو چوي ته انهي پاسي دبلي ناهي، لڳل اهي مهيني کن ۾ ايندڙيون پوءِ اسان فون هٽي ڏينداسين. مون اهو جواب ٻڌي اسسٽنٽ مختيارڪار کي چيو ته تنهنجي آفيس جي پرسان تي ايڪسچينج جي بلڊنگ آهي، تون وڃ به تي ليوي جا ماڻهو ساڻ ڪري صرف انجنيئر صاحب کي چئو ته سيشن جج صاحب تنهنجي ڊي سي صاحب کي شڪايت ڪئي آهي. هاڻي جيستائين تون مرڪز جي حد ۾ آهين تيستائين ڪجهه ڪونه چيو ويندو باقي تربت جي حد ۾ پير پاتو ته گرفتار ٿيندين. ڏهن منٽن کان پوءِ مينگل صاحب جو فون آيو ته سائين مان ڏاڍو مجبور ڪيو ويو آهيان ته مان پنهنجو واعدو ٽوڙيان. مون چيو ته سائين خير ته آهي؟ چيائين ته سائين فون ته گهر لڳي ويو آهي پر دوستن ۾ انجنيئر صاحب مونکي مجبور ڪيو آهي ته هاڻي توهان کي چوان ته پي ٽي سي ايل جي انجنيئر کي ڊر ڏيو. بهرڪيف مونکي ڪوئي انجنيئر صاحب سان ذاتي جهيڙو ته هيو ڪونه، پر هو عوام کي خوام خواهه تنگ ڪندو هيو. انهيءَ کان پوءِ اهو پنجاب کان آيل انجنيئر صاحب ماڻهن سان بهتر هلڻ شروع ٿي ويو.

# ڪيچ مڪران ۽ سنڌ

ڪيچ ۽ مڪران سنڌ جي عوام لاءِ ڪو نئون نالو ناهي. شاهه عبدالطيف ڀٽائي سر سسئي ۾ ڪيچ جو گهڻو ۽ واضح ذڪر ڪيو آهي. ڪيچ جي گذرسفر جون راهون به سنڌ سان ازل کان وٺي اڙيل آهن. ڪيچ جي شهزادي پنهون جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري ڀٽائي صاحب هميشه جي لاءِ امر ۽ لازوال ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن به سسئي جو ذڪر ايندو ته پنهون به پاڻهي اچي نڪو ڪندو آهي. ايئن ڪونهي جو سسئي جو ذڪر اچي ۽ ڪيچ جو ذڪر نه ٿئي. نينهن نياڻ جو وقت اچي ته سسئي به جبل ۽ ڏونگر ڏاريندي نظر ايندي. جڏهن تڪليف ۽ جبل جهاڳڻ جو وقت اچي ٿو ته سسئي ڪنهن کي انهي ڪري ساڻ نٿي ڪڍي ته متان ڪا تڪليف, بڪ, اڃ ۽ سفر جي مشڪلاتن سبب پنهون جي شان ۾ ڪو گٿو لفظ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ صرف زبان تي نه اچي وڃيس. تنهنڪري اهڙي اڻ سڃاتل رستي ۽ گس کي وٺي پنهون پنهون ڪندي نڪري پوي ٿي, ۽ آخر اهو احساس ٿو ٿئيس ته اهي ڏک ۽ مشڪلاتون ته صرف هڪ بهانو آهي ۽ پنهون ته مان پاڻ آهيان.

مون جڏهن تربت جي چارج ورتي ته منهنجي من اندر تانگهه هئي ته مان جلد کان جلد پنهونءَ جا ويڙها ڏسان. پڇا ڪئي ته پنهون جو گهر گهات ڪٿي آهي؟ سو مون به چاهيو ته ڪجهه اڳيرو ٿيان متان چئي هوت بلوچ ته سسئي جي ڏيهه کان آيو آهي ۽ منهنجي سار به ڪانه لڌي اٿس. سڀ کان پهريون جيڪو شهر کان ٻاهر نڪتس, اهو صرف پنهون جا پير ڪڍي تربت شهر کان اتر اولهه طرف مند جي رستي سان تقريباً ست اٺ ڪلوميٽر پنڌ تي جتي پنهون جو ماڳ هيو جيڪو سار سنڀال نه لهڻ سبب رڳو ڪنڊر لڳو پيو هيو ان ڏانهن ويس. جڏهن مون رستي کان ڏکڻ طرف رخ ڪيو ته سڌ پند تي هڪ مٽي جو ڏڙو نظر آيو ۽ پري کان بلڪل موئن جي دڙي واري اسٽوپا وارو ڏيک هيس. آخرڪار وڃي اتي پهتس ته واقعي جهڙو پري کان ڏيک هيس, اهڙوئي ويجهو نظر آيو. پنهونءَ جو ڪچو قلعو هڪ خشڪ ندي جي ڪناري تي آهي. وقت جي بيدرد ۽ ناقابل برداشت حالتن جي سبب قلعي جو حال ايئن وڃي ٿيو آهي جيئن چوندا آهن ته:

"ڪندرات مان معلوم ٿئي ٿو ته عمارت عظيم هئي."

بهرحال آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪاسائي وانگر تکي ڪاتي هٿ ۾ مڏي سان مارڻ وارا هر جاءِ تي هڪجهڙا آهن. مون پڇا ڪئي ته ڪو اهڙو خاندان آهي, جنهن جو سڌو سنئون تعلق پنهون جي پيڙهي سان هجي, پر مون کي ان باري ۾ ڪا ڪل ڪانه پئجي سگهي. ٿي سگهي ٿو ته پنهل جي

پيڙهي مان ڪو هجي.

تربت ۾ جيڪا پوک وغيره ٿئي ٿي انجي لاءِ پاڻي پري جبلن جي نئين مان ڪاريز جي ذريعي اچي ٿو. سنڌ ۾ تہ واٽر ڪورس هوندا آهن جي شاخن مان نڪرندا آهن. بلوچستان ۾ باقاعده ڪوئي ايريگيشن جو نظام ڪونهي سواءِ پٽ فيڊر ۽ نواب سيف الله مگسي واهہ جي.

ڪاريز زير زمين سرنگ ٿاهي پري کان پاڻي ڪاهي اچي آبادي ڪبي آهي. ٻيو جتي زمينون سڏيون ۽ پٽ هوندا آهن. برسات جي موسم ۾ چوڌاري مضبوط بند ٻڌي بارش جي پاڻي کي اتي جمع ڪيو ويندو آهي. ان جمع ٿيل پاڻي جي ڪري زمين جي اڄ مري ويندي آهي. جڏهن هر جي لائق ٿيندي آهي تہ بوسي پوک پوکيندا آهن ۽ فصل چڱا موچارا ٿي پوندا آهن. ميراڻي ڊيم جي ڪري دشت جي علائقي جون زمينون باقائده آبادي هيٺ اچڻ شروع ٿي ويون آهن.

باغات ۾ جهڙيءَ طرح خيرپور ميرس کجي جو ڳڙهہ آهي، اهڙيءَ طرح بلوچستان ۾ کجي لاءِ تربت ۽ انکان پوءِ پنجگور ۾ کجي وڏي مقدار ۾ ٿئي ٿي. 1993ع ۾ تربت ۽ پنجگور جي علائقي ۾ هڪ سو پندرهن قسم کجين جا ٿيندا هيا. سنڌ جي کجين ۾ جهڙيءَ طرح اصيل کجي سيني کجين کان بهتر سمجهي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح تربت ۽ پنجگور ۾ موضاتي ۽ بيگم جنگي کجي سيني کان بهتر سمجهي وڃي ٿي.

جيڪڏهن کجي جي پيداوار کي ڏٺو وڃي تہ تقريباً پاڪستان ۾ کجي جي پيداوار جو اڌ حصو تربت ۽ پنجگور واري علائقي ۾ ٿيندو آهي. ٻهراڙي جي تقريباً اڌ آبادي جو ذريعومعاش کجي تي آهي. تربت ۽ پنجگور جي کجي جي مالڪن کي ايترو فائدو انهي ڪري نہ پيو ٿئي، جو کجي کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ تمام گهڻو دشوار ۽ مهانگو ڪم آهي پر هينئر جيئن تہ گوادر ڪراچي ڪوسٽل هاءِ وي ۽ موٽروي جي اچڻ ڪري تربت ۽ پنجگور جي کجي کي مارڪيٽ تائين آسان رسائي ٿي پوندي، ۽ کجي جي باغات مان سٺي آمدني جي توقع آهي. مڪران جي علائقي ۾ هڪ اهڙو قسم کجي جو آهي، جيڪو ڊسمبر جي مهيني ۾ بہ ڏنگ ڏيندو آهي. مون پاڻ ڊسمبر جي مهيني ۾ مند وٽ کجي مان ڏنگ پٽي ڪاڌا.

تربت گرميءَ جي موسم ۾ انتهائي گرم ٿي ويندو آهي، ان سان گڏوگڏ گهميل آب و هوا آهي، تنهنڪري گرميءَ جي باوجود هتي ماڻهن کي سن اسٽروڪ وغيره ڪونہ ٿيندو آهي. ڏينهن جو ڪيتري بہ گرمي هجي پر رات جي وقت ٽيمپريچر ڪافي گهٽ ٿي ويندو آهي ڇو تہ سمنڊ جي هوائن جو اثر رات جي وقت جهجو ٿيندو آهي.

تربت جي هر خوشحال گهر ۾ ٻي گهرواري ايراني نسل جي هوندي آهي، جيڪا مڪران جي باقي عورتن کان ڏيک ويک ۾ پڌري هوندي آهي.

مڪران پاڪستان جو واحد علائقو آهي، جتي عورتن کي وڏيک حق ۽ آزادي آهي. 1993ع تائين جي ڏاٽي جي انگ اکرن موجب گذريل سؤ سال ۾ مڪران جي علائقي ۾ ڪارو ڪاري وارو ڪوئي ڪيس رجسٽر ناهي ٿيو. ڪاروڪاري وارو معاملو گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ بلوچستان جي بارڊر سان جهجهو آهي، جنهن جو گهڻي ڀاڱي معاملو ڏيتي ليتي ۽ لالچ تي مبني هوندوآهي. جيڪو نسورو

ناحق ۽ ظلم آهي. باقي پاڪستان جي علائقي مان مڪران جي عورت کي ايترو حق حاصل آهي، جو جڏهن چاهي تڏهن نڪاح ختم ڪرائي سگهي ٿي. سون پائڻ جو رواج سڀ کان وڌيڪ مڪران ۾ آهي. نڪاح جي وقت چڱو خاصو مقدار سون جو ڏنو ويندو آهي جيڪو سرنديءَ واري لاءِ ڪيترائي ڪلو جو مقدار هوندو آهي. ولاتي پاڻي جو واپرائڻ هتي باقي پاڪستان جي علائقن کان ججهو آهي. جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي رات جي مانيءَ لاءِ مدعو ڪندو آهي ته اهو مهمان ميزبان کان پڇندو آهي ته سائين ڊنر آهي يا خيرات؟ تنهن ڪري مڪران جو ماڻهو ڊنر کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن بنسبت خيرات جي. ڪيچ مڪران جا ماڻهو ڪوئيٽا وڃڻ جي بنسبت ڪراچي ڏانهن وڃڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. مڪران جي عوام جو ذهني ۽ معاشي لاڙو سنڌ ڏانهن وڌيڪ آهي. مڪران جا رهواسي شعوري طور بلوچستان جي باقي علائقي کان تمام گهڻو اڳتي ۽ پرامن رهڻ وارا آهن. شدت پسند ناهن، امن ۽ پائيچاري سان رهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندڙ آهن .

تعليم جي لحاظ کان مڪران باقي بلوچستان جي مقابلي ۾ اڳتي آهي. ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جي داخلا وقت ڊي سي ميمبر هوندو آهي، جنهن ۾ ڊوميسائل ۽ پي آر سي جي جاچ وغيره اتي جو اتي ڊي سي ڪنفرم ڪندو آهي ته واقعي هي منهنجي ضلعي جو شاگرد آهي. 1993ع جي داخلائن خاطر ميٽنگ هجي ۽ مان به اتي داخلا ڪاميٽي جي ميمبر واري حيثيت سان هيس. تربت جا ٻه شاگرد جن جا مائٽ نوڪري سانگي گڊو ٿرمل جي ڪالونيءَ ۾ رهندا هيا. ٻنهي شاگردن جو رزلٽ به بهترين هيو جنهن جي ڪري انهن جي داخلا يقيني هئي جڏهن شاگردن ڪاميٽي جي سامهون ڪاغذ پيش ڪيا ته ميٽرڪ ۽ انٽر جا سرٽفڪيٽ سکر بورڊ جا هيا. مونکي تڏهن شرمندگي ٿي جڏهن انهي ڪاميٽي ڏنو ته سکر بورڊ جا سرٽيفڪيٽ آهن ته شاگردن کان وٺي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽا ڪيا ۽ چيو ته توهان ڪاپي ڪري يا پئسه ڏئي سرٽيفڪيٽ وٺي آهيا هوندا. انهيءَ ڪري سکر بورڊ جي جاري ڪيل تعليمي سرٽيفڪيٽ جي ڪا به اهميت ناهي .

سنڌ جي تعليمي معيار کي بلوچستان به مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هيو. هاڻي جي خبر ناهي ته بلوچستان سنڌ جي تعليمي بورڊن جي جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ کي ردي جي ٽوڪري ۾ ٿو اڇلي يا قبول ڪريٿو.

الله سنڌ جي حاڪمن کي هدايت ڏئي جو سنڌ جي تعليم تي ڪو ڌيان ڏين، ۽ سنڌ جو عوام به سجاڳ ٿي پنهنجي ايندڙ نسل جو مستقبل برباد نه ڪن. جيستائين ڪاپي ڪلچر جو خاتمو ڪونه ٿيندو، تيستائين سنڌ کي تباهي کان ڪوئي روڪي نٿو سگهي.

اپريل 1993ع جي مهيني تقريباً وچ واريون تاريخون هيون. عمر موريو بلوچستان جو ريجنل ڊائريڪٽر نارڪوٽڪس هيو. ڪوئيٽا کان فون ڪيائين ته پارٽنر جيڪڏهن اسانجي عزت رکي سگهين ته اڄ ڪجهه ڪري ڏيکار. مون پڇيو ته مسئلو ڇاهي؟ چيائين ته جيڪو سال اڳ پاڪستان جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو چرس وغيره تربت جي علائقي مان پڪڙيو ويو هيو اڄ هڪ سال ڪيس جي نه هلڻ سبب هاءِ ڪورٽ ضمانت ڪٽي ويئي آهي ۽ اهو ڪنفرم آهي ته جوابدار نڪرڻ شرط ملڪ کان ٻاهر هليا ويندا، جو انهن جا ويزه سڀ ڪجهه تيار آهن. ٿوري دير کان پوءِ وفاقي وزير

نارڪوٽڪس راٺو چندر سنگهه جو فون آيو. چيائين ته جامڙو صاحب موريو صاحب توهان سان ڳالهايو هوندو، جيڪڏهن اهي جوابدار جيل کان ٻاهر نڪري ويندا ته ملڪ جي بدنامي ٿيندي، تنهن ڪري ڪو قرب ڪر. مون چيو ته سائين مان ڏسان ٿو ۽ ڪوشش ڪندس ته قانون جي دائري ۾ رهي ڪو انجو حل ڪيون.

فون رکي مون پڇا ڳاڇا ڪئي ته واقعي اهو شخص انهيءَ ڪم ۾ حقيقي جوابدار آهي يا ڪنهن جي انتقام جو شڪار ٿيل آهي. جنهن جنهن کان پڇيو تن سيني اهو چيو ته سائين اهي واقعي وڏا اسمگلر ۽ انهيءَ ڌنڌي ۾ ماهر آهن. مون ناظم يعني اسسٽنٽ ڪمشنر کي فون ڪيو، ڏي خبر تو وٽ ڪا ڪليل ايف آءِ آر آهي. چيائين ته مان چيڪ ڪري ٻن منٽن ۾ ٻڌايان ٿو. ٿوري دير ۾ ٻڌايائين ته ٻه ايف آءِ آر آهن جن ۾ گنجائش آهي. پڇيائين سائين خير ته آهي. هڪ ۾ شايد ڪلو اڌ چرس جي ايف آءِ آر هئي ٻي شايد ٻه اڍائي ڪلو چرس جي هئي. ڊسٽرڪٽ جيل تي فيڪس جي ذريعي بيل جو قبول ٿيل آرڊر ڪٽي وڃي پهتا ۽ ان جي لاءِ گاڏيون تيار هيون ته جيئن ان کي اتان ٻاهر ڪڍي وڃن. مون ناظم کي چيو ته جلد ڪر جيل تي پهچ ۽ اهي ڪنهن به هڪ اوپن ايف آءِ آر ۾ جيل ڪسٽڊي وٽ ته جيئن اهي همراهه جيل کان ٻاهر پير نه پائن. جيل سپرنٽينڊنٽ کي فون ڪري پڇيو ته ڇا اهي ماڻهو ضمانت تي ٻاهر نڪتا آهن؟ چيائين ته سائين پنجن، ڏهن منٽن ۾ ٻاهر نڪرندا، بس ڪجهه ڪاغذي ڪاروائي رهي ٿي. مون چيو ته ناظم اچي پيو يا پهچڻ وارو آهي، انهن کي ٻاهر ناهي ڇڏڻو. چيائين سائين ٺيڪ آهي. ايتري ۾ ناظم وڃي اتي جيل تي پهتو ۽ جڊيشل ريمانڊ وٺي هٿيڪو ڪري آيو. جنهن ڪيس ۾ جڊيشل ريمانڊ ورتو اهو ضمانت جوڳو ڏوهه هيو. اچي زور بار شروع ٿيا، مون ناظم کي چيو خبردار جو بيل قبول ڪيو اٿي. ناظم وٽ پهتا ته ضمانت تي ماڻهو کي رها ڪيو ان چيو ته جيستائين ڊي سي صاحب نه چوندو تيستائين مان ضمانت منظور ڪونه ڪندس. ڪمشنر صاحب ڏانهن ويا، انهيءَ به هنن کي جواب ڏنو ته مان ڊي سي صاحب کي ڪونه چوندس. پوءِ انهن اچي منهنجي دوستن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ته توهان چئو ڊي سي صاحب کي. آخرڪار رات جي پيٽ ۾ ڪراچي کان هڪ دوست کي وٺي آيا، جيڪو مونسان مليو ۽ پوري ڳالهه ڪيائين ته مان مجبور ٿي آيو آهيان منهنجو تو تي ڪوئي زور ناهي. مان صرف انهيءَ ڪري آيو آهيان جو ٻين دوستن مونکي مجبور ڪيو. باقي منهنجو هنن سان ڪنهن به قسم جو واسطو ناهي، نڪو مان هنن کي سڃاڻان. تون هنن کي وڌيڪ سڃاڻين ٿو تنهنجي فيصلي ۾ منهنجو ڪجهه به نه وڃي، مونکي خبر آهي ته تون اهو ڪندين جيڪو تنهنجي ذهن ۾ هوندو. باقي مونکي هنن الائي ڪيتريون آفرس ڪيون آهن. صرف توکي ٻڌائڻ لاءِ ته هي توکي ٻه ڪروڙ ۽ هڪ بنگلو ڪراچيءَ ۾ وٺي ڏيڻ لاءِ تيار آهن. مون چيو ته ڀاءُ مهرباني مان ڪڙمي جو پٽ آهيان. منهنجي ايتري اوقات ڪانهي جو مان ڪروڙ وٺان. هڪ ته ايترا پئسا مونکان هضم ڪونه ٿيندا، ٻيو ته پئسن جي ڪري مان پنهنجي عزت ڪونه وڃائيندس. الله اهي پئسا انهن کي بخشي، مان ان حال ۾ ڀلو آهيان. آخرڪار جڏهن انهن همراهن زور ڏئي ڏيءُ ڪيو پوءِ انهن ٻيو طريقو استعمال ڪيو. مونکي تصديق ناهي پر ڳالهه آهي سچ ته هنن مٿي اسي لک روپيه ڏئي منهنجي اتان مئي 1993ع ۾ ٽرانسفر ڪرائي ڊپٽي ڪمشنر

خضدار. صبح جو اخبار ۾ پڙهيو تہ منهنجي بدلي خضدار ٿي وئي آهي ۽ منهنجي جاءِ تي ڊي سي خضدار مقرر ٿيو آهي.

# خضدار ڏانهن بدلي

ڪل آفيسر ذائقة البدلي وارو پيغام اخبار ۾ پڙهيو تہ مون ڊي سي خضدار کي فون ڪيو تہ حضرت توهان اڄ ۾ هت ايندا، يا مان تربت جي چارج ڇڏي اچي توهان کان چارج وٺان؟ چيائين تہ توهان اچي مونکان چارج وٺو! تيستائين مان ڪجھ ضروري ڪم اڪلائي وٺان. مون ايس اينڊ جي اي ڊي فون ڪري نوٽيفڪيشن فيڪس ذريعي گھرائي چارج ڇڏي وڃي ڪمشنر صاحب سان الله حافظ ڪرڻ لاءِ ملاقات ڪئي. ڪمشنر صاحب چيو تہ هينئر نہ وڃ، صبح سوير وڃ رات مون سان گڏ ماني کائو. مون ڪمشر صاحب جي چوڻ کي مان ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير خضدار ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. آواران جي ڊي سي صاحب جو فون آيو تہ سڀاڻي منجهند جو مانجهاندو هتان ڪندا پوءِ اڳتي وڃو. منهنجي لاءِ آوارن اڌ پنڌ تي هيو. خضدار وڃڻ لاءِ، سو مون مانجهاندي جي دعوت قبول ڪئي. آواران اڃان نئون ضلعو ٿيو هيو. اڳ ۾ اهو علائقو خضدار ضلعي ۾ هيو. تنهن ڪري آواران ۾ ڊي سي جي آفيس يا گھر اڃان تائين تعمير ڪونہ ٿيو هيو تنهن ڪري هڪ ريسٽ هائوس مان گھر ۽ آفيس وارو ڪم ورتو پئي ويو. گھڻو ڪري محمد افضل صاحب ڊي سي آواران هيو.

آواران ضلعي هيڊ ڪوارٽر بلڪل تربت ضلعي جي اوپر طرف بارڊر کان سڌ پنڌ تي هيو. آوارن شهر ۾ ان وقت تائين ڪوبہ پڪو رستو ڪونہ هيو نہ وري بجلي جو نظام هيو. جنريٽر جي ذريعي روشنيءَ جو ڪم هليو پئي. آواران شهر جي انوقت ايتري آبادي بہ ڪانہ هئي، ايئن لڳو پي جڻ ڪو وڏو ڳوٺ هجي. رات جي ماني مون ڪمشنر صاحب جي گھر کاڌي ۽ صبح جو سوير نڪرڻ کان اڳ سمورو اسٽاف اچي گھر جي ٻاهران گڏ ٿيو. گھر کان نڪرڻ کان اڳ مان انهن سان وڃي پنج منٽ ويٺس ۽ سڀني کان موڪلائي هلڻ جي تياري ڪئي. ليوي جي جوانن ڪافي جذباتي انداز ۾ ٿي موڪلاين. مان، منهنجي محبوبہ پٽ ۽ ڌيءُ اسان گاڏي ۾ سوار ٿياسين. ليوي جي گاڏي منهنجي گاڏي پٺيان هلڻ شروع ڪيو. ضلعي تربت ۽خضدار ٻئي هڪٻئي سان بارڊر ملندڙ ضلعا آهن ۽ وچم تقريباً ٽي سو يا سوا ٽي سو ڪلوميٽر جي فاصلو ٿيندو. ٻنهي ضلعي هيڊ ڪوارٽر جو رستو سڄو ڪچو. هينئر الحمدلله موٽروي ۽ ٻيا ڪافي رستا ٺهي ويا آهن، تنهن ڪري اڄ ۽ وچ آسان ٿي پئي آهي. تربت کان هوشاب جو تربت جي سب تحصيل هئي، انوقت تقريباً ڏيڍ سو ڪلو ميٽر اوپر طرف آهي جنهن کان پوءِ اوپر اتر تي خضدار ضلعي جي حد ملي ٿي ۽ هوشاب کان اوپر ۾ آوارن ضلعي جي حد ملي ٿي. تقريباً ٻارهن هڪ وڳي جي قريب آوران پهتس جتي اڳ ڊي سي آوارن مسٽر محمد

افضل صاحب انتظار ۾ هيو. ريسٽ هائوس ڪم ڊي سي آفيس ۽ گهر تي اچي گاڏيءَ مان لهي هٽ منهن ڌوئي ماني ٽڪي کائي خضدار ڏانهن راهي ٿياسين. تقريباً ڪلاڪ جو بريڪ آواران ۾ ٿيو. هوشاب کان پوءِ مون زوري ليوي وارن کي واپس ڪيو ته انهن جو ارادو هيو ته خضدار تائين اسين گڏ هلون. بهرحال تقريباً ٻن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ نال کان گذرڻ ٿيو جيڪو آبائي گهر آهي مرحوم غوث بخش بزنجو جو. نال کان پوءِ تقريباً هڪ ڪلاڪ کان پوءِ اچي خضدار شهر پهتاسين. ڊي سي خضدار جا ٻار ڪوئيٽا ۾ رهندا هيا. تنهن ڪري وڃڻ سان ڊي سي هائوس منهنجي حوالي ڪيائين. رات جي ماني ڪمشنر قلات جي گهر تي هئي جتي پنهنجي ملاقات ڊي سي صاحب سان ٿي. ڪمشنر قلات جو هيڊڪوارٽر خضدار ۾ آهي. ڪمشنر قلات ان وقت احمد بخش لهڙي صاحب هيو.

تربت کان خضدار پهچڻ لاءِ مونکي تقريباً ڏهه يارنهن ڪلاڪ لڳا. ڇو ته رستو سڄو ڪچو تنهن ڪري گاڏي جي رفتار ڪٿي ڪٿي ته ڊيگو پير پيران وارو حساب هيو ته ڪٿي وري چڱي ڀلي جي ڊيگ واري رفتار هئي.

صبح جو تيار ٿي آفيس ويس اتي ڊي سي صاحب آيو سڄي اسٽاف سان تعارف ڪرايائين چانهه وغيره پي هڪبئي کي چارج ڏئي مونکي ڊي سي جي ڪرسي تي ويهاري پاڻ تربت ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪيائين. جنهن گاڏي ۾ مان آيو هيس انهي گاڏي ۾ چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيو.

بلوچي ۽ براهوي ۾ خوضدار چوندا آهن اردو ۽ انگريزي ۾ خضدار. خضدار جا چار تعلقه آهن: خضدار، نال، وڍ، زهري. مشهور قبيلا: زهري، مينگل، بزنجو ساسولي، عمراڻي، احمدزئي، ريڪزئي، محمد حسني، جتڪ، زرڪزئي وغيره وغيره. خضدار بلوچستان جو ٽيون نمبر تي وڏو شهر آهي، ڪوئٽيه، تربت، خضدار.

ايراضي ۾ سنڌ جي چوٿين حصي جيترو وڏو ضلعو آهي. ڪل سنڌ جي پکيڙ تقريباً هڪ لک چاليهه هزار ڪلو ميٽر آهي ۽ موجوده خضدار جي ايراضي تقريباً ڇٽيهه هزار اسڪائر ڪلو ميٽر آهي. جڏهن آواران خضدار جو حصو هيو انوقت چوهٽ هزار مربع ڪلو ميٽر ايراضي هئي تقريباً سنڌ جو اڌ. خضدار سطح سمنڊ تقريباً چار هزار فوٽ بلندي تي آهي. موسم خوشگوار سرديءَ ۾ سردي جام پوندي آهي.

1955ع کان وٺي جڏهن بلوچستان ڪمشنريٽ وجود آيا ته ڪمشنر قلات جو هيڊڪوارٽر خضدار ۾ رکيو ويو.

ڪوئيٽا کان ڪراچي ويندڙ آر سي ڊي هاءِ وي خضدار شهر مان لنگهي ٿو. خضدار هڪ براهوي علائقو آهي جنهن ۾ براهوي کان علاوه بلوچي ۽ سنڌي عام ڳالهائي ويندي آهي. خضدار کي سنڌ جو ويجهو وڏو شهر شهداد ڪوٽ آهي. شهداد ڪوٽ هينئر جڏهن موٽروي تيار ٿي ويو آهي ته ڪلاڪ کن جي پنڌ تي آهي، جڏهن پڪو رستوڪونه هيو تڏهن تقريباً ٽن ڪلاڪن جو ٽائيم لڳي ويندو هيو.

خضدار جي اتر ۾ قلات ضلعو اولهه اتر ۾ خاران، اولهه ۾ پنجگور اولهه ڏکڻ ۾ آواران، ڏکڻ ۾

لسبيلو اوير ۾ دادوءَ قمبر شهدادڪوٽ ۽ اوير اتر ۾ ضلعو جهل مگسي.

جنهن وقت مون خضدار جي چارج ورتي، انهيءَ وقت نصير مينگل بلوچستان جو نگران وزير اعليٰ هيو.

گورنمينٽ جي مخالفت ۾ اختر مينگل، ثناءُ الله زهري ۽ بزنجوءَ بيٺا هيا.

رياست قلات جي زماني ۾ به اهم شهر رهيو آهي. خان آف قلات جي ساڄي پاسي واري ڪرسي تي چيف آف جهلاوان ۽ کٻي پاسي چيف آف ساروان هوندو هيو. چيف آف جهلان والان زهري صاحب خضدار ۾ هوندو هيو ۽ چيف آف ساروان رئيساڻي مستونگ ۾ رهندو هيو.

خضدار جي سرڪٽ هائوس جو خرچ ۽ سنڀال سرڪار ڪندي هئي پر قبضو زهري برادري جو. جيڪڏهن ڪوئي سرڪاري مهمان ايندو هو ته زهري برادرس جي ننڍي ڀاءَ جي مرضي هوندي هئي ته ڪنهن کي رهڻ جي اجازت ڏئي يا نه ڏئي. صبح جو سوير اٺ ڌاري سان پهاڙ جي طرف رڳو فائرنگ هلندي هئي. مون ٻئي ڏينهن آفيس پهچي پڇا ڪئي ته هي صبح جو ڇاجي فائرنگ ٿيندي آهي؟ ٻڌايائون ته زهري صاحب جو ننڍو ڀاءُ هٿيار هلائڻ جي پريڪٽس ڪندو آهي. مون پڇيو ته رهندو ڪٿي آهي؟ ٻڌايائون ته سائين سڄو سرڪٽ هائوس ان جي حوالي آهي.

اسسٽنٽ ڪمشنر خضدار کي گهرايوءَ چيو ته اڄ توکي صرف به ڪم ڪرڻا آهن. چيائين جي سائين .

هينئر ۽ اڄ سرڪٽ هائوس ۾ جيڪي به ماڻهو قبضو ڪيون ويٺا آهن، انهن سڀني کي ٻاهر ڪڍ ۽ صفائي وغيره ڪرائي مونکي ٻارنهن وڳي اچي ٻڌاءِ، ان کان پوءِ مان پاڻ هلي چيڪ ڪندس ته سرڪٽ هائوس لاءِ ڪهڙي شئي جي ضرورت آهي يا نه.

ٻيو صبح جو جيڪا پهاڙن ۾ فائرنگ ٿئي ٿي، انهيءَ کي بند ڪراءِ. جيڪڏهن فائرنگ ڪير ڪري ته انهيءَ تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪريس. اي سي خضدار ويو ۽ ڪلاڪ کن ۾ سڄو سرڪٽ هائوس خالي ڪرائي انهي جي صفائي شروع ڪرائي ڏني. الحمدلله ٻئي ڏينهن صبح جو فائرنگ جو سلسلو بند ٿي ويو.

خضدار شهر ۾ وڏا دڪان عمومن هندو برادري وارن جا هيا. خضدار جي تقريباً سڀني سردارن جا پلاوٽا هندو هوندا هيا. حليه اهڙا هوندا هئن جو تون ڪڏهن به ڪونه سڃاڻيندين ته ڪي هي هندو برادري سان واسطو اٿن. ڏاڙهي مڇ کي وٽ پٽڪو ٻڌل، ڪلهي تي بندوق. جيڪڏهن نالو نه ٻڌائن تي ڪير چئي ڪونه سگهندو ته ڪو هي هندو برادري مان هوندو. ذات پڇبي ته ٻڌائيندا نالو ڪوڙومل مينگل، زهري، ساسولي مطلب ته جهڙي علائقي هوندو، اتان واري ذات سڏائيندا.

شهر ۾ پوليس بي وس هوندي هئي. ڪيترو به ڏوهاري هوندو هيو ۽ ٿاڻي تي به ڪم ڪار سان ايندو هيو ته به گرفتار ڪرڻ جي همت پوليس وارا ڪونه ڪندا هيا .

هڪ دفعي ڪو ماڻهو آيو، جنهن ٻڌايو ته سائين منهنجو ڀاءُ ٻن ڏينهن کان ٻانهن ڪڏ ڪوٺي انهيءَ ۾ پيل آهي ۽ اڄ ۽ بڪ تي بيحال ٿي ويو آهي. مون کي ڳالهه سمجهه ڪونه آئي ته هن جي چوڻ جو مطلب ڇا آهي. مون چيو ته ڀائي پوءِ انهي کي ماني ٽڪي ڪارايو ۽ ٻانهن ڪڍوس. چيائون ته سائين

اهو تہ ظلم آهي جو اسان کي اجازت ناهي تہ ڪو اسان انکي ڪجھہ کائڻ پيئڻ لاءِ ڏيون. مون پڇيو تہ ڪير نٿو ڏئي؟ چيائين تہ سائين سردار زادو. مون پڇيو تہ مونکي ڳالھہ سمجھہ ڪونہ آئي، ڇاجي ڪري هو توهانجي پاڻ کي اچ ۾ بک تي رکيو اٿس؟

ان ماڻهو ٻڌايو تہ سائين ڪنهن ماڻهو اسان تي الزام هنيو ۽ سردارزادي اسان کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ فيصلو ڪيو. جنهن اسان تي بہ ادائي لک ڏنڊ وڌو. هاڻي جيترو بہ ڏنڊ وڌو ويو، انجو چوٿون حصو فيصلي ڪندڙ جو ٿيندو آهي. ٻيا ڏنڊ جا پئسہ ڏيڻ ۾ ڪجھہ وقت ڏيندا آهن. باقي فيصلي ڪرڻ واري جي چوٿائي ڏنڊ جي هو اتي پيري پوءِ ٻاهر ويندو. جيستائين ڏنڊ جي چوٿائي نہ ڏيندو تيستائين ان همراهہ جو هٿ زمين ۾ سوراخ ڪري مٿيءَ سان بند ڪري ڇڏيندا آهن. منهنجي لاءِ اها نئين ڳالھہ هئي. بهرحال مون ان سردار زادي کي چورائي موڪليو تہ هينئر کان پوءِ اها مستي هتي ڪونہ هلندي. جيڪڏهن اهڙي قسم جي ڪا واردات ٿي تہ قانون پنهنجي حرڪت ۾ اچي ويندو.

الحمدالله انهي کان پوءِ مان جيستائين خضدار ۾ رهيس نہ فائرنگ جي گرجڻ ٻڌڻ ۾ آيو نڪي وري ڪنهن ماڻهو جي ٻانهن کي ڍري ۾ پوريل جي شڪايت آئي. سرڪٽ هائوس بہ صرف سرڪاري مهمانن لاءِ ڪليل رهيو. فيصلي جي چوٿائي وٺڻ فيصلي ڪندڙ لاءِ ڪو رواج ناهي، پر ڪٿي ڪٿي هلندڙ هيو. جنهن جي باري ۾ ڪا شڪايت موصول ڪانہ ٿي، باقي خبر خداوند کي تہ انهيءَ ۾ ڪيتري سچائي آهي.

# خضدار ۾ قبائلي نظام

1993ع مئي مهيني ۾ خضدار جي چارج ورتي، حسب معمول علائقي جي واقفيت لاءِ دوري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو. منهنجي هميشه ڪوشش هوندي آهي ته سڀ کان پري واري علائقي جي خبر چار لهجي. آفيس سپرنٽينڊنٽ کي چيو ته خضدار ضلعي جو نقشو ڪڍي اچ ته جيئن مان ڏسي پوءِ اهو فيصلو ڪريان ته علائقي کي ڏسڻ ۽ ان جي درپيش مسئلن ۽ انجي جي حل لاءِ ترڪيب ڳولهي ڪڍجي. جنهن وقت ضلعي جو نقشو ڪڍي آيو ته مون ڏٺو ته پنڌ جي حساب سان سڀ کان پري ۽ مشڪل علائقو سارونا آهي. هيءُ اهڙو علائقو آهي جيڪڏهن ضلعي هيڊ ڪوارٽر کان سارونا وڃڻو هجي ته واپسي ٻن ڏينهن کان پوءِ ٿيندي آهي.

مون خضدار ضلعي ۾ ايريا جي واقفيت لاءِ پهريون دورو سارونا جو ڪيو. سارونا وڃڻ لاءِ خضدار کان لسبيله ڪراس ڪري سنڌ ۽ بلوچستان بارڊر وٽ پهچي پوءِ اتر طرف سؤ ڏيڍ سؤ ڪلو ميٽر ڏنگي ۽ اڙانگي رستي کان ٿيندو جئي جبل ۾ شاهه نوراني کان گذرندي پوءِ وڃي سارونا تائين پهتس. جڏهن مان اتي پهتس ته پري پري تائين آبادي نظر ڪونه پئي آئي. سارونا دنيا جي سهولتن جي لحاظ کان تمام گهڻو پٺتي پيل علائقو هيو جتي نه رستي جي سهولت نڪي پيئڻ جو صاف پاڻي، صحت ۽ تعليم جون سهولتون بلڪل نه هجڻ جي برابر.

مونکي موقعو مليو ويو هڪڙي پيرسن سان ڳالهائڻ جو پهريان ته ڪجهه هچڪچاهٽ هيس، پوءِ مون کيس آهستي آهستي ان جي اندر همت واري ڪيفيت پيدا ڪئي. ٿوري دير ۾ پاڻهي بي تڪلف واري انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ٿي ويو. مون سان سچو وقت سنڌي ۾ ڳالهايائين. جڏهن مون ڏٺو ته بابو هاڻي بي تڪلف ٿي ويو آهي ته مون ٻئي اسٽاف کي چيو ته توهان پري وڃي ويهو مان چاچي سان دل وندرايان. آهستي آهستي چاچو کلي ڳالهائيندو ويو. جيڪا چاچي ڪم جي ڳالهه ڪئي اها هئي ته چيائين ابا ڪراچي کان جيڪي به گاڏيون چوري ٿينديون آهن، اهي سڀ هن رستي کان گذري پوءِ مختلف روٽ سان ويندي وڃي چمن دنگ ڪنديون آهن. مون وڌيڪ پڇيو ته بابا پوءِ انهن جي پنيان ڪا واهر به ايندي آهي يا نه؟ چيائين ته بابا گاڏي چوري ڪندڙ ڏاڍا تيز آهن ۽ اهي پوليس جي مدد کان سواءِ اهو ڪم ڪري ڪونه ٿا سگهن. مون کي چيائين ته سائين منهنجي هينئر عمر تقريباً ست سال کن هوندي، اسان جي علائقي ۾ ڪڏهن به ڪا چوري جي واردات ناهي ٿي ۽ هيءُ جيڪي سنڌ مان گاڏيون چوري ٿي هتان گس وٺي وڃن ٿيون، اهو اڳي ڪڏهن به ڪونه هيو پر اهو هاڻي پنج ست

سالن کان هلي پيو ۽ اسين سمجهون ٿا ته بابا انهن سان پوليس شامل آهي. مون کان سوال واري انداز ۾ پڇيائين ته سائين آفيسر ماڻهو آهيو ڀلا اهو ٻڌايو ته حب کان پوليس جي چيڪنگ به ٻنهي پاسي آهي، پوءِ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ڪراچي يا ڪراچي کان ٻاهر سنڌ جي ڪنهن به حصي مان گاڏي چوري ٿئي ٿي، پوليس کي اطلاع به ملي وڃي ٿو ۽ پوءِ به آرام سان ايترو سارو رستو عبور ڪري گاڏي ڪاهي گذري وڃن ٿا. سائين بس مڃئي پوليس ان سان ڀٽ لڳي پئي آهي.

مون چاچي کي چيو ته بابا ڪو اهڙو ڪم ڏس، جنهن تي ڪو ترت عمل ٿي وڃي. چيائين ته بابا اسان ته اٽپڙهيل آهيون بس ڪوئي اسڪول ويجهو هن ڳوٺ لاءِ ٿي وڃي ته جيئن اسان جا ٻچڙا به اکر پڙهي سگهن. مون چيو ته بابا بلڪل انهيءَ جو سد باب ڪريون ٿا. مون چيو ته بابا توهان منهنجي هڪڙي مدد ڪريو جيستائين سرڪار طور تي بلڊنگ نٿي، تيستائين ڪچو پڪو اجهو هجي جتي ٻار گرمي سردي ۾ پنهنجو مٿو لڪائي سگهن. چيائين ته بابا اهو ڪم اسان ڳوٺاڻا ڪنداسين مون چيو ته بابا پوءِ سڀاڻي کان توهانجي ڳوٺ ۾ استاد پهچي ويندو. مون انهي وقت ڊي اي او اسڪول کي چيو ته هن ڳوٺ ۾ استاد جو بندوبست ڪر ۽ اسڪول جي بلڊنگ لاءِ بجيٽ ۾ پروپوزل ڏياري موڪل. صحت جي لاءِ سارونا لاءِ ڊي ايڇ او کي چيو ته ضروري دوائن لاءِ انتظام جلد کان جلد ڪر. جيڪو اتي صحت جي لاءِ انتظام هيو اهو نه هئڻ جي برابر هيو.

سارونا کان موٽندي مون رات وڃي ڪراچي گذاري، صبح جو ڪراچي کان خضدار لاءِ روانو ٿيس. ٻئي ڏينهن تي بلڊنگ انجنيئر صاحب آيو ته سائين ضلعي جي لاءِ نئون جيل ٺاهي تيار ڪيو آهي، جيڪڏهن چاهيو ته هڪ نظر مان ڪڍي ڇڏيو. مون پڇيو ته جيل سپرنٽينڊنٽ ڏنو آهي؟ چيائين ته ها سائين. مون چيو ته چڱو جيل سپرنٽينڊنٽ کي گهرايو ته هلون ٿا. غالبن خضدار شهر جي اوير اتر طرف سڌ پنڌ تي نئين بلڊنگ نهيل نظر آئي، ٻڌاين ته اها جيل جي نئين عمارت آهي. خير سان اتي وڃي پهتاسين بلڊنگ اينڊ روڊ جي انجنيئر ٻڌائڻ شروع ڪيو ته اسان هي بلڊنگ تمام سٺي نموني سان ٺاهي آهي ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ به ڏاڍي تعريف پئي ڪئي ته جيل جي عمارت تمام سٺي ٺهي آهي ۽ مان ڪم جي حساب سان مطمئن آهيان. بلڊنگ مون پوري گهمڻ شروع ڪئي، انجنيئر صاحب ٻڌائيندو پيو هلي ته هي ڪمره فلاڻي ڪم لاءِ آهن ۽ هي آفيس بلاڪ آهي هي قيدين جي رڌ پچاءُ جي جاءِ آهي. هتي ملاقاتي ايندا وغيره وغيره مطلب اهو جيل هڪ بهترين ۽ مضبوط نهيل آهي. شايد ٻن سو ماڻهن لاءِ قيدخانه هوندو. مونکي جڏهن قيدين جي بيرڪ ڏيکاري وئي ته مون جيل سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو ته آيا هي بيرڪ صحيح تعمير ٿيل آهي؟ چيائين ته سائين زبردست.مون وري به پڇيو ته وري سوچ مونکي ان ۾ غلطي نظر اچي ٿي.چيائين ته نه سائين بلڪل درست نهيل آهي.

جيل سپرنٽينڊنٽ کي مان جنهن ڳالهه ڏانهن متوجه پيو ڪيو هو انهي ڳالهه کي سمجهي ڪونه پيو. هيو ائين ته قيدين جي بيرڪ کي بند ڪرڻ لاءِ هميشه ڪڙو ۽ ڪنڊو ٻاهران هوندو آهي، پر ان بيرڪ کي ڪڙو ۽ ڪنڊو ٻنهي پاسن کان هيو. مون سوال ڪندي جيل سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو ته جيڪڏهن فرض ڪيو ته قيدي ڪنهن ڳالهه تان پاڻ ۾ وڙهي ٿا پون، ڪنهن قيدي جي حالت خراب

آهي ۽ جيڪڏهن بيئرڪ کي اندر کان ڪڙو ۽ ڪنڊو لڳل آهي تہ توهان جيل سپرنٽينڊنٽ ان قيدي کي کيئن ڊاڪٽر تائين پهچائيندين. چيائين تہ بيئرڪ ۾ بند قيدين کي چوندس تہ ڪڙو ۽ ڪنڊو کوليو. مون چيو اهو تہ تڏهن جڏهن حالتون نارمل هجن. مون چيو تہ هي ڏس قيدين جي بيئرڪ کي ٻنهي پاسن کان ڪڙو ۽ ڪنڊو آهي، اهو بلڪل غلط آهي صرف ٻاهران ڪنڊو ۽ ڪلف جو حساب هجڻ کپي.

گهمندي گهمندي مون ڏٺو تہ بجلي جي فٽنگ غلط ٿيل هئي، مون جيل سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو تہ جيڪا هي بجلي جي فٽنگ ٿيل آهي اها صحيح آهي؟ چيائين تہ سائين پاڻ ڏسي چيڪ ڪيو آهي تہ مٽيريل اي ون آهي. مون چيو تہ سائين منهنجا مان جيڪو پڇڻ چاهيان ٿو انجو ٻڌاءِ. مون وري چيو تہ فٽنگ بہ غلط ٿيل آهي! چيائين تہ سائين اهو وري ڪيئن؟ مون جيل سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو تہ ڇاتوڪڏهن ٻڌو آهي تہ ڪنهن قيدي پنهنجو پاڻ کي بجلي جي ڪرنٽ سان ماريو هجي. چيائين اهڙا ڪوڙ سارا واقعا ٿيا آهن. مون چيو تہ پوءِ بہ توهان چوين ٿو تہ بجلي جي فٽنگ صحيح ٿيل آهي. چيائين تہ ها سائين. مون چيو تہ بنده خدا توهان بيئرڪ جي فٽنگ ڪرائي ۽ انجو ڪنٽرول توهان قيدين جي حوالي ڪيو آهي. نہ توهان بجلي جو بلب ٻاري سگهو نڪي وسائي سگهو. بجليءَ جي فٽنگ ڪري سوئچ بورڊ اندر سائيڊ کان رکڻ انتهائي نقصانده آهي. سوئچ بورڊ کي ٻاهران رکو تہ جيئن انجو ڪنٽرول قيدين وٽ نہ هجڻ کپي. انهيءَ کان پوءِ واچ ٽاور ڊيڪاريائون مون ڏسي جيل سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو تہ آيا تون هن برجي مان مطمئن آهين؟ چيائين تہ سائين بلڪل اوچو بہ آهي بہ ٽي ماڻهو گڏ بيهي ۽ ويهي بہ سگهن ٿا. انهيءَ جو مطلب تہ بلڪل ٺيڪ آهن. مون جيل سپرنٽينڊنٽ کان سوال پڇيو تہ جيئن هي واچ ٽاور ٺهيل آهي ۽ ڪوٽ جي ٻاهران واچ ٽاور تي چڙهڻ لاءِ ٻاهران کولڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ تالو هڻڻ جو انتظام ٿيل آهي ۽ اندر کان ڪوئي ڪڙو ڪنڊو ڪونهي، ڇا اهو واچ ٽاور حملي ڪندڙ جي حق ۾ سنو ثابت نہ ٿيندو. مون چيو تہ ڪجھ عقل ڪر! واچ ٽاور ۾ ماڻهو هڪ ڊيوٽي ڏيندو يا بہ هجن. حملي آور گهٽا آهن ۽ چوري ۽ بي خبرائي ۾ واچ ٽاور جو ٻاهريون ڪنڊو کولي ٽاور تي مٿي اچي تنهنجي ان بيٺل سپاهي تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ جيل جي سيڪيورٽي ڪنهن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندي. مون چيو هي جو ٽاور جي اچڻ وڃڻ لاءِ سڄو ڪنٽرول ٻاهر واري ماڻهو کي ڏنل آهي، تنهنڪري انهن واچ ٽاورن جي کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو نظام اندر کان هجڻ کپي نڪي ٻاهران. مون اهي تجويزون انهن کي ڏئي واپس آفيس جي لاءِ روانو ٿيس.

جيل جي بلڊنگ جي دوري ڪرڻ کان پوءِ جڏهن شهر مان گذران پيو تہ رستي ۾ پوليس اسٽيشن هئي. مان گاڏيءَ کي ٿاڻي جي اندر هلڻ لاءِ چيو. جڏهن ٿاڻي اندر ويس تہ مونکي ڪنهن بہ طرح ٿاڻي واري حالت نظر ڪانہ پئي اچي. ٿاڻوائين پي لڳو جڻ تہ پورهيت مزدوري ڪرڻ کان پوءِ ٿڪل ٽٽل مزدور گهر اچي پهتا آهن . ٿاڻي جي هڪ هيبت هوندي آهي، جنهن جي ڪري ڏوهاري هميشہ ٿاڻي کان ڊڄندو وتندو آهي. اها جدا ڳالھ آهي جو اڄ ڪلھ شريف ۽ معتبر ماڻهو تہ ٿاڻي کان ڊڄندو آهي ۽ لوفر کان ٿاڻي وارا ڊڄندا آهن. مون پڇا ڪئي تہ ايس ايڇ او ڪٿي آهي؟ ڏسان تہ سول ڊريس ۾ هڪ ماڻهو ٿاڻي جي اندران ٻاهر تيز رفتار سان آيو. اچڻ سان چيائين تہ سائين مان هن ٿاڻي جو ايس

ايڇ او آهيان. مون پڇيو روز نامچو ڪٿي آهي؟ رجسٽر ڪٺي آيو. مون پڇيو ته اڄ جي آخري انٽري ڪهڙي آهي، مونکي ڏيکار؟ همراهه چوڻ لڳو ته سائين وه سائين وه مون چيو ڪجهه ڪڇ، ڇا ٿو چوڻ چاهين؟ چيائين ته سائين روزنامچو ته ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن. اسان انتي ڪاٻه انٽري ڪانه ڪئي آهي. مون پڇيو ته تنهنجي ٿاڻي جا گهڻا ماڻهو ايبسڪانڊر آهن انهن جو رجسٽر يا ڪوئي رڪارڊ ڏيکاريو. مون پڇيو ته تنهن جي ٿاڻي جا گهڻا اهڙا ڪيس آهن جن جو اڃان جڊيشل ريمانڊ نه ٿيو آهي؟ ايبسڪانڊر گهٽڻ ڪيسن ۾ ايبسڪانڊر ڏيکاريل آهن؟ توهان وٽ اهڙا ڪيترا ڪيس آهن جن جا چوڏهن ڏينهن ٿي ويا آهن پر اڃان تائين ڪيس ڪورٽ سڳوري ۾ پيش ناهي ٿيو؟ ايس ايڇ او سهڪڻ شروع ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته سائين بس، مون ٿوري ايس ايڇ او کي رهڻ ڏني، پر مون ڏٺو پئي ته همراهه ڪري نه پوي. مون چيس ته مان آفيس هلان ٿو تون ۽ محرر ٻئي اهو رڪارڊ کڻي اچي مون کي اچ ئي ڏيکاريو جنهن ۾ اها مٿي ڄاڻايل معلومات هجي.

منهنجي آفيس پهچڻ کان ٿوري دير ۾ ايس ايڇ او ۽ هيڊ محرر رڪارڊ کڻي اچي پهتا. رڪارڊ جون پٽارڪ پريل هجي جنهن کي جاچڻ لاءِ هفتا لڳي وڃن. مون چيو ته مون کي صرف لسٽ ناهي ڏي جنهن ۾ ڪيس جو نمبر، واردات جي نوعيت، ماڻهو گهڻا نامينيٽ ٿيل آهن، انهن مان گهڻا گرفتار ٿيا، ڪهڙي ڪورٽ ۾ ڪيس ويو، انت ڪيس جو ڇا ٿيو. ايبسڪانڊر گهڻا آهن، ٿاڻي ڪهڙي انهن خلاف ڪاروائي ڪئي آهي. ايس ايڇ او ۽ هيڊ محرر ٻئي هڪا ٻڪا هڪٻئي کي پيا ڏسن ته ڪهڙو جواب ڏيون. آخرڪار ڏڪندي ايس ايڇ او چيو ته سائين مونکي ٻه ڏينهن ڏيو. مون چيو ته خير آ توکي ٻه ڏينهن پورا پر ٻن ڏينهن ان کان پوءِ اهو سڄو رڪارڊ کڻي ايندين.

# سنڌ جون چوري ٿيل گاڏيون بلوچستان ۾...

سارونا کان منهنجي واپسي بعد جلد گهرو کاتي پاران هوم ڊپارٽمينٽ پاران هڪ امن و امان جي لحاظ کان گڏجاڻي سڏائي وئي وئي، جنهن ۾ سپ ڪمشنر، ڊي آءِ جيز ۽ ڊي سيز شريڪ هيا. گڏجاڻي خاص ڪري ايندڙ اليڪشن 1993ع متعلق هئي ته ڪهڙيون ۽ گهٽيون پولنگ اسٽيشنون هونديون، جتي گڙ ٻڙ ٿيڻ جو انديشو آهي. جنرل اليڪشن جو شيڊول اجان جاري ڪونه ٿيو هيو پر توقع هئي ته ڪجهه ڏينهن ۾ اليڪشن ڪميشن شيڊول جاري ڪندي، انهي لاءِ تياري ڪافي اڳ ۾ ڪرڻي هوندي آهي. خير مون ميٽنگ جي دوران ٻين ڳالهين کان علاوه سنڌ مان گاڏين جي چوري ٿيڻ ۽ چمن ڏانهن رستي بابت ڳالهه ڪئي. هوم سيڪريٽري ٻڌايو ته انهي لاءِ اڳ به ڪجهه اهڙيون رپورٽون مليون آهن پر اجان انجي تصديق ڪانه ٿي آهي.

ڪوئيٽا کان واپسي تي ايس ايڇ او ۽ هيڊ محرر کي گهرايو ته لسٽون ڪٽي اچو. لسٽون ڪٽي آيا مون ڏٺو ته ڏوهه ڪرڻ وارن جي پٽ ايٽري مضبوط آهي، جو اڄ تائين ڪڏهن پوليس اها جرئت ڪانه ڪئي جو انهن ۾ هٿ وجهي. ايئن ڪٽي چئو ته جيڪي ڏيک ويک ۾ وڏا معتبر آهن اوترا وڏا ڏوهاري. جڏهن مون ايس ايڇ او کان پڇا ڪئي ته ڇاجي ڪري پندرنهن ويهه سال گذري وڃڻ جي باوجود مڪمل چالان ڪورٽ ۾ پيش نه ڪيا آهن؟ چيائين ته سائين جوابدار ملن ڪونه ٿا، تنهن ڪري جاچ ٿي نه سگهي آهي، انهيءَ ڪري پورو چالان ڪورٽ ۾ پيش ڪري نه سگهيا آهيون. مون پڇيو ته جوابدار ڪٿي ضلعي کان ٻاهر آهن؟ چيائين ته سائين نه، مون چيو ته پوءِ ڪهڙو مسئلو آهي؟ همراهه پريشان پر ڪجهه چوڻ لاءِ تيار ڪونه هيو.

آخرڪار مون ان لسٽ تي انسپيڪشن نوٽ هڻي آرڊر ڪيو ته جيڪي به هن لسٽ ۾ جوابدار آهن، انهن کي فوري گرفتار ڪري مونکي ٻن هفتن ۾ رپورٽ ڏي. وڌيڪ مون لکيو ته جيڪڏهن جوابدار ٻي ايريا ۾ رهن ٿا ته مان ليوي فورس کي حڪم ٿو ڪيان ته جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ هرممڪن مدد ۽ ڪوشش ڪندا. جيڪڏهن ڪنهن به ليوي فورس جي اهلڪار پوليس جي مدد نه ڪئي ته انجي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، نوٽ هڻي ايس ايڇ او کي چيو ته جيڪڏهن هاڻي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ٿي ته پوءِ تون ٻاهر ڪونه گهمندين، بلڪ تنهنجي مٿان نالائقي ۽ نااهل اهلڪار ڄاڻائي قانون مطابق ڪاروائي ٿيندي. همراهه اڌ جيئري ماڻهو وانگر لڙڪڙائيندو روانو ٿيو. منهنجي ٽرانسفر کان پوءِ آفيس سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو ته سائين جڏهن ايس ايڇ او توهانجي آفيس کان ٻاهر آيو ته اچي به منٽ مون وٽ ويٺو ۽ چيائين ته پاڻي جلدي ۾ پيار. پاڻي پيئڻ کان پوءِ گهبرايل

۾ پريشان هيو ۽ وڏو شوڪارو پيري ڇپائين ته ڊي سي صاحب ته ڪو جلاد آهي. مان ته ٻن باهين ۾ اچي ڦاٿو آهيان جيڪڏهن انهن جوابدارن کي گرفتار ٿو ڪيان ته منهنجو جيئڻ جنجال ٿي ويندو. جيڪڏهن گرفتار نٿو ڪيان ته منهجي نوڪري تيل ٿي ويندي.

ان لسٽ ۾ ٻيا ته ڪافي شرفاء هيا پر ان لسٽ ۾ موجوده ڪيئر ٽيڪر وزير اعليٰ صاحب جي پيءُ جو نالو به هيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ پرنسپل سيڪريٽري وزير اعليٰ جو فون آيو ته ڄامڙو صاحب هي تو ڇا ظلم ڪيو آهي. مون ڇيو ته سائين ڇا ٿيو. ڇپائين ته توهان وزير اعليٰ صاحب جي پيءُ کي گرفتاري جو حڪم ڏنو آهي. سي ايم صاحب ٿو چوي ته يار جڏهن اسين اپوزيشن ۾ هياسين، تڏهن به اسان جي گهر جي ڀاتي کي گرفتاري جو ڪنهن حڪم ڪونه ڏنو. هينئر ته مان سي ايم آهيان ۽ منهنجي پيءُ جي گرفتاري جا احڪامات توهان جاري ڪيا آهن. ڇپائين ته هاڻي سي ايم صاحب جي پيءُ جي گرفتاري جو حڪم واپس وٺي ڪينسل ڪر. مون ڇيو ته سائين سي ايم صاحب جي پيءُ کي چئو ته اچي پيش پوي، انهيءَ کان پوءِ رعايت ملندي باقي مان جيڪي آرڊر ڪيو آهي انهيءَ کي ڪينسل ڪونه ڪندس. ڇپائين ته توکي خبر آهي ته انهيءَ جي ڪري سي ايم صاحب ڇا ڪري سگهي ٿو؟ مون عرض ڪيو ته سائين منهنجي بيگ تيار آهي، مون کي جيڪو حڪم ملندو مان ان لاءِ تيار آهيان.

ٻئي ڏينهن منهنجي پڦي فوت ٿي وئي، مان ٻن ڏينهن لاءِ ڳوٺ شهدادڪوٽ کان ٿيندو ويم. ڳوٺ کان موٽي خضدار پهتم. اليڪشن ڪميشن جون جنرل اليڪشن جو شيڊول ڏيڻ خاطر اسلام آباد ۾ ميٽنگ هلن پيون. بلوچستان گورنمينٽ آگسٽ 1993ع ۾ ڪافي ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ ڪيون ۽ منهنجي بدلي ايڊيشنل سيڪريٽري زراعت بلوچستان ٿي. آگسٽ جي يارهين تاريخ تي مون ڊپٽي ڪمشنر خضدار جي چارج ڏئي ڪوئيٽه روانو ٿي ويم.

# تربت ۽ خضدار جي ماڻهن ۾ فرق

تربت ۽ خضدار جي علائقي جي ماڻهن ۾ جيڪو فرق مونکي محسوس ٿيو اهو هيءُ آهي:
هڪ تہ سياسي شعور ۽ تعليم جي لحاظ کان مڪران جو عام ماڻهو بہ خضدار کان ڪافي اڳتي نظر آيو.
ٻيو مڪران جو ماڻهو سردار جي ڪنٽرول ۾ ناهي، خضدار جو عوام ان جي مقابلي ۾ سردارن جي ڪنٽرول ۾ آهي.
ٽيون اقتصادي ۽ معاشي طور مڪران جو ماڻهو وڌيڪ آسودو آهي، بنسبت خضدار جي ماڻهن ڪان.
چوٿون قبائلي جهڳڙا مڪران جي علائقي ۾ ڪونہ آهن، جڏهن تہ خضدار ۾ قبائلي جهڙا جهتا عام آهن.
پنجون مڪران جا ماڻهو نوڪري سانگي گلف اسٽيٽس ۾ ڪافي تعداد ۾ آهن، جڏهن تہ خضدارجا ماڻهو پنهنجي سردار جي رحم ۽ ڪرم تي آهن. معدنيات جي لحاظ کان ٻئي ضلعا مالامال آهن. زراعت منهنجي خيال مطابق مڪران ۽ خضدار ۾ تقريباً برابر آهي. مڪران جي ماڻهن لاءِ ڪجي جا باغ وڏي آمدنيءَ جو ذريعو آهن جڏهن تہ خضدار جي ماڻهن جو گذارو گهڻي قدر مال مويشي ۽ ماربل تي آهي.
ڇهون تربت شهر جي آبادي خضدار جي مقابلي ۾ گهڻي آهي، پر خضدار شهر تربت کان وڌيڪ منصوبابندي سان ٺهيل آهي .
ستون تربت ۾ گهڻي قدر عام واهپي جون شيون ايران مان اسمگلنگ ٿي اچن ٿيون، جڏهن تہ خضدار ۾ اسمگلنگ جو سامان گهڻي قدر چمن باڊر جي معرفت اچي ٿو.
اٺون مڪران جو ماڻهو سوچ ۾ ڪافي آزاد آهي، بنسبت خضدار جي ماڻهو کان.
نائون ملڪي سطح تي سياست ۾ خضدار مڪران کان اڳتي آهي.
ڏهون ٻنهي ضلعن جو عوام پيار ڪرڻ وارو سٻاجهڙو آهي.

خضدار کان ڪوئيٽا لاءِ روانہ ٿياسين، رستي ۾ منگوچر جو علائقو ڪافي سرسبز آهي. اسان سوچيو تہ ٿوري بريڪ وٺي پوءِ اڳتي هلون. منگوچر سرسبز هئڻ جي ڪري اکين لاءِ ٿڌڙ نظارو هيو

سو اسان ارادو ڪيو ته ڪنهن ڊرائيور هوٽل جي چانهه پي پوءِ اڳتي هلون. ڊرائيور کي چيو ته هوٽل واري کي چئو ته بغير کنڊ جي چار چانهيون ڪڙڪ ٺاهي. چانهه ٺاهي ڪٽي آيو ته چانهه مٺي هئي. اسان چيو ته بابا اسان ته توکي گذارش ڪئي ته بغير کنڊ جي چانهه ڏي هي ته جڻ صرف کنڊ ۾ چانهه تيار ڪئي آهي. هڪ چانهه ۾ کنڊ وجهبي آهي هي ته جڻ کنڊ ۾ چانهه وجهي ڪٽي آيو آهين. چيائين ته سائين چانهه ته بلڪل بغير کنڊ جي ٺاهي آهي . اسان پڇيو ته پوءِ هي ڪيئن مٺي ٿي آهي جڏهن تو ان ۾ کنڊ به ڪانه وڌي آهي؟ چيائين ته کوچا چانهه ٺاهڻ وارو پتيلو ساڳيو آهي، جنهن ۾ عام چانهه ٺاهيندو آهيان. باقي والله ڪوئي کنڊ ناهي وڌو.

چانهه هتي ايتري ته مٺي پيئندا آهن، جنهن جو مثال ملڻ محال آهي، جيڪا اسان لاءِ چانهه ٺاهي آندي صرف جيڪا پڇيل چانهه پتي ٻاٽي ۾ رهيل هئي، ان ۾ ايترو ته مناس هيو جو بغير کنڊ وجهڻ جي به چانهه مٺي ٿي وئي.

آفيس ٽائيم کان پوءِ اچي ڪوئيٽه پهتاسين، سيڪريٽريٽ بند ٿي چڪو هيو. هڪ دوست کي چيو جنهن اسان جي رهڻ جو بندوبست ڪيو. ٻئي ڏينهن بلوچستان سيڪريٽريٽ پهچي ايڊيشنل سيڪريٽري زراعت جي چارج ورتي. ايڊيشنل سيڪريٽري جي پوسٽ بلڪل نئين ڪريئيٽ ڪئي وئي هئي تنهنڪري بلوچستان زراعت کاتي جو پهريون ايڊيشنل سيڪريٽري مقرري منهنجي ٿي.

# بلوچستان جي زراعت

آگسٽ 1993ع ۾ ٻيهريون دفعو بلوچستان سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪرڻ جو موقعو مليو. ٻيهرئين ڏينهن جڏهن منهنجو وڃڻ ٿيو ته مونکي ايئن لڳو ته مان بلوچستان ۾ نه پر پنجاب جي ڪنهن ماتحت اداري ۾ آيو آهيان. چيف سيڪريٽري کان ويندي ڊپٽي سيڪريٽري جي پوسٽن تي گهڻائي پنجاب جي آيل آفيسرن جي هئي. جهڙيءَ طرح ستر ۾ اسي واري ڏهاڪي ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۾ هوندو هيو. بلوچستان ۾ انوقت صوبائي سيڪريٽرين جو سٺ ستر سيڪڙو آفيسر پنجاب جا هيا، باقي پنڌرهن ۾ ڏهه سيڪڙو مس بلوچ هيا. بلوچستان جي ڇهن ڊويزن مان چار ڪمشنر پنجاب سان لاڳاپيل هيا. اهڙيءَ طرح ڊپٽي ڪمشنرن مان سٺ ستر سيڪڙو پنجاب جا آفيسر هيا. باقي بلوچستان جا پٺاڻ، هزاره ڪميونٽي جا ۽ بلوچ هيا. اهڙيءَ طرح پوليس جا اسي پنجاسي سيڪڙو آفيسر پنجاب جا هيا .

سيڪريٽري زراعت پنجابي ڳالهائڻ وارو پر ڪوئيٽا جو رهاڪو ٿي چڪو هيو ۽ سندس ٻيو پاءُ سيڪريٽري هوم هيو. جنهن کي سڀ چاچا غياث ڪري چوندا هيا. ٻئي ڀائر تمام اخلاق جا اعليٰ مثال هيا. ٻئي ڀائر تمام همدرد ۽ هڏڏوکي ۽ هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندا هيا. اها منهنجي خوش نصيبي هئي جو مونکي آفيسر بالا نهايت همدرد ۽ شفيق ملي ويو. ڏاڍي سٺي انداز سان مليو ۽ چيائين ته گهٻراءِ نه. تو جيڪو ڪيو اهو بهتر ڪيو. انهيءَ جي سيني کي خبر آهي. بهرحال اهو وقت به گذري ويندو. چيائين ته بلوچستان ۾ ايگريڪلچر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي، پر هتي سياسي قيادت ڪم ڪرڻ ڪونه ڏيندي. تنهن ڪري تون هتي آرام سان ويهي نوڪري ڪر. وڌيڪ چيائين ته چيف سيڪريٽري صاحب مونکي هفتو اڳ ۾ گهرايو ۽ چيائين ته ڊي سي خضدار ڄامڙو تي سي ايم ناراض ٿيو آهي، تنهنڪري انهيءَ کي هتي تو وٽ رکڻو آهي ۽ آفيسر ڪم وارو آهي. چيائين ته تون ايڊيشنل سيڪريٽري جي پوسٽ ڪريئيٽ ڪرڻ لاءِ سمري ٺاهي موڪل. ٻڌايائين ته مون سمري ٺاهي موڪلي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ پوسٽ ڪريئيٽ ٿي آئي، ۽ ٻئي ڏينهن تنهنجي پوسٽ هتي ايگريڪلچر ۾ ٿي آهي. هاڻي پوسٽ ته اچي وئي پر ڪم توکي ڇا ڪرڻو آهي، انهيءَ جي لاءِ رولز آف بزنس ۾ تبديلي ايندي، تنهن کان پوءِ تون باقائده ويهي ڪم ڪر، تيستائين ايندو ڪر چانهه گڏجي پيئنداسين.

مون عرض ڪيو ته جيڪا سرڪار جي مرضي اسين حاضر. پر سائين جيستائين ڪو سرڪاري گهر جو انتظام ٿئي تيستائين ڪو اهڙو معقول گهر هجي ۽ ڪرايو به پهچ ۾ هجي، انهيءَ سلسلي ۾

ڪا مدد ڪيو. ٿوري دير سوچي پنهنجي پي اي کي چيائين ڊي جي ايگريڪلچر چوڌري ذوالفقار ملائي ڏي. پنجابي ٻولي ۾ ڊپارٽمينٽ جا حال احوال وٺي چيائينس ته ايگريڪلچر ڪالوني ۾ ڪو ٻن ڪمرن وارو گهر آهي. چوڌري صاحب ٻڌايس ته هڪ گهر آهي، پر اهو اسان جيڪي ڊپارٽمينٽ جا مهمان وغيره ايندا آهن انهن کي اتي رهائيندا آهيون. باقي ٻيو اهڙو ڪوبه گهر خالي ناهي. سيڪريٽري صاحب چيس ته چڱو انهيءَ گهر کي صاف ڪر ۽ منهنجو مهمان ايندو. جيڪو ڪجهه عرصي لاءِ اتي اچي فيملي سان رهندو. ڪلاڪ اڌ کان پوءِ ڊي جي ايگريڪلچر جو فون آيو. سيڪريٽري صاحب کي ٻڌايائين ته سائين گهر تيار آهي مهمان کي موڪليو. سيڪريٽري صاحب مون کي گهرائي چيو ته ايگريڪلچر ڪالوني ۾ هڪ ٻن ڪمرن وارو گهر آهي، وڃي تون اتي ٻارن سان رهه پوءِ ڏسون ٿا ته ڪوئي سرڪاري گهر ملي، جيڪو اڄ ڪلهه ملڻ ڏکيو آهي. مان زرغون روڊ سان سرياب روڊ ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو. ريلوي ڦاٽڪ ڪراس ڪري اڳتي هليس ته سڄي پاسي وڏي ڊگهي ديوار نظر آئي. ڊرائيور کان پڇا ڪيم ته هي ڇا آهي؟ ٻڌايائين ته سائين هي خان آف قلات جو اندر محلات نُهيل آهي جنهن ۾ آفيسون ۽ گهر اٿس. ٿورو اڳتي هلياسين ته رستي جو وڪڙ ختم ٿيو سڌ پنڌ تي وري ساڄي پاسي ٻي ڊگهي ديوار نظر آئي. ڊرائيور کان پڇا ڪئي ته هي ڇاجي ديوار آهي؟ ٻڌايائين ته هي رئيساڻي صاحب جو گهر آهي. جڏهن اسان رئيساڻي جي گهر جي سامهون پهتاسين ته کٻي پاسي هڪ ڊگهي ديوار نظر آئي مون پڇيو ته هي ڇاجي ايڏي ڊگهي ديوار آهي؟ ڊرائيور ٻڌايو ته هيءُ بلوچستان جي ايگريڪلچر ايڪسٽينشن جي ڪالوني ۽ آفيس آهي. ڪالوني کي سرياب روڊ تي ٻه وڏا گيٽ هيا. جتي ايگريڪلچر ڪالوني ختم پئي ٿي، انکان ٿورو اڳتي سڄي پاسي ذوالفقار مگسي جو گهر هيو.

ايگريڪلچر ڪالونيءَ جي پهرئين گيٽ ۾ داخل ٿي چڱو پنڌ اڳتي وياسين ته ڪنڊ تي ٽي چار ماڻهو بيٺا هيا. اسان کي انهن اتي روڪيو ۽ پڇيو ته سيڪريٽري صاحب جا مهمان آهيو؟ ڊرائيور ٻڌاين ته ها. جتي روڊ سڄي پاسي مڙي پيو. انجي کٻي پاسي تي شروع وارو پهرين گهر جو گيٽ کولي اسان کي اندر وٺي ويا. اسان کي ڪمرا کولي ڏنائون ۽ پوءِ اتان هليا ويا. ٻه ڪمرا، ڪچن ۽ سامهون ڏکڻ طرف ڪجهه کليل ميدان هيو.

مون گهر جو جائزو ورتو ۽ الله سائين جو شڪر ادا ڪيو ته رهڻ لاءِ اجهو ملي ويو. گهر جون چابيون هٿ ڪري مان وڃي پنهنجي محبوبه کي چيو ته تياري ڪريو الله سائين گهر ڏنو آهي. جيڪو سامان هيو گاڏي ۾ وجهي اسين سڀ ايگريڪلچر ڪالوني ڏانهن راهي ٿياسين. آگسٽ جو مهينو هيو. موسم سٺي هئي گرمي ڏينهن جو ٿورو گهٽي هئي، پر جيڪڏهن ماڻهو ڇانو ۾ ويٺو هوندو ته گرميءَ جو ڪوئي احساس ڪونه ٿيندو هيو. مهينو اڌ اتي رهي پوءِ ڳوٺ ڏانهن چڪر هڻي اچڻ جو ارادو ڪيو. چوته اڃان تائين رولز آف بزنس ۾ تبديلي جي لاءِ چيف سيڪريٽري ميٽنگ طلب ڪانه ڪئي هئي. تنهن ڪري ڪو خاص ڪم ڪونه هوندو هيو. باقي ڪڏهن ڪڏهن سيڪريٽري صاحب ڪجهه ڪيس ريفر ڪندو هيو. سيڪريٽري صاحب کي عرض ڪيو ته سائين هفتي جي لاءِ موڪل کپي. سيڪريٽري صاحب چيو ته ٻه ڏينهن بيهه پوءِ وڃ. ٻن ڏينهن کان پوءِ سيڪريٽري

صاحب پاڻ گهرايو ۽ چيو ته تون هاڻي پنهنجي ڳوٺ وڃ، ۽ اها گاڏي انهي لائق ناهي جو ڊگهي سفر تي وڃي. جيئن ته تون فيملي سان ويندين تنهن ڪري مون ايگريڪلچر ايڪسٽينشن وارن کان تنهنجي لاءِ گاڏي گهرائي آهي، تون انهيءَ ۾ هليو وڃ. جيڪا گاڏي اڳ ۾ ڏني هئي سيڪريٽري صاحب سان واپس ڪري بي گاڏي ورتي ۽ گهر اچي ٻئي ڏينهن ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي.

عبدالاحد تارن ڪمشنر تربت جو ننڍو ڀاءُ هيو ۽ ڪوئيٽا ۾ انسپيڪٽر پوليس هيو. اهو مون سان ملڻ ايندو هيو ۽ ڪم ڪار وغيره جو پڇي ويندو هيو. جنهن ڏينهن مونکي ڳوٺ وڃڻو هيو انکان هڪ ڏينهن اڳ آفيس آيو مون کيس چيو ته اج شام اچجانءِ ته ڪجهه ڊراءِ فروٽ وٺڻو آهي سو گڏ هلنداسين. خير اسان پاڻ ۾ پروگرام رکيو ته مغرب جي نماز وقت مان مارڪيٽ ۾ ايندس مقرر ڪيل جاءِ اچي بيهندس ۽ احد اچي اتي مون سان ملندو. رش ڏاڍي هئي انسپيڪٽر احد صاحب اڳ اچي اتي پهتو مان ٽريفڪ ۾ بينو هيس ته منهنجي بيهل گاڏي کي رڪشه ڊرائيور پٺان اچي رڪشه ٽڪرايو. پٺان رڪشه مان لهي منهنجي گاڏي وٽ آيو ۽ چيائين ته ”کوچا تم نے ہماری گاڑی کا ناک توڑ دیا تم تو بڑی گاڑی میں ہو، تم لوگوں کو کوئی احساس ہی نہیں اب آپ ہمیں اس کے پیسے دو۔“ مون چيو ته خان صاحب گاڏي تو اچي پنيان هنئي آهي، پئسه ته توکي ڏيڻ گهرجن. خان صاحب کي چيو ته چڱو هل ٿاڻي تي، پوءِ جيڪو انهن فيصلو ڪيو. ايتري ۾ احد تارن به اچي پهتو مون هن کي ٻڌايو ته رڪشه خان صاحب پاڻ اچي هنيو آهي، هاڻي وري چوي ٿو ته خان صاحب جي گاڏي جو نڪ ڀڄي پيو آهي، انهيءَ جا پئسه ڏي. تارن صاحب هن سان پشتو ۾ ڪجهه ڳالهايو رڪشه ڊرائيور وري مون ڏانهن آيو. چوڻ لڳو ”کوچا ہم کو معاف کردو واللہ آج کوئی پیسینجر نہیں ملا، بس اب ہم کو معاف کردو.“ مون چيو ته لاڪا خير آهي. انسپيڪٽر صاحب ٻڌايو ته هتي اهو ڪم هيءُ رڪشه ڊرائيور جاڻي واڻي ڪندا آهن. چيائين ته جيڪڏهن اجان ٿورو وقت گذري ها ته پنج ست رڪشه ڊرائيور اچي تو وٽ گڏ ٿين ها، ۽ توکي مجبور ڪن ها ته ڪجهه نه ڪجهه رقم ڏئي انهن مان جان ڇڏائين ها. انهيءَ کان پوءِ احد تارن جي واقف دڪاندارن وٽ وياسين ۽ ٿورو گهڻو ڊراءِ فروٽ ورتوسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو خير سان ڪوئيٽا کان روانو ٿيم. گاڏي پاڻ ڊرائيو ڪئي. تقريباً ڪچڙي منجهند جو ڀاڍر ۾ سبي جو وچ تي هوٽل تي اچي چانهه وغيره پيتي ۽ ڪجهه ڇنگهن کي ڊگهو ڪري پيل ڪٽ تي پٽي کي سڌو ڪيو. چانهه وغيره پي وري اتان روانو ٿيم شام جي وقت اچي جيڪب آباد پهتم. مير انور رند اڳئي ماني تيار ڪرائي ڇڏي هئي، سو ٿوري دير کان پوءِ ماني ٽڪي کائي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي. اتڪل سان مير صاحب گاڏي جي چابي ورتي ته گاڏي کي ڪجهه هٽائي بيهارڻو آهي. گاڏي جي چابي وٺي پاڻ وٽ رکي چيائين ته هاڻي رات اتي رهو ۽ رستو صاف ناهي. خير مجبور ٿي اتي رات گذاري، صبح جو نيرن ڪري ڳوٺ ڏانهن نڪري پياسين. منجهند ڌاري وڃي ڳوٺ پهتاسين وڃي ابو ۽ امان جي پيرن تي هٿ رکي ملياسين. مونکي پاڻ وٽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دعائن جا دروازا کولي ڇڏيائون. هفتو ڳوٺ رهي واپس اچي آفيس پهتاسين.

1993ع جي جنرل اليڪشن ٿي وئي ۽ نواب ذوالفقار مگسي وزير اعليٰ بلوچستان چونڊجي آيو ۽ مرڪز ۾ شهيد راڻي وزير اعظم جي ڪرسي تي ٻيهر اچي ويٺي. بلوچستان اسيمبلي ۾ ست

پنجهٺ ايم پي ايز هيا، جن مان تقريباً پنجونجاهه ڪن ڪيبنٽ ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ميمبر هوندا هيا. اپوزيشن ۾ تقريباً ست اٺ ميمبر هيا. ”گڏيل“ حڪومت هئي، جنهن ۾ شامل سڀ ڪا سياسي جماعت پاڻ کي وزير اعليٰ کان گهٽ ڪونه سمجهندي هئي. تنهنڪري حڪومتي وهنوار ڏانهن توجهه نه هجڻ جي برابر هوندو هو. هر پارٽي پاڻ کي مضبوط ڪرڻ ۾ رڌل هوندي هئي.

# بلوچستان ۾ ڪرپشن ۽ اقربا پروري

1994ع ۾ بلوچستان ۾ اقربا پروري، بد انتظامي، ڪرپشن ۽ نااهليءَ جي اهڙي صورتحال هئي، جيئن اڄ ڪلهه سنڌ ۾ آهي. جيڪا صورتحال 1994ع ۾ بلوچستان جي هئي، اها هينئر سنڌ ۾ آهي. 1994ع ۾ بلوچستان ۾ ”گڏيل“ حڪومت هئي جڏهن ته سنڌ ۾ گذريل يارهن سالن کان هڪ پارٽي جي حڪومت آهي. بلوچستان ۾ هميشه کان ”گڏيل“ حڪومت ايندڙيون رهيون آهن، تنهن ڪري هر سياسي پارٽي اتي پنهنجو اثر وڌائڻ ۾ مصروف هوندي آهي. سرڪاري ڪاموري ڪي اتي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جي جرئت ٿي ڪانه ٿي سگهي. سي ايم بلوچستان جي پوزيشن ڏاڍي ڪمزور رهندي آهي، جنهن ڪري سرڪاري مشينري هميشه سياسي قيادتن جي موافقت موجب هلندي آهي. تنهنڪري سرڪاري ڪامورو گهٽو وقت اتي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جي پوزيشن نٿو رهي.

بلوچستان ۾ انوقت سي ايم پوسٽنگ ۽ ٽرانسفر جي لاءِ مجبور هوندو هو. ٻين سياسي قيادت جي سربراهن وٽ. ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري کان وٺندي آفيس اسسٽنٽ جي ٽرانسفر وزير جي مرضي مطابق ٿيندي هئي. تنهن ڪري سرڪاري ڪامورو اتي صرف روبوٽ ٿي هلندو ته ٺيڪ، نه ته ٻئي ڏينهن پوسٽنگ جي انتظار ۾، پوءِ ڇاهي سال گذري وڃي.

بلوچستان ۾ ايگريڪلچر، پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ، خزانو ڪميونڪيشن اينڊ ورڪس ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ تي هر ننڍي وڏي سياسي پارٽي جي ڪوشش هوندي هئي ته اهو ڊپارٽمينٽ ان جماعت جي ميمبرن کي ملي. ڇو ته هر اسيمبلي ميمبر چاهيندو آهي ته جيترو پئسو اليڪشن ۾ لڳايو آهي، اهو تمام ٿوري عرصي ۾ گورنمينٽ مان ميڙي وٺي. انهيءَ لاءِ هو چا ڪندو آهي ته پنهنجي ايريا جي ماڻهن جي نالي بلڊوز اورس الاٽ ڪرائيندو هيو ته هو پنهنجي تڪ جي ماڻهن جي مالي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ ناهموار زمين کي هموار ڪري فصل پوکي هاري خوشحال ته ملڪ خوشحال واري نعري هيٺ. سرڪار بهادر کان عوام جي ڀلائي خاطر هزارين بلڊوز ڪلاڪ وٺي پوءِ انهن ڪلاڪن ۾ جيترو ڊيزل استعمال ٿيندو آهي اها ڊيزل وڪڻندا هيا، يا وري ڪنهن ٺيڪيدار سان اڳ ۾ ئي ڳالهه ٻولهه ٿيل هوندي هئي. حالانڪ بلوچستان ۾ ايگريڪلچر ايترو ناهي جيترو انهي لاءِ بجيٽ رکي ويندي هئي. جنهن وٽ ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ جو محڪمو هوندو آهي، اها پارٽي پاڻ کي خوشقسمت سمجهندي آهي.

پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ محڪمي وارو اڃان وڌيڪ خوشقسمت سمجهندو هيو پاڻ کي. ڇو ته جنهن ميمبر کي وڌيڪ پئسه ڪمائڻا هوندا آهن ته اهو ٺيڪيدار کان ترقياتي اسڪيم وٺندو هيو ۽

انڪان پئسہ وٺي انڪي اها ترقياتي اسڪيم ڏئي ڇڏيندو هيو. پوءِ اها اسڪيم ٺهي يا نہ ٺهي، پر اڳتي هلي اها بارش يا ڪنهن ٻئي سبب لڙهي ويندي هئي، پر ڪاغذن ۾ ايئن پوري ڄاڻائي ويندي هئي، جيئن گذريل يارنهن سالن ۾ سنڌ جي اسڪيمن سان ٿيندو رهي ٿو. اسيمبلي جي ميمبرن جي گهڻو ڪري اسڪيم اها هوندي هئي، جنهن ۾ ڪچي رستي تي گريبر هلائي رستي کي سنئون سڌو ڪيو ويندو هيو. جيڪو عمومن ٿوري ٽريفڪ هلڻ سان پاڻمرادو اسڪيم رپيئر جي لاءِ تيار ٿي ويندي هئي.

الحمدﷲ هينئر تہ بلوچستان ۾ تہ پڪن رستن جو ڄار وڇائجي ويو آهي، تنهن ڪري اهڙيون اسڪيمون شايد هن وقت گهٽجي ويون هونديون. اهڙي ترقياتي اسڪيم مان پي اينڊ ڊي، ورڪس ۽ خزاني جو منسٽر ۽ عملو اسيمبلي جي ميمبر جو ايترو حصو هوندو هيو. جو ٺيڪيدار بہ خوشحال ٿي ويندا هيا. تنهن ڪري هر سياسي پارٽيءَ جي نظر انهن محڪمن تي هوندي هئي.

ٻہ مهينا گذري ويا تہ رولز آف بزنس جي ميٽنگ ڪانہ سڏائي وئي، تنهنڪري باقائده ڪوئي خاص ڪم ڪونہ هوندو هيو.

عطا جعفر ايڊيشنل چيف سيڪريٽري پي اينڊ ڊي هيو تنهن اچي سيڪريٽري ايگريڪلچر کي چيو تہ مونکي سيڪريٽري امپليمينٽيشن جي لاءِ جمن ڄامڙو جي ٻانهن ڏي. ڊسمبر 1993ع ۾ منهنجي پوسٽنگ ٿي وئي سيڪريٽري امپليمينٽيشن پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بلوچستان. پهرئين هفتي ۾ اي سي ايس چار پنج اسڪيمون موڪليون تہ سائيٽ ڏسي ۽ رپورٽ ڪر.

هڪڙي اسڪيم هئي ڊلي ايڪشن ڊيم، جنهن جي لوڪيشن هئي ڪڇي ضلعو ۽ ٻي هئي مستونگ ضلعي ۾.

مون پهريون ڪڇي ضلعي واري اسڪيم لاءِ پروگرام رکيو ۽ پروگرام مطابق ڍاڍر اچي پهتس. مون کان اڳ ۾ انجنيئر ۽ انجو ٻيو عملو بہ پهتل هيو. لهي چانهہ وغيره پيتي، مون چيو تہ هلو تہ اسڪيم ڏسي اچون. همراهہ بهانا ٻڌائڻ شروع ڪري ڏنا تہ سائين رستو ڏکيو ۽ هموار ناهي، ڪافي پري آهي، جيڪڏهن هينئر هلنداسين تہ ٿي سگهي ٿو تہ اتي پهچڻ کان اڳ سج رستي ۾ لهي ويندو. سياري جي رات آهي، ڪو ٻيو ٽائيم رکو. جو رات اچي سبي يا ڍاڍر ۾ رهجي ۽ صبح جو سوير هلون. مون چيو تہ خير پوءِ جيڪڏهن ايئن آهي تہ اڄ رات اتي ٽا گذاريون، صبح جو هلنداسين. انجنيئر صاحب جي ڪوشش هجي تہ مان ڪيئن بہ ڪري اڄ واپس وڃان. بهرحال رات گذاريم. صبح جو انجنيئر صاحب جي منشا خلاف اسڪيم ڏسڻ نڪتاسين. ڪنور يگت وارو قافلو ساڻ ڪري نڪتاسين. هل هلان نہ پنڌ ڪٽي نہ انجنيئر جي جان ڇٽي! نيٺ چار پنج ڪلاڪ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي پاسي مڙيا، جتان برساتي نالو گذريو پي. نقشو ساڻ ڪري وڃي نالي تي پهتاسين تہ اتي تہ ڪاريءَ وارا ڪک هيا. انجنيئر ۽ ايس ڊي او هڪٻئي تي ڳالهہ اڇلي تہ ڪهڙي جاءِ تي اسڪيم آهي. ٿوري دير کان پوءِ چيائون تہ سائين هتان جا رستا ڪچا ۽ ڦٽل آهن، تنهن ڪري رستو پلجي ويا آهيون. آهي هن برساتي نالي تي، پر ٿورو اڳتي آهي. مون چيو تہ هلو اتي وري اڌ منو ڪلاڪ گاڏي هلي، وري برساتي نالي ڏانهن وياسين تہ اتي بہ ڪجهہ ڪون. وري انجنيئر صاحب هٽي ايس ڊي او تي ۽ ايس ڊي

او هٽي سرويئر تي، پر ان وقت سرويئر اتي هجي ڪون.

اصل ۾ اسڪيم ته هئي صرف ڪاغذن ۾، جيئن سنڌ ۾ ڪيترين شاخون ۾ واهه پڪا ٿي ويا آهن ڪاغذن ۾، اهڙيءَ طريقي سان اڄ کان پنجويهه سال اڳ بلوچستان ۾ به ايئن اسڪيمون پايه تڪميل تي وينديون هيون. آخرڪار انجنيئر صاحب اچي پريشان ٿيو ته سائين سرويئر صاحب جي گهر ۾ ناچاقائي هئي، تنهن ڪري هو ڪوئيٽا ويو آهي، سائيٽ تي اهو هوندو آهي، مهرباني ڪري ٻي ڪا تاريخ رکو ته جيئن سرويئر اچي. مان سائين هر طرح توهان جي خدمت ڪندس. توهانجو ٻچو آهيان وغيره وغيره. مون چيو ته پهرئين ڳالهه ته تون انجنيئر آهين، ڪروڙ کان وڌي اسڪيم آهي ۽ تو سائيٽ ڏٺي ناهي ۽ نه وري تنهجي ايس ڊي او باقي صرف سرويئر ڏٺي آهي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون چيو ته مان ته اها سڀ حقيقت رڪارڊ ڪري نوٽ مٿي موڪليندس. چوڻ لڳو ته سائين منهنجا ننڍا ٻچا آهن، بس ڪجهه رحم ڪريو بس توهان مهرباني ڪري ٻن هفتن کان پوءِ اچو. دل ۾ مون سوچيو ته چلو ٺيڪ آهي، جيڪڏهن ٻن هفتن ۾ ڪم ڪرائي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ اسڪيم ته نهندي ۽ ايريا جي آبادگارن کي فائدوپوندو. ٻيو ته مونکي به خبر هئي توڙي مان رپورٽ ڪيان به تڏهن جيڪي بلوچستان ۾ حالتون آهن، هن کي ٿيندو ڪجهه به ڪونه. سواءِ انهي جي جو ڪو عوامي نمائندو هن کان پئسه وٺي ڇڏيندو ۽ ڳالهه آئي وئي. مون انجنيئر صاحب کي چيو ته ٺيڪ آهي مان توکي ٽي هفتا ٿو ڏيان، انکان پوءِ مان ايندس. انجنيئر صاحب جي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ مان واپس ڪوئيٽه پهچي ويم. ٻئي ڏينهن مون اي سي ايس کي پوري ڳالهه ٻڌائي. عطا صاحب مرڪيو ۽ چيائين ته ڄامڙو صاحب اڃان تون نئون آهين. ايترو چئي وري موضوع ڪنهن ٻي ڳالهه ڏانهن ٿي ويو.

ٽن هفتن کان پوءِ مون وري تياري ڪئي ته وڃان ۽ اسڪيم ڏسي اچان. اي سي ايس جوائنٽرڪام تي فون آيو ته هاڻي انهيءَ اسڪيم کي ڏسڻ لاءِ نه وڃ.

انهيءَ کان پوءِ اهو چيو ويو ته ڪنهن به اسڪيم کي وڃي ڏسڻ جي ڪابه ضرورت ناهي، پاڻهي ڊپارٽمينٽ رپورٽ موڪليندو الا الاخير صلي! پوءِ ڊپارٽمينٽ جيڪا به رپورٽ موڪلي سيڪشن جو چيف انهيءَ موڪليل رپورٽ کي بجيٽ بڪ ۾ رپورٽ ڪيل پروگريس تي نوٽ ٺاهي موڪليندو هيو ته سائين اسڪيم جو ڪاٿو هيترو، ٺيڪو هيتري ۾ ويو. هيترا پئسه رليز ٿيا ۽ هيترا خرچ ٿيا. فزيڪل پروگريس هيتري ۽ فنانشل پروگريس هيتري. اها رپورٽ هيئان ايندي هئي ۽ اسين اڪيون بند ڪري مٿي موڪلي ڏيندا هياسين. جيڪا سراسر زيادتي هئي، پر ڪري ڪجهه ڪونه پيو سگهجي، جو وزيراعليٰ منسٽرن وٽ مجبور هوندو هيو ۽ اسين سي ايم وٽ. سو اسان جي پوزيشن هئي غلامن جي غلامن جا غلام.

بلڪل اهڙيون حالتون جهڙيون اڄ ڪلهه سنڌ ۾ آهن، صرف فرق اهو آهي ته پنجويهه سال اڳ بلوچستان ۾ ننڍين ننڍين صوبائي جماعتن جي گڏيل حڪومت هئي، ۽ سنڌ ۾ هڪ جماعت جي حڪومت آهي.

ڪالهه مونکي ڏاڍي شرمندگي ٿي، جڏهن ٻيا به دوست هيا، هڪ سينيئر سپريم ڪورٽ جي

وڪيل زيد اي خالد چيو تہ سنڌي ڪرپٽ آهن، جو پئسي کان بغير ڪم نٿا ڪن. جنهن تي مون چيو تہ اهو غلط آهي. وڪيل صاحب چيو تہ جمن تون ڇا ٿو ڳالهائين؟ مان سينيئر وڪيل آهيان، مان ثبوت کان بغير ڪونہ ٿو چوان. چيائين تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي روبرو پيٽيشن هئي، سپريم ڪورٽ ۾ مان ان ۾ وڪيل هيس. وڏيڪ چيائين منهنجي آفيس ۾ ستر اسي ڪميشن پاس سنڌي ڇوڪرا آيا، جن ڪلمو پڙهي ڳالهہ ڪئي تہ سائين اسان تہ تباهہ ٿي ويندا سين، اسي پنجاسي لک روپيہ نوڪرين لاءِ ڏنا آهن جيڪي اسان قرض کڻي ڏنا آهن.

مون ڪوشش ڪئي تہ بلوچستان مان ٻاهر نڪرجي، اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ دوستن کي چيو تہ جواب مليو تہ سرڪار جي پاليسي آهي تہ ٽن سالن کان اڳ ٽرانسفر ڪونہ ٿيندي. پراڻي پگهار تي ڪم ڪرڻو پئجي ويو. 1994ع جي آخر ۾ منهنجي ٽرانسفر ٿي ڊائريڪٽر جنرل انوائرنمينٽ بلوچستان. مون سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هتي ڪجهہ ڪم ڪجي، پر اتي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا بجيٽ ڪانہ. صرف اسٽاف جون پگهارون ۽ بلڊنگ جو ڪرايو. جيڪا بجيٽ مختص ڪيل هئي، اها ڊپارٽمينٽ سڄي وزير جي حوالي ڪري ڇڏي. 1995ع جي شروع ۾ انوائرنمينٽ تي ٽن ڏينهن لاءِ ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، پشاور ۾ انوائرنمينٽل ڊپارٽمينٽ وارن طرفان. مسٽر فريد الله ڊي جي هيو انوائرنميٽ جو. مان بہ ان ڪانفرنس ۾ ويس. جڏهن مان پشاور ويم تہ دل چيو تہ هتان ڪوهاٽ بہ وڃجي. ڇوتہ ڪوهاٽ ۾ مان 1971ع سگنل ڪور ۾ سپاهي ڀرتي ٿي آيو هيس ۽ ٽريننگ بہ ڪوهاٽ ۾ ٿي هئي. جڏهن مون اتا پتا ڪئي تہ ڪوهاٽ جو جي او سي ڪير آهي تہ خبر پئي فاروق صاحب اتي ميجرجنرل آهي. ميجر جنرل فاروق صاحب سان منهنجي واقفيت 1980ع کان وٺي هئي، جنهن وقت فاروق صاحب 31 پنجاب ريجمينٽ ۾ ميجر هيو ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل سليم حيدر هيو. جيڪو بعد ۾ ليفٽيننٽ جنرل ڪور ڪمانڊر ڏهہ ڪور چڪلالا هيو. منهنجي ٽن مهينن لاءِ سول سروس اڪيڊمي کان پوءِ آرمي اٽيچمينٽ انهيءَ يونٽ سان هئي. ٻيهر فاروق صاحب ۽ مان گڏ رهياسين. جڏهن هي برگيڊيئر لاڙڪاڻو ٿي آيو ۽ مان ڊي سي لاڙڪاڻو هيس.

مون ميجرجنرل فاروق صاحب کي فون ڪيو تہ مان پشاور آيل آهيان، ۽ بہ ڏينهن هتي هوندس. مونکي چيائين تہ گاڏي آهي تو وٽ؟ مون چيو آهي ڪانہ پر ٿي ويندي. چيائين مان سڀاڻي پنهنجي گاڏي موڪليندم ۽ توکي کڻي ايندي، ڪنهن کي چوڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مون چيو تہ ٺيڪ. مون ڊي جي فريدالله کي ٻڌايو تہ سڀاڻي منهنجو هيءُ پروگرام هوندو. چيائين تہ ٺيڪ، باقي گاڏي جو ڪوئي مسئلو ناهي، چيائين تہ منهنجي گاڏي ڪاهي وڃ. مون چيو بس هاڻي گاڏي اچي ٿي. مان رات جو پنهنجي قائد اعظم يونيورسٽي واري محبوبہ جي گهر رهيل هيس، جيڪا انوقت پشاور ميونسپالٽي جي ايڊمنسٽريٽر هئي. الله جنت الفردوس عطا ڪريس. صبح جو ڏهين وڳي جنرل صاحب جي گاڏي آئي، مان ڪوهاٽ ڏانهن روانو ٿيس. رستي ۾ ڪوهاٽ جو سگنل ٽريننگ سينٽر ۽ رڪارڊ ونگ جو سڄو نظارو اکين جي آڏو پئي ڦريو. آخرڪار دره آدم خيل کان گذرڻ ٿيو جتي دنيا جو هر هٿيار ٺهندو آهي. دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي پئي وئي آخرڪار سگنل سينٽر جي ٽريننگ ايريا نظر آئي. جيڪي انوقت ننڍڙا ننڍڙا وڻ هيا، اهي سڀ جواني ماڻي موٽ واري منزل ڏانهن گامزن

هيا.

# ڪوهاٽ ۾ ڪچهريون

تقريباً يارهين وڳي جي قريب وڃي ڪوهاٽ جي قلعي جي دروازي تي گاڏي اچي پهتي، دروازو کليو ۽ گاڏي وڃي اندر بيٺي. مان گاڏي مان لهي ٻاهر آيس. جنرل صاحب جو آرڊرلي اڳئي مونکي وٺي وڃڻ لاءِ آتو ويٺو هيو. سو مون کي اسڪارٽ ڪري مٿين منزل تي وٺي ويو. جتي جنرل صاحب اس سيڪڻ خاطر ٻاهر تڙڪي تي ويٺو هيو. وڏي سڪ ۽ اڪير سان مليو. خوش خرابت ٿيڻ ڪانپوءِ ڪافي ۽ ڪڪڙ جا پيس روسٽ ٿيل هيا، اهي اچي بٽ مين اسانجي اڳيان رکيا. ڪافي کي چسڪي ڏيڻ شروع ڪئي. جنرل صاحب چيو جمن توکي خبر آهي پاڻ واري پلٽن بہ اڄ ڪلهہ ڪوهاٽ ۾ آهي. 31 پنجاب ريجمينٽ جي سي او کي فون ڪري چيائين تہ جلدي اچ ۽ پنهنجي پلٽن جو سولين آفيسر آيو آهي ۽ مون وٽ ويٺو آهي.

پندرهن ويهہ منٽن ڪانپوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل اچي حاضر ٿيو. ٽين ڪرسي گهرائي ڪرنل صاحب کي ويهاريو ۽ تعارف ڪرايائين تہ هي سول آفيسر آهي ۽ هن جي 1980ع آرمي اٽيچمينٽ ٽن مهينن لاءِ پنهنجي پلٽن سان ٿي هئي، انوقت مان ميجر هيم. ڪرنل صاحب جي اچڻ کان اڳ مون ميجرجنرل فاروق صاحب کي چيو تہ يار جيڪڏهن ٿي سگهي تہ مان اڄ سگنل ٽريننگ سينٽر گهمندو وڃان. مان هن سينٽر ۾ 25 فيبروري 1971 کان 4 آگسٽ 1972 تائين سپاهي ٿي رهيو آهيان. جنرل صاحب چيوتہ ڪوئي مسئلو ناهي. سگنل ٽريننگ سينٽر جي ڪمانڊنٽ برگيڊيئر کي فون ڪري چيو تہ منهنجو اسپيشل مهمان تنهنجو سينٽر گهمڻ ايندو. برگيڊيئر صاحب چيو تہ سائين اسانجي اکين تي توهانجو مهمان، ۽ اسان توهانجي مهمان جو آڌرڀاءُ ڪنداسين.

جنرل صاحب ڪرنل کي چيو تہ جمن کي تون پنهنجي پلٽن ۾ بہ وٺي وڃ، ۽ پهريان سگنل ٽريننگ سينٽر ۾ ڪمانڊنٽ سان ملاءِ پوءِ پلٽن ڏانهن. جنرل صاحب چيو تہ تون وڃ، موٽي اچي منجهند جي ماني ڪائي پوءِ تون پشاور وڃ. ڪرنل صاحب ۽ مان قلعي کان هيٺ لٿاسين. ڪرنل صاحب جي گاڏي ۾ سوار ٿيس ۽ ڪرنل صاحب پاڻ گاڏي هلائي. پنج ست منٽن ۾ وڃي ايس ٽي سي جي مين گيٽ تي اچي پهتاسين. برگيڊيئر صاحب اڳئي گيٽ تي ماڻهو بيهاري ڇڏيا هيا. اسين جيئن ڪمانڊنٽ جي آفيس ڏانهن وڌياسين تہ برگيڊيئر صاحب پنهنجي آفيس کان نڪري ساڻ هڪ فل ڪرنل بہ هيس، اڳتي وڌي منهنجو استقبال ڪيو. مون دل ۾ الله سائين جي بيشمار احسانن جي لاءِ شڪر ادا ڪرڻ لڳس. برگيڊيئر صاحب مونکي آفيس ۾ سائيڊ تي صوفہ سيٽ تي ويهڻ لاءِ

چيو، مان اتي وينس ۽ گڏ پاڻ برگيڊيئر صاحب ۽ سنگل صوفہ تي ڪرنل صاحب ويٺو. تعارف وغيره ٿيو.

1995ع جنوري ۾ سردي جي موسم هئي، برگيڊيئر صاحب ڪافي ۽ پڪوڙا ان سان گڏ چڪن جا پيس تيار ڪرايا هيا، اهي اچي بٺ مين اڳيان رکيا.

جڏهن ڪرنل صاحب ڪافيءَ جو ڪپ منهنجي اڳيان ڪري رکڻ لاءِ بٺ مين کي چيو تہ منهنجا جذبات منهنجي قابو کان ٻاهر نڪتا پئي ويا. ڪافي جڏهن مون پنهنجي هٿ ۾ ڪئي تہ مون برگيڊيئر صاحب کي چيو تہ سائين اڄ کان ٽيويهہ سال اڳ جڏهن مان هن آفيس جي اڳيان گذرندو هيم تہ اسين ايئن گذرندا هياسين، جڻ تہ اسين پيرن تي هلون ڪون پيا ۽ پير جهڙوڪ پنهنجي مٿي تي رکي ويندا هياسين تہ ڪٿان ڪڙڪو نہ ٿئي. اڄ منهنجي مالڪ جا ڪيترا ڪرم آهن، جو مان توهان سان گڏ ويهي ڪافي ٿو پيان. في الحال تہ برگيڊيئر خاموش ٿي ويو ۽ وڌيڪ مون ٻڌايو تہ توهانجي آفيس جي اولهہ پاسي واري پهرين بئرڪ ۾ مان سپاهيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هيس. بهرحال دلين جو مالڪ تہ الله آهي، ڇا برگيڊيئر جي دل تي گذري هوندي! باقي ظاهري طور خوشي جو اظهار ڪيائين. ڪرنل صاحب جي چهري تي خوشي جو تاثر نظر ڪونہ آيو. بهرحال برگيڊيئر صاحب ڪرنل صاحب کي چيو تہ اسان جي پراڻي سپاهي کي سينٽر جو دورو ڪرايو. اسانجي سگنل ڪور جو اعزاز آهي جو اسانجو سپاهي سي ايس ايس ڪري سول جي وڏي عهدي تي پهتو آهي. برگيڊيئر صاحب کان موڪلائي سڀ کان پهريان مان ايس ٽي سي جي رڪارڊ ونگ ڏانهن ويس، ڇو تہ مون ڏيڍ سال اتي گذاريو هيو تنهن ڪري مونکي انهي ايريا کي ڏسڻ جو تمام گهڻو انس هيو. رڪارڊ ونگ گهمي پوءِ مان انهي بئرڪ ڏانهن ويس، جتي مان رهندو هيس. جنهن وقت مان رهڻ واري بئرڪ ڏانهن ويس پئي تہ مونکي 16 ڊسمبر 1971ع جي شام وارو منظر اکين اڳيان تري آيو. جنهن وقت مرحومہ نورجهان قلندر جي ڌمال ڳائي رهي هئي ۽ جنهن وقت ٻول چيائين پئي تہ ڪٽ جاون زنجيرا. انهيءَ ڌمال جي رڪارڊ کي اتي روڪي اعلان ٿيو تہ اڄ هندستان اولهہ پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو آهي. رات جو جنرل يحيٰ جي تقرير ريڊيو تان نشر ٿي تہ اسين جهر جهنگ، ڪيٽن ۾ پهاڙن تي، ميداني علائقي ۾ ان حملي جو ڀرپور مقابلو ڪنداسين ۽ دشمن کي مات ڏينداسين. ان کان پوءِ نورجهان جا گانا شروع: او ميري ڍول سپاهيا، اي پتر نهين هٽدي، يي غازي، جنگ چيز نهين هوندي زنانيہ دي وغيره.

بهرحال ڪرنل پنجاب ريجمينٽ جي آواز ڏنو تہ سائين پلٽن پنهنجي انتظار ۾ آهي، هلون. بس سائين ڪرنل صاحب جي آواز منهنجا نشا ئي توڙي چڙيا ماضي بعيد مان اچي حال ۾ پهتاسين.

بهرحال سگنل ٽريننگ سينٽر جون يادون تازيون ڪري نڪتاسين. پنج ست منٽن ڪانپوءِ پنهنجي پنجاب واري پلٽن وٽ پهتاسين، پوري يونٽ جا آفيسر لائين ۾ بيٺا هيا ۽ وڏو آڌر ڀاءُ ڪيائون. ڪامن روم ۾ سيني آفيسرن سان ويٺاسين، ڪجهہ پراڻيون ڳالهيون ورجايوسين. سي او مونکي چيو تہ سائين توهانکي خوشي ٿيندي تہ منهنجي هن پلٽن ۾ تقريباً اٺ سو جوانن مان اڌ کان گهڻا سنڌي آهن. ڪم ڪار جا سنا ڪا شڪايت ناهي، بس صرف هڪڙي شڪايت آهي،

جيڪڏهن تون هدايت ڪرين ته سنو ٿيندو، ٿي سگهي ٿو ته توهانجي ڳالهه ڪي مڃين. وڏيڪ چيائين ته هن وقت صوبيدار ميجر به سنڌي آهي ۽ اڌ کان وڌيڪ جي سي اوز ( Junior Commissioned Officer) به سنڌي آهن. چيائين ته صرف شڪايت اها آهي ته او ايس ايل (Over Stay Leave) معنيٰ موڪل وٺندا ڏهه يا پندرنهن ڏينهن ته وڌيڪ چار پنج ڏينهن ليٽ ايندا. بس رڳو اها هدايت ڪيو نه ته گسائڻ واري حرڪت کان باز اچن. خير ست اٺ سنڌي صوبيدار ۽ نائب صوبيدار مليا. بي ايڇ ايم (Battalion Havildar Major) به سنڌي هيو.

آرمي يونٽ ۾ آفيسر کانپوءِ سڀ کان وڏيڪ اهم پوسٽ صوبيدار ميجر، بٽالين حولدار ميجر، بٽالين ڪوارٽر ماسٽر، ڪمپني حولدار ميجر.

انوقت اهي مٿيون سڀ پوسٽون سنڌي جوانن وٽ هيون. هينئر جي خبر ناهي ته ڇا پوزيشن آهي. بهرحال ڏاڍي خوشي ٿي ته هاڻي سنڌي آرمڊ فورسز ۾ اتي ۾ لوڻ کان وڌيڪ آهن.

بهرحال 31 پنجاب ريجمينٽ جي سيني آفيسرن کان موڪلائي واپس قلعي ڏانهن راهي ٿياسين. جتي جنرل صاحب لنچ جي لاءِ انتظار ۾ ويٺو هيو. اسان ٽنهي گڏجي پرپور لنچ ڪئي. انهيءَ کانپوءِ شام جو پشاور ڏانهن رستو ورتو. تقريباً سج لهڻ کان ٿورو اڳ وڃي قائد اعظم يونيورسٽي واري محبوبه جي گهر پهتس. جيڪو پشاور ائرپورٽ جي پرسان هيو. رات جي ماني کائي آرامي ٿياسين، صبح جو ڪوئيٽا لاءِ فلائيٽ وايا لاهور روانو ٿيس. جڏهن ڪوئيٽا آيس ته خبر پئي ته وفاقي وزير انوائرنميٽ جو دورو آهي، ۽ ميٽنگ زيارت ۾ رکي وئي آهي. انوقت وفاقي وزير انوائرنمينٽ مسٽر آصف علي زرداري هيو. 1995ع فيبروري جي پهرين هفتي ۾ زرداري صاحب زيارت آيو ۽ ميٽنگ ٿي جنهن ۾ گورنر، وزير اعليٰ، وزيرن، چيف سيڪريٽري سڀ هيا. رمضان جو مهينو هيو، مونکي پڻ روزو هيو. تنهنڪري مان ٿورو پرپرو ٿي بيٺو هيس. اتان وري قافلو ڪوئيٽا ڏانهن روانو ٿيو ذوالفقار مگسي صاحب وزيراعليٰ هيو. زرداري صاحب اسلام آباد روانو ٿيو. شام جوآرڊر مليو ته منهنجي پوسٽنگ پوليٽيڪل سيڪريٽري وزير اعليٰ بلوچستان ٿي. خير اتي نڪو ڪم نه ڪار. گاڏي ۽ آفيس الا الا خير صليٰ.

هفتي کانپوءِ عبدالعزيز لوٽي صاحب بي ڊي اي ( Balochistan Development Authority) جو چيئرمين هيو. تنهن وڃي چيف سيڪريٽري سڪندر علي جمالي مير تاج محمد جمالي جو وڏو پاءُ هيو، ان کي چئي پاڻ وٽ ڊائريڪٽر فنانس پوسٽ ڪرايو 1970ع جولائي ۾ جڏهن بلوچستان کي صوبائي حيثيت ملي ته اڳ ۾ ڪوئي ڊپارٽمينٽ ڪونه هيو تنهنڪري سڀ کان پهريون بلوچستان ڊولپمينٽ اٿارٽي ناهي سڀ ترقياتي ڪم بي ڊي اي جي پليٽفارم تان ڪرائڻ شروع ٿيا. پوءِ آهستي آهستي ڊپارٽمينٽ وجود ۾ ايندا ويا. ٽيئن بي ڊي اي جو رول ختم ٿيندو ويو پر جيئن ته آفيس ۽ بجيٽ هئي تنهن ڪري اجان زنده رکندا پئي آيا، باقي نئون ڪم ڪوئي ڪونه هيس صرف رهيل ڪمن کي پئي اڪلاين .

مارچ 1995ع ۾ مسٽر صادق عمراڻي پريزيڊنٽ پ پ بلوچستان ۽ صوبائي وزير مون وٽ آيا، به آرڊر بي بي شهيد کان ڪرائي وٺي آيو.

هڪ مير حسن رند جنرل مينيجر اين ايڇ اي بلوچستان.
ٻيو محمد جمن چانڊيو ميمبر فنانس اين ايڇ اي اسلام آباد.
مون ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو ته سائين توهانجي مهرباني جو توهان منهنجي لاءِ ايتري تڪليف ڪئي، پر مونکان اڳ ۾ پڇو ته ها. مون چيو ته مان ميمبر فنانس اين ايڇ اي ڪونه ويندس ڇو ته اها پوسٽ ايڪويهين گريڊ ۾ آهي ۽ مان اجان اوڻويهين گريڊ ۾ آهيان. هڪ اسٽيپ ته مٿي وڃڻ لاءِ تيار آهيان، باقي هڪدم ٻه اسٽيپ مان ڪونه ويندس. چيائين ته تون بيوقوف آهين، ماڻهو ان پوسٽ لاءِ شيرون پائن ۽ تون ٿو وري نخرا ڪرين. مون چيو ته ڇا ٿو ٿي پوي مان ڪونه اها پوسٽ وٺندس. مير حسن رند صاحب جي ايم اين ايڇ اي بلوچستان جي پوسٽ ورتي ۽ رند صاحب جو حق ٻه هيو ڇو ته ڪافي سينيئر ماڻهو هيو اين ايڇ اي ۾ پر ڪيس پوسٽ ڪونه پئي ڪين. مون اين ايڇ اي ڪونه ويس. ڪجهه ڏينهن عمراڻي صاحب ناراض ٿيو پوءِ وري ٺيڪ ٿي ويو جيڪو اڄ تائين اسان جو پاڻ ۾ سٺو رشتو قائم آهي.
1995ع جولاءِ يا آگسٽ ۾ مظهرالحق صديقي صاحب سيڪريٽري اسٽبلشمنيٽ هيا. ڪوئيٽا اچڻ ٿيو هين ۽ منهنجي ملاقات ٿي، ۽ مون عرض ڪيو ته سائين مونکي هتي ٽي سال ٿي ويا آهن، مهرباني ڪري ڪٿي ٻه ٻاهر موڪليو. انهن ڏينهن ۾ ڊائريڪٽر حج مدينه جي پوسٽ سرڪيوليٽ ٿي، مون ٻه اپلاءِ ڪيو انٽرويو لاءِ اسلام آباد گهرايو انٽرويو ٿيو جنهن ۾ مظهرالحق صديقي، نجم الدين شيخ سيڪريٽري خارجه، سيڪريٽري حج ۽ هڪ ڪو ٻيو هيو. ڪاميٽي نالا مٿي موڪليا، خورشيد شاهه مذهبي مامرن جو وزير هيو. منسٽر صاحب ڪي نالو فائينل ڪرڻو هيو. مسٽر آفتاب شعبان ميراڻي فصيح الدين شڪارپور جي سفارش ڪئي، جنهن ڪري فصيح الدين ڊائريڪٽر حج مدينه مقرر ٿيو.
سائين مظهرالحق صديقي منهنجو نالو اسپيشل اسسٽنٽ ٽو چيئرمين پي آءِ اي لاءِ موڪليو ڇو ته اتي جيڪو آفيسر هيو انهي جو ٽينوئر ختم ٿي ويو هيو.
صدر فاروق لغاري جو عزيز ڪوئي لغاري چيئرمين پي آءِ اي هيو مونکي انٽرويو جي لاءِ ڪراچي گهرايائون. پيغام مليو ته رات اٺين وڳي گهر تي اچ. گهر جي ڏنل ائڊريس تي مان وڃي اتي پهتم. مونکي ڊرائنگ روم ۾ ويهارين، ٿوري دير کان پوءِ مونکي سڏ ٿيو مان ويس هڪ آفيس ٽائيپ ڪمرو هيو. جڏهن مان اتي ويس ته منهنجي ذهن ۾ هيو ته چيئرمين صاحب پاڻ هوندو. پر اتي اڌڙوٽ عمر واري خاتون ويٺي هئي. محترمه چيو اڳ ڪٿي ڪٿي رهيو آهين؟ مون سڀ ٻڌايو جيڪي ياد هيو پر هڪ اڌ پوسٽنگ تنهن وقت ياد ڪانه آئي، پوءِ پاڻ پڇيائين ته ڇا تون هن پوسٽ تي رهيو آهين؟ مون چيو ته ها، منهنجي بايو ڊيٽا اڳيئي اسٽيبلشمينٽ اوڏانهن ڏياري موڪلي هئي. چيائين ته چانڊيو صاحب توکي خبر آهي ته چيئرمين صاحب پي آءِ اي جي آفيس ويندو ناهي، ۽ اتي اهو توکي سنڀالڻو هوندو ۽ رات جو تقريباً ڏهين وڳي سڀ فائيل هتي گهر تي کڻي ايندين ۽ چيئرمين جي منظوري وٺي پوءِ واپس ويندين. مون عرض ڪيو ته ميڊم رات جو ڏهين کان پوءِ هتي اچڻ منهنجي لاءِ مشڪل آهي، پوءِ توهان ڪنهن ٻئي جي لاءِ گهر ڪيو. مون واپس وڃي سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ سائين

مظهرالحق صديقي صاحب سان ملاقات ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ سائين مونکي هاڻي ڪٿي بہ پوسٽ ڪيو. ٻئي ڏينهن تي مونکي سنڌ حڪومت جي حوالي ڪيو ويو.

# مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت

جنوري 1996ع جي پهرين هفتي اچي سنڌ سرڪار وٽ رپورٽ ڪيو. سائين مرحوم عبدالله شاهه وزيراعليٰ سنڌ هيو. تقريباً ٻن هفتن جي اندر منهنجي پوسٽنگ ايڊيشنل سيڪريٽري هوم ٿي.

هوم ڊپارٽمينٽ ۾ انوقت ٻه ايڊيشنل سيڪريٽري هيا.

هڪ ايڊيشنل سيڪريٽري ايڊمنسٽريشن اينڊ پوليس

ٻيو جيل ۽ اينٽي ٽيررسٽ ڪورٽس.

ايڊمنسٽريشن ۽ پوليس جو ايڊيشنل سيڪريٽري مسٽر امتياز قاضي هيو.

سيڪريٽري هوم مسٽر نويد احسن. مسٽر نويد احسن هڪ وڏو ايماندار، قابل، محنتي، انسان دوست ۽ همدرد انسان هيو. 2005ع ۾ مان جڏهن جوائنٽ سيڪريٽري ۽ فنانشل ائڊوائيزر فار ايجوڪيشن، ايگريڪلچر، ليبر اينڊ اوورسيز، يوٿ اينڊ ٽوئرزم منسٽريز هيم ته انوقت مسٽر نويد احسن منهنجو وفاقي سيڪريٽري خزانه هيو.

2009ع ۾ جڏهن مان ايڊيشنل سيڪريٽري ايجوڪيشن هيم ته انوقت مسٽر امتياز قاضي منهنجو سيڪريٽري ايجوڪيشن هيو. قاضي صاحب هڪ باصلاحيت، نهايت ديانتدار، اصول پسند، گهٽ ڳالهائڻ ۽ محتاط آفيسرن مان هڪ آفيسر آهن.

1996ع سنڌ جي شهري علائقن ۾ ڪافي افراتفري وارو ماحول هيو. پوليس ۽ رينجرس ڏينهن رات انهيءَ ۾ رڌل هئي ته جيئن عام شهري لاءِ حالتن کي سازگار بڻائي سگهجن. خاص ڪري ڪراچي جي خراب حالتن کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت رينجرس جي معرفت ڪافي ڪاميابي حاصل ڪئي. ڪافي محنت ۽ جدوجهد سان سنڌ جي گادي واري شهر ۾ ڪنهن حد تائين امن و امان جي صورتحال بهتر ٿي.

ڪراچيءَ جي امن کي بحال ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت جو وڏو ڪردار هيو ۽ تقريباً هر مهيني هاءِ پاور ميٽنگ ٿيندي هئي، جنهن ۾ هڪ ٻه دفعا صدر پاڪستان فاروق لغاري صاحب ٻه پاڻ ميٽنگ پريزائيڊ ڪئي، نه ته هميشه وزير اعظم پاڪستان محترمه بي بي شهيد ۽ مرحوم جنرل نصيرالله بابر وفاقي وزير داخله پاڻ ميٽنگ پريزائيڊ ڪندا هئا.

1996ع ۾ ننڍيا وڏا واقعا تمام گهڻا ٿيا، پر مان صرف ٻن جو ذڪر ڪندس.

هڪ سائين عبدالله شاهه جي ڀاءُ جي شهادت گهڻو ڪري احسان الله شاهه نالو هيس.

ٻيو محترمه بي بي شهيد جو ڀاءُ مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت.

سائين عبدالله شاهه جي ڀاءُ جي شرپسند عناصرن جي هٿان شهادت ڪراچيءَ ۾ دهشگردن جي خلاف آپريشن تيز ڪري ڇڏيو.

مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت پ پ حڪومت کي حڪومت جي ايوانن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

سيپٽمبر جي تقريباً آخري هفتي جي شروعات ۾ سج لٿي مهل اونداهيءَ جي وقت ڪلفٽن ۾ ستر ڪلفٽن جي گهر جي دروازي کان تقريباً ستر قدم پري مير مرتضيٰ ڀٽو کي بيدرديءَ سان پوليس جي دهشتگردن هٿان شهيد ڪيو ويو. جيڪو خاص ڪري سنڌ جي عوام لاءِ نهايت تڪليف ده، وڏو سانحو ۽ ڏکوئيندڙ واقعو هيو.

جڏهن مير مرتضيٰ ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ان وقت مسٽر منظور حسين ڀٽو هوم سيڪريٽري هيو. ڊاڪٽر شعيب سڊل ڊي آءِ جي ڪراچي ۽ آپريشن جو انچارج. ڪراچي سائوٿ جو ايس پي مسٽر واجد دراني هيو. مسٽر واجد دراني ذات جو اصل ڪوڪر لاهور جو هيو. پر واجد جا وڏا ڳڙهي ياسين جي دراني خاندان وٽ ڪم ڪار سنڀاليندا هيا. تنهن ڪري دراني فيملي جو هٿ واجد ڪوڪر جي مٿان هيو. تنهن ڪري سنڌ جي ڊوميسائل تي سي ايس ڪري پوليس سروس آف پاڪستان ۾ آيو ۽ پاڻ سان دراني ذات سڏائيندو رهيو.

رات جو تقريباً ائين وڳي چيف سيڪريٽري پنجاب جو فون منهنجي گهر واري فون تي آيو ۽ چيائين ته هوم سيڪريٽري سنڌ سان منهنجو رابطو ڪونه ٿو ٿئي، تنهن ڪري توکي فون ڪيو آهي. وڏيڪ چيائين ته مونکي خبر پئي آهي ته مير مرتضي ڀٽو کي قتل ڪيو ويو آهي. مون چيو ته سائين اجان تائين ته اهڙي افسوس ناڪ خبر مون تائين ناهي پهتي، پر مان وري خبر وٺي توهان کي ٻڌايان ٿو. منظور ڀٽو صاحب انوقت ڪنهن شاديءَ جي سلسلي ۾ تاج محل هوٽل تي ويل هيا. مون هڪدم ڀٽو صاحب سان رابطو ڪيو ۽ ڀٽو صاحب کي ٻڌايو ته چيف سيڪريٽري پنجاب جو فون آيو هيو ۽ هي ڳالهه ڪئي ائين. ڀٽو صاحب في الحال ته خاموش ٿي ويو ۽ چيائين ته مونکي به اهڙي قسم جي ڪابه خبر ناهي ملي. مون وري هوم ڊپارٽمينٽ جي ڊيوٽي آپريٽر کان پڇيو. تنهن به چيو ته اهڙي ڪابه رپورٽ پوليس جي طرفان ڪانه ملي آهي. مون وري منظور ڀٽو هوم سيڪريٽري سان رابطو ڪيو پر تيستائين اهو مسئلو اسان کان لڪل رهيو. ڀٽو صاحب چيو ته يار مونکي اجان تائين ڪوبه اهڙي قسم جو ڪنفرم اطلاع ڪونه مليو آهي. باقي اڙي ٽڙي خبر آهي جنهن لاءِ حتمي نٿو چئي سگهجي. چيائين چڱو آفيس اچو ۽ مان به اچان ٿو پوءِ وڏيڪ خبر پئي ته اصل حقيقت ڇا آهي. ٿوري دير کان پوءِ عام خبر هلي ته مير مرتضي ڀٽو شهيد ٿي ويو.

مونکي اڄ تائين اها خبر پئجي نه سگهي آهي ته صوبي جي چيف سيڪريٽري ۽ هوم سيڪريٽري کان اڳ پنجاب جي چيف سيڪريٽري کي ڪيئن خبر پئي؟ انهيءَ کان وڏيڪ اها اچرج جهڙي ڳالهه هئي ته افسوسناڪ واقعو ٿي ويو پر پوليس هوم ڊپارٽمينٽ کي ڪافي دير تائين بي خبر رکيو جيڪو ضرور ڪنهن سوچيل منصوبي تحت هيو. جنهن جي جڏهن سپريم ڪورٽ جي جسٽس ناصر اسلم زاهد جي سربراهي ۾ تحقيقياتي ڪميشن صرف اهو چئي بس ڪئي ته

انهيءَ مير مرتضيٰ جي شهادت ۾ ڪي لڪل هٿ هيا. جڏهن ته اسين هوم سيڪريٽري ۽ پوليس سميت تحقيقاتي ڪميشن آڏو ڏيڍ ٻه مهينا پيش ٿيندا رهياسين، جيڪي رڪارڊ گهربل هيا سڀ مهيا ڪيا ويا، پر ٿيو ايئن ”کھودا پہاڑ نکلا چوہا۔“

# لياقت جتوئي جي وڏ وزارت ۾ ايم ڪيو ايم جي حڪمراني

مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت کان ٿورن ڏينهن بعد صدر پاڪستان فاروق لغاري آئين جي آرٽيڪل اٺونجاهه بي تحت پ پ حڪومت کي ايوان کان ٻاهر ڪيو، نئين عبوري حڪومت قائم ڪئي. ملڪ معراج خالد وزير اعظم پاڪستان ۽ ممتاز ڀٽو وزيراعليٰ سنڌ قائم ڪئي.

ملڪ ۾ اليڪشن جون تياريون شروع ٿي ويون. اليڪشن کان ٿورو اڳ ۾ منظور ڀٽو صاحب پنهنجي ٽرانسفر ڪرائي ويو ۽ هوم سيڪريٽري جي پوسٽ خالي رهي ۽ ٻئي ڏينهن تي جيستائين ڪو سيڪريٽري هوم پوسٽ ٿئي، تيستائين مونکي انچارج هوم سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

خير سان اليڪشن ٿي، مرڪز ۾ نواز ليگ حڪومت ٺاهي ۽ صوبي سنڌ ۾ نواز ليگ جي مدد سان مسٽر لياقت جتوئي ۽ ايم ڪيو ايم ملي حڪومت ٺاهي. ٿورن ڏينهن ۾ سنڌ جو چيف سيڪريٽري مسٽر سعيد مهدي صاحب مقرر ٿيو. ايم ڪيو ايم حڪومت سان سهڪار ڪرڻ لاءِ اهو نواز شريف کان واعدو ورتو هيو ته ايم ڪيو ايم جي سيني ماڻهن کي جيل مان آزاد ڪندا ۽ انهن کي مالي امداد به پڻ ڏيندا.

حڪومت جي تشڪيل کان هفتي اڌ بعد سرڪار هڪ ڪاميٽي جوڙي، جنهن جو ڪم هيو ته ايم ڪيو ايم جي مٿان جڙيل ڪيسن کي ٻيهر رويو ڪيو وڃي ۽ جيڪي ننڍن ڪيسن ۾ آهن انهن کي فوري طور آزاد ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا وڃن، باقي وڏن ڪيسن لاءِ تجويزون ڏيندا.

سرڪار جي طرفان نمائندگي هوم سيڪريٽري ڪندو ۽ ايم ڪيو ايم جي طرفان فاروق ستار، شيخ آفتاب حيدرآباد کان، جيڪو ميئر هيو حيدرآباد جو ڊاڪٽر صغير، خالد وڪيل جيڪو بعد ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ٿيو. هڪ ٻيو نالو ياد نٿو اچي.

سرڪار جي نمائندگي، محمد جمن ڇانڊڙو انچارج هوم سيڪريٽري، نياز صديقي ڊي آءِ جي ڪراچي، آءِ جي جيل گهٽو ڪري سليم اختر صديقي هيو. ڊپٽي سيڪريٽري ڪامران دوست.

ميٽنگ تقريباً هڪ مهينو قصر ناز ۾ هلندي رهي.

جڏهن ميٽنگ ٿيندي هئي ته فاروق ستار ڪڏهن سوير ايندو هيو ته اسان سان سنڌي ۾ خوشگوار موڊ ۾ ڳالهائيندو هيو. پر جڏهن ايم ڪيو ايم جي ڪنهن به ورڪر يا ڪاميٽي جي ميمبر کي ايندي ڏسندو هيو ته هڪدم سندس رنگ ۽ لهجو بدلجي ويندو هيس.

اهڙيءَ طرح آفتاب شيخ جڏهن سوير ۽ اڪيلو ايندو هيو ته تمام سٺي موڊ ۾ ۽ سنڌي ۾

ڳالهائيندو هيو. پر جيئن ڪنهن ايم ڪيو ايم جي ورڪر يا ڪاميٽي جي ميمبر تي نظر پوندي هيس ته هڪدم سندس لهجوءِ رنگ بدلجي ويندو هيس.

جڏهن ميٽنگ ٿيندي هئي ته لڳندو هيو ته ايم ڪيو ايم جا ميمبر هڪٻئي کان ڇرڪندا هيا. چارئي پنج ئي ميمبر ميٽنگ ۾ الڳ الڳ نوٽ لکندا هيا. ايئن محسوس ٿيندو هيو ته هنن کي هڪٻئي تي ڪو به اعتبار ڪونهي.

ميٽنگ ۾ هميشه ايم ڪيو ايم جو موقف هوندو هيو ته هي جيڪي به جيل ۾ بند آهن، اهي سڀ معصوم ۽ بيگناهه آهن. انهن مٿان پ پ حڪومت ناجائز ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن، انهيءَ ڪري انهن سڀني ورڪرن کي باعزت آزاد ڪيو وڃي، ۽ انهن جي مٿان مڙهيل ڪيس سرڪار ختم ڪري، انهن مسڪينن جي مالي مدد ڪئي وڃي.

اسان جو موقف بلڪل ڪليئر هيو ته جن سان واقعي زيادتي ٿي آهي ته انهن جي آزاديءَ لاءِ ڪيس ختم ڪرڻ جي سمري ٺاهي موڪليندا سين. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا لسٽ ايم ڪيو ايم وارن ڏني هئي، اسان انهن جي پوري پوليس رپورٽ وٺي انهن سان ڳالهائيندا هياسين ته جناب جنهن معصوم ورڪر لاءِ چئو ٿا ان جي خلاف هي هي ڪيس ڪنهن ڪنهن ٿاڻي تي داخل ۽ ڪڏهن کان آهن. توهان ڪيئن ٿا چئو ته هي معصوم آهن ۽ پ پ وارن هنن کي بيگناهه بند ڪيو آهي؟ جڏهن هنن وٽ ڪو جواب ڪونه هوندو هيو ته هميشه اهو چئي ميٽنگ ختم ڪندا هيا ته اها رپورٽ صحيح ناهي. مان انهن کي چوندو هيس ته پوءِ انهيءَ کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪو ثبوت پيش ڪيو. جنهن لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه هوندا هيا. ڇو ته انهن وٽ اهڙا ثبوت هيائي ڪونه. تنهن ڪري هميشه ڏنڊ ۾ پڇ هٽندا هيا.

اسان وٽ ڪرمنل جو سڄو رڪارڊ هيو جنهن ۾ انهن ملزمن جي 164 جو بيان ۽ تفتيش ڪيل مواد موجود هوندو هيو.

انهيءَ سڄي ميٽنگ ۾ ايم ڪيو ايم جڏهن ڏٺو ته هنن جو مطلب حاصل نٿو ٿئي ته هنن وزيراعظم تي زور وڌو ته ڪيئن به ڪري ميٽنگ مان جان ڇڏائي اسان جي ماڻهن کي آزاد ڪيو. شام جو سي ايم صاحب فون ڪري چيو ته اڄ رات ايم ڪيو ايم جي ورڪرن بابت سمري ٺاهي موڪل. سي ايم صاحب مونکي صاف لفظن ۾ ڪونه چيو ته هنن سان رعايت ڪرڻي آهي پر لهجو اهڙو هيو جو جنهن مان جتوئي صاحب چاهي پيو ته سمري اهڙي نموني اچي جو ايم ڪيو ايم راضي ٿي وڃي. اتفاق سان ان رات سانگهڙ ڊسٽرڪٽ جيل ۾ اهڙو واقعو ٿيو جيڪو مونکي ياد نٿو اچي پر سي ايم صاحب چيو تون پاڻ وڃي جيل جو معائنو ڪري ٻڌاءِ.

مون بسم الله ڪري سمري تيار ڪئي جنهن ۾ جيڪي واقعي ننڍا چار پنج ڪيس هيا انهن ۾ ايم ڪيو ايم جي ورڪرن جي مٿان ڪيس ختم ڪرڻ، باقي سڀني ڪيسن جي مخالفت ۾ ٺاهي. لا سيڪريٽري مسٽر جوڻيجو صاحب کي موڪلي ۽ لا سيڪريٽري به منهنجي رڪمنڊيشن جي حمايت ۾ نوٽ لکي اڳتي موڪليو. رات جو تقريباً ٻارهين وڳي مان آفيس مان نڪري پنهنجي فليٽ تي ويس. صبح جو سوير مان سي ايم جي حڪم تحت پهريان ميرپورخاص پوءِ سانگهڙ جيل تي

ويس. منجهند جي ماني سانگهڙ ريسٽ هائوس تي کاڌي، اتان مان واپس ڪراچي لاءِ روانو ٿيس. جڏهن مان ٽنڊوآدم کان اڳتي آيس ته چيف سيڪريٽري جو ميسيج مليو ته جمن تو سمري ڇا موڪلي آهي؟ مون چيو ته جيڪا حقيقت هئي اها مون موڪلي آهي. چيائين ته سي ايم صاحب خوش ناهي، هاڻي تون ڪٿي ويندين؟ مون چيو ته سائين جيڏانهن موڪليو مونکي ڪوئي اعتراض ناهي.

ٿوري دير ۾ ڪيبرن وٽ پهتس ته ميسيج مليو واجد راڻا هوم سيڪريٽري سنڌ مقرر.

# واجد رانا هوم سيڪريٽري جي چارج ورتي

1997ع جي فيبروري ۾ مونکان واجد رانا هوم سيڪريٽري جي چارج ورتي. مون الله جو شڪر ادا ڪيو ته جيڪي به ٽي مهينا مون وٽ هوم سيڪريٽري جي چارج هئي، انهيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو مرحلو منهنجي لاءِ اهو هيو ته مان انهن دهشگردن کي آزاد ڪرڻ نه ڏيان، جن سنڌ جي دل يعني ڪراچي شهر جي امن و امان جون حالتون خراب ڪري ڇڏيون هيون. جيڪا سمري ٺاهي چيف منسٽر صاحب ڏانهن موڪلي، انهيءَ سڄي پروسيس ۾ منهنجي ٽيم مونسان وڏو سهڪار ڪيو. انهيءَ سڄي مرحلي ۾ مون قانون جي حساب سان جيڪا ٽيڪنيڪل چاڻ ۾ ڪنٽريبيوشن ڪيو ان ۾ رجسٽرار ۽ ڊپٽي رجسٽرار اينٽي ٽيررسٽ ڪورٽ جو ڀرپور ساٿ رهيو جنهن جي ڪري قانون جي تقاضائن جي اندر اهڙي سمري تيار ٿي، جو لا سيڪريٽري انهيءَ سمري جي مڪمل حمايت ۾ ڀرپور نوٽ لکيو. جنهن جي ڪري انهن شرپسند عناصرن جي رهائي ممڪن ٿي ڪانه سگهي ۽ وڏيڪ شهر جون حالتون خراب ڪونه ٿيون. جنهن وقت مون سمري تي دستخط ڪئي پئي ته مونکي انوقت اندازو ٿي ويو هيو ته يقيناً هن سمري جي پهچڻ کان پوءِ منهنجي اتان ٽرانسفر ضرور ٿيندي. ڇوته مون سمري هوا جي هلندڙ رخ جي خلاف تيار ڪئي هئي. قانون واري سيڪريٽري پوءِ مونسان فون تي ڳالهائيندي چيو ته جيڪا توهان سمري ٺاهي موڪلي آهي، ان ۾ ڪٿان به اهڙي وٿي ناهي ڇڏي، جو انهن شرپسند عناصرن کي ڪا ڇوٽ ملي. وري مٿان لا سيڪريٽري جو ٽپو اهڙو ڪم ڪيو جو سواءِ منهنجي جاءِ تي بئي ڪنهن کي چارج ڏيڻ جي، ٻي ڪا به رليف ملي ڪونه پئي سگهين.

واجد رانا ۽ مان قائد اعظم يونيورسٽي ۾ پڙهيا هياسين. ڊپارٽميٽ مختلف هيا ۽ 1976ع ۾ يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽ يونين جو جماعت اسلامي جي طلبا تنظيم جي پليٽفارم تان واجد رانا صدر يونين چونڊ ڪٽي هئي ۽ اسان هن جي مخالف اميدوار جا حمايتي هياسين ۽ اليڪشن ۾ هارايو هيو. بهرحال شروع کان اسان جي هڪٻئي سان ايتري ذهني هم آهنگي ڪانه هئي. پر مونکي واجد صاحب سان گڏ ڪم ڪرڻو پيو ڇوته سرڪار جو حڪم هيو. ان حالتن جي هوندي مون اتي انهيءَ ڪري رهڻ پئي چاهيو ته جيئن ٻيهر اهڙي ڪا سمري تيار نه ٿئي، جنهن ۾ شرپسندن کي ڇوٽ ملي وڃي. بهرحال ٿوري عرصي کان پوءِ واجد ۽ اسان جا گهڻا معاملن تي هڪجهڙائي ٿي نه سگهي، تنهن ڪري مونکي اتان ايڊيشنل سيڪريٽري امپليمينٽيشن ايس اينڊ جي ڊي ۾ پوسٽنگ ٿي وئي.

امپليمينٽيشن ونگ ۾ اهڙو ڪو خاص ڪم ڪونه هوندو هيو. صرف انهن ڊائريڪٽوز جي خبر چار لهڻي هوندي هئي، جيڪي پرائيم منسٽر يا پريزيڊنٽ جي آفيس مان ايندا هيا، مختلف

ڊپارٽمينٽ مان انهن جي تعميل ٿيڻ جي رپورٽ وٺي پرائيم منسٽر يا پريزيڊنٽ سيڪريٽريٽ ڏانهن هر مهيني رپورٽ ڏيڻي پوندي هئي ته هيترا ڊائريڪٽو آيا، انهن مان هيترن ڊائريڪٽوز تي عمل ٿي ويو، هيترن تي عمل ڪرڻ وارو سلسلو هيستائين پهتو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي ٽئين مهيني اسلام آباد ۾ انهن ڊائريڪٽوز متعلق ميٽنگ ٿيندي هئي، اها اٽينڊ ڪرڻي هوندي هئي.

هتي اهڙو ڪوبه ڪم ڪونه هيو جو ڪنهن به طرح سوسائٽي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي.

1998ع جي آگسٽ سيپٽمبر ۾ اوڻويهين کان ويهين گريڊ جي سليڪشن بورڊ جي ميٽنگ رکي وئي. محمد افضل کهوٽ سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ هيو. بورڊ جي ميٽنگ کان اڳ ايف پي ايس سي جي چيئرمين کي لکي موڪليو ته اسان وٽ ٽيهه سيٽون گريڊ ويهين ۾ خالي پيون آهن، تنهن ڪري هن ايندڙ بورڊ ۾ ٽيهه اميدوار سليڪٽ ڪرڻا آهن. جنهن ڏينهن بورڊ ٿيو پئي انهيءَ ڏينهن چار سيٽون گهٽائي چيئرمين بورڊ کي عرض ڪيو ته چار غلطي ۾ وڌيڪ موڪليون ويون آهن، ڇو ته اسان وٽ چار آفيسر ويهين گريڊ ۾ او ايس ڊي ويٺا آهن. چار سيٽون انهيءَ ڪري گهٽايون ويون جو ان سان سنڌ جا چار آفيسر پروموٽ ٿين پيا. اسان سنڌ جي آفيسرن جو پروموشن نه ڪرڻ خاطر اهو سڀ ڪيو ويو. قدرت الله جي جڏهن بورڊ ويٺو ۽ پروموشن لاءِ اٺاويهه آفيسر سليڪٽ ٿيا ته انهن اٺاويهن مان اسان به سنڌ جا آفيسر به پروموشن لاءِ ڪليئر ٿي وياسين، جنهن ۾ منهنجو ستاويهون نمبر ۽ اٺاويهين نمبر تي عبدالغني ٻچاڻي هيو. ويهين گريڊ جي پروموشن ۽ پوسٽنگ پرائيم منسٽر صاحب جي منظوري سان ٿيندي آهي. ڪاميٽي جي ميمبرن دستخط ڪري لسٽ سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڏانهن موڪلي.

افضل کهوٽ صاحب جيڪا سمري پرائيم منسٽر ڏانهن موڪلي، ان ۾ لکيو ته بورڊ اٺاويهه آفيسر ويهين گريڊ لاءِ سليڪٽ ڪيا آهن پر اسان وٽ هن وقت چوويهه سيٽون ويهين گريڊ ۾ خالي آهن، انهيءَ ڪري سيريل نمبر هڪ کان چوويهه نمبر تائين جي آفيسرن جو پروموشن ويهين گريڊ ۾ منظور ڪيو وڃي، باقي ستاويهه ۽ اٺاويهه نمبر لاءِ جڏهن ڪليئر ويڪنسي ٿيندي ته پوءِ پروموشن ڪنداسين.

ٻئي ڏينهن سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ افضل کهوٽ هڪ ٻي سمري ٺاهي، پنجاب جي ٻن آفيسرن جن کي بورڊ پروموشن لاءِ سليڪٽ ڪونه ڪيو، تن لاءِ سمري تيار ڪري موڪليائين ته جيئن ته اسان وٽ ٻه ويهين گريڊ ۾ ويڪنسي خالي پيون آهن ۽ هي ٻئي آفيسر سينيئر آهن ۽ انهن جي ٻين بيچمينٽ جي پروموشن لاءِ اڳ ۾ سمري موڪلي آهي، انهيءَ ڪري هنن ٻنهي آفيسرن جو پروموشن ويهين گريڊ ۾ منظور ڪيو وڃي. انهن ٻنهي آفيسرن کي انهيءَ ڪري پروموشن لاءِ سليڪٽ ڪونه ڪيو هيو جو اهي ٻئي آفيسر ملڪ کان ٻاهر ڊيپيوٽيشن تي هڪ آمريڪا ۾ ٻيو لنڊن ۾ هيو. قانون مطابق جيستائين آفيسر پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڊيپيوٽيشن کان واپس اچي رپورٽ نٿو ڪري، تيستائين انجو پروموشن ٿي نٿو سگهي. اسان کي خبر پئي ته سمري ۾ سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ هي ڏنڀي هنئي آهي. مون هڪ ٻن دوستن سان ڳالهايو ته هي زيادتي ڪن ٿا اسان سنڌ جي آفيسرن سان، مسٽر مسعود کهڙو کي خبر پئي تنهن انهي وقت مسٽر الاهي بخش سومرو سان

ڳالهايو ته توهان اسپيڪر نيشنل اسيمبلي آهيو ۽ هي سنڌ جي آفيسرن سان زيادتي ٿئي ٿي، تنهن ڪري توهان وزيراعظم سان ڳالهايو. جڏهن ٻيهر مسعود کهڙو الاهي بخش سومرو صاحب سان ڳالهايو ته الاهي بخش صاحب جواب ۾ چيوته مون افضل کهوٽ سان ڳالهايو آهي، جنهن چيو ته ويڪنسي خالي ڪونهن جيئن خالي ٿينديون پوءِ ڪنداسين .

اسان خاموش ٿي الله کي ٻاڏايو منهنجو رب ڪريم اهڙو مهربان جو منهنجو دوست مرحوم رسول بخش وٽ مان ڪنهن ڪم سان ويس اتي هن مونکان پڇيو ته ڇا ٿيو تنهنجي پروموشن جو. مون کيس ٻڌايو ته يار هي مسئلو ايئن اٽڪيو پيو آهي. اتي هڪ همراه وينو هيو جنهن اهو سڀ ٻڌو پئي. تنهن مونکان اردو ۾ پڇيو ته مسئلو ڇاهي؟ مون انکي ٻڌايو ته اهڙي طريقي سان توهان پنجاب وارا اسان سان زيادتيون ڪيو پيا. چيائين ته تون خاموش ويهه مان سڀاڻي اسلام آباد وڃان ٿو ۽ منهنجي ملاقات ٿيڻي آهي جنرل عبدالمجيد ملڪ سان، مان ان سان توهانجي مسئلي تي ڳالهائيندس. منهنجي ان دوست سان اڳ ڪڏهن به ملاقات ڪانه ٿي هئي نه وري انکان پوءِ اڄ تائين ٿي آهي. بهرحال اهو همراه ٻئي ڏينهن اسلام آباد ويو ۽ ٻن ڏينهن کانپوءِ منهنجي دوست رسول بخش کي فون ڪري ٻڌايائين ته جنرل مجيد توهان جي دوست واري سمري چوبهن جي بجاءِ اٺاويهه آفيسرن جي پروموشن منظور ڪرائي هيٺ موڪلي آهي. ٻئي ڏينهن تي مون چوڌري عبدالرئوف کي فون ڪيو جنهن ڪنفرم ڪيو ته چيائين توهان کي مبارڪ هجي جو توهانجو پروموشن ٿي ويو. چوڌري صاحب انوقت پرائيم منسٽر جو پي ايس او هيو.

جيڪڏهن مسٽر الاهي بخش سومرو چاهي ها ته وزيراعظم سان ڳالهائي سگهيو پئي ۽ سمري منظور ڪرائي پئي سگهيو. چوته ويهين گريڊ ۾ سنڌ جي خالي جاين تي پنجاب جا آفيسر پروموٽ پئي ٿيا. جڏهن ته سنڌ جا ٻه آفيسر هيا. جن کي ايف پي ايس سي جي چيئرمين جي سربراهي ۾ ڪاميٽي پروموشن لاءِ سليڪٽ ڪيو هيو. اها ڪا ڪنهن به قسم جي فيور وغيره ڪونه هئي پر پنهنجي صوبي جي حق جو تحفظ جو مسئلو هيو.

هر گريڊ جي پروموشن خاص ڪري ويهين ۽ ايڪويهين لاءِ ڊي ايم جي ۽ پوليس جون ويڪنسيون هميشه صوبا ڏيندا آهن ۽ انهيءَ جي بنياد تي پروموشن ٿيندا آهن. جڏهن ته ٻين سروسز جي ماڻهن لاءِ واسطيدار ڊپارٽمينٽ خالي جاين جي لسٽ ڏيندو آهي، تنهن ڪري ان ڊپارٽمينٽ جي ماڻهن جي ان مان پروموشن لاءِ سليڪشن ٿيندي آهي. ٿيندو ايئن آهي ته ويڪنسيون خالي ننڍن صوبن جون هونديون آهن ۽ ننڍن صوبن جي خالي جاين تي پروموشن پنجاب جي آفيسرن جا ٿيندا آهن. سيني صوبن جون موڪليل خالي لسٽن کي جمع ڪري هڪ لسٽ ٺاهيندا آهن، جنهن ۾ سڀ اميدوار پروموشن لاءِ هوندا آهن. جڏهن اسان جي ويهين گريڊ جي پروموشن جو وقت آيو ته اٺاويهه خالي جايون گهٽي ياڳي ننڍن صوبن جون هيون ۽ پنجاب جون خالي جايون تمام ٿوريون هيون.

پروموشن بورڊ جو چيئرمين هميشه ايف پي ايس سي جو چيئرمين ۽ ميمبر چارئي چيف سيڪريٽري، چارئي آءِ جي، سيڪريٽري اسٽبلشمينٽ، ميمبر ڪم سيڪريٽري، وفاقي سيڪريٽرين مان هر صوبي جو هڪ فيڊرل سيڪريٽري ۽ واسطيدار ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري،

انهيءَ کان علاوه هڪ ميمبر نيشنل اسيمبلي يا سينيٽ جو وقت جي سرڪار نامزد ڪندي آهي، پروموشن بورڊ تي. هروقت پروموشن بورڊ جي ميمبرن جو تمام گهڻو تعداد پنجاب جو هوندو آهي، تنهنڪري هو پنجاب جي هر آفيسر جو پروموشن يقيني ڪرڻ جا جتن ڪندا آهن ۽ ڪامياب ٿيندا آهن. عموماً چارئي چيف سيڪريٽري بہ پنجاب صوبي جا آفيسر هوندا آهن. جيڪڏهين انهيءَ پروموشن پاليسي ۾ اهو ٿئي تہ جنهن صوبي جون جيتريون ويڪنسيون آهن، پروموشن بہ انهيءَ صوبي جي آفيسرن جا ٿيندا تہ پنجاب جو هميشہ لاءِ ٻين صوبن مٿان ڪنٽرول ختم ٿي وڃي، جيڪو پنجاب پاڪستان کي بچائڻ جي آڙ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ڪرڻ ڏيندو. اهو سنڌ جي سياسي قيادت تي آهي، اهي سنڌ جي مفادن جو ڪيئن تحفظ ڪري ٿي.

جڏهن پروموشن وزيراعظم منظور ڪيو تہ مان اسلام آباد ويس ۽ چوڌري عبدالرئوف سان مليم ۽ عرض ڪيو تہ منهنجي ڪنهن بہ فيڊرل ڪارپوريشن ۾ پوسٽنگ ڪراءِ. مون کان پڇيائين تہ ڇا ڊپٽي مينيجنگ ڊائريڪٽر هائوس بلڊنگ فنانئس ڪارپوريشن ۾ ويندين؟ مون چيو تہ ٺيڪ آهي. انهيءَ وقت صديق الفاروق چيئرمين ايس بي ايف سي سان ڳالهايائين. صديق انوقت نون ليگ جو انفارميشن سيڪريٽري ۽ چيئرمين ايس بي ايف سي هيو. انوقت فاروق صاحب ڪونہ هيو. ٿوري دير کان بعدچوڌري صاحب جي گهران ماني آئي ۽ اسان ٻئي آفيس ۾ ماني کائون پيا. چوڌري عبدالرئوف سان منهنجو هوم ڊپارٽمينٽ جي پوسٽنگ دوران گهڻو واسطو پوندو هيو. ڇو تہ انوقت چوڌري صاحب جوائنٽ سيڪريٽري وزارت داخلا ۾ هيو. ماني کائيندي فاروق صاحب جو فون آيو. ماني کائيندي ٻيا حال احوال ڪيائون، پاڻ ۾. پوءِ چوڌري صاحب فاروق کان پڇيو تہ تو اڳ چيو هيو تہ بہ پوسٽون خالي آهن. ڇا اهي هينئر بہ خالي آهن يا ڀرجي ويون آهن؟ صديق الفاروق چيو تہ پوسٽون خالي پيون آهن ۽ مونکي سنڌ ۾ رڪوري ۾ ڏاڍي دشواريون آهن. چوڌري صاحب چيس تہ پوءِ جيڪڏهن روينيو جو سينيئر ماڻهو توکي ڏيون تہ ڪيئن؟ چيائين تہ زبردست منهنجو مسئلو حل ٿي ويندو. چوڌري صاحب چيس تہ ڇڱو نالو لک ۽ ڀي ايم ڏانهن خط لکي گهر ڪر تہ توکي پوسٽ ڪرائي ڏيان. جڏهن منهنجو نالو ٻڌايائينس تہ فاروق چوڌري صاحب کي چيو تہ هيءَ تہ سنڌي آهي. چوڌري صاحب چيس سنڌي آهي، پر مان توکي ٿو چوان منهنجي گرنٽي آهي، پر هو همراهہ چويس تہ نہ، هي سنڌي آهي. مون ڏٺو پئي تہ چوڌري صاحب ڪافي پريشان پئي نظر آيو. جو منهنجي سامهون اهڙي طرح جي ڳالهہ پئي ٿئي ۽ چوڌري صاحب ايئن بہ ڪونہ پيو چويس تہ ڪو مان اتي ويٺو آهيان. بهرحال ڪافي دير کان پوءِ ۾ وڃي ڳالهہ اتي بيٺي تہ مان سنڌي آهيان. چوڌري صاحب ڏاڍو پريشان ٿيو تہ اها ڳالهہ کلي وئي تہ نون ليگ کي ڪنهن بہ سنڌي آفيسر تي ڪوئي اعتبار ناهي، تنهن ڪري سنڌي آفيسر کي هتي وسان پوسٽنگ ناهي ڏيڻي. صديق الفاروق جو چوڻ تہ هي پوسٽ ڪپي سنڌ لاءِ پر سنڌي آفيسر قابل قبول ناهي، جيڪا هڪ پارٽي جي پاليسي مطابق هئي ڇوتہ انوقت نون ليگ جو پارٽي طرفان اسپوڪس پرسن صديق الفاروق هيو.

چوڌري عبدالرئوف مونکي چيو تہ تون فنانس ٽريڊ ڪارپوريش بلڊنگ ۾ وڃي صديق الفاروق سان وڃي مل. مون عرض ڪيو تہ سائين ملڻ مان ڪوئي فائدو ڪونهي، هرويرو توهان تڪليف نہ ڪيو.

چيائين ته تون وڃيس ۽ منهنجي ڪري تون وڃ. مون چيو ته سائين ان همراهه ڏانهن وڃڻ فضول آهي، چيائين ته نه تون ضرور وڃ، مون چيو ته سائين چڱو مان توهانجي ڪري ويندس، باقي منهنجي دل نٿي چوي،

# صديق الفاروق کي سنڌي آفيسر نہ کپي

بهرحال ڪراچي واپس اچي ايف ٽي سي بلڊنگ جي غالبن پنجين فلور تي وڃي چيئرمين ايچ بي ايف سي صديق الفاروق سان مليس. جلدي ۾ مليو ۽ مون ٻڌايو تہ چوڌري رئوف صاحب توهان ڏانهن موڪليو آهي ۽ هيءُ منهنجو نالو آهي. ذهني طور تيار هيس تہ هي نہ ۾ جواب ڏيندو پر چوڌري صاحب جي ڪري وٺڻو پيو.

مون کي چيائين تہ جيڪا توکي واچ پاتل آهي اها گهڻي جي آهي؟ مون چيو تہ ڇا مان اها گهڙي وٺڻ افورڊ نٿو ڪري سگهان؟ چيائين تہ نہ بس مون ايئن پڇيو. مون چيو تہ توهان کي اها گهڙي جي پڇڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ تو ڇا سمجهيو آهي تہ ڪا مان رشوت مان ورتي آهي؟ چيائين نہ توهان تہ خوام خواه ناراض ٿا ٿيو. مون چيو تہ چوڌري صاحب موڪليو آهي انهي لاءِ توهان ڇاٽا چئو؟ چيائين تہ هن وقت پوسٽ خالي ناهي، باقي سي وي ڏئي وڃ، پوءِ جڏهن ٿيندي تہ پوءِ مان ڏسندس. مون چيو تہ توهان جي مهرباني مان هلان ٿو. مان واپس وڃي آفيس پهتس.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ مرڪزي سرڪار نوٽيفڪيشن جاري ڪندي ويهين گريڊ جي حيثيت ۾ سنڌ سرڪار جي ڊسپوزل تي رکي ڇڏيو. تقريباً ٻہ مهينا گذري ويا، سنڌ سرڪار ويهين گريڊ جي پوسٽنگ لاءِ ڪوئي آرڊر جاري ڪونہ ڪيا. هڪ ڏينهن شام جو بي ايچ قريشي صاحب مليو ايئن حال احوال ٿيا ۽ پڇيائين تہ پوسٽنگ ڪٿي ٿي آهي؟ مون ٻڌايو تہ ٻہ ٽي دفعا چيف سيڪريٽري مسٽر سالڪ نذير صاحب سان مليو آهيان ۽ اميد تہ جلد پوسٽنگ ٿي ويندي. قريشي صاحب انوقت چيئرمين ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون اٿارٽي هيا، مونکي چيائون تہ جيڪڏهن تون مون وٽ اچڻ چاهين تہ مون وٽ هينئر ڊائريڪٽر فنانس جي پوسٽ خالي آهي. مون چيو تہ مونکي ڪوئي اعتراض ناهي. جنوري 1999ع جي پهرئين هفتي ۾ منهنجو پوسٽنگ آرڊر نڪتو ڊائريڪٽر فنانس اي پي زيڊ اي، لانڍي، ڪراچي. ٻئي ڏينهن تي سنڌ سرڪار پوسٽنگ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر. مون سنڌ گورنمينٽ گريڊ ايڪچيوئلائز ڪرڻ خاطر جوائن ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ايپزا وڃي جوائن ڪيو.

ايپزا (EPZA) منهنجي لاءِ هڪ نئون ضرور هيو پر دلچسپ بہ پڻ هيو. ايپزا ۾ جيڪي بہ فيڪٽريون ڪم ڪن پيون، انهن کي جيڪي ٽيڪسز پاڪستان ۾ آهن، اهي سڀ انهن ٽيڪسز

ڪان معاف قرار ڏنل علائقو آهي. ٽيڪس فري زون آهي انهن فيڪٽرن جو مال جيڪڏهن زون کان ٻاهر شهر ڪراچي يا پاڪستان جي ڪنهن بہ علائقي ۾ وڪامجندو تہ پوءِ سڀ ڪسٽم ڊيوٽيز ادا ڪرڻيون هونديون. باقي جيڪڏهن ايڪسپورٽ ڪندو تہ انهي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ٽيڪس ڏيڻي ناهي.

تقريباً چار پنج مهينا گذريا تہ چيئرمين اي او بي آءِ مسٽر برڪت الله شيخ ڪنهن ڊنر تي مليو. شيخ صاحب سان منهنجي پراڻي نيازمندي آهي، تنهنڪري منهنجو ڪافي خيال رکندو آهي. مونکي چيائين تہ مون تہ توکي عرش تي پئي ڳولهيو تون تہ مونکي فرش تي ملي ويو آهين. چيائين تہ مان فيصلو ڪيو آهي ۽ تنهنجي پڇڻ کان بغير مون منسٽري ليبر اينڊ مين پاور کي ليٽر لکي تنهنجي لاءِ پاڻ وٽ ڊائريڪٽر جنرل فنانس اينڊ انويسٽمينٽ لاءِ گهر ڪئي آهي. چو تہ موجوده ڊي جي ٿورن ڏينهن ۾ رٽائر پيو ٿئي. مون چيو تہ مان جتي هينئر آهيان، اتي خوش آهيان.

بهرحال ايپزا ۾ قريشي صاحب ڪافي محنت ڪري نوان يونٽ کولڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ ڪي پي ڪي ۾ نوشهرو وٽ، سمبڙيال سيالڪوٽ جي پرسان ۽ گوادر ۾ هڪ يونٽ جي پلاننگ شروع ڪري ڏني. انهيءَ سان گڏ ڪراچي جي زون کي وڌيڪ ايراضي ڏيارڻ لاءِ سنڌ گورنمينٽ سان لهہ وچڙ شروع ڪئي. نوشهرو ۽ سنيڙيال زون ۾ ڪم شروع ٿي ويو. باقي گوادر جو زون اجان ابتدائي مرحلي ۾ هيو. تقريباً 1999ع آگسٽ ۾ منهنجي جاءِ تي ڊائريڪٽر فنانس ٻيو پوسٽ ٿيو ۽ منهنجي لاءِ ڪوئي آرڊر ڪونہ هيو تہ ڪٿي ويڃڻو آهي. مون اسٽيبلشمينٽ جي ايس او کي فون ڪيو تہ هي ڇا هي؟ منهنجي جاءِ تي پوسٽنگ ڪري ڇڏيو اٿو ۽ منهنجي لاءِ ڪو آرڊر ڪونہ ڪڍيو اٿو. چيائين تہ توهانجي سمري اي او بي آءِ لاءِ پي ايم صاحب منظور ڪري موڪلي آهي ۽ توهان جو نوٽيفڪيشن سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ وٽ پيل آهي، جنهن جي منظوري خاطر وئي آهي. باقي نوٽيفڪيشن هفتي کان پوءِ نڪرندو. چوتہ جنهن جي جاءِ تي توهان وڃو ٿا اهو هفتي ۾ رٽائر پيو ٿئي، انهيءَ ڪري نوٽيفڪيشن ۾ ڪجهہ دير آهي. مون چيو تہ پوءِ منهنجي جاءِ تي جنهن کي موڪليو اٿو تہ انکي بہ هفتي کان پوءِ پوسٽ ڪيو ها. چيائين تہ اهو پروپوزل اهڙيءَ طرح سان موڪليو هيو پر جيڪو توهانجي جاءِ تي پوسٽ ٿيو آهي، اهو وڃي سيڪريٽري محمد افضل ڪهوٽ صاحب سان مليو ۽ اسان کي انٽرڪام تي حڪم مليو تہ ان جي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. مون پڇيو تہ ڇا انجي پوسٽنگ پي ايم صاحب منظور ڪئي آهي؟ چيائين تہ نہ! باقي انجي پوسٽنگ جي پوسٽ فيڪٽو منظوري لاءِ سمري ٺاهي تيار ڪئي آهي. مونکي چيائين تہ اربع خميس تي مون سان ڳالهائجائين ۽ فيڪس نمبر موڪلجائين تہ جيئن توکي نوٽيفڪيشن فيڪس ڪيان. مان خميس جي ڏينهن انڪم ٽيڪس بلڊنگ ۾ وڃي اتان ميمڻ صاحب جي آفيس مان فون ڪيو ۽ اتان جو فيڪس نمبر موڪلڻ جو ارادو ڪيو.

جڏهن مون فون ڪيو تہ ايس او صاحب هڪدم رڙ ڪندي چيو تہ يار تو ايترو وڏو جيڪ هنيو جو اسان کي ڊوڙون پائڻيون پيون. ايتري جلدي ۾ اسان ڪڏهن بہ ڪهوٽ صاحب کي ناهي ڏٺو جيترو تنهنجي نوٽيفڪيشن لاءِ هيو. چيائين تہ اسان آفيس مان نڪرڻ وارا هياسين تہ حڪم پهتو تہ محمد

جمن جاموٽ جون سروسز سنڌ سرڪار جي حوالي ڪرڻ جي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. مون چيو ته مونکي انهي جي ڪابه خبر ناهي. مان اڄ پئجي ويس ته منهنجي ڪنهن سنڌ ۾ ٽرانسفر ڪرائي، ڇو ته مون ڪنهن کي به نه چيو هيو نه وري ڪو ارادو هيو. بهرحال مان سنڌ سيڪريٽريٽ ويس ۽ ايس اينڊ جي اي ڊي مان پڇا ڪئي ته ڇا منهنجو ڪو نوٽيفڪيشن آيو آهي؟ خبر پئي ته به ڏينهن اڳ تنهنجو نوٽيفڪيشن آيو آهي. مون پڇيو ته ڇا هتان منهنجي لاءِ ڪو ليٽر وغيره ويو هيو؟ چيائون ته نه سنڌ سرڪار جي طرفان ڪوبه اهڙو ليٽر ڪونه ويو آهي. سيپٽمبر 1999ع ۾ سنڌ سرڪار وٽ اچي رپورٽ ڪيو.

12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل مشرف ملڪ جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪري چڪو ۽ نواز شريف جي حڪومت ختم ٿي وئي.

الانتظار اشد من الموت. آخرڪار 1999ع ڊسمبر مهيني جي آخري هفتي ۾ بغير يونيفارم جي انسپيڪٽر جنرل اسٽيمپس بورڊ آف روينيو سنڌ منهنجي پوسٽنگ ٿي. اتي ڪو خاص ڪم ڪونه هوندو هيو. روينيو ڪليڪشن ڊسٽرڪٽ خزانه دفتر جي معرفت اسٽيم پيپر جي وڪامڻ سان ٿيندي هئي. ٻيو ويليوئيشن ٽيبل ٻئين ٽئين سال روائيز ڪبي هئي، فنانس ڊپارٽمينٽ جي مشوري مطابق. آفيس بورڊ آف روينيو ڪراچي واري بلڊنگ ۾ هئي.

شايد اسان جي گهڻن دوستن کي خبر نه هجي ته انگريز بادشاهه جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو ته جيڪا پهرين بلڊنگ ڪراچي شهر ۾ تعمير ٿي، جيڪا شروع ۾ گورنر جي رهائشگاه ۽ دفتر هئي، اها بلڊنگ هينئر بورڊ آف روينيو ڪراچي جي آفيس آهي.

جڏهن مون وڏيڪ پڇا ڪئي ته آخرڪار محمد افضل کهوٽ صاحب ايترو ابهرائي ۾ منهنجي سروس سنڌ سرڪار جي حوالي ڇو ڪئي؟ خبر پئي ته هارون نالي هڪ جوائنٽ سيڪريٽري کهوٽ صاحب ڏي ويو ته مونکي اي او آءِ بي ۾ پوسٽ ڪيو. انهي پوسٽ لاءِ پرائيم منسٽر منهنجي پوسٽنگ منظور ڪئي هئي. انهي جي باوجود فوري طور تي چيف سيڪريٽري سنڌ سان کهوٽ صاحب فون تي رابطو ڪيو ۽ چيو ته مان جمن جاموٽ جي سروس سنڌ سرڪار جي حوالي ڪريان ٿو ڪوئي اعتراض ته ڪونهي. سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ کي ڪير جواب ڏئي، تنهن ڪري چيف سيڪريٽري فون تي ها ڪئي ۽ انهيءَ وقت منهنجي ٽرانسفر سنڌ ٿي، انهي کان پوءِ مسٽر هارون کي اي او بي آءِ ۾ پوسٽ ڪيو جنهن مشرف جي دور ۾ خود ڪشي ڪري ڪراچي ۾ پاڻ کي ختم ڪيو ۽ انهيءَ کان اڳ ليبر منسٽر عمر اصغر به مارجي ويو هيو. الله جي ذات جي هر ڪم ۾ ڪا حڪمت ضرور هوندي آهي. رب ڪائنات مونکي وڏي جوکي کان بچائڻ خاطر مونکي ٿوري دير لاءِ ڏکيائي محسوس ٿي پر جيڪڏهن مان اتي وڃان ها ته شايد مونکي تمام گهڻي ڏکيائي کي منهن ڏسڻو پوي ها. جيڪڏهن مسٽر هارون هڪ سينيئر آفيسر ٿي جيڪڏهن خودڪشي ڪئي ته ضرور هن جي مٿان ڪو اهڙو دٻاءُ هوندو جيڪو هو ذهني طور برداشت ڪين ڪري سگهيو.

12 آڪٽوبر 1999ع کان جنرل مشرف جو دور جيئن شروع ٿيو تيئن يو پي ۽ سي پي وارن پر ڪيڙ شروع ڪيا ۽ سنڌ جي اصل رهواسين تي حسب معمول مهرباني ڪرڻ شروع ڪئي. جنرل

مشرف جي اقتدار تي قبضو ڪرڻ ۾ ايم آءِ (Military Intelligence) جو وڏو ڪردار هيو ۽ تنهن ڪري ملڪ جي اندر آءِ ايس آءِ کان وڌيڪ ايم آءِ تي ڀاڙيو ويو. ڇو ته نواز شريف جنرل بٽ کي مشرف جي جاءِ تي چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪيو هيو جيڪو انوقت آءِ ايس آءِ جو سربراهه هيو. مشرف ملڪ کان ٻاهر ويل هيو. ملٽري انٽيليجنس جي معرفت مشرف اقتدار سنڀالڻ ۾ سڀ ڪردار ادا ڪيو.

واجد رانا جو پاءُ يا ڪو تمام ويجهو عزيز ملٽري انٽيليجنس ۾ ڪرنل هيو. تنهن ڪري واجد رانا کي 13 آڪٽوبر 1999ع تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري جي چارج ڏني وئي. تقريباً ٻن هفتن کان پوءِ زبير قدوائي کي چيف سيڪريٽري سنڌ مقرر ڪيو ويو. جنرل مشرف جي چوڻ تي لسٽون تيار ڪرڻ شروع ڪيائون ته ڪهڙا سنڌي آفيسر آهن، جن مان قوم ۽ ملت کي نقصان پهچندو. رانا واجد ۽ قدوائي صاحب ويهي لسٽون تيار ڪيون ۽ رڪمينڊ ڪري مٿي اسٽيبلشمينٽ موڪليائون ته جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد قوم ۽ ملت خاطر اهڙن عناصرن کي ڪڍي ڇڏجي ته جيئن ملڪ ايماندارن ۽ ملڪ جي خيرخواهن تي مشتمل رهي.

جنرل مشرف کي عوام کي خطاب ڪندي اهو چوڻو پيو ته سنڌي نالائق آهن، تنهن ڪري انهن کي اهم پوسٽون نٿيون ڏئي سگهجن.

ٻين گهڻن سنڌي آفيسرن سان گڏ منهنجو نالو به ان لسٽ جي خطرناڪ ۽ نااهل، نالائق ۽ ڪرپٽ ماڻهن ۾ شامل هيو.

مونکي انهيءَ لسٽ جي 2004ع ۾ خبر پئي جڏهن منهنجي پوسٽنگ جوائنٽ سيڪريٽري ڪامرس منسٽري ۾ ٿي. اسٽيبلشمينٽ جي ايس او مونکي ٻڌايو ته اسان سنڌ سرڪار کي لکندا رهياسين ته صرف اهو چوڻ ڪافي ناهي ته هي نالائق ۽ ڪرپٽ آهن، انهن تي ڪيئن چارج شيٽ ڏيون. ثبوت خاطر ڪجهه مواد ڏيو جيڪو انهيءَ چارج شيٽ سان لڳائڻو پوندو. جن لسٽ ناهي موڪلي هئي، انهن پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي پر هٿ ڪجهه ملي ڪونه سگهين، جنهن جي ڪري اهو عمل اتي جو اتي رهجي ويو.

2001ع ۾ جنرل مشرف صدر تارڙ کي گهر پيڙو ڪري پوءِ چيف ايگزيڪيوٽو مان صدر پاڪستان ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ٿي ويو. 2002ع ۾ ريفرنڊم ذريعي پاڻ کي جنرل ضياءَ وانگر ملڪ جو پنج سال چونڊيل صدر چوڻ لڳو.

عجيب اتفاق آهي ته ون يونٽ جي ختم ٿيڻ ۽ اوير پاڪستان کان پوءِ پاڪستان ۾ جيڪي ٻئي مارشلائون لڳيون، اهي ٻئي جنرل مهاجر هيا. جنرل ضياءَ جلندر کان پاڪستان آيو. جنرل مشرف گهڻو ڪري دهلي کان پاڪستان آيو.

ٻنهي سنڌين سان جيڪي ويل ڪيا، اهي ڪنهن کان ڍڪيل ۽ ڇپيل ناهن.

2002ع جي جنرل اليڪشن کان ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي ٿرپاڪر ڊي سي او پوسٽنگ ٿي، جو سرهندي صاحب رٽائر ٿيو. اليڪشن جون تياريون اڳئي ٿيل هيون، تنهنڪري مونکي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي پيش ڪانه آئي. جنرل اليڪشن جڊيشري جي ماتحت ٿيون، اسان جو صرف اهو

ڪم هيو تہ ٽرانسپورٽ وغيره ۾ ٻيو انتظامي لحاظ سان واسطو رکندڙ ڪم ڪار ان ۾ اسان جو رول هيو.

الحمدلله، خير خوبي سان اليڪشن ٿي وئي، ڪوبہ ناخوشگوار واقعو پيش ڪونہ آيو.

# ٿرپارڪر: سنڌ جو خزانو

مان چاهيندس ته ٿرپارڪر جي متعلق ڪجهه چار جيتري مونکي آهي، دوستن تائين پهچايان.

ٿرپارڪر ٻن خاص لفظن کي ملائي هڪ ڪيو ويو آهي. ٿر معني واريءَ جا دڙا ۽ پارڪر معني گذري وڃڻ. ٿرپارڪر جو مطلب ٿيو ته واريءَ جي دڙن مان گذري وڃڻ، لنگهي وڃڻ يا پار ٿي وڃڻ آهي. 1843ع ۾جڏهن چارلس نيپئر سنڌ تي قبضو ڪيو ته ٿرپارڪر جو علائقو به ان سان گڏ ڪنٽرول هيٺ آندو. 1858ع ٿرپارڪر کي ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر نالو ڏئي عمر ڪوٽ هيڊ ڪوارٽر رکيو ويو. انهيءَ کان اڳ حيدرآباد ضلعي جو حصو هيو. 1906ع ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر جو نالو تبديل ڪري ضلعي ٿرپارڪر هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص ڪيو ويو. 1990ع ۾ مٺي کي ٿرپارڪر جو هيڊ ڪوارٽر ڪري ٻن ضلعن ۾ تقسيم ڪيو ويو. 1993ع ۾ عمرڪوٽ ضلعو وجود ۾ آيو جنهن جو هيڊ ڪوارٽر عمر ڪوٽ رکيو ويو.

هن وقت ٿرپارڪر ضلعو ڇئن تعلقن تي مشتمل آهي. مٺي، ڏيپلو ننگرپارڪر، ڇاڇرو. آبادي تقريباً ڏهه ٻارهن لک جي قريب آهي. هندو آبادي مسلمانن کان گهٽائي ۾ آهي. مينگهواڙ قبيلو سڀني قبيلن کان وڏو قبيلو آهي.

ضلعي جي پکيڙ تقريباً ويهه هزار ڪلوميٽر ٿيندي. مذهبي لحاظ کان هندو ٻن مذهبن ۾ ورهايل هيا، جيڪو اڄ ڪلهه گهٽ آهي: هڪ جين ۽ ٻيو هندو.

مذهبي رواداري جي حساب سان هيءَ هڪ مثالي علائقو آهي، جتي هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ تمام بهترين طريقي سان هڪٻئي جي پرگهور لهن ٿا. باقي سنڌ جي مقابلي ۾ هتي ڏوهه گهٽ ٿئي ٿو.

اڄ کان تقريباً ڇهه ست سو سال اڳ ننگر پارڪر تعلقي ۾ جين مذهب جو مشهور مندر ۽ مسجد ٻئي هڪٻئي جي پٺ ۾ عاليشان جڙيل ۽ انوقت جي تعمير جو شاهڪار، اڄ به مسجد پوڙي سر نگرپارڪر کان ڏهه ٻارنهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي موجود آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ڪيترو ته پائيچاري واري حساب سان هڪ لڙيءَ ۾ ٻڌل هيا.

ننگرپارڪر جي علائقي ۾ ڪافي جين مذهب جا مندر آهن، جن ۾ وير جو مندر ۽ پوڙي سر جي مسجد ۽ مندر اڏاوت جي لحاظ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

ٿري ماڻهن ۾ شڪر جو ڪلمو مون گهٽو ڏٺو. ٿورو گهڻو جيڪو به هوندن، الله سائين جو شڪر ڪندا نظر ايندا. ٿري ماڻهو زبان ڍاٽڪي عام لفظن ۾ ٿري زبان ڳالهائيندا آهن، جيڪا پوري

راجستان ۾ يعني هندستان ۽ پاڪستان جي ٻنهي پاسي ڳالهائي ويندي آهي.

ٿري ماڻهو پيار ۽ محبت جا ڪوڏيا آهن. علائقي سان پيار بيحد گهڻو انهيءَ ڪري ته پيٿائي صاحب سر مارئي ۾ هتان جي رهاڪن کي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

گـــــور منهنجـــــــي ســــــومرا، ڪـــــج پهنـــــوارن پـــــاس،
ڏج ڏاڏاڻـــــــي ڏيهـــــــ جـــــي، ولــــــڙين ســــــندو واس،
مئـــــائي جيـــــاس، جـــــو وجـــــي مڙهـــــ مليـــــر ڏي.

ننگرپارڪر ڏانهن ويندي رستي تي مارئي جو کوهه اڄان تائين سياحن جي گهمڻ جو مرڪز آهي. وري اهڙو ڪو ماڻهو ڪونه ملندو جيڪو عبدالله ڪڇي ۽ مائي ڀاڳي جي ڳايل ڪلامن تي جهومندو نه هجي.

ڪڙي نيم ڪي نيچي مي هيڪڙي.

مطلب ته ٿري ماڻهو جيتري پنهنجي ثقافت ۽ علائقي سان محبت ڪري ٿو تنهنجو پيٿائي صاحب مثال ڏئي اسان کي هدايت ڪن ٿا ته محبت وطن سان ڪرڻي آهي ته ايئن ڪيو جيئن مارئي ڪمزور حالت ۾ هوندي به پنهنجي وطن سان ڪئي. اصول ڪونه وڃايو لوئي کي لڄي ڪين ڪيو مرڻ قبول ڪيائين پر عزت تي حرف اچڻ ڪونه ڏنائين.

ٿرپارڪر جي علائقي کي ڏسڻ ۽ اتان جي حالتن جو جائزو وٺڻ خاطر دورو ڪرڻ نڪتس. جڏهن مون ڪجهه پنڌ گاڏي ۾ ننگرپارڪر ڏانهن ويندي ڪيو ته رستي تي هڪ بورڊ نظر آيو جنهن تي 1971ع جا شهيد لکيل هيو. مون ڊرائيور کان پڇيو ته ڇا هتان ڳوناٽا انهيءَ جنگ ۾ شريڪ ٿيا هيا؟ ڊرائيور ٻڌايو ته هي اها جاءِ آهي جتي هندستان جون فوجون بغير ڪنهن مزاحمت جي پهچي ويون هيون. پاڪستان جي فوج جو هڪ سپاهي هن علائقي ۾موجود ڪونه هيو. پاڪستان رينجرس جا جوان بارڊر جي بجاءِ مٺي شهر ۾ رهندا هيا. صبح جي وقت حسب معمول ننگر پارڪر بارڊر ڏانهن ويا پئي ته سامهون هندستان جون فوجون هيستائين پهچي چڪيون هيون ۽ هندستان جي فوجين سمجهيو ته شايد پاڪستان جي فوج مقابلي لاءِ پهچي وئي آهي. تنهن ڪري اڳتي پيشقدمي ڪرڻ جي بجاءِ ان جاءِ تائين پنهنجي ڪنٽرول کي مضبوط رکندي رينجرس تي فائرنگ ڪئي. جوابي فائرنگ ۾ ٻنهي ڌرين جا جوان ان جاءِ تي مئا.

پاڪستان جو بارڊر ان جاءِ کان تقريباً سوا سؤ کان ڏيڍ سو ڪلو ميٽر پري هيو. ٿرپارڪر جو تقريباً اڌ ضلعو پورو هندستان جي فوج قبضي هيٺ اچي ويو هيو. جنهن ۾ ننگرپارڪر ۽ ڇاڇرو تعلقو تقريباً اسلام ڪوٽ شهر سمورو. ڪجهه ٿورو علائقو ڏيپلو تعلقي جو شامل آهي. مطلب ته هن وقت جيڪو ڪارو سون يعني ڪوئلي جو ذخيرو ٿر ۾ موجود آهي، اهو سڀ علائقو هندستان فتح ڪري چڪو هيو. مون پاڻ ڏٺو ته جيڪي قيمتي ۽ وڏيون جايون هيون، اهي سڀ تقريباً انهن پيلي ڇڏيون هيون. انهن ۾ ڪابه ڪم واري شئي ڪانه ڇڏي هين.

پيٿي صاحب هي علائقو پنهنجي حڪمت عملي تحت واپس ورتو. ٿرپارڪر جي ماڻهن جي گذرسفر گهڻي ڀاڱي بارش تي دارومدار رکي ٿو. ٿرپارڪر جي ڏڌن جي وچ ۾ جيڪو پٽ پيو هوندو

آهي، جڏهن وسڪارو وسيع پيماني تي پوندو آهي تہ ٿر جون ترايون پاڻي سان ٽمٽار ٿي وينديون آهن، جتان انسان ۽ جانور ٻئي انهي پاڻي مان مستفيض ٿيندا آهن. وسڪاري جي ڪري وارياسي زمين ۾ ايترو سيڪ رهندو آهي، جو مند جو فصل پوکي سگهجي ٿو. جتي فصل نٿو پوکجي انهي ايريا ۾ گاهہ عام جام ٿئي ٿو جنهن ڪري ٿر جي رهواسين جو مال مويشي خوب پلي ٿو ۽ خوشحالي ٿئي ٿي.

ٿر جي ماڻهن ۽ مويشي جي گذر سفر جو مڪمل دارو مدار قدرت تي آهي. وسڪارو ٿيو تہ ٿر نہ تہ بر.

ٿرپارڪر جي ننگر وارو علائقو وڌيڪ سرسبز آهي بنسبت ٻين علائقن جي. جڏهن بہ ننگرپارڪر جوذڪر ايندو تہ ڪارونجهر جو ذڪر ازخود زبان تي اچي ويندو. ڪارونجهر جبل ڏيگهہ ۾ تقريباً ويهہ ڪلوميٽر ٿيندو ۽ اوچائي بہ تقريباً ٿي سو ميٽر کن ٿيندي، پر هڪ خوبصورت ۽ مختلف رنگن سان ڀرپور نظارو اکين کي ايترو تہ وڻندڙ آهي، جو ماڻهو جو جيءَ ڏسڻ سان ڍاپي ڪون. بار بار اکيون ڪارونجهر ڏانهن ڏسڻ لاءِ آتيون ٿيو وڃن. ڪارونجهر سڄو سون آهي ۽ گرينائيٽ جو قيمتي خزانو ڪارونجهر جي پيٽ ۾ آهي.

الحمدلله هينئر تہ ٿرپارڪر ۾ روڊن جو جار وڇائجي ويو آهي 2002ع مٺي کان ننگر پارڪر وڃڻ معني پورو ڏينهن سفر جي حوالي، هينئر ڪلاڪ ڏيڍ جي اندر مٺي کان ننگرپارڪر پهچيو وڃي. مان جڏهن پهريون دفعو ننگرپارڪر ويس تہ رستو پڪو نہ هجڻ ڪري تقريباً اڌ ڏينهن سفر ۾ گذري ويو. ننگر شهر کان ٿورو اڳيرو قاصبو جو وڏوڳوٺ آهي، اتي بہ وڃڻ ٿيو اتي مسلمان ۽ هندن جي آبادي پاڻ ۾ کير ۽ کنڊ وانگر هڪٻئي سان جڙيل هئا. مندر بہ تمام ڪافي هيا ۽ اتان جا هندو رهاڪو ملڻ آيا ۽ مونکي چيائون تہ سائين اسان جي مندر جو بہ ديدار ڪريو ۽ مان انهن جي دل جي خواهش مطابق اوڏانهن ويس ۽ انهن سان مندر ۾ ويهي ڪجهہ دير ڀڳت ٻڌي ۽ انهن جون رسمون ۽ ريتون ڏٺيون .

ٿرپارڪر جو ذڪر اچڻ سان سدا باغ بهار ۽ من موهيندڙ جنت جو پکي، مور جو نچڻ ۽ خوشيءَ ۾ ناچ ڪرڻ وارو منظر ايئن اکين جي آڏو هڪدم تري ايندو آهي. جيڪڏهن مان ايئن چوان تہ ننگر پارڪر جي سونهن جو ڪارڻ ڪارونجهر آهي تہ اهڙيءَ طرح ٿر جي سونهن مور آهي .

قاصبي جي ماڻهن مونکي هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌائي، پوءِ ٻين بہ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ جڏهن انڊيا باربرڊ وائر بارڊر تي ڪانہ لڳائي هئي. تڏهن هندستان جي حد مان جانور پاڪستان واري ٿر واري علائقي ۾ گاهہ چرڻ ايندا هيا. هرڻ جا شڪاري جڏهن انهن جو گس جهلي، شڪار ڪرڻ ۽ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا هيا تہ هرڻن جا وڳ پاڪستان جي حد مان ڊوڙ پائي جڏهن انڊيا جي بارڊر تي پهچندا هيا تہ ڊوڙڻ ختم ڪري آرام سان اڳتي ويندا هيا. انهن جانور کي بہ خبر هئي تہ جيستائين پاڪستان جي حد ۾ آهيون، تيستائين اسان سان ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو جڏهن بارڊر تي پهچي ويندا هيا تہ پاڻ کي محفوظ سمجهندا هيا .

ٿرپارڪر ۾ سڀ کان وڏو مسئلو پيئڻ جو پاڻي ۽ صحت جوسهولتون ناڪافي هجڻ آهي. ٿر جي

تقريباً نوي سيڪڙو ايراضي ۾ زمين جو پاڻي نمڪين ۽ کارو آهي. جيڪو پيئڻ جي قابل ناهي. تنهن ڪري ٿر جي علائقي جي رهواسين کي پاڻيءَ جي نسبت سان گهڻيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون. ٻيو ته هتي هڪ قسم جو نانگ ٿئي ٿو جنهن کي ”پيئڻ بلا“ ڪري چوندا آهن. جيڪو ننڍ ۾ ماڻهن جي مُنهن ۾ زهريلو ماڏو وجهي ڇڏيندو آهي. جنهن جو جيڪڏهن بروقت علاج نه ٿئي ٿو ته ماڻهو فوت ٿي وڃن ٿا.

# اربابن ۽ ٺاڪُرن جي مائٽي

ڍڪار جي وقت عمومن ٿر جا ماڻهو پنهنجو مال مويشي بئراج واري علائقي ۾ ڪاهي ويندا آهن. انهيءَ کان علاوه هر سال خاص ڪري ڪٽڪ جي لابارن جي موسم ۾ بئراج وارن علائقن ۾ لابارو ڪرڻ ويندا آهن، جنهن مان هو ايندڙ وقت لاءِ ڪٽڪ ڪٽي واپس ويندا آهن. مان ويرا واهه کان تقريباً 20_25 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ويم. اتي منهنجو هڪ ٺاڪر سان ملاقات ٿي، ٺاڪر پيرسن هيو پر سندس مڇن جي تاءُ ۾ تازگي هئي. گانگٽ جهڙي مڇ ڪي وٽ اهڙي نموني ڏنل هو جو ڪوئي بي سرو وار نظر ڪونه پئي آيو. مونکي چيائين ته سائين اسين ٺاڪر ڪيترو به ڏڪار اچي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي بئي علائقي ۾ ڪونه ويندا آهيون. چيائين ته اسان ٺاڪرن لاءِ عيب آهي جو ڏڪئي وقت ۾ اباڻا ڪک ڇڏي ٻاهر وڃون. مونکي ٺاڪر جي زمين سان محبت وارو انداز ڏاڍو وڻيو.

مونکي ٿرپارڪر ۾ چئن گادين جا پوئلڳ جام نظر آيا.

1. سروري جماعت،
2. حرجماعت،
3. غوثي جماعت ملتان،
4. پيتو صاحب ڳڙهي خدا بخش جماعت.

2002ع ۾ ضلعي جو نائب ناظم گهڻو ڪري رامسنگهه سوڍو ٺاڪر هيو. منهنجي هڪ ڏينهن ان سان ضلعي جي متعلق ڳالهه ٻولهه پئي هلي ته هن مونکي ٻڌايو ته هي ارباب اسانجا پاٽيجا آهن. مون چيو ته اهو وري ڪيئن. هن ٻڌايو اچ کان ٽيهه پنجٽيهه سال اڳ تائين ارباب هميشه اسان ٺاڪرن مان شادي ڪندا هيا. مون پڇيو ته توهان اربابن کي پنهنجي نياڻي ڏيڻ ڪيئن پسند ڪندا هيا؟ چيائين ته ٻه ٽي سؤ سال اڳ ڪنهن درويش جي هنن سيوا ڪئي ۽ انهي هنن کي دعا ڪئي ۽ چيو ته توهان پاڻ ۾ عزيز سؤٽ ماسات هڪٻئي کي ڇوڪري جو سڱ نه ڏيندا ۽ صرف ٺاڪرن مان شادي ڪندا. انهي ڏينهن کان وٺي اسين ٺاڪر اربابن کي پنهنجي ڇوڪريءَ ڏيندا رهياسين جيستائين اربابن پاڻ ۾ سڱاونديون نه ڪيون. مون پڇيو ته انجو مطلب ته توهان ڇوڪري مسلمان ڪري اربابن سان پرڻائيندا هوندا؟ چيائين ته نه اسين پنهنجي مذهبي طور طريقي سان شادي ڪرائي ڏيندا هياسين. باقي اتي پنهنجي ڳوٺ پهچڻ کان پوءِ ٿي سگهي ٿو ته مسلمانن وانگر نڪاح وغيره ڪندا هجن.

وڏيڪ حيران ڪندڙ انڪشاف ڪيائين ته ٽيهه پنجتيهه سال اڳ تائين اربابن جي گهر ۾ چوڪري ڪانه ٿيندي هئي ۽ هينئر چوڪريون ٿين ٿيون ۽ هو پاڻ ۾ رشتيداريون ڪن ٿا، تنهن ڪري اسان پنهنجيون نياڻيون ڏيڻ ختم ڪري ڇڏيون آهن. مون پڇيو ته اها ته وڏي حيران ڪندڙ ڳالهه آهي، جو اربابن جي گهر ۾ ڪنهن کي نياڻي پيدا ڪانه ٿئي. چيائين ته پيدا ٿينديون هيون، پر پوءِ هو انهن کي ختم ڪري ڇڏيندا هيا. هيءَ مٿي بيان ڪيل ڳالهه جي مونکي ڪا تصديق ڪانهي، پر جڏهن به مان اهو ڪنهن کان پڇيو ته ڳالهه هڪ ڪانه هئي، ڪو ڪيئن پيو چوي ته ڪير ڪيئن. تنهن ڪري مان انهي ڳالهه تي اجان تائين مڪمل ڪليئر ناهيان، تنهنڪري منهنجو عرض آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ٿر جي ماڻهو کي انهيءَ متعلق خبر آهي ته ضرور ڳالهه کي شيئر ڪري.

ارباب اصل ۾ ذات جا نهڙيا آهن، ارباب سندن لقب آهي. 2002ع ۾ ٿر جي سياست تي ارباب ڇانيل هيا، جڏهن اليڪشن ٿئي پئي ته به ڏينهن اڳ ۾ هڪ ماڻهو ٻئي کي پيو چوي ته ارباب سي ايم ٿي اچي ٿو بس اليڪشن ٿي بيهي. ٻئي پڇيس ته اليڪشن ۾ اجان به ڏينهن رهن ٿا ۽ تون اڳي ايئن ڪيئن ٿو چوين؟ چيائين ته تون ته ڪو عقل جو انڌو آهين، مان جيڪو توکي چوان ٿو اهو پٿر تي لڪير. وڏيڪ چيائينس ته به ڏينهن اڳ مون پاڻ جنرل يوسف قائمخاني کان ٻڌو ته هو چوي پيو ته مون جنرل مشرف سان ڳالهائي ڇڏيو آهي، ارباب رحيم کي سي ايم سنڌ ڪرڻو آهي. مان انهن ٻنهي کي ڪونه پيو سڃاڻان، جو مان اتي بلڪل نئون هيس ۽ مون کي به گهٽا ڪونه پيا سڃاڻن. اهو مونکي اندازو ناهي ته آيا اهي مونکي سڃاڻن پيا يا ڪونه پيا سڃاڻن. پيو ته مان شهر جو اڪيلي پاڻ چڪر پئي هنيو ۽ گاڏيءَ ڪنهن ٻئي هنڌ بيٺل هئي.

# اسلام ڪوٽ ۾ انويسٽمينٽ جي ضرورت

جنرل اليڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ مونکي اي ڊي او چيو ته سائين ارباب صاحب سان ملي اچو ته بهتر آهي. مون پڇيو ته ڇو؟ چيائين ته سائين بس ائين. مون چيو ته اڄ تائين مان ڪنهن به سياسي ماڻهو وٽ پاڻ هلي ڪونه ويو آهيان، نڪو ڪو منهنجو پروگرام آهي. بهرحال خير سان اليڪشن بغير ڪنهن دشواري جي ٿي گذري. ٿرپارڪر جي قومي ۽ صوبائي سيٽن تي ارباب گروپ کي سرسري حاصل ٿي. اڳتي هلي مرڪز ۾ مير ظفرالله جمالي وزيراعظم پاڪستان منتخب ٿيو ۽ سنڌ جو وزيراعليٰ علي محمد مهر(مرحوم) چونڊجي آيو. جڏهن ارباب رحيم چيف منسٽر چونڊجي ويو ته ڪجهه عرصي کان پوءِ ٿرپارڪر جي دوري تي آيو. حسب معمول جڏهن به وزيراعليٰ دوري تي ايندو آهي ته ضلعي متعلق بريفنگ تيار ڪبي آهي، ته جيئن ڪڏهن سي ايم چاهي ته ايريا جي مسئلن جي واقفيت وٺڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن کان پڇي. جيئن ته ارباب صاحب مونکان وڌيڪ ٿرپارڪر جي مسئلن کان واقف هيو. تنهنڪري سي ايم صاحب ڪابه بريفنگ وغيره ڪانه ورتي. پهرين دوري جي موقعي تي صرف مختلف وفدن سان ملاقات ڪيائين. تنهن ڪري مونسان ڪنهن به قسم جي اهڙي ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪانه ڪئي صرف رسمي ملاقات ڪئي ۽ ڪنهن به قسم جو ڪوبه ڪنهن جي حق ۾ يا انجي خلاف ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪانه ٿي. پر جيترو ارباب صاحب منهنجي اي ڊي او سان بي تڪلف هيو. انهيءَ جي مقابلي ۾ مون سان صرف رسمي طور ڳالهايو ٻولهايو.

جنوري 2003ع مون ايڪس پاڪستان ليو چاليهه ڏينهن جي لاءِ درخواست ڏني، جو مونکي پنهنجي محبوبه سان گڏ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ خاطر وڃڻو هيو. اسان جنوري جي آخري هفتي ۾ حجاز المقدس شريف حج ڪرڻ لاءِ وياسين ۽ منهنجي ٻاهر وڃڻ جي ڪري سنڌ سرڪار ٻيو آفيسر پوسٽ ڪيو ۽ حج جي واپسي کان پوءِ ايس اينڊ جي اي ڊي ۾ پوسٽنگ لاءِ رپورٽ ڪيو.

الله جي ذات هر علائقي کي پنهنجي پنهنجي خوبيءَ سان نوازيو آهي. جيڪڏهن ظاهر ۾ ڪا شئي غير اهم معلوم ٿئي ٿي پر انجي اندر جيڪا نعمت مالڪ اسان لاءِ ڇپائي رکي آهي، تنهنجو اندازو اسان کي هر گز ڪونهي. پر هڪ وقت مقرر آهي، جڏهن رب ڪائنات اسان لاءِ انکي سمجهڻ آسان ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ ۾ وارياسو ۽ مڪمل طور بارش تي دارومدار رکي ٿو پر ان واري جي ڏڙن هيٺ ايترو خزانو لڪائي رکيو اٿس، جيڪڏهن سنڌ سرڪار انهيءَ جي صحيح طرح سان مالڪي ڪري ته سنڌ دنيا جي خوشحال ترين علائقن مان هڪ خوشحال ترين علائقو ٿي

سگهي ٿو. 2002ع جڏهن مان پهريون دفعو ٿر ويس ۽ حالتن کي ڏٺو ته ڪافي غربت ۽ صحت جي ناڪافي سهولتن جي ڪري ماڻهن کي ڪئي مختلف بيمارين کي منهن ڏيڻو پئي پيو. مونکي ٻڌايو ويو ته اسلام ڪوٽ کان ٿورو ست اٺ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي چائنيز ڪيمپ هٽي ڪوئلي تي ڪم ڪن ٿا. پر سائين ٿر جا گڏهه مهانگا ٿي ويا آهن ۽ ڪتا اٽلپ ٿي ويا آهن. مونکي پهريان ته ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آئي، ته ڇو گڏهه مهانگا ۽ ڪتا اٽلپ ٿي ويا آهن. پوءِ اي ڊي او روينيو ٻڌايو ته سائين چائنه جا ماڻهو انهن کي کهي کائن ٿا. گڏهه ته ڪنهن نه ڪنهنجو آهي، تنهن ڪري ملهه سان وٺن ٿا. باقي رولو ڪتا ته جيڪو انهن کي نظر اچي ٿو اهو ايئن ٿا ڳڙڪائي ڇڏن جيئن هيو ئي ڪون. مون اي ڊي او کان پڇيو ته توهان اوڏانهن پاڻ ويا آهيو؟ چيائين ته مان ڪونه ويجي سگهيو آهيان، باقي انهن جا ٺيڪيدار وغيره ايندا رهندا آهن ۽ پوليس جي چوڪي انهن جي حفاظت لاءِ هر وقت اتي هوندي آهي. مون چيو ته چڱو انهن ڏانهن پيغام موڪل ته مان اوڏنهن ويندس. ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن وڃڻ ٿيو ته وارياسو رستو ڏکيا پيچرا نهيل جن تي هلڻ دشوار، پاڻي پيئڻ جي لائق ڪون. مطلب ته دنيا جي هر سهولت کان بلڪل وانجهايل .

جڏهن اسلام ڪوٽ کان گاڏي تقريباً ڪلاڪ کن پنڌ ڪيو ته وارياسي علائقي ۾ باربرڊ وائر لڳل ۽ پوليس چوڪي نظر آئي، جتي وڃي ڪيمپ جي وڏي عملدار سان مليم. پهرئين ته اها خبر ڪانه پئي پوي ته هي ساڳيو ماڻهو آهي جنهن سان هاڻي مليم يا ٻيو ماڻهو آهي. رنگ، نقشا ۽ قد هڪجيترا، سچاٽڻ وڏيڪ دشوار. بهرحال هو ملي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ٻڌاين ته اجان ٻه ٽي مهينا ڊرلنگ هلندي، انهيءَ کان پوءِ صحيح خبر پوندي ته هتي ڪيترو ڪوئلو ڪيتري سائيز ۽ ڪوالٽي جو موجود آهي. باقي هيا ڪم جا جهڙا جن. لڳي پيو ته واقعي ياجوج ماجوج جي قوم اها آهي، جنهن جو الله سائين سوره ڪهف جي آخري رڪوع ۾ ڪيو آهي. الحمدلله ثم الحمدالله

الله جي ذات بابرڪات ٿر جي ان علائقي ۾ زمين هيٺ ايترو ته ڪارو سون سنڌ جي ايندڙ نسل لاءِ لڪائي رکيو آهي، جيڪڏهن هڪ سؤ هزار ميگا واٽ بجلي سؤ سال لاءِ پيدا ڪيون تڏهن به ٿر جي ڪوئلي جو چوٿون حصو مس خرچ ٿيندو. هن وقت پاڪستان جي تقريباً ويهه هزار ميگاواٽ بجلي جي کپت آهي. پورو پاڪستان پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن اسي هزار ميگا واٽ بجلي ٻين پرپاسي وارن علائقن کي وڪڻي ته ڪافي سارو ٻاهريون ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو. بهرحال الله جي مهربانيءَ سان ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي، اميد ته هيءَ علائقو خوشحال ترين ٿي ويندو. گذريل سال جڏهن مان انهي ساڳي جاءِ تي ويس جتي 2002ع ۾ ويو هيس ته هينئر اهو علائقو اهو ساڳيو نظر ڪونه پئي آيو. هن وقت انهيءَ جاءِ تي جنهن کي بلاڪ نمبر ٻه چون ٿا، اتي بين الاقوامي طرز تعمير تي بهترين آفيسون ۽ رهائش جون ڪالونيون. جيڪي ماڻهو انهي ڪاروائي جي ڪري بي گهر ٿيا يا ڪنهن به طرح سان اثر انداز ٿيا، انهن جي لاءِ بهترين هائوسنگ سوسائٽيز جي نموني سان اينگرو ڪمپني ناهي ڏئي پئي. تعليم ۽ صحت لاءِ اعلي معيار جا ادارا قائم ڪري اتان جي ماڻهن جي تقدير کي بدلائي ڇڏيو آهي. انهي سڀ ڪارگذاري ۾ مسٽر شمس الدين شيخ صاحب جو ذاتي عمل دخل آهي، جنهن جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي.

جڏهن منهنجي ملاقات شمس الدين شيخ صاحب سان ٿي ته مونکي هڪ باوقار، بااصول، ديانتدار، انسانيت سان سرشار، خلق خدمت جي جذبي سان ٽمٽار انسان جي شڪل ۾ فرشتو نظر آيو. پهريون دفعو آهي جو ٿر جي اصل باشندن کي اوليت ڏني. انسان جي زندگي تي ڪوئي اعتبار ناهي پر جنهن نموني سان شمس شيخ صاحب ٿر جي علائقي لاءِ سوچي ۽ عملي ڪم ڪري پيو، اهو تاريخ ۾ سونهري حرفن سان لکيو ويندو.

منهنجي گذريل سال جي ٻن ٽن ڏينهن جي دوري مان ايئن لڳو ته هيءُ علائقو ايندڙ ڏهن سالن ۾ هڪ مثالي ۽ ترقي يافته علائقو هوندو. مٺي جيتوڻيڪ ضلعي هيڊڪوارٽر آهي پر ڪجهه سالن کان پوءِ اسلام ڪوٽ مٺي کان وڌيڪ ترقي پذير ۽ وڏو تجارتي مرڪز واري حيثيت جو مالڪ ٿيندو. هيءُ وقت آهي ته سنڌ جا سرندي وارا هتي اچي انويسٽمينٽ ڪن نه ته ڪجهه عرصي کان پوءِ ڌاريا اچي هتي سڀ ڪجهه هٿ ڪري اسان جي ٿر کي لٽي ڦري ناڙ ڪري وڃي پنهنجا علائقا آباد ڪندا. اسين هميشه عمل ڪرڻ جي وقت ڪجهه ڪونه ڪندا آهيون، پوءِ وينا رڙيون ۽ ڪوڪون ڪندا آهيون. سنڌ سرڪار کي کپي ته اسلام ڪوٽ شهر جي ٽائون پلاننگ ڪري انتي عمل پيرا ٿئي ته جيئن هي وڌندڙ شهر ٻي سروءِ ٻي تکيو شهر نه ٿي پوي.

ٿر جي ماڻهن جي مهمانوازي هڪ مثالي مهمانوازي آهي. جيئن عام چوڻي آهي ته دوست لاءِ جيئرو جانور کهي ڇڏيندا آهن. واقعي اهو مون ٿر ۾ عام جام ڏٺو.

مان ۽ ڪجهه دوست ٿر ۾ مرحوم علي محمد سمون جي ڳوٺ 2014ع ۾ وياسين هر ماني جي ويلي تي ٻڪر تازو توانو پيو ذبح ڪري کارائي. کير، مکڻ، ماکي ۽ ڏنئرو ڪثير تعداد ۾ کڻي اچي اڳيا رکي. الله سائين سمون صاحب کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري. مرحوم جو ڳوٺ به مارئيءَ جي کوهه کان ٿورو اڳتي اولهه طرف مٺي ننگر روڊ کان تقريباً ڏهه پندرنهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي.

ٿر جي ڳائي مال جو قد ڪاٺ، رنگ، هلت ۽ چلت نراليءَ جڏهن وڳ جي صورت ۾ نڪرندا آهن ته اهڙا ته خوبصورت ۽ من موهيندڙ لڳندا آهن جو جيءُ چوندو آهي ته مال چارڻ لاءِ انهيءَ وڳ سان گڏ هجي. وري جڏهن ڏڙي تي ڳچي ۾ پاتل هار ۽ ڇڙن جي لڏڻ سان جيڪو روح پرور، سوز سان پرپور ساز وانگر ٽڻ ٽڻ جو آواز ايندو آهي، ته ڪنن کي سرور اچي ويندو آهي.

ٿر جو ذڪر هجي ته ٿري هٿ جي نهيل سهڻي من موهيندڙ دستڪاري کي ماڻهو وساري ڪونه ٿو سگهي. ڇا ته الله سائين ٿر جي امڙين کي هٿ ۾ هنر عطا ڪيو آهي. ڏسي ماڻهو حيران ٿيو وڃي. اهو هٿ جي ڪڙائي جو هنر ٿر جي هر گهر ۾ موجود آهي، مونکي جتي به وڃڻ جو موقعو مليو، مون اتي پري پري ڳوٺن ۾ هٿ جون نهيل شيون ڏٺيون. ڇاڇري جي تمام ڏورانهين علائقي ۾ ويس، جتان هندستان جو بارڊر سامهون نظر پيو اچي، اتي مون ڳوٺ ۾ اهي هٿ جون نهيل شاهڪار شيون ڏٺيون، جيڪي اهي سڀ اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ ۾ تمام گهڻي قيمت تي وڪامجندا آهن. جڏهن مون انهن کان پڇيو ته توهان هي گهڻي قيمت تي وڪڻندا آهيو؟ جيڪا رقم انهن ٻڌائي اها اتي ۾ لوڻ برابر به ڪانه هئي. پوءِ خبر پئي ته اهي اين جي اوز وارا اسان جي ٿر جي هٿ جي پورهئي مان ٿلها متارا ٿيا آهن. اهي اين جي اوز جنهن قيمت تي اهي دستڪاري واريون شيون وڪڻن ٿا، انجو پنجون حصو به

ٽري امڙين کي ڏين ته وڏي خوشحالي اچي سگهي ٿي. پر ان ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪردار اتان جي چونڊيل نمائندي کي ادا ڪرڻو هوندو.

جولاءِ جي مهيني ۾ چيئرمين ايپزا ڪرنل صاحب مونکي ملڻ لاءِ پيغام موڪليو. ٻئي ڏينهن چيئرمين ايپزا سان ملڻ ويس. لنچ گڏ ڪئي، مونکي چيائين ته منهنجي خواهش آهي ته تون هتي ايپزا ۾ ڊائريڪٽر انويسٽمينٽ اينڊ فيسلٽيز ٿي اچ. جيڪڏهن تون اجازت ڏين ته مان تنهنجي لاءِ منسٽري کي لکان. مون به چئن مهينن کان پوسٽ جي لاءِ انتظار پئي ڪيو. دل ۾ چيم ته: انڌو گهري هڪ اک، مولا مونکي به اکيون پيو ڏئي.

مون چيو ته سائين جيڪا توهانجي مرضي. تقريباً جولاءِ جي آخر يا آگسٽ جي شروع ۾ منهنجي پوسٽنگ ايپزا ۾ ڊائريڪٽر انويسٽمينٽ اينڊ فيسلٽيز ٿي. ايپزا منهنجي لاءِ نئون ڊپارٽمينٽ ڪونه هيو تنهن ڪري موالي چوڻي. "لهڻ سان تار."

تقريباً مهينو مس گذريو، مغرب نماز جو وقت هيون، مون نماز پئي ادا ڪئي ته فون آيو. نماز کانپوءِ مون فون اٽينڊ ڪيو ته چيف منسٽر سيڪريٽريٽ مان ڪنهن آفيسر جو فون هيو ءِ چيائين ته جمن سياڻي وڃي جيڪب آباد ۾ ڊي سي او جي چارج وٺ. مون حيرانگي مان پڇيو ته سائين توهان پليا ته نه آهيو؟ مان هن وقت مرڪزي سرڪار جو نوڪر آهيان ءِ سنڌ سرڪار منهنجي ڪيئن ٿي پوسٽنگ ڪري سگهي؟. چيائين ته اسان کي خبر آهي ته ڪلاڪ اڳ تون مرڪزي سرڪار وٽ هئين، پر هينئر تون سنڌ سرڪار جي ڊسپوزل تي آهين. مون چيو ته پاڻو اڄ ته ڇنڇر جو ڏينهن آهي ءِ انهي کان علاوه آفيس ٽائيم به ڪونهي اهو وري ڪيئن؟. انهن ڏينهن ۾ ڇنڇر ءِ آچر ٻئي ڏينهن موڪل هوندي هئي. مون وڌيڪ چيو ته سومر ڏينهن ايپزا ۾ ويندس پوءِ چارج ڪنهن جي حوالي ڪري انکان پوءِ جيڪب آباد ڏانهن ويندس. چيائين ته نه توکي سياڻي هرحالت ۾ اتي پهچي رپورٽ ڪرڻي آهي. مون وراڻي چيو ته پاڻ اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ مون وٽ هينئر جهاز جي ٽڪيٽ جا پئسا به ڪونه آهن ءِ فلائيٽ صبح سوير آهي جيڪا سکر ويندي. چيائين ته تو وٽ اڌ ڪلاڪ ۾ تنهنجي فليٽ تي ڊي آر سڀ ڪجهه پهچائي ويندو. عشاء نماز جي ٽائيم تي ڊي آر آيو. جنهن مونکي هڪ لفافو اچي ڏنو. مون لفافو کولي ڏٺو ته ان ۾ به نوٽيفڪيشنس هڪ مرڪز سرڪار جو ته محمد جمن ڄامڙو جي سروس سنڌ سرڪار جي حوالي ڪجي ٿي. ٻيو نوٽيفڪيشن ته محمد جمن ڄامڙو کي ڊي سي او جيڪب آباد پوسٽ ڪجي ٿو. ٽيون پنو هيو پي آءِ اي جي سيٽ متعلق ته سياڻي صبح جو منهنجي سيٽ ڪنفرم آهي سکر لاءِ.

ڪافي دير تائين ته مونکي ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه پئي اچي ته هي آخر ماجرا ڇا آهي ءِ ايترو هنگامي صورتحال ۾ بغير ڪنهن تياريءَ جي مونکي اوڏانهن موڪليو پيو وڃي. مون ورائي سي ايم سيڪريٽريٽ وارن کان پڇيو ته آخر مسئلو ڇا آهي؟ جواب مليو ته اها اسان کي به خبر ناهي باقي توکي پهچڻ شرط جيڪب آباد ايئرپورٽ تي رهيل مهمانن سان ملڻو آهي.

# جيڪب آباد ۾ شهباز ايئر بيس

جيڪب آباد 1847ع ۾ اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ جي حيثيت سان جان جيڪب جي نالي سان خانڳڙهه جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ضلعي هيڊڪوارٽر جو بنياد رکيو ويو. ان کان اڳ 1843ع جڏهن سنڌ انگريزن جي ماتحت ٿي ته انگريز بادشاهه ايڊمنسٽريشن خاطر سنڌ کي ٽن ضلعن ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور، خيرپور رياست ۾ تقسيم ڪيو. 1843ع کان 1847ع تائين جيڪب آباد ڊسٽرڪٽ شڪارپور جو حصو رهيو.

جان جيڪب جڏهن 1947ع ۾ جيڪب آباد جو بنياد وڌو، ان وقت هو ميجر هيو. جڏهن 1858ع ۾ فوت ٿيو ته انوقت برگيڊيئر جنرل هيو. جان جيڪب مرڻ گهڙي تائين جيڪب آباد ۾ رهيو ۽ پاڻ کي دفن به جيڪب آباد ۾ ڪرايائين. يعني هن پنهنجي زندگي جيڪب آباد جي حوالي ڪري ڇڏي، جو انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ به ضلعو سندس نالي سان دائم ۽ قائم آهي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ اڪثر انگريزن جي نالي سان منسوب ضلعن جا نالا تبديل ٿي ويا آهن. جيئن منٽگومري مان ساهيوال، لائل پور مان فيصل آباد، ڪيمپبلپور مان اٽڪ، سنڊيمن مان زوب.

جيڪب آباد سنڌ کي بلوچستان ۽ پنجاب جي لاءِ گيٽ وي وارو ڪم ڪندو آهي. جيڪب آباد ڪراچي کان اتر ۾ 480 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي ۽ عجيب اتفاق ته قنڌار کان ڏکڻ اوڀر ۾ 480 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي.

1847ع کان 2004ع تائين تقريباً پنج هزار اسڪوائر ڪلوميٽر جي پکيڙ تي جيڪب آباد، ڳڙهي خيرو، ٺل، ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور.

تعلقن تي مشتمل رهيو. 2004ع کان پوءِ صرف جيڪب آباد، ڳڙهي خيرو ۽ ٺل تعلقي تي مشتمل آهي. ڪنڌڪوٽ ۽ڪشمور تعلقن تي مشتمل ضلعي ڪشمور هيڊڪوارٽر ڪنڌڪوٽ رکيو ويو. ايراضي تقريباً اڍائي هزار اسڪوائر ڪلوميٽر هر هڪ ضلعي جي حصي ۾ آئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ شروع ۾ سياسي لحاظ سان سومرا، کوسه، جمالي ۽ بجاراڻي حاوي رهيا. ون يونٽ جي زماني ۾ ڊيرا الهيار جنهن کي جهٽ پٽ ڪري چوندا هيا، ضلعي جيڪب آباد جو حصو هئي. ون يونٽ کان پوءِ جهٽ پٽ بلوچستان صوبي کي ڏنو ويو. ڇو ڏنو ويو ۽ ڪڏهن کان جهٽ پٽ جيڪب آباد جو حصو ٿي، انجي مونکي ڪابه تصديق سان معلومات ناهي. باقي جيڪو مون سمجهان ٿو ته جهٽ پٽ کي جيڪب آباد مان ٻاهر ڪيڻ سان جمالي سياسي حساب سان نڪري

ويا ۽ کوسه برادري جي طاقت کي ٽوڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ورهائي ڇڏيو. هينئر جهٽ پٽ کي ورهائي ٻن ضلعن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو آهي. ڊيره الهيار معني سياسي طور جمالي ۽ صحبتپور سياسي قوت کوسه برادري.

2004ع تائين مضبوط سياسي قوتون کوسه، جکراڻي، بجاراڻي، سومرا، شاهلاڻي، سرڪي، پهنور، ڊومڪي ۽ مزاري هيا.

ون يونٽ کان پوءِ جڏهن جمالي جيڪب آباد کان ٻاهر ٿيا ته شاهلاڻي سياسي طور اڳتي اچي جمالي جي ڇڏيل سياسي خلاءُ پُر ڪيو. سومرا جيئن ته ڊرائنگ سياست جا وڏا ماهر رهيا آهن، انهن پنهنجي سياسي قوت کي برقرار رکڻ خاطر جکراڻي قبيلي تي هٿ رکيو ۽ انهن کي اڳتي آندو، جن اڳتي هلي سومرن جي سياسي قوت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي ۽ هينئر جيڪب آباد جي وڏي سياسي قوت جکراڻي تي ويا آهن ۽ سومرا سياسي طور آخري پساهه ۾ آهن .

هن وقت سياسي طور مضبوط قوتون کوسه، جکراڻي، شاهلاڻي، سرڪي ۽ پهنور موجوده جيڪب آباد ۾ ڪشمور ۾ بجاراڻي، کوسه، مزاري آهن، باقي ڊومڪي، ڀنگوار ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون برادريون پنهنجو اثر رکن ٿيون. اڄ ڪلهه ڪشمور چاهي سنڌ پوري ۾ جنهن جو درياءَ جي گسن ۽ پيچرن تي قبضو آهي، انجي سياسي حيثيت مضبوط آهي.

جيڪب آباد ۽ ڪشمور جي آبادي تقريباً ويهه لک ٿيندي .

جان جيڪب جو وڏي ۾ وڏو ڪنٽريبيوشن جيڪب آباد لاءِ اهو آهي ته هن علائقي کي معاشي ترقي وٺرائڻ خاطر هتان جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ ۽ ڪجهه وقت جي سرڪار جي سهڪار سان 1851ع ۾ بيگاري واهه پنجاهه فوٽ ويڪرو، نو فوٽ گهرو ۽ پنجاهه ميل ڊگهو کوٽائي هزارين ايڪڙ زمين پوکي لائق بڻائي. 1854ع ۾ وڌيڪ ڏهه ميل ڊگهو واهه ڪيو. جيڪو پنجاهه ميل مان سٺ ميل ڊگهو واهه ٿي پيو. جنهن سان اڄ جيڪب آباد ۽ شڪارپور جون زمينون آباد ٿين ٿيون. بيگاري واهه مان مختلف پنج شاخون ڪڍي زمين کي آباد ڪيو ويجي ٿو.

1962ع ۾ گدو بئراج ٺهي تيار ٿيو ۽ انهي مان پٽ فيڊر ڪينال ڪڍيو ويو. جيڪو ڪشمور، جيڪب آباد ۽ بلوچستان جي نصير آباد ڊويزن جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو.

# جيڪب آباد کي ترقي يافته بڻائڻ لاءِ ڪجھ اسڪيمون

سيپٽمبر 2003ع جڏهن مون جيڪب آباد جي چارج ورتي، تنهن وقت جکراڻي، بجاراڻي، مزاري، کوسہ، سرڪي، سومرا، شاهلاڻي، ٿهيمڪ پنهور سياسي قوتون هيون. ضلعي ناظم بجاراڻي، نائب ناظم پنهور، ميونسپل جو ناظم جکراڻي، ايم اين اي جکراڻي، بجاراڻي ۽ مزاري هيا. ايم پي اي کوسہ، پنهور، سرڪي هيا.

پاڪستان جا ٽي ايئر بيس آمريڪا جي فورسز جي حوالي ڪيل هيا، انهن ۾ شهباز ايئربيس جيڪب آباد بہ هڪ هيو، جتان هو افغانستان جي اندر وچي ڪاروائي ڪري ايندا هيا. انهن ڏاڍين جي مهمان طور رهڻ ڪري انهن جي حفاظت ڪرڻ سڀ کان وڏو چئلينج هيو جنهن جي ڪري اسان کي بہ اتي اچي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. جنهن وقت بہ انهن ايئرپورٽ تي رهيل مهمانن سان ملاقات ٿيندي هئي تہ هميشہ اهو چوندا هيا تہ ٺيڪ آ توهان ڪافي حفاظتي انتظام ڪيا آهن، پر اجان وڌيڪ توجهہ ڏيو اسان جي حفاظت لاءِ، سو انهن جو ٻو مور وارو جملو اهڙو تہ رٽيل هئن، جو خواب ۾ بہ شايد پر يقينن اهوئي چوندا ۽ ڏسندا هوندا تہ ٻو مور.

وزيراعظم پاڪستان جڏهن بہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ايندا هيا تہ هميشہ شهباز ايئربيس جيڪب آباد استعمال ڪندا هيا، باقي ٻين سڀ فلائيٽ جو اچڻ ۽ وڃڻ بلڪل منع هيو. وزيراعظم مير ظفرالله خان جمالي جو اباڻو ڳوٺ روجهاڻ جمالي جيڪب آباد کان تقريباً اٺ ميل اولهہ ڏکڻ ۾ آهي. تنهنڪري وزيراعظم کي ايئرپورٽ تان وٺي وڃڻ ۽ ڇڏڻ جي مهمانداري جو موقعو ٻي سي او جيڪب آباد کي ملندو هيو. جمالي صاحب بذات خود جيڪب آباد جي ترقياتي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هيو. تنهن ڪري مون هڪڙا چار پنج پروپوزل وزيراعظم کي ڪچو تخمينو لڳرائي ڏنا هيا.

ڪشمور کان ڊيره الهيار تائين پٽ فيڊر ڪئنال سان نيشنل هاءِ وي اٿارٽي روڊ ناهي، جنهن سان هڪ تہ پنجاب کان ڪوئيٽا ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سٺ ڪلوميٽر رستو گهٽ پنڌ ٿيندو ۽ ٻيو منهنجو اصل مقصد هيو تہ جيڪڏهن هي روڊ ٺهي ويندو تہ عومن سنڌ ۽ بلوچستان جي بارڊر تي فورسز کي پهچڻ ۾ دقت ٿئي ٿي اتي جي ڌوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. انهي روڊ جي تعمير ٿيڻ کان پوءِ ڌوهن تي ڪافي حد تائين ڪنٽرول ٿي ويندو ۽ فورسز جي اچ وڃ آسان ٿي پوندي.

ٻي اسڪيم ڏني هئي ته جيڪب آباد ٺل ڪنڌڪوٽ جي روڊ کي ٻه طرفو تعمير ڪري ته جيئن جيڪب آباد ۽ ڀرپاسي وارن آبادين کي ڪشمور وڃڻ لاءِ وڪڙ ڪري شڪارپور جي بجاءِ هي رستو اختيار ڪن.

ٽين اسڪيم مون ڏني هئي ته جيڪب آباد کان ڳڙهي خيرو، شهدادڪوٽ، قمبر ۽ وڳڻ تائين ٻه طرفو روڊ اين ايچ اي ٺهرائي

چوٿون ڳڙهي خيرو، اوستا محمد ۽ ڊيره الهيار ٻه طرفو روڊ اين ايچ اي ٺهرائي.

انهن سيني اسڪيمن کي وزيراعظم جمالي صاحب پسند به ڪيو ۽ چيائين ته مان ذاتي ڪوشش وٺي انهن اسڪيمن کي انشاءَ الله مڪمل ڪرائيندس.

مير ظفرالله جمالي صاحب دل جو سخي ۽ وڏو مهمانواز خوش طبيعت جا مالڪ هيا. اسان عمومن جيڪب آباد کان روجهاڻ جمالي تائين ڇڏڻ ويندا هياسين ته بغير ماني کارائڻ جي واپس ڪونه ڇڏيندو هيو. هڪ دفعي جمالي صاحب، پي ايم جو پرسنل فزيشن، وحيد پي ايس او، منصب جکراڻي ۽ ٻه ٽي ٻيا گڏ ماني پئي کاڌي ته جمالي صاحب ڳالهه ڪئي ته يار اسلام آباد جي ماڻهن جي ڪا خبر ئي ڪانه ٿي پوي. مون اتي چيو ته سائين هڪڙي ڳالهه اسلام آباد لاءِ ڪافي مشهور آهي. جمالي صاحب چيو ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مون عرض ڪيو ته سائين هڪ دفعي لاهور کان ڪنهن ماڻهو اسلام آباد فون ڪيو ته اسلام آباد مان ڪنهن ماڻهو اهو فون اٽينڊ ڪيو. لاهور واري ماڻهو پڇيو ته پاڻ ڪير ٿو ڳالهائين ته اسلام آباد واري چيو ته مان ضمير ٿو ڳالهايان. لاهور واري همراهه وراڻي چيس ته يار مذاق نه ڪر، اصل نالو ٻڌاءِ چيائين ته منهنجو نالو ضمير آهي. لاهور واري چيو ته تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، اسلام آباد واري همراهه چيو ته يار ان ۾ ڪوڙ جي ڪهڙي ڳالهه آهي مان ضمير آهيان ضمير. لاهور واري چيو ته مان ڪيئن مڃيان ته تون ضمير آهين؟ اسلام آباد ۾ ضمير ٿئي متضاد شيون آهن.

جمالي صاحب ڏاڍو کليو. ڇهن مهينن کان پوءِ جمالي صاحب وزارت عظميٰ تان فارغ ٿيا ۽ بلوچستان هائوس اسلام آباد جي گهٽو ڪري سورهن نمبر سوٽ ۾ رهائش پذير هيا. مان ملڻ خاطر اتي ويس ته جمالي صاحب وٽ ڪافي دوست اڳئي ويٺا هيا، مون چٽ اندر موڪلي هڪدم گهرائي پنهنجي پرسان مونکي ويهڻ لاءِ چيائون ۽ سيني کي ٻڌايائين هي جمن جامڙو آهي، اڄ کان ڪجهه وقت اڳ هن هڪ ڳالهه ڪئي، جيڪا اڄ سو سيڪڙو سچ ثابت ٿي. پوءِ ان مون واري ڳالهه کي ورجايو ۽ ايڏو ته کليا ۽ بار بار منهنجي پٺي تي هٿ به رکن پيا.

جيڪب آباد وڃڻ شرط مون سموري ايريا جو جائزو ورتو ۽ ماڻهن ۽ علائقي جي عوام جي مجموعي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش خاطر ڪجهه اپاءُ وٺڻ شروع ڪيا. جڏهن مون ڏٺو ته انگريزن جي وقت جون ٺهيل مختيارڪار جون آفيسون ۽ رڪارڊ روم جي زبون حالت ٿي وئي هئي. ايئن پيو لڳي ته پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي انهن بلڊنگن جي ڪنهن به قسم جي مرمت وارو هٿ لڳوئي ڪونهي. لينڊ رڪارڊ تمام غيرمحفوظ ۽ بيدردي سان ڊڪاريل پيو هيو. ڏسي مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو ته ضلعي جي عوام جي امانت اسانجي حوالي ڪيل آهي ۽ اسين ايترا غافل ٿي ويا آهيون جو ان امانت کي صحيح طرح محفوظ به ڪري نٿا رکون. اي ڊي او ورڪس لغاري صاحب هيو. مون

انڪي گهرائي ذميواري ڏني ته هنن قيمتي عمارتن کي اصل حالت ۾ آڻڻ لاءِ تخمينو لڳرائي ڏي ته جيئن اينڊڙ بجيٽ ۾ مرحليوار سڀني عمارتن کي درست حال ۾ آڻيون. لغاري صاحب محنت ڪري تخمينو لڳرائي مونکي ڏنو مون انهن پنجن ڇهن بلڊنگن جي اڌ جو اينڊڙ بجيٽ 05_2004 ۾ تجويز منظور ڪرائي.

جيڪب آباد ۾ آفيسرن جي رهڻ لاءِ ڪوئي بندوبست ڪونه هيو تنهن ڪري ڊي سي آفيس جي ڪمپائونڊ وال جي اندر به يا ٽي اي ڊي او هائوسز جو تجويز ناظم صاحب کان مشڪل سان منظور ڪرائي.

ناظم ۽ منهنجي گهڻين ڳالهين تي ذهني هم آهنگي هئي. ناظم صاحب جيئن ته هڪ مڃيل سياسي گهراڻي جو فرد هيو تنهنڪري نندي عمر ۾ طبيعت ۾ ٺهراءُ ۽ ڳالهه کي سمجهڻ جي صلاحيت هيس ۽ ملڻ جلڻ جو تمام سٺو هيو ۽ مون ڏٺو ته مون جيڪا به تجويز ڏني انهي کي وزن ڏيندو هيو پر ڪن ڳالهين تي اختلاف به ڪندو هيو جو انجون سياسي مجبوريون هيون.

ڊي پي او دين محمد بلوچ صاحب هيو ۽ اسان جي هڪٻئي سان تمام سٺي ڪوآرڊينيشن هوندي هئي. تنهنڪري اسين پاڻ ۾ هميشه هڪ پيج تي رهياسين. دين محمد بلوچ ۽ اسانجو پاڻ ۾ پراڻو تعلق به هيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي.

جيڪب آباد ۾ پيئڻ جي پاڻي جو تمام پراڻو مسئلو رهيو آهي. انهي مسئلي کي حل ڪرڻ جي خاطر الحمدالله سومرو صاحب ڪافي ڪوششون ورتي ڪنهن حد تائين پيئڻ جي پاڻي واري مسئلي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪا تڪميل جي آخري مرحلن مان گذري پئي.

# جان جيڪب جو گهڙيال

برگيڊيئر جنرل جان جيڪب پنهنجيون لازوال يادگيريون جيڪب آباد ۾ ڇڏيون آهن. انهن سڀني مان هڪ انيڪ قسم جي ايجاد، جيڪا دنيا جي ڪنهن ٻه ڪنڊ ۾ موجود ناهي، اها آهي هڪ گهڙيال جيڪو تقريباً پوڻا ٻه سؤ سالن کان اڄ تائين ڪم ڪري ٿو. مڪينيڪل انجنيئرنگ جي انتها آهي، جو ان شخص جي هٿ سان ٺهيل گهڙيال ۾ هڪئي وقت برطانيہ، پاڪستان جو ٽائيم، چنڊ جي تاريخ معلوم ٿيندي آهي، اهو ڪو مشڪل ڪم ناهي تہ پاڪستان ۽ برطانيہ جو ٽائيم هڪئي وقت ڏسي سگهجي. اصل ڪمال تہ اهو آهي جو چنڊ جي صورت چنڊ جي تاريخ مطابق ڏسڻ ۾ ايندي آهي. عيسوي سن جي دنيا کي خبر آهي تہ ڪهڙو مهينو ايڪٽيهہ ڏينهن جو هوندو ۽ ڪهڙو مهينو ٽيهہ ڏينهن جو هوندو. پر قمري مهيني لاءِ اڳواٽ اهو تعين ڪرڻ تہ چنڊ ڪهڙي مهيني ۾ اٺٽيهون يا ٽيهون هوندو ۽ جيڪو هن وقت تائين بلڪل چنڊ جي پوزيشن جي صحيح صورتحال کان باخبر رکيواچي پيو. اهو پوري دنيا ۾ صرف هڪ جاءِ تي آهي، جيڪو ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد جي گهر ۾ لڳل آهي. مان ان گهڙيال جي هڪ وڊيو ٻہ دوستن لاءِ سنڀالي رکي آهي.

مون جيڪب آباد جي ماڻهن کان ٻڌو تہ انهن جا وڏڙا چوندا هيا تہ جان جيڪب بلوچي زبان بلڪل رواني‌ءَ سان ڳالهائيندو هيو. چون ٿا تہ هڪ دفعي بلوچ قبيلن جي وڏن کي پاڻ وٽ گهرايائين. جڏهن قبيلن جا وڏڙا پاڻ ۾ ويٺا تہ بلوچيءَ ۾ ڪي گٿا لفظ ڪجهہ جان جيڪب لاءِ تہ ڪجهہ انگريز سرڪار لاءِ چئي ويا. هنن جو خيال هيو تہ جان جيڪب کي بلوچي سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي، تنهنڪري هنن پاڻ ۾ اهو سڀ ڪجهہ چيو. جان جيڪب وچ ۾ ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو. جڏهن جان جيڪب انهن قبيلن جي وڏڙن سان مخاطب ٿي بلوچي زبان ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ اهي سڀ ششدر ٿيا ۽ ڪجهہ خوف ٿيڻ لڳن تہ متان سرڪار اسانجي مٿان ڪو قدم کڻي. جان جيڪب هنن سڀني کي چيو تہ توهان ڪنهن ٻہ قسم جو خوف نہ ڪريو ۽ توهان جو چوڻ مان ڪنهن ليکي ۾ ڪونہ آڻيندس.

جيئن تہ انگريزن کي ڪابل ۽ قنڌار مان خطرو رهندو هيو تنهنڪري انگريز سرڪار پنجاب ۾ باقائده گهوڙن کي پالڻ خاطر زميندارن کي زمينون الاٽ ڪري ڏنيون، ۽ چيو تہ توهان کي اهي زمينون انهي ڪري ڏنيون ٿيون وڃن تہ جيئن توهان اعليٰ نسل جا گهوڙا پاليو. جيئن تہ انهي وقت روڊ ۽ رستا ڪونہ هيا، تنهن ڪري فوجي سازوسامان کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائڻ لاءِ گهوڙا ۽ خچر

استعمال ڪندا هيا. جيئن تہ انگريز سرڪار ڪي سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام تي ڀروسو ڪونہ هيو. تنهنڪري هڪ منصوبي تحت گهوڙن ڪي پالڻ لاءِ زمين ڏيڻ کان بغير هڪ طريقو ايجاد ڪيو. اُهو اِهو تہ هر سال جيڪب آباد ۾ سبي ۾ مال مويشي خاص ڪري گهوڙن ۾ ڏاندن جا جنوري ۾ فيبروري مهيني ۾ مقابلا ڪرائيندا هيا تہ جيئن سٺي نسل جي گهوڙن ۾ ڏاندن جي پرورش ٿئي. جيئن بوقت ضرورت انهن ماڻهن کان مدد وٺي گهوڙن ۾ بيل گاڏي جي رستي فوجي سازوسان جي نقل و حرڪت ڪري سگهجي. تنهنڪري هر سال جنوري فيبروري ۾ جيڪب آباد ۾ ڪيٽل شو ٿيندو هيو. جيڪو جيڪب آباد جي لاءِ هڪ اعزاز سمجهيو ويندو هيو ۾ باقائده گورنر سنڌ پاڻ اچي ان ميلي ۾ شرڪت ڪري انعام تقسيم ڪندو هيو.

جيڪب آباد جو عوام هڪ سڀاجهڙو، مهمانواز، بهادر، خوددار ۾ پنهنجي قبيلي جي اڳواڻ جي تابع ٿي گذاري ٿو.

تعليم جي لحاظ کان ڪافي پٺتي پيل علائقو آهي. قبيلي جي وڏي جي ڳالهہ عمومن حرف آخر هوندي آهي. هٿيار جي ڏيکاءُ ڪي پنهنجي لاءِ عزت ۾ شان و شوڪت تصور ڪندا آهن.

جيڪب آباد، ڪشمور ۾ صحبتپور ٽنهي ضلعن ۾ عددي حساب سان کوسہ برادري ٻين برادرين جي مقابلي تمام گهڻا ۾ ساهيتا آهن. جيڪڏهن کوسہ برادي پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ڪنهن بہ هڪ ماڻهو جي پنهنجي تڪ ۾ حمايت ڪن تہ منهنجي حساب سان ٻيو ڪوبہ ماڻهو سواءِ کوسن جي ايم اين اي يا ايم پي اي نٿو ٿي سگهي. سڀ کان سٺي ڳالهہ مون جيڪب آباد ۾ محسوس ڪئي تہ گهڻائي جي باوجود کوسو برادري جا ماڻهو نهايت شريف ۾ امن سان رهڻ وارا آهن.

منهنجي ان مٿي ذڪر ڪيل ڳالهہ سان دوستن ڪي اختلاف ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ هر ماڻهو جي سوچڻ جو انداز پنهنجو هوندو آهي.

ڊپٽي ڪمشنر ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر لاءِ مان چاهيندس تہ انهن ٻنهي پوزيشن متعلق ڪجهہ پنهنجو ذاتي تجزيو پيش ڪيان. منهنجي اها ذاتي راءِ تصور ڪئي وڃي، باقي اختلاف ڪرڻ جو هر هڪ ڪي حق آهي.

ٻنهي نظامن جا ڪجهہ فائدا بہ آهن تہ ڪجهہ نقصان بہ. ماڻهن جي ٺهيل نظام ۾ هر حال ۾ نقص هوندو آهي، سواءِ رب ڪائنات جي نظام جي، جيڪو مڪمل جامع ۾ بقادار هوندو آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ جيڪو ڪنهن نظام ڪي ٺاهيندو آهي، انهي جي پٺيان سوچ هميشہ انهي جي مفاد سان سلهاڙيل هوندي آهي.

# ڊپٽي ڪمشنر جو نظام هندوستان ۾ ڪامياب

انگريز بادشاهه جڏهن ڊپٽي ڪمشنر ۽ پوليس جو نظام آندو ته انجي پنيان اها سوچ هئي ته عوام جي مٿان ڌاڪو به هجي ته گڏوگڏ انصاف به هجي، ته جيئن عوام اسان جي خلاف اٿي ڪڙو نه ٿئي. انهيءَ سان گڏوگڏ هو، پنهنجون سرحدون وڌائيندا ويا. تنهنڪري امن امان کي اوليت ڏني ۽ عوام جو بنيادي حق ڪسي صرف امن بحال ڪري حڪومت هلائي.

جڏهن مشرف ضلعي حڪومت جو نظام آندو، انهي جي پنيان اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن کي مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌ جي شهري علائقي جي زمين جو بي تاج بادشاهه بڻائڻ هيو. انهيءَ ڪري ضلعي ناظم کي ضلعي جي سرڪاري زمين جي نيڪال ۽ استعمال جو مڪمل ڪنٽرول ڏنو ويو.

دنيا ۾ امن ڪڏهن به تلوار يا ڏنڊي جي ڪري ڪونه ٿيندو آهي. عارضي ناپر تي سگهي ٿي پر مڪمل امن ڪڏهن به ڪونه ٿي سگهندو آهي. جيڪڏهن دنيا جو امن ڏنڊي جي ڪري هجي ها ته پوءِ دنيا ۾ صدر يا وزيراعظم جي ڪهڙي ضرورت! جڏهن ته ڪمانڊر انچيف هر ملڪ ۾ موجود هوندو آهي، اهوئي ڪافي هجي ها.

جنهن جي هٿ ۾ بندوق هوندي آهي، اهو ڪڏهن به پائيچاري جي پرچار نه ڪندو آهي نه ڪرڻ ڏيندو آهي.

انگريزن جڏهن ڊپٽي ڪمشنر جو نظام هتي رائج ڪيو ته انهيءَ نظام کي پنهنجي ملڪ ۾ رائج ڪرڻ پسند ڪونه ڪيو ڇو ته اتي جو معاشرو هتان جي معاشري کان وڌيڪ سجاڳ، تعليم يافته ۽ پنهنجي حقن جي استعمال کان واقف هيو. تنهنڪري مقامي گورنمينٽ نظام نافذ ڪيو. هتي لوڪل گورنميٽ جو نظام انهي ڪري نافذ نه ڪيو جو هتان جي عوام پنهنجي پنهنجي قبائلي سردار جي لٺ هيٺ هيو ۽ تعليم جي نه هجڻ ڪري عوام وٽ ڪو شعور ڪونه هيو. تنهنڪري انهن سردارن کي پنهنجي تابع ڪرڻ خاطر ڊپٽي ڪمشنر نظام رائج ڪيو.

اڄ به سنڌ جي عوام وٽ اهو سماجي شعور ناهي، جنهن تحت ضلعي حڪومت عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري. سنڌ جو عوام معياري تعليم کان ڪوهين پري وڃي ڪاپي تي ڀاڙي بيٺو آهي، تنهن وٽ شعور اچي ڪٿان؟ الحمدلله اسان مسلمان آهيون، صرف انهيءَ ڪري جو مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيا آهيون. عملي طور اسانجو اسلام جي ڪنهن به اصول جي مطابق رهڻي سهڻي ڪانهي.

اسلام ڪوڙ جي سخت منع ڪري ٿو. اسانجو ڪوڙ تي سندرو ٻڌل. اسلام دوکيبازي کان منع ڪري، اسان سجووقت دوکي ڏيڻ لاءِ نيون نيون ترڪيبون ناهي ونندا آهيون. اسلام منع ڪري ٿو ته

ڪنهن جو حق نہ غصب ڪيو. اسان انهي جي ابتڙ پيا راهون ڳوليندا آهيون. اسلام ٻئي جي لاءِ خيرخواهي ڪرڻ جو درس ڏئي. اسين انجي مخالف سمت ۾ وڃڻ لاءِ آتا. اسلام پائيچاري جو حڪم ڪري ٿو اسان صرف پنهنجي مفاد کي سڀ کان اول ترجيح ڏيون ٿا.

اهي سڀ اسلام جا اٽل اصول انگريز بادشاهن جي پنهنجي سوسائٽي ۾ هيا, تنهن ڪري برطانيہ پنهنجي ملڪ ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي نظام جي مقابلي ۾ لوڪل گورنمينٽ کي مضبوط ڪيو.

پاڪستان پوري ۾ اڄ تائين اسان ڪنهن هڪ اسلامي اصول تي هلون ڪونہ ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن نمائندي جي چونڊ ڪرڻي آهي تہ اسان ڏسندا آهيون تہ ڪهڙي خاندان جو آهي. اسانجي غلط ڪم ۾ ڪيتري مدد ڪندو. بيو اسان ڏسندا آهيون تہ يار جيڪڏهن مخالفت ڪئي تہ منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندو.

اسان نہ ان ماڻهو جو ڪردار ڏسون, نہ اسان انجي اهليت کي ڏسون, نہ اسان انجي ديانتداريءَ کي ڏسون. جڏهن انهي حالتن اندر اسان پنهنجو نمائندو چونڊيون ٿا تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ جيڪڏهن لوڪل گورنمينٽ جي نظام کي مڪمل طور انهن نمائندن جي حوالي ڪجي جيئن برطانيہ وغيره ۾ آهن. ۽ عوام لاءِ سڀ سهولتون مهيا ڪن ٿا. ڇا اهي سڀ ڪم ڪندا؟ اسانجي مونسپالٽين جي حالتون سيني جي اڳيان آهن

ضلعي نظام پاڪستان ۾ تڏهن ڪامياب ٿيندو جيستائين اسين اسلام جي ڏنل اصولن کي پنهنجي روز مره جي زندگيءَ ۾ عمل نٿا ڪيون. نماز, روزو, حج ۽ زڪوات اهي سڀ چڱا پر اصل ڪم اسلام جي اصولن تي هلڻ ۾ هرڪامپابي آهي.

انگريز بادشاهہ جڏهن ڏٺو تہ هتي جو عوام اسلام جي اصول تي عملي طور پري آهي, تڏهن انهي کي ڊپٽي ڪمشنر جو نظام رائج ڪرڻو پيو. جيڪو هڪ ڪامياب نظام ثابت ٿيو. هندستان اڄ تائين بہ ڊپٽي ڪمشنر نظام کي ختم ڪونہ ڪيو. پر ان ۾ پنهنجي حالتن مطابق ردوبدل ڪئي ۽ عوام جي حق ۾ بهتر سوچيو. هاڻي اهو اسانجي سياسي قيادت تي آهي تہ عوام جي بهتري لاءِ انهي پراڻي نظام ۾ ڪهڙيون ڳالهين کي ختم ڪري ۽ ڪهڙيون نيون ڳالهين جو اضافو ڪجي.

ضلعي جي انتظام کي بهتر هلائڻ لاءِ هميشہ پائيچاري جي راه تي هلڻ ۽ هلائڻ واري جي سخت ضرورت هوندي آهي. صلاح ۽ مشورو نهايت اهم هوندو آهي.

ضلعي اندر جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو واقعو ٿي پوي ٿو تہ هميشہ انتي ڪنترول ڪرڻ لاءِ لٽ ۽ چٽ جو سلسلو هلائبو آهي. پر جيڪڏهن صرف لٽ هلائبي تہ پائيدار امن و امان ڪونہ ٿيندو. هن وقت صرف ڪم لٽ تي آهي. جيڪڏهن خدا نہ خواستہ ڪو جلوس وغيره نڪري ٿو تہ پوليس جو هر حال ۾ ڪم هوندو آهي تہ انهيءَ ماڻهن جي ميڙ کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ, پر ان دوران ڪو شديد زخمي ٿي پيو يا انهيءَ کان وڌيڪ ڪوئي مري پيو تہ ڇا اهي جلوس ڪڍڻ وارا اهو پسند ڪندا تہ جنهن لٺيون هڻي انهن کي زخمي ڪيو آهي, اهو انهن سان انصاف ڪندو؟ يا اهي لٺين هڻڻ واري سان ويهي مذاڪرات ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا؟ ڪڏهن بہ دلي طور مطمئن ڪونہ ٿيندا. هاڻي اتي ضرورت پوندي آهي ٽئين قوت جي جيڪو لٽ واري تي ڪنترول ڪري ۽ انهن زخمي ٿيل گروه جي دادرسي ڪري,

اها ٽئين قوت هوندي هئي ڊپٽي ڪمشنر جي، جيڪو انهيءَ وقت انهن ماڻهن جي چڱن ڪي گهرائي پوليس تي بہ هڪل ڪري معاملي کي نباهي ڇڏيندو هيو.

موجود نظام ۾ سڀ کان وڏي لاچاري اها آهي تہ اهڙو ڪوئي مڪينزم ڪونهي، جيڪڏهن اهڙي ڪا بہ تحريڪ هلي، جيڪا هڪ ضلعي کان ٻئي ضلعي تائين پکڙجي جو انتي مؤثر ڪنٽرول ٿي سگهي. اڳ ۾ ايئن هوندو هو جو هر سطح تي هڪ طريقو رائج هيو. ڪوئي بہ اشو ٿيندو هيو تہ تعلقي ليول مختيارڪار ۽ ايس ايڇ او، سب ڊويزن تي ايس ڊي ايم ۽ ايس ڊي پي او ضلعي تي ڊي سي ۽ ايس پي وٽ اچي معاملو حل ٿي ويندو. پر ڪڏهن ڪي اهڙا بہ معاملا هوندا تہ ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جي ليول تي مسئلي جو حل نڪري ايندو هيو.

انهيءَ کان علاوه ڊي سي کي ماڻهن سان ملڻ جي ڪري گهڻن ڳالهين جي خبر پئجي ويندي هئي، ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ هوندا هيا جيڪي ڊي سي صاحب کي اڳواٽ اچي ٻڌائيندا هيا.

ايس پي سان ماڻهن جي ملاقات ٿيندي هئي ۽ پوليس جي سي آءِ ڊي بہ خبر ڏيندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن سي آءِ ڊي جي موڪليل رپورٽ ۽ ڊي سي کي پنهنجي ذريعن کان مليل رپورٽ ۾ فرق هوندو آهي. جتي فرق هوندو آهي تہ انهيءَ تي هڪدم عمل ڪرڻ صحيح ثابت ڪونہ ٿيندو آهي، تنهنڪري وري ٻيهر انهن رپورٽن جو جائزو وٺي پوءِ عمل ڪبو آهي. ٻيو تہ رپورٽ جي فرق کي جاچڻ لاءِ انهن تي غور ڪرڻ انتهائي ضروري هوندو آهي.

هن وقت اهو مڪينزم بلڪل ختم آهي، پوءِ جيڪا هڪ سپاهي هيٺان کان مٿي رپورٽ موڪلي، اها قابل قبول سمجهي انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان صورتحال خراب ٿيندي پئي وڃي.

# جان جيڪب ۽ هاڻي جي جيڪب آباد

جيڪب آباد ۾ گرميءَ جي موسم ۾ انتهائي گرمي ۽ سردي جي موسم ۾ باقي سنڌ جي مقابلي وڌيڪ سردي پوي ٿي. سياري جي موسم ۾ عموماً اتر جي سرد هوا ڪوئيٽا کان ٿيندي تقريباً ٽي سؤ ڪلوميٽر جو پنڌ لتاڙي سنڌ ۾ جيڪب آباد کان داخل ٿئي ٿي تنهنڪري جيڪب آباد سنڌ جي باقي علائقي کان وڌيڪ ٿڌ جي اثر هيٺ اچي ٿو.

سيوي يا سبي جي گرمي ته مشهور آهي جو اتان جا ماڻهو چوندا آهن، الله سائين سيوي جي گرمي هوندي دوزخ کي ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ سيوي جيڪب آباد کان تقريباً هڪ سؤ سٺ پنجهٺ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي، تنهنڪري جيڪب آباد گرمي جي لپيٽ ۾ رهندو آهي. گرميءَ جي موسم ۾ برف به پنهنجو اثر گهٽ ڏيکارڻ تي مجبور هوندي آهي.

جيڪب آباد جو هر ماڻهو سوچڻ تي مجبور هوندو آهي ته برگيڊيئر جان جيڪب اهڙي موتمار گرميءَ جي باوجود پنهنجي سڄي حياتي جيڪب آباد جي حوالي ڪئي، جو ايتري تائين مرڻ کان پوءِ اباڻي ٿڌي آبهوا ڏانهن وڃڻ جي مقابلي ۾ جيڪب آباد جي مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ کي ترجيح ڏنائين. جيڪب آباد کان ڪوئيٽا ويندڙ اين 65 تي روڊ جي ڪاٻي پاسي جيڪب آباد جي قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي. جيڪب آباد جا ماڻهو مون پاڻ ڏٺو ته اڄ تائين وڏي عزت ۽ احترام سان وڃي سندس قبر تي سندس مغفرت لاءِ دعا جا هٿ کڻندا آهن. جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪب آباد جي ماڻهن ۾ جان جيڪب جي لاءِ دل ۾ ڪيتري عزت ۽ احترام آهي.

مونکي شهر جا به جهونا رهواسي مليا، جن ٻڌايو پئي ته سائين جيڪو هن وقت جيڪب آباد شهر آهي اهو ته اسان تصور به ڪونه ڪيو هيو ته اسانجي زندگيءَ ۾ ايئن کنڊرات ٿي ويندو. پاڪستان کان اڳ باقاعده رستن ۽ ڳلين جي صفائي ٿيندي هئي، پڪالي رستن تي ڇنڪار ڪندا هيا. ڳليون تمام ڪشاده هونديون هيون. هندو مسلمان پاڻ ۾ امن ۽ ڀائيچاري واري فضا ۾ گڏ رهندا هيا. معتبر ۽ شريف جي عزت هوندي هئي. جيڪڏهن رستي ويندي ڪير هارجي پوندو هو ته به صاف ۽ چٽو اچو هوندو هيو. ڪير ڪي زمين تي به مٽي ڪانه لڳندي هئي. ابا هاڻي ته نه اهي پڪالي رهيا آهن رستن تي ڇنڪار ڪرڻ وارا، نه وري اهڙا ڪشاده رستا ۽ صاف ڳليون بچيون آهن. اڳي نالين جي مٿان صبح جو سوير ڀنگي اچي صفائي ڪري ان جي مٿان چونو هاري هليا ويندا هيا. هاڻي اهي سڀ وڏا ڪشاده رستا وڃي باقي بچيا آهن جو گڏه گاڏو به گذري نٿو سگهي. چانو لاءِ وڻ لڳل هوندا هيا، جتي مسافر يا واٽ ويندڙ ويهي جهٽ آرام ڪندا هيا. هاڻي ته ابا اهي وڻ به ويا ته اهي واهيرا به ويا.

اڳي رئيسن جا عاليشان وڏا گهر نهيل هوندا هيا، جتي ماڻهن جو اچڻ وڃڻ لڳو پيو هوندو هيو. لنگر بہ حال آهر پيو هلندو هيو. يلا يلا ٽانگا پيا مسافرن کي هيڏاهن کان هوڏانهن آڻيندا ۽ کڻي ويندا هيا. ابا صبح جو جڏهن ٽانگا هلندا هيا تہ گهوڙن جي هلڻ سان روڊن تي سنب لڳڻ سان جيڪو سريلو آواز نڪرندو هيو ڏاڍو من موهيندڙ ۽ ڪنن کي سرور ايندو هيو. وقت تي ريل گاڏي جو اچڻ ۽ وڃڻ اهڙو تہ پڪو هوندو هيو جو ماڻهو پنهنجي گهڙي جو ٽائيم ان مطابق سيٽ ڪندا هيا. ڪنهن جو ڪو خط پٽ ايندو هيو تہ پوسٽ آفيس جو پوسٽ مين شاندار ڊريس ۾ ايندو هيو. پوليس جو دٻدٻو ايترو هوندو هيو جو هڪڙو سپاهي سڄي ڳوٺ کي سلهاڙي وٺي ايندو هيو. مجال آ جو ڪو ڪُڇي!

چاچي جي ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ جڏهن شهر جي ڪهڙي بہ پاسي کان لنگهڻ ٿيندو هيو تہ محسوس ٿيندو هيو تہ واقعي اسان جي نسل وڏن جي نهيل نڪيل شين کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي. جڏهن رستي سان ڏسندو هيم تہ هي بگٽي صاحب جو بنگلو آهي. هي جمالي صاحب جو بنگلو آهي، هي کوسو صاحب جو بنگلو آهي، هي سومرو صاحب جو بنگلو آهي. پر انهن بنگلن جي اها رونق ۽ آب و تاب غائب ۽ وڏا وڏا دروازا بند پيا آهن. انهن بنگلن جي سامهون گند ۽ ڪچري جا ڍير لڳا پيا آهن. ”اهي ڏينهن اهي شينهن.“

رستي تان گذرڻ جڻ تہ پلصراط تان ٽپڻ وانگر هنيانءُ ڏڪائي ڇڏي. خبر ڪانہ پوندي تہ گڏهہ گاڏو ڪٿان آيو ڌڪ هڻي نڪري ويندو. ماڻهو کي خبرئي ڪانہ پوندي تہ هي ڇا ٿي ويو بلڪل افراتفري وارو ماحول. رستن ۽ گهٽين تي قبضا، ڪوروڊ رستو پيچ ڊاهہ کان خالي ڪون.

ننڍي هوندي ٻڌندا هياسين تہ واڻيا وياج وٺندا آهن پر اهو ايڏو ڳاٽي پڳو وياج ڪونہ هوندو هيو. جيڪو مونکي خبر پئي تہ مسلمان وٺن ٿا. هندو مون پاڻ ڏٺو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏي پئسہ هوندا هين تہ اهي ڍڳو ڍور وٺي وري باقي ڇڏي بہ ڏيندا هيا. هاڻي تہ حالت اها هئي جو مان ڪهڙو حال اوريان. هڪ دفعي هڪ ماڻهو آيو. جنهن ٻڌايو تہ سائين مون هڪ بروهي کان سٺ سٺر هزار روپيہ ورتا. اڄ کان ست اٺ سال اڳ، هاڻي انهن ستن اٺن سالن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ روڪ رپيہ واپس بہ ڏنا آهن، انهيءَ کان علاوه پنج جريب زمين بہ وڪرو ڪري انهن پئسن ۾ ڏني آهي، پوءِ بہ اڃان چوي ٿو تہ جيڪڏهن هن مهيني ۾ نوي هزار روپيہ واپس ڪندين تہ ٺيڪ نہ تہ ايندڙ مهيني ۾ لک روپيہ ڏيڻا پوندا. مون پڇيو تہ اهو بروهي ڪٿي آهي؟ ٻڌايائين تہ هلڻ جهڙو ناهي گهر ۾ بيمار پيو آهي، ۽ هينئر پاڻ ڪٽائي ڪراچي ويو آهي. اتفاق سان اهو منهنجو اتي آخري ڏينهن هيو جو مان انجي مدد ڪرڻ لائق ڪونہ هيس. پر افسوس ڏاڍو ٿيو تہ اسين ڪيئن ڪنهنجي مجبوري مان ناجائز فائدو وٺون ٿا.

جيڪب آباد شهر جهڙيءَ طرح خوبصورت انداز ۾ تعمير ۽ ترقي ڪري وڌيو هيو. اهڙيءَ طرح جيڪب آباد شهر کي بيدردي سان لٽي تباهہ ڪيو ويو آهي. پراڻن رستن جا ڪٿي آثار نظر اچن پيا، جن مان لڳي پيو تہ هي شهر پلاننگ تحت نهيو هيو. پر هاڻي اهي سڀ ماضي بعيد جو قصو بڻجي چڪو آهي.

هڪ دفعي فون ڪري بابل جکراڻي منهنجي آفيس آيو. منهنجي ان سان پهريون دفعو ملاقات هئي، باقي مون بابل لاءِ ٻڌو هيو تہ ايم اين اي بہ رهيو آهي. اچڻ سان مليو ڪرسي تي ويٺو پنهنجي

پٽ اعجاز جکراڻي جيڪو ان وقت ايم اين اي هيو، انجي خلاف شروع ٿي ويو. مان هن جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ محو ٿي ويس. ٿوري دير کان پوءِ مون ڏنو ميز تي ڪجهه آلاڻ ٿي وئي ۽ وقفي وقفي سان پنهنجي منهن تي هٿ ڦيري پيو. اعجاز تان بس ڪري، پنهنجي پاڻتي تعلقه ناظم تي شروع ٿي ويو. مون بال پين کڻي ڪاغذ تي ڪجهه ڳالهيون نوٽ ڪيون. جڏهن بس ڪيائين ته مون چيو مير صاحب هاڻي ڳالهه ٻڌ! تو سان پٽ ۽ پاڻتي وڏي زيادتي ڪئي آهي، مان سڀ نوٽ ڪيون آهن. هاڻي تون وڃ مان پاڻهي ٻنهي خلاف قانوني ڪاروائي ڪريان ٿو. مان انهن جي خلاف سرڪار ڏانهن لکان ٿو ۽ تو سان جيڪي به زيادتيون ڪيون اٿن مان توکي سڀ ونرائي ڏيان ٿو. مير صاحب پريشان ٿي ويو، چيائين ته سائين ايئن نه ڪيو. مان ٻنهي کي معاف ڪيو. بس هاڻي توهان ڇڏيو. مون چيو ته مير صاحب هي ڪاغذ ڏسين ٿو؟ چيائين ته ها! مون چيو ته هينئر صرف خالي پنو ناهي، اها تنهنجي سو چوهٽ جو بيان آهي. ان بيان تان ڦري ڪونه ٿو سگهين ۽ مان ٻنهي کي اهڙو قابو ٿو ڪيان جو ڏيهه ويهي ڏسندا.

چوڻ لڳو سائين انهن ٻنهي جي اليڪشن تي مون به ٻوريون روپين جون خرچ ڪيون آهن. توهان کي خبر ناهي شايد مان ماڻهن جو اليڪشن ۾ احسان ڪونه ڪٽندو آهيان. اليڪشن جي رات ماڻهن کي گهرائي جيتري رقم گهرندا آهن، مان انهن جي مدد ڪندو آهيان. سائين توهانکي ڪهڙي خبر، ماڻهن ۾ غربت آهي مدد ڪرڻ اسانجو فرض آهي. مون چيو ته اهو توهان غيرقانوني ڪم ٿا ڪيو. چوڻ لڳو ته ڪوئي غير قانوني ناهي، اسان ووٽ ڏيڻ وارن جو احسان ڪونه ڪٽون. نڪي هو پيئسن جو احسان سمجهن هي ته واپار آهي. بار بار الو الو چوي پيو. مونکي سمجهه ۾ ڪونه پيو اچي ته الو ڪهڙي شئي آهي. مون پڇيو ته مير صاحب هي الو ڇا آهي؟ چيائين: الاهي بخش سومرو.

منهنجي فيملي ٻارن جي تعليم خاطر ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي. تنهن ڪري ٻارن جو فڪر هميشه رهندو هيو. اها هڪ حقيقت آهي ته جڏهن ٻار چوڏهن پندرهن سالن جي عمر کان مٿي چڙهي ٿو ته ٻار پنهنجي ماءُ کان آهستي آهستي ڊڄڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ پيءُ جو ٿورو گهڻو ڀَوَ وري به رهيس ٿو. اهائي عمر آهي جو انکان پوءِ ٻار بگڙجي سگهي ٿو جيڪڏهن انهن جي مٿان اها نظر نٿي رکجي ته. مان ٻارن کي جيڪب آباد انهي ڪري نه پيو وني اچان جو ڪل آفيسر ذائقه البدلي جي ڪابه خبر نه هوندي آهي. هلي ته سال به هلي، نه هلي ته هفتو به نه هلي، ايئن سمجهو ته پوسٽنگ هڪ چائنيز ميڊ شئي آهي، جنهن تي ڪوئي اعتبار ناهي.

ٻارن جي مستقبل خاطر ته اهي جيئن صحيح انسان ٿين، انهيءَ لاءِ مون فيصلو ڪيو ته ڪٿي اهڙي جاءِ تي پوسٽنگ ڪرائجي جو جيڪڏهن هڪ ڊپارٽمينٽ کان ٻئي ڊپارٽمينٽ ۾ پوسٽ ٿئي ته به اسٽيشن ساڳي هجي. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکندي مون اسلام آباد ۾ پوسٽنگ ڪرائڻ جو سوچيو. اسلام آباد پوسٽنگ ڪرائڻ جي لاءِ به شيون منهنجي ذهن ۾ هيون.

اسلام آباد ۾ سنڌ جي نمائندگي اتي ۾ لوڻ برابر آهي، تنهنڪري اتي وڃي پنهنجي صوبي جي جيتري ٿي سگهي خدمت ڪجي. ٻيو ته ٻارن سان گڏ هجان ته جيئن اهي سٺا انسان ٿين.

جڏهن مير ظفرالله جمالي صاحب پنهنجي ڳوٺ لاءِ آيو ته مون ڪيس عرض ڪيو ته مونکي اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ ڪٿي به پوسٽنگ ڪيو. چيائين ته ڇا ٿو چوين؟ سنڌي ۽ بلوچي آفيسر اسلام

آباد ۾ رهڻ پسند ڪونہ ٿا ڪن. ۽ تون اسلام آباد وڃڻ ٿو گهرين؟ مون چيو تہ سائين مان اسلام آباد ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان! پنهنجي پي ايس او وحيد کي چيائين تہ پرٽيڪيولر وٺي مونکي اسلام آباد ۾ ڏجانءِ.

پيو مون عرض ڪيو تہ سائين اسان جي ڳوٺ ۾ گئس جي سهولت ناهي. جيڪڏهن مهرباني ڪري گمبٽ شهر کان ڳوٺ تائين گئس جي عنايت ڪيو. پي ايس او کي چيائين تہ درخواست وٺي مون کي اسلام آباد ۾ ڏجانءِ. مون درخواست ٽائيپ ڪرائي ٽن ڳوٺن جي هڪ درخواست ڏني.

پير لولائي ڳوٺ، ڳوٺ حاجي غلام جعفر ڄامڙو، ڳوٺ وڏيرو مينهون خان ڄامڙو. پي ايس او سان مان رابطي رهيس تہ جيئن گئس وارو ڪم جلدي ۾ پرائيم منسٽر ڊائريڪٽو جاري ٿئي. تقريباً ٻن هفتن کان پوءِ پي ايس او وحيد صاحب ٻڌايو تہ ٻئي ڊائريڪٽوز هليا ويا آهن.

# اسلام آباد ۾ نوڪري: پنجاب جو پٽ يا نياڻو هجڻ ضروري آهي

اپريل 2004ع منهنجو پوسٽنگ آرڊر ٿيو جوائنٽ سيڪريٽري منسٽري آف ڪامرس. جنهن وقت پوسٽنگ جو مرحلو ٿيو پئي ته مان پنهنجي دوست جيڪو پنجاب جو رهاڪو آهي، تنهن کي چيو ته يار مان اسلام آباد پوسٽنگ ڪرائڻ ٿو چاهيان. مونکي چيائين ته جمن لڳي ٿو ته تنهنجو دماغ خراب آهي. چيائين ته منهنجي ڳالهه ٻڌ مان پنجابي آهيان، مان توکي جهليان ٿو. چو ٿو جهليان اهو به ٻڌ! چيائين ته هتي توکي پنجابي ڪونه هلڻ ڏيندا. اسين پاڻ ۾ هجائتا دوست آهيون، قائد اعظم يونيورسٽي کان وٺي. جمن ٻڌ تون هڪ سنڌي، ٻيو ته تنهنجي گهر واري به سنڌي، اسلام آباد ان لاءِ بهتر آهي جيڪو پنجاب جو پٽ هجي يا وري پنجاب جو نياڻو هجي، چيائين ته تو وٽ ٻئي ڪواليفڪيشنس ناهن، تنهن ڪري مان منع ٿو ڪريانءِ. باقي هتي ايندين صبح شام پاڻ ۾ ملنداسين. چيائين مان توکي اها اندر جي ڳالهه ٿو ٻڌايان ۽ انهي تي غور ڪر، پوءِ جيڪو فيصلو ڪر.

مان دوست جي صلاح جي ابتڙ پنهنجي فيصلي تي قائم رهيس. انهيءَ کان اڳ مون پنهنجي محبوبه کي چيو ته اسلام آباد هلڻو آهي، چيائين جتي تون اتي مان. مون چيو ته اتي ٿي سگهي ٿو ته گاڏي به نه هجي. جيڪڏهن گهر ڪرائي تي ورتوسين ته انهي پگهار مان گذارو ڪرڻو هوندو چيائين ڪائي ڳالهه ناهي، اسان کي چاهي سڄو سال دال کائي به رهڻو پيو ته به مونکي قبول آهي. جتي تون اتي مان، منهنجي لاءِ اهو گنج آهي جو اسان گڏ رهنداسين.

قاضي متوڪل صاحب چيف سيڪريٽري سنڌ هيو. مرڪزي سرڪار نوٽيفڪيشن سنڌ سرڪار کي موڪلي ڏياريو ته محمد جمن چانڊيو جي سروس جوائنٽ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ منسٽري آف ڪامرس جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن، انهيءَ ڪري آفيسر کي موڪليو ته اسلام آباد اچي نئين پوسٽنگ لاءِ رپورٽ ڪن.

سنڌ سرڪار نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته وڃي اسلام آباد رپورٽ ڪيان. مان ڪراچي آيس ۽ به ٽي ڏينهن رهي پوءِ اسلام آباد لاءِ جهاز ۾ ٽڪيٽ ورتي. ٻئي ڏينهن تي اعظم محمد ڊپٽي سيڪريٽري منسٽري ڪامرس کي فون ڪري ٻڌايو ته مان سپاڻي فلائيٽ ۾ اچان ٿو. ان ڪري ايئرپورٽ تان وٺڻ لاءِ اچجانءِ. ٻئي ڏينهن صبح جو اسلام آباد روانو ٿيس. صبح جو تقريباً ڏهين بجه

اسلام آباد ايئرپورٽ پهچي ٻاهر نڪتس ته اعظم صاحب ٻاهر انتظار ۾ بيٺو هيو. ملياسين ۽ انجي گاڏي ۾ روانا ٿياسين. اڳتي رستي ۾ چيائين ته پارٽنر رات ڪامرس منسٽر همايون اختر سيڪريٽري تسنيم نوراني صاحب کي چئي ڇڏيو ته جيڪو سنڌي آفيسر اچي پيو انهيءَ کي ڪامرس منسٽري ۾ ناهي رکڻو، اسٽيبلشمينٽ ۾ وڃي رپورٽ ڪري.

# سنڌي آفيسر کي ڪامرس منسٽري ۾ ناهي رکڻو

اسلام آباد ايئرپورٽ کان رستي ۾ وينديءَ پاڪستان سيڪريٽريٽ جي پهچڻ تائين اسان پاڻ ۾ صلاح مشوره ڪندا هلياسين ته ڪيئن منسٽري آف ڪامرس ۾ جوائننگ رپورٽ ڪجي. اعظم محمد ۽ مان ساڳئي بيچ جا آهيون. اعظم ڪراچي جو رهاڪو ۽ ڪامرس اينڊ ٽريڊ گروپ جو آفيسر آهي. برازيل کان ڪجهه عرصو اڳ پوسٽنگ تان واپس اچي منسٽري ۾ ڊپٽي سيڪريٽري لڳو هيو. اعظم چيو ته ڪالهه شام جو دير سان تنهنجو نوٽيفڪيشن منسٽري ۾ پهتو ۽ سيڪريٽري صاحب منسٽر کي ٻڌايو ته محمد جمن جامڙو نالي ڊي ايم جي جو آفيسر سنڌ کان منسٽري ڪامرس ۾ پوسٽنگ ٿي اٿس. منسٽر صاحب سيڪريٽري ڪامرس کي حڪم ڪري ڇڏيو ته ان سنڌ مان ايندڙ آفيسر کي منهنجي منسٽري ۾ منهنجي اجازت کان بغير ڇو پوسٽ ڪيو اٿن؟ جيئن هتي اچي توهان منسٽري ۾ جوائن ڪرڻ نه ڏيوس ۽ واپس موڪليوس ته وڃي اسٽيبلشمينٽ ۾ رپورٽ ڪري، پوءِ جتي وڃي پوسٽ ڪن. بهرحال ڪامرس منسٽري ۾ اسان کي ڪونه گهرجي. سيڪريٽري ڪامرس کي چيائين ته ڪامرس ۾ جيڪي ٻه جوائنٽ سيڪريٽري جون پوسٽون خالي پيون آهن، انهن لاءِ ڪو ماڻهو تجويز ڪر.

اعظم چيو ته پارٽنر هڪ ترڪيب آهي، جهيڙو ٻڌيون ٿا. پوءِ جيڪو ٿيو. مون چيو ته بلڪل مان به طارق بن زياد وانگر ٻيڙيون ساڙي آيو آهيان ۽ واپس مان به ڪونه موٽندس. مون چيو ته انشاءَ الله ڀرين انٽري منسٽري ڪامرس ۾ ڪبي پوءِ رک الله تي. اعظم چيو ته يار انهيءَ لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته هلڻ سان اڳ ۾ جوائننگ رپورٽ ڊپٽي سيڪريٽري ايڊمن کي ڏئي، پوءِ سيڪريٽري سان ملڻ لاءِ وڃ. عموماً ايئن ٿيندو آهي ته جڏهن ڪنهن منسٽري ۾ پوسٽنگ ٿيندي آهي ته ڀريان وڃي سيڪريٽري سان ملبو آهي، انهيءَ کان پوءِ جوائننگ ڪبي آهي. مون پاڪستان سيڪريٽريٽ جي اي بلاڪ ۾ وڃي خاموشي سان ڊپٽي سيڪريٽري ايڊمن وٽ وڃي جوائننگ رپورٽ ڏني ۽ انهي وقت ڊي ايس ايڊمن انورڊ نمبر هڻي فولڊر ۾ وجهي جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن ڏانهن رواني ڪئي. انهيءَ کان پوءِ مان سيڪريٽري جي آفيس ويس ته سيڪريٽري صاحب ڪيبنٽ ميٽنگ ۾ ويل هيو. سيڪريٽري ڪامرس ميٽنگ ۾ وڃڻ وقت جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن کي چئي ويو ته جامڙو منسٽري ۾ جوائن ڪرڻ اچي ته واپس اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ڏانهن موڪلجوس.

مان موٽي اعظم جي آفيس آيس. چانهه پئي پيتي ته جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن چوڌري محمد اعظم جو پٽيوالو آيو ۽ چيائين ته جي ايس ايڊمن توهان کي ياد ٿو ڪري. چانهه پي آرام سان مان جي

ايس جي آفيس ڏانهن ويس. جڏهن مان ويس ته جي ايس مليو ڊي ايس ايڊمن به اتي ويٺو هيو ۽ مون واري جوائننگ رپورٽ اڳيئي فولڊر سميت پئي هئي. جي ايس ايڊمن چيو ته ڄامڙو صاحب مهرباني ڪري توهان وچي اسٽيب ۾ رپورٽ ڪيو. مون چيو ته حضرت مونکي اسٽيب ڊويزن هيڏانهن موڪليو آهي، ۽ مان رپورٽ ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري مان اسٽيب ڏانهن ڪونه ويندس. چيائين ته نه ۽ توهان کي اسٽيب کي وڃي رپورٽ ڪرڻو پوندو. مون چيو چوڌري صاحب مان حڪومت پاڪستان جي حڪم تحت اچي هتي رپورٽ ڪئي آهي، باقي جيڪڏهن توهان کي منهنجي شڪل نٿي وڻي ته توهان اسٽيب کي لکو. باقي مان اچي منسٽري ۾ رپورٽ ڪيو آهي ۽ توهان کي مان قابل قبول ناهيان ته پوءِ وچي مان اسٽيب ڏي وچي رپورٽ ڪندس. هن جو زور هجي ته نه توهان هي جوائننگ رپورٽ واپس وٺو ۽ وڃي اسٽيب رپورٽ ڪيو. مون چيو ته ايئن ڪونه ٿيندو. توهان پلي لکو اسٽيب کي، مان ڪونه ويندس اوڏانهن. پنهنجي نرڙ تي هٿ ڏئي ويهي ڊي ايس کي چوڻ لڳو ته يار جوائننگ رپورٽ وٺڻ کان اڳ مونکان پڇين ته ها. مان آفيس مان نڪري اعظم ڏانهن ويس. اعظم کي مٿي تي وار تمام مختصر ڳٽڻ جيترا هوندا هيا ۽ ڪيس اعظم گهٽ پر گنجو ڪري سڏيندا هياسين. اعظم پڇيو پارٽنر ڇا ٿيو؟ مون چيو ته گنجا جهيڙو شروع ٿي ويو اسان به پنهنجي مورچي تي قائم آهيون ته مان اسٽيب کي رپورٽ ڪونه ڪندس توهان پلي لکي موڪليو. اعظم جي گهرواري جو نالو منهنجي مرحوم سس جو هيو، مان اعظم جي گهر واريءَ کي مذاق خاطر آنٽي چوندو هيس. اعظم کي چيو ته گنجا بک لڳي آهي آنٽي کي چئو ته ماني تيار ڪري، ماني وغيره کائون ته پوءِ ڪٿي رهڻ جو بندوبست ڪجي.

اعظم ۽ اسان اڳ ڪوئيٽا ۾ به گڏ رهيا آهيون. اعظم انوقت ايڪسپورٽ ڊپارٽمينٽ جو انچارج هيو. تنهنڪري هڪبئي جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ هيو. اعظم پنهنجي بيگم کي فون ڪري ٻڌايو ته جمن آيو آهي، ماني تيار ڪر، اسين ٿوري دير ۾ اچون ٿا. ٿوري دير کان پوءِ اسان گڏجي آفيس کان نڪتاسين. آفيس نڪرڻ کان اڳ مون فون تي پي ايس او پرائيم منسٽر مسٽر وحيد سان رابطو ڪيو ۽ ٻڌايو ته منسٽري ڪامرس وارا مونکي پاڻ وٽ رکڻ نٿا چاهن ۽ مان اتي جوائننگ رپورٽ ڪري ڇڏي آهي. وحيد چيو ته مان پي ايم صاحب کي پوءِ ٻڌايان ٿو. اتان سنڌ هائوس ۾ رهڻ لاءِ پاڻ به ڪوشش ڪئي ۽ گڏوگڏ وحيد کي به چيو ته هڪ ڪمرو سنڌ هائوس ۾ ڪرائي ڏي.

اعظم ۽ مان گڏ ماني کائڻ لاءِ وڃي پيڙهو ٿياسين. آنٽي ماني ميز تي رکي، گهر جي سيني ڀاتين ويهي گڏجي ماني کاڌي. اجان اتي ويٺا هياسين ته سنڌ هائوس مان فون آيو ته توهانجي لاءِ ڪمرو نمبر سورنهن خالي پيو آهي، جڏهن به اچو اسان اڳيئي آتا ويٺا هياسين سو اعظم کي چيو ته هل مونکي سنڌ هائوس ڇڏي اچ. اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ وچي سنڌ هائوس پهتاسين. مين بلڊنگ جي ڪٻي پاسي هيٺ فرسٽ فلور تي ڪمرو مليو وچي، سنجهه لاٿاسين جيڪي ڪراچي کان ٻڌي ڪٽي آيو هيم. شام ٿي وئي هئي سو هڪ ٿڪل بيو پيٽ لتاڙي ماني سان پريو هيو سو ننڊ کي ته رڳو ڪاو ٿي ڪپندي هئي سو سمهڻ سان ننڊ ايئن چڙهائي ڪئي، جيئن ڪڪڙ کان پري ٿيندي تي سرڻ لامارو ڏيندي آهي. جنهن وقت سڄاڳ ٿيس ته گهڙيءَ تي نظر پئي ته ڏسان ته رات ته ڪڏهوڪو لڙي چڪي

هئي. رات جو ڏيڊ ٻه پئي ٿيا. وري پاڻي پي سمهي پيس. صبح جو سوير نيرن ڪري ڄنگهن ڪي تيل مالش ڪري سيڪريٽريٽ وڃڻ لاءِ گوڏي گاڏي کي نپيوسين. سنڌهائوس کان سيڪريٽريٽ وڃڻ لاءِ رستو لاهوندي تي هيو تنهنڪري خبرئي ڪانه پئي ته پنجويهه ٽيهه منٽن ۾ وڃي اي بلاڪ ۾ پهتس. سيڪريٽري صاحب جي آفيس ويس ته خبر پئي سيڪريٽري صاحب منسٽر صاحب وٽ ويٺو آهي. سيڪريٽري صاحب جي پي ايس کي ٻڌايو ته مان اعظم صاحب وٽ وڃي ٿو ويهان, جڏهن صاحب اچي ته منهنجو اطلاع ڪجو. پوءِ جيئن ملڻ لاءِ چون مونکي انٽرڪام تي ٻڌائجو. اعظم سان گڏ ويناسين هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيون پئي, ته اسانجي بيچ جي هڪ ٻئي آفيسر جو اعظم کي فون آيو انکي ٻڌايائين ته ٽرپل جي آيو آهي. مونکي گهڻا دوست ٽرپل جي ٻه سڏيندا آهن. جمن جعفر جاموٽ. آخرڪار سڄو ڏينهن ويهڻ ڪان پوءِ تقريباً ٽي وڳي انٽرڪام تي فون ڪري چيو ويو سيڪريٽري صاحب چيو آهي ته صبح سوير اچي مون سان ملي. اعظم کان موڪلائي پنهنجي سواري يعني گوڏي گاڏي کي تيار ڪري نڪري پياسين.

الحمدلله سنڌ هائوس وٽ جيڪڏهن اسلام آباد تي نظرڦيرائبي ته سڄو شهر سنڌ هائوس جي قدمن هيٺ محسوس ٿيندو آهي. سنڌ هائوس ڪافي چڙهائي تي آهي. جيئن سنڌ هائوس ڏانهن وڃان پيو تيئن جڻ ته سنڌ هائوس اڳتي پيو ٻجندو وڃي. پند جي چڪ چڪان ڏڪ ڏڪان انجڻ ۾ تيل جي بک جي ڪري ڪوٽ, نه پنڌ ڪٽي نه جان ڇٽي, سنڌ هائوس پهچڻ تائين پگهر پير جي ڪڙي کي وڃي ٿڇ ڪري. تقريباً چاليهه پنجاهه منٽ لڳا جو واپس وڃي ڪمري تي پهتاسين. جڏهن سنڌ هائوس پهتس ته ڪچن بند ٿي چڪو هيو سو وڃي پلنگ تي سمهڻ جي ڪوشش ڪئي ته بک تي پيٽ ۾ ڪوئن ڊوڙڻ شروع ڪيو. ننڊ اچي ڪونه پئي, آخر ۾ شام ٿي ڪچن کليو وڃي بورچي صاحب کي چيو ته يار ڪو اسپيشل گيئر هڻ, ماني تيار ڪر ته ڪو دلبر پيٽ جو بندوبست ٿئي. بورچي صاحب جلدي ۾ چانهه ۽ هڪڙا ٻه ٿي سينڊوچ ڻاهي ڏنا. سينڊوچ کائڻ ۽ چانهه پيئڻ سان ڪجهه پيٽ ۾ ٻل ٿيو ۽ ڪوئن پيٽ ۾ ڊوڙڻ بند ڪيو. رات گذري ٻئي ڏينهن صبح گوڏي گاڏي تي سوار ٿي سيڪريٽري صاحب سان ملڻ پهتس, سيڪريٽري صاحب گهرايو ۽ پڇيو ته ڪٿي ڪٿي رهيو آهين وغيره. انهيءَ کان پوءِ چيائين ته توهان وڃي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪيو ۽ منسٽري آف ڪامرس کي اڳئي منسٽر صاحب ڪنهن سان ها ڪري ڇڏي آهي. مون چيو ته سائين توهان جي مرضي, مون ته ڪالهه منسٽري ۾ جوائننگ رپورٽ ڏئي ڇڏي آهي. توهان پلي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي لکي موڪليو ته هن آفيسر هتي رپورٽ ڪئي آهي پر توهان نٿا رکڻ چاهيو تنهن ڪري توهان کي ٻيو آفيسر ڏين. چيائين ته اهو اسان اسٽيب کي ڪونه لکنداسين. مون چيو ته منهنجي لاءِ مسئلو آهي ته مان جوائننگ ٽائيم پورو ڪري ٽي ڏينهن اڳ توهان جي منسٽري ۾ رپورٽ ڪيو آهي. مان جيڪڏهن اڄ وڃي اسٽيب ۾ رپورٽ ڪندم ته جوائننگ ٽائيم ڪان مٿي ٽي ڏينهن گذري ويا آهن, مان انکي ڪيئن جسٽيفاء ڪيان. جيڪڏهن اهڙي ڳالهه هئي ته مونکي هتي جوائن ڪرڻ ڪان اڳ جهليو ها ته مان وڃي اتي رپورٽ ڪيان ها. مونکي ڪوئي ضد ناهي ته ڪامرس ۾ سروس ڪرڻي آهي. هاڻي صرف اهو رستو بچيو آهي ته توهان اسٽيب ڏانهن مونکي

واپس موڪليو مان هليو ويندس. سيڪريٽري صاحب ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويو مونکي چيائين ته ڏسون ٿا پوءِ توکي ٻڌائيندا سين. آفيس کان نڪري اعظم وٽ ويم، سڄو وچي حال احوال اوريم. اعظم چيو ته تنهنجي جوائننگ جي ڪري منسٽر ناراضگي ڏيکاري آهي، بهرحال ڪوشش جاري رک. مون ٻاهر وڃي پي ايس او پرائيم منسٽر سان ڳالهايو ته يار ڪهڙي مصيبت ۾ اڇليو اٿو جو اڄ به سيڪريٽري ڪامرس مسٽر نوراني صاحب چيو ته وڃي اسٽيب ۾ رپورٽ ڪر. چيائين ته مون ٽيون ڏينهن به جمالي صاحب سان ذڪر ڪيو هيوءِ پرنسپل سيڪريٽري کي پي ايم صاحب چيو به آهي.

پرائيم منسٽر جو پرنسپل سيڪريٽري سائين محب الله شاهه جو ننڍو ڀاءُ ڪسٽم سروس جو سيد شجاع شاهه هيو. شجاع شاهه سيڪريٽري ڪامرس سان فون تي ڳالهايو ته جامڙو کي جوائن ڪرڻ ڏيو. مونکي پرائيم منسٽر جي پرنسپل سيڪريٽري جي طرفان ميسيج مليو ته سيڪريٽري ڪامرس سان صاحب جي ڳالهه ٿي وئي آهي، سو تون وڃي سيڪريٽري ڪامرس سان مل. مان پورو هفتو هر روز سيڪريٽري سان ملڻ وڃان، ملاقات ڪانه ٿئي. آخر ۾ اهو ميسيج مليو ته صبح سوير اچجانءِ. هفتي کان پوءِ وڃي ٻيهر پرنسپل سيڪريٽري شاهه صاحب سان ملڻ ويم، وڃي ٻڌايو ته روز پنڌ ڪري جُتي به گسي وئي آهي، سيڪريٽري ڪامرس ملي ڪونه ٿو. منهنجي سامهون وري سيڪريٽري ڪامرس کي فون ڪرڻ لاءِ پنهنجي پي ايس کي چيائين. سيڪريٽري ڪامرس مري ۾ ڪانفرنس لاءِ ويل هيو. مونکي شاهه صاحب چيو ته مان اڄ ڳالهائي پوءِ توکي ٻڌائيندس. مان ٻاهر اچي پي ايس او وحيد کي چيو ته پنهنجي ڊرائيور کي چئو ته مونکي سنڌ هائوس ڇڏي اچي.

پرائيم منسٽر جو پي ايس او مسٽر ميان وحيد، جڏهن مان ڊپٽي ڪمشنر خضدار هيم ته وحيد اتي خضدار ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هيو تنهن ڪري هو منهنجو وڏيڪ خيال رکندو هيو.

رات جو ميسيج مليو ته پرنسپل سيڪريٽري صاحب جو سيڪريٽري ڪامرس سان ڳالهائڻ ٿي ويو آهي، سو تون صبح جو سيڪريٽري ڪامرس سان وڃي مل. مان ٻئي ڏينهن وڃي سيڪريٽري ڪامرس سان ملڻ لاءِ آفيس پهتم، سيڪريٽري صاحب سان ملاقات ٿي. جي ايس ايڊمن کي انٽرڪام تي چيائين ته جامڙو صاحب جي جوائننگ رپورٽ وٺو. مونکي چيائين ته ٻه ٽي ڏينهن انتظار ڪر، توکي ڪا ونگ الاٽ ڪيون ٿا. سيڪريٽري صاحب کان پوءِ مان سڌو اعظم وٽ ويس، حال احوال ٿيا. چيائين پارٽنر اڌ ڪم ٿيو باقي اڌ به ٿي ويندو، الله مالڪ آهي. وڌيڪ چيائين ته سيڪريٽري صاحب کي ته اڳ به توکي وٺڻ لاءِ ڪوئي اعتراض ڪونه هيو اصل مسئلو آهي منسٽر ڪامرس جو. هو نٿو چاهي ته توهان هتي اچو. هينئر به سيڪريٽري جي مٿان پريشر وجهيون وينو آهي ته ڪوئي ٻيو آفيسر گهرايو. هن کي واپس موڪليو. چيائين ته هاڻي اصل مسئلو حل تڏهن ٿيندو جڏهن توکي ڪنهن ونگ جو انچارج ڪندا. ڪامرس منسٽري ڪافي وڏي منسٽري آهي، جنهن ۾ تقريباً ڏهه ٻارهن جوائنٽ سيڪريٽريز هوندا آهن. آخرڪار هفتو گذري ويو، منسٽري منهنجو نوٽيفڪيشن جاري ڪا نه پئي ڪري، آخرڪار به هفته گذري ويا وري مان سيڪريٽري صاحب سان وڃي مليم، مون چيو ته سائين يا مونکي ڪنهن ونگ ۾ رکو يا واپس اسٽيب ڏانهن موڪليو. آخرڪار مئي 2004ع جي آخر ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري مونکي جوائنٽ سيڪريٽري

انشورنس مقرر ڪيو ويو.

جنرل مشرف جڏهن ضلعي حڪومت جو نظام ملڪ ۾ لاڳو ڪيو ته انوقت هن کي خطرو هيو ته ڊي ايم جي آفيسر منهنجي هن نئين يل نظام کي قبول ڪونه ڪندا. تڏهن جنرل مشرف اسان سڀني ڊي ايم جي آفيسرن نالي سان پنهنجي دستخط سان خط لکيو هيو ته مان توهان جي سروس جو احترام ڪيان ٿو ۽ هيءُ جاري ڪيل نظام توهان جي مفادن جي خلاف ڪونه استعمال ٿيندو وغيره. انهي ڪري مرڪزي وزيرن کي اختيار ڏنا هئائين ته ڪنهن به منسٽري ۾ ڪوئي به سينيئر آفيسر وزير جي مرضي کان بغير پوسٽ نه ڪيو وڃي. جيئن ته همايون اختر خاموش سپاهي اختر عبدالرحمان جو پٽ هيو. جيڪو جنرل ضياءَ سان گڏ جهاز جي حادثي ۾ مئو هيو. تنهنڪري پٽو صاحب جي دشمني انهن جي رڳ رڳ ۾ پريل هئي، تنهنڪري سڀ سنڌي انهن کي پٽي صاحب جا حمايتي ۽ پنهنجي لاءِ خراب سمجهندا هيا. انهيءَ ڪري سيڪريٽري منسٽر کي ناراض نه پيو ڪرڻ چاهي.

# اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ سنڌ جو حصو

منهنجو پڪو يقين هيو جيئن قرآن ۾ آهي ته:

”هر مشڪل کان بعد، تحقيق آساني آهي.“

(سورة الم نشرح: آيت5)

پاڪستان سيڪريٽريٽ اسلام آباد ۾ هن وقت سڀ کان وڏيڪ سرڪار جو وهنوار هلائڻ لاءِ ماڻهو پنجابي آهن. ان ڪانپوءِ پٺاڻ، ان ڪانپوءِ سنڌي، ان ڪانپوءِ اردو ڳالهائيندڙ. ان ڪانپوءِ ڪشميري ۽ سڀ کان گهٽ بلوچ آهن. جنهن وقت مان ڪامرس منسٽري ۾ جوائنٽ سيڪريٽري جي چارج ورتي، انوقت ڇهه ست پنجابي، ٻه پٺاڻ، هڪ مان سنڌي جوائنٽ سيڪريٽري هيس. منهنجي ونگ ۾ هڪڙو به سنڌي ماڻهو ڪونه هيو. انهيءَ جي برعڪس پٺاڻ تقريباً ڪلاريڪل ۽ ٻئي اسٽاف ۾ پنجابين کان ٿورو گهٽ هيا.

اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ سنڌي آفيسر يا ٻئي اسٽاف لاءِ حالتون ايتريون سازگار ناهن، جيتريون پنجابي ۽ پٺاڻ لاءِ آهن. جنهن جي ڪري سنڌي آفيسر اسلام آباد اچڻ کان لهرائيندا آهن. هڪ ته ڪم ڪرڻ واري جاءِ تي حالتون مخالف هونديون آهن. انهيءَ سان گڏو گڏ اسلام آباد شهر رهڻ جي لحاظ کان پاڪستان جي ٻين شهرن جي مقابلي تمام گهڻو مهانگو آهي. تعليم جي لحاظ کان سنڌي آفيسرن ۽ ٻئي اسٽاف جي ٻار لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو به آهي ته ٻار پنهنجي مادري زبان صرف ڳالهائڻ تائين محدود ٿي ويجي ٿو. اسلام آباد ۾ سنڌي ٻار سنڌي نه لکي سگهي ٿو نڪي پڙهي سگهي ٿو. جيڪو اڳتي هلي اسان سنڌي بحيثيت قوم جي نقصان ۾ ويجون ٿا. هينئر ته اهو اسان سنڌي قوم لاءِ ڪراچي سنڌ جي دل ۾ سنڌي آفيسرن جي ٻارن سان به ٿيندو پيو ويجي. جيتوڻيڪ سنڌ اسيمبليءَ جو ٻوليءَ وارو بل پاس ڪيل آهي، جنهن تحت سڀ تعليمي ادارا سنڌي لازمي پڙهائيندا، جنهن تي عمل ڪونه پيو ٿئي.

بهرحال اسلام آباد اسان جي ملڪ جي گادي جو شهر آهي ۽ اسانکي هر حال ۾ پنهنجو سڀ شئي ۾ حصو وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي صوبي جي نمائندگي ڪرڻ خاطر ڪجهه نه ڪجهه قرباني ڏيڻي پوندي. منهنجي اسلام آباد ۾ پوسٽنگ ڪرائڻ جي پنيان سڀ کان وڏيڪ موٽيويٽنگ فورس به اهو هوته سنڌ جي نمائندگي ڪرڻي آهي، چاهي ڪيتري به ڏکيائي پيش اچي. جيڪڏهن اهو جذبو منهنجي اندر ۾ نه هجي ها ته مان پهرين هفتي ۾ پيجي واپس اچي سنڌ نڪاءُ ڪيان ها. جيئن ته

منهنجي اندر اها ڳالهه دل ۾ گهر ڪري وئي هئي، تنهن ڪري مهاڏو اچي اٽڪايوسين. رب ڪائنات جا اڻ ڳڻيا احسان جنهن مونکي ثابت قدم رکيو ۽ڪاميابي نصيب ڪئي. جيئن ته ڪامرس منسٽري ۾ منسٽر صاحب کي اسين نه پيا وڻون ۽ انجي منشا جي خلاف پوسٽنگ ورتي هئي، تنهن ڪري مان اتي گهڻو وقت رهي ڪونه سگهيس.

اتفاق سان مسٽر نويد احسن سيڪريٽري فنانس لڳو مون موبائل تي ايس ايم ايس ڪري لکيو ته سائين ڪامرس منسٽري ۾ منهنجي لاءِ حالتون سازگار ناهن، ڪا واهر ڪيو. ٻئي ڏينهن سيڪريٽري فنانس جو فون آيو ۽ مونکي چيائين ته سياڻي تون ايڊيشنل سيڪريٽري ايڊمن اينڊ ايڪسپينڊيچر سان اچي مل ۽ مان انکي چئي ڇڏيو آهي. مسٽر نويد احسن لاهور جو رهڻ وارو آهي، ۽ سنڌ ۾ هوم سيڪريٽري به رهيو آهي. نويد صاحب جڏهن هوم سيڪريٽري سنڌ هيو ته مان انوقت ايڊيشنل سيڪريٽري هوم سنڌ هيس. تنهنڪري منهنجي ڪم کان واقف هيو. مان ٻئي ڏينهن منسٽري آف فنانس ۾ وڃي ايڊيشنل سيڪريٽري مسٽر توقير صاحب سان وڃي مليم. مسٽر توقير صاحب به سنڌ ۾ ڪافي وقت رهيو هيو. تنهن ڪري هڪٻئي سان سڃاڻپ هئي. توقير صاحب چيو ته مونکي نويد احسن صاحب چيو آهي ته توکي هتي گهرائڻو آهي. هاڻي اها خبر ناهي ته منسٽري ڪامرس وارا توکي ڇڏيندا الائي ڪون. مون چيو ته سائين منسٽر ڪامرس ته چوي ٿو ته مان هن جي منسٽري مان اچ ئي نڪري وڃان. مونکي چيائين ته اسان وٽ هاڻي هڪ جوائنٽ سيڪريٽري ڪم فنانشل ائڊوائيزر منسٽري آف ايجوڪيشن، ايگريڪلچر، ليبر اينڊ مين پاور، يوٿ ۽ ٽوئرزم جي پوسٽ خالي ٿيڻي آهي، جو آفيسر رٽائر پيو ٿئي، تنهنڪري مان اج نوٽ لکي موڪليان ٿو منسٽر ڏانهن. انشاءَ الله جلد توهان جي پوسٽنگ لاءِ اسٽيپ کي لکنداسين. اتان اٿي پوءِ وڃي سيڪريٽري فنانس سان ملاقات ڪئي ۽ سڀ ٻڌايو.

اسلام آباد ۾ سرڪاري نوڪر لاءِ سڀ کان ڏکيو ڪم اج ڪلهه سرڪاري گهر وٺڻ آهي. ڇو ته گهر محدود آهن ۽ نوڪري ڪرڻ وارا انهيءَ کان الاهي گهڻا آهن. تنهن ڪري ويٽنگ لسٽ ايتري ڊگهي آهي جو سرڪاري نوڪر گهر جي آسري ۾ رٽائر ٿيو وڃي. ڪراچي ۾ جنهن فليٽ ۾ رهندا هياسين، انهيءَ کي به اسان ڇڏيو ته 2004ع جون مهيني جي آخر ۾ اسين فليٽ خالي ڪري ڏينداسين. تنهنڪري ڪرايو ڏيڻ بند ڪيو. پهرين جولاءِ 2004ع تي منهنجي محبوبه پنهنجي محبوب گلن کي ساڻ ڪري اچي اسلام آباد پهتي. ڇو ته هڪ وقت به گهر هلائڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو هيو. سنڌ هائوس جي هڪ ڪمري ۾ اسان ڇهه گهر جي ڀاتين گڏ رهڻ شروع ڪيو. جولاءِ جي مهيني ۾ بارشون به جام ٿيڻ لڳيون. ڪرائي لاءِ گهر ڳولڻ شروع ڪياسين. عموماً ڪرائي جو ٻڌي آنرجي وڃون پيا، پنجويهه کان ٽيهه هزار ڪرايو گهر هڪ پورشن کان گهٽ ملي ڪونه پيو.

آگسٽ 2004ع جي پهرئين هفتي هڪ ڏينهن چوڌري انور (منهنجو قائد اعظم يونيورسٽي جو ڪلاس فيلو) آيو ۽ حال احوال ٿيا، انهيءَ وقت هو ورلڊ بينڪ ۾ ڪم ڪري پيو. مون چيو ته گهر جو ڪو بندوبست ڪونه ٿو ٿئي. انور جو هڪ دوست او جي ڊي سي ايل ۾ آفيسر هيو، اهو به ساڻ هيس. او جي ڊي سي جي آفيسر سان تمام سٺي ڪچهري ٿي، هڪ نيڪ ۽ خدا ترس ماڻهو هيو. مونکان

پڇيائين تہ سپاڻي تون ڪهڙي وقت گهر پهچندين. مون ٻڌايو تہ آفيس ٽائيم کان فورن بعد آفيس جي گاڏي پهچائي واپس هلي ويندي. ڪامرس منسٽري ۾ گاڏي صرف آفيس ڪٽي ۽ واپس موٽائي اچڻ لاءِ هوندي هئي. چيائين تہ نيڪ مان تو وٽ آفيس ٽائيم کان پوءِ سڏو هتي سنڌ هائوس ايندس، تون تيار رهجانءِ. ٻئي ڏينهن نجم صاحب نالو هيس آيو. مونکي پنهنجي گاڏي ۾ وٺي ايچ ايٽ قبرستان ڏانهن هليو. مون سمجهيو تہ شايد ڪنهن سان ملڻو هوندس. خير گاڏي روڪي پاڻ لٿو ۽ مونکي بہ اشارو ڪيائين تہ لهو. مان گاڏي مان هيٺ لٿس مونکي چيائين منهنجي پنيان هلندو اچ. اڳ ۾ نجم صاحب پنيان مان هلندا وياسين. قبرن جي هڪ بلاڪ ۾ لٿاسين. اڳتي هليم تہ هڪ قبر تي نظر پئي نالو لکيل هيو مسٽر قدرت الله شهاب صاحب، ۽ مون انجو شهاب نامو ڪتاب پڙهيو هيو. انکان ٿورو اڳتي ٻي لائين ۾ هڪ قبر هئي اتي اچي بيٺو. پاڻ بہ ويٺو ۽ مونکي بہ اشارو ڪيائين تہ ويهہ. مونکي چيائين تہ تون صرف سورة الحاقة، المتڪاثر پڙهندو رهہ. مون سوره شريف جو ورد ڪرڻ شروع ڪيو. تقريباً پندره ويهہ منٽ ٿيا، پاڻ اٿيو ۽ مان اٿيس. مونکي چيائين تہ هتان فائيل نڪري ويو. هل تہ ٻئي پاسي هلون. اتان وري چڱو پند ڪري اڳتي هلياسين تہ هڪ ٻي وڏي ميدان واري قبر وٽ هلي بيٺو ۽ ٿوري دير ۾ پاڻ بہ ويٺو ۽ مونکي چيائين تہ تون صرف سورة الاخلاص پڙهہ. مون سورة الاخلاص جو ورد شروع ڪري ڏنو. تقريباً ويهہ پنجويهہ منٽ ويهڻ کان پوءِ پاڻ اٿيو ۽ مان بہ اٿيس. چيائين تہ هاڻي هتان بہ فائيل نڪري ويو. هفتي کان پوءِ وري ڪٿي هلنداسين. هفتي کان پوءِ وري فون ڪري آيو مان تيار ويٺو هيس. مونکي پنهنجي گاڏي ۾ ويهاري سڌو بري امام جي دربار تي وڃي پهتاسين. هينئر تہ بري سرڪار جو وڏو ڪامپليڪس ٺهي ويو آهي، انوقت سچو ميدان خالي هوندو هيو ۽ قبر ۽ مزار هيٺ ٺهيل هئي. اسان هيٺ لهي وياسين. قبر جي مٿن واري پاسي کان وڃي ويٺاسين. مونکي چيائين تہ تون صرف آيت الڪرسي پڙهہ. مان حڪم موجب آية الڪرسي جوورد ڪرڻ شروع ڪيو تقريباً پنجويهہ ٽيهہ منٽ ويٺاسين. پاڻ اٿيو ۽ مونکي چيائين تہ مبارڪ هجي توکي گهر الاٽ ٿي ويو. مون چيو تہ سائين مهرباني! پر ڪٿي ٿيو؟ چيائين تہ توکي اعتبار نٿو اچي ڇا؟ مون چيو تہ اهڙي ڳالهہ ناهي مونکي ٻارن جي پڙهائي لاءِ اسڪول جي تلاش ڪرڻي آهي. تنهنڪري پڇيم تہ ڪهڙي سيڪٽر ۾ ٻارن جي داخلا ڪرايان؟ چيائين تہ توکي گهر ملڻ لاءِ هڪ مهينو اڃان انتظار ڪرڻو پوندو. باقي اڄ توکي گهر الاٽ ٿي ويو. مون چيو تہ مان مهينو صبر ڪندس، باقي رڳو مونکي ايريا ٻڌايو تہ مان ان علائقي ۾ ٻارن جي داخلا ڪرايان. ٻي ٽي منٽ خاموش ٿي ويو. چيائين تہ ٻڌائڻو ناهي پر تواهڙي ڳالهہ ڪئي آهي تہ ٻارن جي داخلا ڪرائڻي آهي، تنهنڪري مان توکي صرف ايترو ٻڌايان ٿو تہ آءِ ايٽ جي ڀرپاسي جيڪو بہ اسڪول هجي اتي ٻارن جي داخلا وٺ. مان ايچ ايٽ ۾ ٻہ ٽي اسڪول هيا، ٻارن سان گڏ اهي اسڪول جاچڻ وياسين. بيڪن هائوس، سٽي ۽ جي ايس آءِ ايس اسڪول هيا. بيڪن هائوس ۽ سٽي اسڪول ڏسي فيس جو ٻڌي پنتي هٽي وياسين، آخر ۾ جي ايس آءِ ايس اسڪول آياسين. وڃي هيڊمسٽريس جي ڪمري ۾ اجازت وٺي داخل ٿياسين تہ جڏهن منهنجي نظر هيڊ مسٽريس تي پئي، ٻئي هڪٻئي کي ڏسي حيران ٿي وياسين. رڙ ڪري چيائين او جمن! تون هتي ڪيئن؟ مون ٻڌايو تہ هيءُ منهنجي جان جا ٽڪرا آهن، ۽ هيءُ منهنجي محبوبہ آهي

۽ منهنجي اسلام آباد بدلي ٿي آئي آهي ۽ ٻارن کي داخلا ڪرائڻ لاءِ هيڏانهن آيو آهيان. پڇيائين ته ڪهڙي ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهن ٿا؟ مون ٻڌايو ته هي فلاڻي فلاڻي درجي ۾ پڙهندا هيا ڪراچي ۾. گهڻتي وڄايائين. ٻاهران هڪ مائي آئي. انکي چيائين ته فلاڻي کي سڏ ڪري اچ. جهٽ اها ئي مائي اچي پهتي. مائي کي چيائين ته هنن ٻارن کي وٺي فلاڻي فلاڻي ڪلاس جي ٽيچر جي حوالي ڪر ۽ چوين ته هينئر ڪلاس ۾ پڙهڻ شروع ڪن. مون چيو ته ٻارن کي اسڪول جي ڊريس ناهي. نڪو ڪو ڪتاب، پنو ۽ پين. چيائين ته تون فڪر نه ڪر. مون ٻڌايو ته اسان هن وقت سنڌ هائوس ۾ رهون ٿا ۽ سواري جو بندوبست به ڪونهي. چيائين ته صبح کان تنهنجي ٻارن کي اتان ڪٺي ۽ واپس پهچائي به وين ايندي. اسڪول جو ايڊمن آفيسر واجد هيو. انکي گهرائي پابند ڪيائين ته هنن ٻارن کي جيڪا اوڏانهن ڪا ايندڙ ٻارن جي وين هجي، انکي چئي ڇڏ ته سنڌ هائوس کان ٻار کڻندي اچي.

هيڊمسٽريس پاڻ ان اسڪول جي مالڪ هئي. قرت العين رضوي نالو اٿس ۽ اسين ٻئي قائد اعظم يونيورسٽي جا ڪلاس فيلو آهيون.

2004ع سيپٽمبر جي آخر ۾ منهنجي ٽرانسفر جا آرڊر ڪامرس کان منسٽري فنانس لاءِ جاري ٿيا. مان ٻئي ڏينهن تي منسٽري فنانس جوائن ڪئي. جنهن ڏينهن منسٽري فنانس جوائن ڪئي، شام جو سج لهڻ جي قريب هڪ دوست فون ڪيو ته يار مان آءِ ايٽ مان گذران پيو ۽ اناويهون نمبر گهر اسٽريٽ ٻارهن اي، خالي ٿئي پيو ۽ سامان ڪڍن ٿا پيا. يار جلدي ڪر ۽ گهر الاٽ ڪراءِ. مان انوقت ايس او جي منسٽري ڪامرس کي فون ڪيو ته ياءُ اها منهنجي نالي واري تختي اڄ هينئر ڪپي، انهيءَ سان گڏ به ڪوڪا به هجن. ويهه پنجويهه منٽن کان پوءِ منهنجي نالي واري تختي پهچائي ڏني. سنڌ هائوس تان گاڏي ڪرائي جي وٺي سڌو آءِ ايٽ وڃي، انهيءَ گهر جي ٻاهران نالي واري تختي هڻي موٽي آيس. ٻئي ڏينهن آچر جو ڏينهن هيو. صبح جو ڏهين يارهين وڳي فون آيو ته توهان جمن ٿا ڳالهايو؟ مون چيو ته ها. پڇيائين ته ڇا هي گهر توکي الاٽ ٿيو آهي؟ مون چيو ته ها. چيائين ته مان شمس الهديٰ آهيان ۽ مان گهر خالي ڪيو آهي، توهان اچو ته مان توهان کي گهر جون چاٻيون ڏيان. مان ڊوڙندو ويس ۽ وڃي شمس صاحب سان مليس. هن مونکي سڄو گهر گهمايو ۽ چاٻيون ڏنيون. هي پنهنجي نوعيت جو هڪ عجيب ڪيس آهي. اسلام آباد ۾ گهرن جي الاٽمينٽ آفيسر جي رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ ڪنهن نه ڪنهن کي الاٽ ٿي ويندي آهي. شمس صاحب رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به ڏيڍ سال رهيو پيو هيو ۽ ڪنهن کي الاٽ ٿي مليوئي ڪونه هيو. پيو ته خالي گهر جي پزيشن هميشه اسٽيٽ وارا وٺندا ۽ ڏيندا آهن. مان ٻئي ڏينهن منسٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ۾ ويس ته اتي هڪ ڊپٽي سيڪريٽري مسٽر شهزاد ويٺو هيو جيڪو گهرن جي الاٽمينٽ ڪندو هيو. مسٽر شهزاد ۽ اسان هڪ وقت ۾ قائد اعظم يونيورسٽي ۾ پڙهياسين. مون پڇيو ته يار هي گهر ڪنهن کي الاٽ ٿيل آهي. رڪارڊ گهرائي ٻڌايائين ته شمس الهديٰ جي نالي تي الاٽ ٿيل آهي. مون چيو ته هي گهر مونکي ڪپي چيائين ته منسٽر ڪندو. منسٽر هائوسنگ گهڻو ڪري صفوان الله خان يا ان سان ملندڙ نالو هيس ۽ ايم ڪيو ايم جو هيو. شهزاد چيو ته جمن ڪا تڪڙي سفارش وٺي وڃ، ايئن ٻڌائيندس ته ڪنهن ٻئي کي الاٽ ڪري ڇڏيندو. ٻاهر نڪري سڌو پارليامينٽ لاجز ۾ ويس، جو اتي منهنجي قائد اعظم

يونيورسٽي واري محبوبہ جي نندي ڀيڻ سينيٽر ۽ منسٽر آف اسٽيٽ هئي. مون وڃي ٻڌايو تہ هي مسئلو آهي. چيائين تہ هل، مان گڏجي سڏو منسٽر هائوسنگ وٽ وياسين. ميڊم چيو تہ هيءُ گھر ڪپي ۾ اڄ الاٽ ڪري ڏي. منسٽر چيو تہ ايئن ٿي ڪونہ ٿو سگھي تہ گھر خالي ٿيو هجي ۽ ڪنهن کي الاٽ نہ ٿيو هجي. منسٽر چيو تہ مان چيڪ ڪيان جيڪڏهن ڪنهن کي الاٽ ناهي ٿيل تہ مان اڄ الاٽ ڪري ٿو ڏيان منسٽر رڪارڊ گھرايو تہ گھر خالي ۽ ڪنهن جي نالي الاٽ ناهي ٿيل، منسٽر صاحب انهي وقت گھر جي الاٽمينٽ جو پروانو جاري ڪيو.

شهزاد کي چيو تہ يار گھر تہ الاٽ ٿي ويو پر گھر کي رنگ روغن جي ضرورت آهي، انهيءَ لاءِ ڪا ترڪيب ڪر. چيائين تہ ويهہ، انهيءَ وقت چيف انجنيئر کي فون ڪري چيائين تہ هن گھر جي لاءِ تخمينو لڳرائي موڪل تہ سپاٽي مان ٻي جي کي چوان. ٻئي ڏينهن انجنيئر آيو گھر گھمي ڦري پوءِ تخمينو ناهي ٻي جي ڏانهن موڪليو. شهزاد سان مون فون تي ڳالهايو ۽ ٻڌايو تہ تخمينو ٺهي ٻي جي ڏانهن پهچي ويو انهي وقت فون شهزاد ٻي جي کي ڪيو ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ گھر جي رنگ ڪرڻ لاءِ ڪم وارا پهچي ويا.

# وزير اعظم هائوس ۾ ڪجھ ڏينهن

گهر جي الاٽمينٽ ملڻ ڪانپوءِ انجي صفائي ۽ رنگ روغن ڪرائڻ کان پوءِ آڪٽوبر 2004ع جي پهرئين هفتي ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ آءِ ايٽ ڪيٽگري ون ۾ ٻارن سميت وڃي ڏوڙيو ڪيو. مونکي انتها جي خوشي تڏهن ٿي، جڏهن اتي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن دوست ٻڌايو ته سائين سنڌ جي مايناز شخصيت سائين مظهرالحق صديقي صاحب به پڻ هن گهر ۾ رهي چڪا آهن. انهي گهٽيءَ ۾ هڪ گهر ڇڏي ٻيو گهر ڇويهون نمبر اڳ ئي سدا ڪلڙو سائين سليم شيخ کي مليل هيو. انکان ٿورو اڳتي ٻي گهٽي ۾ سائين هردلعزيز ۽ مهربان دوست شهزادو شيخ ۽ محمد يوسف ميمڻ صاحب رهن پيا. انهي کان علاوه ڪيٽگري ٿو ۾ اسانجي سامهون واري گهٽي ۾ عبدالفتاح شيخ (ڊاڪٽر هوڙ) ۽ گهٽيون اڳتي محمد سليمان سهتو صاحب (سي ڊي اي) ۽ انهيءَ ساڳي گهٽيءَ ۾ مرحوم عبدالعزيز ميمڻ ۽ اويس ۽ هڪ اڌ ٻيا سنڌي آفيسر رهندا هيا.

جيئن ته اسان کي پهريون دفعو اسلام آباد گهر ۾ رهڻ جو موقعو مليو. اسان جي لاءِ عيد کان گهٽ خوشي ڪانه هئي. پر سردي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آڪٽوبر جي مهيني ۾ باقائدگي سان هيٽر هلائيندا هياسين.

فنانس منسٽري ۾ وڃڻ سان مونکي فنانشل ائڊوائيزر تعليم، ليبر، زراعت، نوجوان افيئرس، سياحت وغيره جون منسٽريون منهنجي حوالي ڪيون ويون ۽ مون کي آفيس ڊي بلاڪ ۾ منسٽري آف ايجوڪيشن جي پهرين منزل تي ڏني وئي. فنائنس ائڊوائيزر جو ڪم هوندو هيو ته منسٽري جي بجيٽ رليز ڪرڻ، بجيٽ پروپوزل کي رڪمينڊ ڪري بجيٽ ونگ ڏانهن موڪلڻ، اٽيچڊ ڊپارٽمينٽ جي بجيٽ جي پاس ٿيڻ تي نظر رکڻ وغيره وغيره. هرسال جي شروع ۾ هر منسٽري لاءِ فنانس منسٽري هڪ ٽارگيٽ ڏيندي هئي ته هيترا پرسينٽ بجيٽ ۾ واڌارو موڪليندا، انهي حساب سان هر منسٽري جي بجيٽ جي تياري لاءِ تجويزون فنائنشل ائڊوائيزر جي معرفت بجيٽ ونگ تائين موڪليون وينديون هيون.

2005ع جي آخر ۾ سائين سليم گل شيخ صاحب سيڪريٽري سياحت هيا، مونکي چيائون ته جمن مان چاهيان ٿو پي ٽي ڊي سي جو ڊائريڪٽر فنائنس تبديل ڪريان، جيڪڏهن تون اچڻ چاهين ته مان تنهنجي لاءِ سمري موڪليان. مون چيو ته مونکي ڪوئي اعتراض ناهي. شيخ صاحب سمري موڪلي پرائيم منسٽر ڏانهن. پرائيم منسٽر انوقت شوڪت عزيز هيو. انهيءَ دوران منسٽري هڪ

هفتي جي ٽريننگ لاءِ بينڪاڪ ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي اي آءِ ٽي لاءِ نامزد ڪيو. جنهن لاءِ ڊسمبر جي آخري هفتي ۾ اتي پهچڻو هيو.

شيخ صاحب ٻڌايو ته سمري پي ايم سيڪريٽريٽ پهچي وئي آهي، ڪنهن سان اتي ڳالهاءِ، جيڪڏهن ڪو تنهنجو اتي دوست آهي. جاويد محمود پي ايم سيڪريٽريٽ ۾ هيو جيڪو منهنجو بيجميٽ هيو. تنهن کي مون فون ڪيو ۽ چيو ته سردار صاحب اهڙي طرح سمري آيل آهي، انکي جلدي منظور ڪرائي موڪل، چيائين ته پارٽنر ٺيڪ آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو مان آفيس ۾ ويٺو هيم ته پي ايم سيڪريٽريٽ مان فون آيو. پي ايم سيڪريٽريٽ جي آپريٽر ٻڌايو ته جاويد محمود صاحب ڳالهائيندو. جاويد محمود صاحب لائين تي آيو ۽ پڇيائين ته پارٽنر ڇا ٿو ڪرين؟ مون چيو آفيس ۾ ويٺو آهيان. چيائين گهٽي دير ۾ پي ايم سيڪريٽريٽ پهچندين؟ مون چيو ته خير ته آهي؟ چيائين ته خير آ پر توسان ڪجهه ضروري ڳالهائڻو آهي. مون چيو ته مان اچان ٿو گيٽ تي نالو لکائي ڇڏيو. مان ويم جاويد محمود سان مليم، مونکي چيائين ته ڳالهه ٻڌ توکي "نه" ناهي ڪرڻي ۽ تون صرف "ها" ڪندين. مون چيو ته مسئلو ڇاهي؟ چيائين ته اسپيشل سيڪريٽري پي ايم صاحب جو ڊاڪٽر وقار مسعود جو چوڻ آهي ته پرائيم منسٽر جي پبلڪ ونگ ۾ هر صوبي جو جوائنٽ سيڪريٽري رکڻو آهي، تنهنڪري تنهنجي سيڪيورٽي ڪليئر ٿي پهچي وئي آهي، مٿان تنهنجي سمري ڊائريڪٽر فنانس پي ٽي ڊي سي جي پوسٽنگ لاءِ پهتي آهي، تنهنڪري خاموشيءَ سان توکي ها ڪرڻي آهي. ڊاڪٽر صاحب توسان ملڻ ٿو چاهي ۽ هو توکان رسمن پڇندو، هتي جي پوسٽنگ لاءِ، باقي تون نه به ڪندين، تڏهن به پوسٽنگ تنهنجي هتي ئي ٿيڻي آهي. مون سوچيو ته جيڪڏهن هنن اهو ارادو ڪيو آهي ته پوسٽنگ ته ڪندا، تنهنڪري خوشيءَ سان قبول ڪرڻ بهتر آهي. جاويد محمود کي چيو ته منهنجي ٻن ڪورسن ۾ نامينيشن ٿيل آهي، جيڪڏهن انهن ۾ رڪاوٽ نه ٿئي ته پوءِ مان حاضر آهيان.

# هارورڊ يونيورسٽي

جنوري 2006ع ۾ هارورڊ يونيورسٽي ۾ ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريٽرس ڪورس فار فائيو ويڪ آمريڪا.

اي آءِ ٽي بينڪاڪ هڪ هفتي لاءِ ڊسمبر 2005ع.

مان ۽ جاويد محمود ٻئي وڃي ڊاڪٽر مسعود سان ملياسين. مونکي چيائين ته اسان توکي هتي رکڻ ٿا چاهيون. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ مون چيو ته مونکي ڪوئي اعتراض ناهي. باقي هي ٻه شارٽ ڪورس آهن. تنهن ۾ مونکي وڃڻ ڏيندا. ڊاڪٽر مسعود چيو ته ٺيڪ آهي ڪوئي مسئلو ناهي. ڊاڪٽر وقار مسعود اردو اسپيڪنگ آهي. ۽ ڊاڪٽر ڪي بي بي شهيد ڊائريڪٽ ويهين گريڊ ۾ ليٽرل انٽري تحت اپائنٽ ڪيو هيو. پر هُو سنڌين لاءِ دل ۾ ڪڏهن به سٺو ڪونه سوچيندو هيو.

ٻئي ڏينهن منهنجي پرائيم منسٽر سيڪريٽريٽ جي پبلڪ ونگ افيئر ۾ پوسٽنگ ٿي وئي. نوٽيفڪيشن جي ملڻ کانپوءِ مون وڃي پي ايم سيڪريٽريٽ ڊسمبر 2005ع جي گهٽو ڪري ٻئي هفتي ۾ جوائن ڪيو.

هفتي کن کان پوءِ مان هفتي جي ٽريننگ لاءِ بينڪاڪ ويس. ٿائيلينڊ ۾ ٽريننگ جي دوران ٻن ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي مختلف جاين تي وٺي ويندا هيا. پٽايا جي بيچ تي وٺي ويا. ٿائيلينڊ ۾ تمام وڏو ٽيمپل ٺهيل آهي. جنهن ۾ گوتم ٻڌ جو انتهائي وڏو مجسمو پيل هيو. ٿائيلينڊ ٻڌسٽ مذهب سان تعلق رکندڙ ملڪ آهي. جنهن ۾ تقريباً پنج سيڪڙو مسلمان آباد آهن.

ٿائيليند ۾ ڪافي تاريخي جايون سياحن جي گهمڻ جو مرڪز آهن.

بينڪاڪ کان واپسي تي وزيراعظم جي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پبلڪ افيئر ونگ جو ڪم صرف پارليامينٽيرين جي مسئلن متعلق هيو. پاڪستان ۾ جيئن ته چار صوبا آهن. تنهنڪري چار مختلف ونگ ٺهيل آهن. پنجاب، ڪي پي ڪي، سنڌ ۽ بلوچستان. سنڌ ۽ بلوچستان سان لاڳاپيل سينيٽر ۽ ايم اين اي جا مسئلا خاص ڪري ترقياتي نوعيت جي ڪمن جي نگراني منهنجي حصي ۾ هئي. جنهن ۾ عوامي نمائنده پنهنجي پنهنجي علائقي متعلق ترقياتي اسڪيمن جي لسٽ ڏيندا هيا. پوءِ اسين انهن ادارن کان خرچ جو تخمينو لڳرائڻ لاءِ موڪليندا هياسين. مثلاً گئس، بجلي ۽ ٻيا ننڍا روڊ رستا ۽ ٻيون اسڪيمون. جن سان اتان جي عام ماڻهن کي فائدو رسي وغيره.

جڏهن انهن اسڪيمن جي خرچ جو تخمينو اچي ويندو هيو. جيڪو عمومن تمام گهٽو هوندو هيو. پوءِ واسطيدار عوامي نمائندي سان رابطو ڪري ٻڌائيندا هياسين ته وزير اعظم صاحب هيترا فنڊ

منظور ڪيا آهن ۽ توهان جون اسڪيمون انهيءَ منظور ڪيل رقم کان وڌيڪ آهن. توهان اچي انهن جو جائزو وٺو پوءِ انهن اسڪيمن مان جيڪا توهان چاهيو انهيءَ جي لاءِ منسٽري فنانس کي لکون. عوامي نمائندو ڪڏهن پاڻ يا ڪنهن ٻئي کي موڪليندو هيو ته هيءُ هيءُ منهنجون اسڪيمون آهن، انهن منظور ڪيل رقم ۾ فائنل ڪري فنانس کي لکو. اسين بعد ۾ عوامي نمائندي جي پنهنجي دستخط سان موڪليل اسڪيمن جي لسٽ ۽ منظور ڪيل رقم متعلق نوٽ ناهي، وزيراعظم ڏانهن موڪلي ڏيندا هياسين. وزيراعظم ڪڏهن انهيءَ لسٽ تي پنهنجي منظوري ڏئي واپس موڪليندو هيو يا وري اسپيشل سيڪريٽري کي گهرائي انهيءَ بابت هدايتون ڏيندو هيو. جڏهن وزيراعظم کان لسٽ منظور ٿي ايندي هئي ته ان هر منظور ڪيل اسڪيم ۽ انجو تخمينو ساڻ لڳائي هڪ ڊائريڪٽو جاري ڪندا هياسين، جنهن تي ايڊيشنل سيڪريٽري پبلڪ افيئر ونگ دستخط ڪندو هيو. انهيءَ کان پوءِ آفيس جو نمبر هٽي لاڳاپيل ڊپارٽمينٽ ڏانهن روانو ڪندا هياسين. هر ٻئي ٽئين مهيني هڪ ميٽنگ ٿيندي هئي، جنهن ۾ متعلق ڊپارٽمينٽ پراگريس رپورٽ ناهي ايندو هيو ته وزيراعظم آفيس مان هن نمبر سان هي ڊائريڪٽو آيو جنهن ۾ هيءُ هيءُ اسڪيمون هيون، فلاڻي تاريخ تي آيو. فنانس فلاڻي تاريخ رقم جاري ڪئي، اسان ان تي هيءُ هيءُ عمل ڪيو، هيترو خرچ ٿيو ۽ اسڪيم جو ڪم هيستائين ٿيو آهي. وغيره وغيره.

جنوري 2006ع جي پهرئين هفتي اسان تقريباً چاليهہ پنجيتاليهہ سينيئر آفيسرن کي هارورڊ يونيورسٽي ۾ پنجن هفتن جي هڪ اسپيشل ٽريننگ تي موڪليو ويو. جنهن ۾ مان ۽ عبدالغفار سومرو صاحب سنڌي هياسين، باقي پنجابي، پٺاڻ، ڪشميري ۽ اردو ڳالهائڻ وارا هيا. بلوچستان جو ڪو بہ ڪونہ هيو. منهنجو نالو انهي ڪري آيو جو انوقت مان فنائنس منسٽري ۾ هيس ۽ پروگرام کي ترتيب بہ فنانس ڊويزن ڪيو هيو ۽ سائين عبدالغفار سومرو صاحب گهٽو ڪري مرڪزي سرڪار جي ڪوائلٽي ڪنٽرول اٿارٽي جو هيڊ هيو. باقي سنڌ مان سليم خان ۽ ان جي زال رخسانہ سليم هئي. انهيءَ ٽريننگ لاءِ اهو پهريون بيچ هيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ٻيا سينيئر آفيسر ويهين ۽ ايڪويهين گريڊ جي انهن آفيسرن کي گهٽو ڪري جن جي عمر پنجونجاهہ سالن کان مٿي نہ هجي.

هارورڊ يونيورسٽي دنيا جي پهرين پنجن نمبرن يونيورسٽين مان هڪ تاريخي ۽ پراڻي يونيورسٽي آهي. هارورڊ يونيورسٽي 1639ع ۾ ميسچوسٽ اسٽيٽ جي بوسٽن شهر ۾ آمريڪا جي اوڀرندي پاسي ۾ آهي. بي انتها سردي وارو علائقو آهي. بوسٽن جي شهر ۾ دنيا جون بہ وڏيون ۽ دنيا جي پهرين پنجن يونيورسٽين مان هتي آهن. هڪ هارورڊ ۽ ٻي ايم آءِ ٽي ميسہ چوسٽ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي.

هارورڊ ۾ اسان کي رهائش لاءِ سولجر بئريڪس جي اپارٽمينٽ ۾ ڏنا ويا هيا، جيڪي تقريباً اڌ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هوندا هيا. رستي ۾ هڪ ننڍي ندي چارلس جي نالي سان وهندي هئي. سردي جو اهو عالم هيو جو جيڪڏهن نڪ بہ ظاهر رکندا هياسين تہ نڪ ڄمي ويندو هيو جيڪڏهن هٿ لائبو هيو تہ محسوس ڪونہ ٿيندو هيو. چارلس ندي جنهن جي ويڪر تقريباً بہ سؤ فوٽ هئي، صبح جي وقت اڪثر مان ڏٺو تہ ماڻهو ان نديءَ ۾ سائڪلنگ ڪندا هيا. يعني سڄي وهندڙ ندي ڄمي

برف ٿي ويندي هئي، ڪڏهن ته ٻه چار ڏينهن برف جميل هوندي هئي، وري جڏهن سج نڪري ڪجهه پنهنجو جوهر ڏيکاري ته پوءِ محسوس ٿيندو هيو ته پاڻي هلي ٿو.

ٽريننگ پروگرام ۾ رهائش، ماني ٽڪي، ٽڪيٽ، ٽيوشن في ۽ ڪجهه جيب خرچي شامل هئي. هارورڊ يونيورسٽي ايراضي ۾ ڪافي وڏي آهي، تقريباً ٻه سو ايڪڙ زمين کان گهٽ زمين تي آهي. جمعي نماز لاءِ اسان کي يونيورسٽي جي پرسان هڪ چرچ هوندو هيو جنهن ۾ اسان نماز پڙهڻ ويندا هياسين. ڪافي وڏي جماعت ٿيندي هئي. مان سمجهان ٿو ته تقريباً چار پنج سؤ ماڻهو جمعي نماز ۾ شامل ٿيندا هياسين. سڀ کان وڏو مسئلو اهو هوندو هيو جو باٿ روم ۾ هڪ يا ٻه ڪيو ته نه شاور هوندو هيو نه وري ڪا ٻي پاڻيءَ جي ٽيوٽي، ويسٽ پيپرن مان ڪم هلايو. مان انهيءَ لاءِ اهو ڪندو هيس ته چڱو ٿهو ويسٽ پيپرن جو ڪٽي، ان کي واش بيسن مان پاڻي سان ٺمتار ڪري ساڻ ڪٽي وڃي هڪ ڪندو هيم، انهيءَ کان پوءِ ان ويسٽ پيپر جي ٿهي کي مٿان نچوڙي مسلم شاور وارو ڪم وٺندو هيم. باقي دعا گهرندا هياسين ته ڪڏهن ٻن جي حاجت نه ٿئي. اها ٻه واري حاجت پنهنجي رهائش واري ڪمري ۾ ڪري ايندا هياسين.

بوسٽن شهر ۾ ٻه چائنا ٽائون جي نالي سان علائقو ۽ چائنيز هوٽل ٻه هيا. هڪ ويڪ اينڊ تي مان ۽ سائين عبدالغفار سومرو صاحب نيويارڪ وڃڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن اسان ٻئي بس اسٽينڊ تي پهتاسين، بس جي ڪرائي جي پڇا ڪئي سين. ساڳي هنڌ ٻه بس اڏا هيا، آمريڪن بس سروس گريهونڊس ۽ چائنه بس سروس.

ڪرائي ۾ اڌ تي اڌ فرق، جيڪو ڪرايو هڪ پاسي جو بوسٽن کان نيويارڪ تائين آمريڪي بس وٺي پئي. اوترو ئي ڪرايو چيني ٻنهي پاسن جو پيا وٺن. سهولتون سڀ هڪجيتريون. اسان چائنه جي بس سروس وسيلي نيويارڪ گهمڻ وياسين. منهنجو دوست محمد اسلم پٽي اسان کي وٺڻ آيو ۽ اسان کي هڪ رات ۽ سڄو ڏينهن نيويارڪ گهمايائين. پٽي صاحب جي دوست ملڪ شهزاد ٻه اسانجي خوب خاطرتوازن ڪئي. اسان ٻئي ڏينهن واپس بوسٽن موٽي آياسين. جڏهن اسان هارورڊ ۾ هياسين ته تقريباً ٻه ڏينهن لڳاتار برف جو طوفان هليو روڊ رستا برف سان ڍڪجي ويا، سردي ٻي انتها تي وئي، پر ڪلاس ٽائيم تي سڀ هلن پيا. فيبروري جي پهرئين هفتي ۾ ٽريننگ پروگرام پورو ٿيو. منهنجو جگري دوست سائين ممتاز پٽو صاحب ميري لينڊ اسٽيٽ جي شهر هيگرس ٽائون (Hagerstown) ۾ لڏي وڃي آباد ٿيو آهي، تنهن جهاز جي ٽڪيٽ موڪلي مان بوسٽن کان سڌو واشنگٽن ڊليس ايئرپورٽ تي آيم، جتي اڳ ۾ ئي سائين ممتاز پٽو صاحب انتظار پيو ڪري.

# واشنگٽن ۽ ماسڪو جا مزا

واشنگٽن جي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري آيم ته منهنجو دلدار دوست سائين ممتاز پٿو صاحب پنهنجي پٽ سميت ايئرپورٽ جي ٻاهران انتظار پيو ڪري. جڏهن اسان جي هڪٻئي تي نظر پئي جڻ ته مڇيءَ کي پاڻي ملي ويو. هڪدم ٻکين پئجي وياسين. خوشي جي ڪا انتها ڪانه هئي. ائين ملياسين جيئن سائين غلام فريد چيو ته:

”وڇڙي ڪونج قطارا“

کان پوءِ مليون هجن. سيءَ به جوبن تي هيو. پر دوست جي پاڪر ۾ اچڻ کان پوءِ سردي ته الائي ڪيڏاهن ڀڄي هلي وئي. سردي ايئن ڀڄي وئي جيئن گڏهه تان سڱ هليا ويا هجن. سامان گاڏي ۾ رکي پوءِ سٺ ستر ڪلوميٽر واشنگٽن شهر کان پري ميري لينڊ اسٽيٽ (Maryland) جي هڪ خوبصورت شهر هيگرس ٽائون ۾ پهتاسين. جتي سائين ممتاز پٿو صاحب جا ٻار شدت سان انتظار ۾ ويٺا هيا. سڀ ملياسين. اسانجي ڀاڄائي گهر ۾ وڏي چاهت سان سنڌي طعام تيار ڪيا ۽ وڏي پيار ۽ پاٻوه سان کائڻ جي ميز کي طعامن سان سجايو. گهڻا ۽ لذيذ طعام ڏسي دلبر پيٽ کائڻ کان اڳ جڻ ته ٻک کي پچائي ڪڍيو. پوءِ آهستي آهستي ڪڏهن ممتاز ته ڪڏهن اسانجي ڀاڄائي ڏوين پري منهنجي پليٽ وجهندا وڃن پيا. ۽ چون ته ياءُ هي ڇا آهي هيٽري ته اسان وٽ جهرڪي کائي ويندي آهي ۽ توهان لڳي ٿو ته لڄ ٿا ڪريو. پنهنجو پيٽ ايترو ته طعام کائي ڦوڪجي ويو جو ڪرسي تان اٿڻ به محال ٿي ويو. ڪافي دير تائين سنڌ سونهاري جي وٺن ٽڻن پوک پلاءَ. يارن دوستن جون خبرون هڪٻئي کي ڏنيون سين ۽ ورتيون سين. ممتاز سائين رکي رکي ڪنهن نه ڪنهن دوست جو ذڪر ڪري انهن کي واري واري سان سيني کي ياد ڪندو وڃي ۽ انهن سان گهاريل گهڙيون بار بار ياد ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪندو پئي ويو.

هر پنجن منٽن کان پوءِ مرحوم پاشا کهڙو، مسعود کهڙو، مرحوم امداد پٿو عرف پائو، ذوالفقار مگسي، ڊي آءِ خان جو ڪنڊي نالو ياد ناهي، رمضان مغيري، مير منل مغيري، مرحوم عليڏنو انڙ، مرحوم سڪندر ٻگهيو، پنهنجي وڏي ڀاءُ منظور پٿو ۽ ڊاڪٽر لياقت پٿو ۽ ٻين جي تمام سٺن لفظن سان تعريف ڪري يادون تازيون ڪندو رهيو. بهرحال اهو بلڪل واضع هيو ته سنڌ ۽ سنڌ جي ماروئڙن جي اڪير هر حال ۾ ستائي ٿي. جيترو پري پنهنجي ڏيهه کان گهاري ٿو چاهي اتي ڪيترو به آسودو ۽ پرامن زندگي گذاري ٿو پر وري به ڊول فقيروانگر:

عمـــــر مـــــون نٿـــــا وســــرن، ويـــــــڙهيچن جـــــا واڙا،
پـڄـــــي پـــــور ٿينـــــدءِ ڪنجيـــــون ڪلـــــف تـــــاڙا.

رات تہ صرف ڳالهين ۾ گذري وئي ۽ سموري وقت ۾ ننڊ جو ڪو احساس ڪونہ ٿيو. بس ٿوري دير لاءِ اکيون مس ٻوٽيون تہ فجر جو ٽائيم ٿي ويو. يعني سياري جي ڊونڊ رات جيڪا الاهي گهٽي وڏي هوندي آهي، اها سڪڙجي اونهاري جي راتين وانگر ٿي وئي. خير جو صبح ٿيو نيرن جي ماني ڪاڌي سون، پوءِ شهر گهمائڻ لاءِ مختلف جاين تي وٺي ويو ۽ پنهجي دوستن سان ملاقاتيون ڪرائي واپس اچي گهر پيڙا ٿياسين. ٻئي ڏينهن جمعة المبارڪ هيو. ممتاز پتو جي گهر جي پرسان چڱي وڏي مسجد هئي اتي وڃي جمعي نماز ادا ڪئي. تقريباً ٽي سادا ٽي سؤ کن ماڻهو جمعي نماز ۾ شامل هيا.

ممتاز پتو صاحب تعلقي ميروخان جي پرسان ڳوٺ محمود خان پتو جو رهواسي ۽ محمود پتو جو لاڏلو فرزند آهي. مان جڏهن 1984ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادڪوٽ هيس تہ انهيءَ وقت ممتاز صاحب ٽوف چوسول يونين ڪائونسل جو چيئرمين هيو.

هيگرس ٽائون کان پرپرو سنڌي فيملين جي گڏجاڻي رٿيل هئي، مونکي بہ ساڻ وٺي ويو. اتي بہ ڪافي دوستن سان ملاقات ٿي جيڪي ورهين کان اتي آمريڪا ۾ آباد ٿي ويا آهن. اهي دوست اتي ڪافي خوشحال زندگي گذارن پيا. پر جڏهن بہ سنڌجي ڳالهہ ٿيندي هئي تہ اُهي ڪجهہ لمحن لاءِ ماضي ۾ گم ٿي پنهنجي عزيز اقاربن جي تلاش ۾ محو ٿي پي ويا. جنهن جا اثر انهن جي چهرن تي چٽا نظر اچن پيا.

1989ع کان پوءِ سائين علينواز ميمڻ صاحب سان سندس گهر تي ملاقات ٿي ۽ رات جي ماني گڏجي ڪاڌي ۽ گذريل وقت کي ياد ڪري خوب دل وندرائي. سائين علي نواز چاوا تہ شڪارپور ۾ پر تعليم شروعات واري لاڙڪاڻو ۾، اعليٰ تعليم کان وٺي گذريل ڇهہ ڏهاڪن کان آمريڪا جي پاڻ کي حوالي ڪيو اٿن. پر اڄ بہ سنڌ سان محبت سندس وار وار ۾ خوب سمايل آهي. پاڻ واشنگٽن کان ٿورو پنڌ پري رهن ٿا. ۽ ماشاءَ الله اتي بہ پنهنجي علائقي جي روح وانگر هر هڪ جي جسم ۾ رليل آهن.

اتي وڃڻ کان پوءِ محسوس ٿيو تہ هڪ هفتو هتي گهمڻ لاءِ تمام گهٽ آهي. مونکي خبرئي ڪانہ پئي تہ هڪ هفتو ڪيئن گذري ويو! ممتاز سائين جو اصرار هيو تہ مان اڃان ڪجهہ وقت وڌيڪ رهان، پر اهو منهنجي لاءِ ممڪن ڪونہ هيو. جو مونکي مشڪل سان هڪ هفتو ايڪس پاڪستان ليو ملي هئي. پروگرام مطابق مون ريلوي جو سفر شروع ڪيو. واشنگٽن کان نيو يارڪ جو اتان منهنجي واپسيءَ جي ٽڪيٽ ورتل هئي.

ممتاز جڏهن پاڪستان ۾ هوندو هو يا جڏهن آمريڪا اچي آباد ٿيو تہ مان مذاق خاطر کيس هميشہ ڏاڙي ڪوٺيندو هيم. هينئر بہ جيستائين مان ممتاز کي ڏاڙي نہ چوان، تيستائين سڪ پوري ڪونہ ٿيندي آهي. ممتاز کي ويسر جي گهٽي عادت آهي، جنهن ڪري جڏهن ڪنهن شئي لاءِ ها ڪندو آهي پوءِ اها ڳالهہ وسري ويندي آهي، تنهنڪري مان کيس ڏاڙي چوندو آهيانس. باقي دل جو بلڪل صاف ۽ اجرو ڪنهن جي لاءِ پنهنجي من ۾ بغض ڪونہ رکي. دوستي ياري جو ڪوڏيو نياڻ وارو جوان ۽ منهن تي سچ چئي ڏيڻ وارو عظيم انسان آهي.

الله جي در دعا آهي تہ اسان جي هن انمول درياءِ دل دوست سائين ممتاز پٺو عرف ڏاڙي کي ۽ سندس اولاد کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي.

فيبروري 2006ع ۾ پاڪستان پهچي پنهنجي ڪرت سان لڳي وياسين. اپريل جي مهيني ۾ ليٽر مليو تہ نيشنل ڊفينس ڪاليج ۾ هڪ سال جي ٽريننگ لاءِ سليڪٽ ڪيو آهي. انوقت اين ڊي سي جي ڪيل ڪورس جي ڊگري قائد اعظم يونيورسٽي ڏيندي هئي. هن وقت اين ڊي سي پاڻ يونيورسٽي ٿي وئي آهي.

گريڊ ويهين کان ايڪويهين جي پروموشن واسطي اسٽاف ڪاليج لاهور يا نيشنل ڊفينس ڪاليج اسلام آباد ٻنهي مان هڪ ڪرڻو هوندو آهي، انهيءَ کان بغير پروموشن جي لائق ڪونہ ٿيندو. اسٽاف ڪاليج جو مدو ڇهہ مهينہ جڏهن تہ اين ڊي سي جو هڪ سال هئي. هينئر اها بہ ڇهہ مهينا ڪئي وئي آهي. وزيراعظم آفيس وارن اسٽيب ۽ اين ڊي سي وارن کي لکيو تہ اسين سال لاءِ آفيسر کي اسپيئر ڪري ڪونہ سگهنداسين، انهيءَ ڪري اين ڊي سي جي بجاءِ اسٽاف ڪاليج لاهور نامينيٽ ڪيو. ٿوري عرصي کان پوءِ ٻيو ليٽر اچي مليو تہ اسٽاف ڪاليج جي ٽريننگ لاءِ نامينيٽ ڪيو ويو آهين، جولاءِ 2006ع کان اسٽاف ڪاليج لاهور ۾ اين ايم سي (NMC) لاءِ رپورٽ ڪيو. اسٽاف ڪاليج جو پرنسپال هينئر ريڪٽر گهڻو ڪري رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل جاويد هيو. جنرل صاحب جنرل مشرف جو خاص ماڻهو هيو ۽ ڪارگل جي جيڪا بہ حڪمت عملي هئي، چون پيا تہ هيءُ انجو روح روان هيو. انهيءَ ڪري سنڌين سان في سبيل الله گهٽي محبت هوندي هيس. هڪ دفعي ڪلاس هليو پئي تہ هن ٽانٽ ڪندي سنڌي ماڻهو چوندي انهيءَ حد تائين وڃي نڪتو تہ ڄڻ ملڪ جا سڄڻ صرف هي آهن ۽ پاڪستان جي نالائق ترين قوم صرف سنڌي آهن. جنرل جو هميشہ هڪ ڊڪٽيٽر وارو رويو هوندو هيو هر ڪنهن سان ۽ ڪنهن بہ قسم جي مخالفت برداشت ڪونہ ڪندو هيو. مان ليڪچر هلندي اٿي چيو تہ اهو سڄو ڪوڙ ۽ ڊرامو سنڌين جي لاءِ توهان پيدا ڪيو آهي. جنرل صاحب غصي ۾ چوڻ لڳو تہ ويهي رهہ، مون چيو تہ تون جيڪو ڪجهہ چيو اهو غلط آهي. مون چيو جنرل صاحب مان ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڊي سي رهيو آهيان ۽ مون وٽ ثبوت آهن تہ جنرل صاحب جو لهجو ٿڌو پئجي ويو ۽ پوري ڪلاس جي سامهون چيائين تہ مان پنهنجا لفظ واپس ٿو وٺان. منهنجي چوڻ جو اهو مقصد ڪونہ هيو جيڪو تو سمجهيو پر مان وري بہ پنهنجا چيل لفظ واپس ٿو وٺان. ڪلاس ختم ٿيو چيف انسٽرڪٽر مسٽر شاهد راجہ مونکي گهرايو ۽ چيائين تہ منهنجي طرفان شاباس هجي جو جنرل صاحب کي پهريون دفعو تو قابو ڪيو ۽ پنهنجا لفظ وٺڻ تي مجبور ٿيو. راجہ شاهد صاحب ڊي ايم جي جو ۽ اسان کان چار سال سينيئر هيو.

بهرحال جنرل صاحب کي منهنجو اهڙي طرح ڪلاس ۾ چوڻ هرگز گواره ڪونہ هيو. تنهن ڪري هميشہ هو مونکي شڪي ۽ اٽونڊڙ واري نگاه سان ڏسندو هيو. 2006ع نومبر ۾ فارين ٽوئر جو پروگرام ٺهيو جيڪي چوائس اسان کان ورتي هئي، مونکي انجي برعڪس ٻئي پاسي راونو ڪيو. هر شئي ۾ الله جي حڪمت هوندي آهي، مان ۽ ٻيا ڪجهہ ساٿي روس ڏانهن اسٽڊي ٽوئر تي وياسين. ماسڪو لينن گراڊ ۽ هڪ ٻن شهرن ۾ تقريباً پندرنهن ڏينهن رهياسين. سردي ۾ برو حال، آمريڪا واري سردي

ته روس جي سردي مقابلي ۾ ڪجهه ناهي. سردي مائنس ويهه کان چوويهه پئي گهمي. ماسڪو ۾ اسانکي هڪ هوٽل تي وٺي هليا، سرديءَ ۾ اسان جي جان پئي نڪري ته اتي جيڪي هيا تن چيو ته سردي روڪڻ جي لاءِ هتان جو پاڻي پيئڻ تمام ضروري آهي پر انجي توهان کي ٽيسٽ شايد مزو نه ڏئي، پر سردي جي لاءِ اڪثير آهي. ڏسڻ ۾ بلڪل پاڻي جهڙو پر ٿورو گهاٽو. گرائيپ واٽر واري بوتل جيتري پر ٽرانسپيرنٽ هئي. ان تي جيڪي ڪجهه لکيل هيو اهو رشين زبان ۾ هيو، تنهن ڪري سمجهه ۾ ڪونه پيو اچي ته ڇا لکيل آهي. بهرحال هڪ گلاس پيري اڳيان رکين مون به ڪٽي سپ هنئي، جيئن نڙي مان هيٺ لهندي وئي تيئن ڪنن مان نڪاءُ ۽ دونهون نڪرندو ويو. ٽيسٽ به هڪ عجيب قسم جي جيئن تيئن ڪري به ٽي ڍڪ پريا ڪنن مان دونهان نڪرندا ويا ۽ جسم مان سردي ختم ٿي وئي ۽ ماني به ڊيٺو ڪري کاڌي. ماني کائي جڏهن واپس آياسين، هوٽل تي آرام ڪرڻ کان پوءِ صبح جو لينن گرانڊ روانا ٿياسين. ٻئي ڏينهن تي خبر پئي ته اهو رات وارو پاڻي دراصل رشين برانڊي هئي.

لينن گرانڊ ۾ زار بادشاهه جا محلات ۽ انهن جي دفن ٿيڻ جون جايون ڏسي اچي هوٽل تي پهتاسين. اتي ٻڌائن پيا ته جولاءِ جي مهيني ۾ ڪجهه ايتريون ننڍيون راتيون ٿينديون آهن، جو مغرب نماز کان ٿورو بعد صبح جي آذان جو وقت ٿي ويندو آهي.

ماسڪو روس جي گادي وارو شهر ۽ تاريخي شهر آهي. 2006ع ۾ شهر جي آبادي تقريباً هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ هئي. هيءُ موسڪوا ندي جي ڪناري تي اڏيل هڪ خوبصورت شهر آهي. اتي ڪنهن دوست ٻڌايو ته ماسڪو جي انڊرگرائونڊ ريلوي سسٽم جوڙڻ لاءِ گهٽي پاڳي ٻي مهاڀاري جنگ جي قيدين کان ڪوتائي جو ڪم ڪرايو ويو. ماسڪو 1918ع کان وٺي رشين فيڊريشن جو گادي وارو شهر ٿيو انهيءَ کان اڳ سينٽ پيٽرس برگ گادي جو شهر هيو. ماسڪو شهر ۾ هڪ پارڪ جي پرسان وڏي شاندار مسجد هئي، جيڪا تقريباً ستر سال بند هئي، جيڪا هينئر کليل هئي ۽ اسان کي ظهر نماز پڙهڻ جو موقعو نصيب ٿيو. مونکي چڱي طرح ياد ناهي، ماسڪو باقي بلڪل هڪجهڙيون پنج يا ست وڏيون بلڊنگون نهيل هيون، جيڪي تمام شانائتي انداز ۾ جڙي راس ٿيون هيون. انهن بلڊنگن مان هڪ يونيورسٽي ۽ ٻي هڪ بلڊنگ ۾ اسان کي رشين فيڊريشن جي فارن آفيس جي آفيسر اسان کي روس متعلق بريفنگ ڏني. مون اتي اهو محسوس ڪيو ته اتي هر ڀيو ماڻهو هڪٻئي کان ڪلي طرح ڳالهه بيان ڪرڻ ۾ ڊڄي پيو ته متان هي منهنجي خلاف مٿي رپورٽ نه ڪري. ايئن پئي لڳو ته هر هڪ ٻئي کي ڪي جي بي جو ايجنٽ پيو تصور ڪري. گورنمينٽ جو خوف سيني جي مٿان تلوار وانگر لٽڪيل هيو. 1992ع کان پوءِ پرائيويٽ پراپرٽي وٺڻ جي شروعات ٿي، جنهن جو گهٽو فائدو يهودين ورتو. ماسڪو ۾ هن وقت ڪيترائي ڪرب پٽي ماڻهو رهن ٿا. ماسڪو جي ڀرواري هوٽل ۾ جتي اسان رهيل هياسين، اهو هوٽل هڪ پاڪستاني پنجاب واسي جو هيو، تنهنڪري ڪائڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس ڪانه ٿي، پاڪستاني کاڌو مليو پئي. سينٽ پيٽرس برگ ۾ به جنهن هوٽل ۾ رهياسين، انجو انتظام به پاڪستاني پنجاب واسي جو هيو، پوءِ اها خبر ناهي ته هو انجو مالڪ هيو يا نه.

# وهاڙي ۾ منهاس فارم جو دورو

روس جي اسٽڊي ٽوئر کان واپس اچي، جيڪي ڪجهه اتي گهميو ۽ ان ملڪ بابت جيڪا ڄاڻ ملي، ان متعلق رپورٽ ناهي گروپ جي شڪل ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪبي آهي ته جيڪڏهن ان رپورٽ کي ڪنهن دوست نه سمجهيو آهي ته انهيءَ رپورٽ تي سوال جواب ڏئي سڄي ڪلاس ۽ فيڪلٽي جي ميمبرن کي مطمئن ڪرڻ هوندو آهي. اسان جيڪي به روس جي اسٽڊي ٽوئر تي ويل هياسين سيني گڏجي رپورٽ تيار ڪئي ۽ سڄي ڪلاس ۽ فيڪلٽي جي ميمبرن کي سوالن جا جواب ڏئي مطمئن ڪيو.

اسٽاف ڪاليج جي دوران ملڪ اندر ڪيترن ئي ادارن جو مطالعاتي دورو به پڻ ٿيندو آهي. پنجاب جي هڪ ڪامياب زميندار جي فارم تي ضلعي وهاڙي ملتان ۽ خانيوال لوڌران روڊ جي پرسان گهڻو ڪري نالو ممتاز منهاس ذات جو پروگريسو زميندار جي ڊيري تي وياسين. منهاس صاحب جي ڊيري کان خانيوال ۽ ملتان تقريباً هڪجيتري پنڌ تي آهن. ملتان کان جيڪو روڊ وهاڙي وڃي ٿو ۽جنهن جاءِ تي خانيوال لوڌران روڊ پاڻ ۾ ملي هڪ چوڪ ٺهي ٿو ان چوڪ کان اوپر اتر وهاڙي طرف تقريباً ڇهه ست ڪلوميٽر پنڌ تي وهاڙي ڏانهن ويندي کبي هٿ تي منهاس صاحب جي اوطاق آهي. اوطاق جو اڱڻ تقريباً ٽي چار ايڪڙ ايراضي تي مشتمل آهي. انهيءَ ۾ مال جا مختلف واڙا ٺهيل هيا. انهن واڙن ۾ مختلف قسم جا جانور پاليل هيا. جنهن ۾ مينهون، ڳئون، ٻڪريون جون جدا جدا جنسون هيون. منهاس جو پورو ويڙهو بجلي ۽ رڌ پچاءَ لاءِ گئس ۽ ٽيوب ويل کي هلائڻ لاءِ بجلي پنهنجي مال جي ڇيڻن مان پيا جنريٽ ڪن. جيئن ته مونکي ٽيڪنيڪل معلومات ناهي، تنهن ڪري مان ان متعلق صحيح ڄاڻ ڏيڻ کان قاصر آهيان. باقي جيڪو مون ڏٺو ۽ ياد اچي پيو، ٿي سگهي ٿو ته مان ڳالهين کي اڳي پوءِ ڪري وڃان.

گندي وانگر هڪ وڏو ٽانو ٺهيل هيو جنهن ۾ صبح جو هر روز مقدار مونکي ياد ناهي، پر تقريباً ٽيهه چاليهه ڇج ڇيڻن جا ان گندي ۾ وجهندا آهن. انڪان پوءِ مٿان مضبوط ڍڪ ڏئي ڇڏيندا آهن. ان ۾ ياد ناهي ڪجهه ڪيميڪل وغيره وجهي بند ڪندا آهن. انهيءَ ڪيميڪل ۽ ڇيڻن جي ردعمل ڪري ڪا گئس نڪرندي آهي، جنهن کي پائيپ ذريعي هڪ هنڌ جمع ڪري پوءِ باهه ٻارڻ لاءِ جدا پائيپ لائين جو ان پوائنٽ تائين جوڙيندا آهن. بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ به پائيپ لائين جي ذريعي اها گئس اتان ڪٽي ٽيوب ويل جي جنريٽر تائين پهچائي پوءِ ٽيوب ويل به هلي پيو ته ڪٽر واري مشين به

هلي پئي. گندي جنهن ۾ ڇيٽا وڏا هيا، ان مان سوراخ ذريعي ڇيٽا پاٽياتان ٽي ٽيوب ويل هڪ هودي اڳيان اڇي جمع پيا ٿين. جنهن وقت ٽيوب ويل چالو ٿئي ٿو ته ٽيوب ويل جي پاڻي سان گڏجي اهو ڇيٽن وارو پاڻي زمين ۾ وڃي پيو. تقريباً سٺ ستر ايڪڙن تي ڪٽڪ جوفصل پوکيل هيو. منهاس جي چوڻ مطابق اسين پنهنجي زمين ۾ يوريا ۽ ڊي اي پي جواستعمال ڪونه ڪيون. مال جو ياڻ بجلي پيدا ڪندو ٽيوب ويل کي هلائيندو پوري زمين ۾ هڪجيترو هر جاءِ تي پاڻي سان گڏ وٽاڻ جو ياڻ پهچي وڃي ٿو. مون ڏٺو ته ڪٽڪ جو فصل نهايت طاقتور تيلي سان ڇچ ڪارو لڳو پيو هيو.

2006ع ۾ منهاس صاحب ٽنيل فارمنگ ڪري پيو. اسان کي اتي وٺي ويو. ڏٺوسين ته سفيد پلاسٽڪ تقريباً پنج ڇهه فوٽ ويڪروءِ اوترو اوچو گولائي تي لڪڙين جي نيڪ تي پلاسٽڪ ٿئي پاسا ڏنل هئي. يعني زمين جي هڪ پاسي کان مٿان ڦيرائي، ٻئي پاسي زمين تائين اهڙيءَ طرح بند ڪيل هئي، جو ٻاهرين گرم يا سرد موسم جو انهي اندر پوکيل سبزي تي ڪو به اثر نه پوي. انوقت منهاس صاحب ٻڌايو ته هڪ ايڪڙ تي پلاسٽڪ ۽ لڪڙين جو خرچ تقريباً پنجهتر هزار روپيه اچي ٿو ۽ هر ٽئين سال پلاسٽڪ تبدل ڪندو آهيان، ۽ خرچ پڪا لاهي هڪ ايڪڙ تي اٺ کان ڏهه لک سال ۾ بچت ٿيندي آهي.

انهيءَ کان پوءِ اسان جو وڃڻ ملتان ٿيو جتي ملتان جي ميئر رات جي ماني ۽ ملتان جي مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن بابت ڄاڻ ڏني. ملتان جو ميئر ان وقت گهٽو ڪري ڊوگر هيو. مون کي حيرت انوقت ٿي، جڏهن اسان جي پنجاب جا سينيئر آفيسر پنجابي ۾ هڪٻئي کي پيا چون ته يار اها ڏاڍي خوشي جي ڳالهه آهي جو ملتان جو ميئر پنجابي آهي. انهي مان صاف ظاهر هيو ته اهي دوست سرائڪي ڳالهائڻ وارن کي ڪيترو پاڻ کان گهٽ ۽ پري سمجهن ٿا. سرائڪي کي پنهنجو پنجابي تسليم به ڪونه ٿا ڪن. بهرحال ملتان ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات گذاري ٻئي ڏينهن لاهور لاءِ روانا ٿياسين. روزمره وانگر ڪلاس هندا رهيا.

ٻئي دفعي اسان کي پتوڪي جي هڪ ڳوٺ ۾ وٺي ويا جتي ڳوناٽا پنهنجي مدد تحت پاڻ پسگردائي جي پنجن ستن ڳوٺن جو کير هڪ هند جمع ڪري پوءِ کير جي وڏين ڪمپنين سان رابطو ڪري کير جو اگهه ۽ ٻيون رعايتون وٺن پيا ته جيئن ڳوناٽا وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهن. کير جون ڪمپنيون اعليٰ نسل جو مال مينهون ۽ ڳئون تمام گهٽ قيمت تي ڳوناٽن کي فراهم ڪن پيا. ڳوناٽن کي مال جو ملهه انهيءَ ڏنل مينهن ۽ڳئن جي کير مان وصول ڪن پيا، جيڪو تمام ٿورو ملهه هيو مارڪيٽ جي حساب سان. فرض ڪيو جيڪڏهن مينهن يا ڳئون جو مارڪيٽ آهي لک روپيه ته ڪمپنيون ڳوناٽن کي چاليهه هزار جي لڳ ڀڳ ڏين پيون. پئسا به انهيءَ ڏنل مال جي کير مان وصول پيا ڪن. فرض ڪيو جيڪڏهن مونکي ڏهه مينهون آهن، کير واري ڪمپني جي طرفان منهنجي حصي ۾ به مينهون آيون ته جيڪو کير منهنجي ڏهن مينهن جو آهي، انهيءَ سموري کير مان ڪمپني پئسا ڪونه وٺندي، منهنجي واڌو ٻن مينهن جي کير جي رقم مان اڌ کيرواري ڪمپني پئسا ڪٽيندي. پوءِ پلي اها رقم هڪ سال ۾ ختم ٿئي چاهي ٻن سالن ۾. اهڙيءَ طرح کير واري ڪمپني لاءِ کير اتان ملڻ پڪو ٿي ويو ۽ اهو به هڪ پوائنٽ تان. ڳوناٽن کي به فائده.

ڪير جو اگهه به سنو سني نسل جون مينهون ۽ ڍڳئون تمام ٿوري قيمت تي تمام آسان قرض تي. قرض به مالڪ تي ڪونه پر رزق کي پاڻ لاهٺو آهي.

جيڪڏهن سنڌ ۾ اهڙي قسم جو رواج پئجي وڃي ته ڳوٺاڻا خوشحال ٿي ڪافي ترقي ڪري سگهن ٿا. اسان سيني کي انهيءَ قسم جي اسڪيم کي رائج ڪرڻ گهرجي. پر اسان جا ماڻهو انهي مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندا, ڇو ته ايئن ڪرڻ سان هوٽلن جي رونق ختم ٿي ويندي.

واپس اچي لاهور اسٽاف ڪاليج جي ڊنل ڪم ۾ مصروف ٿي وياسين. مونکي ياد آهي ته جڏهن اسان اسٽاف ڪاليج لاهور آيا هياسين ته لنڊن ۾ بي بي شهيد ۽ نواز شريف چارٽر آف ڊيموڪريسي تي دستخط ڪيون هيون, ۽ انهيءَ کي ملڪ لاءِ بهتر قدم تصور ڪيو ويو پئي. ڪلاس ۾ ته اهڙي قسم جي ڳالهه ڪيرب ڪونه پيو ڳالهائي, ڇو ته جنرل صاحب کي انهيءَ ڳالهه تي بڇان پئي لڳي. باقي اسين پاڻ ۾ همخيال دوست انهي تي ضرور ڳالهائيندا هياسين ۽ انهي کي ملڪ جي لاءِ هڪ بهترين ۽ وقتائتو قدم طور سمجهندا هياسين .

آخرڪار ٽريننگ جا سڀ مرحله پورا ٿي ويا. جنرل صاحب پريزيڊنٽ مشرف کان سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تاريخ ۽ ٽائيم طئه ڪرڻ کان پوءِ اسلام آباد روانا ٿياسين. مارگله موٽل ۾ اچي رات رهياسين. مان ۽ ڪجهه ٻيا دوست جيڪي اسلام آباد کان لاهور ٽريننگ تي ويل هياسين تن کي اجازت ملي ته توهان پلي وڃي رات پنهنجي محبوبه سان گذاريو پر صبح نائين وڳي واپس پهچي وڃو جو ڏهين وڳي اتان گاڏي رواني ٿيڻي هئي پريزيڊنٽ هائوس ڏانهن. تقريباً ساڍي يارهين وڳي سرٽيفڪيٽس جي ورهائڻ جي تقريب مقرر ٿيل هئي. اسين سڀ تقريباً سوا يارهين وڳي هال ۾ باادب باهوشيار ٿي الفابيٽيڪل آرڊر ۾ وڃي ويٺاسين. تقريباً ٻارهن وڳي بگل وڳو وردي سان به ماڻهو مارچ ڪندا اچي دروازي تي بيٺا مس ته صدر صاحب ۽ پرنسپل صاحب گڏ اچي مٿي ڊائيس ويٺا. ترانو وڳو تلاوت قرآن مجيد ٿي. پرنسپل صاحب, صدر صاحب کان اجازت وٺي, ڪجهه تعريف ڪئي, صدر صاحب جي انهيءَ کان پوءِ صدر صاحب کي چيائين ته ڪجهه ارشاد ڪيو. جنرل مشرف ته اڳئي تيار ويٺو هيو سو شروع ٿيو ته توهان جي مٿان قوم جو وڏو بار آهي ۽ توهان مان اميد آهي ته قوم ۽ ملڪ لاءِ سوچيندا. وغيره وغيره. انهيءَ کان پوءِ لسٽ مطابق اسان سيني کي واري سان گهرائيندا ويا. جنهن جو نالو ڪجي پيو اهو اڳتي وڃي صدر صاحب کان سرٽيفڪيٽ وٺي, اتان پاسي کان نڪري اچي وري پنهنجي جاءِ تي ويهي پيو. سرٽيفڪيٽ ڏيڻ وارو مرحلو ختم ٿيو ته ٻئي هال جو دروازو ڪليو جتي اڳئي ماني تيار پئي هئي, اسان سيني کي انهيءَ هال ڏانهن هلڻ جو چيو ويو. اسان سڀ وڃي هال ۾ پهتاسين, گول ميزون لڳل هيون, جنهن تي آرام سان اٺ نو ماڻهو ويهي ماني کائي پئي سگهيا. ويهڻ شرط بيرو سوپ کڻي آيو انهيءَ کان پوءِ ماني اچي ميزن تي رکيائون, تنهن ڪري هيڏي هوڏي ٿيڻ جو ڪنهن کي موقعو ڪونه مليو. جتي جيڪو وڃي ويٺو اهو اتي سُڪ ٿي ويو. صدر صاحب ۽ پرنسپال سان گڏ فيڪلٽي جا ميمبر وڃي, جدا هڪ ميز تي ويٺا. ماني کائڻ کان پوءِ صدر صاحب سيني سان هٿ ملايو ۽ اسان پنهنجي گهر ڏانهن تياري ۾ شروع ٿي وياسين. سڀ اچي مارگله موٽل اچي پهتاسين پوءِ جيڪي اسلام آباد جا هيا انهن اتان سيني دوستن کان موڪلايو. جيڪي لاهور وڃڻا هيا اهي

اسٽاف ڪاليج جي گاڏي ۾ لاهور وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. هر ڪو پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو. ٻئي ڏينهن وڃي آفيس رپورٽ ڪيو. ساڳيو ڪم ساڳيو راڳ شروع ٿي ويو. هفتي ڏهن ڏينهن کان پوءِ پرنسپال صاحب سيني جي لاءِ رپورٽون صحيح ڪري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ڏانهن موڪليون. خبر پئي ته منهنجي لاءِ رپورٽ ۾ اهو ڄاڻايل هيو ته هي هڪ ايوريج آفيسر آهي.

انسان جي من هڪڙي ڳالهه هوندي آهي، پر منهنجي مالڪ وٽ پنهنجي ٻانهي لاءِ ڪجهه ٻيو لکيل هوندو آهي. الحمدلله پوءِ به رب ڪائنات اسان مسڪينن کي فيڊرل سيڪريٽري جي عهدي تائين پهچايو.

27 ڊسمبر 2007ع تي بي بي راڻي شهيد ٿي وئي. انهيءَ صدمي جي ڪري مان تقريباً هفتو آفيس ڪونه ويس. ستاويهين ڊسمبر تي صبح جو تقريباً نائين ساڍي نائين وڳي مان آءِ ايٽ کان آفيس پئي ويم ته جڏهن مان ڪشمير هاءِ وي تي بري امام جي والد ۾ ياءُ جي مزار وٽ پهتس ته سامهون بي بي شهيد جي گاڏي آئي پئي ته مون گاڏي پاڻ پئي هلائي، مان گاڏي کي روڪيو ۽ بي بي صاحبه کي ڏٺو ۽ بي خبرائي ۾ اسانجو هٿ سلام لاءِ اٿي ويو. بي بي شهيد جنهن من موهيندڙ انداز ۾ کلندي چهري سان ڪنڌ کي لوڏيندي، هٿ سان سلام جو جواب ڏنو اهو اڄ به اکين جي اڳيان سچو منظر ڦري پيو ۽ حقيقت اها آهي ته انوقت بي بي صاحبه ايتري خوبصورت پئي لڳي، جو دل چوي پئي ته رڳو ڏسون. جڏهن شام جو اها دردناڪ خبر پئي ته بي اختياري مان اکين مان ايترا ڳوڙها وهي هليا، جو شمار نٿو ڪري سگهجي. سچ ته جڏهن منهنجي امڙ سائڻ 14 ڊسمبر 1994ع ۾ هن فاني دنيا مان اسان کي ڇڏي، پنهنجي ابدي ماڳ تي وئي، ته به ايترا ڳوڙها منهنجي اکين مان ڪونه نڪتا.

الله سائين بي بي راڻي شهيد ۽ منهنجي امان حضور جا درجا بلند ڪري ۽ جنت الفردوس عطا ڪري. آمين يارب العالمين.

2008ع جي جنرل اليڪشن ۾ پ پ پ کي سرسي ملي ۽ متفق حڪومت سازي ٿي، جنهن ۾ سي او ڊي کي عملي جامو پهرايو ويو.

25 مارچ 2008ع سيد يوسف رضاگيلاني ليڊر آف هائوس متفق چونڊجي وزيراعظم جي منصب تي فائز ٿيو. اهڙيءَ طرح ساڍا يارنهن سالن کان پوءِ پ پ پ چوٿون دفعو مرڪز ۾ حڪومت سازي ڪئي، فاروق ايڇ نائڪ چيئرمين سينيٽ، ميڊم فهميده مرزا اسپيڪر نيشنل اسيمبلي.

آگسٽ 2008ع ۾ هاءِ پاور پروموشن بورڊ ويٺو. جنهن ۾ ڪيترائي سينيئر آفيسر پروموشن لاءِ لسٽ ۾ شامل هيا. انهيءَ سينيئر آفيسرن ۾ منهنجو نالو به هيو. بورڊ ٿيڻ کان اڳ ڊائريڪٽر سي پي فون ڪري چيو ته سائين توهان جون 1997ع جون ٽن مهينن جي اي سي آر رهيل آهي. مان به ڏينهن بورڊ ٿيڻ کان اڳ وڃي، ڊائريڪٽر سي پي گجر صاحب کي هٿ ۾ ڏئي آيس. ٻيو هڪ فيصل آباد جو زاهد محمود جي هڪ سال جي اي سي آر رهيل هئي، اهو پروموشن بورڊ کان هڪ ڏينهن اڳ جمع ڪرائي آيو. جڏهن بورڊ ٿيو ته مسٽر فضل الرحمان چيف سيڪريٽري سنڌ مونکي فون تي مبارڪ ڏني ته توهان جو پروموشن ٿي ويو. ٻيو ته جيستائين رڪارڊ جي ڳالهه هئي، تنهن موجب جيڪي مارڪون کپن پيون، اهي سڀ پوريون هيون. تنهن ڪري مون کنهن کي ڪونه چيو ته يار ڏسجانءِ ڪا مدد جي ضرورت آهي. مونکي يقين هيو ته هڪ ته سينارٽي ۽ رڪارڊ موجب ڪنهن به قسم جي

ڪمي ڪوتاهي ڪانهي، باقي هڪ پروسس مان گذرڻو آهي، سو الله ڪندو ته ٿي ويندو. جڏهن منٿس صحيح ٿي ظاهر ٿيا ته خبر پئي ته مونکان هڪ سال جونيئير پروموٽ ٿي ويو ۽ منهنجي خاني ۾ لکيل هيو ته پروموشن ڊفر ٿا ڪيون ڇوته ٿن مهينن جي اي سي آر پوري ناهي.

پوءِ خبر پئي ته اهو آفيسر 2008ع جي آخر ۾ رٽائر پئي ٿيو سندس تعلق راولپنڊي سان هيو انهي ڪي پينشن ۾ فائدو ڏيڻ خاطر مون سان به هٿ ڪين، جو مان الله جو بندو هيس، جڏهن باقي ڪو نه ڪو ڪنهن جو ماڻهو هيو. تنهنڪري منهنجي پروموشن واري خاني ۾ بورڊ ٿيڻ کان پوءِ لکيو ويو ته ٽن مهينن جي اي سي آر ڪانهي، جڏهن ته مان پاڻ وچي ڊائريڪٽر سي پي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي کي هٿ ۾ ڏئي آيو هيس.

# زرداريءَ حڪومت ۾ سنڌي آفيسر ننڌڻڪا

لاها چاڙها جيڪڏهن نہ هجن تہ زندگيءَ ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ختم ٿي وڃي. دل جي ڌڙڪڻ ۾ انسان لاءِ هڪ اهم پيغام هوندو آهي. جڏهن اي سي جي ڪيرائبي آهي تہ مسلسل زندگيءَ جي لڪير پئي هيٺ مٿي هلندي رهندي آهي. جيستائين اها لڪير هيٺ مٿي هلڻ بند نہ ڪندي آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو پيغام ملندو رهندو آهي تہ اجان حيات آهي. جڏهن اها زندگيءَ جي لڪير سڌي ٿي هڪ جاءِ تي بيهندي آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو خاتمو ٿي ويندو آهي. جڏهن اهو مونکي ٻڌايو ويو تہ تنهنجي جونيئر کي پروموٽ ڪيو ويو آهي ۽ هڪ خصيص بهانو ڏيکاري منهنجو پروموشن روڪيو ويو آهي. پهريان تہ ٿورو ڌڪ ٿيو پر پوءِ هڪدم لتا جو گانو اچي ويو:

اے دل تجھے قسم ہے تو ہمت نہ ہارنا
دن زندگی کے جیسے بھی گزریں گزارنا

جهٽ کان پوءِ مونکي ڪوئي اهڙو احساس ڪونہ ٿيو تہ ڪو مون سان زيادتي ٿي آهي. بهرحال مان جيئن چوٽي آهي تہ "رزق جو مالڪ الله آهي پر ان لاءِ لوچڻو تہ اسان کي آهي."

مون پنهنجي طرفان ننڍڙو نوٽ ناهي، سنڌ جي سنڌي ميمبرن کي ڏنو تہ هي زيادتي ٿي آهي، توهان ڪجھ جيڪا توهان کان مدد ٿي سگهي ڪيو. هينئر تہ پ پ جي حڪومت آهي، جيڪا هميشہ سنڌ جي حقن جو تحفظ ڪندي آهي. سواءِ نواب محمد يوسف ٽالپر جي ٻئي ڪنهن بہ ڪوشش ڪانہ ورتي. ٽالپر صاحب کي اهو مٿان جواب مليو تہ منهنجو جڏهن ڪٿي ڪم ڪونہ ٿو رکي تہ پوءِ مان ڇو ڪنهن لاءِ چوان. پوءِ بہ سائين ٽالپر صاحب آواز اٿاريندو رهيو. جنهن لاءِ ٽالپر صاحب جي جيتري بہ تعريف ڪجي اها گهٽ آهي. انهيءَ وقت بي بي شهيد ڏاڍي ياد آئي تہ جيڪڏهن اڄ بي بي شهيد هجي ها تہ اهڙا هاڃا سنڌين سان ڪونہ ٿين ها.

مارچ 2008ع ۾ جڏهن سيد يوسف رضا گيلاني صاحب وزيراعظم ٿيو تہ ٿوري عرصي کان پوءِ پنجويھ ٽيھ سينيئر آفيسرن جي 22هين گريڊ ۾ فيڊرل سيڪريٽري جي پروموشن لاءِ لسٽ تيار ٿي، جنهن ۾ پهريون دفعو يوسف رضا گيلاني صاحب اهڙي طرح لسٽ تيار ڪرائي، جنهن ۾ پاڪستان جي سڀني صوبن ويندي اترين علائقن تائين جي ماڻهن کي پروموشن جو برابر حصو ڏيڻ واري منصوبي تحت ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جا 5_6 آفيسر بہ ان لسٽ ۾ شامل هيا. جن ۾ محمد يوسف ميمڻ، شبير ڏهر، مظهر سهتو ۽ بہ ٻيا هيا، جن جا نالا هينئر ياد نٿا اچن.

جڏهن اها لسٽ مٿي منظوريءَ لاءِ زرداري ڏي ڪٽي ويو تہ ٻيا جيڪي بہ ان لسٽ ۾ نالا هيا، سي وڏي واقعي سان ها ڪري منظور ڪيا ويا، سواءِ سنڌي آفيسرن جي. سنڌ جي آفيسرن متعلق زباني هدايتون گيلاني صاحب کي مليون تہ مان انهن سينيئر آفيسرن کي سيڪاٽان ٿو تنهنڪري انهن جي پروموشن جو فيصلو مان پاڻ سوچي سمجهي ڪندس. اهڙيءَ طرح گهٽ ۾ گهٽ ڪري 24 يا 25 آفيسر 22هين گريڊ ۾ فيڊرل سيڪريٽري ٿيا، انهن مان هڪ بہ سنڌي ڪونہ هو.

آگسٽ 2008ع کان پوءِ جڏهن 21هين گريڊ جا پروموشن ٿيا، انهيءَ کان پوءِ وري ٻيهر 22هين گريڊ لاءِ 32 يا 35 آفيسر پروموٽ ٿيا، انهيءَ لسٽ ۾ هڪ بہ سنڌي آفيسر پروموٽ ڪونہ ڪيو ويو.

اهڙي طرح 2008ع کان 2013ع تائين، پنجن سالن ۾ سنڌي آفيسر تقريباً 45-46 ٻاويهين گريڊ جي پروموشن زون ۾ هيا پر ڪونہ ڪرڻ ڏنا ويا.

زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا واقعا ايندا آهن، جن کي ماڻهو ڀلائي ڪونہ ٿو سگهي.

آڪٽوبر 2007ع جو واقعو ٻين لاءِ تہ صرف ڪارساز واري واقعي تائين محدود هوندو، جنهن ۾ ٻي ٻي شهيد جي قافلي تي خودڪش حملي ۾ ڪيترائي شهيد ٿيا. پر منهنجي لاءِ انهي کان علاوه بہ هڪ واقعو ٿيو. رمضان جي عيد کان پوءِ مان واپس اسلام آباد پئي آيم. ڳوٺ کان مان سترهن آڪٽوبر تي ٻارن سميت روانو ٿيس. رات مون اچي ڪوٽ مٺڻ بابا غلام فريد جي پرسان ونگ ۾ ڄامڙا برادري جي چڱي مڙس ڄام محمد بخش جي گهر اچي رهيس. ٿورو اهو ٻڌائيندو هلان تہ راجن پور ضلعي ۾ تقريباً ڇئن يونين ڪائونسل تي گهڻائي ڄامڙا برادري جي آهي. ڄامڙا پنهنجي وڏيري کي ڄام چوندا آهن. ونگ بابافريد جي مزار کان تقريباً تي چار ڪلوميٽر اتر ۾ چڱو وڏو شهر آهي جنهن جو چيئرمين هميشہ ڄامڙو هوندو آهي. ارڙهين آڪٽوبر تي صبح جو نيرن ڪري بابا فريد جي دربار جي حاضري ڀري ملتان لاءِ نڪتاسين. ملتان انهيءَ ڪري جو مان جڏهن اسلام آباد کان ڳوٺ ويم پئي تہ مان غوث بهاؤالحق زڪريا ۽ شاهہ رڪن عالم تي فاتح لاءِ ڪونہ ويو هيم ۽ اهو ارادو ڪري هليو هيم تہ ملتان مان دربار تي حاضري ڏئي قل شريف پڙهي بزرگن جي درجات جي بلندي خاطر دعا ڪندو اڳتي وڃان. مونکي ايئن ڪرڻ سان روحاني سڪون ملندو آهي، جڏهن بہ ڪنهن مزار تي وڃي چار قل پڙهي اهل مزار جي درجات جي بلندي لاءِ الله سائين جي در هٿ کڻي دعا گهرندو آهيان. منهنجي شروع کان انهي طرف دل لڳل آهي. مان جڏهن راجن پور کان اڳتي ڄام پور جي پرسان پهتم تہ ڊاڪٽر ڄام عبدالغفور ڪوٽ سلطان لئيہ ضلعي جو فون آيو تہ ڪاٿي آهيو؟ مون ٻڌايو تہ مان ڄام پور جي ويجهو آهيان ۽ ملتان ويندس. ڊاڪٽر صاحب زور ڀريو تہ نہ منجهند جي ماني هتي کائي پوءِ اسلام آباد وڃو. مون چيو تہ نہ مان اڄ ملتان ويندس ۽ رات اتي رهندس. پرهن ڏاڍو زور ڀريو آخرڪار طئہ اهو ٿيو تہ چڱو مان توهان وٽ ايندس، پر ڇانهہ پي اڳتي اسلام آباد ويندس. بهرحال تقريباً ساڍي يارنهن وڳي مان ڊيرا غازي خان کان سڌو اڳتي انڊس هاءِ وي تي اڳيان هلڻ شروع ڪيو. مونکي ڊاڪٽر صاحب لئيہ ڏانهن وڃڻ لاءِ تونسہ بئراج کان درياءَ سنڌ کان ٽپڻو هو. عيد جي واپسي ڪري روڊ بلڪل خالي هيو. اڳتي شادن لنڊ کان مونکي ٽرن ڪري تونسہ بئراج ڏانهن وڃڻو هيو. پر اتفاق سان شادن لنڊ وٽ رستي جو ڪم هليو پئي، تنهن ڪري مان رستو ڀلجي چار پنج ڪلوميٽر اڳتي

نڪري ويس. روڊ بلڪل خالي هيو ۽ مون گاڏي پنجهتر اسي ڪلوميٽر جي رفتار سان پئي هلائي. پيٽرول پمپ کان ٿورو اڳتي برساتي پاڻي جي وهڪري لاءِ روڊ ڪي پل جي بجاءِ چار پنج فوٽ هيٺ ڪري پاڻي ڪي روڊ جي مٿان گذرڻ جو رستو ڏنو ويو هيو. جيئن اها لاهي نظر آئي ته گاڏي جي رفتار کي وڌيڪ جهڪو ڪرڻ خاطر بريڪ تي پير رکيو ته گاڏي هڪدم فري تي وئي ۽ گاڏي منهنجي ڪنٽرول مان نڪري وئي. مون صرف چيو الله اڪبر! پوءِ گاڏي پنهنجي مستي ۾ تمام تيز رفتار سان هلڻ شروع ڪيو. گاڏي وچي روڊ جي کبي پاسي لاهي واري ڪپر سان لڳي، اتان پوءِ تي چار ڪلٽيون کائيندي وچي روڊ کان کبي پاسي پاڻي واري وهڪري جي رستي تي تقريباً ڏيڊ سو فوٽ پري گاڏي سڌي تي بيٺي. جنهن جاءِ تي وچي بيٺي ان کان ست اٺ فوٽ چڱو گهرو کڏو کوٽيل هيو. گاڏي جا سڀ شيشا ونڊ اسڪرين سڀ پرزا پرزا ٿي ويا. منهنجي وڏي پٽ زوهيب پڇيو ته ابا خير ته آهي نه؟ مون چيو الحمدلله.

انهيءَ سچي واقعي ۾ گاڏي فوٽ بال جهڙي ٿي وئي ۽ اسان مان ڪنهن کي به ڪو زخم وغيره ڪونه آيو. الحمدلله! اسان مان ننڍي چاهي وڏي کي الله جي رحمت سان ڪا به گهبراهٽ ڪانه ٿي. تقريباً هڪ ڏيڍ منٽ مس گذريو ته هڪ ڊاڪٽر هڪ ڊاٽسن آئي، جيڪي اسان جي گاڏي پرسان بيهاري ماڻهو لٿا ۽ اسان ڏانهن آيا. اسانجي گاڏي جا در کوليا، جيڪي بلڪل نارمل نموني سان کليا. جيڪا هڪ وڏي عجب جي ڳالهه هئي. اسان سڀ گاڏيءَ مان پاڻ ٻاهر نڪتاسين. اسان کي ڊاٽسن وارن چيو ته توهان چڙهو هن گاڏي ۾ ته جيئن توهان کي اسپتال پهچايون. انهن همراهن اسانجي گاڏي مان سڀ سامان کڻي ڊالي ۾ رکيو. منهنجي ننڍي پٽ کي مٿي ۾ ٿورو رهنڊ آئي، جنهن ڪري مٿي مان ٿورو رت وهڻ شروع ٿيو. تونسه شريف جي تعلقي اسپتال ڏانهن کڻي هليا، جيڪا اتان تقريباً ڏهه پندرهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هئي. ويهه پنجويهن منٽن ۾ اسان اسپتال وڃي پهتاسين. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ کوسو صاحب هيو. جڏهن انهن کي خبر پئي ته مان جوائنٽ سيڪريٽري وزيراعظم آفيس ۾ آهيان، ته پوءِ وڌيڪ اسانجي تيمارداري ڪرڻ لڳا. مون موبائل فون تي جاويد محمود ايڊيشنل سيڪريٽري وزيراعظم آفيس کي ٻڌايو ته هيئن ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي ۽ هينئر مان تونسه اسپتال آيل آهيان. جاويد محمود انهيءَ وقت پرنسپل سيڪريٽري وزير اعليٰ پنجاب مسٽر جي ايم سڪندر کي چيو. ايم ايس اسان سڀني کي انجيڪشن هيون ۽ ايڪسري وغيره ڪيا. ننڍي پٽ محمد شاهزيب جي مٿي جا مختلف زاوين کان ايڪسري ڪيا. شاهزيب جي مٿي کي ست اٺ ٽاڪا هنيا. ٿوري دير ۾ ڊي سي او ڊي جي خان ۽ اي ڊي او هيلٿ مون سان رابطو ڪيو ۽ هر مدد لاءِ پهچي ويا. ايم ايس چيو ته سائين ننڍي جي سٽي اسڪين ڪرائڻ لازمي آهي. ايڪسري ۾ ته بلڪل ٺيڪ ٿو اچي پر احتياطن سٽي اسڪين ڪرايو. مون چيو ته ٺيڪ، چيائين ته سائين پنجاب ۾ اها سهولت صرف ٽن جڳهن تي آهي، ملتان، لاهور ۽ اسلام آباد.

تنهنڪري هي جلد ٺيڪ گهرجي توهان ملتان وڃو. ملتان هتان ٻن ڪلاڪن جو پنڌ آهي.

ايمبولنس ۾ اسان کي چاڙهي ملتان روانو ڪين. ڊاڪٽر جام عبدالغفور پريشان ته اسان دير ڪئي آهي، فون تي رابطو ٿيو مون کيس ٻڌايو ته اسان اهڙيءَ طرح اچي تونسه اسپتال پهتا آهيون.

خير هو ٻه اتان نڪتو رستي ۾ جڏهن اسين ملتان وڃون پيا ته مليو.

پرنسپل سيڪريٽري نشتر ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپل ۽ ايم ايس کي فون تي چئي ڇڏيو ته اهڙي طرح جامڙو صاحب اچي ٿو ۽ فورن سٽي اسڪين ڪري ۽ جيڪا ضروري ميڊيڪل جي حساب سان ڪرڻو آهي ڪجو.

سچ اسان کي رستي ۾ لهي ويو ڇڱي انڌاري کان پوءِ اسين اچي نشتر ميڊيڪل ڪاليج اسپتال جي ايمرجنسي ۾ پهتاسين ته نشتر ڪاليج جو پرنسپال ۽ ايم ايس ٻئي بيٺا هيا ۽ انهن سان ملياسين. نئيڊي کي سٽي اسڪين لاءِ وٺي ويا. اسانکي وي آءِ پي وارڊ ۾ هڪ ڪمرو ڏنائون. ڪافي دير پوءِ نئيڊڙي کي واپس وٺي آيا. رات سمهي ڪيوسين آرام، صبح جو اٿڻ سان مان پنهنجي پٺي ۾ سور محسوس ڪيو جو نوڙڻ سان تڪليف پئي ٿئي. ٻئي ڏينهن تي صبح جو ڊاڪٽر صاحب آيو. جنهن چيو ته الحمدالله ڪنهن به قسم جي ڪا پريشاني ڪانهي، هينئر تائين جيڪي به رپورٽون آيون آهن انهي حساب سان هرشئ پنهنجي جاءِ تي صحيح سلامت آهي. پر اسين نئيڊڙي کي هفتو کن انڊر آبزرويشن رکنداسين. مون چيو ته خير آهي. مسٽر جاويد محمود مون سان مسلسل رابطي ۾ رهيو. ڊي سي او ملتان اسان جي سرڪٽ هائوس ۾ رهڻ لاءِ ڪمري جو انتظام ڪري ڇڏيو هيو.

ٻئي ڏينهن تقريباً يارهين وڳي جام محمد بخش ڪوٽ منڻ کان پنهنجي فيملي سان اچي اتي پهتو. چيائين ته اسان صبح جي اخبار ۾ هي خبر پڙهي ته هينئن ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي ۽ نشتر اسپتال ۾ داخل ٿيا آهن. جام صاحب ٻڌايو ته مان ٻڪري ٻه ٻڪرا تنهنجي لاءِ صدقو ڪري آيو آهيان. الله سائين توهان کي حياتي ڏني، ڪجهه رقم ساڻ کڻي آيو زور پرڻ لڳو ته هي پئسه رک، تي سگهي ٿو ته توکي ڪم اچن. مون سندس جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پئسه ڪونه ورتا. شام جو ڪشمور کان جامڙا به اچي ٻه گاڏيون پري پهتا. مان انهي سچي واقعي ۾ ٻڪري ڪنهن کي به ڪونه ٻڌايو. انهي ڪري نه پيو ٻڌايان هڪ ته الحمدالله سڀ خير ٿي ويو هيو ته منهنجي والد صاحب جي عمر انوقت هڪ سؤ پندرهن سالن کان مٿي هئي، متان هو ٻڌن ته انهن جي دل تي خراب اثر پوي.

مان ڏهه ڏينهن ملتان ۾ رهيس انهي کان پوءِ ڊاڪٽرن ٻڌايو ته الحمدالله توهان جو فرزند هر لحاظ کان بلڪل صحيح آهي. انهي دوران منهنجو هڪ ٽڪو به خرچ ڪونه ٿيو. مان هروز جيئن منهنجي عادت هوندي هئي ملتان ۾ اچڻ جي ته مان غوث بهاولحق ۽ شاهه رڪن عالم جي دربار تي وڃي چار قل پڙهي اهل مزار جي درجات جي بلندي لاءِ دعا جا هٿ کڻندو هيس. هر دفعي مون سان عجيب واقعو ٿيندو هيو. اڳ جڏهن به مان ويندو هيس ته شاهه رڪن عالم جي مين گيٽ تي بوٽ جي رکڻ جا پئسه وٺندا هيا. پر هن دفعي جڏهن به ويندو هيس ته بوٽ رکڻ وارو منهنجا بوٽ هميشه الڳ ڪري رکندو هيو ۽ پئسه به ڪونه وٺندو هيو. پرجڏهن مان دعا گهري واپس ايندو هيس ته چانهه به ضرور پيارينديو هيو. جڏهن ته مون هن کي اهو ڪڏهن به ڪونه ٻڌايو ته مان ڪير آهيان.

جڏهن اسان تونسه اسپتال کان ملتان ڏانهن اچون پيا ته پوءِ وري اسان ان ايڪسيڊنٽ واري جاءِ تي ويا سين ۽ گاڏي جي حالت ڏني ته يقين ڪونه پيو اچي ته جيڪڏهن گاڏي جو اهڙو برو حال ٿيو آهي ته يقينن هن گاڏي ۾ ويٺل افراد صحيح سلامت ڪونه هوندا.

اڳ ۾ ته ايڪسيڊنٽ ٿيڻ جو ڪو اهڙو سبب ڪونه هيو نڪو تيز ڊرائيونگ، نڪو ڪا اڳيان پويان ڪنهن به قسم جي سواري يا ماڻهو جو ايمرجنسي ۾ ڪو بريڪ هڻي يا ڪو جانور اوچتو اڳيان اچي وڃي، نه وري گاڏي پراڻي. پر جيڪڏهن اهڙيءَ طرح جو ايڪسيڊنٽ ٿيو هيو ته ان مان صحيح سلامت بچي نڪرڻ هڪ وڏو معجزو هيو باقي عقل اڄ تائين انهيءَ تي حيران آهي. مون ۽ منهنجي سيني ٻارن کي ڪنهن به قسم جي گهٻراهٽ به نه ٿي، ايئن پئي محسوس ٿيو ته جيئن گاڏي ڪنٽرول کان نڪتي تيئن الله جي ذات بابرڪات اسان سيني کي گاڏي مان ٻاهر ڪڍي رکيو. وري جڏهن گاڏي وڃي بيٺي ته رب پاڪ اسان سيني کي وڃي گاڏي ۾ صحيح سلامت ويهاريو.

تنهنڪري 18 آڪٽوبر 2007ع منهنجي لاءِ منهنجي زندگي جو هڪ يادگار ڏينهن هيو جيڪو هميشه ياد رهندو آهي ۽ الله سائين جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندو آهيان ته رب ڪائنات مون تي ڪيترو نه مهربان آهي.

# سرائڪي پنجابي ناهن

ملتان کان پوءِ مان اسلام آباد لاءِ ايم ايم روڊ رستي صبح جو روانو ٿيس. ڊاڪٽر ڄام عبدالغفور ڪوٽ سلطان جو ناظم اسان جي انتظار ۾ هيو. جڏهن اسان ڄام صاحب جي ڳوٺ پهتاسين ته ڊاڪٽر صاحب اسان جو وڏو آڌرڀاءُ ڪيو. سنڌ جي اوطاقن وانگر اوطاق هيس. منهنجي ذي ۽ بيگم صاحبه ڊاڪٽر صاحب جي گهر ۾ عورتن سان ويهي ڪچهري ڪئي ۽ اسان مردن ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪئي. ماني کائي اتان اسلام آباد لاءِ روانا ٿياسين. جڏهن ٿورو اڳتي هلياسين ته منهنجي محبوبه چيو ته مونکي هتان جي ڳوٺ وارن جي هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. مون پڇيو ته اها ڪهڙي ڳالهه هئي؟ چيائين ته تقريباً سڄي ويڙهي جون عورتون گڏ اچي ٿيون، ڏاڍي عزت سان پيش آيون ۽ سيني پنهنجو تعارف ڪرايو سيئي لکيل پڙهيل هيون. جڏهن سيني جو تعارف ڪرايون ته انهي تعارف ۾ ڊاڪٽر صاحب جي گهر واري ڪونه هئي. مون پڇيو ته ادا ڊاڪٽر جي گهر واري اتي ڪانهي ڇا؟ ته جواب ۾ چيايون ته ادي ڊاڪٽر صاحب جي زال پنجابي آهي، اها هتي ڪڏهن ڪڏهن ايندي آهي. چيائين ته مان وائڙي ٿي ويس ته هي ڇا ٿيون چون. مون تنهن وقت ته چپ ڪئي، پر اهو ايئن چو پيون چون ته ڊاڪٽر صاحب جي زال پنجابي آهي جڏهن ته پاڻ به پنجابڻيون هيون. مون ٻڌايو ته جيڪي اهي چون پيو اهو سچ ٿيون چون. پڇڻ لڳي ته اهو وري ڪيئن؟ مون ٻڌايو ته هي سرائڪي ڳالهائڻ وارا آهن. پنجاب ۾ اهو واقعي مسئلو هلندڙ آهي، سرائڪي ۽ پنجابي ڳالهائڻ وارن ۾. پنجابي سرائڪين کي پاڻ کان گهٽ سمجهندا آهن. ٻنهي جي اٿڻي ۽ ويهڻي ۾ به فرق آهي. تڏهن وڃي اسانجي فقيرياڻي کي خبر پئي ته پنجاب ۾ سرائڪي به الڳ قومون آهن. پر اسان سنڌ وارن لاءِ ٻئي پنجابي هوندا آهن.

2008ع ۾ جڏهن وزيراعظم سيد يوسف رضا گيلاني ٿيو ته انوقت پبلڪ افيئر ونگ ۾ تمام ٿورا آفيسر بچيا هياسين. عارف ريلوي جو اسپيشل سيڪريٽري، سعيد احمد ايڊيشنل سيڪريٽري پبلڪ ونگ، محمد جمن جامڙو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ چار پنج ڊپٽي سيڪريٽري. سراج شمسي جوائنٽ سيڪريٽري پر زرداري جو خاص ماڻهو هو. تنهنڪري پرنسپل سيڪريٽري وزيراعظم جي چارج به ان وٽ هئي. شروع ۾ آفيسر ٿورا هياسين، تنهنڪري ڪم جي رش تمام گهڻي هوندي هئي. پوءِ هڪ ٻيو جوائنٽ سيڪريٽري آيو جنهن کي ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ڏنو ويو. پنجاب ۽ سنڌ جي پارليامينٽيرين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ منهنجي ڊيوٽي لڳي. جيڪو تمام گهڻو ڪم هوندو

هيو جنهنجي ڪري ڪافي وقت دير تائين آفيس ۾ ويهڻو پوندو هيو جيڪو تقريباً ڇهه مهينه ايئن هلندو رهيو. انهيءَ دوران منهنجي پ پ جي ايم اين اي ۽ سينيٽرن سان ڪافي ميل ملاقات ٿيندي هئي. مون ڏٺو ته خاص ڪري پنجاب جا ايم اين ايز ۽ سينيٽرس جڏهن به منهنجي آفيس ايندا هيا ته بي بي شهيد جو جڏهن نالو ڪنهن به ريفرنس سان ايندو هيو ته هو هميشه وڏو ساهه ڪڍي شوڪارو هڻي چوندا هيا ته هئي بي بي صاحبه اسان کي ڪنهن جي حوالي ڪري وئين. جڏهن انهن جي بي تڪلفي ٿي وئي، ته اهي روئي بي بي صاحبه کي ياد ڪندا هيا. چوندا هيا ته اسين هينئر ڇورا ڇنا ٿي ويا آهيون. جڏهن بي بي صاحبه هوندي هئي ته اسانکي ادب سان نالو وٺي سڏيندي هئي ۽ غور سان اسان جو مسئلو ٻڌندي هئي ۽ عزت ڏيندي هئي.هينئر جمن سائين نه اسان کي ڪا عزت ٿي ملي نه وري ڪو ڳالهه ٻڌڻ وارو آهي. چوندا هيا ته اسان نواز شريف سان ٽڪر ڪاڌا، هاڻي جڏهن اسان جي حڪومت آئي آهي ته مالڪي به ڪرڻ ڇڏي ڏني اٿن. هٿ سان وٺي اسان کي پڇاڙڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، جڏهن ته اسان هن پارٽيءَ کي رت ڏنو آهي ۽ اسان وڃڻ ڪونه ٿا چاهيون پر هتي اسان کي انهيءَ ڪري سزا ڏني ٿي وڃي ته اسين بي بي صاحبه جي قريب هياسين ۽ بي بي شهيد اسان تي اعتماد ڪندي هئي ۽ اسان ڪڏهن به بي بي شهيد جي اعتماد کي ڇيهو ڪونه رسايو. پر يار هي ته ڄڻ اسان کي پنهنجو دشمن ٿو سمجهي. ڪجهه ايم اين ايز کي مون پنهنجي گنهگار اکين سان ڏٺو جيڪي بي بي شهيد جو نالو ايندو هيو ته روئي ڏيندا هيا. محسوس ٿيندو هيو ته زرداري جي ملڻ جلڻ جي طريقي ۾ انجي انهن سان ناروا سلوڪ جي ڪري ڪافي ڏکويل هوندا هيا.

وزيراعظم صاحب عمومن مهيني ۾ هڪ ڀه دفعا ملتان ويندو هيو تنهنڪري مونکي به هڪ ڊپٽي سيڪريٽري سميت ملتان وڃڻو پوندو هيو. جتي به وزيراعظم ويندو هيو ته اسان کي ان فنڪشن ۾ وڃڻو پوندو هيو ته جيئن ڪو اهڙو سوال پڇي يا ڪو وزير اعظم کي ڪو ڪم چوي ته اسين اهو نوٽ ڪندا هياسين ۽ واپس اچي انهي بابت نوٽ ناهي وزيراعظم ڏانهن موڪليندا هياسين پوءِ جيڪو ان تي حڪم ٿيندو هيو انهي مطابق انهيءَ ڪم جي پوئواري ڪبي هئي.

هڪ دفعي جولاءِ جو مهينو هيو گرمي به چوٽ جي هئي. وزيراعظم کي بهاوالدين ذڪريا يونيورسٽي جي لا ڪاليج جو افتتاح ڪرڻو هيو اتان ڪان پوءِ قلعه قاسم باغ شاهه رڪن عالم جي درٻار جي پرسان وزيراعظم جي مان ۾ جاويد صديقي صاحب لنچ جو بندوبست ڪيو هيو. وزيراعظم ته اتان يونيورسٽي کان هيلي ڪاپٽر ۾ هليو ويو مان ۽ ڊپٽي سيڪريٽري گاڏي ۾ اوڏانهن وڃون پيا. مونکي بوسڪي جو وڳو ۽ ويسٽ ڪوٽ ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپي پاتل هئي. اسان به وڃي اتي پهتاسين ته رسيپشن تي جاويد صديقي بيٺو هيو ۽ منهنجي انڪان اڳ صديقي سان ملاقات ڪانه ٿي هئي. فائل ڊپٽي سيڪريٽري جي هٿ ۾ هيو. مان هٿين خالي جڏهن پنڊال جي ويجهو پهتس ته صديقي تڪڙو تڪڙو مون ڏانهن وڌيو ۽ اچي وڏي عزت سان مليو ۽ مونکي پنهنجي اڳيان ڪيون وٺي هلڻ شروع ٿي وڃي پهرين قطار ۾ رکيل صوفه سيٽ تي ويهاري پاڻ وري پوئتي هليو ويو. پنجن منٽن کان پوءِ ڪلندو مون ڏانهن آيو. مونکي چوڻ لڳو ته يار توهان کي خبر آهي ته مون توهان لاءِ ڇا سوچيو پئي؟ جڏهن مون توهان کي هيڏانهن پنڊال ڏانهن ايندي ڏٺو ته مون سمجهيو ته پڪ ڪو سنڌ جو ايم اين

اي هوندو يا سينيٽر، تنهن ڪري مان توهانکي ايترو اڳتي اچي آڏرياءَ ڪيو. مون چيس ته انجو مطلب ته مان هي سيٽ خالي ڪيان، چيائين ته نه سائين، مون ته صرف توهان کي ٻڌايو ته توهان پري کان سنڌي وڏيرا پيا لڳو.

سعيد احمد ۽ مان ويٺي ڪم کي ورهائڻ لاءِ سوچ ويچار پئي ڪيو ته فون آيو ته اسپيشل سيڪريٽري پرنسپل سيڪريٽري وٽ وينو آهي، تنهن ڪري توهان ٻئي پرنسپل سيڪريٽري جي آفيس اچو. مان ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري سعيد صاحب پرائيم منسٽر هائوس ڏانهن وياسين. ڪافي دير تائين اهي ڳالهيون هلنديون رهيون ته ڪيئن ڪم کي آسان بڻايو وڃي؟ مختلف تدبيرون غور هيٺ آيون. آخرڪار اهو طئه ٿيو ته جوائنٽ سيڪريٽري هر ڊويزنل هيڊڪوارٽر ۾ وڃي هر ڊويزن جي ايم اين اي ۽ سينيٽر انهن جو اڄ تائين ڏنل اسڪيمن جو مڪمل رڪارڊ ٺاهي وڃي ٿن ڊپارٽمينٽ سان ميٽنگ ڪري ۽ جيڪڏهن ايم اين اي يا سينيٽر ان ميٽنگ ۾ اچڻ چاهي ته اهي به اچن ۽سامهون ويهاري جيڪي شڪايتون هجن، اتي جو اتي جي ايس حل ڪري اچي. جيئن ته انوقت مان اڪيلو جي ايس هيس، تنهنڪري مونکي چيائون ته ايڊيشنل سيڪريٽري سان ويهي پروگرام ٺاهي پوءِ فيلڊ ۾ نڪري وڃ. مان ۽ سعيد صاحب ويهي پروگرام ٺاهيو. پهريون، ملتان، بهاولپور، ڊيرا غازي خان، سرگوڌا ڊويزن جو پروگرام جاري ڪيم. ٽي ڏينهن هر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ۾ هڪ ڏينهن سوئي گئس، بجلي، پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ.

2008ع آگسٽ ۾ سڀ کان پهريائين انهي سلسلي ۾ منهنجو پهرئين وزٽ ملتان ڊويزن جي لاءِ طئه ٿيو. تنهي ڊپارٽمينٽ کي اطلاع موڪليو ويو ته فلاڻي تاريخ تي ملتان، بهاولپور، ڊي جي خان ۽ سرگوڌا ڊويزن ۾ جوائنٽ سيڪريٽري پي ايم سيڪريٽريٽ ايندو ۽ ڊپارٽمينٽ پنهنجي ريسپانسيبل آفيسر کي بمع پراگريس پرائيم منسٽر جي ڊائريڪٽوز جي ڪٺي حاضر رهن. انهن ڊويزن جي پارليامينٽيرين کي به اهڙي قسم جو اطلاع ڏنو ويو ته اهي پاڻ يا انهن جي طرفان ڪوئي نمائندو جيڪڏهن ميٽنگ ۾ اچڻ چاهي ته اهڙو اڳواٽ اطلاع ڏيندا. جيئن ته پنجاب هڪ گهڻي آبادي وارو علائقو آهي تنهنڪري هر هڪ ڊويزن ۾ ڪافي تعداد ۾ عوامي نمائندا هوندا آهن، تنهنڪري هر هڪ ڊپارٽمينٽ لاءِ هڪ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ويو.

منهنجي خيال ۾ ته عوام جا نمائنده شايد گهٽ اچن ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهن جا ڪجهه نمائنده ميٽنگ ۾ اچن. پهرئين ميٽنگ بجلي متعلق هئي، جيڪا رمادا هوٽل ملتان جي ڪانفرنس هال ۾ ارينج ڪئي وئي هئي. جيڪو وقت ميٽنگ جو مقرر ڪيل هو انهي کان اڳ ڏهه پندرنهن منٽ ڪافي تعداد ۾ ايم اين ايز ۽ هڪ به سينيٽر پاڻ ان ميٽنگ لاءِ باقاعده تياري ڪري اچي حاضر ٿيا. جيئن ته گهڻا ايم اين ايز هيا، تنهن ڪري اهو فيصلو ڪيوسين ته اين اي نمبر وائيز ميٽنگ شروع ڪيون. جڏهن ميٽنگ شروع ٿي ته هر ايم اين اي پاڻ سان گڏ هر اسڪيم جي ڊٽيل پاڻ سان ڪٺي آيو هيو جيڪڏهن ڊپارٽمينٽ جو نمائندو ڪنهن اسڪيم جي پروگريس ۾ ڪا ڪمي پيشي ڪري پيو ته پاڻ ايم اين اي صاحب يا ته انجي تصديق پيو ڪري، جيڪڏهن ان غلط بياني ڪئي آهي ته ثبوت سان انجي مٿان چڙهائي پيو ڪري. انهيءَ مان صاف ظاهر هيو ته پنجاب جو نمائندو پنهنجي

علائقي جي ترقي لاءِ ڪيترو نه باخبر ۽ دردمند هيو.

اهڙيءَ طرح اهي ايم اين ايز سڄو ڏينهن ميٽنگ ۾ ويٺا رهيا جيستائين انهن جو وارو نه پئي آيو ۽ اهو سڄو لقاءُ مون ملتان، بهاولپور، ڊي جي خان، ۽ سرگوڌا ڊويزن ۾ هڪجهڙو ڏٺو.

انهيءَ کان پوءِ مون سنڌ جي لاءِ ساڳيو پروگرام رکيو، جنهن ۾ ڪراچي، حيدرآباد ڊويزن جو پهريون دور ڪيو.

ڪراچي واري ميٽنگ ۾ايم ڪيو ايم جا نمائنده يا انهن جا موڪليل ماڻهو آيا. جن پنهنجي اسڪيمن تي ڊپارٽمينٽ تي خوب ڏي وٺ ڪئي. جڏهن حيدرآباد ۾ ميٽنگ رکي ته اتي هڪ به عوام جو نمائندو نظر ڪونه آيو بلڪ انهن جا پرائيويٽ سيڪريٽريز آيا جيڪي واسطيدار ڊپارٽمينٽ جا ايجنٽ وڌيڪ بنسبت پنهنجي موڪليل ايم اين اي جي.عمومن ڊپارٽمينٽ اڇي انهي ڳالهه تي بيهندو هيو ته سائين اسان ڇا ڪريون جڏهن ڪنهن اسڪيم کي فائينل ڪرڻ لاءِ ٽينڊر واري مرحلي تي پهچون ٿا ته ايم اين اي جو ماڻهو اچي چوي ٿو ته بيهه اها اسڪيم ناهي ڪرڻي، انهي جي جاءِ تي ٻي ڏينداسين. تنهنڪري اسان مجبور آهيون جو انهي تي ڪا پراگريس ڪري ڪونه سگهيا آهيون.

عمومن انهن اسڪيمن جو ٺيڪيدار به ايم اين اي جو ڪو ويجهو عزيز يا خود انجو سيڪريٽري هوندو هيو. تنهنڪري سنڌ ۾ موڪليل پئسن جي حساب سان ڪا به پراگريس ڪونه ٿيندي هئي.

سنڌ ۾ هڪ به ايم اين اي اهڙا هوندا هيا، جيڪي ميٽنگ ۾ ايندا هيا انهن شيرازي صاحب باقاعده ميٽنگ ۾ ايندو هيو. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري نه ايندو هيو ته فون تي سڀ پراگريس ڏيندو ۽ وٺندو هيو.

# وزيرِ اعظم هائوس ۾ 6 سال

مان تقريباً 6 سال وزيراعظم آفيس جي پبلڪ افيئرس ونگ ۾ جوائنٽ سيڪريٽري ڊسمبر 2005ع کان جولاءِ 2009ع تائين ايڊيشنل سيڪريٽري پبلڪ افيئرس ونگ اپريل 2010ع کان اپريل 2012ع تائين رهيس. انهي سڄي وقت ۾ منهنجو پوري پاڪستان جي عوامي نمائندن سان رابطو ۽ ڄاڻ سڃاڻ ٿي. وزيراعظم کان فنڊز وٺڻ جو طريقيڪار هر علائقي جو مختلف هيو. پنهنجي علائقي جي ترقي لاءِ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جا نمائنده ڪافي دلچسپي وٺندا هيا ۽ اسڪيمون به اهڙي طريقي سان ٺاهي ڪٺي ايندا هيا، جو انهن کي رد وزيراعظم گهٽ ڪري ڪونه ڪندو هيو.

ٻنهي صوبن جا نمائنده هڪ ته جيڪي فنڊز پنهنجي علائقي جي اسڪيمن لاءِ وٺندا هيا اهي ته پنهنجي جاءِ تي، انهي کان علاوه ٻيون اسڪيمون. اهڙيءَ طرح سان ٻه يا چار ايم اين ايز ٺاهي ڪٺي وزيراعظم سان اچي ملندا هيا جنهن ۾ هو پنهنجي علائقي لاءِ ڪا وڏي اسڪيم منظور ڪرائيندا هيا. مثال طور ڪا وڏي پل جنهن تي اربين روپيه خرچ ايندو هيو. جيڪو نيشنل بجيٽ جي اينوئل ڊولپمينٽ پلان جو حصو ٿيندي هئي.

جيئن فرض ڪيو ته گهوٽڪي، شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعي انهن لاءِ اهم آهي ته سنڌو درياء تي پل پوي. ته جيڪڏن انهن ٽنهي ضلعن جا ايم اين ايز هڪ گڏيل درخواست ڪٺي اچي وزيراعظم سان ملن ته سائين هي اسڪيم توهان صرف ايندڙ بجيٽ ۾ منظور ڪرائي ڏيو. وزيراعظم جي لاءِ اهو ڏکيو ٿي پوندو ته انهن ٽنهي ضلعن جي نمائندن کي نه ڪري ۽ خوشيءَ سان ان اسڪيم جي لاءِ حڪم ڪندو ته اين ايڇ اي، منسٽري ڪميونيڪيشن ۽ پلاننگ ڊويزن کي ڊائريڪٽو جاري ڪيو. مون ڏٺو خاص ڪري پنجاب جا ايم اين ايز اهڙي قسم جون اسڪيمون ڪرائڻ لاءِ بجيٽ کان ست اٺ مهينا اڳ ڪٺي ايندا هيا ۽ پنهنجون سڀ اسڪيمون ايندڙ قومي بجيٽ لاءِ منظور ڪرائي ويندا هيا.

انهيءَ جي مقابلي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا عوامي نمائنده ڪڏهن به ڪا گڏيل مفاد واري اسڪيم ڪٺي ڪونه ايندا هيا. جيڪي اسڪيمون ڪٺي ايندا هيا، انهن ۾ اڌ کان گهٽ گئس ۽ بجلي جون اسڪيمون ۽ اڌ کان وڌيڪ رقم واريون اسڪيمون اهي هونديون هيون جن ۾ ننڍا ننڍا رستا، ڊرينيج، بلڊنگ جي ريپيئر وغيره وغيره. اڌ کان گهٽ گيئس ۽ بجلي جون اسڪيمون انهيءَ ڪري جو اهي ايم اين ايز جي ماڻهن کي ٺيڪا وغيره ملي ڪونه سگهندا هيا، ڇوته اهي بلڪل ٽيڪنيڪل هونديون هيون ٻيو ته انهن اسڪيمن مان عوام جي نمائندن کي ڪوئي فائدو ڪونه ٿيندو هيو. سواءِ انهن

ڳوناٽن جي خوش ۽ راضي ٿيڻ جي. رستا روڊ، ڊرينيج ۽ ٻيون اهڙيون اسڪيمون اڪثر ڪري ٺيڪيدار انهن جا ويجها عزيز يا پنهنجا قريبي ماڻهو هوندا هيا، جيڪي انهن جي لاءِ ڪم ڪندا هيا. سنڌ جا نمائنده خاص ڪري اهي اسڪيمون پنهنجي ضلعي جي ورڪس ڊپارٽمينٽ لاءِ تجويز ڪندا هيا، ٿورا سنڌي نمائنده پي ڊبليو ڊي جي معرفت ڪرائيندا هيا، باقي ايم ڪيو ايم جا نمائنده گهٽيون اسڪيمون پي ڊبليو ڊي جي معرفت ڪرائيندا هيا. پنجاب جا نمائنده گهڻو زور گيئس ۽ بجلي تي ڏيندا هيا ۽ ٿوريون اسڪيمون پي ڊبليو ڊي جي معرفت ڪرائيندا هيا. سنڌ جا هڪ ٻه اهڙا نمائنده هيا، جن سڀيون اسڪيمون گئس ۽ بجلي جون ڏنيون.

ڪيترا دفعا ايئن به ٿيو جو ڪنهن سنڌ جي نمائندي پي ڊبليو ڊي ڏانهن اسڪيم تجويز ڪئي، جيڪڏهن پي ڊبليو ڊي جو انجنيئر انهن جي خيال مطابق ڪونه هلندو هيو ته وزيراعظم سان ملي انهي اسڪيم کي پنهنجي ضلعي جي ورڪس ڊپارٽميٽ لاءِ ٽرانسفر ڪرائي ايندا هيا، جنهن ڪري هڪ ڏکهو طريقيڪار ڪبو هيو جنهن ۾ به تي مهينا ضلعي تائين فنڊز جي پهچڻ ۾ لڳي ويندا هيا پر ضلعي وارا ڪم اڪلائڻ جا وڏا ماهر هوندا هيا، فنڊز پهتا ناهن پراگريس شروع ٿي ويندي هئي. جيئن چوندا آهن ته ”مٿيارن جو موت ويندي جي وير.“

ترقياتي ڪم ايئن پورو ڪري وٺندا هيا، جيئن ٺر ۾ مئل ڍور ڳجهن جي ور چڙهي وڃي.

هڪ دفعي ڊي جي شيخ صاحب پي ڊبليو ڊي جوهيو نالو هينئر ياد نٿو اچي. ڳالهين ۾ مون پڇيو ته شيخ صاحب اهو ڇاجي ڪري تنهنجي پراگريس پنجاب ۽ ڪراچي ريجن جي بهتر اچي ٿي باقي ڪراچي کي ڇڏي سنڌ جي پراگريس نه هئڻ جي برابر آهي. چيائين ته ڳالهه توکي ٻڌايان؟ مون چيو ته ها ٻڌاءِ، چيائين ته پنجاب ۽ ڪراچي جاعوامي نمائنده اسان جي انجنيئر کي چوندا آهن ته اسان کي ڏهه سيڪڙو ڏيو؟ باقي اسڪيم توهان بروقت ۽ ڪم ۾ ڪابه رعايت ڪانه ٿيندي. انهي جي برعڪس اسان جا گهڻا سنڌي نمائنده انجنيئر کي چوندا آهن ته 30 سيڪڙو ڏي ۽ ٺيڪيدار به اسان جي مرضي جو هوندو ۽ انهي کي ايڊوانس به ڏي. انهي ڪري اسان کي سنڌ ۾ مسئلا پيش اچن ٿا. وڌيڪ ٻڌايائين ته هڪ ايم اين اي هڪڙي انجنيئر جي بدلي ڪرائي پنهنجي علائقي ۾ وٺي ويو. ايم اين اي صاحب مٿان اسڪيمون منظور ڪرائي جڏهن فنڊز ٽرانسفر ٿي پهتا ته انجنيئر صاحب کي چيائين ته 30 سيڪڙو ڏي يا فنڊز واپس ٿو ڪرائي، ضلعي حڪومت ڪان ڪرايان. انجنيئر چيس ته سائين ٻيا سڀ ڏهه پرسينٽ ٿا وٺن توهان به ڏهه وٺو. آخرڪار ڏهه سيڪڙو تي معاملو ٺهيو پر ٺيڪيدار ايم اين اي جي مرضي وارو هوندو. انجنيئر صاحب ها ڪئي. جڏهن ٺيڪو نمائندي جي ماڻهو کي ملي ويو ته ٺيڪيدار ڪم شروع ڪونه پيو ڪري، جڏهن انجنيئر ان تي زور وڌو ته ٺيڪيدار نمائندي سان گڏ انجنيئر جي آفيس پهتو ۽ چيائيس ته صاحب تون پنهنجو ماڻهو آهين، تنهنڪري تون ٺيڪيدار کي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه پرسينٽ ايڊوانس ڏي ته هي ڪم شروع ڪري. انجنيئر چيس ته سائين هي ننڍيون ننڍيون اسڪيمون آهن، انهن تي موبلائزيشن ايڊوانس ڪونه ڏبو آهي. آخر عوامي نمائندي جي گارنٽي تي انجنيئر بي وقوفي ڪري ٽيهه چاليهه سيڪڙو ايڊوانس ڏنو. ٺيڪيدار وري به ڪم تي ڪونه آيو. مشڪل سان ٺيڪيدار هٿ ڪيائين

ٺيڪيدار پيو ڪم ڪان گسائي. جڏهن ٺيڪيدار تي انجنيئر گهڻو زور رکيو ته چيائين ته سائين صاحب پئسا ڏئي ته مان ڪم ڪيان. انجنيئر چيس ته توکي جو ايڊوانس ۾ پئسا ڏنا اهي ڪاڏي ويا. ٺيڪيدار چيو ته سائين اهي ته سڀ پئسا رئيس ڪٽي ويو مون وٽ ته ٽڪو ڪونهي. نه وري رئيس پئسا ڏيندو. انجنيئر اچي پريشان ته هاڻي ڇا ٿيندو. نمائندي سان فون تي رابطو ڪري ته سيڪريٽري ايم اين اي جو چويس ته پوتار هينئر ميٽنگ ۾ آهي، ڪڏهن ڪاٽي ته ڪڏهن ڪاٽي. آخرڪار انجنيئر اتان اسلام آباد اچي رئيس سان اچي مليو چيائين ته سائين توهان وارو ٺيڪيدار ڪم شروع نٿو ڪري، مهرباني ڪري توهان چئوس ته ڪم ڪري. رئيس تي جڏهن زور پريو ته انجنيئر کي چيائين ته هڪ ته اسان توهانجي بدلي ڪرائي هاڻي ڪم ڪرائڻ اسانجي ذميواري نه آهي وڃ ۽ پنهنجو ڪم ڪر. انجنيئر ته پريشان ٿيو ته اسي نوي لک روپيه ايڊوانس ڏنو هاڻي ڇا ٿئي؟ جڏهن انجنيئر وڌيڪ ڪجهه چيو ته نمائندي صاحب چيو ته تو منهنجو استحقاق مجروع ڪيو آهي ۽ مان سڀاڻي تنهنجي خلاف اسيمبلي ۾ تحريڪ استحقاق جمع ٿو ڪرايان. انجنيئر صاحب زنده لاش ٿي واپس موٽيو ۽ ٺيڪو ختم ڪري ٻئي ٺيڪيدار کي ڏنو پوءِ ڪيئن انجنيئر انهي ڪم کي پورو ڪرايو ۽ ڪهڙي طريقي سان ٺيڪيدار جي نالي سان ڪجهه پنهنجي ۽ ڪجهه ٺيڪيدار جي کيسي تي وزن وجهي سرڪاري پئسا پورا ڪيا. مون طريقي سان شيخ صاحب کان پڇڻ چاهيو ته انهي انجنيئر يا نمائندي جو نالو ٻڌائي پر نالي ڪڍڻ کان لنوائي ويو پوءِ مون وڌيڪ زور ڪونه پريو.

سنڌ مان ڪافي اهڙيون اسڪيمون جن جا عوامي نمائنده اسٽيميٽ ٺهرائي ڪٽي ايندا هيا، اهي هڪئي وقت صوبائي ترقياتي بجيٽ يا ضلعي جي بجيٽ سان منظور ٿيل هونديون هيون. جيئن ته وزيراعظم جي آفيس کي فيلڊ آفيسن جي موڪليل رپورٽس تي اعتبار ڪرڻو پوندو هيو. تنهن ڪري اسان اهڙين اسڪيمن جي خلاف ڪجهه ڪرڻ جي مجاز ڪونه هياسين. ليڪن ڪڏهن ڪڏهن اخبار ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اهي خبرون هلنديون هيون ته فلاڻي ضلعي جي فلاڻي ترقياتي اسڪيم تي هڪئي وقت مختلف ذريعن کان آيل رقم هڪڙي اسڪيم جي نالي خرچ ٿي ويا. بهرحال اهو منهنجو ڪم ناهي، نڪو مون وٽ ڪو رڪارڊ آهي ته اهي ڪهڙيون اسڪيمون آهن جن جي مٿان مختلف ذريعن کان آيل رقم خرچ ٿي.

سنڌ ۽ پنجاب جا ڪجهه عوامي نمائنده ممنوع بور جي لائسنس لاءِ هر وقت ڪوشان هوندا هيا. بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي جا نمائنده ونندا هيا، پر گهٽ ونندا هيا.

جولاءِ 2009ع ۾ مان ۽ منهنجو پٽ محمد شعيب عمري جي ادائگي لاءِ حرمين شريف وياسين. موٽي آياسين ته منهنجو پروموشن ٿي چڪو هيو. مونکي جيڪا خبر ڪنهن دوست جي معرفت پئي ته منهنجي پروموشن لاءِ مرحومه فوزيه وهاب ايم اين اي هاءِ پاور بورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪافي ڪردار ادا ڪيو. مرحومه اسيمبلي جي اجلاس ۾ ملندي هئي پر ڪڏهن به مونکي ڪونه ٻڌايائين يا احساس ڏياريائين ته ڪو مان تنهنجي پروموشن لاءِ اسٽينڊ ورتو. مون هڪ دفعي مرحومه کي اسيمبلي جي لابيءَ ۾ چيو ته ميڊم توهان جي مهرباني. مونکي جواب ۾ ميڊم چيو ته اهو تنهنجو حق هيو. مان ڪوئي توتي احسان ڪونه ڪيو آهي. باقي جيئن ته مان توکي سڃاڻان ٿي پر جيڪڏهن

مان نہ بہ سچاٽان ها تڏهن بہ سنڌ جي نسبت سان مان ضرور پنهنجو ڪردار ادا ڪيان ها. جڏهن مونکي چيائين تہ جيڪڏهن توکي نہ بہ سچاٽان ها تہ بہ سنڌ جي ناطي سان مان ڪوشش ڪيان ها. ان جملي چوڻ سان ميڊم لاءِ منهنجي دل ۾ اجان بہ وڏيڪ عزت ۽ احترام ٿي ويو. مون ميڊم فوزيہ وهاب کي هميشہ مسڪراهٽ ۽ شفقت واري ماحول ۾ ڏٺو. جنهن سان بہ ڳالهائيندي تہ عزت واري انداز ۾ ڳالهائيندي هئي. الله مرحومہ جا درجا بلند ڪري.

ايڪويهين گريڊ ۾ پروموشن تہ ٿي ويو. هاڻي جيستائين ايڪچوئلائيز ٿئي, تيستائين توهانجو پروموشن تصور ڪونہ ٿيندو. پرنسپل سيڪريٽري کي چيوسين تہ سائين ڪو اسانجي پوسٽ جو بندوبست ڪيو. جواب مليو تہ ڪنهن منسٽري مان پنهنجي لاءِ عرض نامو وٺي اچ. مرحوم ميرهزار خان بجاراڻي کي عرض ڪيو تہ سائين پروموشن تہ ٿي ويو آهي پر پوسٽنگ لاءِ ڪا منسٽري خط لکي تہ ڪا پوسٽنگ ٿئي. مير صاحب کلي چيو تہ چانڊيا صاحب مان لکي ٿو ڏيان ۽ مونکي تنهنجي ضرورت آهي.

جنرل مشرف اهو اڻ لکيل حڪم جاري ڪيو هيو تہ منسٽري ۾ سينيئر پوسٽ لاءِ وزير جو خط ضروري آهي. انهي طريقيڪار تي عوامي حڪومت بہ عمل پئي ڪري. مان جڏهن مرحوم ميرهزار خان بجاراڻي کان خط وٺي آيس تہ جواب مليو تہ ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري خط لکي. سيڪريٽري تعليم ان وقت چوڌري عبدالرئوف هيو. مير صاحب سيڪريٽري تعليم کي چيو تہ چانڊيو صاحب لاءِ اسٽيب کي خط لک. چوڌري صاحب انهي تي آماده ڪونہ پيوٿئي, چو تہ ايڊيشنل سيڪريٽري چوڌري صاحب جو بيچ ميٽ هيو. بہ ٽي ڏينهن گذري ويا تہ مان وري اسيمبلي هال جي لابي ۾ مير صاحب کي ياد ڏياريو. مير صاحب تمام شريف النفس انسان ۽ ٿڌي طبيعت جو مالڪ هوندو هيو. مونکي چيائين تہ تون فڪر نہ ڪر, مان خط موڪلرايان ٿو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سيڪريٽري صاحب اسٽيب کي خط لکي منهنجي پوسٽنگ لاءِ گهر ڪئي. انهي کان پوءِ منهنجي جولاءِ جي آخر ۾ منسٽري آف ايجوڪيشن ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري پوسٽنگ ٿي. منهنجي پوسٽنگ جي ڪري منسٽري آف ايجوڪيشن جي هيرارڪي ۾ خلل پئجي ويو. چو تہ منهنجي پوسٽنگ کان اڳ سيڪريٽري, ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن ٽئي هڪئي بيچ جا هيا. جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن کي ڊائريڪٽر جنرل فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن جي چارج بہ هئي. سيڪريٽري ايجوڪيشن ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن هڪئي ڳوٺ جا هيا, يعني ٻئي ساهيوال شهر جا هيا. تنهن ڪري ايجوڪيشن منسٽري جا بي تاج بادشاهہ هيا, جنهن ڪري هو نہ پيا چاهن تہ منسٽر صاحب جو ڪو حمايتي هتي پوسٽ ٿئي. مير صاحب جي بہ ڪوشش هئي تہ ڪيئن بہ ڪري پنهنجي اعتماد وارو ماڻهو اتي اچي, سو منهنجي مرحوم مير صاحب سان اڳ ۾ سچاڻپ هئي پر انهي کان وڏيڪ مان مير صاحب جي فرزند جي هيٺان ڪم بہ ڪيو هيو, تنهنڪري مونتي پروسو ڪري پي سگهيو. 2003ع ۾ مان جڏهن ڊي سي او جيڪب آباد هيم تہ انوقت ضلعي ناظم مرحوم ميرهزار خان جو فرزند مير شبير خان بجاراڻي صاحب هيو.

# مير هزار خان بجاراڻي هڪ نيڪ دل انسان

مرحوم مير هزار خان بجاراڻي هڪ نيڪ صفت ۽ دردل رکڻ وارو انسان هيو. جيترو مون ڏٺو ته هر ماڻهو سان انتهائي اخلاق ۽ حسن سلوڪ سان ملندو هيو. انسان ته ڪوئي به مڪمل ٿي نٿو سگهي، هر ڪنهن ۾ سنيون ۽ گهٽ سنيون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، تنهنڪري جيڪا مونکي ڪنهن جي صفت پسند آهي، ضروري ناهي ته ٻئي کي به اها پسند اچي. بهرحال مجموعي طور مير صاحب هڪ رک رکاءُ وارو انسان هيو. الله ڪيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪريس.

منسٽري آف ايجوڪيشن تي مڪمل ڪنٽرول چوڌرين جو هيو. اهو اسان سڀني کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته منسٽر يا سيڪريٽري ڪاميابيءَ سان تيستائين منسٽري ۾ ڪم نٿو ڪري سگهي جيستائين انکي مک جاين تي پنهنجي اعتبار جوڳا ۽ قابل ماڻهو ناهن. جڏهن منهنجي پوسٽنگ ٿي ته سيڪريٽري ڪا پٽيوالي تائين سڀ اسٽاف پنجاب ۽ ڪجهه ڪي پي ڪي جي ماڻهن سان ڀريل هيو. تنهنڪري ٻئي صوبي جا ماڻهو صرف پنهنجي صوبن جي مفاد کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ ۾ مشغول هيا. تنهنڪري منسٽر چاهيندي به ڪجهه ڪري ڪونه سگهندو هيو. منهنجي پوسٽ ٿيڻ سان ڪجهه وقت تائين جيڪي اهم فيصلا يا فائيل هوندا هيا، اهي منهنجي نظر کان به ڪونه گذرڻ ڏيندا هيا. جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن اهي فائيل هٿون هٿ ڪٽي سيڪريٽري سان ڊسڪس ڪري فيصلو ٿي ويندو هيو. اسان کي تڏهن وڃي خبر پوندي هئي جڏهن ڪوئي سرڪيولر يا نوٽيفڪيشن ڏسڻ خاطر فولڊر ۾ ايندو هيو. منسٽر صاحب وڏي ڪوشش ڪان پوءِ هڪ سيڪشن آفيسر سنڌي پوسٽ ڪرايو جنهن کي ايس او ايڊمن ڪري رکيوسين. انهيءَ کان پوءِ ڪجهه اسان کي منسٽري جي معاملات جي خبر پوڻ شروع ٿي، جيڪا تقريباً ٽيهه چاليهه سيڪڙو به مس هئي. آهستي آهستي ڊي جي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ ايجوڪيشن به هڪ سينيئر پروفيسر کي پوسٽ ڪيوسين، جنهن ڏينهن رات محنت ڪري ڪافي معاملن کي سلجهايو. انهيءَ سان گڏوگڏ منسٽر صاحب ڪوشش وٺي بوڪ فائونڊيشن ۽ بوڪ ڪائونسل ۾ هيڊ به ادي ارشاد عباسي صاحبه کي رکيوسين. انهيءَ کان پوءِ آهستي آهستي مير صاحب جي ڏينهن رات ڪوشش سان منسٽري آف ايجوڪيشن جي معاملات تائين رسائي شروع ٿي. تقريباً ٽيهه ٻٽيهه سالن جي عرصي کان پوءِ ڪجهه سنڌ صوبي کي موقعو ملڻ شروع ٿيو ۽ مير صاحب جي ڪري اٽڪل تي ساڍا ٽي سؤ ماڻهو سنڌ مان اچي مرڪزي ايجوڪيشن ڊائريڪٽوريٽ ۾ خدمت ڪرڻ جي لاءِ ڀرتيا، جنهن جو سڄو ڪريڊٽ مير صاحب جي سر تي آهي. اسان جي جن دوستن صرف پاڪستان سيڪريٽريٽ کي ٻاهران ڏٺو آهي انهن کي اهو اندازو ناهي ته

هتي ڪيترا معاملا ڏکيا آهن. مرڪزي سرڪار جو وهنوار هلائڻ وارن ۾ سنڌ جي نمائندگي بلڪل ناڪافي ۽ غير مؤثر آهي. جنهن ڪري سنڌ جي نوڪري ڪندڙ چاهي نوڪري جي تلاش ۾ آيل ماڻهو لاءِ تمام گهڻيون ڏکيائيون آهن. سنڌ کان جيڪو ماڻهو هتي اچي نوڪري ڪري ٿو چاهي وڏي عهدي تي آهي يا ننڍي عهدي تي مسئلا ہنهي سان آهن پر هڪ جي لاءِ مسئلن جي نوعيت مختلف هوندي آهي. ايئن ناهي تہ وڏي عهدي تي ويٺل مسئلن کان آزاد آهي.

جيڪڏهن سنڌي منسٽر آهي تہ انهيءَ لاءِ بہ ڪيترائي مسئلا آهن. ايئن ناهي تہ هو منسٽر ٿي ويو تہ ان لاءِ سڀ ڪجهہ آسان آهي. مسئلن جي حساب سان سياسي ماڻهن ۽ سرڪاري پيشي سان لاڳاپيل سنڌي ماڻهو کي ڪيترائي چيلينجز آهن. جيڪو مون ڏٺو ۽ سمجهيو آهي, ان سان ڪنهن کي اختلاف بہ ٿي سگهي ٿو. سنڌي منسٽر هڪ لڪل خوف ۾ هميشہ مبتلا رهي ٿو. سنڌي منسٽر ڪڏهن بہ آزاداڻي طور تي ڪم ڪري ڪونہ ٿو سگهي. سنڌي منسٽر ڪڏهن بہ سنڌي آفيسر کي تحفظ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندو آهي.

سنڌي منسٽر جي ڪوشش هوندي آهي تہ مان صرف پاڪستاني جي حيثيت ۾ ٿي ڪم ڪريان تہ جيئن ٻيا اهو نہ سمجهن تہ مان ڪو سنڌين جي لاءِ ڪم ڪريان ٿو.

سنڌي منسٽر پاڻ کي پاڪستاني ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ قرباني سنڌي آفيسر توڙي ننڍي سنڌي اسٽاف جي ڪندو آهي پوءِ بہ سنڌي منسٽر اتي پاڪستاني ثابت ڪونہ ٿي سگهندو آهي.

سنڌي منسٽر پنجابي آفيسر کي پاڻ لاءِ وڌيڪ بهتر ۽ ان ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهندو آهي. سنڌي منسٽر ڪڏهن بہ پنجابي آفيسر کي ناراض ڪرڻ نہ چاهيندو آهي.

انهيءَ جي مقابلي ۾ پٺاڻ منسٽر کلم کلا پٺاڻ آفيسر جو تحفظ ڪندو آهي. پٺاڻ منسٽر هميشہ ڪوشش ڪندو آهي تہ پٺاڻ آفيسر رکان ۽ انهن سان گڏ ڪم ڪريان.

پٺاڻ منسٽر هميشہ اهو ڪندو آهي, جنهن ۾ هو پنهنجي ماڻهن جو فائدو ڏسندو آهي.

پٺاڻ منسٽر کان پنجابي آفيسر بہ لهرائيندا آهن ۽ هميشہ پاڻ کي پٺاڻ منسٽر جي خيال مطابق ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

پنجابي منسٽر تمام گهڻو تعصبي ۽ ننڍي ذهنيت وارو هوندو آهي. پنجابي منسٽر لاءِ هر ڪم آسان هوندو آهي, ڇو تہ هو پاڻ کي پاڪستان جا مالڪ سمجهندا آهن. پنجابي منسٽر ڪڏهن بہ لڪل خوف ۾ مبتلا ڪونہ هوندو آهي. پنجابي منسٽر هميشہ پنهنجي آفيس کي پنهنجي چوڌري واري اوطاق وانگر هلائيندو آهي, جنهن ۾ سڀ رڳو پنجابي ۾ ڳالهائيندا ۽ فيصلا ڪندا آهن. پنجابي منسٽر هميشہ پنهنجي علائقي جي ماڻهن جو ڪم دل کولي ڪندو آهي. پنجابي منسٽر کي ڪوئي خوف ڪونہ هوندو آهي تہ انکي ڪير ڪنهن جو ايجنٽ چوندا.

بلوچي ۽ سنڌي منسٽر هڪ ٽولي ۾ شامل هوندا آهن ۽ ڪوشش هوندي اٿن تہ پنجابي آفيسر انهن کان ڪنهن بہ طرح ناراض نہ ٿئي..

سنڌي ۽ بلوچي آفيسر سان بہ ڪيترين ۾ ساڳيون مشڪلاتون هونديون آهن. سنڌي آفيسر کي

سنڌ جي سياسي قيادت جي ڪابہ سپورٽ ڪانہ هوندي آهي. سنڌي آفيسر جي مٿان گهڻ رخيون تلوارون هميشہ تيار بيٺيون هونديون آهن.

فرض ڪيو تہ جيڪڏهن ايس او سنڌي آهي تہ انجو ڊي ايس، جي ايس ايڊيشنل تائين پنجابي آفيسر هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو وچم ۾ ٻيو سنڌي آفيسر هوندو آهي تہ بہ ٻئي هڪٻئي جي ڪابہ مدد ڪري ڪونہ سگهندا آهن، ڇو تہ ٻنهي جا سيڪشن يا ونگ مختلف هوندا آهن. چاهيندي بہ مدد ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ڪونہ هوندا آهن. تنهن ڪري سنڌي آفيسر کي اهڙي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ قربان ڪرڻو پوندو آهي.

سنڌي آفيسر کي پنهنجي پروموشن خاطر هميشہ پنجابي آفيسر جي رحم ۽ ڪرم تي رهڻو پوي ٿو. فرض ڪيو تہ سيڪشن آفيسر آهي تہ انجي اي سي آر ڊي ايس لکندو ۽ ڪائونٽر سائن جي ايس ڪندو. عمومن ٻئي آفيسر پنجابي. جيڪڏهن ڊي ايس هوندو تہ انجي اي سي آر جي ايس لکندو ۽ ايڊيشنل جيڪي گهڻو ڪري پنجابي هوندا آهن. جيڪڏهن جي ايس آهي تہ ايڊيشنل لکندو ۽ سيڪريٽري ڪائونٽر سائن ڪندو. جيڪڏهن سنڌي ايڊيشنل سيڪريٽري آهي تہ اي سي آر سيڪريٽري لکندو ۽ ڪائونٽر سائن ڪوئي ڪونہ ڪندو. سيڪريٽري جي رپورٽ فائينل. انهيءَ حالت ۾ اسان جي ٻاهر ويٺل دوستن کي سوچڻ کپي تہ اهڙي حالت ۾ سنڌي آفيسر ڪهڙي عذاب ۾ ڦاٿل رهي ٿو؟ انهي کان پوءِ بہ اسلام آباد ۾ سنڌي آفيسرن گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي. هينئر بہ جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي ماڻهو اسلام آباد جي مختلف حيثيت ۾ ڪم ڪندي نظر اچن ٿا، انهيءَ لاءِ گهڻو رت ڏنل هتي آيل سنڌي آفيسرن ۽ ٻئي اسٽاف جو آهي.

جڏهن اسان ايجوڪيشن ۾ صرف هڪڙو سيڪشن آفيسر پوسٽ ڪرايو تہ ان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ سڄي مشينري لڳي وئي. جڏهن بہ ڪنهن ڪم لاءِ چوندا هياسين تہ فلاڻو ڪم ڇا جي ڪري ليٽ ٿيو آهي؟ تہ جوائنٽ سيڪريٽري هڪدم چوندو هيو تہ سائين ڇا ڪريون ايس او نئون آهي ان کي ڪا خبر ڪانهي. بہ تي دفعا هن مون سان اهڙيءَ طرح ڀهانو ڪيو تہ مون کيس ٿورو سختي واري لهجي سان چيو تہ پوري منسٽري جو ذميوار صرف اهو نئون آيل ايس او آهي جو جيڪا ڳالهہ پڇ تہ ان مسڪين تي ٿا هڻو. مون چيو اڳتي اهڙي قسم جي ڳالهہ مون سان وري نہ ڪجان، وڏيڪ مون چيو تہ لائق صرف پنجابي آهن ٻيا سڀ نالائق آهن. اهو توهان جو ڪهڙو طريقو آهي؟ انهي کان پوءِ ڪڏهن وري اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪونہ ڪيائين پر انهن جي دلين ۾ نفرت بلڪل ظاهر هوندي هئي.

2008ع ۾ جيئن پ پ جي گورنمينٽ آئي تہ قومي اسيمبلي ڪنٽريڪٽ ايمپلائيز کي ريگيولر ڪرڻ ۽ 1996ع ۾ ڪڍيل ايمپلائيز کي نوڪري تي بحال ڪرڻ لاءِ بل پاس ٿيو. انهي بل تحت ڪيترائي ايمپلاءِ نوڪرين تي بحال ٿيا ۽ ڪانٽريڪٽ وارا ملازم سڀ پڪا ڪيا ويا. فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن ۾ برگيڊيئر جيڪو ڊي جي هيو ان پنهنجي علائقي چڪوال جا خاص ڪري پنج ڇهہ سو ماڻهو ڪانٽريڪٽ کان علاوه ڊيلي ويجز تي ڀرتي ڪيا هيا، جن ۾ پنجين گريڊ کان سترهين گريڊ تائين ملازم هيا. ان پاس ڪيل بل تحت ڊيلي ويجزجا ملازم پڪا ڪين پي

ٿي سگهيا. تنهن ڪري اهي ڪورٽ ۾ ويا ۽ جسٽس چوڌري افتخار انهي سلسلي ۾ حڪم جاري ڪيو ته گورنمينٽ انهن ڊيلي ويجز وارن ملازمن کي پڪي ڪرڻ لاءِ اپاءُ وٺي.

جڏهن اهي احڪام پهتا ته انهن ڏينهن ۾ سيڪريٽري تعليم چوڌري عبدالرئوف حج تي ويل هيو ته منسٽري جي چاليهه ڏينهن مون وٽ چارج هئي. جڏهن هيئنان جوائنٽ سيڪريٽري سمري ٺاهي ڪٽي آيو ته سپريم ڪورٽ جي بهاني سان انهن سڀني کي پڪو ڪرڻ لاءِ وزيراعظم ڏانهن سمري موڪليون. مون جڏهن لسٽ ڏٺي ته ان ۾ صرف اهيوچاٽايووبو هيوته نالو پيءُ جو نالو، گريڊ ۽ ڪهڙي تاريخ کان ڊيلي ويجز تي ڪم ڪن ٿا. جي ايس کي چيو ته اهي ملازم به پاڪستان جي ڪنهن حصي جا هوندا، تنهن ڪري انهن سڀني جي اڳيان لکو ته ڪهڙي صوبي جا آهن. چوڻ لڳو ته سائين ان ۾ دير لڳندي ۽ سپريم ڪورٽ جي هدايت آهي. مون چيو ته جيڪڏهن دير ٿيندي ته جوابداري تنهنجي ٿيندي يا منهنجي؟ چيائين ته سائين توهان جي، مون چيو ته مان انجو پاڻهي جواب ڏيندس، تون هينئر اها سمري کڻي ٻن ڪلاڪن تائين کڻي اچ، جنهن ۾ پوري انفارميشن ڏنل هجي. سپ ڪجهه موجود هيو، تنهنڪري ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ بغل ۾ سمري کڻي آيو. مون ڏٺو ته تقريباً نوي سيڪڙو پنجابي ۽ ڏهه سيڪڙو ڪن ٻين جا هيا. مان ان سمري کي ٻيهر ٺاهيو. جنهن ۾ مون لکيو ته جيئن ته پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ آهي ۽ انهي جا چار يونٽ آهن. پنجاب، سنڌ، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان. فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ هڪ وفاقي ادارو آهي، تنهن ڪري پاڪستان جي ايئن مطابق هر صوبي جي لاءِ هڪ ڪوٽا مقرر ٿيل آهي. جيئن ته سپريم ڪورٽ هدايت ڪئي آهي ته انهن تي انساني جذبي تحت انهن کي پڪو ملازم ڪيو وڃي. انهي سلسلي ۾ هيٺ ڏنل تجويزن کي وزيراعظم منظور ڪرڻ فرمائيندا.

هڪ ته هي جيڪي به ملازم پڪا ڪيا ويندا، جنهن به صوبي جا آهن، انهن صوبن جي ڪوٽا مان تصور ڪيا ويندا.

جنهن صوبي جي ڪوٽا ۾ هنن ملازمن کي پڪي ڪرڻ ۾ نقصان پهچندو، مرڪزي سرڪار تي لازم هوندو ته اڳ ۾ جڏهن به انهن گريڊن ۾ نوڪرين جي لاءِ خالي جايون ٿينديون، انهن صوبن جي ماڻهن کي رکندي. تيستائين انهن صوبن جي اميدوارن کي انهن نوڪرين ۾ ڪونه رکيو ويندو، جيستائين سڀني صوبن جي سروس ڪوٽا پوري نه ٿيندي.

مان اها سمري دستخط ڪري منسٽر صاحب کان صحيح ڪرائي وزيراعظم آفيس موڪلي ڏني. جڏهن اها سمري رواني ٿي وئي پنجابي آفيسرن ۾ بيچيني شروع ٿي، مون کي سيڪريٽري اسٽيب جو فون آيو ته چانڊيو صاحب سمري تو موڪلي آهي؟ مون چيو ته ٻيو ڪير موڪليندو؟ چيائين ته يار توکي خبر آهي ته سپريم ڪورٽ جون هدايتون آهن ته هنن کي پڪو ڪرڻو آهي. مون چيو ته سائين مان به ته اهو لکيو آهي. چيائين ته تو جيڪو اهو لکيو آهي ته جيستائين انهن صوبن جي ڪوٽا پوري نٿي ٿئي، تيستائين ٻين کي انهن ايندڙ وقت ۾ خالي جاين تي نه رکيو ويندو. مون چيو ته سائين پاڪستان جي ايئن جي مطابق لکيو آهي، باقي توهان مرضي جا مالڪ آهيوجيڪو توهان ان ۾ اضافو ڪيو. چيائين نه توکي ڪرڻو ڪپندو. مون چيوته مان جيڪا موڪلي آهي ۽ منسٽر ان کي

منظور ڪيو آهي، مان ڪجهه ڪونه ٿو ڪري سگهان. توهان چاهيو ته پلي وزير صاحب سان ڳالهايو. اها سمري وري واپس ڪانه موٽي، خبر ناهي پوءِ ڪڏهن موٽي ۽ ان تي ڇا فيصلو ٿيو

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چوڌري عبدالرئوف صاحب حج تان واپس آيو ۽ چارج سنڀالي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ قاضي امتياز صاحب سيڪريٽري تعليم مقرر ٿيو. انهي دوران اسان علامه اقبال يونيورسٽي ۾ سينيئر پروفيسر سانگي صاحب کي وائيس چانسلر صدر صاحب جي منظوري سان مقرر ڪرايو. ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن مان ڪجهه سنڌ جا ماڻهو ناروا سلوڪ جي ڪري ٻئي پاسي هليا ويا هيا انهن کي واپس گهرائي انهن جا پروموشن وغيره ڪرائي پنهنجا حق انهن کي ڏياريا سين. نسٽ (NUST) ( National Institute of Science and Technical Education) ۾ ڪافي سنڌي آفيسرن کي تنگ ڪري انهن جا پروموشن روڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. ٻه مهينا ڪن مون وٽ ڊي جي نسٽ جي چارج هئي، انهي دوران جن سان ٻه زيادتي ٿي هئي انهن سيني کي واپس گهرائي انهن کي جڏهن کان پروموشن ٿيڻ گهربا هيا. انهن جا پروموشن انهن تاريخن کان ڪيا ۽ انهن کي پنهنجي سينارٽي مطابق پوسٽنگ ڪئي.

# قاضي امتياز صاحب سنڌ جو باصلاحيت سيڪريٽري

قاضي امتياز صاحب هڪ باصلاحيت ايماندار آفيسر آهي. قاضي صاحب جي منسٽري ۾ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ اچڻ سان اسانجي هڪ مضبوط ٽيم ٺهي وئي، منسٽر صاحب جو اسان ٻنهي تي اعتماد هيو. تنهنڪري اسان ڪافي ڪم اهڙا ڪيا جن جا دور رس نتيجا نڪرندا هيا.

جڏهن مان ايڊيشنل سيڪريٽري هيم ته فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن جيئن ته هڪ تمام وڏو وفاقي ادارو آهي. جنهن ۾ ايڪويهين گريڊ کان هڪ گريڊ تائين ڪيئي هزار ملازم آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هڪ وفاقي اداري جي هجڻ باوجود پاڪستان جي ايئن مطابق سروس ۾ صوبن جي حقن جي اهڙي لتاڙ ڪئي وئي پوءِ جيڪڏهن صوبن جي مطابق ورهاست جي ڳالهه ڪبي هئي ته اشارن ۾ ڪڏهن به اهو چوندي ڪين ڪيپائيندا هيا ته سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو اهل ناهن. وغيره

هڪ دفعي جوائنٽ سيڪريٽري ايڊمن ايڊيشنل چارج ڊي جي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ جي هيس. مون ڏانهن فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ڏانهن تقريباً پندرنهن ويهه پروفيسر ۽ ايسوسيئٽ پروفيسرن جي خالي جاين ڪي پرڻ لاءِ هڪ پروفارما ڪٽي آيو ته جيئن مان ان تي دستخط ڪري ايف پي ايس سي ڏانهن موڪليون. مون ڏٺو ته ان ۾ صوبن لاءِ جيڪا ورهاست ڪيل هئي، اها جيئن ڪوٽا سسٽم تحت صوبن ڪي ملڻ گهرجي انهن ۾ اهڙي طرح سان فارمولو ناهيو هين جنهن ۾ فائدو صرف پنجاب جو هيو.

فرض ڪيو ته ڪل ست سيٽون آهن. اڌ پنجاب، ڏهه سيڪڙو ميرٽ، اهڙي طرح سنڌ، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان انهن ۾ ورهاست اهڙي طرح ڪيل هئي جنهن ۾ چار پنجاب. هڪ ميرٽ، هڪ سنڌ ۽ هڪ ڪي پي ڪي. مون جوائنٽ سيڪريٽري ڪي ڊسڪس لاءِ لکيو ۽ جي ايس صاحب آيو. مون پڇيو ته هي ڊسٽريبيوشن سيٽن جي ڪهڙي فارمولا تحت ڪئي اٿئي. چيائين ته سائين مونکي ايف ڊي اي وارن ڏياري موڪلي آهي مون چيو تون هينئر ڊي جي به آهين ۽ انهي ڪان علاوه جوائنٽ سيڪريٽري به آهين، تو مون ڏانهن بغير سوچ ۽ سمجهه سان موڪلي آهي. خير ايف ڊي اي مان ڊائريڪٽر ڪي ساڻ وٺي جوائنٽ ايجوڪيشنل ايڊوائز سميت تياري ڪري آيا. چوڻ لڳا ته سائين دراصل پوسٽون ست آهن جنهن ڪري سنڌ ڪي هڪ ڪان ٿورو وڌيڪ سيڪڙو جي حساب اچي پئي،

تنهن ڪري هڪ پوسٽ رکيسين باقي. بچيل سيڪڙو بئي دفعي جڏهن ساڳئي پوسٽ ۾ جايون ايندي يون ته ان ۾ ايڊجسٽ ڪنداسين. ڪي پي ڪي جي هڪ سيٽ مان ٿورو ڪٽي پئي تنهن ڪري اڳتي هلي ان مان ڪٽ ڪنداسين. بلوچستان جي لاءِ فارمولي تحت پنجاهه پرسينٽ کان گهٽ هيون. تنهن ڪري بلوچستان کي ڪونه ڏني سين. فارمولي تحت پنجاب جون ساڍا ٽي سيٽون پيون نهن پر اسان اڌ سيٽ انهي ڪري ڏني آهي جو سنڌ ۽ بلوچستان جون ڪجهه پوائنٽ بچيون تنهن ڪري اسان اڌ ۾ ملائي پورو هڪ ڪيو. تنهن ڪري پنجاب جون چار سيٽون حق ٿين ٿيون. مون چيو ته ميرٽ ۾ چوهڪ رکي اٿو ته چيائين ته سائين ميرٽ جون هڪ کان گهٽ پر ستر سيڪڙو هڪ جو ٿئي پيو. تنهن ڪري اسان ميرٽ کي هڪ سيٽ ڏني آهي.

مون هنن ڏانهن اک ٽيٽ ڪري ڏٺو ته هڪبئي کي اشارن ۾ مطمئن ٿيڻ جون ڳالهيون ڳجهه ۾ چيائون. مون ڇاٽي واٽي هڪ معصوماڻو سوال ڪيو ته هن سبجيڪٽ ۾ ڪل ڪيترون پوسٽيون سينڪشنڊ آهن ۽ انهن مان ڪيتريون پريل آهن ۽ پنجاب، ڪي پي ڪي، بلوچستان ۽ سنڌ جي ڊوميسائل وارا ڪيترا ڪم ڪن ٿا. چوڻ لڳا ته سائين ان ۾ ٿوري دير لڳندي، توهان مهرباني ڪري هن پروفارما تي دستخط ڪيو.چوته ٻارن جي تعليم تي برو اثر ٿو پوي.منسٽري هتان موڪليندي، انڪان پوءِ ايف پي ايس سي اخبارن ۾ اشتهار ڏيندي انهي کان پوءِ وڃي ريڪروٽمينٽ ٿيندي. مون چيو ته مون کي اهو احساس آهي ته جيڪڏهن استاد نه هوندو ته ٻارن جي تعليم تي برو اثر پوندو. پر اهيوتوهان ٻڌايوته جڏهن هيتريون پوسٽون خالي پيون هيون ته توهان ايتري دير چو ڪئي؟ هاڻي جيڪڏهن دير ڪئي اٿو ته اڳو پو مونکي اها مٿي انفارميشن ڪٺي اچو ته مان هينئر ٿو پوسٽن کي ايف پي ايس سي ڏانهن موڪليان. هينئر جيڪا به دير ٿيندي اها صرف توهان جي سستي ۽ ڍرائي جي ڪري ٿيندي. چيائون ته سائين بهتر پر هنن وٽ ٻيو آپشن ڪونه هيو جو انهي تي صرف اٿورائيز ايڊيشنل سيڪريٽري هيو. جيڪو اهي پوسٽون ايف پي ايس سي ڏانهن موڪلي سگهي پيو. اهو سيڪريٽري منهنجي پوسٽ ٿيڻ کان اڳ ايڊيشنل سيڪريٽري کي ڊپارٽمنيٽ جي نوٽيفڪيشن تحت ڪيو هيو.ان نوٽيفڪيشن جي ڪاپي ايف پي ايس سي ڏانهن به موڪليل هئي. بهرحال ٻئي ڏينهن ان سبجيڪٽ متعلق پروفيسرن جي سيڪشنڊ اسٽرينٿ ۽ پريل ڪيتريون سيٽون آهن ۽ ڪهڙي صوبي جا ماڻهو انهن پريل پوسٽن تي ڪم ڪن ٿا. اها سڄي انفارميشن جڏهن ڪٺي آيا ته منهنجو مٿو چڪرائجي ويو.

هينئر مون وٽ انگ اکر ته موجود ناهن پر ايئن سمجهو ته سٺ پنجهٺ سيڪڙو پنجاب جا ڊوميسائيل، ميرٽ چوڏهن پندرهن سيڪڙو تقريباً ويهه ٻاويهه سيڪڙو ڪي پي ڪي، باقي مشڪل سان سنڌ ۽ بلوچستان ڏهه سيڪڙو. مون هنن کي چيو ته جن سبجيڪٽس جي لاءِ ايف پي ايس سي کي سيٽون موڪلٽيون آهن، انهن سيني سبجيڪٽس جو مڪمل تفصيل ڪٺي اچو. جڏهن انهن سبجيڪٽس جي سيٽن جو تفصيل ڪٺي آيا ته مون چيو ته هاڻي ايف پي ايس سي جي لاءِ پروفارما ڪٺي اچو. جڏهن هي سڀ پروفارما خالي ڪٺي آيا ته مون انهن کي پنهنجي آفيس ۾ ويهاري جيڪي هنن پوسٽون پنجاب، ميرٽ ۽ ڪي پي ڪي لاءِ رکيون هيون، اهي سڀ ختم ڪري مون پروفارما تي صرف

سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ اهي سيٽون ڏئي دستخط ڪري تنهن وقت ايف پي ايس سي ڏانهن روانيون ڪيون. مون انهن کي انسٽرڪشن ڏنا ته جيستائين بلوچستان ۽ سنڌ جي پاڪستان جي آئين مطابق ڪوٽا پوري ڪونه ٿيندي، تيستائين بئي ڪنهن کي سيٽ ڏيڻ پاڪستان جي آئين سان غداري ٿيندي. تنهن ڪري مان اهڙو ڪو به ڪم ڪونه ڪندس جيڪو آئين پاڪستان جي خلاف هجي.

منهنجو اهو پروگرام ڏسي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪنهن هنڌ وينا هياسين ته اتي اها ڳالهه نڪتي ته هاڻي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن ۾ پنجابين جي ملازمت ايندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ بند ٿي وئي.

منهنجي نيت ۾ اها ڳالهه هئي ته گذريل ٽيهن سالن جي ٿيل بي انصافي جي تلافي لاءِ ايترو ڪجهه ڪري وڃان جو سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو اچي هتي روزگار سان لڳن. هاڻي مون هنن کي اهي انسٽرڪشن ڏنا ته ليڪچرار، اسسٽنٽ پروفيسر، اسوسيئيٽ پروفيسر، پروفيسرس جي مجموعي انفرميشن ڪٺي اچو.

انهي دوران مرحوم مير هزار خان بجاراڻي کان تعليم جو قلمدان وٺي، ان جي جاءِ تي سردار احمد علي کي منسٽر فار ايجوڪيشن مقرر ڪيو ويو. سردار احمد علي جڏهن چارج سنڀالي ته پنجابي لابي وڃي منسٽر ايجوڪيشن کي بريف ڪيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي ايڊيشنل سيڪريٽري مان جان ڇڏرايو اوترو تعليم کاتي لاءِ بهتر ٿيندو.

بهرحال منهنجي من اندر اهو هيو ته انهيءَ کان پوءِ جيڪي به ٽرينڊ اينڊ انٽرينڊ گريجويٽ ٽيچرس آهن. انهن جو تفصيل وٺان ته جيئن اتي جي هزارن جي تعداد ۾ نوڪريون گهٽي پاڳي پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ ميرٽ وارن کي پاڪستان جي آئين جي خلاف ورزي ڪندي وڏيڪ ڏنيون ويون آهن. انهن صوبن کي پنهنجو آئيني حق ڏيارجي. انهيءَ جي پٽڪ پنجابي لابي کي پئجي وئي ته جيڪڏهن آئين ٿيندو ته گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ اٺ کان ڏهن سالن تائين جيڪي به پوسٽون خالي ٿينديون، انهن سيني تي پرتي صرف سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو ٿيندا. جيڪڏهن ايتري وقفي کان پوءِ پنجابي ۽ پناڻ ايندا ته اهي اڳتي هلي هنن کان جونيئر ٿيندا، جنهن جو مطلب ته پوءِ هميشه لاءِ سنڌي ۽ بلوچ وفاقي تعليم اداري تي حاوي ٿي ويندا. جيڪو ظاهر آهي ته انهي لابي کي هرگز قبول ڪونه هيو. انهي ڪري سردار احمد علي کي مطمئن ڪيائون ته اسانجي لاءِ اهو بهتر ٿيندو ته ايڊيشنل سيڪريٽري محمد جمن چانڊيو کي جلدي تعليم کاتي مان بدلي ڪرايو وڃي.

مونکي بعد ۾ ڪنهن دوست ٻڌايو ته وزيراعظم ڏانهن سردار احمد علي ملڻ آيو ۽ وزيراعظم کي چيائين ته سائين منهنجي منسٽري تعليم مان چانڊيو کي بدلي ڪريو نه ته هو تعليم کاتي کي سنڌوديش ناهي ڇڏيندو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ بغير سيڪريٽري ايجوڪيشن کان پڇڻ منهنجي ٽرانسفر واپس پرائيم منسٽر پبلڪ افيئر ونگ ۾ ٿي، جيڪا مون اپريل 2010ع ۾ چارج ورتي.

منهنجي جاءِ تي شعغان شريف کي پنجاب مان گهرائي اتي پوسٽ ڪيو. شعغان شريف جي پوسٽنگ لاءِ سيڪريٽري کان ليٽر جي انهي ڪري ضرورت نه پئي جو سيڪريٽري سنڌي هيو ۽ منسٽر پنجابي هيو. منهنجي پوسٽنگ لاءِ منسٽر سنڌي هيو ۽ سيڪريٽري چوڌري، تنهن ڪري

منسٽر جي خط جي ڪابہ اهميت ڪانہ هئي. تنهنڪري اهو چيو ويو تہ جيستائين سيڪريٽري خط لکي گهر نہ ڪندو، تيستائين ٽرانسفر پوسٽنگ پاليسي تحت تنهنجي منسٽري آف ايجوڪيشن ۾ پوسٽ ڪونہ ڪنداسين. بهرحال منهنجي منسٽري آف ايجوڪيشن مان ذائقتہ البدلي جي ڳالهہ تہ مونکي سمجهہ ۾ اچي ٿي. ڇو تہ اهو انهيءَ لابي کي بخوبي اندازو ٿي ويو هيو تہ پاڪستان جي ايئن تحت ننڍين صوبن سان جيڪا زيادتي ٿي آهي، انهيءَ تي جيڪڏهن عمل ٿي ٿو وڃي تہ انهن لاءِ اهو سٺو سنوڻ ڪونہ ٿيندو. اهو ان لابي کي يقين ٿي ويو هيو تہ ان تي عمل شروع ٿي ويو آهي ۽ پورو عمل بہ ٿيندو. باقي مرحوم مير هزار کان تعليم جو قلمدان وٺي ٻئي کي ڏيڻ مونکي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي، جڏهن تہ منسٽر جي پورٽ فوليو کي تبديل ڪرڻ لاءِ صدر پاڪستان جي منظوري کان بغير تبديل نٿو ڪري سگهجي. جڏهن تہ صدر پاڪستان بذات خود آصف علي زرداري صاحب هيا.

مون ڪڏهن مير صاحب کان ان متعلق ڪونہ پڇيو پر منهنجو اندازو آهي جيڪو غلط بہ ٿي سگهي ٿو تہ شايد مٿي اها سوچ اڀري هجي تہ ايڊيشنل سيڪريٽري کي تبديل ڪرڻ لاءِ منسٽر يا سيڪريٽري تعليم آماده نہ ٿيندا. يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ مير صاحب کي تبدل ڪرڻ لاءِ چيو بہ هجين ۽ مير صاحب اها ڳالهہ انهن جي قبول نہ ڪئي هجي. ڇاڪاڻ تہ مون مير صاحب کي انهي پلاننگ متعلق ٻڌايو هيو ۽ انجو مون سان مڪمل ساٿ هيو.

اسان منسٽري ۾ جن سان بہ زيادتي ٿي هئي، چاهي اهو ڪير بہ هيو انهي ۾ ڪيترائي پنجابي ۽ پٺاڻ بہ هيا جن سان گروپ بندي جي ڪري زيادتيون ٿيون هيون، انهن کي بہ پنهنجا حق وٺرائي ڏنا ۽ ڪجهہ پروسس ۾ هيا. بهرحال اسان حڪم جا ٻانڌا اچي واپس پرائيم منسٽر سيڪريٽريٽ جي پبلڪ افيئرس ونگ ۾ رپورٽ ڪئي.

# پنجاب جي آفيسرن جا چار درجا

پرائيم منسٽر پبلڪ افيئرس ونگ ۾ منهنجي لاءِ ڪوئي نئون ڪم ڪونہ هيو. تنهن ڪري مونکي اتي روزمره جي ڪم شروع ڪرڻ ۾ ڪابہ دقت محسوس ڪانہ ٿي. فرق صرف اهو هيو تہ ترقياتي ڪمن لاءِ جيڪي وزيراعظم عوامي نمائندن جون اسڪيمون منظور ڪندو هو اهي سڀ منهنجي دستخط سان ڊائريڪٽو جاري ٿينديون هيون.

مونکي تقريباً هڪ ڏهاڪو کن سالن جو مرڪز ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. انهيءَ دوران پاڪستان جي تقريباً هر علائقي جي آفيسر سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. جيڪو مون پنهنجي ناقص سمجهہ تحت سيني علائقن جي آفيسرن متعلق مون تجزيو ڪيو اهو توهان سيني سان شيئر ڪيان ٿو. مان واضع ڪريان تہ اها منهنجي ذاتي راءِ آهي تنهنڪري هر هڪ کي حق حاصل آهي تہ ان سان متفق ٿئي يا نہ .

سنڌ جا ماڻهو هر پنجاب جي آفيسر کي صرف پنجابي تصور ڪندا آهن. جڏهن تہ پنجاب جا آفيسر بہ گهڻن طبقن ۾ ورهايل آهن. سينٽرل پنجاب، نارٿ پنجاب، سائوٿ پنجاب، سرائڪي. انهن مڙني ڪيٽيگري جي آفيسرن جا رويہ بہ بلڪل مختلف هوندا آهن .

سينٽرل پنجاب معني لاهور، گجرانوالا، فيصل آباد ۽ ساهيوال ڊويزن جي علائقي جا رهواسي. نارٿ پنجاب معني راولپنڊي ڊويزن جا رهواسي. سائوٿ پنجاب معني سرگوڌا، ڊي جي خان ۽ ملتان ڊويزن جا رهاڪو آفيسر. سرائڪي معني بهاولپور ڊويزن جا رهاڪو آفيسر .

سائوٿ ۽ سرائڪي پنجاب جا آفيسر هميشہ سينٽرل پنجاب جي هينان دبيل هوندا آهن، تنهن ڪري هو هميشہ چوندا آهن تہ ”اسين قيدي تخت لاهور دي“ سنڌي ۽ بلوچي آفيسر يا عوام لاءِ سائوٿ ۽ سرائڪي علائقي جي آفيسر جو رويو ڪافي بهتر هوندو آهي.

جڏهن مارشلا وغيره هوندي آهي تہ نارٿ پنجاب جا آفيسر تڪڙا نظر ايندا آهن پر جيئن تہ سينٽرل پنجاب جي گهڻائي هوندي آهي تنهنڪري نارٿ پنجاب ۽ سينٽرل پنجاب جا آفيسر هڪ ٿي ويندا آهن.

سينٽرل پنجاب ۾ وري ٽن طبقن جا آفيسر هوندا آهن ۽ انهن ٽنهي طبقن جي آفيسرن جي روين ۾ بہ واضع فرق هوندو آهي. مهاجر ٿي آيل پنجابي، شهري پنجابي، پنجاب جا اصلي رهاڪو.

مهاجر ٿي آيل پنجابي ۽ شهري پنجابي پاڻ ۾ تقريباً هڪ ٿي ويندا آهن. پر وري بہ انهن جي

روين ۾ ٿورو گهڻو فرق ضرور هوندو آهي. مهاجر پنجابي جي رويي ۾ وڏائي ۽ فخر تمام گهڻو هوندو آهي. تنهنڪري هو ڪنهن به ماڻهو جو احساس گهٽ رکندا آهن ۽ همش پنهنجي پوزيشن مستحڪم ڪرڻ ۾ رڌل هوندا آهن. جنهن ۾ هو هميشه ڪامياب رهيا آهن. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي پوري پاڪستان جي بيوروڪريسي جي اڳواٽي هن گروپ جي آفيسرن وٽ رهي آهي ۽ هن گروپ جي آفيسرن کان ٻاهر ڪابه پاليسي نه اڄ تائين نهي آهي نه نهڻ ڏيندا. هيءُ اهو هڪ مضبوط گروپ آهي جيڪو پاڪستان جي نالي جي آڙ ۾ صرف ۽ صرف پنهنجو مفاد کي عظيم رکندا آهن. هر حڪومت پوءِ اها موجوده هجي يا ايندڙ ڪائي به حڪومت، هن گروپ کان ٻاهر نڪري نٿي سگهي. هي اهو گروپ آهي جنجا ابا ڏاڏا انگريزن تيار ڪيا هئا پنهنجي حڪومت کي قائم ڪرڻ لاءِ. اڄ تائين هو پنهنجي وڏن جي ڏنل سبق تي ٽن جنريشن جي گذري وڃڻ جي باوجود عمل ڪندا پيا اچن. توڙي جو انهي گروپ جي هٺ ڌرمي ۽ وڏائي جي ڪري اسان جي ملڪ پاڪستان جا ٻه حصا ٿي ويا، پر اڄ تائين هوپنهنجي ابن ڏاڏن جي ڏنل سبق مطابق هلن پيا. الله انهن کي هدايت نصيب ڪري. جيڪڏهن انهيءَ گروپ جي آفيسرن پنهنجي روين ۾ تبديلي نه آندي ته اهو ملڪ لاءِ وڏو هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

الحمدالله مون پورو پنجاب گهمي ڏٺو آهي. جنهن به علائقي ۾ هن گروپ جي خاندان جو ٻچو هوندو آهي، انهن جو عوام سان ڪلونيل ۽ بي رحمي وارو سلوڪ هوندو آهي. چاهي اهي ڪهڙي به صوبي ۾ وڃن، پر هي نوڪري گهٽ بادشاهت گهڻي ڪرڻ واري حساب سان ڪندا آهن. جنهن جي ڪري پورو پنجاب وڏيڪ بدنام ٿيندو آهي.

مان پنجاب جو تقريباً سمورو علائقو گهمي ڏٺو آهي مون پنجابي عوام ۾ ٻين جي لاءِ نڪا نفرت ڏٺي نه وري ڪا حقارت، مونکي پنجاب جي ڳوٺن ۾ به اهو ساڳيو پيار مليو، جيترو مونکي سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ ۾ ملندو آهي. هي جيڪي ڪجهه پنجابين جي خلاف ٻين صوبن ۾ نفرت پيدا ٿيندي آهي، اها صرف پنجاب جي هن طبقي جي آفيسرن جي روين ۽ ٻين کي انسان نه سمجهڻ ڪري ٿيندي آهي. جيئن ته هن طبقي جي آفيسرن جي هن پاڪ سرزمين جي مٽي سان محبت ڪانه هوندي آهي، تنهنڪري پوري پاڪستان کي انگريز بهادر ٿي هلائڻ وانگر ۾ عافيت سمجهندا آهن. پنجاب جو ٻيو شهري طبقي جو آفيسر مغرور ۽ هٺيلو هوندو آهي پر گهڻو ڪري لڏي آيل پنجابي جون خصلتون انهن ۾ پيدا ٿي وينديون آهن.

جيڪا بيوروڪريسي ملڪ کي مافيا وانگر هلائيندي آهي انهن ۾ نوي سيڪڙو آفيسر پنجاب جي انهن ٻنهي طبقن مان هوندا آهن. جيڪو انهي گروپ سان لاڳاپيل هوندو آهي، ڪهڙي به حڪومت انجو وار ونگو نٿي ڪري سگهي. جنهنجي ڪري ملڪ جو سڄو وهنوار انهن جي مرضي مطابق هلندو آهي. انهي گروپ جي آفيسرن جوعوام چاهي باقي ٻين آفيسرن سان نهايت بي انصافي ۽ پنهنجي مفاد کي مضوط ڪرڻ لاءِ ظالماڻو انداز حڪمراني هوندو آهي. انهيءَ گروپ جي آفيسرجو رويو ٻين لاءِ اهو آفيسر چاهي پنجابي هجي يا ڪو ٻيو بدتميزي وارو هوندو آهي. انهن جو عوام سان بداخلاقي وارو رويو پنهنجي غريب پنجاب عوام سان به ساڳيو هوندو آهي، جهڙي طرح هو سنڌ يا

بلوچستان جي عوام سان ڪندا آهن.

هي آفيسرن جوگروپ هميشہ پاليساز ادارن تي حاوي هوندو آهي، تنهنڪري پنجاب جي مفاد کي سڀ کان اهم رکندا آهن، جنهن جي ڪري پنجاب جا سڀني طبقن جا آفيسر مجموعي طور تي عوام فائدي ۾ رهندا آهن.

پنجاب جو اصلي باشندو آفيسر ان جي اخلاق ۽ رويي مان صاف ظاهر هوندو آهي تہ هو انسان دوست آهن. انهي طبقي جي آفيسر جو رويو ٻئي صوبي جي عوام چاهي پنجاب جي عوام سان ڪافي بهتر هوندو آهي. انهيءَ گروپ جي آفيسرن جو رويو هميشہ همدرداڻو هوندو آهي. انهيءَ گروپ جي آفيسرن جي ان مافيا ۾ ڪا خاص اهميت بہ ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري اهي آفيسر بہ ڪافي حد تائين پنتي هوندا آهن، پر پوءِ بہ ٻين صوبن جي آفيسرن کان اڳڀرو هوندا آهن. ڪي پي ڪي جا آفيسر ٻن طبقن ۾ ورهايل آهن پٺاڻ ۽ هزاره.

پٺاڻ آفيسر هڪ کليل ڪتاب وانگرهوندو آهي. پٺاڻ آفيسر ظاهر ۾ ايئن چوندو آهي تہ پنجابي آفيسر خراب آهن، پرپنجابي ۽ پٺاڻ آفيسرن جا مفاد گهڻو ڪري هڪ هوندا آهن.

پٺاڻ آفيسر گهڻو ڪري پنهنجي علائقي جي ماڻهن کي وڏيڪ عزت ڏيندا آهن. پٺاڻ آفيسر جورويو ڪافي انسان دوستي وارو هوندو آهي. پٺاڻ آفيسر پيسہ جي معاملي ۾ هر شئي قربان ڪرڻ ۾ دير ڪونہ ڪندو آهي. مجموعي طور پٺاڻ آفيسر دل ۾ ڳالهہ ڪونہ رکندو آهي.

# يوپي ۽ پنجاب جا مهاجر آفيسر هڪ آهن

هزاره جا آفيسر ٻاهران وڏيڪ مٺا هوندا آهن، پر دل جا ايترا صاف ڪونه هوندا آهن. پوءِ به هنن جا مفاد گهڻو ڪري پنجابي آفيسرن سان هڪ ٿي ويندا آهن. پٺاڻ جي مقابلي ۾ هي وڌيڪ چالاڪ هوندا آهن. اردو ڳالهائڻ وارو آفيسر ۽ سينٽرل پنجاب جو لڏي آيل پنجابي آفيسر شروع کان هڪٻئي جا يار ۽ مددگار رهيا آهن. تنهنڪري هي انهيءَ گروپ جو حصو بڻجي هڪ ٿي ويندا آهن ۽ انهيءَ مافيا جو هڪ اهم جزو ٿي ڪم ڪندا آهن. انهن ٻنهي جا مفاد ساڳيا هوندا آهن ۽ انهن ٻنهي جي وڏن جي ٽريننگ به انگريزن ڪئي هئي، تنهن ڪري هڪٻئي سان گڏ رهڻ ۾ عافيت سمجهندا آهن.

بلوچي ۽ سنڌي آفيسر هميشه پاڻ بچائڻ خاطر گهڻيون قربانيون ڏيندا آهن. ٻنهي گروپ جي آفيسرن کي هميشه اهو خطرو رهندو آهي ته خدانخواسط "را" جو ايجنٽ جو ڪو پروانو نه جاري ٿي وڃي. تنهنڪري سنڌي آفيسر کي ستر، اسي واري ڏهاڪي تائين جي ايم سيد جو حامي ڪري سمجهيو ويندو هيو. ايئن نه به هوندو ته به انهن لاءِ رڳون سڀ ٻوٽ ڪاريون وارو حساب هوندو هو. اسي واري ڏهاڪي کان وٺي هر سنڌي ۾ انهن کي پيٽي جي تصوير نظر ايندي آهي، جنهن جي ڏسڻ سان انهن جي اکين ۾ رت اچي ويندو آهي. اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هر سنڌي نوڪري ڪرڻ وارو چاهي آفيسر هجي يا ننڍو ملازم تمام گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي تنهنڪري آزاداڻه طور تي ڪم ڪري ڪونه سگهندو آهي. نتيجي ۾ هو پنهنجي دل ۾ پيو ڪڙهندو آهي يا وري بي وس ٿي خاموش ٿيڻ ۾ عافيت سمجهندو آهي. سنڌي ۽ بلوچي آفيسر پروموشن جي پٺيءَ ۾ خاص ڪري پنجابي آفيسر جي آڏو بي وس ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن همت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته انجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري سنڌي آفيسر گهڻو ڪري هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيندو آهي.

جيئن چوندا ته "جتي نه پڄجي اتي، پڄڻ ڪم وريام جو."

سنڌي آفيسر انهن مشڪلاتن جي ڪري اسلام آباد اچڻ ڪونه چاهيندو آهي. پر جيڪڏهن اسلام آباد اچڻ شروع ڪندا ته ٿوري عرصي ۾ اهي مشڪلاتون آساني ۾ تبديل ٿي وينديون.

اسلام آباد ۾ هتان جي لابي انهيءَ ۾ رڌل آهي ته جيئن اسين انهن جي پيدا ڪيل مشڪلاتن سبب هتان ڀڄي وڃون ته جيئن هو سڀ شئي جا وارث ٿين. مونکي يقين آهي جڏهن اسان جي سنڌ جي ماڻهن جي مختلف ڪاتن ۾ گهڻائي ٿيندي ويندي، اهي پيدا ڪيل سڀ مشڪلاتون ڪافور وانگر هوا ۾ ملي ختم ٿي وينديون. جيڪي اڄ مشڪلاتون آهن اهي ختم ٿي وينديون. پر جيڪڏهن سنڌ

جي سياسي قيادت اسلام آباد ۾ آيل سنڌي ماڻهن جو ساٿ ڏئي ته اهي مشڪلاتون جلدي ختم ٿي وينديون.

سڀ کان وڏو مسئلو اسلام آباد ۾ رهائش جو آهي، جيڪڏهن سنڌ سرڪار بلوچستان وانگر هڪڙا اڌ ڏهه بلاڪ فليٽن جا ٺهرائي سنڌ جي آيل ماڻهن کي ڪرائي تي ڏئي ته اهو مسئلو گهٽي حدتائين حل ٿي سگهي ٿو.

سنڌ جي سياسي قيادت کي چاهي ڪهڙي به پارٽي سان آهي چاهي حڪومت ۾ آهي يا مخالفت ۾، پر انهن کي جيڪي به سنڌ جا ماڻهو اسلام آباد ۾ نوڪري جي ڪري يا ڪنهن به ڪاروبار جي آيل آهن انهن جي مالڪي ڪن.

سياسي قيادت جا ڀلي پاڻ ۾ سؤ اختلاف هجن پر سنڌ جي ماڻهن جي گڏجي پرگهور لهڻ اولين ترجيع هجڻ کپي. انهي کان پوءِ اسان سنڌ جا رهواسي پنهنجو جائز ۽ پاڪستان جي ايئن ۾ ڏنل حق ڇني وٺنداسين.

# وچ ڪلي آهر ڪڏندي آهي

جيڪڏهن انسان همت نٿو هاري تہ رب ڪائنات پاڻهي جي ضرور مدد ڪري ٿو. جڏهن مونکي ايجوڪيشن مان بدلي ڪري وزيراعظم آفيس ۾ عوامي نمائندن جي مسئلن ۽ انهن جي لاءِ وزيراعظم جي صوابديد تي رکيل فنڊ جي منظوري ڪان پوءِ صرف ڊائريڪٽو جاري ڪرڻ اهو ڪو خاص ڪم ڪونہ هيو. اصل ۾ هو مونکي اتي انهيءَ ڪري رکيو ويو هيو تہ مان ڪنهن بہ منسٽري ۾ وڃي، انهن جي مفادن خلاف ڪنهن بہ قسم جو ڪم نہ ڪريان. انهيءَ ڪري مونکي ٻيهر وزيراعظم آفيس ۾ اهڙي ونگ ۾ رکيو ويو تہ جيئن گورنمينٽ جي وهنوار کان ٻاهر هجي. ٻيو تہ مونکي پنهنجي بيچ ميٽ جي ماتحت ڪري رکيو ويو. اها ڪا منهنجي لاءِ آسان ڳالهہ ڪانہ هئي، پر اها خبر هئي تہ پ پ سرڪار اسان جي ڪنهن طرح مدد ڪانہ ڪندي، ان وقت منهنجي لاءِ ٻہ رستا هيا، سسپينڊ يا پنهنجي بيچ ميٽ جي ماتحت ٿي ڪم ڪرڻ.

وڏڙن جي واتان اسان ٻڌندا هياسين تہ چوندا هيا تہ "ابا وچ هميشہ ڪلي آهر ڪڏندي آهي."

جيڪي هميشہ سنڌ جو ڪارڊ استعمال ڪري ڪامياب ٿيندا آيا آهن انهن ٻهريون دفعو اسان سنڌي آفيسرن کي جائز حق ڏيڻ کان محروم ڪيو. تنهنڪري اسان کي انهيءَ مشڪل فيصلي کي قبول ڪرڻو پيو.

منهنجو ٻيو بيچ ميٽ ان وقت چيف سيڪريٽري پنجاب هيو. مون ان سان رابطو ڪيو ۽ چيو تہ پارٽنر مان چاهيان ٿو تہ پنجاب ۾ سروس ڪريان. چو تہ مون سنڌ، بلوچستان ۽ مرڪز ۾ سروس ڪئي آهي تنهنڪري منهنجي لاءِ پنجاب ۾ گهرائڻ لاءِ مرڪزي سرڪار کي خط لک. مون وڌيڪ چيو تہ منهنجي ڪابہ چوائس ڪانہ هوندي، پلي مونکي اوقاف جو سيڪريٽري لڳاءِ. مونکي چيائين تہ ڪوئي مسئلو ناهي، مان گهٽو ڪري رات سي ايم صاحب کان منظوري وٺي خط لکان ٿو. مونکي اڳ جي تہ خبر هئي تہ نواز ليگ وارن جي منشور مطابق هو مونکي ڪونہ پوسٽ ڏيندا. پر وري مون سوچيو تہ متان هاڻي انهن سي او ڊي تي دستخط ڪيون آهن ۽ جلاوطن بہ رهيا آهن، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ پراڻي پاليسي کي بدلايو هجين. بهرحال ٻن ڏينهن کان پوءِ فون تي ڳالهائڻ ٿيو تہ چيائين تہ يار مون ڪوشش ڪئي پر ڪاميابي ڪانہ ٿي. مونکي پوءِ ڪنهن دوست ٻڌايو تہ سي ايم صاحب ڪافي ناراضگي ڏيکاري سي ايس کي. مونکي سي ايس پنجاب ڪونہ ٻڌايو پر ٻئي دوست سان ڳالهيون ڪندي اهو ذڪر نڪتو جنهن ۾ هن انکي اهو ٻڌايو.

منهنجو هڪ ٻيو دوست سليم سيال صاحب اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ ڪم ڪندو آهي. سيال صاحب جو تعلق مظفرڳڙھ ضلعي سان آهي. منهنجو ان سان ڇئن پنجن سالن کان وٺي سٺو رستو رهيو آهي. هڪ دفعي مونکي ڏينهن جو ٻارهين وڳي فون ڪري چيائين ته سائين ٻه ڳيا ماني جا اچي مونسان گڏ کائو ۽ هڪ ٻه ٻيا دوست به هوندا. بليو ايريا ۾ آفيس هئي سو مان تقريباً ڏيڍ بجي وڃي سيال صاحب جي آفيس پهتس. سيال صاحب کي خبر هئي ته مان دال ڏاڍي شوق سان کائيندو آهيان، تنهن ڪري پنهنجي گهران زبردست مزيدار دال به ٺهرائي ڪٺي آيو. کاڌو سڀ گهر کان ٺهرائي پنهنجي آفيس ۾ کائڻ لاءِ سڏيو هيائين. مون کان علاوه ٽي ٻيا به دوست گهرايا هيائين. ماني کائڻ کان اڳ منهنجو انهن ٽنهي دوستن سان تعارف ڪرايائين. انهن کي چيائين ته سائين ڄامڙو صاحب نال زيادتي ٿي هي، هڻ ول تسان ڪوئي مدد ڪرو.

مونکي پوءِ ٻڌايائين ته هي تنوير گيلاني صاحب آهي ۽ وزيراعظم جو سڳو سوٽ آهي. ٻيو سهيل گيلاني اچ شريف جو آهي ۽ وزيراعظم جو پاٽيجو ۽ ٽيو هڪ ملڪ صاحب اهو به وزيراعظم جو ڪافي ويجهو. ملڪ صاحب کي ته مون اڳ به وزيراعظم هائوس ۾ ڏٺو هيو ۽ وزيراعظم سان ڪافي گهرائپ به هيس، جيڪو ڳالهائڻ مان نظر اچي پيو.

تنوير گيلاني ۽ سهيل گيلاني واقعي لڳا پئي ته خانداني ماڻهو آهن. تنوير گيلاني صاحب مونکي پاڪر پائيندي چيو ته جمن توکي خبر هجڻ کپي ته سيال صاحب منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هينئر کان وٺي تون منهنجو ڀاءُ جهڙو دوست. باقي رهي ڳالهه تو سان جيڪا زيادتي ٿي آهي، جو تنهنجا سڀ بيچ ميٽ پروموٽ ٿي ويا آهن ۽ ڪجهه جونيئر به پڻ، تنهن لاءِ منهنجو واعدو آهي ته مان يوسف کان پاڻهي ڪم ڪرائيندس. مون چيو ته سائين توهان جي مهرباني. منهنجي پٺي تي هٿ رکي چيائين ته انهي ۾ مهرباني جي ڪابه ڳالهه ناهي، اها منهنجي ذميواري آهي تون فڪر نه ڪر .

ٻئي ڏينهن پنهنجي آفيس وينو هيم ته پٽيوالي ٻڌايو ته سائين تنوير صاحب ملڻ لاءِ آيو آهي، مون چيو ته توکي خبر آهي ته مون وٽ سيڪو بغير اجازت وٺڻ جي ايندو آهي، تو چو ڪين ٻڌايو ته هتي سيڪو بغير اجازت جي اچي ملندو آهي. پٽيوالي چيو ته سائين مون اهو عرض ڪيو پر پاڻ ٻاهربيهي رهيا، چون ٿا ته صاحب کي اطلاع ڪر. خير پٽيوالو ويو ۽ تنوير صاحب کي اندر وٺي آيو. جيئن اندر آيا ته مان اٿي وڃي اڳيرو ٿي مليم ۽ سائيڊ واري رکيل صوفه سيٽ تي وڃي ويناسين. چانهه ۽ ان سان گڏ بسڪيٽ يا سنيڪس پي ايم آفيس ۾ اسانکي فري ۾ ملندا هيا، جو اڪثر عوامي نمائندا ايندا هيا، انهن کي چانهه ۽ ڪافي جي صلاح ڪبي هئي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو به مهمان ايندو هيو ته انهن لاءِ به اسان جي لاءِ مفت ۾ هيون، جنهن مان اسان سڀ سينيئر آفيسر پنهنجي مهمانن جي تواضع ڪندا هياسين. تنوير صاحب کان مون پڇيو ته سائين ڪافي يا چانهه؟ تنوير صاحب ڪافي ۽ سهيل صاحب چانهه جي لاءِ چيو. ٿوري دير کان پوءِ پٽيوالي سڀ شيون اچي ٽيبل تي رکيون .

تنوير گيلاني صاحب چيو ته جمن اسان رات جي ماني تي يوسف سان گڏ هياسين ۽ تنهجو ذڪر نڪتو. تنوير جيئن ته يوسف رضا گيلاني کان عمر ۽ رشتي ۾ وڏو هيو. تنهن ڪري سيد يوسف رضا

گيلاني کي صرف يوسف چوندو هيو. چيائين ته يوسف به چاهي ٿو ته توکي پروموٽ ڪري پر چيائين ته يوسف جي لاءِ ڪو انهيءَ سلسلي ۾ شايد ڪو مسئلو آهي، جنهن کي مان پاڻهي منهن ڏيندس. چيائين ته اڄ مان ملتان وڃان ٿو مهيني اڌ کان پوءِ مان وري ايندس. بهرحال منهنجو تنوير ۽ سهيل گيلاني سان رابطو هوندو هيو. ملتان کان جڏهن به ايندا هيا ته ملتاني حلوه ڪٽي ايندا هيا. مهيني ٻن کان پوءِ ڪجهه ٻاويهين گريڊ ۾ پروموشن ٿيا. ان پروموشن جي لسٽ ۾ هڪ به سنڌي ڪونه هيو بشمول منهنجي. مون تنوير سائين کي ٻڌايو ته سائين پرموشن ٿيا پر ان لسٽ ۾ منهنجو نالو ناهي. چيائين ته مان ايڏانهن اچان ٿو پوءِ ملندا سين. تنوير گيلاني جڏهن به اسلام آباد ايندو هيو ته ملڻ لاءِ مون وٽ ضرور ايندو هيو. تنوير صاحب ملتان کان سڌو منهنجي آفيس آيو ۽ مونکي چيائين ته اها لسٽ مونکي ڏي، جن جا ٻاويهين گريڊ ۾ پروموشن ٿيا آهن. مون لسٽ تنوير سائين کي ڏني، تنوير لسٽ ڏسي منهنجي آفيس مان ملٽري سيڪريٽري کي فون ڪري ٻڌايائين ته مان اسلام آباد آيل آهيان ۽ يوسف کي ٻڌاءِ تي رات جي ماني تي مان پي ايم هائوس ايندس. ملٽري سيڪريٽري پنجن منٽن کان پوءِ فون تي تنوير صاحب کي ٻڌايو ته پي ايم صاحب پريزيڊنٽ هائوس ويٺو آهي، تنهنڪري پي ايم صاحب چيو ته صبح ناشتي تي توهان اچو.

ٻئي ڏينهن تنوير صاحب ملاقات کان پوءِ مون وٽ آيو ۽ مونکي چيائين زرداري توکي سڃاڻيندو آهي؟ مون چيو ته ها. ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويو. مون چيو ته سائين خير ته آهي؟ چيائين ته نه بس مون کي رڳو ڪنفرم ڪرڻو هيو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ وڃڻ لاءِ موڪلائي پيو ته مون چيو توهان ڇاجي ڪري اهو پڇيو؟ چيائين ته يوسف چيو ته مان جمن ۽ ٻه ٻيا به سنڌي آفيسر هيا جن کي پروموٽ ڪرڻ پئي چاهيو جڏهن صدر زرداري صاحب سان پروموشن متعلق ڳالهايو ته صدر صاحب سيني جي لاءِ منع ڪري ڇڏيو مان ڇا ڪريان. سهيل سائين به هيو ان چيو ته جمن تنهنجو پروموشن مامي کان ڪرائيندا سين .

مارچ 2012ع جون آخري تاريخون هيون، تنوير گيلاني ۽سهيل گيلاني صاحب منهنجي آفيس آيا. مونکي اچي چيائون ته گذريل آچر تي يوسف ملتان آيو هيو ۽ اتي يوسف رضا گيلاني جو ننڍو ڀاءُ مجتبيٰ، تنوير جو وڏو ڀاءُ جيڪو موسيٰ پاڪ گادي جو گادي نشين جيڪو تنوير جو وڏو ڀاءُ ۽ يوسف رضا جو پيٽوڃو سهيل ۽ ٻيا گهر جا سڀ ڀاتي ماني تي گڏ ٿياسين، اتي سيني تنهنجي پروموشن لاءِ هڪ زبان ٿي ڳالهايو آهي ۽ سيني سان واعدو ڪري آيو آهي ته مان جلدي جمن جاموٽ جو پروموشن ڪندس. مون چيو ته سائين توهان جي مهرباني، پر توهان هرويرو زور نه ڏيوس، باقي منهنجي اچي تي چار مهينا سروس رهي ٿي پوءِ رٽائر ٿيندا سين. تنوير صاحب چيو ته مان توکي ٻاويهه گريڊ ۾ رٽائر ڏسڻ چاهيان ٿو. ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجي آفيس ۾ تنوير، سهيل ۽ هاشمي آيا. هاشمي صاحب ايڪيو پراپرٽي ٽرسٽ بورڊ جو چيئرمين هيو. هاشمي کي منسٽر آف اسٽيٽ جو درجو مليل هيو. هاشمي اتي مونکي چيو ته اڄ کان وٺي تون منهنجو باس آهين. اتي آفيس ۾ چانهه پي پيتائون ته پرنسپل سيڪريٽري جو فون آيو ته جمن توکي مبارڪ هجي، جو تنهنجو پروموشن ٿي ويو ۽ ٿوري دير ۾ نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ وارو آهي. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ فيڪس اچي مليو ته محمد جمن جاموٽ

ٻاويهين گريڊ ۾ مجاز اٿارٽي پروموشن ڪيو آهي، پروموشن کان پوءِ سيڪريٽري انٽرفيٿ اينڊ نيشنل هارموني ڊويزن جو مقرر ڪيو ويو ٿو. جيڪو اڳ ۾ اتي جاويد اقبال اعوان سيڪريٽري هيو اهو منهنجو بيچ ميٽ هيو مون ان کي فون ڪيو ته ڪٿين آهين چيائين ته مان لاهور ۾ آهيان. مون ٻڌايو ته منهنجي پوسٽ ٿي آهي تنهنجي جاءِ تي، پوءِ توهان ڪڏهن ايندا جو چارج ڏيون وٺون. مونکي چيائين پارٽنر مونکي اچڻ ۾ هفتو کن لڳندو باقي تون وڃين هينئر چارج ازيوم ڪري ڇڏ ۽ مونکي خوشي ٿي ته تنهنجو رهيل پروموشن ٿي ويو.

الله جو شڪر ادا ڪندي وڃي فيڊرل سيڪريٽري جي عهدي تي فائز ٿياسين. سول سروس ۾ فيڊرل سيڪريٽري هڪ مئراج هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ته ملڻو اهو ڪجهہ هوندو آهي، جيڪو رب ڪائنات پنهنجي بندي لاءِ لکيو آهي. رزق جو مالڪ الله آهي پر وتايو فقير وانگر ته الله ڏئي ته اٿو پر ڪنگهڻ ڪڙڪڻ کان پوءِ.

مينارٽي جي سلسلي ۾ پريزيڊنٽ هائوس فنڪشن هيو ۽ صدر زرداري صاحب ان ۾ چيف گيسٽ هيو ۽ مونکي انهي سلسلي ۾ اتي وڃڻ ٿيو. جڏهن فنڪشن ختم ٿيو ته اتي لنچ جو انتظام بہ پڻ ڪيل هيو. جڏهن لنچ لاءِ گڏ ٿياسين ته زرداري صاحب اتي مليو ۽ منهنجي ڪِتي تي ٿڦڪي ڏيندي ڦڪي کل منهن تي آڻيندي چيائين ته ”جمن تون ملان ٿي گيا هيئن“ چو ته ان وقت منهنجي ڏاڙهي چڱي وڏي هئي.

بهرحال جڏهن الله ڏيڻ چاهيندو آهي ته اسباب پاڻهي ٺهندا ويندا آهن. منهنجو تنوير گيلاني صاحب محسن آهي ۽ مان تنوير گيلاني کي محسن ڪري سمجهندو آهيان ۽ جڏهن بہ ملتان کان گذرندو آهيان ۽ ٽائيم جي اٽاٽ نہ هوندي آهي تہ مان ضرور تنوير سائين جو سلام ڪري پوءِ اڳتي ويندو آهيان. تنوير سائين هميشہ مونکي ملتان ۾ پنهنجي گهر ۾ پائرن وانگر رهائيندو آهي. تنوير سائين مهمانوازي جو پڙ ۽ مهمان جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندو آهي. ناشتو هجي يا لنچ، ملتان جي کائڻ جي هر مشهور لذيذ کاڌڻ جي شئي سان ٽيبل پريل هوندي. وري پاڻ بار بار اٿي اهي شيون هڪ هڪ ڪري مهمان جي پليٽ ۾ وجهندو ويندو. اسان جڏهن بہ تنوير سائين وٽ ناشتو ڪندا آهيون تہ سجو ڏينهن ماني جي طلب ڪانہ ٿيندي آهي، هو ايترو تہ کنجي پيٽ پري ڇڏيندا آهن.

پروموشن کان اڳ مون سنڌ جي تقريباً سيني ايم اين ايز ۽ سينيٽرس کي چيو تہ سائين اسين هتي توهان جي خدمت ڪريون ٿا ۽ هيءُ منهنجو جائز حق آهي ۽ ٻيا دوست کلون کن ٿا ۽ ٽوڪ واري انداز چون ٿا تہ سائين هاڻي تہ سنڌ جي ماڻهو جي حڪومت آهي. مون چيو تہ اهي هتان وارن جون ٽوڪون اسانکي ڏکيون ٿيون لڳن ۽ اندر سڙندو آهي، جڏهن هو اسان کي ايئن چون ٿا. سواءِ هڪ ٻن جي باقي سڀ چوندا هيا تہ اسان بي وس آهيون.

# اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ۾ بدعنوانيون

الله جي حڪم سان مون وچي سيڪريٽري انٽرفيٿ اينڊ نيشنل هارموني جي چارج ورتي. انٽرفيٿ اينڊ نيشنل هارموني جو ايئن ۾ ارڙهين ترميم کان پوءِ نالو رکيو ويو. انهيءَ کان اڳ هن منسٽري جو نالو منسٽري آف مينارٽي هيو. پاڪستان جي ايئن ۾ ارڙهين ترميم تحت مينارٽي منسٽري کي مرڪز مان ختم ڪري انهيءَ جي متعلق جيڪي به امور هيا، انهن سڀني کي صوبن جي حوالي ڪري ڏني وئي هئي. مينارٽي منسٽري جو هڪڙوئي اٽيچ ڊپارٽمينٽ هيو جنهن کي پنجاب جي بيوروڪريسي ڇڏڻ نه پئي چاهي. اها هئي اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي ٽرسٽ بورڊ. جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي. اي ٽي پي بي هڪ اهو ٽرسٽ آهي، جيڪو پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ وقت جيڪي هندو ۽ سک پاڪستان کان هندستان هليا ويا ۽ انهن جا مختلف نالن سان ٽرسٽ ٺهيل هيا. جن جي تحت ڪيترائي ادارا ۽ بزنس هلندڙ هيا. انهن ٽرسٽ جي ميمبرن جي وڃڻ ڪري اهي ادارا رولڙي جو شڪار ٿيا. نتيجي ۾ انهن ادارن جا مختلف خيراتي، تعليمي ۽ مذهبي جڳهن جي نظرداري نه ڪرڻ جي ڪري اهي تباه حال ٿيندا ويا. انهن ڇڏي ويل ٽرسٽ ادارن کي حڪومت پاڪستان هڪ ٽرسٽيز جو بورڊ ناهي، انهن ڇڏي ويل ملڪيتين جنهن ۾ زرعي زمين، دڪان، ڪمرشل ۽ رهائشي عمارتون، تعليمي، خيراتي ادارا، مذهبي جڳهون وغيره سڀني جو انتظام انهيءَ جي حوالي ڪيو. جنهن ۾ ميمبر هندو، سک، پارسي ۽ عيسائي پاڪستان ۾ رهندڙن تي مشتمل هوندو آهي.

انهيءَ ڪري منسٽري آف مينارٽي جو نالو بدلائي منسٽري آف انٽرفيٿ اينڊ نيشنل هارموني رکي، اهي منسٽري آف مينارٽي جا سڀ ادارا هن نئين ٺاهيل وزارت جي حوالي ڪيا ويا. اهڙي طرح بيون به ڪيتريون ئي وزارتون آهن جن کي ايئن جي ارڙهين ترميم تحت مرڪز کان ڪڍي صوبن جي حوالي ڪيو ويو. جيئن زراعت، تعليم، صحت، معدنيات، ليبر وغيره وغيره.

انهن سڀني محڪمن کي مرڪزي سرڪار جي ماتحت رکڻ لاءِ نالن ۾ اهڙيءَ طرح ردوبدل ڪئي وئي، جو انهن وزارتن مان هڪ شئي به صوبن جي حوالي ٿيڻ نه ڏني وئي. پنجاب جي ان آفيسر گروپ جي منشا بغير ڪوئي اهڙو قانون هلي نٿو سگهي، چاهي پارليامينٽ ان کي پاس ڪيو هجي. مون کي ياد ٿو اچي ته جڏهن ايئن ۾ ارڙهين ترميم منظور ٿي ته اسانجي وڏي پاءُ جي آفيسرن پاڻ ۾ اها سس پس پئي ڪئي ته يار هاڻي ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن ايتريون وزارتون ختم ٿينديون ته اسان جي نوجوانن جا پروموشن رڪجي ويندا ۽ انهن محڪمن جي مٿان اسانجو ڪنٽرول ختم ٿي ويندو، اسان جا ماڻهو بيروزگار ٿيندا. اتي هڪ آفيسر چيو ته صرف بل پاس ٿيو آهي هٿ مان شيون نڪتيون ته ڪونه آهن.

چيائين ته گيم ته هاڻي شروع ٿي آهي ۽ توهان اڳئي دل هاري ويٺا آهيو. اسان جا ماڻهو انهي پروجيڪٽ تي گهٽي عرصي کان ڪم ڪن ٿا ۽ توهان اطمينان رکو توهان جا سڀ معاملا توهان جي هٿ ۾ رهندا. باقي هي غريب ووٽ وٺي آيا آهن انهن جي ٿوري دير لاءِ دل خوش ڪرڻ ڏيو. معني ڪل تڏهن جڏهن ڪٽين.

جيئن ته اقليتي وزارت جو نالو ختم ڪري انهيءَ جي ماتحت ادارو اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ اي ٽي پي بي کي نئين ٺاهيل ”وزارت بين المذاهب ۽ قومي يڪجهتي“ نالو ڏئي انجي ماتحت ڪيو ويو هيو. تنهنڪري منهنجي ذميواري ۾ اچي پيو ته اي ٽي پي بي جي متعلق مامرن کي ڏسان ۽ انهيءَ کي صحيح طور هلائڻ ۾ مدد ڪرڻ هيو. تنهن ڪري بورڊ جي چيئرمين جي فيصلن خلاف اپيلون ٻڌڻ ۽ انهن تي فيصلو ڪرڻ جي اهم ذميواري هئي. جنهن وقت مون چارج ورتي ته هزارن جي تعداد ۾ چيئرمين جي ڪيل فيصلن خلاف اپيلون زير سماعت هيون. مون جڏهن لسٽ گهرائي ڏٺي ته اها ايتري وڏي هئي جو هڪ ٻن ڏينهن ۾ پڙهڻ محال هيو. انهن اپيلن کي ٻڌڻ لاءِ صرف ٽي جڳهون مقرر ڪيل هيون. اسلام آباد، لاهور، ڪراچي.

مون ڏٺو ته هر روز ڪيس رکيل هوندا هيا، سواءِ سومر ۽ جمعي جي. انهن ٻنهي ڏينهن تي ڪيس گهڻو ڪري لاهور لاءِ مقرر ٿيل هيا ڇو ته عمومن هن وزارت سان متعلق سيڪريٽري لاهوري هوندو هيو.

لاهور ۾ هڪ ته اتي هيڊڪورٽر هيو اي ٽي پي بي جو ٻيو لاهوري وڪيل نه پيو چاهي ته انهن ڪيسن جي ٻڌڻي لاهور کان ٻاهر هجي.

مون پهرين جيڪو شيڊول ڏنل هيو انهيءَ کي هڪ هفتو هلڻ ڏنو. انهيءَ دوران مان اسٽاف کي چيو ته ڪيسن جي ڊويزن جي حساب سان لسٽ ٺاهي ڏيو ته مان پوءِ انهي متعلق ڪوئي فيصلو ڪندس. جڏهن مون کي ڊويزن وائيز پيل اپيلن جي لسٽ ڏنائون ته مون ڏٺو ته اپيلون گهڻي قدر پنجاب جي لاهور، ملتان ۽ ڪراچيءَ جون ڪافي هيون. باقي ٻين ڊويزن جون به هيون. مون پهرين هفتي کان پوءِ هڪ مهيني لاءِ نئون شيڊول جاري ڪيو. ان شيڊول مطابق، هڪ ڏينهن لاهور سينٽرل پنجاب، ملتان سائوٿ پنجاب، ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر، لاڙڪاڻو ۽ ميرپور خاص، باقي اسلام آباد راولپنڊي ۾ڪي پي ڪي.

جڏهن مان اپيلون ٻڌڻ لاهور ويس ته وڪيل برادري جو وڏو جٿو اچي مون سان مليو ۽ چوڻ لڳا ته سائين اپيلون صرف لاهور ۾ ٻڌو ۽ ملتان وغيره جو چڪر ڇڏي ڏيو ۽ توهان اسان جي روزگار تي لت ٿا ڏيڻ چاهيو. مون هنن جو سڀ ڪجهه جيڪو هو چوڻ چاهن پيا، آرام سان ٻڌو. وڪيلن جو مقصد صرف اهو هيو ته جيئن ٻئي ڪنهن علائقي خاص طور تي سائوٿ پنجاب جي وڪيل کي فائدو نه پوي. چوته جيڪڏهن ملتان ۾ ڪيس هوندو ته لازمن ملتان يا بهاولپور جو وڪيل هوندو. مون وڪيلن کي چيو ته الله توهانجي روزي ۾ برڪت وجهي، مون کي رڳو اهو ٻڌايو ته مظلوم جي داد رسي ڪجي يا ان غريب کي رلائجي؟ چيائون ته سائين همدردي ڪجي ته مون چيو ته اهو ڪٿان جو انصاف آهي ته صادق آباد جو ماڻهو پنهنجي انصاف لاءِ لاهور اچي، جڏهن ته ملتان هن جي لاءِ وڌيڪ

ويجهو پوي ٿو. مون چيو ته مون جيڪو فيصلو ڪيو آهي اهو سوچي سمجهي ڪيو آهي، تنهن ڪري سينٽرل پنجاب جا ڪيس لاهور باقي پنجاب جا ملتان. مون کي چوڻ لڳا ته سائين انهن وڪيلن کي ڪا چاڻ ناهي. وغيره وغيره

بهرحال بئي ڏينهن لاهور کان ملتان پهتس. ملتان ۾ ڪجهه وڪيل آيا ۽ سرڪاري وڪيل هڪ ڪوسه عورت هئي. چيائين ته سائين توهان اسان سائوٿ پنجاب وارن تي وڏو احسان ڪيو آهي. ٻڌايائين ته سائين مان سرڪار جي طرفان وڪيل آهيان، پر مونکي ڪيس ۾ پنجابي پيش ٿيڻ ڪونه ڏيندا آهن. بهرحال پهريون دفعو هيو جو اتان جي ڪيسن جون اپيلون اتي ٻڌڻ لاءِ ڪورٽ لڳي. ملتان جا وڪيل اچي پيش پيا، جن پهرئين پيشي تي ئي ٻڌڻي جي تاريخون ورتيون ته جيئن هو ڪيس جي تياري ڪري سگهن مون انهن کي اها سهولت مهيا ڪئي.

ٻئي دفعي مان جڏهن لاهور ويس ته وڪيلن جاروبه ڪجهه بدليل هيا. وڪيلن جي طرفان چيو ويو ته توهان اها زيادتي ڪئي جو ملتان ۾ اپيلون ٻڌڻ لاءِ ويجو ٿا، اسان کي اهو قبول ناهي ۽ اسين هتي بائيڪاٽ ڪنداسين. مون چيو ته ڪوئي فرق ڪونه ٿو پوي، توهان لاهور ۾ بائيڪاٽ ڪيو مان اڳتي لاهور ڪونه ايندس باقي لاهور جي بجاءِ مان گجرانوالا ۽ ساهيوال ۾ هرپندرهين ڏينهن رکندس توهان پلي نه اچو. وڪيل خاموش ٿي ويا ۽ٻاهر وڃي پاڻ ۾ مشوره ڪرڻ لڳا. مان باقي جيڪو ڪيسن جي اپيلن کان سواءِ معاملات هيا، انهن کي اڪلائڻ ۾ لڳي ويس. پٽيوالو آيو چيائين ته سائين وڪيل توهان سان ملڻ ٿا چاهن. مون انهن کي چيو ته ڏهه منٽن کان پوءِ توهان اچو. ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ چار پنج سينيئر وڪيل آيا ۽ چوڻ لڳا ته اسان پنهنجا چيل لفظ واپس ٿا وٺون ۽ اسان توهان سان مڪمل سهڪار ڪنداسين ۽ توهان جڏهن چاهيو لاهور اچو. اسان جون اکيون ٺڏيون. مون انهن کي هڪڙو ڪاغذ ڪٽي ڏيکاريو ته مون ته هي پروگرام گجرانوالا ۽ ساهيوال جي تيار ڪري ڇڏيو آهي. چيائون ته سائين بس توهان انهي ڳالهه تان لهي وڃو اسين سڀ توهان وٽ آيا آهيون. مون چيو ته ٺيڪ مان ان ڪاغذ انهن جي سامهون ڦاڙي ردي جي ٽوڪري اڇليو، وڪيل خوش ٿي ڪڏندا ويا.

گهڻي قدر اپيلون دڪانن جي ڪرائي جي وڌايل رقم خلاف هيون. هڪ هڪ اپيل ۾ سؤ جي لڳ ڀڳ دڪاندارن گڏجي اپيلون ڪيون هين. مون انجو آسان طريقو استعمال ڪيو. جنهن جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ ڪيس ٻن مهينن جي اندر اڪلائي ڇڏيا .

سرڪاري وڪيل، اپيل ڪندڙن جو وڪيل ۽ اپيل ڪندڙ جي پنج ڇهه ماڻهن کي گڏ ويهاري ميوچل انڊراسٽينڊنگ ڪرائي، انهن ٽنهي کي چيو ته توهان پاڻ ۾ ويهي اڌ ڪلاڪ ۾ اهڙي ڪرائي تي متفق ٿي اچو جنهن ۾ نه ڊپارٽمينٽ کي نقصان پهچي نه وري دڪاندار کي ڏکيائي ٿئي پر دڪان جو ڪرايو هر حال ۾ موجوده ڪرائي کان پنجاهه سيڪڙو واڌارو هجي، انهي کان گهٽ نه هجي. عمومن ستر اسي سيڪڙو واڌ ۾ فيصلو ڪري درخواست لکي ڏيندا هيا ته اسان کي هيترو ڪرايو قبول آهي ۽ اسان اپيل واپس ٿا وٺون. انهي ڪرڻ سان ڊپارٽمينٽ جي آمدني وڌڻ شروع ٿي وئي ۽ ڪيسن جو تعداد به ڪافي گهٽجي ويو. يعني جيترا گذريل ٽن سالن ۾ اپيلون اُڪلايون ويون هيون

انهي ڪان وڌيڪ ٻن مهينن ۾ اپيلون اڪلائجي ويون.

ڪجھ ڪيس اهڙا بہ هوندا هيا، جن ۾ ڏاڍيون پيچيدگيون هونديون هيون. تنهن ڪري اهڙي قسم جي ڪيسن لاءِ ڪافي مغز ماري ڪرڻي پوندي هئي، ڇوتہ گهڻا اهڙا ڪيس هيا، جيڪي سپريم ڪورٽ اپيلون سماعت ڪري فيصلي ڪرڻ لاءِ موڪليون هيون. ان مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ سول جا ڪيس ڪيتري عرصي کان پوءِ سپريم ڪورٽ تائين پهتا هوندا .

مان رڳو هڪ اهڙي ڪيس جو ٿورو تفصيل لکان ٿو ان مان اندازو ٿي ويندو تہ غريب ۽ بي پهچ ماڻهو سان ڪيتري نہ زيادتي ٿئي ٿي.

# اويڪيو ٽرسٽ جي حوالي سان هڪ پراڻي ڪيس جو قصو

اويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ (ETPB) 1975ع ۾ اسيمبلي ايڪٽ پاس ڪيو ته جيئن هندو ۽ سک جيڪي مختلف خيراتي ادارا، تعليمي ادارا، مذهبي عبادتگاهون، ۽ ٽرسٽ ڪي وقف ڪيل پراپرٽيون چاهي اهي شهري علائقي ۾ هيون، يا ٻهراڙي ۾ زرعي زمينون وغيره هيون ۽ ڇڏي هندستان هليا ويا، انهن جي وڃڻ ڪري اهي سڀ اداره بدنظمي جو شڪار ٿي تباهي جي ڪناري پهتل هيا، انهن جي سار سنڀال لهڻ خاطر مرڪزي سرڪار ٽرسٽ بورڊ ٺاهيو. ٽرسٽ جي چيئرمين جي اپوائنٽمينٽ مرڪزي سرڪار جي ڪنٽرول ۾ رکي وئي. اي ٽي پي بي جي چيئرمين کي اختيار مليل آهي ته ڪابه اهڙي ملڪيت جنهن جو ٽرسٽي ڪنهن به سبب جي ڪري ملڪيت جي سنڀال ڪرڻ جي لائق ناهي، ته اها پراپرٽي چيئرمين هڪ آرڊر پاس ڪري پنهنجي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿو.

پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي خيراتي ادارا ٽرسٽ تحت هلندڙ هيا، جيڪي ورهاڱي جي ڪري ٽرسٽي هتان لڏي هندستان هليا ويا جنهن ڪري اهي ادارا رولڙي جو شڪار ٿي ويا. جيئن ته اهي ڇڏي ويل ادارا ۽ ادارن سان لاڳاپيل شهري ۽ زرعي زمينون قيمتي ٿي ويون آهن، تنهن ڪري انهي ملڪيت جي حاصلات ۽ قبضي خاطر ڪيترائي ڪيس هلندا رهن ٿا. اي ٽي پي جي ايڪٽ کان پوءِ ڪيترائي اهڙا ڪيس به ٿيا آهن جن جي ڪري حقيقي وارث رولڙي جو شڪار ٿيا آهن. جڏهن کان اي ٽي پي بي ٺهيو آهي، انهيءَ کان وٺي اڄ تائين بورڊ جا چيئرمين سڀ مسلمان رهيا آهن. هينئر تازو سپريم ڪورٽ حڪم ڏنو آهي ته مرڪزي سرڪار بورڊ جو چيئرمين پاڪستان جي اقليتي فرد مان لڳائي. اڄ تائين اي ٽي پي بي جا چيئرمين سڀ پنجاب سان واسطو رکندڙ ماڻهو رکيا ويا آهن، سواءِ هڪ ٿوري عرصي لاءِ بي بي شهيد جي وزيراعظم واري وقت ۾، جنهن جو تعلق بلوچستان سان هيو. گهڻي قدر چيئرمين سياسي پارٽي جي ڪنهن ويجهي دوست کي لڳايو ويندو رهيو آهي، تنهن ڪري بورڊ جي ملڪيتن جي صحيح معنيٰ ۾ سار سنڀال گهٽ پر ذاتي سار سنڀال تي گهڻو توجهه رهيو آهي. سورهين گريڊ جي ملازم رکڻ تائين سڄا پاور چيئرمين جا هوندا آهن، تنهنڪري ملازمن جي ڀرتي ۽ پوسٽنگ ۾ به زياده تر ترجيح پنجاب جي ماڻهن کي ڏني ويندي رهي آهي. جنهن جي ڪري ننڍن صوبن جي ملازمن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ هميشه کان موجود آهي.

جيئن ته چيئرمين ڪنهن سياسي جماعت جو ماڻهو هوندو آهي، تنهنڪري هو هميشه پنهنجي

پارٽي جي منشور مطابق اي ٽي پي بي کي هلائيندو آهي. انهيءَ ڪري سياسي بنيادن تي فيصلا ڪرڻ جي ڪري بورڊ ۾ ڪرپشن ۽ ٻيون خرابيون زور پڪڙينديون وڃن ٿيون. مون وٽ هڪڙي اپيل سپريم ڪورٽ ٻڌڻ خاطر موڪلي. جنهن جو مان ٿورو مختصر ذڪر ڪندس ته ڪيئن سياسي بنياد تي ڪنهن شخص سان زيادتي ٿئي ٿي .

جيئن ته هيءُ ڪيس پراڻو ۽ مون وٽ رڪارڊ موجود ناهي، تنهن ڪري شايد انهيءَ ڪيس جون گهٽيون ڳالهيون مونکان رهجي وينديون.

جيئن ته چيئرمين اي ٽي پي بي کي اها پاور مليل آهن ته جيڪڏهن ڪنهن ملڪيت ۾ ٽرسٽ پراپرٽي هجڻ جو ڪو ثبوت ملي ٿو وڃي، ته انهي ملڪيت کي ٽرسٽ پراپرٽي ڊڪليئر ڪرڻ جا اختيار آهن.

ڪيس جو ٿورو تفصيل جيڪو ياد اچي ٿو اهو هن طرح هيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هڪ سک هيو جنهن جو خانداني لقب ۾ گرو جو نالو ايندو هيو. پنهنجي علائقي جو وڏو زميندار هيو ۽ بااثر ماڻهو هيو. 1946ع ۾ هو هڪ مسلمان جوڻيه قبيلي جي ڇوڪري سان شادي ڪرڻ چاهي پي، تنهن ڪري هن مسلمان ٿي پنهنجو نالو غلام رسول رکيو. هڪ سال کان پوءِ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. غلام رسول اتي پاڪستان ۾ رهيو ۽ هن جي برادري ۽ ٻيا سک هتان هندستان لڏي ويا. غلام رسول جيئن ته مسلمان ٿيو هيو تنهن ڪري پنهنجي ملڪيت تي ويٺو رهيو. غلام رسول کي هڪ پٽ جي اولاد ٿي، جنهن جو نالو چوڌري منور رکيو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ تقريباً پنج ست سال پوءِ غلام رسول فوت ٿي ويو. ورثي ۾ هڪ پٽ ۽ گهر واري لاءِ تقريباً تيرهن سو ايڪڙ زمين ڇڏي ويو. غلام وسول جي مرڻ کان پوءِ اتان جو با اثر سياسي شخصيت ڊوگر قبيلي جي ماڻهو جي نظر ان ملڪيت تي هئي. ڊوگر غلام رسول جي بيواهه ڏانهن پيغام موڪليو ته تون مون سان شادي ڪر. بيواهه انهيءَ پيغام کي ٺڪرايو جنهن تي ان ڊوگر ٻيو پيغام موڪليو ته جيڪڏهن شادي مون سان نٿي ڪرين ته زمين مان اڌ مونکي ڏي، جنهن جو به بيواهه انڪار ڪيو. بيواهه جو هڪ پٽ ۽ اهو به صغير سو پريشان ٿيڻ هڪ لازمي ڳالهه آهي. ڊوگر ٽي واري ڏهاڪي ۾ هڪ خون جي ڪيس ۾ بيواهه جي پٽ کي ڦاسائي ڇڏيو. صغير هجڻ جي بنياد تي بيواهه جو پٽ ضمانت تي آزاد ٿي آيو. جڏهن بيواهه جو پٽ ارڙهن سالن کان وڏي ڄمار جو ٿيو ته ٻيهر هڪڙي ٻئي ڪوڙي خون جي ڪيس ۾ وري 1968ع ۾ گرفتار ڪرايو. جنهن ۾ بيواهه نور بي بي جو پٽ تيرهن سال جيل ۾ رهيو. دوران جيل منور جي ماءُ ۽ مامو فوت ٿي ويا. ڊوگر ممتاز جي هارين سان ملي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪونه ٿيو. 1975ع قومي اسيمبلي بل پاس ڪري اي ٽي پي بي جو بنياد رکيو. 1977ع ۾ ڊوگر چيئرمين اي ٽي پي بي کي درخواست ڪنهن جي معرفت ڪرائي ته غلام رسول جي ملڪيت ٽرسٽ پراپرٽي قرار ڏني وڃي، ڇو ته غلام رسول هڪ گرو هيو ۽ گرو هميشه ٽرسٽ جي ملڪيت جي صرف سنڀال ڪندو آهي، تنهنڪري انهي سموري ملڪيت کي ٽرسٽ پراپرٽي تصور ڪيو وڃي. رڪارڊ ۾ غلام رسول جي پراڻي نالي سان گرو وارو لفظ لکيل هيو تنهن بنياد تي ڊوگر ڪامياب ٿي ويو ۽ 1977ع ۾ چيئرمين آرڊر پاس ڪندي ان سڄي ملڪيت جيڪا تقريباً تيرهن سو ايڪڙ هئي ان کي پنهنجي تحويل ورتو ۽ اها زمين مقامي هارين ۽ ٻين اثر رکندڙ ماڻهن کي ليز تي ڏئي

ڇڏي جيڪا هر سال ليزمني اي ٽي پي بي جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿيندي رهي.

تيرنهن سال جيل ڪاٽي چوڌري منور ٻاهر آيو جنهن انهي چيئرمين جي فيصلي کي سول ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ۽ ڪيس ڪٽيو. انهيءَ کان پوءِ اپيل در اپيل جوسلسلو هلندو رهيو. آخرڪار اهو سلسلو وڃي سپريم ڪورٽ تائين پهتو. قبضو بدستور اي ٽي پي بي جو رهيو. ان سڄي عرصي ۾ ممتاز غريب وڃي بڪن تي پلندو رهيو ۽ مختلف ماڻهو اچي انهيءَ صورتحال مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ممتاز سان لهه وچڙ ۾ ايندا رهيا ته اسين ڪيس ٽا وڙهون ۽ تو کي به ڪجهه مالي امداد ٽا ڪيون تون اسان سان سيل اگريمينٽ ڪر. وغيره وغيره. جيئن ته هن وٽ ايڏي وڏي محلات نما حويلي کي سنڀالڻ لاءِ ڪجهه ڪونه بچيو هيو تنهن ڪري حويلي به کنڊرات ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي. ڪجهه ايراضي تي ڪن ماڻهن سان ڪجهه سيل ايگريمينٽ به ڪيون، پر جيئن ته اهي ڪيس اڳتي ڪري نه سگهيا ته پوءِ اهي پوئتي هليا ويا.

جنهن وقت اهو ڪيس مون وٽ ٻڌڻي خاطر آيو ته انوقت به وفاقي وزيرن ممتاز جي خلاف مون سان اچي رابطو ڪيو ته ماڻهون موڪليان ٿو ۽ انهي جي مدد ڪر. ٻئي وفاقي وزير وري هڪ ٻئي ماڻهو کي موڪليو ته ماڻهو توڏانهن موڪليان ٿو انهيءَ جي مدد ڪر. مونکي انهن جي موڪليل ماڻهن جي اچڻ کان اڳ ڪا خبر نه هئي ته مسئلو ڇا آهي. بهرحال ٻئي ماڻهو جدا جدا اچي مليا. جنهن وقت اچي مون سان مليا ته منهنجو دماغ چڪرائجي ويو. ٻئي موڪليل ماڻهو انهن وزيرن جا خاص ماڻهو ۽ اهي ٻئي وزير وري زرداري جا پنجاب ۾ خاص ماڻهو ۽ هڪ انهن مان پارٽيءَ جو صوبائي صدر به هجي. انهن ٻنهي ماڻهن کي هڪ فائيل هٿ ۾ هيو. ان جي اندر زمين متعلق ڪجهه ڪاغذ ۽ انهن سان گڏ هڪ ججمينٽ ٽائيپ ٿيل جون به ڪاپيون. ٻنهي جي طرفان ٽائيپ ٿيل فيصلي جي ڪاپي ٿوري فرق کان سواءِ حاصل مطلب هڪڙو. ڇوته اهي ٻئي فيصلا هر هڪ پنهنجي وڪيل کان لکرائي ٽائيپ ڪرائي کڻي آيا هيا.

ٻئي ڏينهن تي ڪيس جي ٻڌڻي رکيل هئي ۽ منهنجي سروس جو آخري ڏينهن هيو. منهنجي لاءِ اهو ڏينهن وڏي اذيت سان گذريو. جڏهن پهريون ماڻهو مليو ۽ مونکي فائيل ڏئي چيو ته سائين مان توهان سان ڊيل ڪرڻ آيو آهيان. مون چيو ته هي آفيس آهي ڊيل ڇاجي؟ چيائين ته سائين فائيل پوءِ وڃي گهر پڙهجو. مان توهان کان اجازت گهران ٿو ته مونکي اڄ ڪهڙي وقت به ڇئو مان توهان جي گهر اچي توهان جي امانت توهان کي پهچايان. توهان لاءِ ساڍا پنج ڪروڙ روپيه ڪيش کڻي آيو آهيان، گاڏي ۾ پيا آهن. توهان صرف جيڪو فيصلو لکي ٽائيپ ڪرائي کڻي آيو آهيان، ان تي دستخط ڪري سپاٽي اسان کي ڏيو. ٻئي وزير جوماڻهو آيو ان به ساڳي انداز ۾ اچي چيو ۽ اجازت وٺڻ گهري ته مان توهانجي امانت توهان کي گهر پهچائي وڃان، منهنجي گاڏي جي ڊگي ۾ پوٽا تي ڪروڙ ڪيش پيو آهي جيڪو توهان کي پهچائي ڏيڻو آهي. توهان صرف هي فائيل اٿو ان ۾ هڪ عرض نامو لکيل آهي، سپاٽي انهيءَ تي دستخط ڪري ڏيندا. غصو ته ڏاڍو آيو پر خاموش ٿي ويم. جو مون وٽ ثبوت ڪونه هجي ها جيڪڏهن مان مٿي رپورٽ ڪيان ها. ڇوته انهن جيڪو ڪجهه چيو اهو زباني هيو ۽ ڪير شاهد به ڪونه هيو ۽ منهنجي نوڪري ۾ ڪل چوويهه ڪلاڪ وڃي بچيا

هيا. تنهن ڪري مان خاموش رهيم. چو ته انهي کان پوءِ ڪير انهي ڳالهه کي اڳتي ڪونه ڪري ها. مون ڪنهن طرح سان چوڌري منور سان اڪيلي ۾ ملڻ چاهيو ته جيئن خبر پوي ته اصل ڳالهه ڇا آهي؟ منور اچي مليو هن سڄي حقيقت ڪئي، مون هن کي تسلي ڏني ته انشاءَ الله مان تو سان زيادتي ڪونه ڪندس. باقي دعا ۾ ياد رکجائين. ٻئي ڏينهن تي جيئن آفيس پهتس ته هڪ وفاقي وزير جو فون آيو ۽ چيائين ته ڪيس پوءِ ٻڌ. مون سان اچي مل يا مان ايڏانهن اچان ۽ اشارن ۾ چئي ويو ته اسان توکي اتي رکڻ چاهيون ٿا. مون چيو ته ٿوري دير کان پوءِ مان اچان ٿو.

مان رات جو پنهنجي محبوبه سان سڄو احوال ڪيو ته اڄ هئين ٿيو آهي ۽ منهنجي محبوبه چيو ته هڪ ماڻهو آيو هيو جنهن وقت تون آفيس ۾ هئين ۽ هڪ ڪارو ٿيلهو بورچي کي ڏئي ويو ته هي ڪاغذ آهن صاحب کي ڏجو. مون چيو ته اهو ٿيلهو ڪٿي آهي؟ چيائين ته ٻاهرين ڪمري ۾، جتي تنهنجا ٻيا به ڪاغذ پٽ ايندا آهن . مون کي خيال ٿيو ته متان ڪو ضروري ڪاغذ هجن، سو مون وڃي ڪاغذ جي بهاني آيل ٿيلهي کولي ڏٺي. مون ڏٺو انهي ۾ ڪارا نانگ، يعني سوا ڪروڙ ڪيش ۽ چٽ پئي هئي باقي فيصلي کان اڳ پهچائي ويندس فيصلو توهان بعد ۾ ڪجو. اسان ٻئي پريشان ٿي وياسين سڄي رات بيقراري ۾ گذري. ٻئي ڏينهن وزير جي فون کان پوءِ مون ڪيس جي ٻڌڻي شروع ڪئي ۽ ڪيس جي مون چڱي طرح پڙهي سمجهيو هيو ٻنهي ڌرين جا وڪيل پنهنجو موقف بيان ڪرڻ لڳا. مون الله جي ذات تي ڀروسو ڪندي چوڌري منور جي حق ۾ فيصلو ڏئي چيئرمين ڏانهن موڪليو ته هنن شين جا جائزو وٺي ڪيس کي جلدي اڪلاءِ. پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ گهر کان فون آيو ته ڪاله وارو ماڻهو آيو ۽ بورچيءَ سان مليو ۽ واپس ٿيلهو کڻي ويو. مون چيو الحمدالله.

چيئرمين فيصلي ڪرڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي، منور هاءِ ڪورٽ لاهور ۾ ويو ۽ هاءِ ڪورٽ منهنجي فيصلي کي برقرار رکندي ڊسمبر 2018ع ۾ چوڌري منور جي حق ۾ فيصلو ڪيو. ٻي ٽي مهينه اڳ ممتاز فون ڪري ٻڌايو ته سائين توهان جي ڪري منهنجي ملڪيت بچي وئي. پاڪستان ۾ اهڙي قسم جا ڪم هر علائقي ۾ ٿيندا رهن ٿا. اهو صرف سنڌ ۾ ناهي پر پنجاب ۾ اهڙي قسم جي ڪمن جا گهڻتائي ڪانهي.

# ڪٽاس راج مندر ماضيءَ جو عظيم شاهڪار

جنهن ڏينهن منهنجي سرڪاري نوڪريءَ کان باعزت رهائي ٿي پئي، ته ٻه ڏينهن اڳ ۾ پريزيڊنٽ هائوس مان پرنسپل سيڪريٽري مسٽر سلمان فاروقي صاحب جو فون آيو ته ڪٽاس راج مندر وڃ، ۽ انهي متعلق رپورٽ اچي سپاٽي موڪل. منهنجي پڻ تاريخي ماڳن کي ڏسڻ لاءِ دل آتي هوندي آهي، سو بجاءِ مان ڪنهن ٻئي کان رپورٽ وٺڻ جي لاءِ چوان، سو مون پاڻ ڪٽاس راج مندر وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اسلام آباد کان ڪٽاس راج مندر پهچڻ لاءِ مونکي تقريباً پوڻا ٻه ڪلاڪ ڪن لڳا. اسلام آباد کان موٽروي جي رستي ڪلرڪهار کان انٽرچينج وٺان چوه سيدان شاهه وارو رستو ورتو جيڪو تقريباً پندرنهن سورنهن ڪلوميٽر ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڳوٺ نظر آيو ۽ ڳوٺ جي اوپر ڏکڻ طرف هڪ تارن سان لوڙهو لڳل ڏسڻ ۾ آيو. چڪوال جو اسسٽنٽ ايڊمنسٽريٽر اوقاف ڪلرڪهار انٽرچينج وٽ انتظار ۾ ويٺو هيو. جيڪو اتان مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺو. تنهن ٻڌايو ته اهو جيڪو روڊ جي سڄي هٿ تي مندر نهيل آهي، اهو ڪٽاس راج مندر آهي ۽ ڳوٺ جو نالو ڏلميال آهي. منهنجي پهچڻ کان اڳ وائيس چيئرمين اي ٽي پي بي چوڌري صاحب لاهور کان اتي اچي پهتو هيو. وائيس چيئرمين سان گڏ پنجاب جو سيڪريٽري ورڪس به آيل هيو. اهي لاهور کان جي ٽي روڊ رستي آيا هيا. جهلم کان پوءِ دينا کان ڪٻي طرف رستو نڪري ٿو جيڪو سڌو ڪٽاس راج مندر کان گذري ڪلرڪهار ۽ اتان چڪوال وڃي ٿو. ٽيون رستو جيڪڏهن راولپنڊي اسلام آباد کان جي ٽي روڊ رستي ايندو ته مندره کان پوءِ سڄي طرف چڪوال ڏانهن رستو مڙي ٿو. اتان اچي سڌو چوه سيدان شاهه وارو رستي تي ڪٽاس راج مندر پنهنجي عظيم ماضي جو نهيل شاهڪار رستي تي نظر ايندو.

ڪٽاس راج مندر، هندو مذهب ۾ وڏي اهميت جي نگاه سان ڏسندا آهن. هندو مذهب ۾ اهو مذهبي لحاظ کان ٻئي نمبر تي مڃيو ويندو آهي. ڪٽاس راج مندر جو خاص ڪري پاڻي هندو مذهب وارا مقدس سمجهندا آهن. پاڻي جو تلاءُ ڪو ايترو وڏو ناهي، پر منهنجي حساب سان اٽڪل اڌ جريب يا ٿورو انکان وڌيڪ هوندو. پاڻيءَ ۾ هيٺ لهي وڃڻ لاءِ پٿر جون ڏاڪڻيون نهيل آهن. مان جنهن وقت ڏٺو ته ان وقت پاڻي ڪافي هيٺ هيو. اهو هڪ قدرتي چشمو آهي. اهو پاڻي هندو مذهب سان واسطو رکندڙن لاءِ آب زم زم کان گهٽ ناهي.

هندستان جي اڳوڻي وزيراعظم من موهن سنگهه جو ڳوٺ به انهيءَ مندر جي آس پاس هيو. 2005ع ۾ ايل ڪي اڏواڻي ڪٽاس راج مندر تي زيارت لاءِ آيو هيو جنهن کان پوءِ هن مندر جي سار سنڀال لهڻ لاءِ ڪجهه ديان ويو. ڪٽاس راج مندر هڪ تمام قديمي مندر آهي، ڪن جي چوڻ مطابق

اهو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان ٽي سؤ سال اڳ جو آهي، پر انهيءَ لاءِ ڪا حتمي تاريخ ڪنهن وٽ محفوظ ڪانہ هئي. ٽي سگهي ٿو تہ ڪنهن تاريخدان وٽ ان سلسلي ۾ رڪارڊ موجود هجي، پر جن کان مون پڇيو اهي سڀ مختلف دور جون ڳالهيون پيا ڪن. بهرحال عمارت مان لڳو پئي تہ ڪافي پراڻي اڏاوت ٿيل آهي. پاڻي جي تلاءُ کان اوپر ڏکڻ طرف روڊ جي ڪبي پاسي هڪ ريسٽ هائوس ٺهيل آهي، جتي ڪو ٻاهريون مهمان ايندو آهي تہ اتي اچي رهندو آهي. جڏهن ايل ڪي اڏواڻي هتي مندر تي آيو هيو تہ چوڌري پرويز الاهي ان دوري ۾ گڏ هيو. اڏواڻي صاحب سان. اڏواڻي صاحب پاڻ يا پرويز الاهي انهيءَ مندر جي پوري علائقي جي تعمير لاءِ ڏهہ ڪروڙ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. مون کي چڱي طرح ياد ناهي پر منهنجو قوي گمان آهي تہ اڏواڻي صاحب هندستان سرڪار جي طرفان رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو هيو. جڏهن پئسہ هندستان سرڪار ڏنا تہ پنجاب گورنمينٽ اهي فنڊ پاڻ وٽ رکيا ۽ چيو تہ اي ٽي پي بي وٽ فني مهارت ناهي تنهنڪري پنجاب سرڪار انهن پئسن کي ڪٽاس راج مندر کي اصل حالت ۾ آڻڻ لاءِ ڪتب آڻيندي. ڪٽاس راج مندر هوندو اي ٽي پي بي وٽ پر اهي پئسہ پنجاب سرڪار جي معرفت خرچ ٿيندا. انهيءَ ڪري پنجاب جو سيڪريٽري ورڪس انجنيئر سميت اچي اتي پهتو هيو. تقريباً ست اٺ سال گذرڻ کان پوءِ بہ هڪ بہ سر ڪانہ لڳي هئي. جڏهن مون سيڪريٽري ورڪس پنجاب کان پڇيو تہ چوڻ لڳو تہ آرڪيٽيڪٽ انگيج ڪيو آهي ۽ ان اجان رپورٽ ناهي ڏني، اميد تہ جلدي ڪم شروع ڪنداسين. اتي جڏهن مون سيڪريٽري ورڪس پنجاب کان بريفنگ ورتي پئي تہ مسٽر سلمان فاروقي پرنسپل سيڪريٽري پريزيڊنٽ جو فون آيو. مون فاروقي صاحب کي پوري حقيقت ٻڌائي تہ سرزمين تي ڪو بہ ڪم ٿيل ناهي. جيڪي تارون چوڌاري لڳايو ويون آهن، مختلف هنڌن تان ٽٽل آهن، تنهنڪري ڳوٺ وارن جو مال متاع اتي آزادي سان گهمي ڦري ٿو. هندستان سرڪار جيڪا رقم موڪلي هئي، سا اڃ تائين پنجاب جي اڪائونٽ ۾ پئي آهي. سيڪريٽري ورڪس پنجاب ٻڌائي ٿو تہ ڪم انهيءَ ڪري اڳتي هلي ناهي سگهيو آهي جو آرڪيٽيڪٽ اجان رپورٽ ناهي ڏني، وغيره وغيره. فاروقي صاحب پڇيو تہ تنهنجي رٽائرمينٽ ڪڏهن آهي؟ مون چيو تہ الحمدلله ٻئي ڏينهن. مونکي چيائين تہ منهنجو هڪڙو چوڻ ڪندين؟ مون چيو تہ سائين حڪم ڪيو. چيائين تہ تون چوڌري شجاعت کي چئو تہ مونکي تنهنجي لاءِ چئي، تہ نوڪري جي مدي ۾ واڌارو ڪيون. چوڌري صاحب صرف مونکي چئي باقي مان چوڌري صاحب جي ريفرنس سان زرداري صاحب کان اجازت وٺي بہ ٽي سال توکي رکڻ منهنجو ڪم. مون عرض ڪيو تہ سائين بس هاڻي وڏيڪ نوڪري ڪرڻي ناهي! تنهن ڪري مان چوڌري صاحب کي ڪونہ چوندس. مان واپس موٽي آيس. منهنجو منسٽر صاحب ملڪ کان ٻاهر ويل هيو ۽ منسٽر آف اسٽيٽ مسٽر اڪرم گل صاحب منهنجي آفيس آيو. مون چانهہ جي صلاح ڪئي، پاڻ وينا ۽ مونکي چوڻ لڳو تہ جمن تون ايڪسٽينشن لاءِ ڪنهن کي چيو آهي، يا نہ؟ مون چيو تہ سائين نہ ڪنهن کي چيو اٿم. نڪي ڪنهن کي چوڻ جو ارادو آهي. مون ڪيس ٻڌايو تہ مسٽرفاروقي صاحب هيئن چيو ۽ مون ڪيس جواب ڏئي ڇڏيو. مونکي چوڻ لڳو تہ مان ڪوشش ڪريان؟ مون چيو تہ سائين توهانجي مهرباني پر منهنجو ڪوئي ارادو ناهي.

منسٽر صاحب چانهه پي هليو ويو مون کيس ٻاهر وڃي خدا حافظ چئي واپس اچي آفيس جو رهيل ڪم شروع ڪرڻ ۾ لڳي ويس. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ اڪرم گل جو فون آيو ته جامڙو صاحب ڪٿي آهين؟ مون ٻڌايو ته سائين آفيس ۾ ويٺو آهيان، حڪم. چيائين ته مان ايف سيون ۾ چوڌري شجاعت جي بنگلي تي ويٺو آهيان ۽ مون چوڌري صاحب سان ڳالهائي ڇڏيو آهي ۽ چوڌري صاحب توسان ملڻ ٿو چاهي. مان پنهنجي منسٽر جي ڪري اتي ويس. گيٽ تي اڳئي چيل هيو مان جيئن گاڏي مان لٿس ته مون کي ماڻهو اندر وٺي هليو. مان ويس ته وزير صاحب، چوڌري شجاعت ۽ پرويز الاهي سان تعارف ڪرايو. ڏاڍي عزت سان ٻئي مليا. چوڌري شجاعت جي چيل لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي متوجهه ٿيڻو پيو پوي. چوڌري شجاعت پڇيو ته فاروقي توکي ڇا چيو؟ مون ٻڌايومانس ته هي لفظ چيا اٿس. چوڌري شجاعت چيو ته مان فاروقي سان ڳالهايان ٿو پر ڪم ڪونه ڪندا. مون چيو ته سائين توهانجي مهرباني، توهان نه چئوس. مونکي چيائين ته گل صاحب کي مان ناراض ڪونه ڪندس. وڏيڪ چيائين ته جيڪڏهن فاروقي ايئن چوي ها ته مان زرداري صاحب سان ان متعلق ڳالهايان ته پوءِ تنهنجو ڪم ڪري ها. هينئر صرف توکي جيڪو چيو اٿئين ۽ اها سڀ ٽرڪ فاروقي جي آهي. منهنجي سامهون فاروقي صاحب کي فون ڪري چيائين ته جمن جامڙو کي ايڪسٽينشن ڏيو ۽ منهنجي طرفان صدر صاحب کي چوندا. مان موڪلائي واپس آفيس آيس.

ٻئي ڏينهن مان آفيس ۾ ويٺو هيس ته زرداري هائوس تان فون آيو جنهن ٻڌايو ته مان آغا آهيان، نالو مونکي ياد ناهي پر آغا ذات هيس. مونکي چيائين ته تون سنڌ کان واقف آهين، تنهنڪري ڪجهه اهڙيون اسڪيمون ٺاهي ڪٺي صبح جو نائين ڌهين ڌاران زرداري هائوس تي اچي وڃ. مان سنڌ ۾ دوستن سان رابطو ڪري اسڪيمن لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي.

مان چار پنج پنهنجي پر ۾ سٺيون ۽ سنڌ کي جنهن مان فائدو پوندو. ترقياتي اسڪيمون ٺاهي هڪ فائيل تيار ڪيو. جنهن ۾ هڪ روهڙي ڪئنال کي پڪو ڪرڻ ۽ ٻنهي ڪنارن سان روڊ جي تعمير ته جيئن سنڌ جي ماڻهن کي هڪ متبادل رستو هوندو. ٻيو ته جيڪڏهن ٻئي پاسا پڪو روڊ ٺهندو ته روهڙي ڪئنال کي ڪنڊ ڪونه پوندو. ٻيو واهه جي پڪي ٿيڻ سان پاڻي جو وهڪرو تيز ٿيندو ۽ سم گهٽبي، ٿيون ته روهڙي ڪئنال تي صرف خيرپور ضلعي جي حد ۾ ٻه اهڙيون جايون آهن جتان سنڌ جي ڪپت جي تقريباً اڌ جيتري بجلي ٺهي سگهي ٿي.

ٿنڊومستي فال، گڏيجي ريگيوليٽر وٽ انهن ٻنهي جاين تي پاڻي جو وهڪرو ڪافي تيز آهي. گهوٽڪي ۽ ڪنڊڪوٽ کي ملائڻ لاءِ درياءَ سنڌ تي پل. ٻه ٽي رستن جون اسڪيمون ٺاهي تيار يون ڪيون.

27 جولاءِ 2012ع تي رمضان المبارڪ جي پهرئين تاريخ هئي. انهيءَ بابرڪت مهيني جي پهرئين تاريخ تي منهنجي رٽائرمينٽ هئي.

28 جولاءِ تي ٻئي روزي سان پهريون دفعو زرداري هائوس لاءِ اسڪيمون ٺاهي وڃي اتي پهتس. اندر داخل ٿي اڳتي ويم ته آغا صاحب مليو جنهن مونکي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. ڏهن پندرنهن منٽن کان پوءِ مونکي آغا وٺڻ آيو ۽ مان سندس پٺيان هلندو ويم، هڪ ڪمري جي در تي بيهي در کي ناڪ

ڪيائين، اندران اچڻ جي اجازت ملي مان اندر ويس ته خبر پئي ته ميڊم جو بيڊ روم آهي. ميڊم فريال اڳئي اتي صوفه سيٽ تي ويٺي هئي، مونکي به صوفه سيٽ تي ويهڻ لاءِ چيائين. ڊريسنگ مان لڳي پيو ته ميڊم ننڊ مان اجان تازي اٿي هئي. آغا واپس ٻاهر هليو ويو. مون کان پڇيائين ته ڪهڙيون اسڪيمون ٺاهي ڪٺي آيو آهين؟ مون فائيل کولي ٻڌايو ته هيءَ هيءَ اسڪيمون آهن. پڇيائين ته انهن مان سنڌ کي ڪهڙو فائدو پوندو؟ مون ٻڌايو ته هيءَ هيءَ فائدا سنڌ کي پوندا. مونکي چيائين ٻيو سنڌ کي ڪيترو فائدو ٿيندو؟ مان وري ٻڌايو ته انهن اسڪيمن جي ڪري هيءَ هيءَ فائدا ٿيندا. مونکي چيائين جيڪڏهن تون وزيراعظم آفيس ۾ هجين ته پوءِ سنڌ جي لاءِ ڇا ڪندين؟ ۽ ڪيترو فائدو ڏيندين؟ مون چيو ته وزيراعظم جي آفيس ۾ پرنسپل سيڪريٽري يا اسپيشل سيڪريٽري.

اسپيشل سيڪريٽري ته صرف وزيراعظم جي صوابديد فنڊن جي نگراني ڪندو آهي. وزيراعظم جي منظوري کان پوءِ مان اهو ڪري سگهندس ته توهان مٿان فنڊ منظور ڪرايو باقي فنڊز سنڌ تائين پهچائڻ ۾ تقريباً هفتو لڳي ويندو. تقريباً پندرنهن ويهه منٽ انهن ڳالهين ۾ گذريا ته وري آغا اندر آيو. مان فائيل اتي ڇڏي موڪلائڻ لاءِ چيو ۽ موڪلائي واپس روانو ٿي آيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ ۾ سانگهڙ کان دوست جو فون آيو. جنهن ٻڌايو ته توکي خبر آهي ته ڇاجي ڪري زرداري هائوس توکي گهرايو هئائون؟ مون چيو ته مون کي ميسيج مليو ته ڪجهه سنڌ جي لاءِ اسڪيمون ٺاهي ڪٺي اچ، جيڪي مان ڪٺي ويو هيس، تنهن ٻڌايو ته توکان جڏهن پڇيائون ته سنڌ کي فائدو ڇا پوندو؟ انهيءَ جو مطلب تو سمجهيو ڪونه يا اڻڄاڻ ٿي وئين؟ سڌي ڳالهه هئي انهن کي خبر پئي ته تون رٽائر ٿي رهيو آهين، ايڪسٽينشن لاءِ چوندين ۽ ڏيڻ جي ڳالهه ٻولهه تي سنڌ کي فائدو پوي ها. مون دوست کي چيو ته پاڻ اڄ تائين نه اهڙو ڪم ڪيو آهي، نه ئي ڪرڻ جو شوق اٿم.

# سنڌي نوجوانن ۾ شارٽ ڪٽ جي سوچ!

اسلا آباد ۾ 2004ع کان وٺي رٽائرمينٽ تائين ڪامرس، فنانس، ايجوڪيشن، وزيراعظم آفيس ۽ بين المذاهب ۽ قومي يڪجهتي وزارتن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. هر منسٽري ۽ هرعهدي جي ڪم ڪرڻ جي مختلف نوعيت مان گذرڻ ٿيو. مون اهو محسوس ڪيو ته انسان هر اسٽيج تي مطمئن نظر نه پيو اچي. اها ڪيفيت نه صرف مون سان هئي، پر هر ماڻهو جنهن سان منهنجو واسطو پيو، پنهنجي ڪم ڪرڻ واري جاءِ تي خوش ڪونه هيو. هروقت هر ڪنهن کي اڳلي عهدي جي طلب رهي، پوءِ ڪنهن کي گهٽي ته وري ڪنهن کي گهٽ. پر جڏهن اڳلي عهدي تي پهچي پيو، ته ان جي اهميت هڪدم گهٽجي وڃي پئي ۽ اجا مٿئين عهدي جي تمنا وڌي وڃي پئي. انهيءَ جي حصول خاطر ڪي دوست ايتري ڊوڙ ۾ اچي ويندا آهن جو انسانيت جون لڪيرون پڻ ٽپي ويندا آهن. انجي ڪري ڪڏهن به انهن دوستن کي مون مطمئن ڪونه ڏٺو. باوجود انجي جو جيڪو هو حاصل ڪرڻ چاهين پيا، اهو انهن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان حاصل ڪيو.

چوڻ جو مطلب ته ماڻهو هميشه جڏهن پاڻ کان مٿي واري ڏانهن ڏسندو آهي ته هو پاڻ کي حقير سمجهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ رب ڪائنات جي ڏنل نعمت جي ناشڪري ڪندو آهي. الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪري انجي هر شئي مان برڪت نڪري ويندي آهي، پوءِ باوجود سڀ ڪجهه هجڻ جي، دل انجي هميشه سست ۽ ختم ٿيڻ جي خوف ۾ مبتلا رهندي آهي.

انجي برعڪس جيڪا اسلامي تعليم آهي ته هميشه پاڻ کان گهٽ حيثيت واري ڏانهن نظر رکو. هتي گهٽ حيثيت مان مراد گهٽ عهدو ۽ ٻيون دنياوي شين جي قلت وغيره. نه ته ٻئي کي پاڻ کان گهٽ يا حقير سمجهڻ، پاڻ کي سڀ کان معتبر سمجهڻ تڪبر جي نشاني آهي جيڪا رب ڪائنات کي پسند ناهي. اهو هڪ شيطاني عمل تي پوندو. جڏهن ماڻهو پاڻ کان گهٽ اسباب واري ڏانهن متوجهه ٿيندو ته هڪدم ان جي دل ۾الله سائين جي ڏنل نعمتن جو شڪر گذار تي رهندو. جڏهن ماڻهون الله سائين جي ڏنل نعمتن تي شڪر ڪندو آهي ته رب ڪائنات انهن مليل نعمتن ۾ برڪت وجهندو آهي، ۽ ماڻهو جي دل ڪشاده ۽ مطمئن واري زندگي نصيب ٿيندي آهي.

الله سائين جو حڪم آهي ته پنهنجي لاءِ جدوجهد ڪريو. هاڻيِ اهو اسان تي ڇڏيل آهي ته اسين ڪيتري جدوجهد ڪريون ٿا. جدوجهد جو مطلب آهي ته اسان کي جيڪي به ڏکيا مرحلا اچڻا آهن، انهن مان لنگهي پار پوڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. هر ماڻهو کي ڏکيائي کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ مختلف طاقت ڏني وئي آهي. الله جي ذات جو فرمان آهي ته مان هر ماڻهو تي اوترو وزن رکندو آهيان، جيتري

ان ۾ ان وزن کڻڻ جي طاقت هوندي آهي. اسان سنڌ جي عام ماڻهن جي اها عادت ٿي وئي آهي تہ جيڪو ٻين کي مليل آهي اهو اسان کي بہ ملڻ گهرجي. ملڻ جي خواهش جو هجڻ تمام سٺي شئي آهي پر جنهن طريقي سان انهي کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن محنت ڪئي هوندي آهي، انهيءَ کان اسين لنوائڻ ۽ مشقت نہ ڪرڻ کان بغير حصول لاءِ پيا ڪوششون ڪندا آهيون. جنهن جي ڪري اسين مقابلي جي ميدان کان ٻاهر ويهي صرف سڏون ڪندا ۽ پاڻ سان زيادتي ٿي وڃڻ جون پيا ڳالهيون ڪندا رهندا آهيون.

منهنجو گذريل سروس جو مرڪز ۾ جيڪو تجربو ٿيو آهي، انهيءَ بنياد تي مان ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي لکندو هلان تہ انهي پوري عرصي ۾ تقريباً بہ ٽي هزار اهڙا نوجوان آيا، جن کي روزگار جي تلاش هوندي هئي. مون انهن ۾ جدوجهد جو وڌو فقدان ڏٺو. هزار ۾ بہ ٽي اهڙا نوجوان هيا، جن جي همت کي ڏسي خوشي ٿيندي هئي، باقي سڀ همراهہ جيڪڏهن انهن کي ڪو صلاح ۽ مشورو ڏبو هوتہ پاءُ هيءُ هيءُ ڳالهيون ڪيو تہ هڪدم انهن نوجوانن کي بخار چڙهي ويندو هيو. انهيءَ مشوري کي پنهنجي لاءِ عيب ۽ بيعزتي سمجهندا هيا ۽ چئي ڏيندا هيا تہ سائين جيڪڏهن اهو اسان کي ڪرڻو آهي تہ پوءِ توهان ڏانهن ڇاجي لاءِ ايڏا ڪشالا ڪري آيا آهيون. جڏهن مان انهن کان غلطي سان اهو پڇندو هيس تہ پاءُ تنهنجي تعليم ڇا آهي؟ تہ وڏي فخر سان چوندو هيو تہ ايم اي فرسٽ ڪلاس يعني اي گريڊ. عموماً مان جڏهن انهن کان پڇندو هيم تہ ايم اي ۾ سبجيڪٽ ڪهڙا هيا؟ تہ هڪدم چوندا هيا تہ سائين بہ سال اڳ ۾ پاس ڪئي آهي، تنهنڪري سبجيڪٽ ياد ناهن. جڏهن وري مان چوندو هيم تہ پاءُ مان تقريباً چاليهہ سال اڳ ايم اي ڪئي آهي، مونکي اڄ تائين بہ پنهنجي پاس ڪيل سبجيڪٽ جي نالن جي خبر آهي. چوندا هياتہ سائين توهان وٽ نوڪري وٺرائي ڏيڻ لاءِ آيا آهيون، توهان وري انٽرويو ٿا وٺو. مان چوندو هيم تہ منهنجا مٺا جيڪڏهن مان توکي ڪنهن ڏانهن موڪليان ۽ مان انکي چوان تہ پائو مهرباني ڪر هي ڇوڪرو موڪليان ٿو ايم اي پاس آهي. جيڪڏهن هوتوکان اتي پڇي تہ ڪهڙي سبجيڪٽ ۾ ايم اي پاس ڪئي اٿئي تہ ضرور تو کان ان سبجيڪٽ متعلق سوال ڪندو. هڪدم چوندا تہ سائين اسان غريب آهيون توهان وري اميرن واريون ڳالهيون ٿا ڪيو. مان چوندو هيم تہ منهنجا پائڙا غريب هجڻ ڪو مهٽو ناهي، تنهنجي والدين پاڻ کي ڏکيو بکيو رکي توکي سٺا لٽا ڪپڙا وٺي ڏنا، سبجيڪٽ جي ڪتاب وٺڻ لاءِ پئسہ خرچ ڪيا، توهان کي ڪاليج وڃڻ لاءِ سواري جو بندوبست ڪري ڏنو. هاڻي صرف توهان کي محنت ڪرڻ گهربي هئي، جيڪا توهان ڪانہ ڪئي. انهيءَ ۾ غريب هجڻ جو ڪهڙو بهانو آهي. هڪدم اهي ايئن چوڻ ۾ دير ڪانہ ڪندا هيا تہ سائين اسان کي خبر آهي تہ توهان سنڌي آفيسر اسان جي مدد ڪرڻ ڪونہ چاهيندا آهيو. اسان سان گڏ فلاڻي جو پٽ پڙهندو هيو، ان کي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ايندو هيو، تڏهن بہ هو سنڌ ۾ آفيسر ٿي ويو ۽ توهان رڳو اسان کي ٿا چئو تہ محنت ڪيو وغيره. اهي ڪهڙي محنت ڪري آفيسر ٿيا؟ سائين اسان غريب آهيون، نہ تہ اسين بہ آفيسر هجون ها. جڏهن مان انهن کان پڇندو هيم تہ ڪهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهن؟ تہ چوندا ڪوڙ سائين! توهان هلو سنڌ ۾ ڪيترائي تائون آفيسر ۽ ٻيا آفيسر لڳا پيا آهن. مان پنهنجو مٿو پڪڙي ويهي رهندو هيس تہ اسان

تباهي جي رستي تي ڪيترو اڳتي هليا ويا آهيون. جڏهن مان انهن کي چوندو هيم ته ياءِ اِهو سنڌ ۾ ته تي سگهي ٿو پر هي مرڪز آهي، هتي اڳئي اسان سنڌ وارن تي گهٽيون اهڙيون ڳالهيون ڪندا رهندا آهن ته سنڌي نااهل ۽ نالائق آهن، مٿان توهان محنت ڪرڻ پنهنجي لاءِ عيب ٿا سمجهو ۽ رڙين ۽ دانهن مان ڪجهه ڪونه ورندو. جيستائين توهان پاڻ ۾ اهليت پيدا نٿا ڪيو.

اسان جي نوجوانن کي گهرجي ته ڪاپي ڪلچر کي ختم ڪري پنهنجي لاءِ پنهنجي سنڌ جي لاءِ محنت ڪري اڳتي اچن. جيستائين اسان جو نئون نسل انهي بيماريءَ مان ڪونه نڪرندو، تيستائين اسين پنهنجا آئيني حق حاصل ڪري ڪونه سگهنداسين. اسلام آباد ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ جيترا نوجوان اڳتي ايندا، اوتري وڌيڪ آساني پيدا ٿيندي ويندي. جيستائين اسان جا نوجوان محنت ڪري مرڪز ۾ نه ايندا، تيستائين اسان لاءِ ڏکيائون هلنديون رهنديون.

پناڻ جيڪڏهن مرڪز ۾ گهٽائي ۾ اچي ويو آهي ته هو صرف پناڻ هجڻ جي ناتي سان ڪونه اڳتي آيا آهن. ڪي پي ڪي تعليم جي ميدان ۾ سنڌ ته ڇا پر پنجاب کان ڪيترو اڳتي نڪري ويو آهي. جيستائين سنڌي نوجوان محنت ڪري اڳتي ڪونه ايندو، تيستائين مرڪز ۾ اسان اتي ۾ لوڻ برابر رهنداسين. جيستائين اسان ٿورائي ۾ هونداسين، تيستائين سنڌي آفيسر چاهي ٻئي سنڌي اسٽاف کي ڪا به اهميت ڪانه ملندي. تنهن ڪري اسان جا نوجوان همت سان پڙهائي تي ڌيان ڏئي گهٽي ۾ گهٽا مرڪزي سرڪار ۾ اچي پنهن جو ڪردار ادا ڪن. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسلام آباد ۾ مشڪلاتون ضرور آهن، پر اهي مشڪلاتون تيستائين رهنديون، جيستائين اسين هر محڪمي ۾ ڪافي مقدار ۾ نٿا ٿيون.

مرڪز ۾ هن وقت به ڪافي مقدار ۾ سنڌ جون اسٽينو ٽائپسٽ ۽ اسٽينوگرافر لاءِ سيٽون خالي پيون آهن. پر اسان جا نوجوان صرف ايم اي ڊبل ايم اي ڪرڻ ۾ پيڙ آهن، ڇاڪاڻ ته اهي ڪاپي ڪري پاس ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪاغذ تي پڙهيل جاهل پيدا ٿين ٿا. جنهن جي ڪري سنڌ روز بروز پُٺتي پوندي پئي وڃي ۽ بي روزگاري جي شرح ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي.

الله ان قوم جي حالت تڏهن سڌاريندو آهي، جڏهن اها قوم اڳتي اچڻ لاءِ جتن ڪندي آهي. اهو قانون فطرت آهي اسان کي قانون فطرت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وک وڌائڻي آهي. جيڪڏهن اسان انهي فطرت تي عمل نه ڪنداسين ته فطرت جو اِهو به قانون آهي ته ڪمزور آخرڪار گهٽو وقت جيءُ ڪونه سگهندو.

# ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ سنڌ جي نمائندگي

2009ع ۾ وزارت تعليم ۾ هئڻ وقت هڪ ڏينهن آفيس وينو هيم ۽ ان ڏينهن اعظم چوڪ ضلعي ليهه وٽ بس جو ايڪسيڊنٽ ٿيل هيو جنهن کي ٽي وي تي بار بار پئي ڏيکاري. صبح جو وقت هيو پٽيوالي چٽ آندي. جنهن تي هڪ صاحب پٺي ذات جو گجرات جو رهاڪو ۽ پرائيويٽ سيڪريٽري ٿو مسٽر نواز شريف لکيل هيو. مون پٺي صاحب کي اندر گهرايو ۽ اچڻ سان ڪرسي تي وينو. مون کيس چانهه لاءِ چيو. جنهن تي هن چيو ته سائين مهرباني ۽ مان هاڻي ناشتو ڪري آيو آهيان. مون اچڻ جو مقصد پڇيو ته چوڻ لڳو سائين هڪ ماڻهو آهي ۽ انهي جو ڪيڊر ڪلارڪ مان ڦيرائي ماسٽر ڪرائڻو آهي، سو توهان مهرباني ڪري انجو ڪيڊر چينج ڪري ڏيو. مون چيو ته ياءُ اهو ڪونه ٿي سگهندو. چو ته ڪيڊر چينج ڪرڻ معني نئين ڀرتي. باقي جڏهن استادن جي ڀرتي لاءِ اشتهار اچي پوءِ ان ۾ درخواست ڏئي ٽيسٽ ۾ ويهي، جيڪڏهن ڏيڻو هوندس ته استاد ٿي ويندو. هڪدم چيائين ته سائين جيڪڏهن اهڙي ڪم لاءِ ڪو سنڌي اچي توکي چئي ها ته تون هڪدم ايئن ڪرين ها. غصو ته آيو پر هن کي چيو ته اهاتوهان جي غلط فهمي آهي. چيائين ته رات اسان ڪٿي وينا هياسين ته اتي اهي ڳالهيون پيون ٿين توهان اهڙا سنڌي ماسٽر ڀرتي ڪيا آهن. جن کي ڪجهه نٿو اچي وغيره وغيره. مان موضوع کي هٽائڻ خاطر هن کان پڇيو ته يار هي جيڪو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي، اهو ڪٿي ۽ پنجاب جي ڪهڙي علائقي ۾ ٿيو آهي. چيائين ته اهو گهٽو ڪري سنڌ يا بلوچستان جي علائقي ۾ ٿيو آهي؟ مون وري ڪانئس پڇيو ته ليهه ضلعو ڪٿي آهي؟ چيائين ته گهڻو ڪري سنڌ ۾ هوندو. مونکي ته اڳئي دل ۾ غصو هيو. مون هن کان پڇيو ته تنهنجي تعليم ڇا آهي؟ چيائين ته مان ايم اي پاس آهيان. مون چيو ته ڪٿان ايم اي ڪئي اٿي؟ چيائين ته پنجاب يونيورسٽي مان. مون پڇيو ته پرائيويٽ يا ريگيولر؟ چيائين ته ريگيولر. مون چيو ته پٺي صاحب توکي شرم اچڻ گهرجي جو تون ايم اي ڪئي آهي ۽ توکي اها خبر ناهي ته ليهه پنجاب جو ضلعو آهي. تنهنجو پنهنجو اهو حال آهي، جو توکي پنجاب جي ضلعي جي خبر ناهي ۽ تون چوين ٿو ته سنڌي نالائق آهن. مونکي به جيڪو غصو هيو سڄو ڪڍي ڇڏيم. همراهه ڪند ڍرڪائي خاموش ٿي ويو.

مون ان همراهه کي ڪيترائي دفعا ڏٺو ته نواز شريف جي اڳيان پويان پيو ڦرندو هيو. باقي هي انجو پرائيويٽ سيڪريٽري هيو يا نه. اها خبر ناهي. چاڪاڻ ته هن صرف چٽ تي لکي موڪليو هيو. تنهن

ڪري ڪنهن قسم جي ڪاروائي ماٺهو نہ پيو ڪري سگهي. انهيءَ کان پوءِ مهيني ۾ ٻہ ٽي دفعا جڏهن بہ نوازشريف اسلام آباد ايندو هيو تہ هي مون سان ملڻ ضرور ايندو هيو ۽ چوندو هيو تہ سائين ڪم ڪار ڪونهي، پر توهان سان ملڻ لاءِ دل چوندي آهي جو توهان منهنجو ان ڏينهن دماغ ٺڪاڻي لڳائي ڇڏيو ۽ مان توهان جي دل سان عزت ڪندو آهيان.

2008ع ۾ وزير اعظم آفيس ۾ مان جوائنٽ سيڪريٽري پبلڪ افيئر هئس. پنجاب ۽ سنڌ جي چونڊيل نمائندن جي اسڪيمن جي لاءِ وزيراعظم جي منظوري سان فنڊز جاري ڪرڻ ڪم هوندو هيو. وزيراعظم اچڻ شرط ملتان لاءِ هڪ ترقياتي پيڪيج منظور ڪيو. ترقياتي ڪم ڪجھ مرڪزي سرڪار جا ادارا تہ ڪجھ پنجاب حڪومت ڪري پئي. سيني ترقياتي ڪمن لاءِ فنڊز مرڪز جي طرفان جاري پئي ٿيا. جن اسڪيمن جو ڪم پنجاب سرڪار کي ڪرڻو هيو، انهن اسڪيمن جي پي سي ون جي منظوري پنجاب گورنمينٽ جو پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ ڏئي پوءِ وزيراعظم آفيس ڪٺي ايندا هيا. گيلاني صاحب هڪ روڊ ۽ انتي وڏي پل جي لاءِ اعلان ڪيو هيو. اهو روڊ ٺهڻو هيو ملتان کان اچ شريف واپہ شجاع آباد ۽ جلال پور پيروالي، خيرپور کان اچ شريف. روڊ اڳم هيو پر اهو ننڍو هيو. انکي ويڪرو ڪري پئي ٺاهيائون. اچ شريف وٽ درياء ستلج جي مٿان پل بہ ٺهڻي هئي. اچ شريف هڪ تاريخي شهر آهي، جتي الله جا وڏا ولي ۽ بزرگن جو مسڪن آهي. خاص ڪري جيڪي بہ پاڪستان ۽ هندستان ۾ بخاري سيد آهن. انهن سيني جو وڏو سيد جلال شاھ بخاري عرف سرخ پوش جي مزار اتي آهي ۽ پاڻ بخارا شهر ازبڪستان ملڪ کان لڏي هتي اچي رهيا. بخاري صاحب جي باري ۾ مونکي اتي اچ شريف ۾ اها ڄاڻ ڏياري وئي تہ پاڻ بهاوالدين ذڪريا ملتاني جا خليفا ۽ سلسلہ سهروردي سان لاڳاپيل هيا.

بابا فريد، جلال شاھ بخاري، قلندر شهباز ۽ غوث بهاوالدين پاڻ ۾ دوست ۽ گڏ چوياري ڪندا هيا. بابا فريد شڪرگنج پاڪپتڻ وارا سلسلہ چشتي سان وابسطہ هيا.

قلندر شهباز شروع ۾ غوث بهاوالدين زڪريا جا خليفہ هئا، پوءِ اڳتي هلي قلندر ٿي سيني سلسلہ کان آجا ٿي ويا ۽ صرف مست قلندر.

جلال شاھ بخاري هميشہ ڳاڙهو لباس پائيندا هيا، جنهن جي ڪري سرخ پوش جي نالي سان مشهور هيا. جلال شاھ بخاري جو پوٽو قتال شاھ جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جو مقبرو جلال پورپير والي شجاع آباد جي نزديڪ آهي. جنهن جي خاندان جا فرد هينئر ديوان جي لقب سان سڏيا ويندا آهن. قتال شاھ جي مقبرو جي بناوت بہ تقريباً شاھ رڪن عالم جي مقبري جهڙي آهي. قتال شاھ پاڻ خليفا هيا شاھ رڪن عالم جا.

اُچ شريف ۾ ٻي وڏي دربار اتي پيران پير دستگير جي اولاد مان هڪ بزرگ غلام غوث يا محمد غوث جي نالي آهي. پنجاب ۾ تقريباً سڀ گيلاني اوچ شريف واري بزرگ جي اولاد مان آهن. سيد يوسف رضا گيلاني جا وڏا بہ هتان لڏي اچي ملتان رهائش پذير ٿيا. ملتان ۾ جيڪا گيلانين جي دربار موسيٰ پاڪ شهيد جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي اولاد مان يوسف رضا گيلاني آهي. موسيٰ پاڪ شهيد جو مقبرو اچ بہ اُچ شريف جي دربار جي اندر لنگهڻ سان سڄي هٿ تي زبون حال ۾ بيٺو آهي. موسيٰ شهيد

پاڪ پهريان اتي اچ شريف ۾ دفن ٿيل هيا، پوءِ خبر ناهي ته ڪڏهن ملتان ڏانهن جسد خاڪي کي ڪٽائي ويا.

بابا بلي شاهه قصور وارو به اچ شريف جي گيلاني خاندان مان آهن. بابا بلي شاهه جو ڏاڏو اچ شريف مان لڏي وڃي قصور جي ويجهو آباد ٿي اتي پيش امام ٿي رهيو.

پيڪيج ۾ جيڪا پل ستلج درياءَ تي ٺاهڻي هئي، ان جي پنجاب سرڪار پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ مان پي سي ون منظور ڪرائي وزير اعظم آفيس ڪٽي آيا ته جيئن اها اسڪيم وزيراعظم جي نظر مان گذري ته پوءِ فنانس منسٽري کي خط لکون ته جيئن ان اسڪيم جي رقم پنجاب سرڪار کي جاري ڪري. ايڊيشنل سيڪريٽري سعيد احمد هيو مونکي چيائين ته پنجاب گورنمينٽ جي پي اي ڊي ڊي کي چوان ته اسان کي سياڻي انهيءَ اسڪيم متعلق اچي بريفنگ ڏين. مون لاهور فون ڪري اهڙا احڪامات پهچايا. ٻئي ڏينهن تقريباً ٻارهين وڳي پنجاب گورنمينٽ جا آفيسر آيا، ۽ ڪاميٽي روم ۾ بريفنگ ڏيڻ شروع ڪئي. جڏهن پروجيڪٽر تي سلائيڊ هلاين ته پهرئين غلط فهمي هجي. مزي جي ڳالهه ته سواءِ منهنجي سڀ پنجاب جا رهواسي آفيسر هيا. پنجاب جي هڪ آفيسر به ان غلطي کي ڪونه پڪڙيو. غلطي پي سي ون ۾ اها هئي ته سڄي بريفنگ ۾ روڊ جونالو صحيح لکيل ڪونه هيو.

ملتان کان اچ شريف وايه شجاع آباد جلال پوربير والي خيرپور ۽ اچ شريف. غلطيءَ سان لکيل هيو ته پل درياءِ سنڌ تي. جڏهن ته پل ٺاهڻي هئي درياءِ ستلج تي. جڏهن مون اتي پنجاب جي آفيسر کي ٿورو وزندار آواز ۾ چيو ته تون جو هي پل سنڌو درياءِ تي لکي آهي، اها پل ڪٿان اچي اُچ شريف کي ملائيندي. ته به هو انهيءَ ڳالهه تي بضد ته پل درياءِ سنڌو تي پوندي. مون اتي چيو ته يار واقعي سرائڪي سچ چوندا آهن ته :

*"اسيں قيدی تخت لاہور دے۔"*

مون چيو خدا جا بندو توهان کي اهابه خبر ناهي ته اچ شريف ڪٿي آهي؟ مون چيو ته جيڪڏهن پل سنڌو درياءَ تي پوندي اچ شريف جي لاءِ ته پوءِ شجاع آباد کان ڪٿان توهان چناب ندي کي ڪراس ڪيو. جو سنڌو درياءَ ٽپي وري ٻيهر سنڌو درياءَ تي ٻي پل ٺاهيندا. انهي جو مطلب ته توهان هڪ پل نه بلڪ ٽي پليون ٺاهيندا. پوءِ اتي جڏهن نقشو ڏٺن تڏهن وڃي مڃين ۽ غلطي دور ڪين.

پنجاب جي بيوري ڪريسي ايڏي ڪا قابل ناهي، جيترو هو سمجهندا آهن. نه وري پنجاب جي تعليم ڪا ايترو گهٽو پلي آهي. سرڪاري اسڪولن جي پڙهائي پرائيويٽ تعليمي ادارن جي مقابلي ايتري اڳتي ڪانهي. پر پنجاب ۾ پرائيويٽ سني ساک وارا تعليمي ادارا گهڻي عرصي کان قائم آهن، جن جي ڪري پنجاب سڀ تي حاوي ٿيو بيٺو آهي.

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته پنجاب يونيورسٽي جي ايم اي ايڪانامڪس جا پيپر 1976ع ۾ راولپنڊي ۾ گهٽوڪري سر سيد ڪاليج جي سينٽر تي پيپر آئوٽ ٿي ويا، پر ٻئي ڏينهن انهي لاءِ اخبار ۾ خبر ڇپي پر اهڙي انداز ۾ ڇپي جڻ ته ڪو واقعو ٿيوئي ڪونه هيو صرف اندرئين صفحي تي هڪ ڪالم جي خبر هئي. پر جيڪڏهن اهڙي قسم جو واقعو سنڌ يونيورسٽي متعلق هجي ها ته اخبار جي هيڊلائين ۾

انهن ڪالمن سان مرچ ۽ مصالحي سان اردو ميڊيا ان خبر کي ڇاپي ها.

انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته گذريل تقريباً چاليهارو سالن کان وٺي سنڌ جي تعليم کي هٿ سان تباهه۽برباد ڪيو ويو آهي. خصوصن گذريل ڏهه پندرنهن سالن کان ته تعليم جي ڪافي مقدار ۾ بجيٽ هوندي به تباهه ڪيو ويو آهي. پر الحمدالله سنڌ جي سول سوسائٽي ۾ ان متعلق ڳڻتي جي لهر جاڳي اٿي آهي، اميد ته تعليم جي ميدان ۾ اڳتي بهتري جي اميد آهي.

مٿي به مثال طور جيڪي مون لکيا آهن، انهيءَ جي لکڻ جو مطلب آهي سياسي چاهي ذهني شعور ۾ سنڌي انفرادي طور ڪافي اڳي آهي پنجابي کان. سنڌي پڙهڻ ۾ ڪيترو به نالائق هوندو، پر ان کي سنڌ جي جاگرافي جي ڄاڻ هوندي، جيڪا پنجاب جي عام ماڻهو ۾ ناهي. اهڙيءَ طرح پنجاب جي حاڪميت برقرار رکڻ لاءِ پنجاب جي بيوروڪريسي جو محور صرف سينٽرل ۽ اتر پنجاب جي ترقيءَ هوندو آهي. لاهور ۾ ڪيترائي سينيئر آفيسر آهن، جيڪي ٻاوهين گريڊ کي پهچڻ تائين ڪڏهن به راوي ندي کان ٻاهر وڃي نوڪري ناهي ڪئي پر مرڪز ۾ اچي پلاننگ پوري پاڪستان جي ڪندا آهن. جنهن جي ڪري پاڪستان اڄ تائين اڳتي ترقي ڪري ناهي سگهيو. پلاننگ ڪميشن آف پاڪستان ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ وڃڻ ٿيو ته محسوس ٿيو ته مان پلاننگ ڪميشن آف پنجاب ۾ آيو آهيان، نڪي پلاننگ ڪميشن آف پاڪستان. ڇو ته پلاننگ ڪميشن ۾ ٻارهن ميمبر هوندا آهن، جيڪي ملڪ جي ترقي لاءِ اسڪيمون ناهي ۽ گهربل فنڊز جاري ڪندا آهن. اهي ٻارهن ميمبر خير سان سڀ پنجابي ۽ عمومن انهن ميمبرن پورو پنجاب به ڪونه ڏٺو هوندو آهي، پر پلاننگ پوري ملڪ جي ڪندا آهن. انهيءَ ڪري پنجاب جي پلاننگ بورڊ آفيسرن کي اها خبر به ڪانه هئي ته ملتان کان اڄ وڃڻ لاءِ پل ستلج نديءَ تي پوندي يا درياءِ سنڌ تي.

اهڙي صورتحال ۾ سنڌ سرڪار کي ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي گهٽ ۾ گهٽ به ٽي ميمبر ته سنڌ مان رکرائڻ گهرجن، ته جيئن سنڌ کي ترقياتي ڪمن ۾ ڪجهه حصو ملڻ کپي.

# رٽائرمينٽ کان پوءِ جا مسئلا

جيڪو به ماڻهو سروس ۾ اچي ٿو انهيءَ کي ذائقة الرٽائرمينٽ ضرور چکڻو آهي. جنهن کان پوءِ گهٽيون اهڙيون ڳالهيون توهان جي سامهون اچي کر ڪيڏي بيهنديون آهن. جنهن لاءِ توهان جي دل ۾ وهم گمان به ڪونه هوندو آهي. سڀ کان پهريون توهان جا پنهنجا رت جا رشتا ڇڏا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن ته آهستي آهستي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سانڍيل ڪنهن به طرح سان ڪا ڪنهن وقت ڪا ڇيل ڳالهه کي بهانو ناهي پري ٿيندا ويندا. مثال طور ڪو عزيز يا دوست پنهنجي اولاد يا ڪنهن ويجهي مائٽ لاءِ سرڪاري نوڪري وٺي ڏيڻ لاءِ آيو هوندو ۽ توهان جي وس ۾ اهو ڪرڻ ناممڪن هوندو ته چوندو ته سائين توهان کي ياد هوندو جڏهن مان توهان وٽ پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ لاءِ آيو هيم ته توهان مونکي اهو چئي موٽايو هيو ته تنهنجي پٽ کي ڪجهه ڪونه ٿو اچي. منهنجي پٽ کان توهان پري ڪچهري ۾ سوال ڪيا، جنهن جا هي جواب نه ڏئي سگهيو. توهان کي اهو خيال نه ٿيو جو سيني جي سامهون منهنجي پٽ جي بيعزتي ٿي، جو توهان چيو ته هن کي چاچا ڪجهه اچي ڪونه ٿو ۽ محنت ڪري. اسان ته ان وقت سمجهيو هيو ته توهان اسان جو ڪم ڪونه ڪندا، وغيره وغيره. ابا توهان ان وقت صرف فون ڪٽي هيلو ڪيو ها ته منهنجي پٽ کي نوڪري ملي وڃي ها. چاچا پيلا تنهنجي ٻن پٽن جي مدد ڪئي، انهن کي داخلا وٺرائي ڏني، انهيءَ سان گڏ ٿوري گهٽي انهن ڇوڪرن کي پڙهائڻ ۾ مدد ڪئي، جيڪي هاڻي سٺي منزل تي پهچي ويا آهن. ابا اهو ته انهن جو نصيب هيو، انهن کي مليو تو اسان لاءِ ڇا ڪيو؟ منهنجو وڏو پٽ پڙهيو به ڪونه ۽ تو نوڪري به ڪانه وٺي ڏني، هاڻي منهنجي ڳچيءَ ۾ پيو آهي. اهڙيءَ طرح جا ڪيئي ڏوراپا وغيره ملڻ جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري جيڪو رٽائرمينٽ جي ويجهو آهي، تنهن کي گهرجي ته دل ڪشاده رکي، انهن ڳالهين جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ توهان اهڙي چال نه هلو جو رهيل رشته به ختم ٿي وڃن.

ڪالهه منهنجو هڪ پراڻو دوست ڪراچي کان آيو. جيڪو به ٽي سال اڳ وڏي عهدي تان رٽائر ٿيو. حال احوال اورڻ کان پوءِ ٻڌايائين ته يار اچ ڪلهه زمانو ڪيترو ته مطلبي ٿي ويو آهي. مون چيو ته مان 1971ع ۾ جڏهن فوج ۾ سپاهي پرتي ٿي ڪوهاٽ سگنلز سينٽر ٽريننگ لاءِ وڃان پيو ته جڏهن مان ملتان ريلوي اسٽيشن تي لٿس ته عنايت حسين ڀٽي جي آواز ۾ هڪ گانو هليو پئي، جنهن جا ٻول هيا:

”دنیا مطلب دی اویار۔“

مون چيو ته يار اها پراڻي چوڻي آهي، تنهن ڪري انهي مطلبي دنيا سان گڏ هلڻو آهي. مون چيو ته تو پنهنجي ڳوٺ چاهي سڄي علائقي لاءِ تمام گهڻا ڪم ڪرايا آهن. ڳوٺ چاهي پرپاسي جي ڳوٺن لاءِ روڊ رستا، بجلي، گئس، اسڪول ۽ ڪيترائي ماڻهو روزگار سان لڳرايا آهن. تنهن ڪري تون پنهن جي ڪيل ڪم تي مطمئن رهه. باقي جيڪڏهن ڪو تنهنجي لاءِ برو سوچي ٿو ته پاڻ ڄاڻي.

چوڻ لڳو ته مونکي ڪنهن به قسم جو ارمان ناهي ته ڪير ڇا ٿو چوي. يا ڪوئي مخالفت ٿو ڪري. پر مان صرف اهو ته چوڻ چاهيان ته سياڻي اسان جي نئين ٽهي جڏهن سروس ۾ ايندي ۽ جيڪڏهن انهن کي اها خبر پئي ته يار هتي جيڪو علائقي لاءِ ڪم ٿو ڪري، انهيءَ جي ڪا به عزت ناهي. اهڙي سوسائٽي مان موٽ جيڪڏهن انهن کي ملي ٿي. جن سڀ ڪجهه ڳوٺ ۽ علائقي لاءِ ڪيو ته اسان جا نوجوان سنڌ ڌرتي جي خدمت ڪرڻ کان لنوائيندا ۽ چوندا ته جيڪڏهن هيتري خدمت ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجن جو رويو اهڙو آهي ته هو سياڻي پنهنجي علائقي جي خبر چار ڪونه لهندا ۽ سنڌ جي ڀهراڙي وارا وڏيڪ پوئتي ڌڪجي ويندا. مون چيو ته يار ڳالهه ته تنهنجي سچي آهي، پر انهي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ اڄ ڪلهه اسان جي معاشري ۾ بدقسمتي سان سوچ صرف پنهنجي ذات تائين محدود ٿي وئي آهي جنهن ڪري اهڙي قسم جا واقعا روز بروز ٿين ٿا. ڪو اهڙو ڏينهن خالي ناهي جو پٽ پنهنجي پيءُ جي سيني جي سامهون بيعزتي ٿو ڪري، جيڪو مهذب معاشري تي هڪ بدنما داغ آهي. جڏهن اهڙي طرح جون حالتون پيدا ٿينديون آهن ته سوسائٽي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي آهي.

جيڪو ڪجهه دوست چيو مان اهو ئي دوستن جي لاءِ عرض ڪيان ٿو.

چوڻ لڳو ته يار توکي خبر آهي ته اسان ڪو وڏي گهراڻي جا ماڻهو ناهيون، پر وڏڙن کي چار ٻارا زمين جا هيا ۽ پنهنجي علائقي ۾ عزت ۽ مان وارا هيا. پر اسان جي ڪا ايڏي وڏي زميندراي واري حيثيت ڪانه هئي. الله سائين جا ڪرم ٿيا جو محنت ڪئي سين، ۽ ڪنهن جي ٿوري ۽ احسان کان بغير مالڪ سائين جي مهر سان سٺي نوڪري ملي، جتي پنهنجن عزيزن، پاڙيوارن ۽ دوستن جي جيڪا پڄي سگهي سان خدمت ڪئي. هر هڪ ڳوٺ ۾ ڪي وڏي يا ننڍي حيثيت وارا مٽ مائٽ هوندا آهن. منهنجو به هڪ ويجهو عزيز هيو جيڪو ننڍي نوڪري وارو ملازم هيو پر اولاد جام هيس، تنهن ڪري گذران ايترو سولو ڪونه هيس پوءِ مون ان جي وڏي پٽ جي پڙهڻ ۽ نوڪري وٺرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. جڏهن هنجو پٽ نوڪري ۾ لڳو ته همراهه پئسه ڪي ميڙڻ جا طريقا ڳولهي ڪڍيا. پنهنجي ڀائرن کي به پڙهايائين ۽ الحمدلله! انجا ڀائر ان کان وڏين نوڪرين ۾ لڳي ويا. تنهي ڀائرن ٿوري عرصي ۾ پئسه جام ڪنو ڪيو ۽ انهي مان مختلف قسم جي بزنس ۾ پئجي ويا. علائقي ۾ ڪافي زمينون ۽ پيٽرول پمپ، مختلف شهرن ۾ فليٽ ۽ پلاٽ خريد ڪيا. ايترو پئسو ڪمايائون جو هينئر انهن جو دين ۽ ايمان صرف پئسو آهي. هينئر هو ايئن سمجهڻ لڳا آهن ته هو ستن پيڙهين کان وٺي نواب غيبي خان ۽ ڪانيو خان هيا. علائقي يا پنهنجي ڳوٺ ايندا ته چار باڊي گارڊ وٺي ايندا، جن کي جديد اسلحه هوندو اهي اڳيان پويان پيا هلندا اٿن. پر ايستائين جو جيڪڏهن گهر جي پرسان ڪو

عزيز فوت ٿي ويندو ته پنهنجي گهر کان نڪري ان رشتيدار ڏانهن دعا گهرڻ ويندا ته به چار هٿيارن سان ليس باڊي گارڊ ساڻ وٺي ويندا. خبر ناهي ته ايترو واقعي ڪو هنن کي خطرو آهي، پنهنجن کان، يا انهن مٿان رعب رکڻ لاءِ اهي سڀ ڪجهه ڪن ٿا. خير جتي پئسو گهٽ هوندو آهي انکي خطرو به اوترو هوندو آهي.

جيترو پئسو اٿس، جيڪڏهن چاهي هاته پنهنجي ڀين ڀيڄهن عزيزن کي خاص ڪري ٻاٽيجا، سؤٽ ۽ انهن جي ٻارن کي ڪنهن سٺي تعليمي اداري ۾ داخلا وٺرائي اڳتي آڻڻ ۾ ڪافي مدد ڪري پي سگهيو. اهو ته هنن خير ڪنهن به ويجهي کان ويجهي عزيز کي تعليم ڏانهن متوجه ڪونه ڪرايو. جيڪڏهن چاهن ته انهن جي هيڏان ڪيترائي ادارا آهن، جن ۾ گهٽ تعليم وارا به ڪو هنر سکي سٺي روزي ڪمائي سگهن ٿا پر انهن مان ڪنهن جي به مدد ڪانه ڪئي. پنهنجي سالن ۽ ڀاٽيجن کي پنهنجي ڏنڏي ۾ سنڀالڻ لاءِ رکي انهن کي تعليم کان محروم ڪري ڇڏيائين، هاڻي اهي سڀ هن جا سالا ۽ ڀاٽيجا هن جا محتاج آهن. جڏهن چاهيندو آهي ته هڪ سالي کي اڳتي ڪندو آهي ۽ ٻئي کي پٺتي اڇلي ڇڏيندو آهي. هاڻي انجا سالا ۽ ڀاٽيجا صرف هن جي اشاري تي هلندا آهن. چو ته انهن کي خبر آهي ته اسان وٽ تعليم ڪانهي، تنهن ڪري ٻيو ڪم ڪري ڪونه سگهنداسين، تنهنڪري هو انجا ٻڌا ٻانها غلام هوندا آهن. ڪنهن اسان جي دوست انکي چيو ته يار تنهنجو اثررسوخ ڪافي ڪارخانن تي آهي، اتي انهن کي لڳرائي ڇڏ ته گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي سالن ۽ ڀاٽيجن کي ڪافي سهولتون ملنديون ۽ انهن جا شهر ۾ ٻار پڙهي پوندا ته انکي جواب ۾ چيائين ته مان ڪو بيوقوف ناهيان، جو انهن کي ڪنهن ڪارخاني ۾ نوڪري وٺي ڏيان ته سڀاڻي منهنجو سلام به نه ڪن. تو کي خبر آهي ته اڄ ڪلهه ڪارخاني ۾ مزدورن کي سٺيون سهولتون ملن ٿيون، علاج ۽پينشن به ملي ٿي، پوءِ جيڪڏهن هي سڀ اوڏانهن ويندا ته منهنجا پيٽرول پمپ ۽ ٻيو ڪاروبار ڪير سنڀاليندو اهي اتي چڱا آهن. هن وقت انهي جا سالا چاهي ڀاٽيجا تعليم جي نه هجڻ ڪري ڏوهن جي دنيا ۾ ڪاهي پيا آهن.

اڄ ڪلهه انهن جي اولاد به چڱي نوڪري ۾ اچي وئي آهي، تنهن ڪري انهن جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو آهي ته اسان کي اچي سيڪو سلام ڪري، تنهن ڪري جيڪو به عزت وارو آهي، انجي خلاف انهي جي ڪنهن گهر جي ڀاتي کي لالچ ڏئي ماڻهن ۾ بدنام ڪرڻ ۽ سوشل ميڊيا تي ڪا نه ڪا ڳالهه انکان لکرائي ڇڏيندا آهن، اهو بيوقوف انهن جي چوڻ تي پنهنجي وڏن جي خلاف لکي، انهن کي پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ پنهنجي ساراهه ۾ انکان واڪاڻ ڪرڻ شروع ڪئي اٿائين. دوست ٻڌايو ته ڪنهن وقت مختلف عوامي نمائندن کان فنڊز وٺي ڳوٺ ۾ ڪرايا، هاڻي اهي تباهه حال ٿيندا پيا وڃن انهن کي نيڪ ڪرائڻ جي توفيق ڪونه اٿن. جڏهن ته حد جي ايم پي اي ۽ ايم اين اي کي گهر ۾ گڏ فوٽو ڪيرائڻ ۾ خوش ٿيندو آهي. سنڌ سرڪار جا حال ايترا ته برا آهن جو اسڪولن جون نيون بلڊنگون ٺهيون پيون آهن، اتي هينئر صرف گڏهه ۽ موالي مسڪن ناهيو ويٺا آهن يا وري خالي پيون آهن، جيڪو پوري سنڌ ۾ آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ دوست جي چوڻ مطابق مختلف ادارن ڏانهن درخواستون موڪلرايون اٿئين ته اهو جيڪو رٽائر ٿيو آهي، تنهن ملڪ جي خزاني کي نقصان

پهچايو آهي، انهيءَ ڪري انجي خلاف انڪوائري ڪرائي وجي، وغيره وغيره.

منهنجو دوست چوڻ لڳو ته جيترو گهڻو پئسو ۽ ملڪيتون ورتيون اٿن، جيڪي سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته ڪير انهن جي خلاف رڳو وجي درخواست ڏئي ته هي سڀ قابو ٿي ويندا. چوڻ لڳو ته جيڪي به هنن فليٽ ڪراچي ۾ باٿ آئي ليند، ڪلفٽن، ڊفينس ۽ عسڪري وغيره، اسلام آباد پلاٽ، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، سنڌ جي وڏن شهرن ورتل اٿن، جن جو مڪمل ثبوت آهي، پر مان نٿو چاهيان ته انهن کي نقصان پهچايان پر هي پنهنجي حرڪتن کان باز نٿا اچن، مان به آخر انسان آهيان، متان ڪڏهن تنگ ۽ مجبور ٿي، ڪو اهڙو قدم کڻان، جنهن ۾ سيني پائرن کي نقصان پوي، مون کي چوڻ لڳو ته مان ڇا ڪيان جي نٿو ڪجهه ڪيان ته هي سر تي چڙهندا ٿا وڃن، پر جيڪڏهن مون ڪيو ته برداشت هي ڪري ڪونه سگهندا.

مون چيو پاءُ حضرت علي سائين جو مشهور قول آهي، جنهن جو مطلب آهي ته: ”جنهن سان چڱائي ڪيو ته ان جي شر کان الله محفوظ رکي.“ وڏڙا ته هميشه چوندا هيا ته: ”ابا اصل مان خطا ڪانه ٿيندي، بي نسل مان وفا ڪانه ٿيندي.“

مون چيو ته ”پائو ڪنهي ٿورا ڪنهي گهٽا، ڪانهي سورن ڏار.“

اهو اڄ ڪلهه تقريباً هر جاءِ تي ٿي ويو آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا پوزي ملي ٿي وڃي ته هو آپي مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. بهتر آهي ته صبر ڪيو باقي الله سائين اهڙو ڪريم آهي جو جيڪو بئي لاءِ کڏ کوٽيندو آهي، انهيءَ ۾ سڀ کان اڳ ۾ هو پاڻ ڪرندو آهي. تنهن ڪري توڪل الله تي رک، الله انهن کي هدايت ڏيندو.

مون ڏٺو آهي ته جيڪو ڪجهه اسان جي دوست سان ٿئي پيو اهو سنڌ جي تقريباً هر علائقي ۾ وبا وانگر پکڙجي ويو آهي. شايد انهن دوستن کي اهو ياد نٿو بيهي ته هڪ سج به پاڇا ٿيندا آهن.

وقت هميشه هڪجهڙو ڪونه رهندو آهي. تنهن ڪري هر ماڻهو کي پنهنجي اوقات ۾ رهڻ گهرجي ۽ انهي ۾ عافيت هوندي آهي. مان وري به دوستن کي چوندس ته سنڌ اڳئي سورن ۾ ورتي پئي آهي، دشمن سيني پاسي کان حملا آور آهن، بجاءِ انهن ننڍن ننڍن ڳالهين ۾ الجهڻ جي نئين نسل کي صاف ذهن رکڻ ۽ قوم ۽ ملڪ جي خدمت لاءِ تيار ڪجي نڪي، پنهنجون پاڙون پاڻ کوٽيون. باقي جنهن جو جيڪو وڙ آهي اهو پنهنجي عادت کان مجبور ٿي اهي حرڪتون ڪندو، جنهن ۾ سڄي سوسائٽي کي نقصان رسندو.

الله سائين جي در دعا آهي ته سنڌ کي سرسبز ۽ شاداب رکي ۽ سنڌواسين کي حاسدن جي حسد کان محفوظ رکي، آمين يارب العالمين.

# نوجوان ڪي ترقيءَ جي عمل ۾ پاڳي پائيوار ڪرڻ لاءِ رهنمائي جو فقدان

قوم جو اصل سرمايو نوجوان هوندو آهي، انهيءَ سرمائي جي سيڙپ هميشه ڏاها ڪندا آهن. ڏاها هميشه دنيا جي لاهين ۽ چاڙهين مان وقت جي بي رحمي واري ڇولين مان گذري پار پهچندا آهن. الحمدللهٰ! سنڌ توڙي پاڪستان ان نوجون واري سرمائي سان مالا مال آهي. ضرورت انهي ڳالهه جي آهي ته بئي هڪبئي سان ساٿ ڏئي قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم رول ادا ڪن. سنڌ جي نوجوان ڪي اڄ تائين ڏاهو سيڙپ ڪرڻ ميسر نه ٿيو آهي، تنهن ڪري اسين سنڌ جي نوجوان ڪي ترقي جي عمل ۾ پاڳي پائيوار نه ٿيڻ جو ذميوار يا قصوروار نٿا چئي سگهون. جيترو مون پنهنجي سروس جي دوران ڏٺو آهي ته اسانجو نوجوان تمام گهڻو باصلاحيت ۽ همت وارو آهي، پر وقتائتي رهنمائي نه هجڻ جي ڪري اسانجو نوجوان اهو ڪردار ادا ڪري نه سگهيو آهي، جيتري اڄ اسين ان مان اميد ٿا رکون. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سنڌ ۾ هن وقت ڏاهي سيڙپڪار جو فقدان آهي، پر خوشي جي اها ڳالهه آهي ته سنڌ جي سول سوسائٽي ۾ هاڻي سجاڳي اچڻ شروع ٿي وئي آهي ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي ته سنڌ ۾ ڏاهو سيڙپڪار اچي پنهنجي ذميواري سنڀاليندو. جنهن جي ڪري سنڌ اڳتي هلي سکيو ۽ ستابو علائقو ٿيندو. سنڌ جو نوجوان ڏاهي سيڙپڪار جي نه هجڻ سبب گهڻو ڪجهه وڃايو آهي، جنهنجو سنڌ ڌرتي جي مفادن هڪ ڪاپاري ڌڪ لڳي چڪو آهي.

انهيءَ رسيل نقصان مان نڪرڻ ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ سنڌ جي نوجوان ڪي تمام گهڻي محنت ۽ مشقت ڪرڻي پوندي. پنهنجي قدرتي وسيلن جي رکوالي ۽ انهن قدرتي ذريعن ڪي پنهنجي مفاد ۾ نه آڻڻ جو واحد سبب اهيو رهيو آهي ته هر دور ۾ سنڌي نوجوان سهولت سان گڏ ڏاهي ۽ سچڻ سيڙپڪار جي نه هجڻ سبب پنهنجي قدرت طرفان مليل ملڪيت جو تحفظ ڪري ڪونه سگهيان آهيون. جنهن جو ڌارين اچي خوب فائدو ورتو آهي ۽ وٺندا رهن ٿا. هينئر به باوجود گهڻو ڪجهه وڃائڻ جي، اسين قدرتي وسيلن سان پرپور ۽ مالامال خطي ڪي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهڻ جي طاقت رکون ٿا، بشرطيڪ اسانجو نوجوان پڪو پهه ڪري طارق بن زياد وانگر ٻيڙيون ساڙي ميدان ۾ لهي پوي. الحمدالله مونکي پنهنجي نوجوانن ۾ اها ڪيفيت محسوس ٿيندي نظر اچي ٿي، تنهن ڪري مان ايئن چئي سگهان ٿو ته انشاءَ الله اهو وقت پري ناهي جو اسين پنهنجي قدرت جي ڏنل خزانن ڪي سنڌ ۽ سنڌڌرتي جي ترقي لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين. اسين سڀ ان

مرض جي تشخيص ڪري چڪا آهيون ته سنڌي عوام کي ڪهڙي طريقي ۽ حربن جي استعمال سان قومي ڌاري کان ٻاهر ڪنهن سٽيل منصوبي تحت پري رکيو ويو. جڏهن مرض جي تشخيص ٿي ويندي آهي ته انجو علاج ڪرڻ ناممڪن ڪونه هوندو آهي. انهي مرض مان جان ڇڏائڻ لاءِ گهڻيون ڏکيائيون ۽ پريشانيون اڳتان ايندڙيون آهن پر مرض تي قابو ٿي ويندو آهي.

اسان جي ننڍي وڏي ٻار کي به خبر آهي ته سنڌ جي اصل وارثن کي ڄاڻي واڻي ڏکي ديوار سان لڳايو ويو آهي. انشاءَ الله اسين سڀ ان ديوار کي ٽوڙي پنهنجي ڪسيل منزل کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنداسين. اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته ڇو اسانجي جنرل تعليم ۽ ٽيڪنيڪل تعليم جي ميدان ۾ رنڊڪون وڌيون ويون، ۽ انهي سڄي تعليمي نظام کي هٿ سان برباد ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو هلندو رهي ٿو انهيءَ وچايل ڄار ۾ اسين ايترو ته جڪڙجي ويا آهيون، جنهن اسان کي بي وس ڪري ڇڏيو جنهن جي ڪري ڪو ڏاهو سيڙپڪار پيدا ٿيڻ نه ڏنو ويو. الحمدالله اڄ سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا ڏاها سيڙپڪار پيدا ٿيا آهن جيڪي سنڌ جي سرمائي کي چڱي طرح سيڙپ جي راه تي گامزن ڪري سگهن ٿا. هيءَ وقت آهي ته اسين پنهنجي نوجوانن کي معياري تعليم ڏئي بهترين ڊاڪٽر، انجنيئر، سول سرونٽ، ٽيڪنيشن، جج، وڪيل ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف. مطلب ته هرفيلڊ ۾ بين الاقوامي معيار مطابق پراڊڪٽ تيار ڪيون.

مان رات هڪ فيملي گڏجاڻي ۾ ويل هيس، جتي پاڪستان جي معاملن تي وسيع تجربو رکندڙ هيا. مون ڏٺو ته انهن جون اکيون انهي ڳالهه تي کتل هيون ته ڪيئن ٿر مان نڪتل ڪوئلي تي بجلي مان اسانجو نوجوان فائدو وٺندو. ٻيو جيڪو انڪشاف اتي ٿيو ته سنڌ مان گئس جا سمنڊ جي پٽي تي جيڪي ذخيرا لڌا آهن، جن جي سرڪاري طور ڪابه ڄاڻ نه ڏني وئي آهي. پر اتي ڳالهين مان خبر پئي ته هڪ تمام وڏو ذخيرو دريافت ٿيو آهي، جيڪو ٽي هزار ارب ڪيوبڪ فوٽ آهي، جيڪو پاڪستان جي هڪ سو سال جون ضرورتون پوريون ڪري سگهندو.

هي وقت آهي ته اسان جو نوجوان سڀ کان وڌيڪ ٽيڪنيڪل تعليم کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. انهي ذخيري کي ڪٽب آڻڻ لاءِ ڪئي هزار ٽيڪنيڪل ماڻهو گهربا. جيڪڏهن اسان اهي ٽيڪنيڪل معياري افراد پيدا ڪونه ڪنداسين ته اهي ذخيرا اسان جي سنڌ جي ماڻهن کي فائدو ڏيڻ جي بجاءِ پرغمال بڻائيندا. اسان جي نوجوانن کي اها تڪليف ڪرڻي پوندي صرف ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪرڻ سان ڪم ڪونه هلندو. جيڪڏهن هن وقت اسان هي ميدان خالي ڇڏيو ته پوءِ سڄي عمر پڇتائيندا رهنداسين، ڪجهه ڪونه ورندو.

اسانجي نوجوان کي هميشه اها شڪايت رهي آهي ته اسان سان وڏا سهڪار نٿا ڪن. وڏن کي اها شڪايت آهي ته اسانجو نوجوان پنهنجي اهليت کي وڌائڻ لاءِ ڪجهه ڪونه ٿو ڪري، صرف شارٽ ڪٽ تي هلي فائدو وٺڻ ٿو چاهي. جيستائين اسان جو نوجوان اهل نه هوندو تيستائين انهن وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ ڪنهن به طريقي سان جيڪڏهن پهچي به ويندو ته اتي جٽاءُ ڪري ڪونه سگهندو. الٽو ٻين سنڌ جي رهواسين لاءِ برو اثر ڇڏيندو آهي. جنهن جي ڪري اسان جي ان ڪمزوري مان ڌاريا ڀرپور فائدو وٺي سنڌين جي لاءِ راه مشڪل بڻائي ڇڏيندا آهن. سازشون اڳئي

شروع ٿي ويون آهن تہ ڪيئن هو اسان جي ان ڪمزوري مان پرپور فائدو حاصل ڪن. اسان سڀ رڙيون ۽ دانهون ڪندا آهيون تہ اسانجي اهل ماڻهن کي جائز مقام نٿو ڏنو وڃي، جيڪا حقيقت آهي پر انهي ۾ قصور ڪنهن جو آهي. جيستائين اسان وافر مقدار ۾ معياري ماڻهو پيدا ڪري انهن آرگنائيزيشن ۾ ڪونہ ويندا سين، تيستائين اسان کي پنهنجو جائز مقام ڪونہ ملندو.ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن انهي گئس فيلڊ تي ڪم شروع ٿيندو تہ هزارن جي تعداد ۾ ڪرين، ڊمپر ڊرائيور ۽ مختلف ٽيڪنيشن ٻاهريان اچي پهچندا.

اسان اڄ تائين سنڌي نوجوان کي انهن فيلڊس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ڪيو. جيستائين اسان پنهنجي نوجوانن کي معياري ڄاڻ سان هٿيار بند نہ ڪنداسين، تيستائين اسان سڀني جون دانهون ۽ ڪوڪون رڍ اڳيان رباب وڄائڻ وانگر ثابت ٿينديون. جلسا جلوس، تقريرون، ميڊيا هڻ حاصل ڪونہ ٿيندي.

سنڌي قوم جو اهو وڏو الميو اهو رهيو آهي تہ 1936ع کان وٺي سنڌ جي سياسي قيادت سنڌ سان مخلص ڪانہ رهي آهي. اڄ تائين سنڌي قوم جو وڪرو ڪري ذاتي مفاد کي ترجيع ڏني وئي، سواءِ ستر واري ڏهاڪي جي شروعات واري دور جي. هي وقت آهي تہ سنڌ جي سجاڳ سول سوسائٽي ۽ نوجوان پنهنجي اڻٿڪ محنت سان سنڌ جي قدرتي وسيلن جي مالڪي ڪيون. باقي جيڪڏهن سنڌ جي سياسي قيادت تي ڀاڙي ويناسين تہ اسان جا ايندڙ نسل غلامن کان بدترزندگي گذاريندا. تاريخ ۽ اسانجو ايندڙ نسل اسان سڀني کي معاف ڪونہ ڪندا. پاڪستان جا ٻيا صوبہ سنڌ کا ڇو اڳتي آهن؟ اسان ڪڏهن بہ انهي ڳالهہ کي سوچي ۽عمل ڪونہ ڪندا آهيون، صرف پاڻ سان ٿيندڙ زيادتين کي ڏسي روئندا آهيون. باقي ڀٽائي سائين کي جهونگاريندا رهنداسين پر عمل ڪونہ ڪنداسين. ڀٽائي سائين انهيءَ وقت لاءِ تہ چيو هو تہ:

هـــــــــڻ ڀـــــــــــالا وڙهہ ڀـــــــــــاڪرين، آڏي ڍال ۾ ڊار
مٿـــــــان تيـــــغ تـــــــرار، مــــــار تــــــہ مٿـــــارو ٿئـــــين.

اسان جي تلوار ڪهڙي آهي، معياري تعليم، تربيت ۽ همت.

# قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جو شعور

تتي ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويھڻ جي.

سنڌ کي هن وقت اشد ضرورت آهي تہ جيڪي الله سائين پنهنجي قدرت سان قدرتي وسيلن جي ذريعي عنايتون ڪيون آهن انهن جي مالڪي ڪري سنڌ ۽ وطن عزيز جي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردارا ادا ڪيون. انهي لاءِ اوتروئي ضروري آهي تہ اسان پنهنجي تعليم تي خاص ڌيان ڏيون. جيستائين اسان پنهنجي نئين نسل کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪونہ ڪنداسين، تيستائين ايئن ۾ ڏنل حقن کي حاصل ڪري ڪونہ سگهنداسين. انهي لاءِ ضروري آهي تہ گورنمينٽ، استاد، شاگرد، والدين، سول سوسائٽي. سڀ ملي انهي موذي مرض يعني ڪاپي ڪلچر مان جان آجي ڪيون. جيستائين هر ذميوار شخص پنهنجو فرض پوري نيڪ نيتي سان ادا ڪونہ ڪندو، تيستائين اسان انهي ڪينسر وانگر پکڙيل مرض مان جان ڪونہ ڇڏائي سگهنداسين. اسان جي اها عادت ٿي وئي آهي، هميشہ ٻئي تي سڄو ڪچرو اڇلائي ڏاڍا مطمئن ٿي ويندا آهيون جيڪو اسان پاڻ ۾ پنهنجي قوم سان نسورو ڌوکو ڪندا آهيون، نتيجي ۾ اسانجو نوجوان ٻين جي اڳيان مقابلي ۾ پاڻ کي ڪمزور سمجهي ٿو. حالانڪ اسانجو نوجوان ٻين قومن جي نوجوانن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ذهين ۽ باشعور آهي، پر انجي ذهانت ۽ شعور کي وڌيڪ پالش ڪري اڳتي آڻڻ واري ڪيميا جي نہ هجڻ ڪري انجي ذهانت ۽ شعور بيڪار ٿي سوسائٽي جي لاءِ نقصانده ٿئي ٿو ۽ هو پاڻ کي بيوس ۽ ڪمزور سمجهي ڪنهن جو سهارو ڳولڻ لاءِ شارٽ ڪٽ وارا رستا اختيار ڪري ٿو جنهن جي ڪري اسان جي سنڌ سونهاري جي تعليم تباهہ ٿي وئي آهي.

دنيا ۾ جن بہ قومن اڳتي ترقي ڪري پنهنجو مقام ٺاهيو آهي، انهيءَ ۾ سڀ کان اول معياري تعليم جو وڏو ڪردار آهي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ملڪ آهن جن وٽ ڪوئي خاص قدرتي وسيلا ناهن پر ان ڪمي کي تعليم جي زيور سان پورو ڪري دنيا جي نقشي تي اهميت جا مالڪ ٿي ويٺا آهن.

صرف هڪ ملڪ جپان کي ڏسو جنهن وٽ ڪي خاص قدرتي وسائل ناهن ۽هميشہ آفتن ۾ وچڙيل رهيو آهي. دنيا ۾سڀ کان پهريون دنيا جو وڏو ۾ وڏو موتمار جنگي هٿيار يعني ائٽم بم جپان جي سرزمين تي اڇلي تباهي سان همڪنار ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ آمريڪا جي نيو ڪلونيل سسٽم تحت هيٺ رهيو. جپان انهن ڏکين حالتن کي منهن ڏيندي تمام ٿوري عرصي ۾ دنيا جي ٻيو نمبر

ايڪانامي جو مالڪ ٿي رهيو. هن وقت چائنه دنيا جي ايڪانامي ۾ ٻئي نمبر اچي ويو آهي، جپان ٽئين نمبر تي اچي ويو آهي.

جپان جو انهن آفتن کي منهن ڏيندي دنيا جي ٻئي نمبر ايڪانامي ٿيڻ ۾ صرف ۽ صرف معياري تعليم هئي. جنهن ڪري جپان ڏکئي صورتحال مان نڪري پنهنجي معشيت کي اڳتي آندو. جيڪڏهن هن وقت چائنه دنيا جي ٻيو نمبر ايڪانامي تي پهتو آهي ته انهي ۾ سڄو ڪردار معياري تعليم جو آهي. اسرائيل جنهن وٽ ايترا قدرتي وسائل ناهن، پر انجي تعليم ۾ اعليٰ معيار هجڻ ڪري تمام گهڻو اڳتي آهي.

دنيا جي ٿوري آبادي يهودين جي آهي، پر پوري دنيا تي ڪنٽرول يهودين جو آهي. تعليم جي ميدان ۾ جيترا به نوبل انعام ملن ٿا، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ تعداد يهودين جو آهي. اهو سڀ ڪجهه معياري تعليم جي ڪري آهي، سنڌ جيڪڏهن اج پنتي پيل آهي ته اهو صرف معياري تعليم جي نه هجڻ ڪري آهي. جيڪڏهن اڳتي نڪرڻو آهي ته صرف ۽ صرف معياري تعليم جي ڪري ٿيندو. هاڻي اهو اسان کي مجموعي طور سوچڻو ۽ ان تي عمل به ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اسان صرف ڳالهيون ۽ ٻين تي الزام هڻنداسين ته جهوليءَ ۾ ڪجهه پلئه ڪونه پوندو. اسان سنڌ جي رهواسين کي انهي الزام تراشي واري صورتحال مان نڪري تعميري سوچ سان اڳتي هلڻو آهي.

اسان سڀني غلطيون ڪيون آهن، انهي جو مطلب اهو ناهي ته صرف ڪنهن تي اگر ڪڻي نشاندهي ڪري ۽ عملي طور ڪجهه نه ڪيون. ان سان سنڌ جي خدمت هرگز ڪانه ٿيندي. سنڌ جي سياسي قيادت کي جيڪو تعليم لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو هيو ان ۾ مڪمل اج تائين ناڪام رهي آهي. ان ۾ جيڪڏهن اسان مجموعي سنڌي قوم جي ڪردار کي ڏسون ته اهو وڌيڪ مايوس ڪندڙ رهيو آهي. انهي ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پاڪستان ۾ سنڌي قوم شعور جي حساب سان باقي ٻين جي مقابلي ۾ اڳتي آهي، پر پنهنجي شعور کي ڪڏهن به صحيح استعمال ۾ ڪونه آندو آهي. شعور کي استعمال جي حساب سان اسان سڀني کان پوئتي آهيون، جنهن ڪري اسان سياسي قيادت کي اهو باور ڪرائي ڪونه سگهيا آهيون ته ڪو اسين انسان آهيون ۽ سوچ به رکون ٿا. اسان سنڌين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي ته اسان سڀ جذبات ۽ انا جا غلام آهيون. اسان ڪڏهن به مثبت انداز ۾ سوچي قدم ڪونه کڻندا آهيون. اسان جيڪڏهن ڪنهن سان سياسي طور سلهاڙيل آهيون ته پوءِ ان جي هر بري قدم کي به قبول ڪندا آهيون ۽ وري روئندا به آهيون. تنهن جي باوجود اسان ۾ اخلاقي جرئت ڪانهي جو اسان سياسي قيادت جي خراب ڪم جي ننڊا ڪيون. سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ ۾ سنڌ جي سياسي قيادت جو اهم رول رهيو آهي، پر اسان ۾ اخلاقي جرئت ڪانهي جو انهيءَ جي خلاف عملي طور قدم کڻون يا سياسي قيادت تي دٻاءُ وجهون ته جيئن هو سنڌ جي تعليم کي تباه ڪرڻ وارو سلسلو ختم ڪن. جيستائين اسان سڀ سنڌ جو عوام انهي ڳالهه تي متفق نه ٿينداسين ته اسان کي معياري تعليم کپي، تيستائين نه اسانجي سياسي قيادت پنهنجو ڪردار ادا نه ڪندي نه وري اسان جي تعليم ۾ سڌارو ايندو.

سنڌ جي سموري سياسي قيادت کي گهرجي ته جيئن اج تائين سڀني گڏجي 1936ع کان وٺي

سنڌ جي تعليم جو بيڙو ٻوڙيو آهي.هاڻي خدا جي واسطي سنڌ جي اعليٰ تعليم جي معيار لاءِ به هڪ پليٽفارم تي اچي گڏ ٿيو ته جيئن سنڌ ترقي ڪري، سنڌ جي ترقي معنيٰ پوري ملڪ جي ترقي ٿيندي.

## تعليم ۽ تربيت پيغمبرانڊو پيشو

گذريل ڪوتاهين کي ڇڏي اسانجي معزز پيشي سان لاڳاپيل استاد کي پنهنجو پيغمبر وارو رول ادا ڪرڻ نهايت ضروري آهي. هن وقت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ ڪلهه جي استاد جي ڪردار کي ڏسي استاد چوڻ به شرم ٿو اچي. قوم جو معيار وڌائڻ وارو استاد هوندو آهي. جيترو استاد باڪردار هوندو، اوترو معاشرو سڌريل ۽ ترقي يافته هوندو. اسان جا استاد گهڻ پر قوم جا ويري وڏيڪ ٿي ويا آهن.

اسان جا استاد اسان کي ياد آهي ته ڪڏهن به پنهنجي سڄي اسڪول جي ڪنهن به شاگرد جي سامهون تماڪ نوشي ڪونه ڪندا هيا، هينئر استاد شاگرد کان سگريٽ وٺڻ ۾ ڪوئي عار محسوس ڪونه ٿو ڪري. هڪ جيڪو رشتو هوندو هيو استاد ۽ شاگرد ۾ حياء ۽ شرم وارو، اهو احساس ختم ٿي ويو آهي. استاد اڳ ۾ رول ماڊل هوندا هيا. هينئر جيڪو ڪجهه ٿئي پيو سيني جي سامهون آهي. جنهن ڏينهن کان استادن پنهنجي معزز پيغمبر واري پيشي جي بي عزتي ڪندي سياستدانن جي درن تي وڃي چاپلوسي ۽ ٺيڪيداري ڪرڻ شروع ڪئي، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اسانجي سنڌ جي تعليم تباهه ٿيندي وئي. هن وقت استاد گهڻ تباهي ڪرڻ وارو ليڊر وڏيڪ استاد آهي. انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته ون يونٽ واري زماني سنڌ جي تعليم کي پنتي ڪرڻ جا حربا استعمال ٿيا. پر جيڪڏهن اسين حقيقتن کي سامهون نظر ۾ رکي نيڪ نيتي سان جائزو وٺون ته سنڌ جي تعليم کي وڏيڪ نقصان ڪنهن ڏنو آهي. ڊارين يا سنڌ جي سياسي قوتن.

1970ع کان اڳ واري سنڌ جي تعليم جي معيار ۽ انکان پوءِ اڄ تائين سنڌ جي تعليم جي معيار کي جيڪڏهن پرکبو ته ڳالهه سيني جي سامهون اچي ظاهر ٿي بيهندي. جنهن کي اسان آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته سنڌ جي تعليم جو دشمن ڪير آهي. انهي کان پوءِ به اسين نانگ نڪري وڃڻ کان پوءِ پيٽي کي پيا ڏڪ هڻون، جيڪو صحيح ناهي، اسان کي انهي اصول کي بدلائڻو پوندو. اسان جي هر مڪتب فڪر جي ماڻهو کي انهي هڪ ائٽم ايجنڊا تي گهڻ ۾ گهڻ هڪ اصول ناهڻو پوندو، جنهن جو محور صرف معياري تعليم هجڻ کپي. جيستائين اسانجي سوسائٽي جو هر فرد پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪونه ڪندو، تيستائين سنڌ جي تعليم ۾ سڌارو ڪونه ايندو. نتيجي ۾ سنڌي ترقي ڪونه ڪندو، آخر ۾ سنڌي پنهنجي ڌرتي تي ريڊاندين واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيندا.

## سنڌ ۾ سيدن جو اتحاد

سنڌ ۾ جيئن سيدن جي ٻڌي آهي ته سنڌ ۾ سيد کان علاوه ڪوئي مسلمان سنڌ جو وزيراعليٰ قبول ناهي. سيد پلي سياسي طور هڪٻئي جا مخالف هجن پر جڏهن سيد کي سنڌ جي وزارت اعليٰ تان هٽائڻ جي ڳالهه نڪرندي ته ڪنهن ٻئي کي وزارت اعليٰ ڏيڻ جو ارادو ٿيندوآهي ته هڪدم سيد

سڀ ملي ۽ هڪٻئي جا ماما ۽ پاٽيجا ٿي پئي ڪنهن مسلمان کي وزارت اعليٰ ڏيڻ ڪونہ ڏيندا آهن. اهڙي طرح سنڌ جي هر طبقي جي ماڻهو کي سنڌ سان وچن ڪرڻو پوندو تہ ڇاڪاڻ تہ پر سنڌ جي معياري تعليم تي ڪابہ سودي بازي قبول ناهي. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جي معياري تعليم جو بنياد پوندو ۽ سنڌ ترقي ڪندي.

هـو چئـي تـونـہ مـہ چئـو واتـون ورائـي
اڳ اڳرائـي جـو ڪـري خطـا سـو ڪـائي
پانـد ۾ پـائي ويـو ڪينـي وارو ڪـين ڪـي.

(شاهہ صاحب)

مون پنهنجي پوري سروس ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ جيڪو ڪجهہ سکيو ۽ جيڪو ردعمل ڏٺو اهو تي سگهي ٿو تہ ٻين جو ساڳيو تجربو هوندو يا مختلف. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ زندگي ڄمڻ کان وٺي مرڻ جي گهڙي تائين سکڻ جو وقت آهي. انهيءَ سڄي وقت ۾ ڪيترن سان رستي ويندي کان وٺي عمر گڏ گذارڻ وارن ڪيترائي ماڻهن سان مختلف حيثيت ۽ ڪيفيتن ۾ رهڻ ۽ سهڻ ٿيو ۽ هر دور ۾ ٿيو. انهيءَ سڄي وقت ۾ ڏکيا ۽ سکيا وقت بہ گذريا. انهن ڏکن ۽ سکن واري ماحول ۾ ڪيترائي ماڻهو ڪم آيا ۽ ڪيترائي پاڻ ڪڍائي پيچي ويا. ڪيترائي انهي وقت ۾ واقفڪار، دوست ٿيا، جن مان ڪن پنهنجو ساٿ هميشہ لاءِ ڏنو تہ ڪي ڏکئي وقت تي پاڻ لڪائي غائب ٿي ويا، وري تڏهن اچي ظاهر ٿيا جڏهن سک وارو وقت آيو. ڪي اهڙا بہ هيا جيڪي واقعي ڪنهن مجبوري سبب ساٿ ڏئي نہ سگهيا، پر گڏ هلندا رهيا.

ماڻهو جا زندگي ۾ واقف ڪار تمام گهڻا ملندا آهن، جن سان ڪنهن نہ ڪنهن سبب جي ڪري واقفيت ٿيندي آهي، پوءِ جڏهن ڪجھ وقت گذري ويندو آهي تہ هڪٻئي جا حال ونڊيندڙ بڻجي ويندا آهن. جڏهن حال ونڊيندڙ ٿيندا آهن تہ پوءِ اڳتي هلي ڏک ۽ سک ۾ ساٿ نڀائڻ وارا بڻجندا آهن، جنهن کي عرف عام ۾ دوست چئبو آهي. دوستن ۾ بہ وري بہ قسم ٿيندا آهن، هڪڙا اهي دوست جن سان ڏک سک تہ اوريندا آهيون پر دل جو راز هڪٻئي سان ڪونہ ونڊيندا آهيون. جنهن دوست سان راز ونڊيندا آهيون، اهو هميشہ اعتماد وارو دوست هوندو آهي، جيڪو هميشہ توهانجي عزت ۽ مان ۾ گهٽتائي برداشت ڪونہ ڪندو آهي. ان سڄي وقت ۾ اعتماد وارا دوست جيڪڏهن ڪنهن وٽ بہ يا ٽي آهن، تہ هو وڏي ۾ وڏو خوش قسمت ماڻهون هوندو آهي. الحمدالله مان خوش نصيب آهيان، جو مون کي بہ ٽي اهڙا دوست آهن جيڪي جهنگ، ملتان ۽ پريا، شاهپور چاڪر. الله منهنجي انهن دلي دوستن کي هميشہ آباد رکي. آمين يارب العالمين.

انسان جو پئدائش کان وٺي موت تائين رت جي رشتيدارن سان واسطو رهي ٿو. سڀ کان پهريان اڪ کولڻ سان، سچا رشتيدار والدين پائر، پينر، چاچا، ماما، سوٽ، ماسات ۽ انهن جي اولاد وغيره وغيره. اوڙو پاڙو وڏڙن جا دوست احباب . جڏهن اسڪول ۾ وڃي ٿو تہ اتي سڀ گڏ پڙهڻ وارا اچا وڏيڪ هڪ بينچ تي ويهڻ وارا، اهڙي طرح يونيورسٽي تائين. انڪان پوءِ نوڪري ڳولهڻ تائين ويندي نوڪري تائين بہ ڪي رشتيدار گڏ رهندا آهن. نوڪري کان پوءِ جن کي توهان سڃاڻيندا بہ ڪونہ

آهيو. رشتي جي ڪا نک سک ڪڏي رشتيدار تي ويندا آهن. وري عجيب ڳالهہ اها هوندي آهي تہ منهن جي اهڙي پڪائي سان ڪچهري ۾ ايئن اچي ڳالهہ ڪندا جڻ تہ هي توهان کي ڏکئي ۾ سکئي وقت، پڙهڻ جي دوران مدد ڪندو هيو. مطلب تہ جيڪو هونئن پاڻ سان گڏ بيهارڻ توهين سمجهندو هيو، اهو هينئر پاڻ کي وڏيڪ هڏڏوکي تصور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو نظر ايندو.

علائقي جو چڱو مڻو اچي مائٽن کي مبارڪ بہ ڏيندو تہ منهن مٺي ڪرڻ لاءِ ڪا مٺائي وٺي ايندو ۽ بانور ڪرائيندو تہ ابا تنهنجو پيءُ ۽ چاچي تہ اصل کان وٺي اسانجي ياٺري رهي آهي ۽ خوشي تي جو تون الله ڪيو وڏي عهدي تي اچي پهتو آهين. وغيره وغيره.

پوءِ مٽ، مائٽ، عزيز ۽ دوست ڪم ڪار سان پيا ايندا ويندا، ڪن جا جائز ڪم هوندا تہ ڪن جا ناجائز ڪي ٿيڻ جهڙا ڪي نہ ٿيڻ جهڙا، پر انهن سڀني جو چوڻ ساڳيو هوندو تہ سائين توهان رڳو فون تي هيلو ڪندا تہ اسانجو ڪم ٿي ويندو. جيڪڏهن ڳالهہ سڌي ۽ سچي چئو تہ ڪي ناراض. بهرحال پنهنجا جيڪي بہ عزيز اقارب آهن، انهن جي نظرن ۾ بي همتو ڪم ڪونہ ڪندو، جا طعنہ ڏيندا رهندا. سواءِ والدين جي باقي سڀ رشتہ وچي مطب تي بيهندا. ڀائرن، ڀينرن ۽ سؤٽن، ماساتن جا رشتہ تيستائين بهتر رهندا آهن، جيستائين انهن جي اولاد جوان ٿئي. جنهن ڏينهن انهن جي اولاد جوان ٿي ويندي آهي تہ هو مجبور ٿي پنهنجي اولاد جي ڳالهہ تي هلندا آهن. جنهن ڪري ان سچي رشتي ۾ ڪافي گهٽتائي اچي ويندي آهي. پوءِ بہ ڀاءُ ۽ ڀيڻ جو رشتو ٻين کان وڌيڪ مضبوط رهندو آهي.

رٽائرمينٽ کان پوءِ جيڪي رشتہ توهانکي ويجها نظر لڳندا هيا انهن مان گهٽا آهستي آهستي ڪو نہ ڪو بهانو ٻڌائي اهي بہ ڪافور وانگر هوا سان ملي پنهنجي دل ۾ رکيل غبار جائز ناجائز ڪڏي ٻئي جي ٻڌي اٽبڏي ڪري.

هوا ۾ اڙتا جائي ميرا لعل دوپٽہ ململ دا.

ڪي باقي رهيل رشتيدار اچي چوندا تہ يار ماٺهو تہ اسان کي ٽڪون ٿا هٽن تہ توهانجو ڪوئي ڪم ڪونہ ڪيائين، پر مان تہ يارتوکي ڪونہ ڇڏيندس. جنهن جو سڌو مطلب تہ تون ڪجهہ ڪونهن پر اسان توتي احسان ٿا ڪيون جو توسان نڀايون ٿا. چاهي توهان انهن جي لاءِ ڪافي ڪجهہ ڪيو بہ هوندو آهي، پر هو ان ڳالهہ کي هڪدم وساري صرف ڪا اهڙي ڳالهہ کي پڪڙي ويهندا، پوءِ جڏهن بہ موقعو ملندن تہ چٺي ضرور ڏيندا تہ جيڪڏهن تون منهنجي لاءِ ڪرڻ چاهين ها تہ ڪري پئي سگهئين ۽ مان اج ڪافي مٿي هجان ها وغيره وغيره. اهڙي طرح اهڙي قسم جون ڳالهيون باربار جڏهن بہ موقعو ملندن تہ اهاضرور ڪري پنهنجي اندر جي باهہ ٻاهر ڪڍندا رهندا آهن.

پنهنجي عزيزن جا جيترا بہ ڪم ڪيو اهي ڪين ڪڏهن بہ ياد ڪونہ هوندن پر جيڪڏهن ڪو انهن جو نہ ٿيڻ جهڙو ڪم نہ ٿيو هوندن تہ انهيءَ کي سڀ ننڍا وڏا ياد رکندا بہ آهن ۽ بار بار انهيءَ ڳالهہ کي ورجائي توهان سان ملڻ جلڻ ۽ تعلق رکڻ بہ هڪ قسم جو احسان سمجهڻ لڳندا آهن. جڏهن سامهون ايندا ۽ وري ڪٿي ڪم اڙيل هوندن تہ وري بابي کي چوان، ابا! تون تہ اسانجو سهارو

آهين، ٻئي کي ته ڪونه چونداسين ابا اڳ ۾ تنهنجون يار مون تي ته مهربانيون گهٽيون ٿيل آهن. پوءِ ٻيا مجن يا نه مجن مان ته مجيان ٿو. ابا تو ته هن ڳوٺ ته ڇا پر پوري پاڙي وارن جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو آهي. پوءِ جيڪو نه مڃي ابا اهو پاڻ ڄاڻي .پوءِ ڏس دنيا جهان جون سڀ خوبيون اچي اتي دنگ ڪنديون. جڏهن انجو اهو ڪم ٿي ويندو ته ٻئي دفعي وري اهوياد وسري ويندو ۽ ڪنهن وقت جو ڇيل ڪم جيڪو ٿي نه سگهيو هوندو، انهي جي پچار ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا. ڀرا ڙي هاڻي اها ڀراڙي رهي ناهي، جيڪا اڄ کان چاليهه پنجاهه سال اڳ ۾ هئي جنهن وقت عزت صرف شرافت ۽ نيڪ ماڻهو جي ٿيندي هئي. ان عزت ۾ لالچ وارو عنصر ڪونه هوندو هيو. جيڪو اڄ ڪلهه ٿي ويو آهي.

## يرغمال والدين

اڄ ڪلهه مون ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي ته اولاد پنهنجي والدين جي اهاعزت ڪونه ٿا ڪن، جيڪا انهن مٿان فرض آهي. انهيءَ حالت ۾ والدين اڄ ڪلهه پنهنجي اولاد وٽ يرغمال ٿي ويو آهي. ڳالهه ايستائين وڃي پهتي آهي جو والدين جي خيال ڪي ڏسي پوءِ ڪجهه چوي ٿو. هينئر جڏهن پيءُ بي وس آهي پنهنجي اولاد وٽ، تنهنڪري ٻئي جي عزت تيستائين ڪندا آهن، جيستائين انهن جو مفاد هوندو آهي.

پنهنجي ويجهن يا ٿورو پري وارن عزيزن ۾ وري هڪ وڏي بيماري اها ٿيندي آهي ته فرض ڪيو ته منهنجي پاءُ، سؤٽ يا انهن جي اولاد مان ڪڏهن انهن پاڻ ۾ تکو منو ڳالهايو هوندو ته اهو ٻه منهنجي حصي ۾ ايندو. جنهن جي مونکي خبر چار به ڪان هوندي، پوءِ ڪٿي ڪو اهڙو موقعو ايندو ته اهو بانور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا ته هن جي پاءُ سؤٽ جو مونکي گهٽ وڌ ڳالهايو هيو. اهو صرف هن شخص جي ڪري، وري ڏسندو ته پاڻ ۾ گڏ ڪنڊ ڪير لڳا پيا هوندا. يا ڪنهن پاڻ وٽائڻ خاطر ڪو ڪوڙ ڳالهائي ڪنهن کي چيو هوندو ته يار ڇا ڪيون، اسان ته اڳئي هڪ آهيون پر اسان کي روڪيو ويو هيو. انجي چوڻ کي اهميت هوندي، پلي ان نسورو ڪوڙچونه ڳالهايو هجي. جيڪڏهن ڇئو ته پاءُ ان کي آمهون سامهون ڳالهه ڪراءِ ته ڀانه هزار ڪاري ڪانو وارو ضد مان نه مڃيان.

جيڪڏهن ڪنهن مذاق ۾ به ڪوڙ ڳالهائي چيو هوندو ته يار صاحب وٽ وڏو پئسو آهي ته هڪدم انجي ڳالهه تي سورهن آنه سچ سمجهي اعتبار ڪندا ۽ ڪنڌ به هلندن ۽ هڪٻئي کي چوندا ته يار اسان کي اڳئي شڪ هيو. پر هاڻي پڪي ماڻهو ڳالهه ڪئي آهي. هڪ دفعي منهنجي ڳوٺ جو ماڻهو مون سان گڏ ڪراچيءَ کان واپس اچي پيو ۽ رات هڪ دوست وٽ شاهپورچاڪر ۾ رهياسين. ڳالهين ۾ منهنجي دوست ان همراهه سان مذاق ڪندي ڳالهه ڪئي ته اهو جيڪو مينهون، ڳئون ۽ ٻڪرين جو ڌڻ ڏسين ٿو اهي سڀ توهانجي صاحب جا آهن. هٿ جو اشارو ڪري چيائيس او هو جيڪي توکي پري وارا وڻ نظر اچن ٿا، ان کان به پنج اٺ نمبر اڳتي اوپر کان اها زمين ويندي او اهو جيڪو روڊ نظر اچي ٿو نه، انکان به ڪافي اولهه تائين اها صاحب جي ملڪيت آهي، مان هتي صاحب جو ڪمدار آهيان. هن سال ڪٿي مزو ڪونه ڪيو جو پاڻي وقت تي ڪونه مليو پوءِ سترهن ارڙهن هزار مڻ لٿي. گذريل سال پنجويهه هزار مڻ کان مٿي ڪٿي لٿي هئي. جڏهن ڳوٺ وياسين ته ٻن

ڏينهن کان پوءِ منهنجو هڪ عزيز ست اٺ ڪلوميٽر تان آيو ۽ چوڻ لڳو ته صاحب مونکي ڪجهه ضرورت آهي، ۽ مونکي اوڌر تي ڪجهه رقم گهرجي. مون چيو ته ڀاءُ اسين ته پاڻ پيٽ ۾ پورا آهيون، چيائين ته سائين صاحب اهڙو ڪوڙ ڇو ٿا هڻو مونکي خبر آهي ته هن سال تنهنجي ڦٽي ويهه هزار مڻ کان مٿي لٿي آهي ۽ پوءِ به چوين ٿو ته مون کي پئسه ناهن. مون چيو ته ڀائو تون ايئن ڪر مونکي صرف ويهن مڻن جي رقم ڏي باقي سڀ تون وڃي کڻ. خدا جا بندا! اهڙا ڪوڙ ته ڇا پر تهمت ته نه هڻو. چوڻ لڳو ته ماڻهو جو ٿا چون. اهي ڪهڙا ماڻهو ٿا چون ٻڌاءِ ته سهي؟ چوڻ لڳو ته توهان وٽ هيتري ساري زمين آهي، پوءِ به پاڻ کي ايئن ٿا سمجهو.

ٻيو سڀ کان وڏو آزار پنهنجن جو اهو هوندو ته هميشه مونکان ڳالهيون لڪائيندا، پوءِ جڏهن ڪو اهڙو مسئلو ٿيندو ته چوندا ته سائين توهان کي ڪيئن نه خبر هوندي، سائين هتي سيني کي خبر آهي . جيڪڏهن چئو ته پلا توهان چونه ٻڌايو ته پيا بهانه ڳوليندا ۽ اهڙو ناهي ڪوڙ ڳالهائيندا جو چئي چپ ڪر. امانت مان خيانت ڪرڻ ته ڪو انهن وٽان سکي، جيڪڏهن چئو ته هڪدم چوندا ته سائين توهان کي ڪهڙي ضرورت، توهان کي سڀ ڪجهه آهي. جيڪڏهن چئو ته حساب ڪتاب ته رکو ته هڪدم چئي چپ ڪرائيندا ته ادا هي سڀ توهانجو ته آهي. جيڪو واعدو ڪندا ته پئسه فلاڻي ڏينهن هيترا ڪي هيترا ڏينداسين ته ڪڏهن به واعدي تي ڪونه ڏيندا، پر جيڪڏهن ڏيندا ته پورا ڪڏهن به ڪونه. بهانه ايترا ناهي رکندا جو ماڻهو اچرج ۾ پئجيو وڃي. اصل ۾ انهن سيني جي دماغ ۾ هوندو آهي ته صاحب وٽ پئسه جام آهن پر اسانکان ٿو لڪائي. يار اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ايڏو وڏو آفيسر ۽ ان وٽ پئسه نه هوندا، فلاڻو ننڍو آفيسر آهي ۽سروس به ٿوري ٿي اٿس، انکي هيتري ساري ملڪيت آهي؟ بنگلا پيٽرول پمپ پلاٽ وغيره وغيره. جڏهن ان جهڙا ته هزار آفيسر صاحب جي ڪيسي ۾ اچي وڃن. جڏهن ڳوڻاڻن ڏٺو ته انهن جي سامهون هڪ آفيسر ايترو ڪجهه ٿوري عرصي ۾ زمينون پيٽرول پمپ ۽ ٻي ملڪيت جام ناهي ته ڳوڻاڻن کي يقين ٿي ويو ته آفيسر سڀ رشوت خور هوندا آهن، تنهن ڪري صاحب اسان سان سچي نٿو ڪري. اهڙيون عجيب ڳالهيون پيا گهڙيندا جو ماڻهو جو دماغ چڪرائجي وڃي.

ڳوٺ جي ماڻهن جي وري عجيب عادت، جيڪڏهن ڪو مليو ته پڇ پچان لڳي پئي هوندي ته ڇا ڳالهايائين؟ اصل ۾ انهن جي عادت هوندي آهي ته ڳالهين ڳالهين ۾ ٻئي جي لاءِ ضرور ڪا نه ڪا ڳالهه ڪوٺيندا آهن. ڳوٺ وارا هميشه اهوئي سوچيندا آهن ته صاحب کي خبر ئي ڪان پئي، پر مان صرف رشتن کي مقدس رکندي ڪنهن کي ڪجهه ڪونه چوندو آهيان ته متان منهنجي چوڻ ڪري رشته ڪمزور ٿي وڃن.

انهيءَ جي مقابلي ۾ جيڪڏهن توهان ڪنهن دوست جي جائز ڪم ۾ مدد ڪندا ته هو انجي تعريف ڪندو ۽ دوستن کي ٻڌائيندو ته يار هي ڪم اسانجي دوست ڪيو آهي. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن پنهنجي ڳوٺ وارن جا تمام گهڻا ڪم ڪيو ته ان ڪم کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هوندا پر جڏهن ڪو ٻيو چوندن ته چوندا اهو ته صاحب جي مٿان فرض هيو، ان مان اسان کي ڪهڙو فائدو. منهنجو پٽ بيروزگار وينو آهي اسان لاءِ ڇا ڪيو اٿس؟

هي سڀ ڪجهہ بيان ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو مان انهن جي انهن حرڪتن يا ڪوتاهين جي ڪري بيزار آهيان. نشاندهي جو مقصد پنهنجي ڀر اڙي ۾ موجود انهن ڪمزورين کي دور ڪري اصلاح ڪرڻ آهي، نڪي ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ. جيڪڏهن ڪنهن خامي جي نشاندهي نہ ڪبي تہ اسانجي معاشري ۾ اها خرابي زور پڪڙي وينديءَ رت جا رشتہ ختم ٿي ويندا.

منهنجي ڳوٺن ۾ رهندڙ سيني دوستن احبابن کي گذارش آهي تہ ڪنهن ٻئي جي چيل ڳالهہ تي هڪدم اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيو. جيئن چوندا آهن تہ:

ڪنن ٻڌي تي اعتبار نہ ڪجي،
اکين ڏٺي تي ويچار ڪجي.

حديث مبارڪ جو مفهوم بہ اهو آهي تہ: ”ڪا ڳالهہ ٻڌل کي بغير تحقيق اڳتي ڪرڻ خراب ۽ غلط آهي، انهيءَ سان رشتا ڪمزور ٿي ويندا آهن.“ انجي بيان جو مقصد اهو آهي تہ اسانجو نوجوان يا ٻيا جيڪي بہ رٽائرمينٽ جي ويجهو آهن، انهن کي ذهن نشين ڪرائڻ تہ اها هڪ حقيقت آهي، پر اسان کي انهن جي خامين جي هوندي بہ پٺائي صاحب جي فرمان مطابق:

جهڙا بہ آهن پنهنجا آهن قبول آهن.

الله سائين جو حڪم آهي تہ صلہ رحمي ڪيو. جنهن جو مطلب آهي جيڪڏهن رشتيدار رشتوختم ڪرڻ بہ چاهن تہ بہ تنهنجو ڪم آهي انهي رشتي کي بحال رک. تنهن ڪري اسان کي الله سائين جي حڪم جي تعميل ڪرڻي آهي، اهو ناهي ڏسڻو تہ هوتوهان سان سنو نٿا هلن تہ توهان بہ انهن جي پيروي ڪندي انهن کان منهن موڙيو. عمومن اسان جا دوست بہ جهڙو ڳوٺ وارن جو انهن سان رويو هوندو آهي انهي مطابق هلندا آهن، اهو غلط آهي، اهو تہ هڪ قسم جو واپار ٿيو جيڪو الله سائين حڪم جي برخلاف آهي. مان انهن خامين جي باوجود ڳوٺ وارن سان دل سان محبت ڪندو آهيان ۽ مونکي روحاني سڪون ملندو آهي. مان ٻين دوستن کي بہ چوندس تہ ڳوٺاڻن جي ڪوتاهين کي نظرانداز ڪندا ڪيو اهو حڪم ربي بہ آهي تہ اخلاقي طور ذميواري بہ تہ پنهنجي علائقي جي خدمت ڪيو. خدمت سان الله ملندو آهي ۽ عبادت سان جنت ملندي آهي. جنهن جو رب تنهنجو سڀ.

# سپاهيءَ کان سيڪريٽري تائين

محنت ۾ عظمت آهي. جيڪو لوچيندو آهي الله انجي مدد ضرور ڪندو آهي، صرف الله تي يقين ڪامل هجي. دنيا ۾ اهڙي ڪا شيءِ ناهي، جنهن لاءِ انسان دل وجان سان محنت ۽ مشقت ڪري ۽ حاصل نہ ڪري سگهي. اسين هميشہ اسباب جي ڪميءَ کي بهانو بڻائي سست ٿي ويندا آهيون جيڪو غلط آهي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال آهن، جن بي سروسامان جي هوندي بہ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. محنت هميشہ اهو ڪندو آهي جنهن وٽ اها شئي حاصل ٿيل ڪان هوندي آهي. جنهن وٽ سڀ ڪجهہ آهي اهو محنت ڇاجي لاءِ ڪندو؟ اسان جي نوجوانن کي اها ڳالهہ ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ جيستائين محنت ڪونہ ڪندو، تيستائين پنهنجي رٿيل خواب تائين پهچي ڪونہ سگهندو.

*همت مرداں مدد خدا، بے همتِ مرداں بیزارِ خدا*

حالانڪ مون شروع ۾ لکيو آهي تہ مان ڪنهن وڏي زميندار جو اولاد ڪونہ آهيان. منهنجا والدين ظاهري طور لکڻ ۽ پڙهڻ ڪونہ ڄاڻيندا هيا، ليڪن ڄاڻ رکندڙ هيا. پنهنجي وقت جي لحاظ کان دنيا جي معاملن کان خوب واقف هيا. مونکي جڏهن اسڪول موڪلين تہ صرف چوندا هيا تہ ابا جتي بہ هجو ڪم دل لائي ڪيو باقي فتح الله ضرور نصيب ڪندو.

جيئن تہ منهنجي والدين جو ڪم پنهنجي زمين ۽ مال متاع جي نظرداري هئي، انهيءَ ڪري پنهنجي ڪم ۾ ڪافي ڄاڻ ۽ مهارت رکندا هيا.

الحمدلله جيئن تہ مال متاع ڪافي هوندو هيو، تنهن ڪري اسڪول وڃڻ کان اڳ جيڪو مال متاع اوطاق تي ٻڌل هوندو هيو، انهيءَ مال جا ڇيڻا ڪيڏي مال جي جاءِ صاف ڪري پوءِ پنڌ اسڪول ويندا هياسين. اسڪول کان پوءِ اچي عموماً مان ٻڪريون جهنگ ڏانهن پاٽي پيارڻ ۽ چارڻ لاءِ ڪاهي ويندو هيم. ٻهراڙيءَ جي ماڻهو جو ڪم ڪافي رف ۽ ٽف هوندو آهي، تنهن ڪري پيرن ۾ موچي جي هٿ جا ٺهيل جوتا پائيندا هياسين. ڇاڪاڻ تہ هر ڦار گپ چڪ ۾ اهي موچي جا ٺهيل مضبوط جوتا ڪم ايندا هيا. اسڪول وڃڻ لاءِ ڪارو بوٽ پائي ويندا هياسين. موچيءَ جي ٺهيل جوتن جي مرمت ٿيندي هئي، جنهن لاءِ موچي سان آهت رکيل هوندو هيو جنهن ۾ هاري ماڻهو فصل تي گهر ڀاتين موجب اناج موچي کي ڏبو هيو. ٻڪرين جي چارڻ کان علاوه منهنجي ذمي اهو ڪم بہ هوندو هيو تہ مهيني ۾ هڪ يا ٻہ دفعا پنهنجي گهر ڀاتين جا ڇڳل جوتا ڳنڍرائڻ لاءِ موچي ڏانهن کڻي ويندو هيس. جيئن تہ جوتا ۽ جتيون ڪافي هونديون هيون، تنهن ڪري موچي چوندو هيو تہ پادر سڀ

اتي رکي وڃ ۽ هفتي کان پوءِ ڪٽي وڃ. اهو سلسلو پيو هلندو هيو، مان هڪڙا جوتا ڪٽي ويندو هيم ته واپسيءَ تي ٻيا ڳنڍيل جوتن جي پٽارڪ پري ڪٽي واپس ايندو هيم. اهو سلسلو مئٽرڪ پاس کان پوءِ SV Teacher جي سليڪشن تائين جاري رهيو. ايس وي ٽيچري اڌ ۾ ڇڏي 1971ع فيبروري مان فوج ۾ سپاهي ڀرتي ٿي ڪوهاٽ وڃي ٽريننگ لاءِ سگنلز سينٽر ۾ رپورٽ ڪيو. جڏهن مون والد صاحب کي ٻڌايو ته مان فوج ۾ ڀرتي ٿي آيو آهيان. ڀريان خاموش ٿي ويا پوءِ صرف ٻه جملا بابا سائين چيا:

”چا توکي هتي ماني ڪونه ٿي ملي.

جيڪڏهن فوج ۾ وڃين ٿو ته نياڻجانءِ.“

الحمدالله ڪوهاٽ ٽريننگ ۾ سموري سينٽر ۾ ڊرل ۾ مون پهرين پوزيشن ماٺي.

ڪوه مري گلڊنه هلز ۾ ڪلاريڪل ٽريننگ ۾ پوري پاڪستان آرميءَ جا ڪلارڪ ٽريننگ لاءِ گڏ ٿياسين، ٻن مهينن کان پوءِ امتحان ٿيو منهنجي ٽئين پوزيشن بيٺي. اهڙيءَ طرح چار سال آرمي جي نوڪري مان واپس موٽي، اچي 1975ع ۾ پاڪستان اسٽيل ملز ۾ اچي ڪلارڪ ٿيس. جنوري 1976ع ۾ اسلام آباد يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ امتحان ۾ وينس، الحمدالله 1976ع فيبروري ۾ اسلام آباد يونيورسٽي ٻه سؤ روپيه اسڪالرشپ تي وڃي اسلام آباد يونيورسٽي پڙهڻ ويم. 25 ڊسمبر 1976ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پاڻ يونيورسٽي آيو ۽ جتي هينٽر مين گيٽ آرڪ ٽائيپ ٺهيل آهي، اتي ڀٽي صاحب اسان سڀني استاد ۽ شاگردن کي مختصر خطاب ڪيو ۽ سؤ ساله قائداعظم جي جنم جي موقعي تي اسلام آباد مان نالو بدلائي قائداعظم يونيورسٽي رکيو ويو. الحمدالله قائداعظم يونيورسٽي مان بي گريڊ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪئي. 1978ع جي سي ايس يس جي امتحان ۾ ويناسين ۽ 1979ع جي جون ۾ لکت جو رزلٽ ظاهر ٿيو جنهن ۾ الحمدالله سنڌ ڀر اڙيءَ مان منهنجي پهرئين پوزيشن هئي. ان کان پوءِ سائڪالاجي، ميڊيڪل ٽيسٽ ۽ وايءِ وا ٿي، جنهن ۾ منهنجي ٻي پوزيشن هئي ۽ ڊي ايم جي ۾ الوڪيشن ٿي. پوءِ مختلف عهدن تي مختلف حڪومتن ۾ مختلف حيثيت سان ڪم ڪندي، آخرڪار الله سائين جي رحمت سان پاڪستان ۾ سول سروس جي آخري منزل تائين پهچي عزت سان ڪل سرڪاري ملازم ذائقة الرٽائرمينٽ جو پيالو پي پنهنجي ٻارن سان گڏ رهڻ جو مزو پيا ماڻيون. مان جڏهن پنهنجي قابليت ڏانهن نظر ڦيريندو آهيان ته محسوس ڪندو آهيان ته مون ۾ ڪابه قابليت ناهي، پوءِ رب ڪريم مون کي ايترا وڏا اعزاز ڏنا جو شايد ڪنهن کي اڄ تائين مليا هجن. انهيءَ لاءِ مان جيترو مالڪ سائين جو شڪر ڪيان، اهو تمام ٿورو آهي.

1. پاڪستان آرمي جو سپاهي اڄ تائين مونکان سواءِ ڪوبه فيڊرل سيڪريٽري ڪونه ٿيو آهي.
2. پاڪستان جي وجود اچڻ کان وٺي اڄ تائين سول سروس اڪيڊمي لاهور ۾ آفيشل گروپ فوٽو سنڌي ڊريس ۾ اجرڪ جي پٽڪي سان صرف مون مسڪين جواڄ به 7th CTP ۾ نظر ايندو.

هيءَ سڀ هتي لکڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته اسان جو نوجوان همت نه هاري، شارٽ ڪٽ رستو اختيار هر گز نه ڪري، دل لڳائي محنت ڪري، رب ڪريم تي مڪمل يقين رکو ڪاميابي ضرور اچي توهان جا قدم چمندي. شارٽ ڪٽ رستو اختيار ڪندؤ ته سڀ کان پهريان توهان

پنهنجي والدين جي عزت نفس سان سودو ڪندؤ.

ٻيو توهان پنهنجي حلال رزق کي برباد ڪري ڪنهن رئيس يا ٻئي ڪنهن سرڪاري عملدار جي پيٽ ۾ اڇليندا.

ٽيون توهان کي هميشه انهي رئيس جو احسانمند رهڻو پوندو جنهن لاءِ توهان شروع ۾ پنهنجي حق حلال رزق کي برباد ڪيو.

اسان جا نوجوان جيڪي ڪاپي ڪلچر جا عادي آهن، اهي سڀ ڪان اڳ ۾ اچي چوندا آهن ته سائين اسان غريب آهيون ۽ پهچ ڪانهي، تنهن ڪري نوڪري ڪان ٿي ملي. غريب هجڻ ڪو مهڻو ڪونهي، اها مالڪ جي ورهاست آهي، ڪنهن کي ڇا ۽ ڪيترو عطا ڪري. مهڻو اهو ضرور آهي جو تنهنجي والدين غريب هوندي توکي سڀ شيون وٺي ڏنيون، ڪتاب، رجسٽر وغيره. سٺا ڪپڙا وٺي ڏنا، جيڪو توکي ڪم ڪرڻو هيو، پڙهڻ جو اهو تو ڪونه ڪيو. هاڻي انهيءَ ۾ غريب هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، اتي غريب ڪان وڌيڪ تنهنجي نالائقي ۽ والدين سان غداري آهي، جو انهن مسڪينن کي ڏکيو رکي ۽ تو پڙهڻ جي بجاءِ خراب صحبت اختيار ڪئي. جنهنجي ڪري تو انهن غريبن جي خوابن کي چڪناچور ڪيو. انهيءَ ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته گذريل ڏهاڪي ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ ڪاپي ڪلچر کي هٿ سان پروان چاڙهيو اٿن ته جيئن شاگرد تعليم حاصل نه ڪن، صرف ڪاپي ڪري اسان جي پنيان لور لور ڪندا گهمن ۽ پئسه خرچ ڪن. موجوده سرڪار لاءِ ته اهو فائديمند آهي ته جيئن نوجوان تعليم يافته نه هجي، بلڪ صرف ڊگري يافته هجي ته جيئن هو اسان جي هر ناجائز ڪم ۾ پائيوار هجي.

تعليم لاءِ سازگار ماحول تيار ڪري ڏيڻ سرڪار جي ذميواري آهي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مرڪزي توڙي سنڌ سرڪار جو ڪوئي ارادو نظر نٿو اچي، تنهن ڪري اسان سڀني جي ذميواري آهي ته سرڪار کي مجبور ڪيون ته معياري تعليم لاءِ ضروري اپاءَ وٺي. سنڌ سرڪار کي خبر آهي ته عوام کي لالچ ڏئي ووٽ وٺي ٻيهر اقتدار ۾ ايندا سين. جيڪڏهن عوام پڙهي پيو ته سڄاڳ ٿيندو، جيڪو لازم لالچ ۾ ايترو آسان ڪونه ڦاسندو، تنهن ڪري ”نه رهي بانس نه وڄي بانسري“

ڪي پي ڪي جي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي اچڻ سبب اتي جيڪا سرڪار اقتدار ۾ اچي ٿي، جيڪڏهن عوام جي لاءِ ڪم نٿي ڪري ته ٻئي دفعي ڪنهن ٻئي سياسي پارٽي کي چانس ٿا ڏين. گهڻي عرصي کان پوءِ لڳاتار ٻيو دفعو صرف پي ٽي آءِ اقتدار ۾ آئي آهي.

جيستائين سنڌ سرڪار ڪجهه ڪري تيستائين استاد، والدين، شاگرد ۽ سول سوسائٽي گڏجي استاد، شاگرد ۽ والدين کي اهو احساس ڏيارين ته ڪاپي ڪلچر نه صرف توهان لاءِ پر پوري سنڌ لاءِ نقصانده آهي.

معياري تعليم حاصل ڪرڻ جو مطلب هرگز اهوناهي ته ڪا سرڪاري نوڪري ڪري، جيڪڏهن توهان وٽ علم ۽ هنر آهي ته توهان پنهنجو ڏنڌو ڪري وڌيڪ آسوده زندگي گذاري سگهو ٿا.

سرڪاري نوڪريءَ لاءِ ٻهراڙي جا ماڻهو گهڻو پاڻ پتوڙيندا آهن. سرڪاري نوڪري ۾ ايتري

گهٽي پگهار ناهي جو ماڻهو خوشحال زندگي گذاري سگهي. الحمدلله عزت جي زندگي گذري ٿي، باقي ڪل پيران دا خير. ٺاٺ باٺ واري زندگي حرام جي ڪمائي تي ٽيندي آهي. باقي جيڪي پرائيويٽ نوڪريون ڪن ٿا، انهن جون پگهارون تمام سٺيون ۽ ٺاٺ باٺ سان زندگي گذارين ٿا. تنهن ڪري اڄ ڪلهه سٺا ۽ قابل شاگرد سرڪاري نوڪري جي بجاءِ ملٽي نيشنل ڪمپنيز ۽ ٻين ادارن ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ٿا ڏين.

منهنجا ٻار سرڪاري نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. تنهنڪري منهنجي وڏي پٽ لنڊن يونيورسٽي مان لا گريجوئيٽ ڪئي ۽ انجو ارادو آهي تہ مان وڪالت ڪندس ۽ اڳتي هلي جج ٿيندس. غريب، مظلوم ۽ بي پهچ ماڻهن جا ڪيس مان بغير فيس جي وڙهندس. سواءِ ڊاڪومينٽس جي تياري لاءِ گهربل رقم جي. منهنجي دعا آهي تہ هڪ ڏينهن انشاءَالله چيف جسٽس آف پاڪستان ٿيندو. ماشاءَالله تمام هوشيار وڪيل آهي. مونکي خوشي آهي تہ هو اتي مطمئن آهي ۽ ڪاميابيءَ سان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ پنهنجي سينيئر سان گڏ سپريم ڪورٽ ۾ ٽي چار ڪيس پاڻ چيف جسٽس آف پاڪستان جي سامهون پيش ٿي کٽي آيو آهي.

منهنجو ٻيو نمبر پٽ الحمدلله وڏي پٽ کان وڌيڪ هوشيار آهي. اسڪول واري زماني ۾ مقابلي سان ڏهہ شاگرد پاڪستان ليول تي جپان وڃڻ لاءِ سليڪٽ ٿيا. انهن ۾ منهنجو ٻيو نمبر پٽ بہ سرڪاري خرچ تي جپان ويو. نائين ڪلاس کان ويندي اڄ تائين اسڪالرشپ تي پڙهندو پيو اچي. جي ايس آءِ ايس اسڪول ۾ چارئي سال پوري اسڪالرشپ تي پڙهيو. ان کانپوءِ انسٽيٽيوٽ آف اسپيس ٽيڪنالوجي مان بي اي مٽيريئل سائنس ۾ گولڊ ميڊل سان پاس ۽ چارئي سال اسڪالرشپ تي پڙهيو.

هينئر آمريڪا جي اسڪالرشپ تي انٽيگريٽيڊ واٽر رسورس مينيجمينٽ ۾ ماسٽرس پيو ڪري. گذريل سال آمريڪا ايڪسچينج پروگرام ۾ آمريڪا جي خرچ تي ويو هيو هاڻي موٽي اچي ٿيسز پيو لکي. انهيءَ کان علاوه يو اين او يونيورسٽي (University of New Orleans) جرمنيءَ مان پي ايڇ ڊي لاءِ لکپڙهہ هلي پئي. سويڊن ۽ ڪينيڊا جي هڪ ٻن يونيورسٽين سان پي ايڇ ڊي پروگرام لاءِ لکپڙهہ هلي ٿي پئي، جنهن بہ سٺي اسڪالرشپ جي آفر ڪئي، اوڏانهن پي ايڇ ڊي ڪرڻ ويندو. تنهنڪري هو بہ سرڪاري نوڪري ۾ دلچسپي ڪونہ ٿو رکي. پي ايڇ ڊي کان پوءِ ڪنهن انٽرنيشنل اداري ۾ ويندو يا پنهنجو ڪو ڪنسلٽنٽ فرم کوليندو.

ننڍو پٽ يونيورسٽي ۾ اڪائونٽنسي ۾ ڊگري ڪري پيو اهو پنهنجو تعليم جي حساب سان ڏنڌو ڪندو.

منهنجي پياري ڌيءُ ماشاءَالله تمام ذهين ۽ هوشيار آهي. آءِ بي اي سکر مان گولڊ ميڊل مليل اٿس. جنهن جو ارادو آهي تہ مان پي ايڇ ڊي ڪيان. في الحال نوڪري جو ارادو ڪونہ اٿس، جو ننڍا ٻار اٿس.

تنهي پٽن مونکي چيو تہ ابا اسان سرڪاري نوڪري ڪونہ ڪنداسين. ڇوتہ ان ۾ پگهارون گهٽ آهن. تنهن ڪري گذارو ڪونہ ٿيندو ۽ حرام جي پيسي پٺيان اسان ڪونہ لڳنداسين. اسان توهان

کي ڏنو آهي تہ ڪيترو قناعت سان گذران ڪيو پيا. تنهنڪري اسان پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪم ڪنداسين، مونکي اها خوشي ٿي تہ الحمدالله سني سوچ اٿن، الله ڪندو تہ پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪامياب ٿيندا. منهنجي انهن کي هميشہ اها هدايت هوندي آهي تہ سڀ کان اول سٺا انسان ٿيو. ڏيڻ وارو هٿ رکو. ڪنهن سان ڪابہ زيادتي نہ ڪريو پئسي جا پوڄاري نہ ٿجو پئسو ايترو ضروري آهي جنهن سان زندگي آسان گذري. لالچ جي ڪري سڀ کان وڏو نقصان رشتيداري تي پوندو آهي، تنهن ڪري رشتن کي قائم رکڻ کي اوليت ڏجو. ڪنهن کي پاڻ کان گهٽ نہ سمجهو. پئسي ۽ صحت تي ڪڏهن بہ غرور نہ ڪجو چو تہ اهي شيون الله جي طرفان ڏنل نعمتون هونديون آهن. جيترو ٿي سگهي انهن ٻنهي نعمتن کي الله جي مخلوق جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪجو. پاڻ کان وڏي جي عزت ۽ احترام ڪيو ۽ پاڻ کان ننڍن تي شفقت جو هٿ رکو. انسان ذات جي خدمت ڪيو ۽ قرآن مجيد جي جيتري بہ تلاوت ڪيو ان کي ترجمي سان سمجهي پڙهو.

منهنجي دعا آهي تہ پوري قوم جا ٻچڙا محنت سان اڳتي اچن، قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪن. آمين يارب العالمين.

سائينم سدائين! ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book




سپاهيءَ کان جرنيل بڻجڻ جو اعزاز گھڻن ماڻھن جي مقدر ۾ لکيل هو، پر سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري بڻجڻ جو انعام الله تعاليٰ اڃا تائين صرف محمد جمن چامڙو جي نصيب ۾ ئي لکيو آهي.

**ڪرنل (ر) پير الطاف هاشمي**

سول سروس ۾ هر آفيسر لاءِ وفاقي سيڪريٽري ٿيڻ معراج هوندو آهي، جتي پهچڻ ايترو ڪو آسان ڪونه هوندو آهي. جمن چامڙو لاءِ اهو ڊبل معراج هيو، جو اڄ تائين پاڪستان جي تاريخ ۾ سپاهي کان جنرل ته ڪيترائي ٿيا آهن پر سپاهيءَ مان واحد ۽ صرف هڪ "سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري" محمد جمن چامڙو ٿيو آهي، جيڪو اسان جي سنڌ ڌرتي جي چاون لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي.

**مظهرالحق صدّيقي**

هن ڪتاب جو مصنف سائين محمد جمن چامڙو همت، حوصلي ۽ توڪل وارو انسان آهي، جنهن جو ڪنهن سردار، جاگيردار يا وڏيرن جي خاندان سان ڪو تعلق ناهي، هن هڪ سنڌ جي ٻهراڙي جي ان خاندان ۾ اک کولي، جن جو گذارو "جو ڪيڙي سو ڪائي" ۽ "آڻين ۽ چاڙهين" واري طبقي سان آهي. هن فوج ۾ سپاهي ٿيڻ کان وٺي وفاقي سيڪريٽري جي عهدي تي پهچڻ تائين ڪنهن وڏيري يا سياستدان کان سفارش نه ڪرائي، فقط خدا تي توڪل ۽ پنهنجي مسلسل محنت ۽ قابليت سان ئي اعليٰ عهدن تي پهتو.

**آغا نور محمد پٺاڻ**

سائينءَ جي ڪتاب ۾ ٻه چڱيون ڳالهيون لکيل آهن، هڪ جو واسطو سائين سان آهي، جڏهن هن لاهور ۾ ٽريننگ جي دوران جنرل صاحب کي جواب ڏئي سمجهايو ته سنڌي جاهل ۽ بزدل نه آهن. جنهن تي جنرل کي سنڌين بابت پنهنجا لفظ واپس وٺڻا پيا ۽ اها هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه هئي پر سائين جي همت جي ڪري اها هڪ بهترين ڳالهه ٿي

**انجنيئر مومن علي شاهه**

"سپاهيءَ کان وفاقي سيڪريٽري تائين" ڪتاب جي لکت جو انداز چوته عام فهم ۽ عوامي آهي ۽ اُن ۾ مامرا به اهي ڊسڪس ٿيل آهن، جيڪي روزمره جي زندگي ۾ فيس ڪيا آهن، انڪري پڙهندڙن کي هيءَ ڪتاب يقيناً نه صرف وڻندو، بلڪه هڪ دفعو شروع ڪرڻ کان پوءِ پڄاڻي تائين ضرور پهچائيندو.

**شمس الدين زنئور**